هو ڏوتي هو ڏينهن

پير حسام الدين راشدي

ايڊيشن پهريون

آڪٽوبر 1977

سنڌي ادبي بورڊ جام شورو

مهاڳ

ساقي! قدحمي، ڪ دور گلزار گذشت
مطرب! غزلي، ڪ وقت گفتار گذشت
اي هم نفس! از بهرِ دلِ زار بگو
افسانهء آن شبي، ڪ با يار گذشت

1958 جي آخر ۾ مون کي دل جو عارضو ٿيو. ٽي مهينا لاڳيتو کٽ تي پئي رهڻ بعد جيئڻ جي اميد نہ ٿي، پر اعصاب صفا جواب ڏئي بينا ۽ آءٌ شديد "نروس بريڪ ڊائون" جو شڪار ٿي پيس. انهيءَ زماني ۾ منهنجو برادر بزرگوار پير علي محمد راشدي منيلا ۾ پاڪستان جي ملازمت ڪري رهيو هو. ڊاڪٽرن صلاح ڏني نہ آءٌ ڪجهہ وقت لاءِ ملڪي ماحول مان نڪري اوڏانهن هليو وڃان. ڊسمبر جي آخر ۾ مون پنهنجي وطن کي خيرباد چيو.
تقريباً ٻہ سال مون اتنهن ڏاڍو سخت گذاريا. منهنجي پاءُ هڏان ۽ وڙان ڪسر ڪانہ ڇڏي. ڪوبہ اهڙو علاج، ڪابہ اهڙي دوا ۽ ڏس پتو ڪونہ هو، جيڪو مون ٽي نہ آزمايو ويو. يڪن جيسين اوڏانهون فضل جو ڦيرو نہ ٿئي، تيسين ڪٿي ٿيون سُتيون ۽ سبب فرق ڪن.
خوف، هراس، خواه مخواه جي ذهني خلجان ۽ خلفشار، غرض نيم ديوانگيءَ جي ڪيفيت چوويهہ ڪلاڪ طاري هئي. حالت اها اچي ٿي، جو علي محمد کي خطرو ٿيو نہ آءٌ ممڪن آهي خودڪشي ڪري ويهان، سو اڳ وني هٿيار لڪائي ڇڏيائين. سال ڏيڍ جي جدوجهد بعد هڪ شام اهڙي ٻہ آئي، جو ڊاڪٽر وٽان موٽندي نااميدي محسوس ٿي، اسان ٻنهي پائرن هڪٻئي ڏانهن ڏٺو، ٻنهي جي اکين مان بيوسيءَ مان لڙڪ وهي نڪتا.
وڏن جو چوڻ آهي نہ انسان جڏهن سپ وسيلا وڃائي ويهي ٿو، سمورو ٽر ٽيلي بيهي ٿو، ۽ سپيئي واهون ۽ واٽون بند ٿي وڃن ٿيون، انهيءَ وقت شافي مطلق

ڏانهن رجوع ٿئي ٿو. دعا ۽ دوا جي اجابت جو اهو ئي وقت آهي. انهيءَ سمي ڪيون به فرق ڪن ٿيون ته دوا به اثر ڪري ٿي.
انهيءَ مايوسيءَ جي حالت ۾ رات جو اوچتو مون کي نڪي جي هڪ قديم بزرگ جو قول دل تي تري آيو، درود شريف هر مرض جو علاج آهي ۽ انهيءَ ورد وظيفي لاءِ ڪنهن به اهتمام ۽ احتياط جو احتياج ڪونہ آهي! انهيءَ خيال ايندي منهنجي دل تان سمورو بار لهي ويو، ۽ طبيعت ۾ ائين مانائي اچي وئي، جيئن سمونڊ خوفناڪ چولين بعد مانيٽو ٿي ويندو آهي. پوين ٻن سالن ۾ اها پهرين رات هئي جو مون کي ننڊ آئي ۽ اطمينان سان سمهي رهيس.
ٻئي ڏينهن کان مون درود شريف پڙهڻ شروع ڪيو، خاص طرح شام جي وقت جڏهن آءٌ ڊاڪٽرن جي حڪم موجب پنڊ ڪرڻ ويندو هيس.
ٻن ڏينهن بعد هڪ ٻئي متخصص ڊاڪٽر جو اوچتو ڏس مليو. جيڪا ڳالهہ پوين ٻن سالن جي هڻ هٽان ۾ معلوم ڪانہ ٿي سگهي هئي، سان هاڻي ٻن ڏينهن بعد معلوم ٿي وئي، اوڏانهن جو سولائيءَ ۽ سٽائيءَ جو مقرر ٿيل وقت اچي ويو هو. ڊاڪٽر سيسان (M.B.A. Seson) جي صورت شڪل اها هئي جيڪا ديون جي ڪهاڻيءَ ۾ "ماماڙي! ماما!" واري ديو جي بيان ڪئي ويندي آهي. پوڙهو، ٽلهو، قداور، بت ڪاٺ وارو، اڇا پُور اڇيون پروان، اکيون پروَن ۽ پنبڻين جي هيٺان لڪل، جيڪڏهن چئجي ته ٻياني سان ڇَپَر جڏهن ڪٽجن تڏهن ڏسي سگهي ته بيجا نہ ٿيندو. خود سندس دل تي ٻڌي دفعا "هارٽ اٽئڪ" جا حملا ٿيل، 70 - 75 کان مٿي ٽپيل، انهيءَ هوندي به منيلا جي گرميءَ ۾ ٽاڪ منجهند جو روزانو ٽينس کيڏندو هو. سول اسپتال جو انچارج، وڏي ڊبڊبي ۽ ڏاڪي وارو مڙس محسوس ٿيو ٿي.
احوال ٻڌي گورِن جي شيشي هٿ ۾ ڏئي، پنڌتي موڪلائي ڇڏيائين. اهو پنجن منٽن جو ڪيل وڏي اعتماد ۽ حتمي فيصلي سان عمل ۾ آيو، گويا منهنجي صحتمنديءَ جي پرواني جو اِجرا هو، جيڪو ٿي چڪو.
دوا شروع ٿي. چئن - پنجن ڏينهن بعد منهنجي دماغ، ذهن، مزاج ۽ طبيعت جي فضا تان ڪارا ڪڪر ڇڄڻ شروع ٿيا، انڌيرا آهستي آهستي روشنائيءَ ۾ بدلجڻ

لڳا، محسوس ڪيم ته آءٌ وري پنهنجي دنيا ڏانهن موٽي رهيو آهيان. يا ته سنڌي عبارت به سمجهه ۾ ڪانه ٿي آئي يا هاٿي پڙهڻ ۽ لکڻ لاءِ روح سٽان ڏيڻ لڳو. اِهو 1959ع جو اختتام هو.

اهو هو منهنجو حال منيلا ۾. پنهنجي وطن ۾ رهندڙن دوستن يارن کي ڪابه سڌ ڪانه هئي، اخباري دوستن ۽ رسالن جي مالڪن جا خطن مٿان خط، ٿي گهريو، ڏوراپن ۽ اوڙاپن جا پيغام ۽ پيام ايندا ٿي رهيا. ڪنهن سالياني پرچي لاءِ مضمون ڪنهن کي خاص نمبر لاءِ مقالو درڪار هو، ڪنهن يار کي شڪايت هئي ته منيلا ۾ مزا ڪري رهيو آهيان، سال گذري ويا آهن. جو سندس پرچي لاءِ ڪجهه ڪونه لکيو اٿم. حقيقت حال جي ڪنهن کي خبر ڪانه هئي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڏانهن لکان به ها ته باوَر ڪونه ڪري ها. منيلا ۾ سال سوا رهڻ بعد به فائدو نه ٿئي؟ اهو ڀلا ڪيئن ٿي سگهيو ٿي؟ راتيون ۽ ڏينهن ڪهڙيءَ ريت ٿي گذريا؟ مون تي ڇا وهيو ۽ واٽيو؟ اها خبر ته مون کي يا منهنجي خدا کي هئي. چوندا آهن: ”هنڌ اهو سڙي، جتي باهه ٻري“. هزارن ميلن جي مفاصلي تان لکڻ ۽ ٻڌائڻ سان ڪنهن جي سمجهه ۾ ٿورو ئي اچي ها؟

آءٌ ڪراچيءَ ۾ اجا بستري داخل هيس، جو ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم هي جهان ڇڏيو، منهنجي لاءِ اهڙِن خبرن ٻڌڻ جي سخت منع هئي، ليڪن ڪن ڪُٽڪ پئجي ويئي، جنهن اوسان خطا ڪري ڇڏيا، مون کي اجا ڪالهه ڪالهوٽي بستري ۾ ڏسي دعائون ڪري دلجاءِ ڏئي ويو هو. اندر جو سور اندر ۾ پي ويس. اعصابن کي انهيءَ صدمي ويتر نهوڙي وڌو.

متبلا ۾ وطن کان دوريءَ، دوستن يارن کان پري، پنهنجي ماحول کان جدا، اها سڌ خبر ڪانه ته صحت جو انجام ڪهڙو ٿيندو؟ وطن جا وڻ ڏسڻ نصيب ٿيندا يا مرڪوئي منيلا ۾ مڙهه رُلَندو؟ انهيءَ ڪشمڪش جي حالت ۾ هڪ ڏينهن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو خط آيو، جنهن ۾ اطلاع هو ته نوازعلي ”نياز“ به هن دنيا مان موڪلائي هليو ويو.

هيءَ سڄي رام ڪهاڻي ۽ سموري ڪٿا اِن ڪري لکان ٿو، جيئن پڙهندڙن جي ڪن تي هجي ته ايندڙ صفحن ۾ جيڪي ڪجهه پڙهندا، اُهو ڪهڙي عالم ۽

ڪهڙي صورتحال ۾ لکيو اٿم. دل تي ڪينءَ چوٽون لڳيون، ڪينءَ زخم کائي قلم هٿ ۾ کنيم.

ڊاڪٽر بلوچ ته قرب ڪري ٻئي حال احوال سان گڏ اها خبر به لکي ڇڏي، اها ڪيس ڪهڙي سڌ هئي ته مان ڪهڙي عالم ۾ آهيان، منهنجو نياز سان ڪهڙو تعلق هو، ۽ انهيءَ اطلاع جو مون تي ڪهڙو اثر ٿيندو.

ڊاڪٽر صاحب اهو خط 30 جنوري 1960ع جو ڊاڪا مان لکيو هو، جيڪو 5 فيبروريءَ جو مون کي منيلا ۾ مليو.

مٿي ذکر ڪيل دوا جو اثر مون تي تمام سٺو ٿيو هو، هاڻي آءٌ گهٽيءَ حد تائين بهتر ٿي چڪو هيس. منن پيارن کان دوري ۽ دوستن جون هميشه لاءِ جدايون اڃا اندر ۾ ڇيهه ڏئي رهيو هيون. پر هاڻي سورن سهي وڃڻ جو ست کي قدر پيدا ٿي چڪو هو. نياز جو سور به سهسائي ويس. يارن جون فرمائشون ته سر تي هيون، پر دل به گهريو ٿي ته لکڻ پڙهڻ شروع ڪيان، سو ٻه ڏينهن سوچڻ بعد ارادو ڪيم ته نياز تي هڪ مضمون لکجي. ڪونه ڪو يار به سرچائي وجهندس، فرض به پورو ٿيندو ۽ ان کان ته اندر ۾ لڳل آڳ تي ٿورو کي گهٽو ڇنڊو به پئجي ويندو.

پنهنجين تاريخ خط مليو هو، جهين ۽ ستين سوچيندو رهيس، انين تاريخ صبح جو ٻن ادائي ورهين جي وٽيءَ کان پوءِ قلم هٿ ۾ کڻي الاتهار ڪيم.

ارادو ته هو مضمون لکڻ جو، ليڪن ٻن ادائي سالن ۾ مهميزان سخت لڳي چڪيون هيون، ازان سواءِ فراغت، ۽ اڪيلائيءَ جو اهو سمورو وقت سوچڻ ۽ "پاڻ سان ملاقات" ڪرڻ جو وقت مليو هو، تنهن زندگيءَ ۾ پهريون دفعو، حياتيءَ ۾ جيڪي وهي واپري چڪو هو، تنهن تي تنقيد ڪرڻ ۽ جائزي وٺڻ جو موقعو ڏنو هو. انسان لاءِ اڪيلائي هميشه اڪسير آهي، تڏهن ته صوفين سڳورن تنهائي ۽ گوشه نشينيءَ کي زندگيءَ جي هَل هَلان مٿان ترجيح ڏني آهي ۽ اڪيلائيءَ کي افضل سمجهيو اٿن. انسان اڪيلو ٿي پاڻ سان ملي ٿو، پاڻ سان رهاڻ ڪري ٿو، پنهنجي اندر واري سان اوري ٿو، پنهنجن ۽ پراون جي عملن جا دفتر سامهون اچن ٿا، جن جي چگّائيءَ منائيءَ تي سوچڻ ۽ غور ڪرڻ جو موقعو

ملي ٿو. دنيا جي هنگامن ۾ رهي پاڻ کان بيگانو ٿي وڃڻ، انسانيت لاءِ خواهه پنهنجو پاڻ لاءِ هاجيڪار آهي.

آءٌ به سالن پڃاڻان مهميز لڳڻ سبب پاڻ سان ملاقي ٿيو هيس. ارادو ته هو مضمون لکڻ جو، ليکن قلم بي اختيار، سواءِ کنهن ارادي ۽ فيصلي جي، کنهن اڻ ڄاتل قوت جي زور تي، هلندو رهيو! هلندو رهيو!

صبح جو ويهي لکندو هيس، شام جو ڊاڪٽرن جي هدايت مطابق پنڌ کندو هيس، هٿ ۾ تسبيح، زبان تي درود شريف ۽ ذهن ۾ صبح جي لکيل جي بقايا. يعني: دل پيار دست بکار! انهيءَ دوران ۾ نوان نوان داستان، وسري ويل واقعا، ڳالهيون ۽ عنوان ياد ٿي، ٿي ويا. جن کي ٻئي صبح تي قلمبند کندو رهيس. منجهند تائين جيڪي لکيم ٿي، تنهن کي رات جو منهنجو فرزند حسين (خدا کيس صالح ڪري ۽ حياتي ڏئي) صاف کندو هو.

مضمون کان مسئلو مٿي ٽپي هليو. منهنجو عقيدو آهي ته صحت، شفا ۽ جيڪي ڪجهه ٿيو يا ٿي رهيو، سو سڀ انهيءَ مالڪ جي مرضيءَ ۽ منشا مطابق هو. تسبيح هٿ ۾، درود شريف زبان تي، اڄ تائين انهيءَ دور جو يادگار هليو اچي ٿو. ظاهربين دوست ڪلندا آهن، ٺٺوليون ڪندا آهن. "عربن جي تسبيح" سان تشبيهه ڏئي خبر نه آهي دل ۾ "بديءَ" جا ڪهڙا ڪهڙا بهتان ۽ ڪهڙا ڪهڙا عنوان سوچيندا آهن، ليکن کين ڪهڙي سڌ ته انهيءَ مالڪ جا مون تي ڪيترا ڪرم، احسان ۽ عنايتون ٿيون ۽ اڃان پيون ٿين.

لکڻ جو اهو سلسلو برابر ڇهه مهينا هليو. 8 فيبروريءَ کان شروع ٿيو هو ۽ 28 آگسٽ 1960 جو ڏيڏ بجي منجهند جو ختم ٿيو. جنهن کان پوءِ آءٌ ستت ڪراچيءَ هليو آيس.

ڪن ڳالهين متعلق هتي ملڪ ۾ رهي لکڻو هو، ڇاڪاڻ ته اُتنهن معلومات فراهم ٿي ڪانه ٿي سگهي، پر ارمان آهي جو سترهن ارڙهن ورهين ۾ نه وقت مليو ۽ نه وري اها ڪيفيت ۽ واردات ئي طبيعت تي طاري ٿي. جيڪي ڪجهه رهجي ويو، سو رهجي ويو.

هن لکت کي هڪ شخص جي ذاتي احساس ۽ تاثر جو آئينو سمجهڻ گهرجي.
منيءَ صديءَ ۾ جيڪي ڪجهه ڏٺم يا ٻڌم، جيڪي منهنجي آسپاس وهيو واپريو، انهيءَ ذهن تي، ماحول تي، ماڻهن تي نتيجي طور ڇا تاثر ڇڏيو، انهيءَ کي هوبهو قلمبند ڪيو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ساڳين مسئلن تي ڪن معاصر دوستن جو تاثر مختلف هجي جنهن جو امڪان هر معاملي ۾ ٿي سگهي ٿو.
ليڪن پنهنجي طرفان پڙهندڙ کي آڏ يقين ڏيان ٿو ته هنن ورقن ۾ ڪوبه واقعو تصوراتي يا فرضي آندو نه ويو آهي. شخصي تعصب يا عقيدي کي ڪوبه دخل نه ڏنو ويو آهي. ماحول جي تاثر ۽ عمل جي در عمل ۽ احساس کي شخصي راءِ مٿان بهرنوع بالادستي ڏني وئي آهي.
هيءَ تاريخ نه آهي، ليڪن سنڌ جي هڪ دور جي معاشرتي تاريخ جو هن کي مقدمو سمجهي سگهجي ٿو. هن ۾ گهٽيءَ حد تائين انهن سيني ناسورن جو مذڪور ڪيو ويو آهي، جيڪي سنڌ جي تنزل ۽ سنڌين جي شڪسته دليءَ جو سبب بڻيا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ جيڪو "گهر کان رُسي ٿو" سو سِنڌين تي سستيءَ، ڪاهليءَ، بيڪاريءَ ۽ نااهليت جا طرحين طرحين طعنا رکي، کين جيئڻ ۽ جيئڏان ڏيڻ جو مستحق نٿو سمجهي.
هنن صفحن ۾ جاڻي واڻي ڪنهن شخص يا طبقي جي دل آزاري منهنجو مقصد يا منهنجي پيش نظر نه رهي آهي. مثالن ڏيندي يا واقعن ڇٽيندي، جيڪڏهن ڪا ڳالهه اچي وئي آهي، جنهن مان ڪنهن فرد جي دل کي ڏک پهچي ٿو ته آڏ شخصي طرح معافي ٿو وٺان، ليڪن اهو ڏيان ۾ ضرور رکڻ گهرجي ته سڄي ملڪ جي دل آزاريءَ جي مقابلي ۾ ڪنهن فرد واحد جو ڏک يا ڏوراپو ڪابه حقيقت، حيثيت يا اهميت نٿو رکي. منهنجي پيش نظر ملڪ ۽ ملڪ جا ماڻهو ۽ انهن جو ڏک سک رهيو آهي، ڪو طبقو يا ڪو فرد جيڪڏهن قومي ضرر جو سبب پئي رهيو آهي ته انهيءَ تي چشم پوشي ڪرڻ مون قومي جرم سمجهيو آهي.
اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته هن ڪتاب ۾ معاشري جي پوري تاريخ يا ان جي سيني پهلوئن کي بحث هيٺ آندو نه ويو آهي. سرسري طرح جيڪي ذهن ۾ آيو،

جيڪا ڳالهه دل تي تري آئي، تنهن کي قلم برداشته لکيوويو آهي، انهيءَ کري پڙهندڙن کي شايد ڪن جاين تي تشنگي محسوس ٿئي. ميدان وسيع آهي، خدا گهريو ته ڪيترا دل وارا ۽ اهل نظر اهڙا اڳتي ايندا، جيڪي انهن ڪوتاهين جي تڪميل کري جَسُ کٽندا.

بن علمي مسئلن جي وضاحت کرڻ هتي ضروري ٿو سمجهان. ڪتاب ۾ صفحي 389 تي حسين فقير ديدڙ "شهر آشوب" ڏنو ويو آهي، جيڪو 1923 ۾ منهنجي ڪَنين ٻيو.

حسين فقير ديدڙ ميرن جو ڪاردار هو، سندس وفات ستر ورهين جي ڄمار ۾ 1873ع (1290هـ) ۾ ٿي. ظاهر آهي ته حسين فقير اهو "شهر آشوب" انگريزن جي اچڻ وقت چيو، جنهن جو اشارو هُن،

"حاڪم سخت فرنگي آيا"

جي ذريعي ڏنو آهي. "شهر آشوب" مشهور ۽ زبان زد عام ته اڳ ئي هوندو، پهرين مهاڀاري لڙائيءَ بعد جيڪو بحران هندستان اندر پيدا ٿيو، حڪومت پيرن سيدن، آفيسرن ۽ وڏيرن جي ذريعي "امن سڀائون" ناهي، قومي جا ڳرتا کي ختم کرڻ گهريو، انهيءَ وقت هي "شهر آشوب" هڪ دفعو وري غصي جي اظهار طور سنڌ اندر 1923ع کان اڳ مشهور ٿيو ۽ 1923ع ڌاري منهنجي ڪن ٻيو.

صفحي 302 تي "قدسيءَ" جي فارسي نعت ڏني وئي آهي، جيڪا قدسي مشهديءَ جي نه آهي: انهيءَ جو مصنف، بقول عارف بقائي صاحبِ "مجمع الفضلا"، سال 1993هـ ۾ فوت ٿيو، جڏهن ته قدسي مشهدي 1056هـ ۾ وفات ڪئي.

هي ڪتاب تقريباً ارڙهن سال ٻيو رهيو، انهيءَ انتظار ۾ ته آڻُ رهيل خال پريان، ليڪن انهيءَ جي في الحال اميد نه ڏسي منهنجي دوست محمد ابراهيم جويي ۽ غلام رباني‌ءَ چپائيءَ لاءِ زور پريو. بلڪ محمد ابراهيم جويي ته پچاڙيءَ تائين هڪ هڪ اکر نظر مان ڪڍيو، ڪتاب جو نالو به پاڻ رکيائين، پروف ڏنائين، سنوارڻ ۽ سينگارڻ جو سڄو بار به پاڻ کنيائين. جيڪڏهن ڀاءُ محمد ابراهيم همت نه ڪري ها ته ڪتاب مرڻ بعد منهنجي اثاثي مان نڪري ها ۽ مئي جي مال وانگر هن جو به اهوئي حشر ٿئي ها، جيڪو هزارن مسودن جو ٿيندو آهي.

آءٌ حسين راشدي صاحب جو شڪر گذار آهيان، جنهن مسودي کي صاف ڪيو الف کان ي تائين سليقي سان ترتيب ڏني.

گهربو هو تہ باب ناهجن ها، هر باب تي عنوان قائم ڪجي ها، ۽ ڪيترين تصويرن جي بہ ضرورت هئي، ليڪن آءٌ اهي ڪو تاهيون پوريون ڪري ڪونہ سگهيس. فهرست البت اهڙيءَ ريت ناهي وئي آهي، جيڪا عنوانن سان گڏ هڪ نموني انڊڪس جو ڪم بہ ڏئي ويندي.

پريس جي لائق مئنيجر ميان الهہ بچائي يوسف زئي صاحب جو آءٌ بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن شخصي دلچسپي ونڊي، هي ڪتاب ڇپيو ۽ هر شيءِ تي پورو پورو ڌيان ڏنو- انهيءَ حد تائين ڌيان ۽ توجهہ ڏنو، جو آءٌ سمجهان ٿو شايد ئي هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڪنهن بئي ڪتاب لاءِ ايڏي جاکوڙ ڪئي هجي.

خدا پاڪ سيني مدد گارن ۽ دوستن کي خوش رکي. سنڌي ادبي بورڊ پنهجو منصبي فرض پورو ڪيو آهي، جنهن پٽ جس لهٽو.

هي ڪتاب 18 ورهيہ اڳ لکيو هيم، جڏهن اجا وارن ۾ اڇا ڪونہ پيا هئا. اڄ 67 ورهين ۾ پير آهي. عمر جي ايامڪاريءَ جو سِڄُ لڙي چڪو آهي، نازڪ ۽ خطرناڪ دور ٽپي، خدا جي فضل سان پار پيو آهيان. حياتيءَ جا باقي ڏينهن بہ پنهنجي پروردگار ۾ اميد اٿم تہ عزت ۽ بنان ڪنهن جي محتاجي جي گذاري ويندس- انشاءَ الله!

يا رب! درِ خلق تکيه گاهم نکني
محتاج گدا و پادشاهم نکني
موي سيهم سفيد کردي بکرم
با موي سفيد، روسياهم نکني!

حسام الدين راشدي

6 - سپٽمبر، 1977ع

60- الحمرا سوسائٽي،

ڪراچي 0816

هوُ ڏوِتي هُو ڏِينهن

هُو ڏوتي هُو ڏينهن، هو ڏونگر هو لَکيون،
کنهن جنهن لڏا نينهن، جيئن پيا لهسن لُک ۾.
- شاهه

1

کانارئا کُٹکن، جِنين لوچَ لِڳن ۾،
پاٹهي بڏن پَٽيون، پاٹهي ڇِکيا کَن.
- شاهه

اڄ هت منيلا ۾، پياريءَ سنڌ کان ٽي هزار ميل ڏور، برادرم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو خط پهتو. شروع ۾ ته سڀ خير سَلَهه جي خبر هئي، پر پڇاڙيءَ ۾ جڏ ٽِير وهائي ڪيائين. لکيل هو: "نواز علي 'نياز' لاڙڪاڻي وارو گذاري ويو". نبي بخش کي شايد اهو پتو ڪونه پيو ته 'نياز' لاڙڪاڻي وارو نه، بلڪ سڄيءَ سنڌ وارو. اديب، اهل علم ۽ فنڪار کنهن هڪ شهر يا هڪ خطي جي ملڪيت ٽيندا آهن ڇا؟ اهي اگرچ سڏائين لاڙڪاڻوي يا شڪارپوري، پر هوندا مِلڪ سڄي مُلڪ جي آهن، ۽ اهي ٽيندا ورثو سڄيءَ قوم جو آهن، جيتوڻيڪ پائر کنهن جا به هجن، ۽ مٽي کنهن سان به لڳين، ڄاوا ڪٽي به هجن، ۽ رهن ڪٽي به. بهرحال خط اها خبر آندي، جنهن هن دوريءَ تي دل کي ڏاڍو ڏک ڏنو ۽ رنج رسايو.

* * *

’نياز‘ انسان هو، فاني ۽ بي بقا، نيٺ هتئون هلڻو هئس، آخر رهي به ڪيترو رهي ها، موت سندس مرڪ هو، هن فاني جسم جو معاملو آخر ته منڍيءَ سندو مامرو آهي. ’نياز‘ جي موت ڪري سنڌي ادب کي نقصان پهتو، ’نياز‘ جي وڃڻ سبب شاعريءَ جو ايوان ويران ٿي ويو، زبان کي نقصان پهتو جو ’نياز‘ هي جهان ڇڏيو، اهي سيئي ڳالهيون برابر، صحيح ۽ سچ، پر منهنجي ته دل اِنڪري ۾ ڏکي ويئي، جڏهن ڏٺم ته ’نياز‘ هڪ دور جو نمائندو هو، جيڪو دؤر سندس موت تي ختم ٿيو، ’نياز‘ هڪ عهد جي نشاني هو ۽ اهو عهد اڃ پورو ٿيو، ’نياز‘ هڪ خاص زماني جو عڪس ۽ آئينہ دار هو، جيڪو زمانو هاڻي اڇي پڇاڻيءَ کي پهتو. سندس تعلق انهيءَ وڻندڙ ماضيءَ سان هو، جيڪو باغ ۽ بهار هو، جيڪو امن ۽ آسائش هو، جيڪو سُکون ۽ راحت هو. سڃي سنڌ جوان هئي، سندس نڪ مان نٿ ڪاڻ لٿي هئي، بولو ۽ بئنسر اجا سندس نڪ ۾ هئي، ڪنن جي والِـنِ ۽ نَسِبِن تائين اجا ڪنهن ظالم جو هٿ اُٽ ڪونہ پهتو هو، نہ سندس وارئي ڇڙيا هئا ۽ نہ اڇو جوڙوئي ڏيکيو هئائين. نہ ڇڙو ’نياز‘ جي لاڙڪاڻي تي جوڀن ۽ جواني هئي، پر سنڌ جو هر شهر، دِهِ خواهہ دهقان، سڪيو ۽ ستابو هو، ڀهڪيو ۽ ڇهڪيو ٿي.

خيال ڪيم، ’نياز‘ جي دور، زماني ۽ عهد جي هڪ هڪ شيءِ اکين اڳيان اڇي ويئي. لاڙڪاڻو، لاڙڪاڻي جا مشاعرا، اُتنهن جا مشاهير، وڏا وڏا زميندار، نواب ۽ سردار، انهن جو اوج ۽ اقبال، وضع ۽ قطع، ڪچهريون ۽ ڪارناما، سڪرُ، سڪر جون ادبي محفلون، اُتنهن جا مشاعرا، اُتنهن جا دلبر دوست ۽ موچارا ماڻهو، نہ فقط جن جن واقعن سان ’نياز‘ جو واسطو هو، اهي ياد آيا، بلڪ انهيءَ سڃي ماضيءَ جون اهي سيئي ڳالهيون ۽ ڪهاڻيون، جيڪي هنن گنهگار اکين ڏٺيون، هڪ هڪ ٿي ذهن ۾ ايندیون ويون، دل تي ترنديون ويون، ۽ يادن جا نقش اُپرندا ويا.

وسعتي پيدا كن اي صحرا كه امشب در غمش،
لشكرِ آهِ من از دل، خيمه بيرون ميكشد.

* * *

جنهن عهد جو 'نياز' نمائندو هو، انهيءَ دور ۾ لاڙڪاڻو سڄيءَ سنڌ ۾ برڪ هو، اهوئي زمانو هو جڏهن لاڙڪاڻي کي "لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو" چيو ويو، ۽ اهو به مشهور هو ته "هجئي ناڻو ته گهر لاڙڪاڻو!" زميندارن جي جنهن تمدن جو هن مهل اچي موت ٿيو، وڏيرن جي جنهن معاشري جو ڏيو هاڻي اچي اُجهاڻو، نوابن، خانبهادرن، اميرن ۽ سردارن جي جنهن ٽولي جي اڄ اچي پڄاڻي ٿي، ان جو عروج ۽ اقبال ڏسڻ وٽان هو. ڪهڙي مجال، جو عامي ماڻهو اک کڻي ڏانهن ڏسي سگهي! ڪاراون ڪمدارن، ڪامِن ۽ ڪاردارن جي ذريعي پيغام موڪلي ووٽ ورتا ويندا هئا، ڪنهن کي طاقت هئي، جو انڪار ڪري پنهنجو پٽڪو لهرائي! گويا اهو وقت انهيءَ مخلوق جي قوهه جوانيءَ جو هو، جنهن کان پوءِ هِنن اکين آهستي آهستي اُنهيءَ بلنديءَ ۾ پستي ايندي ڏٺي، اُنهيءَ اقبال جي انتها ٿيندي ڏٺي، ۽ اُنهيءَ شمع جي لاٽ مان دونهون اُپرندو ڏٺو.

سر شاهنواز خان پُٽو... خانبهادر نواب حاجي امير علي خان لاهوري... خانبهادر علي حسن خان هڪڙو... خانبهادر حاجي غلام محمد خان اِسراڻ... نواب سر غيبي خان چانديو... خانبهادر محمد ايوب خان کهڙو... قمبر وارا شيخ... باقراڻن وارا اُنڙ... ڏوکريءَ وارا ٻُڌهيا... ۽ ميهڙ وارا جتوئي، مطلب ته جاڏي ڪٽي نگاهه ڪر، ته زميندارن جي آلو آلان هوندي هئي! بنگلا، محل، ماڙيون ۽ ايوان، انهن ۾ رنگ ۽ رونقون، هُل ۽ هنگاما، ڪاڌا ۽ پيتا، مطلب ته ڏينهن عيدن جا ٿيندا هئا ۽ راتيون جڙ شب برات جون راتيون هيون.

ڪمرن ۽ ڪوڻِن ۾ پاڻ تشريف فرما، باهر ايوانن ۽ اڱڻ ۾، رستن تي ۽ پِٽين جي پاڻ هيٺان، نٿهڙ اُس ۾ يا ڪنهن وڻ جي ڇانو ۾، ويهڪ هيٺان سِر رکيون يا پوٽڙا وڇايون، فيصلن وارا، ڪمن ڪارين وارا، محتاج ۽ سوالي، مجبور ۽ محڪوم، هاري ۽ ناري، غرض اميرن جي ايوانن اڳيان غريبن جا انبوهن جي انداز ۾ ڪٽڪ هوندا هئا، نه فقط صبح کان سانجهيءَ تائين، پر ٻئي ٻئي ڏينهن انتظار ۾...جڏهن وڏيرن کي واندڪائي ٿئي، جڏهن اميرن کي فرصت ملي ۽ جڏهن سردارن کي غريبن لاءِ غور ڪرڻ جو وقت ٻچي!

انسانن ۾ ايترو شعور پيدا ڪرڻ ٿيو هو. حيدربخش نئون نئون مختيارڪار ٿيو هو، پٽيوالي کان سواءِ خود سندس والد يعني چاچو الهداد به ڪيس "خان صاحب" سڏيندو هو. ڪامريڊ عبدالقادر به ان وقت تائين ڏامراهن کان ٻاهر ڪونہ نڪتو هو. غريبن کي اميرن جي بلنديءَ جو تہ احساس هو، ليڪن پنهنجي پستيءَ جي کين خبر ڪانہ هئي. اميرن جي عزت جو تہ مٿن رعب هو، پر پنهنجي ذلت جو سڌسماءُ ڪونہ هين. الغرض انسان اڻيان انسان جي خواريءَ، محتاجيءَ ۽ بيوّسيءَ جو هڪ اندوهناڪ نظارو ڏسندڙ اکيون ڦيرون پسنديون هيون. غريب جڏهن اميرن جي ايوانن اڻيان پنهنجي هم جنسن جا ڪٽڪ ڏسندا هئا، تڏهن چوندا هئا: "بَلي يَر! فلاٽي جي در تي اڇ ميلا لڳا پيا هئا!" گويا اها محتاجي، اها مظلوميت، اها دربدري، صبح کان شام تائينءَ جي خواري خرابي ۽ خستگي، هڪ ماڻهو اڻيان ايڏي خلق خدا جي ذلت ۽ رذالت ايجا غور جي قابل ڪانہ هئي، بلڪ اهو گويا شانُ ليکيو ويندو هو، مانُ سمجهيو ويندو هو، ۽ غريب ان کي ميلي سان تشبيهہ ڏيندا هئا! ٽڪن ۽ ماندن ماڻهن کي، وڏيرن وٽ وڃڻ ۽ ميلن تي گڏ ٿيڻ ۾ جيڪو فرق آهي، ان جو اطلاع ايجا ڪنهن ڪونہ ڏنو هو، ايجا اِها سمجهہ منجهن ڪانہ آئي هئي تہ اميرن وٽ غريبن جي وڃڻ جو مسئلو آسمان جي بلنديءَ ۽ زمين جي پستيءَ جو معاملو آهي.

* * *

لاڙڪاڻو ضلعو ان وقت گويا وڏن زميندارن، سردارن ۽ اميرن جو مڪيو مرڪز هوندو هو. چڱا مَنا هر طبقي ۾ ٽين ٽاڻ بُرا ڀلا هر طبقي ۾ آهن، ڪَندن جي ڪُنڊ ۾ گلابن جا گل بہ هوندا آهن. سيئي امير يا مڙئي زميندار هروپرو ڪو ماڻهپي کان نڪتل يا انسانيت کان عاري بہ ڪونہ هئا. ڪي تہ سچ پچ ڏسڻا وائسڻا ۽ خوبين خصوصيتن وارا بہ هئا. انهن مان ڪن جو قصو، جي هت ڪبو، تہ هروپرو هرج نہ ٿيندو- آخر اهي بہ تہ ڪردار هئا، جن جو وسارڻ اسان کي ڪنهين پر ڪونہ جڳائي.

شهر ۾ ٽن زميندارن جون ڪچهريون روزانو لڳنديون هيون. باقي زميندارن جا بنگلا اگرچ موجود هئا، ليڪن رهندا ٻهراڙيءَ ۾ هئا، ڪڏهن ڪڏهن ڪمن ڪارين لاءِ شهر ۾ سندن اچڻ ٿيندو هو.

هڪ هوندي هئي ڪچهري شهر جي اصلوڪي ۽ بنيادي زميندار، نواب حاجي امير علي خان لاهوريءَ جي، جيڪا سياري ۾ بنگلي جي اڳڻ ۾ تڙڪي تي، ۽ ساوڻ جو وڏيءَ نِـم جي ٿڏيءَ ڇانوَ هيٺان ٻاهرئين دروازي جي آمُنهن سامُنهن لڳندي هئي. پاڙن جا چڱامڙس، شهر جا مُک ماڻهو، ميونسپل جا ميمبر، سرڪاري ڪامورا ۽ ٻهراڙيءَ جا ننڍا ننڍا وڏيرا - صبح ٿيندو اچڻ شروع ڪندا، لڙيءَ ٽ- پهريءَ تائين هڪ ايندو ٻيو پيو ويندو. ميونسپل جا معاملا، اوسي پاسي جا شرا شمار، اوپارا لهوارا قصا، ڪليڪٽر صاحب ۽ ڊپٽي صاحب جي ملاقاتن جون ڳالهيون، مطلب ٽ صبح کان شام تائين پيا قصا ڪٽبا. اڄ جهڙي اداسي نہ، بلڪ ان زماني ۾ اتي زندگي پئي محسوس ٿيندي هئي ۽ چهچٽو لڳو پيو هوندو هو. پاڻ ٻ مڙس اڃا جوان ٿي لڳو. روزانو صبح جو گهوڙي تي چڙهي، شهر جو سير ڪندو هو. جتان لنگهندو هو، اتي اتي هندو خواه مسلمان، پئنچ خواهه سر پئنچ، سندس سلامي ٿيندا هئا.

ٻي هوندي هئي ڪچهري نہ بلڪ دربار يا ڪٽي ڇڄجي اجلاس، مرحوم سر شاهنواز خان ڀٽي جو، جنهن ۾ نواب امير علي خان پڻ پاڻ هلي ايندو هو. ڊپٽي ڪليڪٽر يا ڪليڪٽر کان گهٽ حيثيت واري کي قسمت سان رسائي ٿيندي هئي. پاڻ لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ هو. لاڙڪاڻي لوڪل بورڊ تي ان کان پوءِ ٻ پريزيڊنٽ ٿيندا رهيا، ليڪن صدارت جو اهڙو اوج لوڪل بورڊ وري ڪونہ ڏٺو. صحيح معنيٰ ۾ صدارت سر صاحب ڪئي، باقي ٻين ٽ پوءِ ڇڙو پاڻ کي ۽ بورڊ کي ڏنو ڪيو. بهرحال، شوداساڻي چيف آفيسر گهٽو ايندو ويندو هو، تولاڻي پائرن ۽ ديوان پرتاب راءِ پنجواڻيءَ جي ٻ اڇ - وڇ هوندي هئي، ديوان ڪندن سنگ لاهوري، ڊگهو، پوڙهو، رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر، ڇٽيءَ جيڏي 'سولا هئٽ' مٿي ۾ وجهي، وڏي لٺ هٿ ۾ ڪٽي ، جيئن صبح جو ساجهر سير تي نڪرندو، تيئن سر صاحب وٽان ٻ ليئو پايون ويندو. دلچسپ ماڻهو ۽ ڳالهين جو ڳهير هو.

اهو هڪ ماڻهو هو، جيڪو سر صاحب کي ڪلائيندو رهندو هو. سر صاحب، خدا بخشيس، هونءَ پاڻ ۾ مجلس جو مور هو. جڏهن ڪنهن وقت موج ايندي هئس پاڻ جيڏن ۽ پاڻ جهڙن ۾ ويهندو هو، ان وقت ڳالهين مٽئون ڳالهيون، واقعن مٿان واقعا، دلچسپ لطيفا ۽ پنهنجا پراوا تجربا ۽ قصا پيا هلندا، ايڏا وندرائيندڙ ۽ وٽندڙ جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ سنگت کي اٿڻ تي روح ڪونہ ٿيندو. پر اهڙا موقعا روز ڪونہ ٿيندا هئا. ديوان ڪندن سنگ واري ٽوپلي جو ۽ وري مثال ڪٿي نظر ڪونہ آيو! شايد پنهنجي لاءِ خاص ٺهرائيندو هو. اهو ٽوپلو نہ چڙو سندس بت تي پاڇو ڪيون ايندو هو، بلڪ جيستائين ڪندن سنگ جي وڪ يا سندس لٺ پهچندي هئي، اوستائين هئي، اوستائين ڇانوَ ڪيون هلندو هو!!

صبح جو سر صاحب جي دربار اهڙيءَ طرح لڳندي هئي، ليڪن شام جو دروازا بند. ان وقت ضلعي جو ڪليڪٽر صاحب، حد جو ڊپٽي صاحب، لاڙڪاڻي جو سيشن جج صاحب ۽ ضلعي جو ڪماني صاحب وٽس ايندا هئا. مختيارڪار ۽ صوبيدار ڪڏهن سر صاحب کي رستي ويندي ڪٿي ڏٺو هجي تہ ٺهيو، باقي ويجهي اچڻ جي انهن کي ڪٿي مجال هئي! انهيءَ ايوان ۾ ڪهڙيون ڳالهيون هلنديون هيون، ڪچهريءَ جو رنگ ڇا هوندو هو، گفتا ۽ قصا ڪهڙا ٿيندا هئا، ان جي عام کي تہ خبر ڪانہ هوندي هئي پر ڪيترا خواص ۽ ان اسرار کان بيخبر هوندا هئا.

ٽين مجلس لڳندي هئي کهڙي صاحب جي نئين نئين ٺهيل ۾ - ماڙ بنگلي تي. پهريون هينئين طبقي جي وراندي ۾، ۽ پوءِ جيئن اقبال بلند ٿيندو ويو تيئن هينئين مجلس وڃي مٿينءَ ماڙ جي وراندي ۾ پهتي. ليڪن جڏهن مجلس هيٺ لڳندي هئي يا جنهن وقت مجلس مٿي وڃي ٽِي، ملڻ جلڻ ۽ اچڻ وڃڻ وارن ۾ طبقاتي فرق ڪڏهن ڪونہ ٿيو. جنهن همت سان وڏيرو ايندو هو، انهيءَ جرئت سان غريب ۽ اڇي پنهنجو ڪم ڪڍي ويندو هو. ان زماني ۾ کهڙو صاحب مستقل طرح لاڙڪاڻي ۾ رهندو هو. ڪراچي ڪانہ وسائي هئائين، ديس ڇڏي پرديس ڪونہ وڃي رهيو هو، پنهنجا ڇڏي پراون ۾ وڃي ڪونہ وسيو هو. تنهنڪري هرڪو ڏڪيو ۽ آزاريو، منجهل ۽ موڙهو وٽس وقت سر پهچي

سگهندو هو. ڪليڪٽر، ڊپٽي خواه ايس. پيءَ تائين هر ڪنهن کي سفارشي خط ڏيندو هو، يا پاڻ هلي وجي ڪم لهرائي ڏيندو هو. ڪهڙو نوجوان هو، مسلمانن ۾ مقبول هو، قومي ڪمن ۾ رات ڏينهن مشغول هوندو هو، تنهنڪري مسلمان ڪامورن ۾ سندس مجتا ۽ عزت هوندي هئي. گهٽو ڪري سندس خط يا سفارش کي موٽائيندو ڪونہ هو.

خدا جنت نصيب ڪريس، قاضي نور محمد مرحوم، پگهار تہ ڪائيندو هو زميندارين بئنڪ مان، ليڪن هوندو سڄو ڏينهن ڪهڙي وٽ هو. ڪاغذ ڪيسي ۾ ۽ پينسل ڪن تي، عينڪ اکين ڪان هيٺ نڪ جي وچ تي، جي لکندو هو تہ ان کي مٿي سُرڪائيندو ورنہ هميشہ انهيءَ منزل تي رکي رهندي هئي! ڪنهن ڏي ڏسندو هو تہ اکيون ڪاپار ڪري، ڪنڌ کي ٿورو هيٺ جهم ڏيئي، عينڪ جي مٿان نگاهن کي ٽپائي، پوءِ نظر کي ڏسندڙ تائين پهچائيندو هو. ڪهڙي "قاضي!" ڪيو... تہ 'قاضي' جهٽ اچي پهچندو. خطن جا نوٽ ونندو، ٽائيپ ڪري، صحيح وٺي، هرهڪ جي هٿ ۾ ڏيندو. نهايت نيڪ، شريف النفس، رلٽو ملٽو هوندو هو. قداور، ڏاڙهي گهاٽي، ليڪن آڏُر ڪن جيتري، خضاب لڳل، مٿي تي ترڪي ٽوپي، قميص ۽ ان تي انگريزي شارٽ ڪوٽ، سٽ تہ تختي، پير ۾ سليپر. پهريون خيرپور ۾ مختيارڪار هو، اتان رٽائر ڪري بئنڪ ۾ اچي ملازم ٿيو. ڪهڙو صاحب چيئرمين هو، تنهنڪري صبح سانجهيءَ ڪيس صحبت فقط ڪهڙي جي نصيب ۾ هئي. پهرين تاريخ وجي البتہ زميندارين بئنڪ جو منهن ڏسندو هو. ڪهڙي وٽ صبح جو عام ڪچهري هوندي هئي، ليڪن شام جو بنگلي جي 'پورٽيڪو' واريءَ ڇت تي مانيءَ جي مهل ڪان اڳ تائين خاص دوستن جي صحبت ٿيندي هئي. محمد عالم حڪيم، مطب ختم ڪري، اچي پهچندو؛ جي نظر علي خان سڪر ڪان آيل هوندو، تہ اهو بہ هوندو، محمد حنيف صبح جو ڪورٽن ۽ اصيلن جا منهن ڏسي، شام جو سنا انگريزي لٽا پائي اچي پهچندو، جي سنڌ جو ڪو قومي ورڪر آيل هوندو، تہ اهو بہ، راشدي صاحب بہ هوندو، جنهن مسلمان ڪاموري کي هندن جي نظر بچائي ملٽو هوندو، تہ اهو بہ ان وقت ايندو. اُنهيءَ قسم جي دوستن ۽ هم مشرب ماڻهن جون ڳالهيون ٻولهيون

هلندیون رهندیون... ان ۾ قومي مسئلا به زير بحث ايندا، مسلمانن جي ملازمتن ۽ ٻين حقن جا معاملا به غور هيٺ ايندا، سنڌ جي سياست جا کيترا نقشا به اتي ئي نهيا، لاڙڪاڻي جا هندو مسلم فساد، سکر جا هندو مسلم دنگا، مطلب ته سنڌ جي مسلمانن جو جن معاملن ۾ واسطو هوندو، انهن جو محور کهڙي جو اهو ڳاڙهو ۽ طبقو بنگلو هوندو هو. قاضي فضل الله جڏهن لاڙڪاڻي ۾ حنيف سان گڏ اچي وڪالت شروع ڪئي، تڏهن اهو به کهڙي جي سنگت جو رڪن رڪين بڻيو. شهر جي معززن مان حاجي ڇٽل ۽ مرحوم خداداد سرهيو گهٽو ايندا هئا. سيد نور محمد شاهه بقاپوري، مرحوم امام بخش ماهوتو ۽ شير محمد خان ابڙو ٽيئي لاڙڪاڻي کان ڪوهه ڏيڍ پنڌ ٻاهر رهندا هئا، ليڪن ايندا وٽس روز هئا.

* * *

خانبهادر علي حسن خان هَڪڙو کهڙي جو دلي سنگتي هو. بنگلي جي هيٺئين طبقي ۾ هڪ ڪمرو هميشه سندس لاءِ مخصوص هو - جڏهن قمبر کان ايندو ته ان ۾ اچي رهندو. اهڙو رعب وارو، وضعدار، شريف، نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت، سنجيدو، متين ۽ باوقار مڙس مان پنهنجي ڄمار ۾ ڪونہ ڏٺو. مُڇان نندیون ڪينچيءَ سان ڪَٽيل، سُنهاري خسخسي، جن اکين مان حياءُ، حجاب ۽ شرافت پيئي بکندي هئي، انهن تي چشمو چڙهيل، سٽ قميص ۾ آرام ڪرسيءَ تي وينو هوندو؛ ڪڏهن سِيل جي سگريٽ[1] بن آڱرين جي وچ ۾، ڪڏهن حُقي جو نڙ چپن تي، ڪچهريءَ ۾ سنجيدگيءَ، متانت ۽ وقار جو مجسمو بڻيو وينو هوندو. آهستي آهستي، مزي مزي سان، منهن مان پيو دونهين جون لاتان ڪيندو. ٿورو ڳالهائيندو، ليڪن جيڪو اکر ڪيندو، سو ڇڻ سچ جو سِڪو ۽ سون جي مهر هوندو. اٿيءَ وينيءَ، عادتن اطوارن مان ته نهيو، پر سندس لٽي ڪپڙي، پهر ۽ پوشاڪ مان به هڪ شان ۽ وضعداري پيئي بکندي. هاڻي وارن ماڻهن کي سندس فرزند ارجمند کي ڏسي، مرحوم لاءِ راءِ قائم ڪرڻ نہ ڪپي. هو ماڻهو ئي اور هو. اُهي سوڪڙيون آهن، جيڪي خالق پاران مخلوق ۾ اچن ٿيون .

خانبهادر حاجي غلام محمد خان اِسراڻ، شل رب ڪريم ڪيس جنت ۾ جايون ڏئي، اتفاق سان امير ۽ زميندار ٿي پيو هو، ورنہ هو ملائڪ يا درويش هو.

رهندو پنهنجي ڳوٺ هو، ليڪن جڏهن لاڙڪاڻي ۾ ايندو هو، تہ هشام ماڻهن جا ۽ ڪٽڪ انسانن جا ڪيڏ لڳندا هئس. انهيءَ زماني ۾ سندس فيصلا ضرب المثل هوندا هئا، تنهنڪري هرڪو ڪڏڻ ڪيون سندس ڪچهريءَ ۾ پيو ايندو هو، هر ڪنهن کي پڪ هئي تہ حق ٿيندو ۽ انصاف پلئ پوندو.

رونق ۽ آلوآلان شهر ۾، شاهي بزار ۾، سيئو بزار ۾، ڊپٽيءَ ۽ ڪليڪٽر جي پٽيوالن ۽ خانسامن ۾، تڏهن ٿي ويندي هئي، جڏهن نواب واحد بخش خان پٺي جي سواري اچي لاڙڪاڻي ۾ لهندي هئي. سيئو بزار جا دڪان سينگارجي ويندا، ميون وارا چند ڦوڪ ڪري ڪوئٽي کان آيل انگور ۽ انار ٻاهر ڪڍي رکندا، دوارڪاداس ۽ نانڪرام بندوقن وارا نوان نوان ولايتي مال نمايان ڪري رکندا، ۽ شاهي بازار واري چانڊومل جو مڪو مچي پوندو، مطلب تہ سيئو بازار کان وٺي جيلس بزار جي پڇاڙيءَ تائين هڪ هنگامو ۽ هلل پئجي ويندو هو، جڻ سيني جون عيدان ٿي ويون، گويا سمورن جو لايو سجايو ٿي ويو!

مرحوم جاڏي هلندو، دوستن يارن جو، سنگتين ساٿِين جو، نوڪرن ۽ چاڪرن جو هڪ وڏو ڪٽڪ ساڻ ڪٽندو. پهچڻ سان طرحين طرحين طعام چڙهي ويندا. چاشنِي ۽ زردن، ڪوفتن ۽ قورمن، دمپختن ۽ شبينن، پلاون ۽ پونن جي بُوءِ ۽ هُڪاوَ درن دروازن کان ٻاهر نڪري، سڙڪ تائين ايندي ويندي جي اشتها کي پيا اُڀاريندا. مڙس سخي هو بي انتها. جڏهن ايندو تہ يتيم ٻارن، رنن زالن، مفلسن، محتاجن، اڪين جي حافظن ۽ قرآن پاڪ جي محافظن، يعني سرمائيدارن جي اصطلاح مطابق 'پينن'، جي لسٽ ۾ جيڪي انساني جنسون اچي وڃن ٿيون، انهن جا ڪٽڪ اچي ڪٺا ٿيندا هئا. ڪن کي لٺا ملندا، ڪن کي خيرات ملندي، ڪن کي اَڻُ ملندو، ڪن کي ماني ملندي ۽ ڪن کي قرآن مجيد جا نسخا ملندا. مطلب تہ واحد بخش جي دروازي تان خالي موٽڻ يا موٽائڻ ڏاڍو عار ۽ عيب شمار ٿيندو هو.

سخي تہ برابر ججهو هو، ليڪن نوابي شان بہ ڪيس واهہ جو رکڻ ايندو هو. ناهوڪو چڙڪ بت، قد سروَ جهڙو سڏو، نڪ، اکيون، منهن جي تختِي خواهہ پيشاني ڏاڍي وڻندڙ ۽ جنسار جهڙي، متي تي جوڙپوري پٽڪو ٻڌي، گلي بند

ڪوٽ پائي، ۽ برجيس وجهي، جڏهن شهپرن کي وٽ ڏيئي هلندو هو، تڏهن ماڻهن جو مٿس اکيون ڪُپي ويندیون هيون. نظر بہ اهائي لڳيس، جو ايا جواني ڦوه ڏيئي مس نڪتي هئي، جو اوچتو اجل جي ست ڪائي وينو.

نٽي ضلعي ۾ نئين زمين خريد ڪري پهريون پهريون اوڏنهن وڃڻ جي سنبت ڪيائين، وڏي لاوَ ۽ لشکر، تنبو ۽ تولان سان. نوڪرن چاڪرن، ڪامِن ۽ ڪمدارن جي قطار سميت، دوستن يارن، سنگتين ۽ ساڻن جي وچ ۾، جڏهن وجي اتي لٿو، تہ جڻ بر ۾ بازاريون لڳي ويون. نالو تہ اڳ ئي وڃڻو هئس، شهرت بہ سندس عام هئي، پري پري کان ڪي آڏر ياءُ لاءِ تہ ڪي محض سندس ديدار سانگي، وڏيرا، نيڪ مرد، ۽ پاڙن جا پريا مڙس، ڪٽڪ ڪري اچي پهتا. خوش خير عافيت، ڪچهريءَ ۽ مجلس کان پوءِ، مانيون ٽڪيون تہ اُهي اُهي ڪاڏائون جيڪي کين خواب ۾ بہ نصيب ڪونہ هيون، ليڪن ٻي ڳالھ جا عجيب ٽي ۽ جنهن جهنگ جهر، بر ۽ بحر ۾ الوالان ڪري ڇڏي، سا اِها، جو واحد بخش خان مزمانن جي وهٽن کي بہ مصرين ۽ ڪنڊن جا شربت پياري ڇڏيا. حڪم ڪيائين تہ گهوڙن کي پاڻيءَ جي بجاءِ منو پاڻي پياريو وجي! بس وات مان نڪرڻ جي دير هئي، ٻاٽلن ۾ ڳوٽيون پرٽجي ويون، صبح کان سانجهيءَ تائين گهوڙن هٽڪارون ڪيو مصرين سندا پاڻي ٽي پيتا! مناڻ ان زماني ۾ اڄ جهڙو مهانگو ڪونہ هو. شايد ڏهين رپئي مڻ ملندو هو. ٻہ - ٽي سؤ رپيا خرچ ٿيا هوندا، ليڪن نالو ڪيڏو ٿيو! قصا ۽ داستان نهي ويا، ضرب المثل، ۽ چوٽيون جڙي ويون، نٽي کان ونڊي ويندي لاڙ تائين سالن جا سال "واهہ ڙي پٽا واهہ!" پئي پئي!

مانَ ۽ سومانَ رکڻ جا اجهو اهڙا نڪتا ۽ نمونا مرحوم کي ايندا هئا، دلين کي دام وجهڻ جا خدا بخشيس، اهڙا سبق سکيل هو، تڏهن تہ هميشہ دوست ۽ احباب ڪٽان ڪٽان جا، ڏينهن سندا ڏينهن وٽس گهاري ۽ گذاري ڇڏيندا هئا! جيڪو واحد بخش جي سنگت ۾ آيو، تنهن کان گهر گهاٽ وسريو.

* * *

انهيءَ دور ۾ دوستين جا انگ ۽ ننگ بہ هوندا هئا؛ ماڻهو، ماڻهو پڻان مٺائي ياري رکندا هئا، هڪبئي لاءِ سِڪ ۽ سواد هوندو هو؛ هاسيڪار دوستن کي ڏسڻ ۽ انهن سان حال اورڻ لاءِ ڏينهن پاند ڏينهن اڇِي رهبو هو، غرض ۽ مطلب خاطر نہ بلڪ چڙو منهن ڏسڻ لاءِ هڪبئي ڏي کيچ کهي اچبو هو. دوست آيو تہ هيانءُ ٺري پوندو، ۽ منهن ٽِڙي ويندو، خوشيءَ مان پيو کلبو؛ ور ور ڪيون ڳراٽيون ڏبيون، سينن سان پيا سينا ملبا، اها جاءِ نہ لِيندي جتي ڪٽي دوست ويهارجي. دلبريءَ ۽ دلداريءَ ۾ ڪٿو نہ پڇبو؛ هرهر پيون خوش خيرافتان ٿيندیون. خبر پوندي تہ اڄ دوست اچي ٿو تہ جڙ سڃيون ماندڪايون لهي پيون، ٽڪ ٽُٽي پونداِ؛ زماني جا ڏڪ سور في الحال وسري ويندا؛ آندي نيندي جي ڳٽتي هلي ويندي؛ راتيون چرچن پوڳن ۾، ڏينهن ريجهه ۽ رهاڙ ۾ لنگهي ويندا، يار هڪ دفعو هٿ آيو، تہ ڇڏڻ تي روح نہ ٿيندو، وڃڻ جو وقت ايندو تہ ٽِڪائڻ لاءِ بهانا پيا ڳولبا، رٽائون پيون رٽبيون منٽان ميڙيون ڪري پيو چئبو: "ادا اڃوڪو ڏينهن! يَر چڙو اڃوڪو ڏينهن ٽِڪُ! پلا چڙي رات رَهُ، سياڻي ڪري وڃجانءِ! چگو ڏُپهَرو ڪري شام جو الاٽُهار ڪر!"- اڄ ٽِڪيو تہ سياڻي رهائڻ لاءِ وري ٻيا ڪيڏ ڪيڏبا. دوست جڏهن رخصت ٿيندو ائين پيو لڳندو جڙ گهر ويران ٿي ويو، در ۽ ديواريون پيون کائيندیون، ٻٽي ڏينهن کل خوشيءَ جا جو گذريا، ڪي چند گهڙيون وندر ۽ رهاڙ ۾ جو بسر ٿيون!

دوستن يارن جا ننگ ۽ حق هوندا هئا، دوست تہ نهيو پر دوست جي دوستن جي بہ غلامي ڪيبي هئي، دوست جي اولاد تي اهوئي حق هوندو هو، جيڪو پيءُ ڪي پنهنجي پٽن تي ٿئي ٿو. پيڙهين تائين پيا اهي سلسلا هلندا هئا. ڪهڙي مجال جو وچ ۾ ڪو قحط پوي. يار پاران پيغام پهتو، ڪنهن نياپو آندو، يا ڪا نشاني ملي تہ ان تي سِر ڏبو، آڻيندڙ جا سوين آدر پاءَ ڪبا، ڏينهن پوندا تہ سيڙائي خبر رکڻ لاءِ خابرو موڪلبو، اکيون انهيءَ پار ڏي اٽکيل هونديون. جڏهن سک سلامتيءَ جي سڌ پوندي، تڏهن وجي خير جو ڪلمو پڙهبو. ايترو دوستيءَ جو حق سمجهيو ويندو هو، نسبتاً جا ايڏا ننگ هوندا هئا، دلين منجهه اهڙا دام پيل هوندا هئا! ياراٽيون ملڪين مشهور ٿي ويندیون هيون. ماڻهو

مثالِ پيا ڏيندا هئا: ’ير! فلاڻو فلاڻي جو دل گهريو دوست آهي!‘، ’هِنَ جي هُنَ سان واهه جو سنگت آهي!‘، ”ادا، هِنن جي پريت جو چا چئجي- بلي! پڳ مَٿو يار ٿا ڏسجن!‘

دوستين جو مفهوم انهيءَ زماني ۾ تجارت کونہ هو، يارين کي مطلب برادريءَ جو ذريعو کونہ سمجهبو هو، کنهن سان ڪُڏُ ڏٺي دوستي ان لاءِ کانہ رکبي هئي، تہ هن مان کو ڪم نڪرندو، يا هي ڪڏهن ڪتب ايندو. دوستي ڇڏو دوستيءَ خاطر رکبي هئي، بنا کنهن لوڀ ۽ لالچ جي، سواءِ کنهن سبب ۽ اسباب جي. پلا دلين اٽڪائڻ لاءِ کي سبب بہ هوندا آهن چا؟ کي جواز بہ ڳولبا آهن چا؟ دل لڳي جند ڇُٽي، گويا قيامت تائين جا سونا سر تي ڪجي ويا.

اهڙين دوستين جا انگ ۽ اکر اسان وٽان تڏهن ويا، جڏهن اسان جا اخلاقي اقدار مَٽيا ۽ مِٽيا، جڏهن اسان ”سياست“ ۾ پير پاتو، شخصي اقتدار کي ترجيح ڏيندي، جڏهن اسان قومي عزت ۽ ناموس کي تڇ سمجهيو؛ ۽ جڏهن هر ايري، غيري جي دل ۾ ليدر ٿيڻ، يعني بين لفظن ۾ سنڌي قوم کي استعمال ڪرڻ جي آرزو پيدا ٿي، جڏهن اسيمبليءَ ۾ اُٽڻ لاءِ ماڻهن زمينون نيڪال ڪيون، جڏهن چوندبون آيون ۽ هڪبئي جا مقابلا ٿيا، منسٽريون نهيون ۽ پارٽيون ڊٽيون، جڏهن سنڌ جي سربراهن هڪبئي جا ڪيسا ڪترڻ شروع ڪيا، جڏهن باهمي واعدا ڪري هنن هڪبئي کي ڏوڪا ڏنا، جڏهن هنن جي وچ ۾ مصحف آيو، ۽ ان مٿان قسم کڻڻ بعد بہ هنن هڪبئي جي پٺڪن ۾ هٿ وڌا، غرض ۽ مطلب جڏهن اکيون انڌيون ڪري ڇڏيون ۽ نظر خواهه نگاهه مان اهو نور نڪري ويو جيڪو شرم، حياءَ ۽ حجاب جو حامل هوندو هو، جڏهن الهه بخش شهادت جو شربت پيتو؛ جڏهن غلام حسين پٽي جو، ۽ کهڙو غلام حسين جو مد مقابل ٿيو، ۽ قاضي دوست مان ڦري کهڙي جو رقيب ٿيو. جڏهن ماڻهو ٽوم مان ڦري جعفران ٿيا، ڏاون ڏاءُ نہ جهلي سگهيو، ۽ هر ڪنهن وزارتن جي ڪرسين تي ويهڻ لاءِ پاڻ کي موزون ۽ مناسب ڄاتو، يعني جڏهن سنڌ جو هرڪو اهل ۽ نا اهل، ڪاهل ۽ جاهل قومي تورزن[2] جي ڊِڪ ڏيڻ لڳو. ان وقت ڏينهن جو انڌير ۽ راتين جو انڌير ننگري مچي وئي؛ سڄي ملڪ ۾ ٽڪي سير ڪاڄا ۽ ٽڪي سير پاڄي ٽي

وئي، سنڌ سموري هڪبئي جي دشمن بڻجي وئي؛ هڪ جا هٿ ٻئي جي پڳ ۾ پئجي ويا؛ ۽ اهڙيءَ طرح هرڪو هڪبئي سان دست بگريبان ٿي ويو، ۽ هڪڙو ٻئي جو، ٻيو ٽئين جو ويري ٿي ويو، ۽ وچ ۾ ايڏا وَڏَ پئجي ويا، جڏ، قصابن کان پاڻ ۾ خوني دشمنيون هيون.

ان کان پوءِ جتي دوستيون ٿيندیون هيون، اتي دشمنيون ٿيڻ لڳيون، جتي سنگت تي سر ڏبا هئا، اتي ساٿين جا ڪنڌ ڪپجڻ لڳا، جتي واعدا ٿيندا هئا، اتي دوکا ۽ دولاب ٿيڻ لڳا، جتي هڪبئي جي عزت ۽ آبروءَ کي بچائڻ جون رٽان رٽبيون هيون، اتي مانَ وڃائڻ ۽ مرتبي گهٽائڻ جا پهه پچڻ لڳا- مطلب ته گفتار ۽ ڪردار، اعمال ۽ افعال اهڙيءَ طرح غرق ۽ غائب ٿيا، جو ملڪ جڏ ڏاڙيلن جي بستي بڻجي ويو، چورن ۽ ڪاتڪُن جي وستي ٿي ويو، جانورن ۽ درندن جو گويا آهيرو ٿي پيو. اسان اهڙي مردود ۽ ملعون قوم ٿي وياسي، جو جڏ اسان کي ڪو شاندار ماضي ئي ڪونه هو، ملڪ جي تاريخ ئي ڪانه هئي، پنيان ڪا روايت ۽ ڪو ورثوئي ڪونه هو، ڪو داستان ۽ ڪو پس منظر ئي ڪونه هو! ڏهن ويهن سالن جي ڇوريڙ صدين جي اخلاق ۽ ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ آيل ايامن جي ڪردار کي نهوڙي صفا ناس ڪري ڇڏيو. قومي اقدار ۽ سياسي انگ ۽ ننگ ته نسنگ ويا، پر ذاتي دوستين تي به هميشه لاءِ حرف اچي ويو. اڄ اها سڌ ئي ڪانه ٿي پوي ته ڪو سات سنگت جي آڌار ۽ آسري تي، دوستن جي دلاسي تي، ۽ ساٿين جي سهاري سان زندگيءَ جو هيءُ بامشقت قيد ڪاٽي سگهبو، هن دور ۽ دنيا جي زندگيءَ جا ڏکيا ڏينهن گذاري سگهبا، حياتيءَ جو هيءُ گانگهو، جيڪو ڳچيءَ ۾ اچي پيو آهي، تنهن جي ڪيڙ ۾ ڪامياب ٿبو، ۽ فقط اهڙيءَ آڌر تي ئي هي اڙانگو سفر خوش اسلوبيءَ سان طيءِ ڪري ونبو؛ ۽ ڇڙو انهيءَ ئي صورت ۾ خير سان منزل تائين رسي سگهبو سِڪَ، ساءَ، سُکَ ۽ سَواد کان سواءِ پلا هن دنيا ۾ ٻيو رکيو ڇا آهي؟ اها حياتي ئي شل گهوري، جنهن جي هڪ گهڙي به ڪروڌ، ڏک، ڏوس، ڏوجهري ۽ ڏولاوي ۾ گذري!

"ماڻهو اڪيلو نه آيو ڇگو، نه ويو ڇگو!"

"دشمن به شل دوستن کان ڌار نه هجي!"

آخر سنڌيءَ جون اهي چوٽيون اسان جي ئي ورثي ۾ ته آيل آهن! پوءِ چو اسان انهن کان روگرداني ڪئي؟ چو پاسو ڪيو سي؟

* * *

لاڙڪاڻي جا اهي چند زميندار، جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي، ذاتي طرح نيڪ ۽ رَڄُ چڱا مڙس هئا، خلق خداءِ جي لاءِ ٻين زميندارن جيان چٽِي يا وڏيرن وانگر هروپرو عذاب الاهي ڪونہ هئا. منجهانِ ڪيترا ڪونسلن جا ميمبر، اسيمبلين جا رڪن ۽ ميونسپالٽين ۽ لوڪل بورڊن جا صدر ۽ سربراهہ ٻہ هئا، انهن مان ڪيترن کي ليڊر هجڻ جي ٻہ دعويٰ هئي. اهو سڀ ڪجهہ درست ۽ صحيح! ليڪن افسوس اهو آهي تہ مجموعي طرح انهيءَ طبقي اندر صحيح معنيٰ ۾ قومي رهبر ۽ رهنما هڪ ٻہ ڪونہ هو، ۽ نہ وري منجهن ڪو اهو شعور ئي هو تہ قوم جو مفهوم ڇا آهي، يا قوم جي تعمير ڪيئن ٿيندي آهي، ۽ رهبر ۽ رهنما جون خصلتون ۽ فضيلتون ڪهڙيون ٿين ٿيون. سنڌن ليڈريءَ جا اجزاءِ ترڪيبي، مول متا، يا ڪٽي چئجي تہ ساز ۽ سامان، فقط هي هئا:

(1) چند خانہ ساز حقن جا مفروضا رٽي، مسلمانن جي نالي ۾ انهن جي باربار پڌرائي ڪرڻ؛

(2) جڏهن ڪمشنر صاحب بهادر ممالڪ سند [3] يا معليٰ القاب جناب گورنر صاحب بمبئي، ضلعي ۾ سير سفر ۽ شيل شڪار سانگي اچن، تہ انهن جي حضور ۾ ايڊريس پڙهڻ ۽ ان ۾ مٿين مفروضن جي مجائن لاءِ ڪين عرض معروض ڪرڻ؛

(3) ملازم پيشي مسلمانن ۾ مقبول ٿيڻ خاطر سرڪاري محڪمن ۾ نوڪرين جي حصي مقرر ڪرائڻ لاءِ ريزوليشن پاس ڪرڻ؛

(4) جاءِ بيجاءِ هندن جو هائڻو بچائي، عام مسلمانن جي همدردي حاصل ڪري، پنهنجا سياسي ڪارج سِڌِ ڪرڻ.

لاڙڪاڻي جي زميندارن ۽ جاگيردارن وٽ لکين ايڪڙ مزروعہ زمين هئي، جن مان ڪين ڪروڙين رپيا ساليانا ايندا هئا، انهيءَ آمدنيءَ کي هنن ڪڏهن قومي امانت ڪونہ سمجهيو، ان مان قوم جي تعمير تي هنن ڪڏهن هڪ ڪوڏي ٻہ

خرچ کاڻ ڪئي، ڪنهن قومي تحريڪ ۾ هنن جي هڙان هڪ رپيو به ڪونہ نڪتو. مسلمانن جي نوڪرين لاءِ تہ نهراءَ ناهيندا رهيا، ليڪن هنن انهن جي پڙهائڻ تي هڪ پئسو خرچ ڪرڻ ۾ هميشه اصراف سمجهيو. البت ڪليڪٽر ۽ ڪمانيءَ کي ڪنهن چندي ڇوريءَ جي ضرورت پوندي هئي، تہ هڪ اک جي اشاري تي ۽ هڪ معمولي پيغام تي وائسرائن جا منهن ڪلي پوندا هئا، جنگ ٽيندي تہ برٽش سرڪار جي قدمن تي هزارن جا هزار وجهي ڇڏيندا، حاڪم شڪارن لاءِ اڇي منزلون ڪندا، تہ ڪوٽوار ڪان وٺي صاحب جي بٽلر ۽ ميم صاحب جي آيائن تائين نوٽن جا نوٽ وهائي ڇڏيندا، خطابن خاطر هنن الائي ڇا جو ڇا ڪري ڇڏيو. عزت نفس جي پاس خاطر تہ ڪاڻ ڪيائون، اُلٽو هنن پنهنجي آمدنيءَ کان ۾ اڳتي ٽپي، هڪبئي تي چڙهتون ڪيون، چندا ڏنا، ۽ ذاتي خوديءَ خواهہ قومي خودداريءَ کي سرڪار سڳوريءَ جي راهہ ۽ رند تي وڃائي ڇڏيائون.

زميندار لاڙڪاڻي جا هجن يا ميرپورخاص جا، افعالن ۽ اعمالن ۾ سڀ هڪجهڙا هئا، ۽ وڙ سين جا ساڳيا هئا، ڪٿر ڪنهن پنتي ڪاڻ ڇڏي، پنهنجي وسئون ڪنهن ڪونہ گهٽايو.

اسان جي انهن سردارن ۽ جاگيردارن جي مقابلي ۾ هندو هم قوم جي سربراهن خواهہ شاهوڪارن پنهنجي ڪمائيءَ کي هميشه قومي ورثو ۽ اثاثو سمجهيو، امانت ۽ آذوقو سمجهيو. هنن پنهنجي تعليم لاءِ اسڪول، ڪاليج ۽ بوربنگ تعمير ڪيا؛ عام خلق خدا جي فائدي ۽ بهبوديءَ لاءِ اسپتالون ۽ سينيٽوريم قائم ڪيا، يتيم گهر، هنري اسڪول ۽ بيوه خانا جوڙايا، عام خلق جي آرام ۽ آسائش لاءِ پارڪ، باغ ۽ تفريح خانا تعمير ڪيا، اوستائين جو باغن ۾ بينچون به هنن ئي خريدڪري وڌيون، تہ جيئن هندو، مسلمان پل اڇي پهر پاڇو ساهي پٽي سڌير ٽين. جانورن جي پاڻي پيئڻ لاءِ حوديون به جاءِ بجاءِ هنن جي خيراتي فنڊن مان ٺهيون، جن مان هميشه مسلمانن جي ئي گڏهن گهوڙن پاڻي پيتو. اهڙيءَ طرح نہ چڙو اهي قومي ۽ انساني ڪارج هنن جي هٿان سڌ ٿيا، بلڪ سچ ۽ ڪوڙ ۾ جيڪڏهن تميز ڪبي، دوڌ ۽ دانڊل کي چڏي ڏبو، تہ معلوم اهوئي ٿيندو تہ حقيقت ۾ سڌ کي هندن اڌيو، ملڪ کي انهن سينگاريو ۽ سنواريو. اهي سڪر ۽

بکر، ڪراچيون ۽ حيدرآباديون هنن ئي جوڙيون. برادران اسلام تہ چڙو هندن جي ملڪ بدر ٿيڻ بعد، سِران ڪيي وڪيون، بنيادن کي کوٽي نيڪال ڪيو، چتيون ۽ پتيون ڍانيون، شهتير ۽ پٽيون، در ۽ دريون بازار ۾ آنديون. شڪارپور ڪجهہ سيڪ ۽ سيلاب چٽ ڪئي باقي پائرن جي ساٹس پلائي ٿي، بنگل ديرو، خيرو ديرو، اسان ئي تباهہ ڪيو، ۽ طيب خواهہ پنجو ديرو بہ اسان جي هٿن سان ڍهي اچي ڊير ٿيو. الغرض هندن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان خزانا ڪٽي اچي جيڪي ڪُڏن مٽان ڪڍ اڏيا هئا، خدا جي فضل سان اسان انهن جي اڇ سر نہ چڏي سر کي!

حسن علي آفندي، نور محمد وڪيل، مير غلام محمد ٽنڍي باگي وارو، مخدوم غلام حيدر هالن وارو، عبدالرحيم شاهہ سجاول وارو ۽ حاجي سر عبدالله هارون ڪراچيءَ وارو، رب شال سين کي جنت ۾ جايون ڏئي، جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪجهہ نشانيون چڏي نہ وڃن ها، تہ هوند ايترو مثال بہ اسان پيش ڪري ڪونہ سگهون ها.

اڇ هڪ بہ وڏو ماڻهو يا سنڌ جو زميندار خواه جاگيردار اِهو ڪونہ ڏيڪاري سگهندو تہ اِجها هيءَ قومي تعمير يا اِجهو هيءُ تعليمي ادارو سندس کيسي مان کڙو ٿيو آهي، يا هي پائدار قومي يادگار سندن منجهان ڪنهن هڪ جي نشاني يا سنڌين لاءِ سوکڙي آهي. خود واحد بخش خان پٽي جهڙي سخي مرد انڊن جي عارضي امداد تہ هميشه ڪئي، ليڪن سڃن جي سلسلي ۾ هن کان بہ ڪا پائدار نشاني چڏي ڪانہ پڳي. لاڙڪاڻي جي پراڻيءَ سول اسپتال ۾ هندن جڏهن غير مسلمانن لاءِ خلاصو وارڊ ٺهرايو، تڏهن ڪراچيءَ جي سر عبدالله هارون تہ ان جي مقابلي ۾ مسلمانن لاءِ هڪ وارڊ ٺهرائي چڏيو، ليڪن لاڙڪاڻي جي ڪنهن بہ وڏ وڏيري کي توفيق ڪانہ ٿي، جو ڪٽي اهڙو خير جو ڪم ڪري. زميندارن مسلمانن ۾ تعليم عام ڪرڻ کان ڄاڻي واڻي اجتناب ڪيو، هنن دانسته اسڪول، ڪاليج يا بوردنگ ڪونہ ٺهرايا. هنن جي دلي مراد ۽ مقصد اهو هو تہ سنڌ جو مسلمان نہ پڙهي، متان وچولو طبقو پيدا ٿي پوي، غريبن جا ٻار پيا مزوري ڪن، ۽ پل پيا ڊور چارين! پڙهندا تہ سندن سامهون اچي ڪرسين تي

ويهندا! تنهنڪري سنڌ اندر ڀل امير، امير رهي ۽ غريب، غريب رهي، امير بلند ۽ بالا، غريب ماتحت، محڪوم، مجبور ۽ معذور!

اڄ انهيءَ طبقي جي جان ڪنيءَ جو وقت اچي پهتو آهي. سندن وسيع ۽ بيحا ملڪيتون ڪسجي اچي ايڪڙن جي انگن تي پهتيون آهن. قومي تعمير، بهبوديءَ ۽ ڀلائيءَ جي مقابلي ۾ هنن پنهنجي آرام ۽ آسائش، عيشن ۽ موجن لاءِ جيڪي ماڙيون ۽ محل اڏيا، ۽ جن کي هنن پنهنجو پائدار نشان سمجهيو ٿي، تن مان ڪيترا ته ماضيءَ ۾ ئي ڍهي وڃي ڊير ٿيا. جيڪي حال ۾ موجود آهن، سي به مرمت جي محتاجيءَ سبب مستقبل ۾ اچي پٽ پوندا. ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ انهيءَ طبقي جو هر نشان ۽ ذاتي آثار ائين نيست ۽ نابود ٿي ويندو، جو جڙ هن خدا جي زمين تي ڪُڙمين ۽ ڪامِن جي پگهر مان پيدا ڪيل پئسي جي ذريعي پٿر جي بنيادن تي پڪين سِرن جون پِٽيون چوني گچ سان اڏيون ئي ڪونہ هئائون، چتين ۾ لوها گارڊر ۽ فولادي ٽِيئر وڏائي ڪين هئائون، قيمتي ڪاٺ ۽ برما جي ٽيڪل وود مان در ۽ دريون وجهرايون ئي ڪين هئائون! افراسياب جي گنبد تي چڙي ته نوبت هئين ٿي، هنن همراهن جي خاڪ تي جاءِ ضرورت نهرائيندي به هرڪنهن کي پيو جڙ عار ٿيندو...!

اڄ مان سندن نالو ڪنيو آهي، سندن ذڪر آندو آهي، ليڪن سڄهه سڃان اهو ڏينهن به ايندو، جڏهن ڪو ڪين ياد به ڪونہ ڪندو، سندن ڳالهه نڪرندي، ته هرڪو ڪٽي مُنهن پاسيرو ڪندو، ائين يادگيريءَ جي تختيءَ تان محو ٿي ميسارجي ويندا، جڙ هِن دنيا ۾ ڪڏهن هئا ئي ڪونہ، جڙ ڪڏهن ڄاوا ئي ڪونہ هئا. ڀلا خالق پاران مخلوق لاءِ مٿن جيڪي فرض هئا، اهي هنن پاليا جو نہ! مادر وطن جا ۽ اُتنهن جي ماڻهن جا مٿن جيڪي حق هئا، سي هنن بجا جو ڪونہ آندا! هنن سڄي زندگي پنهنجي نفس جي غلاميءَ ۾، جو گذاري ڇڏي! هنن پنهنجو ڏَن ۽ دولت ذاتي ضرورتن ۽ جسماني خواهشن تي، جو صرف ڪري ڇڏيو! پوءِ، تاريخ جي بيّن قاعدي ۽ قانون هيٺ، ڪين اِها سزا نہ ملندي ته بي ڪهڙي ملندي؟

* * *

زميندارن کان سواءِ لاڙڪاڻي ۾ ٻيو زور هوندو هو وڪيلن جو. خير، ڪليڪٽر ۽ ڪماني صاحب ته پاڻ مالڪ هئا، ننڍو وڏو پيو اتي جهڪندو هو ۽ سلامي ٺيندو هو، ليڪن وڪيلن جا مانَ ٻه گهٽ ڪونہ هئا. ديوان گوبند رام، ديوان لالچند نولراءِ، ديوان پيسومل، صوپراج، جوتومل پنجوديرائي، ٽوپڏاس، ويروسنگ، ٽي. پي. چند ناڻي بارسٽر، گوبند بخش ايسراڻي بارسٽر وغيره، ائين پيا ڪورٽن ۾ وڃندا، جڏ اتر کان ڪيرن جا ڪڙڪات ۽ وِڄُن جا واڄ ٽي رهيا آهن.

ديوان گوبند رام سيوهاڻي ته چئي ڪٽي بس ڪر. جنهن جاءِ ۾ علي گوهر کهڙو رهي ٿو، اها سندس هئي. شام جو پاڻ ۽ پڪوڙو ڪائي، هڪ، ٻه ڪٽورو ٺاڌل جو پي، گهٽيءَ ۾ دروازي اڳيان ڇٽڪار ڪرائي، ڪٽ تي طول وهاڻو رکرائي، اچي ٽيڪ ڏئي ويهندو. آئي وئي لاءِ مُوڙا هوندا. ڪو دوست آيو ته ان سان ڪچهري پئي ٽيندي، ورنہ سياڻي جي ڪيسن جا ڪاغذ ٻه پيو پڙهندو ۽ مسلمان اصيلن تي گارين جا ڪڙڪات ٻه پيو ڪندو. اصيل هونءَ ته صبح جو ٻه ڪورٽ ۾ وڃڻ ڪان اڳ گاريون ڪائيندا هئا، پر شام جو بنهہ مٽن برسات پئي وسندي هئي. آواز تکو ۽ بلند هوندو هئس. جي خيري ڳالهائيندو هو، ته ٻه ڃڻ محلو مٽي تي ڪٽندو هو. ڪٽومل منشي آفيس ۾ وينو هوندو هو. گهٽيءَ مان رڙ ڪري چوندس: "اڙي ڪتو! نہ ڇڏ پيٽسان ڪي. سڄي في ونينس! نہ ته هٽينس منهن جا ڪاغذ پيٽسان ڪي! پچينس حراميءَ ڪان، شاهد ڇو نہ آندو اٽئين؟"، بهرحال اصيل ٻه گاريون ٻڌي ٻڌي ناسودي تي ويا هئا. واڪا ڪندو، گاريون گند ڏيندو، ليڪن هو اصيل لاءِ ڃڻ آٽت. اصيل مٽن هينان ڃڻ وهاڻو ڪري وڃي سمهيو. ڪورٽ ۾ پهچڻ شرط مئجسٽريٽ جا اوسان خطا، فريادیءَ جا حواس ڇٽ، ۽ ڪورٽ جي ڇت مٽي تي. ٻاهر ميدان تائين آڏيءَ پڇا جا ڪڙڪا پيا ٻڌبا. اهوئي سبب هو، جو ٻهراڙيءَ جو هر مسلمان، فريادي هجي خواهہ جوابدار، "ديوان گوبند رام، ديوان گوبندرام" ڪندو ايندو. سال گذري ويا انهن ڳالهين کي ، مرحوم هندستان پهچي فوت ٻه ٿي ويو، پر اڄ ٻه جڏهن ياد اچي ٿو ته ڃڻ ڪن پيا وڃن، "نہ ڇڏ پيٽسان ڪي، او ڪتو!"

مسلمان وڪيل اڃا هاڻي هاٿي امتحان پاس ڪري اچي پهتا هئا. مرحوم نواز علي 'نياز' جي وڏي پاءُ مرحوم غلام عليءَ جو فرزند، فقير محمد جعفري، نئون آيو هو، حنيف پڻ نئون نئون لاڙڪاڻي ۾ آيو هو - سُک پل وٺ جاءِ هوندي هئس، گوبند رام وٺ وڪالت سکندو هو، نوجوان سنگت جو وٽس مرڪز هوندو هو، وليدن واري ڪامريد علي محمد عباسيءَ جو ننڍو پاءُ، غلام محمد، ٻہ - ٽي سال پوءِ آيو، ليڪن ستت ئي گذاري ويو. اهڙيءَ طرح، خدا بخشيس خير محمد سولنگي، غالباً غريب کي سلهہ هئي،زندگيءَ جڏاءُ ڪونہ ڪيس. پير الاهي بخش سيني کان عمر ۾ وڏو هو، پر آيو سيني کان پوءِ. علي ڳڙهہ مان امتحان پاس ڪري پهرين اچي نواب غيبي خان چانڊئي جي بنگلي جي پڪ ۾ رهيو، يعني حنيف جي جاءِ جي سامهون. قاضي فضل الله 1934ع ڌاري اچي پهتو. بهرحال اهي سڀ اڃا سيکڙائو هئا. دراصل زور هندو وڪيلن جو هو. انهيءَ دور کان اڳ سر ڀُٽي جو پاءُ علي گوهر خان ڀُٽو باريسٽري پاس ڪري آيو هو، ليڪن زميندارڪو ٻار، ڪورٽن اڳيان ۽ ماجسٽريٽن جي سامنهن بيهي نہ سگهيو ۽ چپ ڪري وڃي ڳوٺ ويٺو. مرحوم جان محمد جوٽيجي باريسٽري پاس ڪئي، ليڪن پنهنجي مختصر زندگيءَ کي سياست ۽ هجرت ۾ گذاري ڇڏيائين. خانبهادر يارمحمد جوٽيجو البت انهيءَ دور مان رهيو هو، جيڪو خدا جي فضل سان اڃا هليو اچي ٿو. مسٽر رحيم بخش ابڙو شڪارپوري ٻہ حنيف جن کان اڳ آيو، پر ستت خيرپور ۾ نوڪري ونڊي هليو ويو.

* * *

ٽن ڪورٽن ۾ مسلمان جوابدارن جا ڪٽڪ اچي ڪٺا ٿيندا هئا، ريزيڊنٽ جي ڪورٽ (جنهن کي عرف عام ۾ 'ريزيءَ جي ڪورٽ' سڏيو ويندو هو)، سيشن ڪورٽ ۽ ان جي پهلوءَ ۾ سول ڪورٽ. سِول ۾ هندو عام جام ايندا هئا، ليڪن مدعيءَ جي حيثيت ۾. سندن ڪچ ۾ ڳاڙهي بندي، جنهن کي وَهِي ٻہ چيو ويندو هو، هميشه انگوچي ۾ ويڙهيل هوندي هئي. ان ۾ مسلمان مدعاعليه جي ستن پيڙهين جو قرض درج هوندو هو، مُور، مورتي وياج ۽ وياج تي وياج، اهڙيءَ طرح رقمن تي رقمون چڙهندي جڏهن ڏسندا تہ هاڻي مسلمان لاءِ زمين

چڪائي ڏيڻ کان سواءِ ٻيو چارو ڪونہ آهي، ان وقت اچي سِول ڪورٽ جو در ونندا.

چگا چگا، ڏسٽا وائسٽا وڏيرا وڪوڙيا پيا هوندا هئا. خير، ڪو نسوروئي ناحق ڪونہ هو. قرض ڪٽڻ جي عادت انهن کي بہ عام هئي. دِل کٽي، شادي آئي، غمي ٿي، ڪامورو ڪڙو آيو، ڪليڪٽر ۽ ڪمانيءَ جي منزل ٿي، يڪدم موديءَ ڏي منهن ڪندا. ڪن شوقينن جي ساهيڙين ۽ سُريتن جا خرچ پکا ۽ ڪنڌا پاڏا بہ پيا اُتهن هلندا هئا. زمين جي آبادي ۽ آمدني ڪيتري ٿي ۽ ڪاڏي وئي، ان جو ليکو انهن ئي مودين جي حوالي هوندو هو، تنهنڪري زميندارن کي نہ ان جي سڌ هئي ۽ نہ ان لاءِ ڪو اونو. جيڪي گهربو، سو پيو مودي ميسر ڪندو، پوءِ ڪٿتي چو ۽ چا جي؟

* * *

حنيف سان پهرين چار چشمي ديوان گوبندرام وٽ ٿي. ڪتابن جو شوقين، پاڻ کي بہ اهو مرض، دوستي ٿي وئي. گهٽو ڪري گڏ هوندا هئاسي. گوبندرام کان جڏهن جدا ٿيو، تڏهن پهريون اصيل وٽس وسايو ڪنجر آيو.

ماڻهن کي ياد هوندو، جائلس پارڪ جي آمهون سامهون سڙڪ ڏي منهن ڪيو، پنهنجي جاءِ جي در اڳيان، مائي ڇٽي ڪتوليءَ تي پلٽي ڪڍيو، وينِي حُقو چڪيندي هئي. ٽلهي متاري، پوڙهي، ڪاڙهي مٽي سان. جوانيءَ ۾ قمبر واري وڏيري مهري خان جوٽيجي جي ويهاريل هئي. اها جاءِ بہ ڪيس انهيءَ ٺهرائي ڏني هئي.

ڪتوليءَ جي يڪ ۾ ڪپڙي جي آرام ڪرسيءَ تي اڌيڪ عمر جو هڪ ماڻهو وينو مڃان وٺيندو هو. اهو هو وسايو ڪجر- مائيءَ ڇُٽيءَ جو خداداد فرزند. ماڻس نالو الهہ وسايو رکيو هئس، پر حنيف جو منشي ڪيس الهہ وسايو خان چوندو هو. ماڻهن ۾ مشهور وسايو ڪجر هو.

وڏو فسادي ۽ ڏڦيڙُو، هڪ اڏ ڪيس هميشه مٿس هوندو هو. حنيف نئون وڪيل، ٿوري في، وسايو اچي سندس اصيل ٿيو. هڪ دفعي ڪنهن ماجسٽريٽ وٽ ڪيس هئس، جيڪو مخالف هو. وسايو خان 'ٽرانسفر' کي چوندو هو 'ٽرانس'،

حنيف جون هُڪيون ڪيڙي ڇڏيائين. صبح جو ٻه ايندو ۽ شام جو ٻه. ڇٽڪار ڪري، موڙا ٻاهر ڪيڙي، اسان اجا ويهنداسين مس، تہ اچي نازل ٿيندو. موڙي تي پاڻ ٻہ ويهندو ۽ ٻئي جنگهان ٻہ رکندو. ڪانپ ڪيڙي، مُڇ کي وٽ ڏئي، پهرين کنگهکر ڪندو، پوءِ ڪندو 'آخ ٿو!'، جيڏي وٽندس کانگهارو ڪيڙي، حنيف کي چوندو: "مسٽر حنيف خان! - آخ ٿو... ڪيس يار! جلد ٽرانس ڪراءِ!، آخ ٿو... جي ٽرانس نہ ٿيو تہ دوست ٽيپ اچي ويندي! - آخ ٿو..."

اسان نالو رکيو هئس: 'آخ ٿو'. ڏاڙهي وچ مان چيريل، شهپر وڏا، جن کي هر وقت پيو وٽيندو، وار وڏا چيلهہ تائين، ڪنن جي پاڙين ۾ سونيون واليون. لٽا هميشه رنگارنگي پائيندو هو، پٽڪو سلڪ جو يا سنهيءَ ململ جو رنگدار، ڊگهو پيراهن گهٽو ڪري اڇو، ڪانئچ[4] آسماني، ڪلف لڳل، ۽ ان تي چمڪندڙ بوند، وَرَ وڏي اهتمام سان چٽيل، ڪوٽ ڪاريءَ ساٽين جو، جنهن تي سوين سپ جا بٽڻ اڳيان پويان لڳل، سيم جي جُتي پير ۾، جيڪا هلڻ وقت چيڪٽ ڪندي هلندي.

اها هئي هاڻي ۽ اهي هئا اهجاڻ وسائي ڪجر جا. هيءَ نہ هيءَ مهل، پري کان 'آخ ٿو' ٿي، اسان جي لونءَ ڪانڊارجي ويندي. جيسين ڪيس ٽرانسفر نہ ٿيو، تيسين حنيف لاءِ جنسي ڪاري قيام هئي. وسايو ڪجر سندس لاءِ جڻ عزرائيل هو. زندگي زهر ۽ رت ۾ رات ڪري ڇڏيائينس. ڇئي ٻہ غريب ڪونہ سگهندو هئس. پلا وڪالت جي زندگيءَ جِي، اهو ڪجر پهرين بسم الله هو، گوبند رام کان جدا ٿيڻ کان پوءِ اها سندس پهرين ٻوهٽي هئي!

* * *

هندن جي نہ چڙو وڪيلن کي زور هو، بلڪ انهن جا ليڊر ٻہ برڪ هئا. تولاٽي پائر، هڪ ميونسپل ڪونسلر، ٻيو بمبئي ڪائونسل جو ميمبر، پئسو جام، واپار هڪ طرف، زميندار ٻئي طرف. رام پنجواٽيءَ جو والد ديوان پرتاب راءِ، ميونسپل جو وائيس پريزيڊنٽ پر جڻ سڄي لاڙڪاٽي جو مالڪ پاڻ هو، رام بي. موٽواٽي، ريجهومل لاهوري، ڊاڪٽر پوهومل ۽ نهچلداس همتسنگاٽي. سڄي شهر جي سئين اُبتِي انهن جي هٿ ۾ هوندي هئي. رام بي. موٽواٽي

اگرچ کهڙي وٽ ايندو ويندو هو، چاکاڻ ته زميندارِي بئنڪ جو پاڻ مئنيجر ۽ کهڙو چيئرمين هو، پر ڪيس کهڙي جي مسلم دوستي اصل ڪانه وٽندي هئي. علم دوست هو. ڪلڪتي وارو 'مادرن رويُو' سڀ کان پهرين مون وٽس ڏٺو. پهرين نوڪري به مون وٽس زميندارِي بئنڪ ۾ سؤ روپئي ماهوار تي ڪئي - قرض وصول ڪرڻ لاءِ انسپيڪٽر هوندو هئس. انهيءَ زماني ۾ ڏٺم ته لاڙڪاڻي جو ڪوبه زميندار زميندارِي بئنڪ جي قرض کان آجو ڪونه هو. سالن مٿي سال لنگهي ويندا، ليڪن مُور ته نهيو، پر وياج به ادا ڪري ڪونه سگهندا هئا. چڙو اجاين خرچن، اڍنگيءَ ۽ ابتيءَ چال چلت کين زير بار ڪري ڇڏيو، نه راهه رسول نه راهه خدا.

* * *

مسلمان ڪامورن جي سلسلي ۾ هڪ ته شڪارپور مشهور هئي، ٻيو ڪات پات. سنڌ ۾ مسلمان ڪامورا گهٽو ڪري اُنهن ۾ شهرن جا هئا. لاڙڪاڻي جو ڪو وڏو ڪامورو ڪونه هو. اسان جو مرحوم دوست 'نياز' سب جيل جو جيلر هو. سندس وڏو پاڻُ، غلام علي خان جعفري، غالباً مختيارڪار هو. هڪ اڌ ڪامورو تعليم ڪاتي ۾، ۽ ڪي به، چار براج آفيس ۾، جتي حضرت 'خادم' لاڙڪاڻوي ۽ مرحوم غلام علي 'مسرور' به هوندا هئا. قنبر جي ميونسپل جو چيف آفيسر محمد سومار به لاڙڪاڻي جي مشهور مسلمان ڪامورن مان هو. هڪ اڌ ڪو ٻيو ڪلارڪ ڪڙو يا منشي مڙو هوندو، ورنه ٻيو ٽيو پلو.

* * *

ماڻهو اُهي هئا، اتِي وينِي اُنهن سان ٽيندي هئي. شهر سڄو پيو ٻهڪندو هو، بازارن تي جوپن، دڪانن تي جواني، ۽ هوٽلن ۾ جنسي بهاري لڳي پئي هوندي هئي. ڏينهن جو شاهي بازار ۾ پير رکڻ جي جاءِ نه ملندي هئي ۽ شام جو سيئو بازار ۾ لئي لڳي ويندي هئي. به - ٽي سوڏا لمليٽ جا سانچا هوندا هئا، هڪ هوٽل تي ڳوٽين جا پکا مشينن جي معرفت پيا هلندا هئا. هرڪو گهمي ڦري اتي اچي پگهر سڪائيندو هو. چانهه جو رواج تمام ٿورو هو، لمليٽ سوڏا جو زياده. هر ڪو 'ٻاٽلي' ۾ پيو پيو فرحت ڪندو هو. ليمن، راسبري، آرينج، ڪيوڙو،

موتئو، لاڙڪاڻي جي سيئو بازار جو، سکر جي ٽلهي جو، ۽ شڪارپور جي هاٽي در جو مشهور هوندو هو. 'ومٽو' گهٽو پوءِ ميدان ۾ آيو، ڪوڪاڪولا ته اجها ڪالهه جي ڳالهه آهي، اڄا چند سال ٻه ڪونه ٿيا اٿس. آمريڪا جو اثر آيو، ته ڪوڪاڪولا ٻه آيو.

مسلمانن جا ٻه چار دڪان سيئو بازار ۾ هوندا هئا. هڪڙو ڦڪڙ جو هوٽل، جتي ڪورٽن مان موٽيل فريادي ۽ جوابدار، خواهه ٻيا ڪمين ڪارين آيل مسلمان، ٻي آني ۾ ٻه ڊڳڙ[5] ۽ پليٽ ٻوڙ جي ڪائي ڊؤ ڪندا هئا. گوشت سنيءَ اَئِنَ جو، ڪٽڪ جو اٽو صاف هوندو هو، ۽ گيهه خالص ڳائو يا ماهيو. ويجيٽيبل گيهه بازار ۾ تازو تازو آيل هو. خالص گيهه ٻارهين آني يا رپئي سير ملندو هو. هرڪو چينيءَ جي ٽانون، سنڈ ۾ نهيل ڪاشيءَ جي پليٽن ۽ ڪُٽِ جي برتنن ۾ ڪائيندو هو. نه اينامل جون پليٽان نڪتيون هيون ۽ نه اينامل جي ديڳڙي جو رواج پيو هو، جنهن ٻوڙ پاڃيءَ جو ذائقو ئي ورهين کان وجائي ڇڏيو آهي. ايامن کان ڪاڌي مان اها لذت ئي نڪري وئي آهي، جيڪا ڪنيارڪيءَ ڪنيءَ ۾ رڌل ٻوڙ يا ٽامي جي قلعي ڪيل ديڳڙي جي چانورن مان ايندي هئي.

گهٽ گهرجون، ٿورا خرچ ۽ برڪت پريا زمانا هئا. انسانن جي چوڌاري تمنائن جا ايڏا ڪوٽ ڪونه نڪتا هئا. ماڻهو حرص ۽ هَوَس جو بندو ڪونه بڻيو هو، ۽ نه گهرجن ۽ ضرورتن جي اٿاهه عالم ۾ ڪو سرگردان ۽ پريشان ڦريا ٿي. اخلاق جو ڏيوالو ڪونه نڪتو هو، خدا ۽ رسول جو ماڻهن کي خوف هو، انگريزن جي خلاف برابر هئا، ليڪن حڪومت جو رعب ڪونه ويو هو، قاعدي ۽ قانون جي آبرو ريزي ڪانه ٿي هئي، ماڻهن کي وڏي ننڍي جي عزت ۽ شهري ضابطي جو وڏو پاس ۽ لحاظ هوندو هو. اٽي ۾ ڪاڻ جو ٻورو ملائڻ هاٽي ٻڌوسين، ڪارن مرچن سان پيٽي جا ٻج گڏڻ، گيهه ۾ گريس جي ملاوٽ، ڳاڙهن مرچن سان پکين سرن جي پائوڊر جو ميل ڪرڻ، اڳ ڪنهن جي تصور ۾ ٻه ڪونه هو. رزق سان اها راند هاٽي ٿيندي ڏٺيسين. مالٽن کي رنگ جا انجيڪشن هڻي، 'ريڊ بلڊ' مالٽا ڪري وڪڻڻ، ۽ ٻلين جا پڪل پلاءَ مسلمانن کي کارائي ڇڏڻ،

غضب خدا جو، اخلاق جي ايڏي انتها ۽ ڪردار جي ايتري ڪوتاهي اُنهيءَ زماني ۾ ڪٿي هئي!

ٻيو دڪان هوندو هو مرحوم حاجي چٽل جو. نئون نئون لٺن جو ڪيبو هئائين. فرقائي خيالن جا مسلمان گهٽو ڪري اتان وڃندا هئا. انهيءَ سان لڳ هوندو هو دڪان حاجي محمد درزيءَ جو، جنهن وٽان هر وڏو خواهه ننڍو زميندار پنهنجا لٺا سبرائيندو هو. خانبهادر کهڙو ابتدا ۾ پنهنجا سوٽ اتان نهرائيندو هو. نوجوان وڪيل ٻه ڏڪ جون پتلونون خواهه ڪوٽ يا قميصون اتان ئي نهرائيندا هئا. خود هندو وڪيل يا ڪامورا جيڪي شوقين هئا، سي حاجي محمد درزيءَ يا ڪَمن درزيءَ جو سبيل لٽو پائيندا هئا- ڪَمن مرهيات[6] جو دڪان شاهي بزار ۾ هوندو هو، جتان پٽا صاحب پنهنجا لٺا نهرائيندا هئا. ڪَمن کي دڪان تي گوڏو کوڙي ويهڻ ڪونہ ايندو هو. ڪپڙي کي هڪ ڪٽ ڏئي، يا مشين جو هڪ ڏاڪو هٽي، سُئي قميص ۾ ٿُنبي، دڪان کان ٻاهر نڪرندو. جهڙٽ هن دڪان تي، منٽ هن ماڻهوءَ سان، ٻه چونڪ ڳالهين جا هِٽي ٻه ٻول هُٽي، اهڙيءَ طرح چار چڪر ڏئي وري اچي ڪم تي ويهندو. سڄو ڏينهن اها ڪار هوندي هيس.

بهرحال اهي ٻئي دڪان لاڙڪاڻي جون گيا هور ڪمپني يا آرمي ايندڙ نيوي لميٽيڊ استور هئا. انگريزي لٽي جو مسلمانن ۾ اجا ايترو رواج ڪونہ هو. وڏن ماڻهن ۾ سر پٽو سوٽ پائيندو هو، خانبهادر کهڙو پائيندو هو، نواب واحدبخش يا خانبهادر احمد خان پٽو، بس ٻيو ٽيو پلو. مسلمان ڪامورا پتلون ۽ ڪوٽ ان وقت پائيندا هئا، جڏهن آفيس ۾ ويهندا هئا، ورنہ گهر ۾ يا شهر ۾ سٽڻ ۽ قميص، مٿي تي ترڪي ٽوپي. ترڪي ٽوپي گويا مسلمان سرڪاري ڪاموري جو ٽريڊ مارڪ هئي. پتلون تي لاڙڪاڻي جي ڪيترن هندو وڪيلن کي ڏسندو هئس تہ پراڻي ٽاءِ ٻڌندا هئا، گويا پٽو خريد ڪرڻ کين چٽِي معلوم ٿيندو هو. سوٽ پائي کين ڪورٽ جو ڪم ڪيڏو هوندو هو، ورنہ اها ڪا شريفانہ يا خانداني پوشاڪ ڪانہ سمجهي ويندي هئي. لاڙڪاڻي ۾ ديوان لالچند نولراءِ کي البت ڏسبو هو تہ خانگي وقت ۾ سوٽ پايو، مٿي تي فليٽ هٽ رکيو، سيئو بازار ۾

پيو گهمندو هو. فليٽ هئٽ ته خود نہ سر پٽي وٽ هئي ۽ نہ اجا کهڙي خريد ڪئي هئي. سولا هئٽ کان اڳتي انهيءَ زماني ۾ اهي بہ ڪونہ وڌيا هئا.

سيئو بازار ۾ بہ مسلمان دندان ساز بہ هئا، ليڪن ٻئي پنجابي. انگريزي ٽٽ پيسٽ جو نہ ايترو رواج هو ۽ نہ انگريزي ٽٽ برش ڪو هٽندو هو. هندن جي گهرن ۾ ٻبر ۽ نم جي 'ڏندڙن' جون 'ويڙهيون' پيل هوندیون هيون. هرڪو صبح جو ساجهر لوٽي ڪٽڻ وقت ڏندڻ بہ وات ۾ وجهي چڏيندو هو. هوڏانهن جهنگ جو خيال پورو ٽيو، هيڏانهن ڏند بہ صفا ٽي ويا. مسلمان بہ ڪٻڙ، نم، يا ٻبر جو ڏندڻ ڏيندا هئا. تنهنڪري نہ مهارون پچنديون هيون ۽ نہ پايوريا ٽيندي هئي. ڪو اُڙيو ٽُڙيو ماڻهو گل محمد جي دڪان يا محمد اسلم وٽ ڏند ڪڍائڻ ايندو هو، ورنہ ويچارا سڄو ڏينهن دروازن وٽ ڪرسي رکيو پيا بازار ۾ ايندي ويندي کي تکيندا هئا. ٻئي نيڪ، ٻئي شريف هئا. ٻنهي پنهنجي ٻولي وساري چڏي هئي. نہ منجهن سنڌيءَ ۽ پنجابيءَ جو ڪو فرق ئي هو.

اهو نقشو هوندو هو سيئو بزار جو. نانڪرام ۽ دوارڪاداس جون شاپون گڏ هوندیون هيون. بندوقان، ڪارتوس ۽ ٻيو ولايتي هر قسم جو سامان وٽن موجود رهندو هو. اسان پنجن رپين ۾ ايليءَ جي ڪارتوسن جو سيڪڙو بہ وٺائس ورتو. اڄ ته سؤ رپين بہ سيڪڙو ڪونہ ٿو ملي. خير انهن ٻنهي دڪانن تي مسلمان زميندارن جي اڇ وڇ تمام گهٽي هوندي هئي، خاص طرح سياري جي موسم ۾ وٺائئن هزارن روپين جو سودو نڪرندو هو. زميندارن وٽ ڪليڪٽر، ڪماني ۽ ڪمشنر جون منزلان ٽيندیون هيون. ڪڪڙ، چيلا، آنا گهٽو ڪري ماري[7] تي مهيا ڪندا هئا. ڪير ۽ گيهہ بہ راڄ تي هوندو هو. غريبان مار انهن موقعن تي ڏاڍي ٽيندي هئي، سڄو وقت هاري ناري چيڙ پيا وهندا هئا، صبح جو ساجهر ڏڪائيندڙ پاري ۾ گهران نڪرندا، شام تائين جهنگ هڪلرائي، بَڇَ ڪرائي، شڪار ختم ڪرڻ کان پوءِ ڪين ائين چڏي ڏيندا هئا، جيئن هرَ مان ڍڳو چوڙي چڏبو آهي. سڄي ڏينهن جي بک ۽ اُڄ هرڪو وڃي گهر لاهي. لاچاريءَ سبب ڪري جيڪڏهن ڪو ڪڙمي حاضر ٿي نہ سگهندو هو، ته ديري ۾ سندس

سجي بارِ ضبط ڪئي ويندي هئي. دانهن ڪوڪ ٻڌڻ وارو، داد ۽ فرياد وارو ڪير هو؟ مُنهن ۾ مات ته مِـنهن ۾ مات.

پر جي سچ پچو ته اهڙي دکي دؤر ۾ ۽ هرڪو خوش پيو لڳندو هو، منهن سيڪنهن جو جڙ سَرهو ۽ سُرهو پيو معلوم ٿيندو هو. اڄ جهڙي من جي مونجهه ۽ دل جي اداسي ڪانه هوندي هئي. ڪل، چرچي ۽ پوڳ واريون ڳالهيون ته ويون پر چڙو هاڻي مرڪ ۾ منهن تي ڪانه ٿي اچي.

* * *

لاڙڪاڻي ۾ سنڌي زبان جي ادب ۽ شعر و سخن جو ۾ ڏاڍو چرچو هوندو هو. گويا ان وقت، جيستائين مسلمانن جو تعلق آهي، لاڙڪاڻي کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. 'سانگي'، 'گدا' ۽ 'قليچ' جي دؤر ۾ اهو شرف حيدرآباد کي هو، اُتي اهو چهچٽو هوندو هو. جڏهن اتي مجلسان منتشر ٿيون ۽ جڏهن اها راند ڦٽي، تڏهن لاڙڪاڻي جو وارو وريو. حيدرآباد تي جنهن وقت خزان آئي، ان وقت لاڙڪاڻي ۾ ادبي بهار جي آمد ٿي. سنڌي ادب ۽ سنڌ جي ادبي تحريڪن جو سمورو معاملو ۽ مرڪز لاڙڪاڻي منتقل ٿي ويو.

'سانگيءَ' کي خدا جنت ۾ جايون ڏئي، هميشه پاڻ وٽ شعر و سخن جي مجلس ڪندو هو، شاعرن کي گڏ ڪري ڪانئن همطرح غزل پڙهائيندو هو. انهيءَ مجلس کي "شعر بازي" چئبو هو. مشاعري جي نالي مان اڄا ڪوبه واقف ڪونه هو. لاڙڪاڻو ئي سنڌ ۾ پهريون شهر آهي، جتي انهيءَ طرحي شعر بازيءَ جي ميڙ يا محفل کي، هندستاني طرز تي، "مشاعرو" سڏيو ويو ۽ پهريون پيرو مشاعري جا گهٽو ڪري سيئي آداب، سواءِ پان ۽ ٽڪدان جي، انهن مشاعرن ۾ استعمال ڪيا ويا.

لاڙڪاڻي ۾ جڏهن اهي مشاعرا شروع ٿيا تڏهن مون کي هوش ۾ ڪونه هو. مان ته گهٽو پوءِ 28-1927ع ڌاري اچي اهو رنگ ڏٺو. حقيقت ۾ انهن جي ابتدا مرحوم ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقيءَ[8] ڪئي هئي. 1919ع ۾ جيئن لاڙڪاڻي جي وٽرنري اسپتال جو ڊاڪٽر ٿي آيو، تيئن اچي مشاعري جو بنياد وڌائين. مرحوم هو پنجابي، ليڪن سنڌين جهڙو سڀاجهو ۽ چگو مڙس، دوستيءَ جو پڪو ۽

پختو، نيڪدل ۽ ايماندار، خود غرض اصل نہ، پنهنجي هموطنِن وانگر دوستيءَ کي تجارت نہ سمجهندو هو، ۽ نہ ان کي ڪم ڪيڙ جو هڪ ذريعو خيال ڪندو هو. دوستي محض دوستيءَ خاطر رکندو هو. اردوءَ جو سڀ شاعر ۽ اڪبر الهہ آباديءَ جو شاگرد هو. سنڌي سڀڌين جهڙي ڳالهائيندو هو. لاڙڪاڻي ۾ ئي هو، جو خلافت تحريڪ جي ابتدا ٿي، ۽ مرحوم جان محمد جوٽيجي هجرت جو سلسلو شروع ڪيو. سنڌي مسلمانن جي سياسي زندگيءَ ۾ هيجان آيو. شاهہ سائين تراب علي شاهہ قمبر وارو ۽ مرحوم جان محمد انهن تحريڪن جا علمبردار هئا. مهاتما گانڌي، مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي، ڊاڪٽر ڪچلو، ابوالڪلام آزاد وغيره سڀ لاڙڪاڻي ۾ آيا. باهہ ٻري ويئي، جلسا جلوس ۽ نعرا شروع ٿي ويا. انهيءَ زماني ۾ ڊاڪٽر صديقي مرحوم، قومي جوش پيدا ڪرڻ لاءِ، انگريزن جي خلاف سخت نظم لکي شاهہ سائين مرحوم کي ڏنا، جن سياسي مجلسن يا جلسن ۾ سخت هيجان برپا ڪري ڇڏيو. انگريزن ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ نظمن جي مصنف جو پتو لهن، پر ڪين آخر تائين خبر ڪانہ پئي تہ ڪو سندن ئي ملازم باغي آهي. اهي نظم نہ ڪٽي ڇپيا ۽ نہ اڄ ڪنهن کي ياد آهن. سالن پڇاڻان جڏهن اهي تحريڪون ختم ٿي ويون، ماڻهو ٽڏا ٿي ويا، هندو ۽ مسلمانن جو قومي نقطي نگاهہ ئي ڦري ويو، ان وقت اهي نظم شاهہ سائين مرحوم وٽ مان هڪ نوٽبڪ ۾ خوشخط لکيل ڏنا ۽ پاڻ ئي مٿيون قصو مون کي ٻڌايائون. بهرحال ڊاڪٽر صاحب مرحوم لاڙڪاڻي جي شاعرن کي گڏ ڪري اهي مشاعرا شروع ڪرايا. فقير علي محمد قادري مرحوم و مغفور ان دور جو پختہ مشق شاعر هو. 'الحقيقت'[9] اخبار سندس ملڪيت ۽ سندس ئي جاري ڪيل هئي. انهن مشاعرن جو انتخاب انهيءَ اخبار ۾ ڇپبو هو. منهنجو استاد حضرت 'خادم' لاڙڪاڻوي، پيارو ۽ منو دوست ميان غلام سرور قادري ۽ اسان جو مرحوم نواز علي خان 'نياز' بہ انهيءَ ابتدائي دور جا قادر الڪلام شاعر هئا. قادرين جو خاندان ۽ جعفرين جو گهراڻو ان زماني ۾ گويا علمي ۽ ادبي تحريڪ جو روح ۽ جان هو. جناب حاجي محمود 'خادم' نوجوان ۽ ڊاڪٽر صديقيءَ جو خاص شاگرد هو. اهوئي مشاعري جي ڪاروبار جو سيڪريٽري ٿيو. جڏهن مون کي شعر

شاعريءَ جو چسڪو لڳو، تڏهن سندس نالو ڏاڍو مشهور هو. شعر و شاعريءَ جي فن تي سنڌيءَ ۾ سندس لکيل هڪ ڪتاب چلڪٽي پني (آرٽ پيپر) تي نهايت سهڻو ڇپيل پڻ منهنجي هٿ لڳو، تنهنڪري فوراً خط و ڪتاب جي ذريعي شاگردي اختيار ڪري ڪانئس اصلاح ونڊ لڳس، ۽ سندس ئي حڪم تي لاڙڪاڻي جي مشاعرن ۾ اچي شريڪ ٿيس. ان وقت اڃا مشاعري جو ڦوهه هو، گهڻا شاعر پاڻ اچي شريڪ ٿيندا هئا، ۽ ڪيترا ٽپال رستي پنهنجا غزل موڪلي ڏيندا هئا.

* * *

مون کي هڪ هڪ شيءِ چٽيءَ طرح ياد آهي. ڇا ڏينهن هئا! الغرضائي، بي فڪري، نه ڪاڏي جو غم نه روزگار جي ڳڻتي، سڀ شيءِ سستي ۽ سهانگي، ڪمي ڪنهن شيءِ جي ڪانه، ڇهه آنا مزور جي محنت ۽ هڪ رپيو ڪاريگر جي ڪمائي هوندي هئي. آمدنيون جيتوڻيڪ ٿوريون ليڪن برڪت گهڻي، تنهنڪري ڪنهن کي ڳڻتي ۽ ڳاراڻو ڪونه هو. اڄ وارا مسئلا ملڪ ۾ هئا ئي ڪونه، جن جسم، جان، ذهن ۽ صحت کي چٽ ڪري، جيءَ کي صفا جهوري رکيو آهي. انگلينڊ جو نالو ٻڌبو هو، لنڊن جو رعب دلين تي هو، باقي نه آمريڪا هئي ۽ نه روس جو نشان هو. اسلامي ملڪن مان فقط بادشاهه دستگير يعني يارهينءَ واري پير جي ڪري بغداد ۽ خليفة المسلمين سبب ترڪيءَ جو نالو مسلمان کي معلوم هوندو هو. عيد ۽ جمعي جي خطبن ۾ هميشه ترڪيءَ جي سلطان جو نالو بطور بادشاهه اسلام جي ورتو ويندو هو. توڙي خليفي کان خلافت کسجي وئي ۽ مرحوم کي جنت ۾ به جايون ملي ويون، پر اها سُڌ سنڌ جي مسلمان کي پئجي ڪانه سگهي. سالن تائين هر جمعي ۽ هر عيد تي سندس عمر درازيءَ لاءِ دعائون گهريون ويندیون هيون.

ريڊيا ۽ هوائي جهاز ڪونه هئا، جن اڄ سڄيءَ دنيا کي هڪٻئي جي ايترو قريب ڪري ڇڏيو آهي، جو جيڪڏهن آمريڪا ۾ ڪو حادثو ٿئي ٿو تہ ان جو درد هتي اسان محسوس ڪيون ٿا، اتي ڪنهن جي دل ٽُٽي ٿي تہ 'ڪارونري' (Coronory Thrombosis) جو حملو اسان تي هتي ٿئي ٿو. ڪنهن کي ڪنهن جي ايڏي خبر

ڪانه هوندي هئي ۽ ڪنهن جو ڪنهن سان واسطو ڪونه هو. ٽوريون گهرجون، نندا مسئلا ۽ معمولي معاملا درپيش هوندا هئا، ذهن خواهه جسم جن کان ڪڏهن متاثر ڪونه ٿيو.

سنڌ جو پهريون ماڻهو خانبهادر کهڙو هو، جيڪو سڀ کان اول سنڌ جدائيءَ جي سلسلي ۾ هندن جي مقابلي لاءِ لنڊن هوائي جهاز ۾ ويو، ورنه هوائي جهاز جي سواريءَ جو ڪنهن کي تصور به ڪونه ٿيو هو. مون کي ياد آهي، مان پنهنجي واهڙ جي مسجد ۾ ان ڏينهن گلستان جو اهو سبق ياد ڪري رهيو هئس، جنهن ۾ هيءُ شعر آهي:

پسرِ نوح بابدان بنشست
خاندان نبوتش گم شد

نيرن مهل هئي، جو اوچتو آسمان ۾ گهوگهٽ ٿي ويو. سڄو ڳوٺ گهرن مان نڪري آيو، جڏ صورَ اسرافيل ٿي وئي ۽ قيامت اچي وئي! ايترو خوف ۽ ايڏو هراس هو. سِرڙ وانگر آسمان ۾ ڪا شيءِ اُڏامندي نظر آئي. ڪيترا ڏينهن اچرج ۽ ويسورو هو. ڏينهن پڇاڻان معلوم ٿيو ته هوائي جهاز هو. اِهو اُهو زمانو هو، جڏهن پهرين جنگ اڃا مس ختم ٿي هئي.

* * *

مطلب اهو آهي ته هر ڪو فڪرن کان خالي ۽ ذهني اذيتن کان آجو رهيو هو. "الوحيد" نيون تازيون خبرون آڻيندي هئي، ورنه ٻاهراڙيءَ ۾ گهٽو ڪري هفتيوار اخبارون ايندڙيون هيون، ۽ خبرن تي جڏهن هفتا گذري ويندا هئا، تڏهن ماڻهن کي حقيقت حال معلوم ٿيندي هئي.

لاڙڪاڻي جي "الحقيقت" اخبار مسلمانن جي اخبار هوندي هئي، جنهن جي پهرئين صفحي تي گهٽو ڪري نواب امير علي خان جي اُتيءَ ويڻيءَ جون خبران يا سندس شان ۾ قصيدو ڇپيل هوندو هو. ان جي مقابلي ۾ "لاڙڪاڻه گيٽ" هندن ڪڍي، جنهن جو ايڊيٽر ديوان ٿهلرام تلريجا هو. انهيءَ يَوَ کان ته متان پيٽ تان پتلون تِرڪي پيرن ۾ نه وجي پوي، سڄو وقت ابداڻي ۽ اڇڻ ۾ هٿ وجهيو پيئو سيئو بازار ۾ گهمندو هو. سندس پريس حاجي محمد درزيءَ جي پڪ ۾

هوندي هئي. ڪمن درزيءَ وانگر ديوان ٺهلرام ٻه هڪ ساهي آفيس ۾ ويهي ڪونہ سگهندو هو. هوڏانهن شاهي بازار مان ڪينچي هٽ ۾ ڪٽي ڪمن مرحوم نڪرندو ۽ هيڏانهن ابداٽي ۾ هٽ وجهي ديوان ٺهلرام آفيس کان ٻاهر ايندو. چهل قدمي ڪندي ڪندي ٻيئي اچي تلاءَ تي ملندا ۽ اتان وري هرڪو پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن موٽ ڪائيندو. اهي ٻہ اخبارون شهر ۾ مڪيہ هيون. "عالمگير" اخبار قاضي غلام نبي مرحوم گهٽو پوءِ ڪڍي، جيڪا هلي نہ سگهي. ديوان قسمت راءِ ڇڳاٽيءَ جي "ايڪتا" اخبار ٻہ ڪالهہ ڪلهوٽي ڳالهہ آهي، جنهن زماني جو مان ذڪر ٿو ڪريان، ان وقت قسمت اڃا 'ترڪ شيرازي' هوندو هو. خير، اها اصطلاح تہ ايران جي آهي، اسان جي پنهنجي ٻوليءَ موجب اڃا هو بلڪل لساٽ هو، ۽ حنيف وٽ تمام گهٽي اڇ وڃ هئس. حنيف تہ قدردان نہ هو، پر سچ پچ جڏهن مجلس ۾ ايندو هو، تہ سيڪنهن ماڻهوءَ جي جسم ۾ جٽ جان اچي ويندي هئي، ۽ جڏهن ويندو هو تڏهن ائين پيو محسوس ڪبو هو گويا دل ٻڏي ٽي. خبر نہ آهي اها ڪيفيت ڇو ٿيندي هئي. گهڻن سالن بعد هن "ايڪتا" پهريائين هفتيوار ڪڍي. جڏهن پير الاهي بخش پهريون پهريون روينيو منسٽر ٿيو، ان وقت نہ ڇڙو "ايڪتا" اخبار ڏيلي ٽي ويئي، بلڪ خود قسمت جي قسمت ٻہ ڪلي پيئي. سنگت ۾ جيڪو پهرين ڇڙو قسمت سڏبو هو ۽ هفتيوار "ايڪتا" وقت مسٽر قسمت سڏجٽ لڳو، سو يڪدم ديوان قسمت راءِ ڇڳاٽي ٽي، سنڌ جي ٻَڌيءَ ڇڙيءَ جو مالڪ بڻجي ويو. تلاءَ مٿان زميندار بئنڪ جي پڪ ۾ جيڪو سندس حجرو هو، سو هن ڇڏي ڏنو ۽ پوسٽ آفيس جي پٺيان هڪ وڏي جاءِ ونڻي ان ۾ رهڻ لڳو، جنهن جي دروازي اڳيان سنڌ جي هندو مسلم روينيو ڪامورن جا ڪٽڪ نظر ايندا هئا. اهي ٻہ ڪي ڏينهن هئا اڃ تہ اِها ٻہ سڌ ڪانہ اٿئون تہ پنهنجو اهو سنگتي رهي ڪٽي ٿو، حال حيات ٻہ آهي يا ٿيو رب ڏي راهي. انهيءَ پهرئين زماني ۾ نياز مرحوم سان ٻہ دوستي هئس. هڪ نياز ۽ هڪ حنيف چا! ڇاڪاڻ تہ پاڻ هندو مسلم ايڪتا جو قائل ۽ صوفي متن جو ماڻهو هو، تنهنڪري دوستن جو هڪ وسيع حلقو پيدا ڪيو هئائين.

پير الاهي بخش جي پنهنجي اخبار، جنهن جو نالو "شمشير اسلام" هو، سا ليٿوءَ ۾ ڇپجي، غالباً دادوءَ مان نڪرندي هئي. نالي جي بن پاسن کان ٻه تراريون ڏيکاريون ويندیون هيون، جيڪي ڪاتبن جي ڪرامت سبب ڪڏهن لنيون ٿي پوندیون هيون ۽ ڪڏهن لڪ وانگر ڏيکاربيون هيون ۽ ڪڏهن ته سجو عنوان اهڙي طرح گول مال ٿي ويندو هو، جو نه اخبار جي نالي جو پتو پوندو هو ۽ نه اسلام جي انهن تلوارن جو. اهو پير صاحب جي نوخيزيءَ جو قصو آهي. ان کان پوءِ پير صاحب عليگڙهه تعليم حاصل ڪرڻ ويو.

* * *

قصو شاعريءَ جو ٿي ڪيم، وچ ۾ ڳالهين تان ڳالهه نڪري آئي ۽ قصوئي وچ ۾ اور اچي ويو. پر اهي ڳالهيون به ته آخر انهيءَ زماني جون آهن، جنهن زماني جو تعلق مرحوم نياز سان آهي ۽ اورڻ جهڙيون به آهن.

خير، جڏهن مان اچي ساڻن شريڪ ٿيس، ان وقت مشاعرو "الحقيقت" آفيس جي پرسان، مرحوم علي محمد قادريءَ جي اوطاق تي ٿيندو هو. مشاعري جي 'طرح' ڪنهن اردو بيت جو ترجمو ڪري ڏني ويندي هئي. "الحقيقت" ۾ به ان جو اعلان ٿيندو هو ۽ ڪن خاص شاعرن ڏانهن ٽپال ۾ به خبر موڪلي ويندي هئي. باهرين شاعرن مان، مون کي ياد آهي، ڪراچيءَ وارو مرحوم غلام محمد "نظامي" هر مشاعري ۾ پنهنجو غزل موڪليندو هو. اُتي ڪراچيءَ ۾ "انجمن ترقي اردو" نئين نئين نڪتي هئي. ڪيترا هندستاني شاعر اُتي موجود هئا. ڪراچيءَ جي خاص رهاڪن مان فقط مير ايوب خان ۽ سندس پاءُ مير مقبول خان اردوءَ جا حامي ۽ اردوءَ ۾ شاعري ڪندا هئا. "انجمن" جي جاءِ اُهائي هئي جتي اُها اڄ آهي، يعني پاڪستان چونڪ وٽ، جنهن کي ان زماني ۾ لامبٽ مارڪيٽ ڪري سڏيندا هئا، پارسين جي پوتر آتشڪده جي پٺيان. اتي ئي اردوءَ جا مشاعرا ٿيندا هئا. نظامي مرحوم سنڌيءَ جو اڪيلو شاعر اُتي هو، تنهنڪري هُن پنهنجو واسطو لاڙڪاڻي جي مشاعري سان رکيو.

اهوئي دؤر هو، جڏهن سنڌي شاعريءَ جي معنيٰ فقط غزل سمجهيو ويندو هو، ڪافي ۽ ڏوهيڙو چوڻ نه ڇڙو ڪسر شان بلڪ علمي درجي ۽ ادبي عظمت جي

خلاف ليکبو هو. غزل ۾ لکنوي شاعرن جي طرز اختيار ڪئي ٿي ويئي، رعايت لفظيءَ ۽ غير مانوس تشبيهن تي زور ڏبو هو، ۽ ان کي ئي فني ڪمال سمجهيو ويندو هو. جيڪڏهن هڪ مصرع ۾ اک جو ذڪر ايندو، ته ٻيءَ مصرع ۾ 'آهوءَ' جو لفظ ضرور ايندو. 'ابروءَ' جو استعمال ٿيندو ته ٻيءَ ۾ 'ڪمان' ايندي. معشوق جي پنبڻين جي ڳالهه نڪتي ته 'پيڪان' يعني 'تير' جو قصو لازماً ڪيو ويندو، قنڌاري ڏاڙهن جو نالو ورتو ويو، ته يڪدم 'پستانن' تائين وڃي خيال پهچندو، سيب سمرقند جو هوندو، پر ان جو ذڪر لاڙڪاڻي جا شاعر جڏهن ڪنهن بيت ۾ ڪندا، ته اتي معشوق جي ڳلن جو معاملو مقصود هوندو، 'چاهه' (کوهه) ايندو ته "زنخدان" (کاڏي) جو اچڻ لازمي هو، غرض اهڙيءَ طرح غزل چيو ويندو هو، جو ان مان مزو فقط انهن کي ايندو يا سمجهندا ڇڙو اُهي هئا، جن "ناسخ" ۽ "آتش" جا ديوان پڙهيا هوندا يا ايراني شاعرن جي ديوانن کي اٿلايو هوندو. سنڌ جا ماڻهو سمجهن يا نه سمجهن، سندن شاعري پنهنجي ماحول جي آئينه دار هجي يا نه هجي، انهيءَ سان اسان جي شاعرن جو واسطو وجهه ڪونه هو.

اردوءَ جي ڪتابن جو سنڌ مٿان ايترو مارو ڪونه هو، ڪن ڪن عالمن وٽ ڪي مذهبي ڪتاب ڏسڻ ۾ ايندا هئا يا شاعرن جي اوطاقن ۾ هندستاني شاعرن جا چند ديوان ڏسبا هئا، جيڪي نولڪشور جا ڇاپيل ۽ ٽين چئين آني ۾ گهر ويني گهرائيندا هئا. حقيقت ۾ اُنهن ئي ديوانن جي ذريعي سنڌ ۾ سنڌي غزل جو آغاز ٿيو، جنهن جي ابتدا ٽالپرن ڪئي.

اسان جا ٽالپر حڪمران جڏهن قيدي ٿي ڪلڪتي ويا، ان وقت "مٽيا بُرج" ۾ واجد علي شاهه به باندي هو. اَوڌ جي انهيءَ بدنام ٿيل بادشاهه جو اُتي به مشغلو اهوئي ساڳيو هو، يعني اردوءَ ۾ نهايت پست شعر چوڻ، يا پُڻتي ڇڏي آيل پنهنجي لاتعداد سريتن ڏانهن هجر ۽ فراق جا قصا نهايت فحش ۽ بازاري زبان ۾ لکڻ[10]. مٽيا برج ۾ اردوءَ جا ڪيترا شاعر رهندا هئا، خود اردوءَ جي مشهور ناول نويس عبدالحليم "شرر" به مٽيا برج ۾ پرورش حاصل ڪئي. مٽيا برج جا اهي شاعر ٽالپرن وٽ به ايندا هئا، ۽ انهيءَ آمدورفت ٽالپرن ۾ اردو شاعريءَ جو

چسڪو پيدا ڪيو. ابتدا ۾ هنن اردو غزل ناهيا ۽ رفتي رفتي انهيءَ اردو غزل سنڌ ۾ اچي سنڌي غزل جو روپ اختيار ڪيو.

عبدالحسين "سانگيءَ" ۽ گدا شاهه وٽ اردوءَ جا ڪيئي ديوان هئا، گدا شاهه جو ته اُنهن سا ايترو شغف هو، جو سفر ۾ پڻ پاڻ کان ڌار نه ڪندو هين. چنانچه جڏهن نڪتي ويو، ته پاڻ سان "آباد"، "آتش" ۽ "ناسخ" جا ديوان به ڪنيو ويو، جن جي مطالعي کان پوءِ 'تڪملي' جي مؤلف، مخدوم خليل، نمونتاً اردوءَ جا چند غزل جوڙيا.

اهڙيءَ طرح سنڌ جي غزل گو شاعرن وٽ اردو ديوانن جو مڙيو ئي ٿورو گهڻو ذخيرو هوندو هو. لاڙڪاڻي جي مشاعري جي طرح به اردوءَ جي ڪنهن بيت جو سنڌي ترجمو ڪري، تجويز ڪئي ويندي هئي. گويا "غزل گو" شاعرن جي دماغي افلاس ۽ تخيل جي فقدان جي انهيءَ حد تائين افسوسناڪ حالت هئي، جو هو هڪ مصرعو به پنهنجو تخليق ڪري ڪونه سگهندا هئا. انهن ئي ديوانن مان خيال، ترڪيبون، اشارا، ڪنايا، تشبيهون ۽ رعايت لفظيءَ جا نمونا هٿ ڪندا هئا. مون کي يقين آهي ته قافيا ۽ رديف به انهن منجهان ئي مهيا ڪيائون ٿي. پلا 'نخچير'، 'تحرير' ۽ 'تزوير' جو قافيو سنڌيءَ ۾ ڪٿان آيو! خود مان پاڻ به جڏهن شاعريءَ جو شوق ڪيو، ته سنڌي شاعرن جو اهوئي صدري نسخو استعمال ڪندو هيس.

سنڌيءَ جي اِنهيءَ قسم جي شاعريءَ جو سمورو سرمايو ديوانن ۽ بياضن جي اندر دفن ٿي ويو، قبول عام جي خلعت سنڌ اندر ڪڏهن حاصل ڪري نه سگهيو. پلا تشبيهان ۽ محاورا، خيال ۽ استعارا، سيئي هوندا لڪنو جي طوائف خانن جا، يا ايران جي ميخانن جا، سي ڪٿ ۾ رهندڙ ۽ ڦوڳ تي گذارو ڪندڙ ويچارا سنڌي ڪٿان سمجهي سگهندا؟

بمبئي سرڪار جو چپايل شاهه جو رسالو نه ڪنهن سنڌي شاعر پڙهيو هو، ۽ نه ڪنهن شاعر کي اها شاعري پسند هئي. ان کي 'ڪُوناڻي شاعري' سمجهيو ويندو هو. ڪافي ۽ بيت جوڙيندڙ کي شاعر ڪونه سمجهندا هئا، بلڪ چوندا هئا ته فلاڻو ٺُڪبند آهي، انهيءَ شاعريءَ کي 'دهقاني شاعري' سڏيندا هئا، گويا شهرن

يا شهر ۾ رهندڙ اُنهن اعليٰ دماغن سان سنڌيءَ جي پنهنجي شاعريءَ جي ڪابہ مناسبت ڪانہ هئي!

* * *

سنڌ جو ڪافي ۽ ڏوهيڙو سڄيءَ سنڌ ۽ ان جي عوام تي حاوي هو. شاهہ جا بيت ۽ ڪافيون ٻاهراڙيءَ جي ڪچهرين ۾، دهقانن جي اوطاقن ۾، ۽ چاندوڪيءَ جي نوراني راتين جو، ڏکڻ جي ٺڏيءَ تنوار ڪُلڻ بعد ڳوٺڻن جي ڪشادن ايوانن ۽ اڱڻ ۾ چيون ويندیون هيون، سمجهيون ويندیون هيون، ۽ ڳايون ويندیون هيون. خدا بخشي گربخشاڻي مرهيات کي، جنهن حقيقت ۾ شاهہ جو رسالو، جديد طرز تي انگريزي نموني جي تحقيق سان ۽ سهڻي نموني، ڇاپرائي، ڪامورن جي ذريعي زوريءَ مسلمانن تائين پهچايو. ليڪن ان ڪان پوءِ بہ بطور فيشن جي جيئن هاڻي هرڪو شاهہ جو ماهر نظر پيو اچي، يا هراهل نااهل جي زبان تي شاهہ جو بيت آهي، اهڙي شهرت شاهہ جو ڪلام حاصل ڪري نہ سگهيو. خود شاهہ جي ميلي جي ڪنهن شهري مسلمان کي خبر ڪانہ هوندي هئي. ويچارا غريب غربا گڏ ٿيندا هئا، سڄي سال جا ٽڪ ۽ ماندگيون ٽي چار ڏينهن ميلي ۾ رهي لاهيندا هئا، شاهہ جون زيارتون ڪري، درگاهہ تان دعائون گهري، وايون ۽ بيت ٻڌي، جليبيون ۽ ڪارڪان ۽ ڪرما ڪائي، گنبٽُ ۽ ڪنڊ ڀڳڙا، پکي مٺائي ۽ ريوڙيون پنهنجي ٻارن لاءِ ونڊي، پکن وارِنِ جي پکن ۾ پيهي، پنڌتي پيا موٽندا هئا. شاهہ جو ميلو غريبن جي ملڪيت هو، غريب ئي اتي وڃڻ فرض سمجهندا هئا، وڏن ماڻهن يا جن کي معزز سمجهيو وڃي ٿو، يا قوم جي جنهن مخصوص طبقي جو نالو 'ليدر' آهي، انهن جي انهيءَ طرف نڪو ايرهو نڪو پير.

ليدرن، حاڪمن ۽ وڏن ماڻهن کي ميلي منجهہ آڻڻ جي بدعت تہ اسان جي جي. ايم. سيد سائينءَ هاڻي پيدا ڪئي، جڏهن ڪيس معلوم ٿيو تہ شاهہ کي بہ سنڌ جي سياسي ضرورتن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. ميران محمد شاهہ سائين بہ پوءِ ڪُڏي اچي تڏهن وچ ۾ وينو، جڏهن سياست ۽ ليدريءَ مان ڪيس هر طرح فراغت ۽ فارغ البالي نصيب ٿي ۽ اهو ڪيس خيال آيو تہ شاهہ بہ متعلوي سيد

هو ۽ پاڻ ۾ مٺيارين مان آهي ۽ شاهه جي رديف ۾ ان ڪري سندس قافيو پوريءَ طرح فٽ ٿيندو:

في الجمله نسبتي بتو كافي بود مرا،
بلبل همين كه قافيه گل شود، بس است!

سڀ کان پهريون جي. ايم. سيد سائين پاڻ ميلي ۾ منزل انداز ٿيو، پوءِ پيرزادي عبدالستار کي معه بيگم صاحبه جي آندائين، ڇاڪاڻ ته هو سنڌ جو چيف منسٽر هو. چيف منسٽر جو نزول ٿيو، ته ان جي اعزاز ۾ ڪامورن به اچي ڪيمپان هنيون، ۽ پوليس جي عملدارن به اچي خيما کوڙيا. اهڙيءَ طرح رفتي رفتي غريب غربي جي انهيءَ تفريح گاهه کي به سرڪاري مال يعني 'آن هز مئجسٽيز سروس' بڻايو ويو. پوءِ جڏهن خود سنڌ ٻين جي ور چڙهي ويئي، تڏهن انهيءَ ساڳئي شاهه جي مزار اڳيان اُهي ڪيل ڪيليا ويا، جنهن جي سڃي زندگي 'عمر جي ڪوٽ' ڪيرائڻ لاءِ آهون ۽ دانهون ڪندي گذري، جنهن چيو ته:

منهنجي آهه اِها! كڏهن كيرائيندي كوٽ كي!

حاڪم اتي آيا، عملدار انهيءَ جاءِ سان آشنا ٿيا، ۽ خسيس، چاپلوس ۽ سگ دروازه صفت ڪامورن ڪڙن کي اڳيان ۽ پوئتان ڪري، انهيءَ عوامي ميلي ۾ ڏاريائپ ۽ طبقاتي فرق جو هڪ درد انگيز نظارو پيدا ڪيو ويو. ورنه ست ڏارين حاڪمن جو ڪهڙو ڪم، جو انهيءَ قسم جي غريب نوازي فرمائين؛ ڪنهن دور دراز سرڪار سڳوريءَ کي ڪو اهو جڳائي، جو پاڻ هلي اچي ميلي ملاکڙي کي شرف بخشي؛ آمرن ۽ اميرن جو اهو شان نه، جو راهڪن ۽ رعيتين ۾ اچي، انهن جي گوشه ڪلاه کي آسمان تائين رسائين ۽ انهن جي تڏن تونئرين ۽ رلين لِڙڙن تي اچي رونق افروز ٿين، سمي جام کي اهو مور نه جڳائي، جو ڪينجهر جي ڪنڌين تي اچي تنبو تولان هڻي، ۽ سوئي وري اُنهن وٽ جن جو سڃو سات ئي لُٽجي ويو هجي ۽ جن جو سمورو قافلو ئي ڪيچي ڪاهي ويا هجن!

مطلب تہ شاهہ جي ميلي تي صاحبن جا گفتا، حاڪمن جا حڪم ۽ فرمان، ۽ آمرن جا خطاب ۽ خطبا نيٺ اچي جي. ايم. سيد سائينءَ جي "سجاڳيءَ" لاءِ مچيل ماركن ۾ نافذ ٿيڻ ۽ نشر ٿيڻ شروع ٿيا.

ز گلفروش ننالم كز اهل بازار است
تپاک گرمئ رفتار باغبانم سوخت

پر ڇا ڪجي جي. ايم. سيد وري بہ تہ اسان جو پنهنجو سائين آهي، ڏاڍو منو ۽ پيارو. سندس هر حرڪت ڪيڏو بہ زخم رسائي ۽ سندس فيصلي جي غلطي ڪيترو بہ نقصان پهچائي، ليڪن ان تي دانهن ڪرڻ ۽ ان تي فرياد ڪرڻ ڪو اسان کي جڳائي؟ دريا خان دولهہ[11] کان پوءِ سيد ۽ جتوئي ۽ عبدالمجيد جهڙا سپاهي ڪي سنڌ کي ملندا! اهي سنڌي مائون ئي مري ويون، جيڪي مهراڻ جي ماٽريءَ کي اهڙا پٽ جڻي ڏيندیون هيون.

* * *

ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن هليو ويس. لاڙڪاڻي جو ذڪر هو، پٽ ڏڻيءَ وٽ وڃي پهتس! پر اهي ڳالهيون بہ تہ آخر ڪرڻ جهڙيون آهن، اهي سور بہ تہ نيٺ سلڻ وٽان آهن، دل جو چاڪ چڪي چڪي جڏهن ناسور ٿي پوي، تڏهن شڪايت ڪٽي نہ ڪجي پر ان جي حڪايت جو تہ حق هجڻ گهرجي. آخر اسان بہ تہ گوشت پوست جا نهيل آهيون، نہ پٿر آهيون، نہ اهڙا ناسودي ۽ بي غيرت. پر هاڻي ڇا ٿيندو، جڏهن مُهرائي مات کائي ويا!

گفتني نيست كہ برغالب ناكام چہ رفت
ميتوان گفت كہ بيچاره خداوند نداشت

جنهن عهد جي ڳالهہ هتي ٿي رهي آهي، اهو عهد هو جڏهن قليچ بيگ جي وصال ڪرڻ بعد مسلمانن ۾ ڪوبہ مشهور نثر نويس (علمي نثر نويس) ڪونہ هو. ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم، ڏٽي شل جنت ۾ ڪيس جايون ڏئي، گهٽو پوءِ ميدان ۾ آيو. شاهہ جي رسالي نڪرڻ کان پوءِ، هن شاهہ ڪريم جو رسالو ۽ ٻيو هڪ بہ سنڌي ڪتاب نئين طرز تي شايع ڪيا. فقط هڪ مولانا دين محمد وفائي پيو ٻڌبو هو، جيڪو اڪيلي سر وتندو هو سنڌ جي سر زمين ۾ سنڌ جي تاريخ

کي ڳولينڊو ۽ لهندو. هندن البت اعليٰ اديب ۽ نثر نويسيءَ جا استاد موجود هئا، منجهن نہ فقط شاهہ جو چرچو هو، بلڪ شاهہ کي سچا پچا سمجهڻ وارا ۽ انهن جي ئي پڙهيل طبقي ۾ لينڊا هئا.

هاءِ! هاءِ! مرحوم ڪاڪي جينمل پرسرام جو نالو چئي ڪٽي بس ڪر. سنهي سنهي سفيد سونهاري، هميشه پيو ڪلندو. ڏسندو، تہ ڏُکي اچي پاڪر پائيندو. ويهندو، تہ پيو بهار بهار ٿيندو. شاهہ جا ڏوهيڙا ۽ پيو ڏينڊو، ۽ انهن جا راز ۽ رمزون ۽ پيو سمجهائيندو. جڏهن 'شاهہ جون آکاڻيون' سنڌي نثر ۾ لکي پيش ڪيائين، تڏهن اسان جي ادب ۾ جنسي انقلاب اچي ويو. ساڳي اُها شاهہ واري زبان، مصريءَ ۽ ماکيءَ جهڙيءَ مني، اهڙي نازڪ جهڙيون اسان جي مسڪين مارُن جي معصوم نياڻين جون دليون، ايڏي نرم جهڙو ڪنهن ڳوناڻيءَ بختاور جي هٿن جو ڪديل مکڙ ۽ ايتري سڀاجهي جهڙيون پائرن لاءِ اسان جي ملڪ جون پينرون ۽ وڏور ڏيئرن لاءِ اسان جي ملڪ جون مائرون. پڙهندي ائين پئي روح کي راحت رسندي، جيئن جڙ سانوڻ جي چانڊوڪين راتين ۾ ڏکڙ گهُلِي، هينئون پيو ٺاري.

پروفيسر شاهاڻي قداور مڙس، ڏاڙهي مُڇان ڪوڙيل، رنگ جو گورو، سوٽ بوٽ پاتي کان پوءِ جنسي صاحب لوڪ پيو لڳندو هو. هڪ دفعو مرحوم کي مان ۽ ڏنو: ڪنهن ڪونسل جي ميمبريءَ لاءِ اميدوار بينو هو، ڏاڏي ۽ والد مرحوم کان ووٽ ونڊ اسان جي ننڍڙي ڳوٺڙي ۽ شهر جي واءُ ساءُ کان اوٽائتي واهڻ ۾ پاڻ هلي آيو. سندس "بلو ڪوڪر" پوءِ چپيو ۽ پڙهيم.

ڊاڪٽر گربخشاڻي، خدا بخشيس، پهريون سنڌي آهي، جنهن انگريزي وضع قطع تي اسان کي ڪتاب ايڊٽ ڪرڻ ۽ ان جي تصحيح ڪرڻ جو نمونو ڏيکاريو ۽ راز سمجهايو. برٽش ميوزيم جو نالو، يا ان ۾ ۽ ڪي سنڌي ڪتاب ٿيندا آهن، اها خبر ۽ ڪانئس ئي اسان کي پَئي. "نورجهان" ۽ "لنواريءَ جا لال" ۽ سندس ئي سوڪڙيون آهن. مطلب تہ ڪهڙن جا نالا ڪٽي ڪهڙن جا ڪٽجن - پيرومل مهرچند خواهہ لالچند امر ڏنو مل گهٽ هئا؟ هرهڪ زبان جو عالم ۽ نثر نويسيءَ جو استاد هو. البت شعر چوڻ سو هندن کي ڏاڻءِ ڪونہ ايندو هو. پهريون شاعر،

جيڪو مان ٻڌو، سو ڪشنچند "عزيز" هو، جنهن پنهنجي شعر جا ڪتاب انهيءَ دور ۾ ڇپايا، ۽ جنهن جي شاعريءَ ۾، فارسي اکرن جي ڪثرت هوندي به، اوريجنل خيال هئا ۽ پنهنجي ماحول سان تعلق رکندڙ ڳالهين کي بيان ڪيو ويو هو.

* * *

اصل ڳالهه هئي ته ان زماني ۾ اسان جي شاعرن جو غزل تي زور هو، ۽ اهو غزل به نيٺ سنڌيءَ ۾ نه، ۽ جيڪي خيال سي به ماحول متعلق ڪونه. فارسيءَ جا اُهي غير مانوس اکر آڻيندا هئا، جن جو صحيح استعمال فقط فارسي زبان ۾ ئي ٿي سگهيو ٿي. سنڌيءَ منجهه انهن کي آڻڻ ائين هو، جيئن ريشم جي ڪپڙي ۾ بافتي جي چتي هڻڻ.

اهوئي سبب هو، جو سندن غزل ۽ گفتا عوام جي زبان تي اچي ڪونه سگهيا، ماڻهن ۾ اهي ئي پنهنجن شاعرن جون ڪافيون مشهور هيون، ۽ سندن مجلسن جو سينگار ۽ سندن روح جي ريجهه اهائي شاعري رهي، جيڪا هو سمجهي سگهيا ٿي، ۽ جنهن ۾ سندن پنهنجا جذبات ۽ ڪيفيتون بيان ٿيل هيون.

زنده شاعرن مان مولوي ثنائيءَ جو ڪلام مقبول هو، مولانا غلام رسول جتوئيءَ جا مولود ۽ ڪافيون به جهنگ جهر ۾ ماڻهو ڳائيندا وتندا هئا. اهي ٻيئي شاعر باقراڻِن جي طرف جا هئا، شڪارپور جي پاسي جا مشهور شاعر هوا: مرحوم علينواز علوي، ٻيڙو فقير، مولانا همايوني مرحوم، ۽ "غمدل" تخلص جو هڪ شاعر، جنهن جي هڪ ڪافي نه ڇڙو هرهڪ جي وات تي هئي بلڪ ماڻهو ان تي وجد ڪندا هئا - نالي واري هڪ ٽڪ ياد پوي ٿي:

غمدل گولي آهيان، ٻِرهُ وِسيلو پانيان،
ڪيچ ڏڻِن ڏي ڪاهيان، واهرَ ويرُ وري.

خبر نه آهي ڪافي ڪنهن چئي، ليڪن هينين ڪافي به جڏهن ڪو سُرَ سان ڳائيندو هو، تڏهن ڇڻ دل مٺ ۾ اچي ويندي هئي:

ويا ٿم رات پنهون مون ڪان ڏير ڦري،
جن ريءَ ساعت منهنجي ڪانه سري،

ويا ٿر رات...
هئي ڏاه ڏنل کا ڏاگهن کي،
آيا آڏيءَ رات اوطاقن تي،
ويا ڏوبڙ سان کيڏو ڪِيس ڪري،
ويا ٿر رات...

انهن عوامي شاعرن جون کافيون فوراً عوام جي زبان تي اچي ويندیون هيون، هوڏنهن کافي ڏهي هيڏنهون سنڌ جي ڪنڊڪڙ ۾ مشهور ٿي، ماڻهن کي تي هٿ رکيو ۽ "الوميان" ٿي وئي، نه کافيون اخبارن ۾ ڇپيون، نه مشاعرا ٿيا، ۽ نه انهن جو انتخاب ڪنهن اخبار ۾ آيو- فقط خداداد مقبوليت ۽ محض قبول عام جو شرف سندن ڪلام ۽ گفتن کي حاصل هو.

اهي عوامي شاعر عوام جي زبان مان ئي کافيون ٻڌي هڪٻئي جو تتبع ڪندا هئا. مثلاً، هڪڙي شاعر ٻئي جي کافي کنهن کان ٻڌي، کيس پسند آئي، فوراً هُن ان جو تتبع ڪيو، ۽ اهو به ساڳيءَ طرح مشهور ٿيو، ان تي ٽئين شاعر جواب ڏنو، ۽ اهو پڻ زبان زد عام ٿي ويو. اهڙيءَ طرح هڪٻئي پٺيان عوام جي ذريعي سان ڪيترا شاعر هڪٻئي جو تتبع ڪندا هئا. اهوئي سندن مشاعرو هو، ۽ اهائي سندن اخبار هئي. انهيءَ زماني ۾ حضرت مولانا همايوني عليه الرحمة جي هڪ کافي ڏاڍي مقبول ٿي.

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا!
زندان هزارين، مان نه رڳو!

کافيءَ جو تخليق ٿيڻ هو ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ باهه ٻري وئي، نئون خيال ۽ نئين طرز، سُر سنو، لفظ چيدا، ۽ تکن مٿان تکان اهڙيءَ طرح بيٺل، جڏ هيرن ۽ موتين جو جڙاءُ ٿيل آهي. فوراً ميان علي نواز علويءَ جواب ڏنو:

تنهنجي حسن سڃڻ حيران ڪيا،
انسان هزارين مان نه رڳو!

سائين صالح شاهه راڻيپور وارو انهيءَ دور ۾ وڏي پيريءَ مُريديءَ وارو بزرگ، ۽ ساڳئي وقت، دستور جي خلاف، ذوق جو صاحب ۽ شعر و سخن جو به شوقين

هو. هُن بہ انهيءَ جي تتبع تي ڪلام ناهيو. اسان جو مائٽ، قمبر جي پرسان گهٽهڙ ۾ رهندو هو، سائين معشوق شاهہ نالو، جهڙو صورت جو معشوق، تهڙو سيرت جو معشوق، ۽ تخلص بہ "معشوق" هيس. مان ڪيس ست پنجهٽ ۾ ڏٺو. انهيءَ ڪافيءَ جي جواب ۾ هن بہ ڪافي ناهي جيڪا پڻ ساڳيءَ طرح مشهور ٿي وئي. مطلب تہ سڄيءَ سنڌ ۾ هڪ عجب چهچٽو لڳي ويو. انهيءَ ڪافيءَ لاءِ نہ شاعر ڪٽي پاڻ ۾ گڏيا ۽ مشاعرو ڪيائون، نہ 'الحقيقت' اخبار ۾ سندن انتخاب شايع ٿيو، نہ سامعين ڪرام موجود هئا ۽ نہ "واهہ، واهہ" ٿي نہ "مڪرر، مڪرر" جي ڏماچوڪڙي متي. ڪافيون هيون عوامي زبان ۾، عوامي جذبات سان پريل ۽ ماحول جون آئينہ دار. ماڻهن هٿئون هٿ انهن ڪي انهن جهٽي ورتو ۽ فوراً مشهور ٿي ويون.

پيرل فقير، حاجي خانڀ، اميد علي شاهہ، خوش خير محمد ۽ مصري شاهہ - هاڻي تہ ڪنهن ڪي ياد بہ نہ آهن، ليڪن اُنهيءَ دور ۾ سندن ڪلام ڪي ڏاڍو ڳايو ويندو هو. هر شوقين ۽ هر ذوق واري ماڻهوءَ ڪي انهن جون ڪافيون برزبان هيون، فرصت جي وقت ۾ ۽ رهاڻ جي مهل انهن جون مصراعون جهونگاري پيا روح ريجهائيندا هئا. پيرل فقير جي هيءَ ڪافي هر ڪنهن جي زبان تي هوندي هئي:

خوش ٿو گذارين منهنجا منا، عاشق تنهنجو آ عذاب ۾...
او خوش ٿو گذارين-

بن پيو جُدائيءَ جو جئڻ، آڇڻ زهر جو پيالو پيڻ،
پنهنجي يار ڪئون دم ڏار ٿيڻ، لکيو ڪهڙي آ ڪتاب ۾!
او خوش ٿو گذارين-

ليڙو پاتوءَ لڪئون لکي، عمر گذاريم ساري سکي،
تقصير رب ڏنهن جا لکي، بڻي بنديءَ جي تہ باب ۾،
او خوش ٿو گذارين-

جن کي لڳي جيءَ ۾ جڙي، سڪ سوز ۾ ويڙا سڙي،
جئري ڪڍهن ملندين وري، نہ تہ منهڙو ڏيکارج خواب ۾،
او خوش ٿو گذارين-

”پيرل“ چوي پڪ جاڻ تون، ڏک جا گذاريم ڏينهن مون،
سرڪار رب جي روبرو، هرڪو ايندو تہ حساب ۾،
او خوش ٿو گذارين-
پيرل جي هيءَ بہ ڪافي ڏاڍو سوز پيدا ڪندي هئي:
منا ماڻهو اسان کان ڇو، مٽي منهڙو رهيا ويهي،
منا ماڻهو-
لوئي هيءَ لال ٽيم ليڑان، جهڄي جيئڙو ٽيم جهيڑان،
سوين تان سور ڏين پيڑان، تنهن جي ڪل ٿا پڇو ڪيهي،
منا ماڻهو-
قضا هن قيد قسمت ڪيس، منن مارن کان وسري ويس،
پڇايان روز ڏوٽن ڏس، ڪڏهن ايندا پکي پيهي،
منا ماڻهو-
قضا جي قلم جون ڳالهيون، سڙيءَ قسمت سيئي پاڙيون،
جدا ٿا ڏينهڙا جاليون، ايندا شل، جيءَ گهريا جيئي،
منا ماڻهو-
چوي ”پيرل“ اسان پرين، وسارڻ هنئين نہ واجب هن،
اسان کي سڪ سدا سندين، انهن جي رمز دل ريهي،
منا ماڻهو-

ڏاڏي مرحوم جي وفات کان پوءِ سندس هڪ سنگتي، هميشہ جڏهن ڪيس ياد ڪندو هو تہ گهٽي تائين ڳڻ ڳائي آخر ۾ پيرل فقير جي هيءَ ڪافي ڏاڍيءَ درد پريءَ لئي منجهان جهونگاريندو هو:

اَلهہ آڻيندوءِ اڳڻ اسان جي، حال جا محرم سوڍل سياڻا،
اَلهہ آڻيندوءِ-
جهونيون ڏٺيم تنهنجون جانب جايون، جيڪي هٿن سان تو ٿي ٺاهيون،
اچي تہ ڏٺم تنهنجا پلنگ پراڻا،
حال جا محرم-

ڪانہ جو ڪَيوَ مون سان الله ٻيلي، جندڙي ڇڏي ويا منهنجي اڪيلي،
انهن ڏکن مان آءٌ ڇا ڇاڻان،
حال جا محرم-
سون طبيبن ستيون سنبرايون، حال مئيءَ جو ڏسي وجن ورايون،
دونهان درد جا ڪين اجهاڻان،
حال جا محرم-
پرين "پيرل" کي ويهہ نہ وساري، جئري جانب وَڃُ منهڙو ڏيکاري،
تولءِ روئن ٿا منهنجا نيٽ نماڻا،
حال جا محرم-

ڪافي چئي پاڻ بہ روئندو هو ۽ جسين پاڻ، خدا جنت نصيب ڪريس، جيئرو هو تيسين اسان کي بہ روئارينڊو رهيو. حاجي خانٽ جون بہ ڪيتريون ڪافيون مشهور هيون، سال لنگهي ويا، اهي ذوق ئي ماڻهن منجهان ڇڏي ويا، هاڻي تہ انهن جي ڪا مصرع بہ ياد ڪانہ ٿي پوي، هڪ ڪافيءَ جي پڇاڻي هيءَ هئي،
حاجي خانٽ حُب جي، پيتم ڪيف ڪڙي.
ياد نٿو پوي، الائي هيءَ ڪهڙي بزرگ جي ڪافي آهي، فقط ٽلهہ ياد پوي ٿو-
جن جي هٿئون ويڙا پرين، تن ڪئون پڇو سُڌِ سور جي.
هر ڪنهن جي وات ۾ انهيءَ ڪافيءَ جي بہ وائي هوندي هئي. يا هيءَ ڪافي،
لايون ٿو نينهن نندان ڪرين، سمهين ٿو ساري رات،
لايون ٿو نينهن-
يا
خواب لڏم تہ اباڻي آهيان،
عمر اجوڪڙي رات! مان وَرهہ ٿي پايان،
خواب لڏم تہ اباڻي آهيان،
عمر اجوڪڙي رات-
ياد نہ آهي تہ ڪنهن جي چيل آهي، هيءَ ڪافي بہ ڏاڍي مشهور هئي:
منا مارو! اَلَهُ آڻئي، دلين جا داغ وڃ ڏوئي،

منا مارو-

جڏهن هن ڪافيءَ جو آلاپ ٿيندو هو، تہ ٻڌندڙن جا ڳچ ڳري پوندا هئا:

پيرين پوندي سانِ چوندي سانِ،

او! رهجو رات ڀنيور ۾!

پيرين پوندي سانِ،

مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي، جڏهن چانڊوڪيءَ ۾ اڌ رات نہ ٿيندي هئي، تہ ڳائيندڙ هيءَ ڪافي شروع ڪندا هئا،

ڄام عمر! مون تہ ڄائي، سانگيئڙا! مون سامائي،

آيو عيب اباڻن تي،

ڄام عمر-

هيءَ نہ هيءَ مهل پوري ڳوٺ ۾ ٽرٽلو پئجي ويندو هو، سڄي ڏينهن جون پورهيت مايون الهوٽ ننڊ مان اٿي ڪڙيون ٿيندیون هيون. پلا مارئي درد منجهان دانهن جو ڪري چوندي- حيف آهي منهنجي ڄمڻ تي، جو اباڻن کي ٽڪو لڳو، ڦٽڪار منهنجي سامائجڻ تي، جو منهنجي مارن جي عزت تي حرف اڇي ويو، جي ڄمان ئي نہ ها، تہ مير عمر! تون مون کي ڪٽان ڪٽين ها، چو منهنجا مارو خوار ٿين ها! هئي هئي،

آيو عيب اباڻن تي،

ڄام عمر مون تہ ڄائي، سانگيئڙا مون سامائي،

آيو عيب-

اهو آلاپ ٻڌي، اکين جي ننڊ ڪيئن نہ اُڏامندي! اهي ٽڪل ٽٽل مايون آخر تہ مارئيءَ جون هم جنس هيون.

راڳي اها ڪافي پوري ڪندو ئي مس، مجلس مان آواز ايندو، "واه سائين، واه! جوڙو ٿي وجي!" ڪن تان هٿ لٿو نہ لٽي جهڙو، وري هيءَ ڪافي شروع ڪندا هئا:

مان ڏي مارن موڪليا ير سوين سنيها چائي!

سانگين مان ڏي موڪليا ڏک ڏوراپا چائي-

اهي کهڙا ڏوراپا هئا!

منڙو ريڏُئي مارئي، نہ تہ بندُ نہ ٻُڌي کنهن پائي!

الا! مان ڏي.

پنهنجو من ريڏئي، اي مارئي نہ تہ ٻيو تہ کو عمر جي ڪوٽ ۾ قيد ٿي سگهي!

غريب مارئي مارن لاءِ ڪيڏي نہ اذيت ۽ ڪشاڪش ۾ مبتلا هئي، ۽ هميشہ ماندي، ۽ هر وقت پئي وڃڻ لاءِ واجهہ وجهي. هڪ طرف اِها هوري ۽ جهوري، ٻئي طرف مارو پيا اوڙاپا ۽ ڏوراپا ڏينس:

منڙو ريڏئي مارئي نہ تہ بندُ نہ ٻُڌي کنهن پائي! الا.

ڏسو ٿا، بعض دفعا صحيح خبر نہ پوڻ ڪري حقيقت جي خلاف ڪيڏي نہ غلط فهمي پيدا ٿي پوي ٿي!

سچل سائينءَ جو ڪلام، شاهہ ڪان پوءِ ٻُڌي نمبر تي ماڻهن کي ياد هوندو هو. اهي ٻہ وڏا عوامي شاعر هئا، جن کي هرڪو ماڻهو سيني سان لايون وتندو هو، ۽ اهي ئي ٻہ شاعر هئا، جن کي زنده دل هندن ٻہ چمي اکين تي رکيو. هزارين هندو درازن جي درگاهہ جا مريد هئا، تنهنڪري سچل کي شاهہ وانگر ڪو گربخشاڻي نصيب ٿي ڪونہ سگهيو. صوفي فقيرن جا جٿا هوندا هئا، جيڪي سچل جو ڪلام سڃيءَ سنڌ ۾ ڳائيندا وتندا هئا. گيڙو لٺا پيل هوندا هئن، پيرن تائين چولو ۽ هيٺ تي گوڏ، مٿو اگهاڙو، ٻانهن ۽ ڳچيءَ ۾ مٽين جون مالهائون- ڪشتو ٻہ هوندو هين ۽ يڪتارو ٻہ. يڪتارو ڪٽي، هٿ ۾ چپڙيون جهلي، پيرن ۾ ڇيڙيون وجهي، جڏهن ڪن تي هٿ رکي "الو ميان" ڪندا هئا، تڏهن لئي لڳي ويندي هئي. نچندا ٻہ هئا ۽ ڳائيندا ٻہ هئا، ڏاڍي ترنم ۽ طرز سان- ٻڌندڙن جي لونءَ ڪانڌارجي ويندي هئي:-

ڳليءَ ڳليءَ ٿي ڳوليان، جهاتيون پايان...

وات وندر جي ڪو ڏسي، وات وندر جي ڪو ڏسي...

پنهنجي ذات لکائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان...

ٻيو ڪو ڄاڻڻ محض گناهه، هرڪنهن صورت آپ الله...

يا هي ڪافيون:-

ڪيچيئڙن جي ڪاڻِ، جيڏيون! منهنجو جئڙو جهجي ٿو.

پريان سندي پار ڏنهن، اَلهَ اوني آڻ،

ڇڏي شهر پنيور کي، هاڙهي ويندیس هاڻ،

سگهو ايندو سپرين، پينر منهنجي پاڻ...

او چو ٿيون مون کي جهليو، پرين ڏنهن ڙي جيڏيون!

ويهان ڪيئن پنيور ۾، جو روح انهن سان رَليو.

ساڻن ٿيندیس سنگتي، جو هوت هاڙي ڏي هليو.

پريان سَندي پار ڏينهن، پاڙيچيون نا پَليو.

سڃڻ سارو پانهنجو، سر "سَچُوءَ" کي سليو.

نينهن نهوڙي آهيان، هاڻي جيڏيون! ڪاڏي وجان!

پنڌ پري ٿيو پرينءَ جو، عشق اُلارو اجان.

ڪَتِڻُ وَٽِڻُ نا ٿئي، چرخو ڦيرائي ڀجان.

پرين نايون پيٽ ۾، عشق سنديون سي اُجان.

موٽڻ واري ڪڏهين، "سَچُو" نہ مصلحت مجان.

* * *

اهي زمانا ويا، اهي ڏينهن لنگهي ويا، اهي ڳائيندڙ، ۽ سچ پچو تہ اهي ٻڌندڙ بہ وڃاڻ ويران ڪري ويا. ڳونڙن جي اوطاقي مڙسن وٽ رات ڏينهن لئي هوندي هئي. ساوڻ جون نور پريون ٽڏيون ۽ چٽيون چاندوڪيون، هئي! هئي!! ڏکڻ گهلي پونداء، وڻ ٽڻ ۾ جڙ ساهه پئجي ويو، سِرنهن ۽ ٽارن جون ٽاميون مستن وانگر پيون نچنديون، ائين پيو معلوم ٿيندو جڙ دهقانن جون ننڍڙيون نينگريون پينگهن ۾ پيون جهوٽا کائن، پَن هڪبئي سان ٽهڪي، ٽالهيون ۽

طبل وڄائي، ڳوٺڑي جي سڄيءَ ڪائنات کي متي تي ڪٽي ڏيندا، انهيءَ سمي ۾ نہ فقط غريب غربو راڄن جون رهاڻيون پيو ڪندو، پر خود ڪيترن زميندارن الغرضن جون مئل دليون بہ اڏما ڪائي اٿندیون هيون، ۽ وٽن بہ ڪچهريون لڳي ويندیون هيون.

شام ٿيندي، اگٽ تي چٽڪار ڪبا، گلم وڇائجي ويا، آرام ڪرسيون زميندار ۽ ان جي مٽن مائٽن لاءِ، ۽ چگن مڙسن لاءِ موڙا پوندا، باقي راڄ چوڌاري گلمن تي ويهجي ويندو. ماني ٽڪي کائي، "الو ميان"! ٿيندي، راڄي يڪتارو ڪٽي وچ ۾ پوندو، پاسي ۾ گهڙي وارو، ۽ سرندائي هوندو تہ ٻئي پاسي کان پر اچي وڻندو. اهڙيءَ طرح ڪافي شروع ٿيندي. هر مصرع پڻيان ساڳئي مطلب جو ڏوهيڑو پيو ايندو، راڄي وَرَ وَرَ ڪيو پيو مصرع ۽ ڏوهيڑي کي دهرائيندو. هيڏانهن ڪچهري پئي ڪندي، "واهہ ميان! واهہ!" "واهہ فقير، واهہ!" "لک آفرين!" "جس ٿئي يار، جس!" "بلي سائين، بلي!" "واهہ جو لڳي دوست! واهہ جو لڳي!" داد جا بہ اهڙا دل گهريا نمونا هوندا هئا- هيانءَ جي هينان نڪتل ملمي[12] ۽ تصنع کان بلڪل عاري ۽ خالي. مارئي، سهڻي، سارنگ، پيروي سڀ ڳائبا، انهيءَ وچ ۾ جوڳ کي بہ جوٽبو، اڌ رات ٿيندي ۽ راڻو لڳندو... ۽ "وه واه!" تي ويندي. پيڇ پئي پڄندي ۽ سورٺ تي تارَ ايندي. اهڙيءَ طرح سيني سڀرن جو مزو ماڻي، ڪتيون ڪر موڙيندیون ۽ ڪڪڙ پيا پويان دس هٽندا، ان وقت محفل منتشر ٿيندي. هرڪو ڪر پڄي، اوباسيون ڏئي، ائين پيو اٺڻ جي ڪندو، ڄڻ مست ميخاني ۾ سڄي رات گذاري هاڻي هوش ۾ ايندا وجن ٿا.

* * *

[1] ڪنهن ڇاپ سگريٽان انهيءَ زماني جون پهريون نمبر سگريٽان هيون. انهن کي 'سِيل' چئبو هو. اڄائي اَني پاڪيٽ ملندو هو. وڏا ماڻهو ڇڪيندا هئا. غريب غربو پن جي ٻيڑي ۽ حُقو ڇڪيندو هو، نہ تہ عيد براد يا وڏي نندي ڏينهن بتي ڇاپ سگريٽان وٺي ڇڪيندا هئا، هڪ پئسي ۾ پاڪيٽ ملندو هو.

[2] 'تورزن' سنڌ جو تمام پراڻو لفظ آهي، بهادر بلڪ رستم دستان جي ڪردار جو مفهوم رکي ٿو. آمريڪا وارو 'ٽارزن' به انهيءَ لفظ جو مترادف پائنجي ٿو.

[3] ڪمشنر صاحب کي اهڙيءَ طرح خطاب ڪيو ويندو هو.

[4] ستڻ پنجن والن جي اندر ٿيندي هئي ۽ ڪانئچ ويهن والن تائين ٿيدي هئي. شوقين هميشه ڪانئچ پائيندا هئا.

[5] ڊگڙ ٿلهو وڏو ۽ اڻ مڪيل، ڊگڙي اڻ مڪيل، ليڪن ڊگڙ ڪان وزن ۾ سائيز ۾ ننڍي، اوڦراتو، سنهون ۽ ٿلهو ننڍو خواهه وڏو، ليڪن گيهه يا مکڻ ۾ جهپيل.

[6] مرهيات = خدا جي رحمت هيٺ آيل - مرحوم.

[7] "مارو" چئبو هو راڄ کان مفت شيءِ حاصل ڪرڻ کي.

[8] هيءُ بزرگ وڏيءَ عمر جو ٿي، آڪٽوبر 1958ع ۾ ڪراچيءَ ۾ فوت ٿيو.

[9] 'الحقيقت' جي جاري ٿيڻ تي ميرزا قليچ بيگ مرحوم تاريخ قطعه ۾ چئي آهي، جنهن جي لفظ "مرغوب طبايع"(1340 هـ) مان سال نڪري ٿو.

[10] اُنهن خطن جا ڪيترا مجموعا ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪيترا اڃا خطي آهن.

[11] خان المعظم حضرت دريا خان سنڌ جو محب وطن وزيراعظم ۽ سنڌي فوجن جو جان نثار سپهه سالار سنڌ جي آزاديءَ جو ٻيو شهيد آهي. تازي دؤر ۾، سڀ کان اول ڏارين جي تسلط جو مقابلو ڪندي انهيءَ بزرگ 927 هـ ۾ شهادت حاصل ڪئي.

[12] ڳوناڻي زبان ۾ "ملعمع" جو هم معنيٰ.

انهيءَ زماني ۾ اڃا سئنيمائون ڪونه نڪتيون هيون، پارسين جون ٿئٽريڪل ڪمپنيون زندهه ايڪٽرن جي ذريعي ڊراما اسٽيج ڪرائيندیون هيون، ليڪن اهي ڊراما به انهن چند ماڻهن کي نصيب ٿيندا هئا، جيڪي ڪراچيءَ يا بمبئي پهچي سگهيا ٿي. ڪراچيءَ جي ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ ڪئپيٽل نالي جيڪو هاڻي سئنيما هال آهي، سو ابتدا ۾ ٿئيٽريڪل هال هو. مان پهريون ڊرامو 1925ع ۾ اُتي ڏٺو. سالن بعد ووي فلمون شروع ٿيون. پهريون خاموش ۽ گهٽي گهٽي ڪان پوءِ ٽاڪِي. غالباً ٽاڪِي 30-1931ع ڪان پوءِ آيون، ۽ انهيءَ بعد ئي آهستي آهستي اهي گانا ريڪارڊن جي ذريعي مشهور ٿيا، جن مذاق کي مائوف ڪري ڇڏيو ۽ ذوق جي صحت کي ختم ڪري، خود ڪردار ۽ گفتار کي به پست ڪري ڇڏيو.

پهريون ٽينَ جي توتاري وارا ڪاڪ جا هز ماسٽرس وائس فونا، ڪِن ڪِن اميرن جي اوطاقن ۾ ڏسبا هئا. بنا توتاري جي گراموفون گهٽو پوءِ پهتا، جيڪي پڻ پيسي وارن ورتا. مان اُهو به ايڊيسن جو ناهيل فونو ڏٺو، جنهن تي ٽالهي قسم جي رڪاردن جي بجاءِ ڪنگڻيءَ وانگر گول رڪارڊ چڙهندا هئا، ۽ انهن تان هڪ گانو لاهي ٻيو پنهنجو ڳاتل گانو چاڙهي سگهبو هو. چنانچه جڏهن اسان ننڍا هئاسين، تڏهن وڏن جي غير حاضريءَ ۾ اسان جو اهوئي مشغلو هوندو هو، يعني هڪ گانو لاهي ٻيو پاڻ ڳائي چاڙهڻ. هڪ دفعي هڪ خاص ڪافيءَ ڪي لاهي اسان پنهنجو گانو چاڙهيو، جڏهن والد مرحوم ان ڪافيءَ جي تلاش ڪئي ۽ رڪارڊ تي اسان جو آواز ٻڌائين تڏهن ڏاڍي تنبيهه ٿي ۽ فونو هميشه لاءِ اسان جي دسترس کان نڪري، مقفل ٿي ويو.

محمد حسين نگيني واري جا پڪا گانا ۽ گوهر جان آگري وارين جا غزل توتاري واري فوني جي دور ۾، ۽ گراموفون جي ابتدائي عهد ۾ پائي فيض امرتسري، پائي چيلي پٽيالي والا، ۽ ماسٽر ليوءَ جا رڪارڊ رائج هئا، ليڪن اهي سيئي گانا هرچند شريفانه ۽ ڪلاسيڪل سُر ۽ تال ۾ هئا، پر سنڌين فونا عام طرح ان وقت خريد ڪيا، جڏهن پائي ڪنور رام جا رڪارڊ بازار ۾ آيا، ۽ مائي جيوٽيءَ آلاپ ڪري چيو ته:

او!...

ڪنهن نه جهليا، ڪنهن نه پليا، هتئون ويم هاڻِ...

ويراڳي وطن لئي!

انهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته بنيادي طرح سنڌين کي پرائو راڳ پسند ڪونه هو. وٽن پنهنجا راڳ، پنهجا سُرَ، پنهنجا ساز، پنهنجا خيال، پنهنجون تشبيهون ۽ استعارا، محاورا ۽ مثال، جن سان سينگاريل پنهنجون ڪافيون ۽ ڪلام، ڏوهيڙا ۽ بيت هئا. يڪتاري جي تار وڳي، گهڙي کي ڏڪ لڳو، ڪاڪ جي چپڙين هٿ ۾ واڄڻ ڪيو، ۽ پيرن جي چير چمڪو ڪيو- هوڏنهن ڪن تي هٿ ويندو، ۽ هوڏنهن 'الو الان' ٿي ويندي. بس پوءِ ته هر ڪو مست ۽ مدهوش، چوڏاري "واهه ميان! واهه!" پئي پوندي. حقيقت ۾ اسان سنڌين ۽ اسان مارن ماڻهن جي روح

جي راحت اِهي ئي راڳ هئا، اسان جي زندگي پنهنجن انهن ڪچهرين ۾ مجلسن ۾ هئي، ليڪن هاڻي چا ڪجي! هٿئون جو هاج وئي، واءُ جو اهڙو وريو، سر مٿان جو بارَ ۽ بوجھ اهڙا اچي پيا تہ انهن کي سهڻو تہ آهي.

* * *

"ڪَتين ڪر موڙيا" جي ترڪيب مٿي ڪٿي اچي وئي آهي. اتفاق نڪري آيو آهي تہ ڪجھ پنهنجي زبان جي خوبيءَ ۽ خصوصيت بہ لکي وٺان: سنڌي زبان جي اُستادن رات جي پوئين حصي کي جدا جدا ٽڪرن ۾ ورهائي هرهڪ کي علحدو نالو ڏنو آهي. مثلاً اڌ رات ٿيندي تہ ان کي چئبو "ييج يني"، پوءِ "ڪڪڑن دس هنيو"، ان کان پوءِ "ڪتين ڪر موڙيا"، ۽ هاڻي اچڻ واري ٿيندي "پرڀات"، اخري ڏيڏ، ٻن ڪلاڪن کي بہ ڏسو ڪيئن ورهايو اٿن، پهريون "ڀنيراڪو" ٿيندو، پوءِ ڦٽندي "باڪ"، ان کان پوءِ "پرهہ" ڦٽي، جنهن بعد "سورج شاخون ڪيندو". اهي سڀ منزلان طيءِ ڪري پوءِ ٿيندو صبح ۽ اپرندو سج. آهي ايڏي وسعت ڪنهن زبان ۾؟ آهي ڪنهن بوليءَ ۾ لفظن جو ايترو ذخيرو؟

* * *

جنهن زماني جو ذڪر ٿي رهيو آهي، انهيءَ زماني ۾ 'ييج يني' جي وقت کي ڏاڍي اهميت هوندي هئي. انهيءَ مهل گهوٽ، ڪنوار لانوان لهندا هئا، ان کي 'ڀِيَرنِ جو وقت' سڏبو هو، يعني برڪت پريو، سهاڳ لاءِ بہ سهڻو تہ سهاڳڻ لاءِ بہ سنو. ڏٽيءَ جي در بہ دعائون انهيءَ وقت اگهنديون هيون. اڄ تہ خير، دعائن گهرڻ جي ضرورت ئي باقي نہ رهي، تہ انهن جي اگهڻ جو سوال ڪٿان پيدا ٿيندو. بهرحال ييج يني تي سهرا پڻ ڏاڍا سهڻا نهيل هوندا هئا. هوڏنهن پيو ٻن نين زندگين ۾ باهمي پيچ پوندو، گهوٽ، ڪنوار جي مائن جون پيون مرادان پوريون ٿيندون، ۽ هيڏنهن ييج يني جا سهرا شروع ٿيندا. بجليون تہ هوندون ڪونہ هيون، تنهنڪري شاديون گهٽو ڪري مهينن جي چوڏهينءَ تاريخ بَڏبيون هيون، جئن چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ ۾ جهنگ جهڙ پل روشن هجي. هاءِ! هاءِ! ڪيڏو رومانٽڪ سمو ٿيندو هو، بہ نا آشنا صورتون، بہ اڻ ڏٺل دليون، ۽ بہ اوج ۾ آيل قوهہ جوانيون هزارن تمنائن، لکن آسرن ۽ امنگن جي جهوليءَ جهولنديون،

هڪبئي سان پيون سڃيءَ زندگيءَ جو سودو، عهدُ ۽ پيمان ڪنديون، اهڙو مضبوط ۽ پائدار، جو موت ايندو پر ان ۾ قطُ نہ پوندو. سچ پچو تہ انهيءَ پيڇ پنيءَ ۾ جيڪي نڪاح پيا، سي اسان ڪڏهن ٽٽندا ڪونہ ڏٺا. رومانٽڪ وقت ۽ "رومانس" جو بہ صحيح مفهوم اهوئي وقت ۽ اهوئي واقعو هو، ۽ نہ ڪہ اڄ واري معنيٰ ۽ مطلب، جيئن، ايلفيءَ ۾ اکيون اٽڪيون، سينڊ وڄي، ۽ ڪيفي جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اک وڻي ڪافيءَ جو ڪوپ پيئبو، پيءُ، ماءُ ڪان زوريءَ بلڪ چوريءَ منهن اونداهيءَ ۾ چورن ۽ راهزنن وانگر پراٽي هوا بندر تي پهچبو، ڪجهہ ايڪٽرياٽين جا داستان، ۽ ڪن فلمن جا قصا ڪبا- چند ڏينهن انهيءَ فرضي رومانٽڪ سمي ۾ اِنهيءَ قسم جو رومانس هليو، بس وري بنهي نئين رومانس ۽ بِئي رومانٽڪ وقت جي تلاش شروع ڪئي! جي اتفاقاً نڪاح پئجي ويو، تہ اهو عمر پر جو سونو نہ هوندو، اهو زندگيءَ پر جو سودو نہ ٿيندو، بلڪ اوستائين جو اهتمام جيستائين مڙس، زال لاءِ ميڪ اپ مهيا ڪري سگهندو، يا جيستائين مردُ ڪلب، فلمي رسالن، آمريڪا مان ايندڙ فيشن جي مخزنن، ڪامڪ جي ڪتابن ۽ جاسوسي ناولن جو پَنُ پري سگهيو.

* * *

پيڇ پنيءَ ڪان پوءِ سنڊ ۾ ٻيو سهٽو وقت ٿئي باک ۽ پرهہ ڦٽيءَ جو وچ، جنهن ۾ هرڪو اٿي ڪڙو ٿيندو، پکي پرنپ واهيرو ڇڏيندو، وٽن ۾ جهرڪين ۽ چيهن جي چون چرڙا پئجي ويندي، ۽ ڪانوَ بہ ڪانگيرا ڇڏي اچي اڳڻ جي آڳرن پيڙا ٿيندا، بگڙا تتر چاڙهاڪا ڇڏي هيٺ ٿيندا، ۽ ڪارڙو تتر ٻُوڙن جي گودرن مان نڪري ٻاهر ٿيندو ۽ هرهر پيو ڪندو "پير پير ڪِدر"، "پير پير ڪِدر[1]." اهو وقت عبادت جو هو، جهنگ جهر ۾ "هُو الله" جي هوڪار هوندي، ملان بہ ملياٽيءَ کي گهر جي ڪم ڪار ۾ لائي، پاڻ اچي مسجد جو پاسو ونندو، ڏنار مال چوڙيندا، ڪڙمي هر ڪُلهي ڪندا، گهر ڏياٽيون ڏڏن جون چاڏيون اڳيان ڪنديون، ڪن کي جنڊ جو هٿيو هٿ ۾ هوندو، وڏيءَ عمر جون مايون ونندیون تسبيح کي، ۽ کي پڙهنديون ڏاڏيءَ لئي ۽ سوز واري سر سان هن مداح کي:

اغثني يا سيدا، رس يا رسول الله تون!

* * *

جن پکين جو مٿي ذکر کيو ويو، انهن سيني مان دهقاني دنيا ۾ ڪانوَ کي وڏي اهميت آهي. هو نہ فقط سنڌي ادب جو هڪ مکيو ڪردار آهي بلڪ اسان جو فيملي ميمبر بہ آهي. سڄو ڏينهن گهر ۾ هوندو، پيو لچايون ڪندو، ڪڏهن ڪُڏ ڏئي ٻارن کان ٽڪر کسيندو، ڪڏهن مائيءَ جي اک وٽي آڻي جي پاٽ ۾ ڇهنب هڻي ڪيندو، جي وس پڄندس تہ چاڏيءَ مان ڏُڪ بہ پي وڃندو. نيرن پاڻي انهيءَ نموني ڪري، پوءِ ٿهي ٽڪي ويهندو سانگين جا سنيها سڀائڻ، ۽ نينهن جا نياپا ڏيڻ. هو پيو "ڪان ڪان" ڪندو ۽ مايون پيون ڪنديون:

جيءُ جيءُ ڪيانءِ ڪيانتا! منهنجو ادل اچي ٿو؟

ڪنڊن سندا ڪير پياريندي سانءِ! منهنجو اَبَلُ اچي ٿو؟

سچ ٻڌاءِ ڪير اچي ٿو! منهنجي جيجل امڙ اچي ٿي!
آيل ماءُ اچي ٿي؟

جي ورسهاڳڻ جو سهاڳ ڪنهن سير سفر تي ويل هوندو، ۽ ڪي ڏينهن وجي لائيندو، تہ مائي پئي چوندي:

ادا ڪيانتل! منيون لاتون لنوين ٿو، فلاڻي جو پيءُ[2] اچي ٿو؟

اُڏر ڪانگل! مصرين سندا منا لولا پچائي ڏيندياسانءِ!
وجي نياپا ڏين، شل خير هجين، ايڏا ڏينهن چو لاتئون؟

شل تون وڌين ۽ وسين، ڪا خير جي خبر آڻي ڏي!
منهنجا منا ڪانگا، منهنجا سڄڻ ڪيانتا!

انهيءَ کي سنڌيءَ ۾ چئبو آهي ڪانگ اُڏائڻ - جيئن هينئين بيت ۾ آهي:-

آءُ راڻا رنگ لاءِ، موتي ڪاڪ ڪنڊِن تي،
نامياڻا نانءِ خداءِ جي، پير وري هت پاءِ،

سوڍا سنديئہ ساڻ، آءٌ ويني ڪانگ اڏائيان.

عمر جي ڪوٽ ۾ بہ تہ مارئيءَ سان اهوئي ويچارو پيو وَڙَ ڪندو هو، ماروئڙن جا نياپا سنيها، انهن جا حال ۽ احوال اهوئي تہ ڪيس آڻي ڏيندو هو، تڏهن تہ پائي ڪنور رام درد منجهان دانهن ڪري ٿي چيو:

آءُ ڪانگا! ڪر ڳالهہ، منن ماروئڙن جي،
ماروئڙن جي، سانگيئڙن جي،
سانگيئڙن جي، ماروئڙن جي،
آءُ ڪانگا! ڪر ڳالهہ، منن ماروئڙن جي،
آءُ ڪانگا!...

متن مائٽن، مارن ۽ سانگيڑين، پيڪن ۽ ساهرن ۾ اڇ وڇ ڪان سواءِ انهيءَ قربائتي ڪانگل جي، عاشق ۽ معشوق جي گهرن ۾ بہ وڏيءَ حجت سان اڇ وڇ هوندي آهي، جڏ هو پنهنجن ۾ وڇي پهتو. راز ۽ نياز جا سيئي سنيها هرڪو سندس ذريعي هڪبئي وٽ پهچائيندو. ايڏو معتمد ۽ ايترو اونهو آهي، جو ڪنهن کي مجال ڪانہ ٿيندي، جو سندس مڃهہ ڪڍي سگهي. عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ جيڪا بہ وهي واپري ٿيندي، ان جو اڪيلو رازدان فقط اهوئي سنڌ جو سانورو ۽ ڪارڙو ڪانءُ هوندو. سوَن جا راز ۽ ڪيترن جا داستان دل ۾ هوندس، سال گذري ويندا، ايام ٿي ويندا، ساه سان لايو سيني ۾ سانديو وتندو، ليڪن ٻاهر ٻاڦ نہ ڪيندو. ڪيترو وضعدار ۽ ڪيڏو نہ رازن جو رکپال آهي، جي هڪ اکر ڪڍهن ڪڍي وجهي، تہ هوند ڪيترا خون ٿي پون، ۽ ڪيئي ڪاري ۽ ڪاريءَ[3] جا معاملا ٿي وڃن، ڪيترن جا ڪنڌ لهن ۽ ڪيترا وينل وياوَ ۽ گهريتيون مايون مارجي وڃن.

شهر جي شاعرن اها سموري خدمت فارسيءَ کان اوڌار تي آندل قاصد يا نامه بر کان ورتي آهي. غزل گو شعرا جي "ظالم"، "جفاڪار" ۽ "خوانخوار" معشوقن جا مڪان ۽ ڪونا پل تہ اهوئي ايراني قاصد[4] ۽ نامه بر ٿيي. هن نحيف ۽ شريف پکيءَ جو ڪهڙو ڪم، جو اهڙي عشق جي وچ ۾ ڪاهي پوي، جنهن جو نڪو آهي منهہ نہ سر، ۽ نہ وري اڳ نہ پٺ، اڇ عشق هڪ سان، سياڻي ٻئي سان،

پرينءَ ٽئين سان، تنهن پرينءَ چوٽين سان، ۽ سو وري معشوق ۽ ظالم ۽ جفاڪار، ستم ڪيش ۽ خونخوار. يعني نهايت خطرناڪ ۽ ازحد خوفناڪ. هِن جو واهپو واهٽن سان ۽ ٿر وارين ٽريچاٽين ۽ ٽاريلين سان، جن وٽ هڪ دفعو جيءَ ۾ جڙي پوئِي، تہ مرندي تائين جو سونو سر تي آيو ۽ قيامت تائين جو پيڇ پئجي ويو. اهو پڪي حقيقت ۾ ڏهي ۽ انهن جي وچ ۾ ٿو، جيڪي نياپن آٽڻ شرط متس عطر اوتِن، ماٽڪن سنديون گهورون گهورِن، موتِن جون ڳانيون ڳچيءَ ۾ وجهن، ۽ جن ڪنين هو پرينءَ جي پار ڏنهن ٽربر لتاڙي، جهنگ ۽ جبل جهاڳي آيو، انهن تي جواهرن جو جڙاءُ ڪن ۽ ڪٽورين سندا واس ڏئي، پوءِ ويهي ڪيس پنهنجي جهوليءَ ۾ جهولِن، يعني:

پکيڙا پويانءِ، لَڙهان موتين سنديون،
آءُ اڏامي اوڏڙو، تان جهوليءَ ۾ جهوليانءِ،
سيئي ڪنپ ڪٽوريءَ ۾، لاکيٽان لويانءِ،
پوءِ سارو سمُهويانءِ، هڪ هڪ ڪري هٿن سان.

سگهو اڏامي آءُ، تون پکيڙا پرينءَ جا،
سپ ڪنپ ڪريان تانهنجا، ساڻ جواهر جڙاءُ،
عطر ڪٽوري اوتيان، ٻيا ماٽڪ تو مٿاءُ،
ساري سنيهاءُ، ڪي آڻي ڏيج عجيب جا.

جتي اهڙا ڦُرب لهي، جن وٽ سندس ايڏو مان ۽ مرتبو هجي، انهن جي وچ ۾ ڇو نہ ويهي، انهن وٽ ڇو نہ رهي، ۽ انهن سان ڇو نہ پنهنجا ڏينهن گذاري ۽ گهاري. الغرض اهو مسڪين باک ۽ پره ڦٽيءَ جي وچ ۾ ڪانگيري ڪان نڪرندو، ڪنهن تي بار ڪونہ، پنهنجي ڇهنب سان ڇڪجي، سو بہ ڪنهن هڪ گهر مان ڪونہ بلڪ سڄي ويڑهي وٽان جيئن ڪوبہ بوجهہ ۽ بار محسوس نہ ڪري، ڇاڪاڻ تہ سندس اصول ئي آهي تہ:

يار شاطر بايد نہ کہ بار خاطر!

سجو ڏينهن رهاڻيون ڪري، ٻارن سان کيڏي، مائين کي ريجهائي، انهن کي نياپا سنيها ڏئي، منجهند جو هرکو وجي گهرن سمهندو، تہ بہ هي ٻاهران وينو نگهباني ڪندو، پري کان کو اوپرو ڏسندو تہ "کان! کان" ڪري مالڪن کي خبردار ڪندو، جڏهن سج لڙڻ تي هوندو، ان وقت سلاماليڪي ڪري، وجي پنهنجن وٽاڻن منجهہ واهيرو ڪندو.

اصل ۾ تہ سندس قومي نالو آهي يا هو "ڪانءُ" پر عاشق معشوقن، وريتين مائين، پيڪن جي پياسِن جي ۽ ساڻيهہ جي سڪايلن، کيس سڪ ۽ قرب منجهان ڪي ئي نالا ڏئي ڇڏيا. هاڻي جڏهن ويڑهن جي وچ ۾ ڇگو مڙس بڻجي اچي ويهي ٿو، تہ کوبہ کيس سندس اصل واري قومي نالي سان سڏي ئي ڪونہ. سيئي پيا قرب منجهارئون کيس سڏ ڪيون نِتُ نوان نالا ڏين: او! ڏاها! او، ادا ڪانگا! او، منا کيانتا! اي، ٻابيهل ادا! اي، ادا ڪانگل! اهڙيءَ طرح جيئن جيئن پيو نينهن سندا نياپا ۽ خير سنديون خبرون آڻيندو، تيئن مٺس ور ور ڪيو پيا نوان نالا رکبا، ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ پيون گهورون گهوربيون. هان البت جڏهن کيچل ڪندو، جڏهن سري اچي گجرين پيهندو[5]، يا ڪا شرارت ڪندو، يا مرڳوئي لچايون ڪري مائين کي ڪاوڙائي وجهندو، تڏهن لاچار هو بہ ڪجهہ ڪاوڙ مان ۽ ڪجهہ حُجت پارئون، ڪانيءَ جو سنهون چانيُرُ اولاري، کيس سندس اصلوڪي نالي سان سڏي چوندیون: "اُڏِرُ ماريا کارا ڪانو، ڪٽي ڪِنُ ڪيو اٽئي!" کيس چانير هڏيون ڪونہ، چڙو ڊيڄارڻ لاءِ پري کان پيون اولارينديون، جيئن پنهنجن ٻارڙن تي بہ ڪڏهن ڪڏهن اولارينديون آهن.

اڳتي هلي جڏهن کافيون ۽ ڪلام، بيت ۽ ڏوهيڙا چيا ويا ۽ انهن ۾ ڪانگل پنهنجو پارٽ پلي ڪيو، تڏهن کيس اِهي ۽ ٻيا ڪيترا نوان نالا ڏنا ويا، مثلاً: 'لاکيٽان' 'ڏاها' وغيرہ، وغيرہ. اهڙيءَ طرح سنڌي ادب، ڪيانتل جي پر خلوص خدمتن جو قدر ڪندي، نہ فقط سندس سيني خطابن ۽ القابن کي تسليم ڪيو، بلڪ سندس پنهنجي ذاتي ڪردار کي بہ تاقيام قائم ڪري ڇڏيو. شاعرن سندس عادتن، خصلتن ۽ خوبين جو اهڙيءَ طرح اجار ڪيو ۽ سندس ڪردار جي هر

پهلوءَ کي ايترن مختلف نمونن سان ۽ جدا جدا طريقي ۽ طرز سان نمايان ڪيو، جو اهو سادو سودو سانورو، ۽ شڪل صورت جو اهو موچارو[6] پکي اسان کي ڏسڻ وائسڻ ۽ بظاهر سهڻن ۽ سڻن انسانن کان اخلاق ۽ عادتن، وفاداريءَ ۽ نيبهه جي نقطي نظر سان هر طرح ارفع ۽ اعليٰ نظر پيو اچي، بلڪ سندس مقام ايترو بالا ۽ بلند پيو معلوم ٿي جتي اڄوڪي انسان جي رسائي ناممڪن آهي.

اسان جي سنڌي شعر و سخن جو وڏو ذخيرو سندس وصف ۽ واکاڻ سان پريل آهي ۽ ڪوبہ اهڙو شاعر ڪونہ آهي جنهن اِنهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ڪوتاهي ڪئي هجي. هڪ سچل کي ئي ڏسو تہ چا پيو فرمائي:

گهٽا ڏينهن لڳاءِ، چاهون ڪانگ قريب جا؟
کي دم آڏو دوست جي، پلي ڪري ڀڳاءِ،
هاڻ ڪِي تانَنُ تڳاءِ، متان جهوريءَ منجهه جهڄي مران.

واتِ ڪري وائي، اَڄُ پڻ ڪانگ قريب جو،
کي جو چيائين چهنب سان، تنهن لُڇ ڏاڍي لائي،
اندر کي آئي، جڙ جرَ جيري سندڙي.

رويو رويو رت، ٿي پکيءَ پارانيا ڏئي،
تہ 'پيرين وجهانءِ گهنگهرو، سي چمڪائيندو وَٽُ،'
'ڪيئنِ ونڃي خط، سگهڙو ساڻيئڙا ورين!'

تِـرُ نہ هڪ توڙي، اڄ لامين لاکيٽو لئي،
وينو آهه وڳوڙجِي، ڪنين کي ڪوڙي،
ڳالهه ڪرڻ کان ڪاکيون، منهن گهٽو موڙي،
پَر پنهنجا ٽوڙي، چڪيون ڏئي ٿو چهنب سان.
سڀيجو سوئي، جيڪي چوي ڪانگڙو،
هئين سان هنڌائجو، سرتيون سيوئي،

ڪنڌيون ڪُندن سان وجهان، پکيءَ کي پوئي،
جانب ڏنهن جوئي، آڻي نياپا نينهن جا.

آءُ ڪانگل ڪائين، تا توتي عطر اوتيان،
اَڇڻ ٻاجهون تانهنجي، آهيان اباڻڪ آئِين،
ڏاهيا گهڻا ڏينهڙا، متان تون لائين،
پير اڳُڻ پائين، تہ منهنجو ساهہ سڌير ٿئي.

ڪانگل آيم ڪالهہ، وٽي سنيها سڄڻان،
محبت ريءَ مقالَ، ڪانہ ڪيائين ڪڏهين.

کي جو ڪانگ ڏسي، ڪالهہ اوڏانهون آئيو،
پُئيس هنياءُ قِسي، ڳالهيون ڪندي سڄڻين.

مالهان موتين جون وجهان، پکيءَ کي پوئي،
پيرين سونا گهنگهرو، تا ٿئي سوايو سوئي،
سينڊو سيڪو ئي، مَرُ تنهين جو نہ ٿئي.

پکيءَ سندا پر، ڪريان مُرصع موتيين،
جو آڻي عجيبن ڏنهن، ڏئي خوب خبر،
پينر ڏِي مون پر، شال وينو ڪري وائِيون.

ڏار چڙهي ڏاهي، کي جو چيو چهنب سان،
اِهو مون آهي، آڏر ڏِي ارواح کي.

چهنب ساڻ چوي، کي پيو ڪانگل ڪاڪيون،

پورن منجھ پوي، ٿو سُٹي ساھہ سنيھڙو.

ڪھيو ھيئن ڪانگي، آڻُون چيائين ڇھنب سان،
تہ ’سڃڻ ڪنھن سانگي، وري اِيندءِ اُتھين‘.

ڇھنب ساڻ چئي، ڪا جا ڪانگل ڳالھڙي،
ساري آتڻ سان اُنھيءَ، ڪھڙي ڏِسُ ڪئي!
پورن منجھ پئي، سيڪنھن ائڻ ڦٽو ڪيو.

سڻو سنيھا سرتيون، ٿو چڑھيو ڏارَ ڏئي،
سارو ساھہ نئي، ٿو نازڪ نياپن سان.

ڏاھو ڏار مٿي چڑھيو، ٿو ڪري برہ بيان،
آتڻ تي احسان، ڪري ڪلامن ساڻ ٿو.

آڻي ڪانگ ڏنياس، ڪتابت قريب جي،
پَھو ڪتيندي پٽِ پيس، ڇوھون تند ڇٽياس،
پيڃون پيڃ ٽياس، روئندي چولي چڪَ ۾.

ھلي ڪانگي ھِڪَ، ڪا جا ڪيَس ڳالھڙي،
تنھن مام بڏڻ سان روئندي، چولي ڪيائين ڇِڪَ.
سنيھي مَون سڪ، پاڻھي ڪيائين پڏري.

ڪارون ڪيئن نہ ڪريانس، جو ٿو ڏئي سنيھا سڃڻان،
پُئي پَرَ پکيءَ جا، ساڻ جواھِر جڑيانس،
موتين ۽ لعلن سان، پينر ڪني پريانس،

پيرين دست ڏريانس، جو آه نياپا ڏيندڙ نينهن جا.

پکي سوئي پرَ، ٿو اڏري پار پرينءَ جي،
خوشيءَ جي به خبر، مانَ وني اچي کا اوڏنهون!

چڙهيو لنئي لأم، ٿو ٻوليون ٻاجهاريون ڪري،
ڏئي سنيها سڄڻان، ٿُريو متي ٿام،
ماريون ماري مام، جا ٿو ڏئي لِکائي لوڪ گون.

پريان جا پيغامَ، ٿو ڏئي مِڙيئي مام ۾،
سوين مُنجهن سلام، جو ڏاهو ڏاهپ سان ڏئي.

آٽي ڪانگ ڏنوس، ڪو عريضو عجيب جو،
پينر سڀ پنوس، ڳاريندي ڳوڙهن سان.

ڪانگا ڪتابت، ساري سارج ساهه سان،
اِها اَمانت، ٻئي ڪنهن عامَ نه آڇئين.

زاغَ نه ٿيءُ زبون، ونءُ اُڏامي اوڏنهين،
نه ته خاصو منهنجو خون، پوندو ڳچيءَ تانهنجي.

لِکو ۾ لامين، ٿو لاکيٽو لاتيون ڪري،
ٿهڪندو ٿامين، ڏئي سنيهو سڄڻان.

اَڄ ڪانگا ڇئه ڪيئن، سرها ڏنئي سُپرين؟
حال اسان هت هِهڙا، ڪِي هُت پي هُئا هيئن!

جهامَ ڏئي جهڙُ جيئن، تيئن ٿي اوت اکين جي.

ڏاها ٿيءُ نہ ڏور، ويهہ مون کي ٿي ويجهڙو،
ڪر ڪالهوڪي ڳالهڙي، جان هُئين رات حضور،
دوست اڳين دستور، ڪي تعظيمان توکي ڏنيون.

زاغ زبانون ڪڍي، اها ئي وائي،
پريان سندي پار جي، آ توکي وڏائي،
پڇي حقيقت حال جي، هُٽ ساجن سڀائي،
’تہ ڪِي عاشق خوش اسان جو، ڪَل ڏئين ڪائي!‘
مون سان بيحد پلائي، ڪَئي پرينءَ پاروُن تانهنجي.

ڏار چڙهيو ڏاهو، ٿو ڏئيم دلاسا دل کي،
تہ صُبح سانباهو، هو اچڻ جو عجيب کي.

الله لڳ اُڏام، تون موتي محبوبن ڏي،
وڃي ڏيج پرينءَ کي، اِهو پاڃيءَ جو پيغام،
ڪِري قدمن تي پئي، سَوَ لک ڏيج سلام،
’اَهي اوهان ريءَ سپرين، هت مڙيو ئي ماتام،
اچڻ جو انجام، ڪَر سِگهو طرف ”سچوءَ“ جي.‘

ناتہ مري ويندو هيءُ، الله لڳ اچيج تون،
تو ٿون آهي هِن جو، جاني صدقي جيءُ،
لاهِ فراق فقير کون، والي ويجهو ٿِيءُ،
تون پڻ ان جو ٿيءُ، جو نوڪر تنهنجي نانوَ جو.

پَکي سوئي پَرَ، اڄ اُڏاڻو اوڏانهين،
رسيو وڃي اتهين، سو پانڌي منجهه پَهرَ،
آڏو عجيبن جي، ڪيائين، سڀ خبر،
’هت عاشق ڪي اوهان بنان، هينئڙي منجهه حَشرَ،
ٿو اوتي اکڙين مون، باراني بَحرَ،
’هاڻي ڏيو دلاسو دلبر، متان عاشق اُٺ مري وڃي.‘

* * *

پيڇ پنيءَ جو مذڪور ۽ ڪانگل جو قصو ته وچ ۾ اچي ويو، دراصل ته ڳالهه هئي ٻاهراڙيءَ جي ادب پرور محفلن ۽ مجلسن جي. بهرحال حاصل مطلب اهو آهي ته غريب دهقانن کي پنهنجي سادي سودي زندگيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ ڏاڍي جدوجهد ڪرڻي پوندي هئي، جنهن بعد کين آرام، آسائش، تفريح ۽ ڪنهن شغل جي سخت ضرورت محسوس ٿيندي هئي. آخر ته هو به انسان هئا، اگرچه مسڪين ۽ غريب هئا، محل ماڙيون ڪونه هُيُن، ليڪن ڪکاوان جهوپا ۽ ڪنڊاين پيهرن جي پناه ۾، ڪنڊِن ڏنل وڻاڻ ته هين، انهن ۾ به ته آخر زندگيون هيون، ۽ ڪي اپرندڙ جوانيون رهيون ٿي. جيتوڻيڪ ناز ۽ نخري ۾ پليل نه، تڏهن به خدا جون ته ڏنل هيون. ساهه جهڙو امير کي آهي، اهڙوئي غريب کي به ته آهي.

دهقانِن وٽ ريسٽارنٽ ۽ ڪيفي ڪونه هئا، ڪافي هائوس ۽ ڪلب، ٿينس ڪورٽ ۽ اسٽيڊيم ڪونه هئا، جتي وڃي دل وندرائن، ٽڪ ۽ ماندگيون لاهن، روحُ ٻيءَ وجهن، غمن ۽ اندوهن کي پلڪ پاڃي لاءِ پري ڪن، وٽن چڙو وڻن جون ڏڏيون چانوان هيون، فقط راتن جون چانڊوڪيون هيون، ۽ سندس قبضي ۾ محض پنهنجي اوطاقن جا وڏا اڳڻ ۽ ڳوٺ جا ڪشادا ميدان هئا. تنهنڪري هنن پنهنجيءَ انهيءَ ننڍڙيءَ ۽ محدود دنيا ۾ ئي پنهنجي وندر ۽ روح جي پرچاءَ لاءِ ڪيئي طريقا ايجاد ڪيا هئا، مثلاً:

جوڌا جوان انهن اگهاڻ ۾ يا ڪشادن ميدانن ۾ اچي پهچندا، سڄو شهر مڙي اچي ٻيهندو، بدن تان پيراهن پري ڪري، سندرا چيلهه سان ڪشي، سٽڻ جا ور

ڪنجي، هڪبئي سان جنبي ويندا. گهريتيون مايون، وينل وياوَ، ۽ نيون نويليون ونيون گهرن جي ڪنڊِن کي اوٽ ڪيون لياڪا پائيندیون. مائٽ ميدان ماريو تہ ٻهہ ٻهہ ڪندیون ۽ ٽهڪڙا پيون ڏيندیون، سندن معصوم چهرا ائين ڪلي پوندا، جڙ گلاب جا گل هاڻي ٽڙيا آهن. جي ڪو عزيز خويش ميدان ۾ مارجي پيو، تہ ويچارن جا منهن ئي لهي ويندا، اهڙيءَ طرح نوراني پيشانين تي پگهر جا قطرا نمودار ٿيندن، جڙ گلن جي نون شگوفن مٿان ماڪ جا موتي پيا جرکن. ٻار ۽ ننڍڙا جوانڙا، جدا جدا، کي پيا ونجهوٽي ڪندا، کي اِتي ڏکر، اک ٻوٽ ۽ گورين راند پيا کيڏندا، ڪن جي هٿن ۾ ڪوڏيون هوندیون تہ کي وري پيا چدا ڇڏيندا. کي پيا ڪوڏي ڪوڏي ڪندا، ۽ کي وري وڏن جون ملهان ڏسي پاڻ ٻہ پيا هڪبئي کي ٻک وجهو جاننا هڏندا ۽ اندرين هڏ جا پيا وجهہ ونندا. هاءِ ويچارا معصوم!حال ۾ مشغول، آئيندي کان بيخبر، کين خبر ٻہ ڪهڙي تہ مستقبل جون واڳون سندن هٿن ۾ رهنديون ٻہ يا نہ!

اهي سندن شغل ٻن پهرن کان وٺي سانجهيءَ تائين جا آهن. صبح جو جي ڪم ڪار نہ هوندو، گهر ۾ ڏاندن لاءِ گاهہ ٻہ هوندو، ڪائڙ لاءِ مانيءَ اٽو ۽ لسيءَ وٽو ٻہ هوندو، تہ پوءِ اونو ڇو؟ ۽ ڳٽتي ڇاجي؟ نيرن تي مکيل ماني مکڙ ڦٽيءَ سان ڪائي، مٿان ڏڏن جا وٽا ڇاڙهي، ڪو اچي لوهر جي ڏُگڙ[7] تي ويهندو، ڪو وڃي ڪنيارکي آئيءَ جي ير ونندو، ۽ ڪو وري ڊکڙ جي وڃي پيڙو ٿيندو. انهن ٽنهي مرڪزن تي وزم لاءِ چلم هوندي، پاڻيءَ جو مَڻُ نِڪر جي ڪُپيءَ يا آبخوري سميت رکيو هوندو، هيٺ تڏو ٻہ پيل هوندو، ۽ ڪاٺ جون ننڍيون صندليون، ڪٽوليون، منجيون ۽ پلال جا پيڙها ٻہ پيا هوندا. هر ڪو "سلاماليڪي" ڪري اهڙي حجت ۽ پنهنجائيءَ سان ڪاني ڪڍي اچي ويهندو، جڙ پنهنجي وٽاڻ ۾ وڃي وينو. وزم ٻہ پيو هلندو ۽ زماني جون ڳالهيون، ڏاندن جي گوءِ جا قصا، مڙسن جي مردانگيءَ جا داستان، مال، رزق، ۽ پوک پلاهہ خواهہ گاهہ پڻي، يا ٻڌڻِن ٻڙڻِ جا گفتا ٻہ پيا هلندا. وچ ۾ مناسب موقعن تي ڏوهيڙا ٻہ پيا ايندا ۽ ڪافِن جا ٽلهہ ٻہ پيا هڪبئي کي ٻڌائبا. ڪو واٽهڙو يا مسافر مڙو لڙي آيو، تہ "جي آئين! پلي آئين!" پڇجي ويندي، هرڪو پيو

ڪيڪاريندو، ۽ سندس آجيان ڪندو، چگّيءَ جاءِ تي ويهاريندس، پاڻي پياريندس، ۽ حقو سيري اڳيان رکندس، پوءِ ڪندس "جيءُ ادا!" يعني پڇندس حال احوال. جي ويلو پيڃڻ گهرندو تہ ڪونہ ڪو پنهنجي گهر وٽي وڃي اوطاقي ڪندس، هٿ ڏوئاريندس، ۽ جائي جواري جيڪا هوندي سا آڻي اڳيان رکندس. جي تڪڙو هوندو ۽ ويلو وڃي اڳتي ڪندو، تہ جهٽ ڪن ساهہ پٽي، ٽڪ پيڃي، سپ ڪي "سلاماليڪي" ڪري، پوءِ پوڙو ڪلهي تي رکي، رستو ڏئي، راهي ٿيندو.

شال سندن ويڑها وڌن، سندن اوطاقون آباد هجن، سندن وستيون وسن، ۽ شل منجهانئن ڪيچ ٿين! اڄ بہ وٽن اهي ئي ساڳا دستور ۽ مذڪور هوندا. پر ڪراچيءَ ۾ رهندي سال ٿي ويا، اهي محفلون ۽ مجلسون ڏٺي ورهيہ وهاڻا، سچ پچو تہ انهن انسانن کي ڏسڻ لاءِ اڄ اکيون پيون سڪن، دل پئي اُڏما ڪائي. خير، سائين! اهي محفلون ۽ شغل تہ ها صبح ۽ شام جا، ليڪن راتيون انهيءَ کان بہ اور گذاريندا هئا.

سارين جا رونبا ڪيي واندا ٿيندا، ساوڻ موٽ ڪائيندو، چاليهو بہ ٽٽندو، ٻيريون ٻور ڦلاريندیون ۽ انهن تي ماکيءَ جي مکين جا ٻُڙِڪاٽ ٿيندا، اهوئي وقت هوندو جڏهن ڪِرڙُ بہ رنگارنگي گُلَ ڪيي پُسيون ڪندو ۽ ڏيلها ڏيندو، ڳوٺ جي سِرِينهن ۾ قِڪا، وار وار، ريشم جهڙا گل پٽ نڪرندا ۽ سڄا سِرينهہ جهڄي پوندا، راتيون ٺري پوندیون، ۽ مٽان پوندي ماڪ. انهيءَ کي چئبو هو تہ هاڻي 'مِني مُند' اچي وئي. سومهياڻي ٿيندي، ڏڪڻ جي هير سِرينهہ جي گلن جا واس جهوليءَ منجهہ جهليون اچي هيڏنهن اوطاقن جي اڳڻن مٽان گهوران گهورينديء ۽ هوڏنهن هرکو ماني کائي، کيرن جا ٽڏا وٽا پي، اچي اوطاقن ۾ پهچندو. اهڙيءَ طرح جهٽ کن ۾ محفل مچي ويندي، ۽ ٽڏکار تي هرڪنهن جا روح اٿي کڙا ٿيندا. جي ڪو راڳي آيل هوندو تہ واهہ، ورنہ پنهنجا پاڻ ۾ پيا ڳالهيون ڪندا ۽ هڪبئي کي پيا ٽوٽڪا ۽ ٽونٽان ڏيندا، ڏوهيڑا چوندا ۽ ڪافيون پيا جهونگاريندا، ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي رات گذاري صبح جو وري نوبنا ۽ نوان سوان ٿي ڪم ڪار کي لڳندا.

ڪانهن ۽ سَرُ نِسريو، ته اُتَرَ ۾ وائيندا. هاڻي منيون مندان ويون ۽ سرءُ ۾ ختم ٿي. گويا سياري اچي منهن ڪيو. لابارا لٽا ۽ ديرن ۾ ڦيڙا ٻڌي، گاهه تي جوٽ ڪندا. پنهنجو ڏينهن اِئين گذاري، رات جو اوڪا پوڪا لاهي، هرڪو ڪائي پي، اچي اوطاق پيڙو ٿيندو، وچ ۾ مڇ ٻرندو، چوڌاري ڪَرُ ڪيون ۽ ڪانپان[8] ڪڍيون مڙس ائين وينا هوندا، جڙ ببر شينهن وينا آهن. اکين مان پيا اُلا نڪرندن. انهن اکين کي ڏسي ته ٻاهراڙيءَ جي ماڻ سهرو ناهيو ته:

اکيون ادل جون ٻرن مشالا[9]،
او! ڳاني جوڙ بنايو!!

ان وقت ٿيندا ڏور جا بيت شروع، يا ڏينداهڪٻئي کي ڳجهارتون. "اچي، اچي" ٻئي پوندي، سڄي ڪچهري چڪر ۾ هوندي، هرڪو پيو پڇڙ جي ڪندو. "ڪاڻ جِي"، "جهنگ جي"، "گهر جي"، "ڪنڊيءَ جي"، "ڪانهه جي"، اهي پيا پاها ڏيندا، ڳجهارت ڏيندڙ ور ور ڪيون پيو چوندو، "هل ادا! هل!" "ڪاهِ ياٻو! ڪاهه!" جي ڪٽنهن ڪنهن جو پاهو لڳي ويو، ته واڪو ڪري چوندو، "اِجها آئي! اِجها آئي!"، "وئي يار! وئي!"، "وئي ڙي دوست! وئي!"، يعني ڳجهارت پڄي پئي. سڄي ڪچهريءَ ۾ ٿهڪڙو پئجي ويندو ۽ "واهه جا لڳي ميان! واهه جا لڳي!" پئجي ويندي. پوءِ ڪندو ڳجهارت ڏيندڙ ڳجهارت جي تشريح. مطلب ته اهڙو رنگ رچي ويندو، جو ڪچهري ڪٽڻ کي ئي نه ايندي، ڪنهن جوانڙي کي ننڊ جي اوجهراڪي آئي، ته اتي ئي باهه جي وٽ ۾ ڪروندڙو ٿي، پوتڙو مٿان پائي، پاسيرو ٿي پوندو. اوجهراڪيءَ مان اڪ ڪلندس، ته اتان ئي پيو ڪندو "واهه يار! واهه!"

ڪڏهن ڪو ڳالهر هٿ اچي ويندن ته مهينا ٽڪائي ڇڏيندس، سيئي پيا خدمتون ڪندس، جيئن ڪڪ ٿي وڃڻ جي وائي نه ڪري. ڳالهه ڪٽندو ته بيت ۾ ڏيندو ويندو ۽ انهن جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ هٿن جي چالِن سان، اکين ۽ منهن جي اشارن سان، سهٽن ۽ سلوٽن لفظن ۾ پهاڪن، ٽوٽڪن ۽ مثالن سان عبارت کي سينگاريندو، سنواريندو، ڳالهه جي تصوير ڇڪيندو، ويندو اڳتي هلائيندو. جي وري ڪو اهڙو ڳالهر هٿ چڙهي وين، جنهن کي امير حمزي جو داستان برزبان

هوندو ته بس واهه جو مزو ٿي ويو، جڏ ته سندن لاءِ عيدان اچي ويون. اوڙو پاڙو اچي گڏ ٿيندو. ڳالهه شروع ڪرڻ کان اڳ امير عليه السلام جي نيت تاهريءَ جي ديڳ لاهيندا. ايڏي ادب ۽ انهماڪ، خوض ۽ خيال سان ڳالهه کي ٻڌندا، جڏ مذهبي واعظ يا شرعي مسئلا ٿا ٻڌن. جيسين ڳالهه وڃي پوري ٿئي، تيسين مهينن پاند راتيون اکين ۾ ڪاٽي ڇڏيندا. جڏهن داستان پورو ٿيو،ته وري هڪ وڏي خيرات ڪندا، جنهن تي پاڙي پنبي کي به سڏ ڏئي کارائيندا. انهيءَ موقعي تي ڳالهڙ کي آنن جون ڳوٽيون ۽ لٺنگيون پوتيون به ڏيندا. جي ڳوٺ جو وڏيرو ڪو سُريلو مڙس هوندو ته اهو به ڪيس پهراٽي پارائي پنهنجي ڳوٺ مان وڏائيندو. انهيءَ داستان کان سواءِ جان عالم ۽ انجمن آرا جو قصو، الف ليليٰ جي ڳالهه، حاتم طائيءَ جو داستان، ۽ رستم سهراب جو بيان پڻ سندن مجلسن ۾ ڏاڍو مقبول هو.

انهن ڏارين قصن کان علاوه وٽن پنهنجِن ڪهاڻِين ۽ داستانن جو پڻ گهٽون ئي ذخيرو هو، مثلاً: مورڙي مانگر جي ڳالهه، عمر مارئيءَ جو قصو، سهڻي ميهار جي ڪهاڻي، مومل مينڌرو، سسئي پنهون، نوري ۽ جام تماچي، منگتو ۽ راءِ ڏياچ، ابڙي ۽ دودي جو داستان، چنيسر ۽ دودو، چنيسر ۽ ليلا، دودي ۽ علاديءَ[10] جو قصو. الغرض ڪهڙن قصن جا نالا ونجن، سوين قصا ۽ ڪهاڻيون آهن. قومي جنگين جا بيان، قومن جا نسب ناما، قبيلن جي بهادرين جون ڪهاڻيون، بهادر سنڌين جي جوانمرديءَ جا داستان مٿين قصن کان سواءِ هئا، جيڪي خاص خيال ۽ وڏي غور سان ٻڌا ويندا هئا، ڇاڪاڻ ته انهن بيانن تي ئي سندن پنهنجي تاريخ جو انحصار هو. انهن سيني قصن مان ڪيترن کي سنڌي شاعرن ڏوهيڙن ۾ به آندو آهي ۽ ڪي نثر ۾ ئي ڪنيا ويندا هئا- ليڪن بيتن جي چات، قصه گو وچ وچ ۾ ڏيندا ويندا هئا، جيئن ٻڌندڙ ٽڪجي نه پون.

ڪافين، ڪلامن، ڳجهارتن، ڏوهيڙن، ڏور جي بيتن، آکاڻين، داستانن، قصن، ڳالهين، ٽوٽڪن ۽ ٽوٽن کان سواءِ سنڌي ادب جي مذاقيه ذخيري به انهن ئي مجلسن ۽ محفلن ۾ جنم لڌو ۽ پرورش پاتي. جڏهن سندن طبيعتون ڪل چرچي ۽ يوگ نڪاءَ ڏي مائل ٿيندڙ هيون، تڏهن پيراٽي پنيري جا لطيفا، ملا لٽر جا

چرچا ۾ وتائي فقير جا چهچتا[11] هڪبئي کي ٻڌائي، پنهنجي طبيعتن تان اهي سيئي ڪسايون ۽ زردايون، اوتار ۽ غبار لاهي ڇڏيندا هئا، جيڪي زندگيءَ جي ڪساکش ۾ ڏينهن جو سندن دلين ۽ دماغن تي چڙهندا هئا.

* * *

اِهي ته مذڪور ٿيا مردن جا. اسان جون مائون ۽ پينرون- خدا شال سندن پردو رکي، شال اوکو واءُ کين نه لڳي - انهن جون قالان مقالان ئي اور هيون. صبح کان ويندي لڙيءَ منجهند تائين تِرَ جي واندڪائي ڪانه ملندي هين، گهر ڏياڻيون جو ٿيون، پنهنجن وٽاٽن جون راڻيون ۽ وارثاڻيون جو هيون، بيگمون ته هيون ڪونه، جو صبح سان گهر ٻين جي حوالي ڪري، ٻار آيائن جي هٿ ۾ ڏئي، پاڻ وتن روا ڳڇيءَ ۾ وجهيون شهر چاکوڙيندیون ۽ شاپنگ جي ذريعي ايلفيءَ ۾ وتن دام وجهندیون، هٿن جو گهرُ هو ۽ هِٿن جو گهر محض مسافرخانو، جنهن کي رات گذاريءَ کان سواءِ ٻي ڪابه اهميت ڪانه هئي.

اسان جِن مائن کي ته اسر ڏئي اڻڻو پوندو هو، ڪلمون پڙهي، خدا رسول جو نالو ڳڻهي، ڪٽنديون هٿ ۾ ٻهاري، يا ويهي هلائيندیون جنڊ. ڏڏ جي چاڏي ولوڙي، مينهِن پٽارين جو ڪير ڏهي، ان ۾ سَباڻُ وجهنديون. اهي اوڪا پوڪا لاهي چلهه تي ويهنديون، نيرن پچائيندیون، ٻارن کي ڪارائيندیون، ان کان پوءِ ڪٽنديون مکڻ سان مکيل ٽلهيون مانيون متي تي، ۽ ڏڏ جو ڪينگرُ، جنهن ۾ مکڻ ڦُٽي[12] به پيل هوندي، ۽ لٽي جي پلهه ۾ منائي ذرو به ٻڌل هوندو، ميل، سوا پنڌ هٽي، وڃي پوکن ۾ مڙسن کي ڪارائيندیون، جيسين مڙس ماني ڪائي وڃي، تيسين پلهه سان مکيون به پيون هڪلينديون، ۽ مڙس سان گهَرو معاملن متعلق، اَندي نِـئي جي سلسلي ۾، ۽ سودي سود لاءِ پيون صلاحان ۽ مشورا به ڪنديون. نيرن پاڻي ڪرائي وري ويچاريون گهر ايندیون، ته منجهند جي مانيءَ تائين متي ڪنهڻ جي واند ڪانه ملندين. مرد موٽندا، ماني ڪائي گهڙي ڪن آجهاپ ڪندا، ٻارن جا اوڪا پوڪا لاهي، ٽانوَ ٽپا ڏوئي، لاڙوين منجهند کان پوءِ وڃي انهيءَ قمام ۽ ڪاروبار مان واندیون ٽيندیون. اهو ئي وقت ويندي لاڙوين ٽپهريءَ تائين ملندو هونِ، جڏهن هو پاڙي پنبي يا ساهيڙين ۽ سهيلين جي گهرن

جو چڪر هٽندیون هیون، ۽ گهڙي ساعت ويهي ساهه ۾ پٽيندیون، پاڻ ۾ چار چونڪ ڳالهين جا ڪندیون ۽ هڪبئي جي وارن کي ويريون ۾ ڏيندیون. اِنهيءَ ئي وقت هڪ طرف جيڪڏهن اهو شغل هوندو ته بئي طرف کي مايون رات لاءِ چانور پيون سوئيندیون، ڪن جي اڳيان اُکريءَ ۾ ڪٽڪ يا ساريون پيل هوندیون جن کي پيون مُهريءَ سان چڙيندیون، يا چڃن ۾ وجهيو پيون چنديندیون. ڪن جا اوکا پوکا لڦل هوندا، ته اهي پيون برڻ پريندیون يا ويڻيون رليون ٺوپيندیون. سنڌ ۾ سئيءَ يا ڪنديءَ جو برڻ يا قالين نما رِلين جو فن انهيءَ ۾، پهريءَ کان ونِي لاڙوين ٽپهريءَ تائين جي وقت جو ايجاد آهي. سج لهڻ ۾ اڃا ڪلاڪ، ڏيڍ جي دير هوندي، جو هرڪا سهيلين ۽ ساهيڙين کي ساڻ ڪري، دلا مٽن تي ڪٽي، اچي ڪوهه جي پڳ تي پهچندي. انهيءَ وقت پاڻ ۾ سندن چگّي ساعت مجلس ٿيندي. رازن جون ڳالهيون، ۽ دلين جا معاملا ان وقت هڪبئي سان رمز ۽ اوڙاپي ۾ نه، بلڪ برملا ويهي ڪندیون ۽ پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترا اهم مسئلا ڪوهه جي نيسر وٽ يا پڳ جي پاسي ۾ ويهي طيءِ ڪنديون. انهيءَ ڪوهه جي ميڙاڪي ته سنڌ ۾ عمر مارئيءَ جي قصي کي جنم ڏنو، ۽ سنڌ جي ٻين ڪيترين محبتي آکاڻين جا آغاز اتاهون ئي ته ٿيا! نه فقط اهو بلڪ عشق ۽ محبت جا مخصوص الفاظ، اوڙاپن ۽ سهاپن جا اکر، فطري جذباتن کي اظهار ڪندڙ نازڪ ۽ نرم محاورا ۽ تلميحان، ڏکن سورن، هجر ۽ فراق، يا محبت ۽ عشق جي سڃي ڪاروبار جي لغت جو ذخيرو اتهين جڙيو، ۽ سَون قصن ۽ ڪهاڻين جا پلاٽ انهيءَ جاءِ تي ئي ٺهيا.

* * *

سنڌ جي ڪافين خواهه بيتن ۾ مرد هميشه معشوق ٿئي ٿو ۽ عورت کي عاشق ڪيو ويو آهي. ان جو مکيه سبب اهو آهي، جو هتان جو عشق اخلاقي اقدارن کان ٻاهر ڪونه ٿو نڪري. مايون پنهنجي ئي مڙسن سان محبت ڪن ٿيون، پينرون پنهنجن ئي پائرن لاءِ سڪن ٿيون، مائون پنهنجي ئي اولاد تي آرو رکن ٿيون، ۽ ڏيئر اباڻن ۽ پيڪن لاءِ پيون ڪانگ اڏائن ٿيون، مثلاً:

شال نہ رهن ڏور، هُئَن، اباڻا اوڏاڙا،
ميان تن ريءَ مور، مون هت جالڙ نہ ٽئي.

پردي منجهہ پناه، موکي رب رکيج،
اُکندِ هِـن ارواح، آهي اباڻن جي.

پاڙو پاڙي ساڙ، شل هئان اباڻن جي،
پکن تـن جي پاڙ، آءٌ تا سُکيو پائيان.

اهڙيءَ طرح عشق ۽ محبت جو مرڪز جيئن تہ مڙس ٿئي ٿو، ياءُ ٿئي ٿو، اولاد ٿئي ٿو، يا پيڪا ۽ اباڻا ٿين ٿا، تنهنڪري عورت کي محبت ڪندڙ، پيار ڪندڙ ۽ عشق ڪندڙ ڏيکاريو ويو آهي. اسان وٽ جيڪي عشقيہ آکاڻيون آهن، تن ۾ پڻ نتيجي طور آخر ۾ زال ۽ مڙس ڏيکاريا ويا آهن. زال جي مڙس سان محبت ٿئي ٿي، عشق ٿئي ٿو، ۽ هڪ قسم جي عقيدت ٿئي ٿي. اسان جي عورت وٽ وَرُ وڏي اهميت رکي ٿو، عورت جي سموري زندگيءَ جو مرڪز محض مڙس ٿئي ٿو، زال جي سموري حياتيءَ جو محور سندس سهاڳ ٿئي ٿو، ان جي ئي گرد سندس فڪر ۽ خيال گهمي ٿو. سنڌ جي تصور جو عشق بدڪرداريءَ ۽ نفساني خواهشات جو مظهر ڪونہ ٿو ٿئي، گهرن جي تخريب ڪانہ ٿو ڪري، پر تعمير ڪري ٿو، رسوائيءَ ۽ بداخلاقيءَ جو سبق ڪونہ ٿو سيکاري بلڪ بن زندگين جي باهمي ربط ۽ ضبط جي مضبوطيءَ ۽ پائداريءَ ۽ پڪائيءَ کي پيش ڪري ٿو. انهن سيني اسبابن سبب سنڌ جي شاعرن عاشق جو ڪردار زناني زبان جي ذريعي پيش ڪرايو آهي[13]. تنهنڪري عشق ۽ محبت جي مختلف ڪيفيتن ۽ سموري روئداد جي سلسلي ۾ تخيل، محاورن، تلميحن، ۽ الفاظن جو سمورو ذخيرو گويا عورت جو پيدا ڪيل آهي. ۽ اهوئي سبب آهي، جو سنڌي عورت جي صبح کان سانجهيءَ تائين جي زندگيءَ، سنڌي شعر ۽ سخن کي سچن خيالن، ماحول جي محاورن، ۽ گردوپيش جي تلميحن ۽ تشبيهن سان مالا مال ڪري ڇڏيو- مينهن ڏُهڻ مان "ڪنڊون وجهي ڪير پيارڻ" جو استعمال عمل ۾

آيو، ڏندن کي "اڇو جهڙو ڪير" چوڻ بہ اتهون هنن سکيو، ڏڏ ولوڙڻ مان محبوبن کي "مکڙ، ماکي ۽ مصريءَ کان وڌ مٺو" بيان ڪرڻ جا تصور پيدا ٿين- جهڙيءَ طرح هڪ ڪافيءَ جي هن مصرع ۾ چيو ويو آهي:-

مکڙ ماکي مصري، تنهن ڪئون محب مٺو!
الا! آرياڻي اوهان نہ ڏٺو!

مکڙ ڏُڏ مان ڪين ٿيون، مصري ۽ ڪنڊون گهر ۾ رکن ٿيون، ۽ جهنگن جهرن مان مرد ماکيون لاهي، اهي بہ آڻي کين ڏينِ ٿا. جڏهن عاشق کي پنهنجي محبوب لاءِ راءِ ڏيڻ جي ضرورت پيش آئي، تہ هُنَ پنهنجي ئي ماحول مان تشبيهون ونيِ، پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو. اهڙيءَ طرح جڏهن پنهنجي پرينءَ کان پري رهيون، تڏهن سندن مَنَ ۾ جيڪا پيڙا ٿي، ان لاءِ هنن جنڊ جي بن پُڙن ۾ جنهن نموني ڪڪ پيڙجي پاهُ ٿي ويندي آهي، ان جو مثال پيش ڪيو. اهڙيءَ طرح مرد تہ منهن اوندهائيءَ پوکن پلاهن تي هليا ويندا هئا، پنيان فقط عورتون رهنديون هيون. ڪانگل جڏهن اگڻن ۽ آڱرن ۾ پرهہ ڦٽيءَ اچي لٽا، تڏهن هنن ئي تہ "ڪانگ اڏائڻ" جو سمورو تصور ۽ ان جا هزارين متعلقات اسان جي ادب ۾ پيدا ڪيا. غرض ڪهڙا مثال ڏئي ڪهڙا ڏجن! شل سندن وَرَ ۽ گهر، پيڪا ۽ اباڻا، ابل ۽ ادل وسن ۽ جيئن! سندن صبح کان وڻي سانجهيءَ تائين جي زندگيءَ، سندن هڪ هڪ پهر ۽ پلڪ، سندن هرهڪ وک ۽ قدم، اسان جي ادب کي لازوال خزانا بخش ڪيا، ڏينهن تہ ڏيهو، پر رات جي مانيءَ ٽڪيءَ ڪاڏي ۽ ڪارائي ڪان پوءِ ويندي جيسين ٻارن کي سمهاريندیون، يا ڪير ۾ سباڻ وجهي، مينهن جي ڦرن جا ڪِلا ڏسي، اچي آهلڻ لاءِ ڪٽ تي ويهنديون، تا جيسين وڃي هائو مائو ٽرئي سندن اک لڳندي، انهيءَ وچ ۾ پڻ هنن جي طفيل سنڌي ادب کي ڪيترا انعام عطا ٿيا. مثلاً، وڏي جُڳ جون مايون ويهي مداحون، هرٽيءَ جو معجزو، يا حضرت صہ جن جا ٻيا معجزا پڙهنديون، ٻارن واريون ٻارڻن کي ريجهائي سمهارڻ لاءِ ننڊڙيون آکاڻيون ڪٺنديون- جيسين وڃي سهماڻيون ٿين، جيسين وڃي ننڊڙن جي اک لڳي. سوين مداحون ۽ معجزا انهيءَ وقت لاءِ نهيا، انهيءَ ديو جا قصا، جيڪو ڇهہ مهينا ننڊ ڪندو هو ۽ ڇهہ مهينا جاڳندو هو، انهيءَ

ديوَ جي ڪهاڻي، جنهن جا هزارن سالن جي عمر هجڻ سبب اکين جا ڇپر لهي اچي هيٺ پيا هئا ۽ تيسين ڪونہ ڏسي سگهندو هو جيسين ڪو سندس ڇپر ڏانداريءَ سان مٿي نہ کڻندو هو، يا انهيءَ پريءَ جون ڳالهيون، جنهن جو ساهہ هڪ طوطي ۾ پيل هو ۽ اهو طوطو ستن سمندن جي وچ ۾ پيجري اندر بند هو، يا انهيءَ شهر جو مذڪور، جيڪو سينگاريل تہ هو، ۽ هر قسم جو وکر بہ دڪانن تي رکيو هو، پر منجهس ماڻهن جو نالو نشان ڪونہ هو، چاکاڻ تہ 'آدم بوءِ' 'آدم بوءِ' ڪرڻ واري ديوَ سڃو شهر ڪائي چٽ ڪري ڇڏيو هو- مطلب تہ اهي ۽ اهڙي قسم جا هزارين قصا ۽ ڪهاڻيون، ڳالهيون ۽ آکاڻيون انهيءَ وقت ۾ تراشيون ويون، جن کي اڄتي هلي سنڌي ادب ۾ لوڪ ڪهاڻين داستانن جي عنوانن هيٺ جاءِ ڏني وئي.

* * *

حقيقت اها آهي تہ نئين تمدن، نئين تهذيب، ۽ هن نئين دور، جنهن کي اسان تمام ترقي يافتو پيا سمجهون، سنڌ جي سڃي ڪائنات کي تهہ وبالا ڪري ڇڏيو: اُها اُتِي ويِـنِي وئِي، اها رهڻي ڪهڻي وئي، اهي رسمون ۽ رواج ويا، اهي ڪردار ۽ اهي اخلاقي اقدار ويا، ۽ سڃيءَ سنڌ جا هنر بہ ويا ۽ اهي هنر وارا بہ ويا، يعني نہ فن رهيو نہ فنڪارئي رهيا.

مردن جي دنيا بدلي تہ عورتن جي بہ رُتِ ڦري وئي. مان پاڻ پنهنجي هنن گنهگار اکين سان مائن قناويزن ۽ گربين ۽ سوسين جون سٽڻان هيٺ تي ڏٺيون، پرت پريل گج بڻ تي، ۽ مٿي تي سنهيءَ ململ، ۽ بوند يا ڏورئي جا ڪنديءَ پريل ڪنارن سان روا ڏنا، ۽ پيرن منجهہ ٽِ ڳلين جڙتيون پيل ڏٺم، تري ۾ سيم لڳل ۽ گلن مڙيان سڃا يا حسب حيثيت ڪوڙا موتي جڙيل.

نئين فيشن سپ کان پهريون سٽڻن لاءِ ڇِـيڻان پيش ڪيون، قناويز، گربين ۽ سوسين جو مانُ ويو، انهن سان گڏ آٽڻ بہ ويا، ۽ جيڪي آٽڻن ۾ ويهي اوران اوريندين هيون، بول ٻڌندين هيون، ۽ قول قرار ڪندين هيون، سي ڳالهيون بہ ويون، ۽ جڏهن اهي رخصت ٿين تہ چندن جي چرخي بہ چُرڻ کان نابري واري، انهن آئٽن جڏهن ڪٽڻ چڏيو، تہ ڪورين بہ پنهنجا تِير ۽ ٽُڪلا بند ڪيا. جڏهن

اهو سيڪجهه درهم ٿي ويو، تڏهن نه فقط پهر ۽ پوشاڪ ۾ ڦيرو آيو، بلڪ سنڌي ادب کي پڻ وڏو نقصان پهتو. انهن ئي آٽڻ وارين سنڌي ادب کي سَهسين ماڻڪ ۽ موتي ڏنا، چرخن جي سُرَ ۽ ساز اسان جي شعر وسخن کي ڪيترن نون خيالن جا ڏيب ۽ ڏاجا ڏنا، انهيءَ آٽڻ تي ۽ انهن چرخن کي چوريندي ته ليلا کي چنيسر جو چِتُ لڳو، ڪيس اتي ئي سهاپو مليو، ۽ اتان ئي ته سندس عشق جي آکاڻي نسري ۽ اُسري هلي! ازين قسم کورين ڪتڻ ڇڏيو ته سندن سياڻپ ۽ ڏاهپ متعلق جيڪي هزارين لطيفا نهيا ۽ جن جي ڪري سنڌيءَ ۾ ظرافت ۽ طنز جو ادب پيدا ٿيو، انهن جو نه فقط نهڻ ۽ وڌڻ ويو، بلڪ اسان جي لوڪ ڳُن مان لطيفن ۽ مزيدار ٽوٽڪن جي سموري اوسر ئي بند ٿي وئي.

سڀ کان پهريون ولايت کان آڳا[14] آيا، جنهنڪري نه ڇڙو گج ويا بلڪ برٽ جي فن ۾ به زوال اچي ويو، ۽ جڏهن ڇِڪنا[15] گهورڙيءَ ڪٽي گهمايا، تڏهن رَوَن ۽ چولن جو برٽ به بند ٿيو، ڪُنڊن جا منهن رکئي رکئي مانا ٿي ويا، ۽ چُر ۽ پور[16] پڻ الائي ڪاڏينهن جو ڪاڏي ويا! اهو ته خير نقصان ٿيوئي، پر خود رَئو به متي تان لهي اچي ڪُڇيءَ ۾ پيو. اڳ ڪنهن عورت جو لٽو لهندو هو، ته گويا سندس سڄو ننگ ۽ ناموس ويو، سندس ساک پت وئي، ۽ سندس عزت آبرو ختم ٿي. عورتون ڪنهن زائفان جي چال چلت کي پسند نه ڪنديون هيون ته ان کي "لٽي لٽل" سڏيندیون هيون. اشهد آگر نڪ تي رکي، هڪڙئي کي چوندیون هيون، "هَئي هَئي، اڙي ادي! هيءَ پهاڻ ته لٽي لٽل ڪا لانگڙِ لاهِ ٿي ڏسجي، نه جيجل، نہ! هن جي ويجهو ڪير ويندو، هٽ لاءِ ته هٽ ڪارو پير لاءِ ته پير ڪارو. توبهه ڪر توبهه!" پوءِ اها زائفان جڙ هميشه لاءِ زناني سماج مان خارج ٿي وئي. هرڪا شريف زال پئي ان کان موڙو ۽ موشو ڪندي. جنهن زال کي لوڪ لڃا ڪانه هوندي هئي ۽ شهر جي چوءَ پچوءَ جي پرواهه نه هوندي هئي، ان لاءِ چوندیون هيون، "مائي هيءَ ته بي پِتي آهي، لڄ ۽ حياءُ ئي اکين ۾ ڪونه اٿس!" لٽو گويا عورت جي عفت، عزت ۽ ستر جي نشاني هو، تنهنڪري ان جو ايڏو مانُ ۽ مرتبو هو، جو رَئي جو پلؤ پيو ۽ لٽي جي ميڙِ آئي، ته گهراٽن جا اختلاف، باهمي دشمنيون ۽ سالن جا قط لحظي ۾ لهي ويندا، خون ٿيندا، ته ڏوهي، سادات

۽ نياڻيون ميڙ ڪري، در پيهي ويندا هئا ۽ نينگريون پلوَ ۽ پاند[17] ڳچيءَ ۾ وجهي چوندیون هيون، "ادا هيءَ ميڙ اٿي! اسان کي ڏوهه بخشّ!" نہ چڙو ڏوهه معاف ٿيندا، دلين مان ڪدورت نڪرندي ۽ مٽيون مائٽيون ڳنڍي جي ويندیون، بلڪ جڏهن نياڻيون پنتي ورندیون، تہ سندن مٽن تي روا پوتيون وجهي، پوءِ کين واپس ڪندا هئا. گويا مراد اها هئي تہ شل نياڻين جو سر سدائين سلامت رهي. انهيءَ ئي لٽي جا پاند ڳچيءَ ڳل پائي مايون پنهنجا پنهل پرچائيندیون هيون. جهڙيءَ طرح ڪنهن شاعر چيو آهي:

اٿم اميدون اجا اجا،
مان تہ پاند پائيندَس پنهل پرچائيندَس-
اٿم اميدون اجان.

الغرض سپاٽا ۽ سيندل جڏهن آيا، تہ تہ، ڪُليءَ جاءِ ڇڏي، موچِن بہ ويچارن هٽن مان ڪٽي آر ۽ ڏاڳو رکيو. لِپ اِسٽڪ لڳي، تہ سُرخيءَ رنگ ڇڏيو، ۽ مساڳ جو مانُ پٽ ويو. بهرحال لبن تي لالي ضرور رهي، ليڪن مساڳ لڳل چپن ۾ جيڪو مينـاج هو، ان جي شيريني لپ اِسٽڪ ۾ ڪٽي! مساڳ تہ چپن کان وٺي مهارن تائين رنگ رکي بيهندو هو ۽ لپ اسٽڪ ڇڙو چپن کي چٽي بيهي ٿي، جنهنڪري مشڪٽ جي مهل مهارن جو مختلف رنگ چپن کان جدا ٿي، ڏاڍو بدزيبو پيو لڳي. اکين مان حجاب موڪلايو، تہ سرمي ۽ ڪجل جي ريک بہ رخصت ٿي، سرمون نيٽن مان نڪري وجي نڇڪٽي سان نوچيل پِـروَنِ تي پهتو. اهڙيءَ طرح آهو چشم بہ ويا تہ ابرو بہ چٽُ ٿيا، نہ چشمن جا چالا ۽ پنبٽن جا تير رهيا، نہ ابرن جون ئي ڪمانان قائم رهيون، گويا روايتي معشوق جي سموري اسلحہ خاني ۾ Disarmament جو دؤر اچي ويو. پيرن ۽ هٽن جي ننهن تي آمريڪا مان آيل رنگ غالب پئجي ويو. مينديءَ ۾ اگرچہ رنگ اجا بہ اهوئي آهي، جنهن لاءِ سنڌي سَهِـرن ۾ مائن چيو آهي:-

هٿ ادل جا مينديءَ رتڙا!
او!
ڳاني جوڙ بنايو.. .منهنجو ادل آيو!

پر واهپوئي جڏهن ويو، تہ رنگ رکڻ مان ڇا ورندو؟ خود مردن جون ڏاڙهيون ۽ مڇان بہ ٽري ٽي ويون، تنهنکري حنا سفيد سُنهارين تي رنگ رکي بيهڻ واريءَ سنت کان بہ سبکدوش ٿي وئي، ۽ نيٺ هلي هلي، ميهڙ جي ميندیءَ جا کيت بہ هک ڏينهن غيرآباد ٿي ويا.

* * *

ميندیءَ جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ هک لطيفو ٻڌي ونو: اوهان کي معلوم آهي تہ غزل گو شاعرن جو محبوب کافي گو شاعرن جي پرينءَ وانگر نيڪ، حجاب ۽ حياءَ وارو يا پنهنجي عاشق جو سچو وفادار نٿو ٿئي، بلڪ نهايت ظالم، ستم کش، جفاکار، بدخو ۽ خوني ٿئي ٿو، سندس زندگيءَ جو مقصد اهوئي رهي ٿو تہ کيئن بہ کري مڙيوئي غريب عاشق کي سک سمهڻ نہ ڏجي، کيس هميشہ ڏک ۽ ڏجها ڏيو پيو پيڙجي ۽ ستائجي. جي گهٽو گهٽو کري تہ کيس هجر ۽ فراق جا صدما سهائي سهائي يا تہ نهوڙي ناس کري، ايترو ضعيف ۽ ناتوان کري ڇڏجي، جو جڏهن حضرت عزرائيل سندس ساهہ کيڻ اچي، تہ کيس عاشق جي بجاءِ کٹ تي ان جا کندا ۽ هڏا بہ نظر نہ اچن، جهڙيءَ طرح هن فارسي عاشق بيان کيو آهي:

تنم از ضعف چنان شدم که، اجل جست نيافت،
ناله، هر چند نشان داد که در پيرهن است.

ٻيو شعر آهي:

از ضعف چنا شدم کہ بر بالينم
صدبار اجل آمد و نشناخت مرا

ٻيا بيت:

طبيبا بر سرِ بالينِ من آهستہ تر بنشين
کہ ترسم بارِ دامانت ز بستر دورم اندازد

چنان ضعيف شدم از غمت، منِ درويش
کہ سايہ را نتوانم کشيد از پي خويش

يا وري عاشق جي خون مان پنهنجا هٿ ۽ ننهن هر وقت رنگيندي رنگڻيندي، ڪيس ابنيمڪ (خون جي ڪمي) ڪري، آخر ماري ڇڏجي. اهوئي سبب آهي، جو غزل گوين چيو آهي تہ معشوق جي هٿن کي مينديءَ جي رنگ جي ضرورت ڪانہ ٿي رهي، سندس لاءِ عاشق جي خون جي لالاڻ ئي ڪافي ٿئي ٿي. جهڙيءَ طرح غالب چيو آهي:

خون هي دل خاک مين، احوالِ بتان پر، يعني
ان کي ناخن هوئي محتاجِ حنا ميري بعد.

يعني جيسين غالب جيئرو هو، تيسين تہ معشوق جا ننهن هميشہ سندس خون مان رڱبا رهيا، ليڪن جڏهن خير سان وفات ڪيائين، ان وقت سندس روح پر فتوح دانهن ڪري چيو تہ ڪيڏو نہ افسوس ۽ ارمان آهي، مون کان پوءِ ڪيئن نہ منهنجي محبوب جا ننهن مينديءَ جا محتاج ٿي پيا!

نظر علي خان مرحوم کي جڏهن عبدالرحيم ڪرل اهو شعر ٻڌايو، تڏهن فوراً هن چئي ڏنو تہ "يار غالب جي معشوق جا ننهن بہ ڇٽ خونخوار جانور جي ننهن وانگر نوڪدار هٿ، جن سان غالب جي جسم کي ٺهندان ڏئي، سندس رت ڪڍي، پنهنجا ننهن رڱيندو هو!" گهڙيءَ ڪن انهيءَ معنيٰ تي ٽهڪڙو هليو. ان وقت تہ سمجهي نٿي سگهياسي تہ گولائيءَ تي ڪٽيل ننهن ڪيئن نهندان ڏئي سگهن ٿا، ليڪن اڄ سالن پڄاڻا وجي ظاهر ٿيو تہ غالب جو چٽيل نقشو بلڪل صحيح هو، ۽ نظر علي خان جي معنيٰ ۽ مفهوم بہ ٺيڪ هو. اڇوڪين عورتن جاننهن ڏسو، صورت خواه سيرت ۾ ڪيڏا نہ مڪروه آهن! ائين پيو معلوم ٿئي ڇٽ انساني هٿ نہ بلڪ ڪنهن جانور جا چنبا آهن! نوڪدار ۽ ڊگها ننهن ڇٽ ڏڪا پيا ڏسڻ ۾ اچن، جن جي اندران غفونت آميز غلاظت پڻ پرجي وجي ٿي، ديني طرح بہ ناجائز ۽ دنيوي طرح بہ ڏسڻ جهڙا ڪين.

* * *

عورتن جو جڏهن اُهو گهريلو تمدن ويو، تہ انهيءَ تمدن جي پٺ راڻين جا ڳهہ ڳڻا بہ ويا. ڪنن مان واليون، نسبيون، پنڑا، جهومڪ ۽ ڏانوڻيون ويون، نڪ مان بول، بينسر، ڦُلِي، ڪِلِي، ڪوڪو ۽ لونگ لٿو، انهيءَ بولي يا بينسر تي جيڪي

سچا موتي جڙيل هوندا هئا، انهن مان عورتن محبوب جي سهٽن ڏندن لاءِ تشبيهه ورتي، چوندیون هیون. ”ڏند لاڏي جا اهڙا تہ جرکن ٿا جهڙا ماڻڪ موتي، اهڙا سهٽا جهڙا موتي!“ سهرن ۾ بہ چوندیون هیون:-

ڏند ادل جا ماڻڪ موتي،
ڪجل جوڙ بڻايو، ادل جو ٿيو لايو سجايو!

اها نٿ بہ وئي، جيڪا سهاڳ جي نشاني سمجهي ويندي هئي، پرڻي رات پوندي تہ وري تڏهن لهندي، جڏهن سهاڳڻ جو سات لٽجي ويندو. نامزدگي ٿي تہ نٿ لاءِ نڪ ٽوپبو. پهريون منائي ورهائبي، سهرا چئبا، هٿن ۾ پيرن کي ميندي لائبي، مگڻي جو جوڙو ڏيکائي پوءِ انهيءَ عورت هٿان نڪ ٽوپائبو، جيڪا پاڻ ورَ سهاڳ واري هوندي. جڏهن نڪ ڇڻندو، تڏهن ڪارو ڏاڳو ڪڍي، في الحال لونگ، ڪوڪو، يا ڪِلي وجهي ڇڏبي. نڪ ٽوپجڻ شرط مگڻيندیءَ جي منهن تي حجاب ۽ حياءَ مان سُرخي اچي ويندي، جيڪا حقيقت ۾ انهيءَ خوشيءَ جو مظهر پڻ هوندي هئي، جيڪا گهوٽ جي تصور سبب ڪنوار جي تحت الشعور ۾ پيدا ٿئي ٿي.

اهڙيءَ طرح سهٽيءَ ڪونج جهڙيءَ ڳچيءَ مان هسُ، هسي، ڳاني لٽي، ۽ اُهو چندن هار بہ ويو، جنهن جي تشبيهه ڏيئي محبوب لاءِ چئبو هو تہ ’ائين پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهانس جيئن چندن هار وجهبو آهي، اهڙي طرح ست لڙهي دُري (دُهِري) خواهه دعائون بہ لهي ويون. ٻانهون خالي جهڙيون ڳيرو ڇوڪرن جون. ٻانهين ڪُلهي کن پئي هئي اها وئي، تہ ڪنگڻ، بازوبند، چوڙا، چوڙيون، پوَنچيون ۽ تعويذ بہ غائب ٿيا. عاج جي ٻانهين ٻانهه مان ان وقت پيچي لاهيندا هئا، جنهن وقت وريتيءَ جو ور هي جهان چڏيندو هو. آگرين مان ڳاڙهن ساون ننگن سان مندیون لٽيون، چيچ مان چلو ويو. ۽ اڄ تہ ويڙهه ۽ ڪير مندیءَ جو تصور بہ ڪونہ ٿو اچي، ورنہ اها شيءِ ڪيڏي نہ رومانٽڪ هوندي هئي! گهوٽيتن، ڪنواريتن ۾ پهچي، ويڙهه ۽ ڪير مندي چاندیءَ يا سون جي وٽيءَ ۾ پيل ڪير مان ڪڍي ڪنوار جي چيچ ۾ پارائي، تہ مگڻي جو اعلان ٿيو، نہ ڇڙو اهو اعلان ٿيندو بلڪ گهوٽ ۽ ڪنوار جي مابين پڻ هڪ تصوراتي دنيا

خوشگوار، روح کي تراوت پهچائيندڙ، ڏاڍي سهڻي ۽ رنگين قائم ٿي وئي. جيسين وجي تِٽِ ٻڌجي، ۽ ونواه پورو ٿي، وهانوَ رات ايندي، تيستائين دماغ ۽ دلين ۾ نئين زندگيءَ لاءِ محبت جا، پريت جا ۽ پيار جا پروگرام پيا رڦبا. هڪڙيون رڦائون پيون جڙنديون ۽ ٻيون پيون ڌهنديون، نه راتين جو اهو راحت بخش تصور غائب ٿيندو، ۽ نه ڏينهن جو ان جي سلسلي جون تارون ٽٽنديون. گهوٽ کي پنهنجو پاڻُ پيو وڻندو ۽ ڪنوار پنهنجي من ۾ جدا مگن هوندي. توڙي شڪل صورت ۾ ٻئي سادا هوندا، ته به جڙ پنهنجو پاڻ کي موچارا مور پيا لڳندا. نه ڇڙو پنهنجا وجود کين انهيءَ عالم ۾ سهڻا لڳن ٿا، بلڪ هيءَ سڄي ڪائنات سندن اکين ۾ حسين ٿي پوي ٿي. جڏهن اهو مقام حاصل ٿئي ٿو، ان وقت گويا عشق ۽ تصور جو معراج ٿئي ٿو. اهوئي ڇلو، جيڪو چيڇ ۾ پوي ٿو، سو عاشق ۽ معشوق جي مابين هڪٻئي جي نشانيءَ طور به ڪتب ايندو هو، ۽ هڪٻئي سان عهدو پيمان جو سبب به بڌبو هو. ٻئي ڏريون ان جي ڏاڍي حفاظت ڪنديون هيون ۽ ان کي ساه کان به وڌ سوگهو رکنديون هيون. ابتدا ۾ چوٽيون ٿيندڙيون هيون، ۽ چوٽين کرڙ وقت عورتن ۾ هڪٻئي سان ڏاڍي رهاڙ ٿيندي هئي، دنيا جهان جا قصا پيون ڪُٽيندڙيون، وِريون ڏَئِي جُوان به ڪيندڙيون، ليکان به ماريندڙيون، لاس يا ميندي وجهي کاڻ جي به مُهين ڦٽيءَ سان (جنهن تي رنگدار ٽِڪِڙَن ۽ آئينن جي گلڪاري هوندي) وار پيون ڳُڏيندڙيون. اهو وقت عورتن جي زندگيءَ ۾ نهايت اهم هو. ان ۾ هڪٻئي سان دل جا سيئي ڏک سور اوريندڙيون هيون، ڪي بلڪل راز ۽ ڳجهه جون ڳالهيون به ڪنديون هيون، اوڙي پاڙي جي اٿي وينِي ۽ ڳوٺ جي چار پچار به پيون ڪنديون هيون. هاڻي اهو وقت به ويو ۽ اها ڪچهري به وئي، پهريون ۾ چوٽيون ويون، پوءِ هڪ چوٽي ٿي، ۽ هاڻي ته نه هڪ نه به، وچئون ئي وارن کي اچي اهڙو وارچرو لڳو، جو ڪيڇي، ڪترجي، چيلهه چڏي ڪياڙيءَ کان به مٿي ٽپي ويا. زالون حوران نه بلڪ جڙ غلمان پيون لڳن.

جنهن دؤر جو قصو ٿو ڪيان انهيءَ دؤر ۾ عورت جي چوٽيءَ جو ڏاڍو احترام هوندو هو. عورت جي چوٽيءَ جو ننگ وڌو ويو ته سيئي دليون اهڙيون صاف ٿي

ويندیون جهڙو آئينو. اها سينڊ ۾ وئِي، جنهن ڏي عورتون اشارو ڪري چوندیون هیون تہ "هيءَ سينڊ ٽي ڏيانءِ!..." گويا اهو قسم کڄي ويو. هاڻي جان هلي ويندي پر سينڊ جو قسم ۽ سينڊ تي ڏنل واعدو ڪونہ ٽٽندو. عورت کي پنهنجن وارن جو ايترو خيال هوندو هو، جو جڏهن پوليس کي ڪنهن جو مانُ لاهڻو هوندو هو تہ کيس چوٽيءَ کپڻ جو دڙڪو ڏيندا هئا، ۽ مائي پنهنجي عزت ۽ ناموس بچائڻ لاءِ خونن جهڙيون ڳالهيون ۾ ٻڌائي ويهندي هئي. وارن جي ٿوري ڇڪ کپي ڪنهن ماڻهوءَ ڏي موڪلیندیون، تہ اهو گويا اعلان هوندو تہ اڄ کان پوءِ جان ويندي پر آن نہ ويندي، ۽ عشق جو اظهار ۾ چوٽيءَ مان ڇڪ موڪلي ڪيو ويندو هو. ڪنواريتا پنهنجي نياڻي ڏئِي، پوءِ هميشه گهوٽيتن جا ڪاٽيارا رهندا هئا، ڇاڪاڻ تہ سندن نياڻيءَ جا وار گهوٽ جي ڪٽ تي وڇايل هوندا هئا. الغرض جڏهن چوٽيون ويون، تہ انهن جو مانُ ۾ ويو، سينڊ نہ رهي تہ عورت جو قول ۽ قرار ۾ ڪونہ رهيو. جڏهن اهي سيئي ڳُٺَ ۽ ڳالهيون ويون، تہ سينڊ جي سَري وئي، چوٽين جون سڳيون ويون، ۽ سونَ چانديءَ جا ميناڪاري چوٽيءَ ڦل ۾ ويا، ۽ چوٽين ۾ پيل چانديءَ يا سون جا جهوڙا پڻ ويا.

اهو تہ ٿيو تمدن جو نقصان، ليڪن وارَن وڃڻ ڪري ادبي دنيا کي ڪيترو گهاٽو لڳو. اهي زلف ۽ گيسو ويا، جن کي پريشان ڏسي عاشقن جي دلين جي دنيا درهم برهم ٿي ويندي هئي. انهن ڪاريهر نانگن جا، جيڪي واسينگن جان ور وجهندا هئا، بند ۽ ڪمند ويا. نہ انهن ۾ حلقا رهيا، نہ انهن جا دام ۽ پيچ رهيا. ارمان ۽ افسوس اهو آهي تہ غزل گو شاعرن کي ڦاسائڻ لاءِ معشوق وٽ جيڪي زنجير هئا، جن ۾ عاشق ويچارا اڇي نخچير ٿيندا هئا، سي سڀ جڏهن 'تن بتقدير' ٿي ويا، تہ هاڻي شهر جي شاعرن جو اهو گروه، جيڪو معشوقن جي بنديخاني ۾ بند ٿيڻ لاءِ هر وقت پيو واجهہ وجهندو هو، سو ڪاڏي ويندو؟

بي پردگيءَ سبب عورت جي عصمت ۽ عفت مان جڏهن ڪشش نڪري وئِي، تہ اڇڻ جي عزت ۽ حرمت يا ان ۾ جيڪا تندي ۽ مضبوطي هئي، اها ۾ وئِي، ۽ اها وئِي تہ اڇڻ ۾ جيڪي سون ۽ رپي جا جهاڀا پوندا هئا، تن جو ۾ رواج نڪري ويو. پيرن جي تِرين ۽ آڱرين مٿان ميندیءَ جو رنگ، جيڪو رنگ رچائي بيهندو

هو، سو جڏهن لالاڻ لاهي پيو، تہ پيرن جي آڱرين مان ميناڪاري ٻنڊڙا ٻہ لٽا، ۽ پيرن منجهان نورا، ڪڙيون، پنيون، پايل، ۽ پازيب ٻہ موڪلائي ويا.

ڪيڏي نہ ارمان ۽ افسوس جي ڳالهہ آهي! اهي سمورا ڳهہ ڳڻا ۽ سينگارسنوار جا اهي سيئي انگ اسباب رواج ڇڏي ويا. عورتون هاڻي سهرن ۾ ڇا چوندیون؟ ”سونو بازوبند مان ڏي آدل موڪليو... نسبين جوڙ بڻايو... ۽ ڏُهري گهڙائج نِهري!“ ڪٽان ڳائي وڄائي سگهنديون! اهي سونارا ٻہ تہ هليا ويا، جن وٽ سون جي پرکا ٿيندي هئي، سچ ۽ مٽ جو تفاوت ڪيڙي ٻاهر ڪندا هئا، ۽ فني مهارت ۽ هٿ جي صفائيءَ جا ڪمال ڪري ڇڏيندا هئا.

* * *

سنڌ ۾ عورت لاءِ عيب هو تہ هوءَ ڪافي يا ڏوهيڙو چوي، تاهم لڪ چوريءَ ڪيترن ڪلام جوڙيا، جن مان انهيءَ زماني ۾ چند مشهور ٻہ ٿيا. اهو تہ اتفاق هو، جو ڪجهہ ٻاڦ نڪري پئي، ورنہ ويچاريون سيڪجهہ سيني ۾ سانڍيون، زمانو ٿيو، جو هتان هليون ويون. عورت لاءِ البت سهرا چوڙ ۽ سهرا ناهڻ مباح هئا، جنهن ميدان ۾ هٿن واه جي رنگ لائي ڇڏيا. اسان جي ڳوٺ ۾ ٻہ مايون سهرن جون ڪاريگر هيون: مائي حليمان بونيٽ واري، ۽ ايمٽان مرهيات[18] بهمڙ واري. سهرا ناهيندیون ٻہ هيون ۽ چوڙ چوائڙ جون ٻہ ڏاڏيون سيبائتيون ۽ سريليون هيون. مگڻو ٿيو، ونواه ۾ ڪنوار وينيء پرڻي رات آئي، خواه ستاواڙي تان ڪنوار موتي - ڏينهن جا ڏينهن ڪين اڳ اطلاع ڏبو. موقعي ۽ مهل، خواه ڏُرين جي درجي ۽ مرتبي آهر سهرا جوڙيندیون، انهن جا سُرَ ناهيندیون، سُرَ جهلڻ واريون مقرر ڪنديون، ۽ آخر جڏهن ونواه ٿيو تہ ان کان پوءِ هر روز سومهياڻيءَ جي ماني ٽڪي کائي، سڄي شهر جي سيبتين کي ساڻ ڪري اچي گهوٽيتن جي گهر پهچنديون. هر موقعي جا جدا جدا سهرا هوندا: مگڻي جا، ميندیءَ جا، نٽ ٽوپجڻ جا، ونواه جا، لانون جا، نڪاح جا، ڪنوار جي رخصتيءَ جا، ۽ ستاواڙي جا. سهرن هلندي، ٽالهي ٻہ پئي وڄندي، ۽ جهمر ٻہ پئي لڳندي. ناڇ اسان وٽ سخت معيوب هو. گهريلو عورتن جو اهو مرڪ نہ هو تہ ڪين نچڻين وانگر نچائجي. نياڻين سياڻين، يا وينا وياون کي ناڇ سيکارڻ

اسان وٽ تهذيب ۽ شائستگيءَ جي سند ڪونہ سمجهيو ويندو هو، جيئن بنگالين وٽ آهي، يا انهيءَ آڌار تي اسان وٽ سڳابندي ڪانہ ٿيندي هئي تہ چوڪرِ نچڻ جاڻي ٿي يا نہ، ڳائي وڄائي سگهي ٿي يا نہ؟ اسان وٽ تہ نجابت ۽ شرافت لاءِ ثبوت اهو هو تہ هنن جي اکين ۾ حياءُ ۽ حجاب هجي، سندن لڄ لٽل نہ هجي، ڏاڙهي ماڙهوءَ تي اوچتو اک پوي تہ نيٺ نيچا ٿي وڃن، گردن جهڪي پوي، ۽ شرم وچان پيشانيءَ تي پگهر نڪري اچي. جيڪا زائفان بدخوءِ ۽ جهيڙاڪر هوندي هئي، ان لاءِ عورتون چوندیون هيون، 'ڏسو مائي! هيءَ تہ ڪا نچڻي آهي، هڪ نهن تي پئي ناچ ڪري!'، گويا نچڻ وٽن وڏو طعنو ۽ تنڪو هو. اسان وٽ فقط جهمر رائج هئي، جيڪا پٽ پرٽلان عورتون چڙو شادين مرادين جي موقعي تي، سو بہ عام نہ بلڪ عورتن جي ڪنهن خاص مجلس ۾ هلنديون هيون. بهرحال، سهرن هلندي هلندي، وچ وچ ۾، هڪبئي تي، پرائي پنهنجي تي، گهوٽيتن ڪنواريتن تي ٽوڪ ٽهول بہ پئي هلندي، لاهٽيون بہ پيون لهنديون، ۽ چرچا پوڳ ڪري ٽهڪڙا بہ پيون ڏينديون، جيئن ڪنهن جي اکين ۾ جي ڪا اوجهراڪي اچي، تہ اها لاهي تازي تواني ٿئي.

جيسين سڄا قصا ختم نہ ٿيندا تيسين سهرَن واريون سڄو پاڙو مٿي تي ڪنيون بينيون هونديون. اهي شور شغل يڪا بہ بہ مهينا پيا هلندا. سهرن وارين کي ڪابہ لالچ ڪانہ هوندي هئي. گهوٽيتن طرفان پُڇيءَ مراد جي ڪين ڪو جورو پوتو ملي ويو، تہ گويا لک ٿي ويا، جڏ سندن لاءِ سيڪجهہ ٿي ويو.

هاڻي تہ شاديون شاديون ئي نہ رهيون، غمين کان بہ وڌ، بي رنگ ۽ خاموش، گويا شادي نہ پر ڪنهن عزيز جو جڏ پٽر[19] آهي. شاديءَ کان اڳ ئي گهوٽ ڪنوار پيا گڏ گهمن، پوءِ اڀ ڏني ۾ جيڪا ڪشش ۽ هڪ تصوراتي رنگيني هئي، اها ڪٿي قائم رهندي؟ چاه پارٽي ڪري، ٽپهريءَ جو نڪاح، جو پڙهائبا، تہ انهن ۾ پيڄ پنيءَ وقت لانون لهڻ واري ڪيفيت چو پيدا ٿيندي؟ سهرن ۽ شرنائن جي، دهلن ۽ دمامن جي، سائنن ۽ سوٽن جي، سنگتين ۽ ساٿين، جيڏين ۽ سهيلين جي گڏ ٽيڻ ۽ خوشين ڪرڻ جي.

مهينن پاند شاديون شادمانا پيا هلندا هئا- جيسين وجي لايو سجايو ٿئي تيسين پئي هماهمي هلندي، ڏاج ڏيوڻ پيا نهندا، نياڻين لاءِ جورا پوتا پيا ايندا، چلومندي پيو گڏ ٿيندو، مٿن مائٽن ۽ اوري پري جي ساڻ سنگت کي پيا سڏ ڏبا، رنڀل پيا پرچندا، ۽ پرتلن تائين پيا پيغام پهچندا. مطلب ته کا گالهه هئي چا؟ هرکو کٿو نه پيو پڇندو هو. ائين پيو معلوم ٿيندو ته جڙ هڪ جو وهانءُ ۽ ونواه نه آهي، بلڪ سڄي شهر جا شادمان آهن. هر ڪنهن جي منهن تي مشڪ هوندي، ۽ هرکو پيو هڪبئي کي هٿ جهلائيندو.

اڄ اهي سڀ گالهيون رفت گذشت ٿي ويون. نه لانوان لهڻ، نه آئيني ۾ هڪبئي جو منهن ڏسڻ، نه ڪنوار جي چوڌاري قيرا ڏيڻ، ۽ نه انهيءَ ڪڙهيل ڪير مان ڏڪ پرائڻ جو رواج رهيو جيڪو شئنهارن[20] ۾ ڪڙهيل هوندو هو ۽ منجهس ڦوٽن جي ڪڻ ۽ سنگ جي مصري وڏي ويندي هئي. ڏڪ پر ته جڙ زبان تي ٽري[21] ٻَجهي وئي. ڪنوار جي ڪمري ۾ پهچي، گهوٽ هاڻي ونيءَ جي لٽي ڪنڌ تي ٻه رڪعتان نفل ٻه ڪونه ٿو پڙهي، ۽ نه ازدواجي زندگيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ ٻئي هٿ مٿي ڪٽي دعائون گهري ٿو، اهو جذبو ۽ اها ڪشش ٻه ڪانه رهي، جيڪا خلاصي ٿيڻ وقت گهوٽ ڪنوار کي هڪبئي لاءِ ٿيندي هئي... اڳ ۾ ئي جو هڪبئي کي ڏسي وائسي ڇڏيائون، پهريون ئي پاڻ ۾ جو بي تڪلف ٿي وڃن ٿا!

جڏهن ته هاڻي اهي سيئي رسم ۽ رواج، جيڪي اڳ حقائق هوندا هئا، داستان بڻجي ويا، ۽ محض يادگيريون وجي رهيون، تڏهن سهرَنِ جي جاءِ ٻه اڇي ناڪي رکاردن ورتي، پوءِ اهي سهرن واريون سُريليون مايون، يا سُرَ جهلائڻ واريون اهي سبيتيون ڪٽان رهنديون. سمجهان ٿو ته سهرن جي اها صنف، جيڪا سنڌ جي زناني ادب ۽ فن جو اهم حصو هئي، سنڌ منجهان گهٽي ياڳي ختم ٿي وئي هوندي - افسوس.

* * *

انهن مذڪورن مان منهنجو مطلب هي آهي ته آءٌ اوهان کي ڏيکاريان ته جنهن دؤر ۾ نواز علي "نياز" رهيو، ان دؤر جي هلي چلي، اُٿي ويني، رهڻي ڪهڻي، چال

چلت، ۽ قيل قال[22] جو کهڙو حال هو، ۽ ٻيو هي ڏيکاريان ٿا اسان جي ادب شهرن جي محدود فضا ۾ نه بلڪ ٻاهراڙيءَ جي وسيع علائقن ۾ پرورش حاصل ڪئي آهي. شهر ۾ يا ته بلڪل وڏن ماڻهن جي رهائش هئي، جن جو ادب ۽ شعر و سخن سان کو واسطو ڪونه هو، يا ته واپاري ۽ ملازم پيشي ماڻهو رهندا هئا، جيڪي پڻ انهيءَ ذوق شوق کان عاري هئا. شهرن کي انهيءَ دؤر ۾ ثقافتي خواه تمدني لحاظ سان ڪابه اهميت ڪانه ڏني ويندي هئي، بلڪ ٻاهراڙيءَ جا ماڻهو شهرن کي گنهگاريءَ جو مرڪز ۽ اوباشيءَ جو اڈو سمجهندا هئا، ۽ شهرن کي تمام حقارت سان ڏسندا هئا، چوندا هئا ته "ميان، هي ته ڪو شهري پڪوڙي خور آهي!" شهر جي نوجوانن وانگر سينڌ ڪڍي، مٿو اگهاڙو ڪري هلڻ، شُهدپڻ سمجهيو ويندو هو، شهر جي بود وباش، رهائش ۽ اُٿي ويني کين اصل ڪانه وڻندي هئي، ٻاهراڙيءَ وارا هميشه پاڻ کي هر لحاظ سان ڪردار خواه گفتار ۾ سچو ۽ سورهيه سمجهندا هئا، شهرن وارن کي ٻٽاکي، سفلہ مزاج، ۽ بزدل پائيندا هئا. شهرن ۾ رهي، جن ادبي خدمتون ڪيون، يا جن غزل گويون ڪيون، سي به اصل ته پنجهتر فيصد ٻاهراڙيءَ جا هئا. ۽ ڪنهن سهنج سانگي سان اچي شهر جا رهواسي ٿيا هئا. پر جيئن دير پَئي، تيئن مٿن شهري فضا جو اثر پختو ٿيندو ويو، تان جو هو پنهنجون اصلوڪيون عادتون ۽ خصلتون وڃائي ويهي رهيا، سندن زبان صاف نه رهي، بلڪ ان تي ڏاريُن ٻولين جو رَءُ چڙهي ويو، سندن خيالن ۾ اها فطري رنگيني ڪانه رهي، نه انهن ۾ پرواز رهيو، ۽ نه پرواز ۾ بلندي رهي، مصنوعي خيال، غير فطري تشبيهون، ۽ عاريتاً ورتل الفاظ سندن ذهن ۽ عقل تي غالب پئجي ويا. هنن جڏهن شهري رنگ ۾ رنگجي غزل گوئي شروع ڪئي، تڏهن سندن حال به اهوئي ٿيو، جيڪو انهيءَ ڪانوَ جو ٿيو هو، جنهن هنس جي چال هلي، پنهنجي رفتار به وڃائي ڇڏي هئي.

در حقيقت سنڌ جي حقيقي شاعريءَ يا اسان جي مادري ٻوليءَ دهقانين جي وستين خواه وَسنوَن ۾، ڳوٺن خواه ڳوناڙِن اوطاقن ۾، انهن جي ڪشادن اڱڻن ۽ وسيع ميدانن ۾، ڳوٺ جي وڻ هيٺ، انهن جي ٽڌين ڇانون منجهه راتين جي اوناهين خواه چانڊوڪين ۾، سانوڻ جي لُوهُن خواه لُڪن ۽ سياري جي جرُن

۽ جائُون پارن ۾، چيٽ جي موسم خواه سرءُ جي مِنين مندن ۾، ٻاهراڻيءَ جي ٻيلن خواه بيابانن ۾، ٽرن خواه برن ۾، جنڊ جي پاسي ۾، ڏڏ جي چاڏيءَ وٽ، کوهه جي نيسر وٽ، جوئر جي پوکن ۾ پيهي تي چڙهي کانيائيءَ سان جهار هکلڻ وقت، نؤ ورنين جي سينڊ سرمي ڪرڻ وقت، يا اوڙُن اورڻ مهل، شادين ۽ سکائن[23] ۾، سهرن ۽ لاڏن ڳائڻ وقت جَنم ورتو ۽ پرورش پاتي.

شهرن جون مجلسون ۽ محفلون، ادبي هجن خواه غير ادبي، مشاعرا هجن يا مناظرا، انهن سنڌ جي سچي پچي، مستحڪم ۽ پائيدار ادب کي پيدا ڪرڻ ڪيو. شهر وارن جون سيئي ڳالهيون راند هيون، سندن مشاعرا ۽ مجلسون محض بازيگري هئي، گويا غير سنڌي شاعريءَ ۾ فقط غير سنڌي لفظن، محاورن، تشبيهن ۽ استعارن جي پرمار! ادب ۾ انهن جيڪا ڪوڏر هئين، سا اجها اها جو اسان جي زبان جو حسب نسب وڃائي، ان ۾ ڪيئي قط وجهي ڇڏيائون. پر ان ۾ جيڪڏهن ڏسبو تہ هنن جو بہ قصور ڪونہ نظر ايندو. خدا جون سيئي نازل ڪيل نعمتون ۽ عطا ڪيل عنايتون ڳوناڻن کي نصيب هيون، خدا جي قدرت ۽ ڪائنات تي دهقانين جو قبضو هو، چٽين چاندوڪين تي، چوڏهينءَ جي چنڊ تي، آسمان تي، ستارن جي باغ ۽ بستان تي، ڪتين ۽ ٽيڙن جي محفل تي، باک ڦٽيءَ جي منيءَ تنوار تي، ۽ ڏڪڻ جي ڏڏيءَ هير تي، اتر جي تند ۽ تيز هوا تي، اوير جي وائوندي ۽ اولهه جي واءُ تي، چاليهي جي ڪُکن تي، ۽ برسات جي بهاريءَ ۽ بارش جي بوندن تي، ککرن جي ڪارونيار تي ۽ وڃن جي وڃڪار تي، سرنهن جي ڦڪي ڦولار تي، ۽ ان جي گلزاريءَ تي، ڏينگ ٽپا ڏيندڙ سهٽن نادر ۽ نفيس پوپٽن تي، پنيورين ۽ پونئرن تي، رس چوسيندڙ ماکيءَ جي مکين ۽ مکن تي، جهنگ جهر، جبل ۽ ٽر تي،قدرتي بهاريءَ ۽ گلزاريءَ تي، صحتمند غذائن تي، ۽ صاف شفاف درياهن مان ڏوتل هوا تي- الغرض سموريءَ ڪائنات تي، ۽ ڪائنات جي هر لطيف ۽ حقيقي حُسن تي، حڪومت هر ڪاهيندڙ ڪڙمين ۽ ڪامِن جي هئي. تنهنڪري شهر جي محدود حلقي ۾ رهي غفونت آميز ۽ غلاظت ۾ پريل آب و هوا ۾ جيئندڙ ۽ ساه ڪٽندڙ اديبن ۽ شاعرن کي چا خبر تہ سنڌ تي سنڌ جي پروردگار جون ڪهڙيون ڪهڙيون نعمتون

نازل آهن، جن مان هو بہ پنهنجي نثر لاءِ ۽ پنهنجي شاعريءَ لاءِ هر قسم جو مواد کنو کري سگهن ٿا. هير تنوار ۽ هوا، ڏکڻ ۽ اُتر، اولهہ ۽ اوپر اسان وٽ بہ آهي- پوءِ ٻين جي ديوانن مان بادصبا جو نالو ڇو پيا چورائِن؟ ايراني ذهن جي خلقيل بادصبا کي سنڌ ۾ کير سمجهي سگهندو! کانوَ غريب تي شهرن جي هماهميءَ ۾ رهندڙ غزل گوين جي کٽي نظر پوندي، جو هو کيس نياپا ڏيڻ ۽ پيغام پهچائڻ ۾ کانئس مدد ونن! هنن تہ فارسيءَ ۾ يا اردوءَ ۾ قاصد کي محبوب ڏي ويندي ڏٺو، جهٽ کٽي ان جي دامن پکڙيائون. کتين ۽ ٽيڙن تائين سندن تخيل ڇو وڃي، جڏهن تہ بجلين جي روشنيءَ ۾ هنن جي نور وجايل نيٽن انهن جي کڏهن زيارت ئي کانہ کئي. ڀالڀا گيهہ کائيندڙن کي مکڻ کٽي ملي، جو هو معشوق کي ان سان تشبيهہ ڏئي سگهن. کير هنن کاڏو ئي کونہ، تہ هو ڏندن جي سفيديءَ جو ان سان مقابلو کيئن کندا!

اهو ئي سبب آهي، جو جڏهن شهر جي شاعرن شعر چوڻ شروع کيو، تہ هنن کافيءَ ۽ کافيءَ جي زبان تي قدرت ۽ قبضو کونہ ڏنو- تنهنکري يکدم کٽي غزل جي دامن جهليائون، ۽ شاعري کندي اردو ديوانن منجهان فارسيءَ جون غير معروف ۽ عجيب و غريب ترکيبون ۽ تشبيهون کٽي، پنهنجي ريشم ۾ بافتي جي چتي ٽنبي وينا. جن کافيون ۽ ڏوهيڙا ناهيا، انهن جي اڳيان قدرت جي وسيع کائنات حد نظر کان بہ اڳتي تائين کلي پئي هئي، جنهن جي ذري پرزي مان هنن نتيجا کڍيا، ۽ انهن مان فائدو ورتائون، پنهنجي کلام کي هنن انهن تشبيهن سان سنواريو، جيکي هرهک جون ڏنل وائنل هيون ۽ انهن جي نزاکت ۽ سهڻائيءَ جو سيکو ڇاڻو هو. تنهنکري هرکنهن کي کلام ٻڌندي لذت پئي آئي، روح جي ريجهہ پئي ٿي، ۽ دل کي راحت ٿي رسي، سڀ شيءِ سندن ڏنل جو هئي، پاڻ هر تلميح، استعاري ۽ لفظ مان واقفکار جو هئا! جيکو ڏنل ڳالهہ مزو ڏيندي، اها ڇسَ ان شيءِ مان کٽي ايندي، جيکا هِنن اکين کڏهن ڏٺي ئي کانہ هوندي؟

* * *

---

[1] "خضر" جو هم معنيٰ لفظ ٻهراڙيءَ جي زبان ۾.

[2] مايون پنهنجي مڙس جو نالو ڪونہ ونندیون هيون. پٽ جو نالو ونڻي چوندیون هيون: 'فلاڻي جا پيءُ!' "فلاڻي جو پيءُ!" مرد ڪڏهن پيار مان زال کي ان جي نالي کي ننڍو ڪري سڏ ڪندو هو، يا پٽ جي نالي تي 'فلاڻي جي ماءُ' ڪري سڏيندو هو، ڪڏهن هو زال کي "ڳوري" يا "ڳئوري" ٻہ چوندو هو، خاص طرح جڏهن مائي پيرين پاري هوندي هئي- سچل جي بيت ۾ آهي:

ڏاهو چڙهي ڏار تي، ٿو ڏئي ڏوراپا،

پڌرا ڪري نہ پرينءَ جا، اهو نازڪ نياپا،

آڻيو اوراپا، ڳالهيون 'ڳوريءَ' کي چوي.

[3] سنڌ ۾ ڪن قبيلن ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي معلوم ٿئي تہ فلاڻو فلاڻيءَ تي عاشق آهي تہ مائٽ ٻنهي کي ڪارو ۽ ڪاري ڪري ڇڏيندا، يعني مرد ڪارو ٿي ويندو ۽ سندن سماج ۾ عورت ڪاري ليکي ويندي، پوءِ ٻنهي جو مارڻ سندن لاءِ عين ثواب ۽ عين عزت آهي. پيءُ ڏيءَ کي ماري ڇڏيندو، ياءُ پيٽ جو ويري ٿي بيهندو. جيسين ٻئي نہ مرندا، تيسين کير پيئڻ پاڻ تي حرام ڪري ڇڏيندا. خون ٿئي کان پوءِ ٻنهي ڏرين جا مائٽ خاموش ٿي ويندا، دانهن ڪوڪ ڪونہ ڪندو.

[4] سنڌي شاعرن ڪڏهن قاصد کان ٻہ خط موڪلڻ يعني نامه بريءَ جو ڪم ورتو آهي، مثلاً سچل چوي ٿو:

قاصد آيو ڪونڪو، ڪونہ لکيائون خط،

جيڪس هيس ڪينڪي، ريگستانِن رت،

پنهوارن پاهتُ، تيلهان مون سان نہ رکيو.

قاصد آيو ڪونہ، ريگستاني راڄ ڏهڻون-

جو تو مون کي تارِ ڪيو، سومرا ۾ سون!

مارن منهنجي روح جو، هُت هَي هَي پتو هون-

چيهون هتي چو نہ، ٿيان اهڙن عتابن سان!

ليڪن سنڌي ادب جو اهو قاصد اور نموني جو آهي، ايراني يا سنڌ جي غزل گو شاعرن وارو قاصد نهايت عامي ۽ سطحي ٿئي ٿو؛ هتي قاصد اهو ٿئي ٿو، جنهن سان ۽ سنگت ۾ سڄي عمر گذاري هجي، ۽ ڪانگل جهڙو وفادار ۽ رازن جو رکپال هجي. انهيءَ ڪري ئي کيس 'ساڻيءَ' جي لقب سان ياد ڪيو ويو آهي:

آڳيئون مُحب مَنِي، متان ڪا منهنجي ڪرين،
وِهندو وَرُ ونِي، ساڻي خبر ڪِيئن جي.

سوز پري سِٽ جا هُئِي، ساڻِي ڪين سِکيو؛
تہ متان ڏَئِي لهس لِکيو، جو پڻ مُکو سڃڻين.
ءِ ڪيس 'پانڊي' بہ سڏيو ويو آهي، جاڪاڻ جو اهوئي ساڻي جڏهن پبڪن وٽان خطي پيغام يا پرين سندي پار کان نينهن سندا ناما ڪٽي ايندو هو، تڏهن ان کي "پانڊي" (پنڊ ايندڙ) چوندا هئا. جيئن سچل چوي ٿو:
پانڊي پهچائي، ورُ عريضو عجيب ڏي؛
قاصد ڪونچائي، متان سورَ وجهين ساهه کي.

ليلائيندو آئيو، پانڊي اڄ پَراءِ،
ورتس درد ڏُراءِ، جو مت وڃائي آئِيو.

وڃي ڏيهه ڏنو، ڪي تو سندو سڃڻين!
ڇگيءَ طرح چِنو، پانڊي ڏنئه پرينءَ کي؟

اهو پانڊي عاشق جو ايترو همدرد ءِ قربائتو ٿيندو هو، جو خط ۾ لکيل مذڪور تي خود پاڻ بہ روئي ويهندو هو، جهڙيءَ طرح هن بيت ۾ بيان ڪيو ويو آهي:
ونِي هليو خط، پانڊي پار پرينءَ جي؛
روئي روئي رتُ، تنهن هلندي حال وڃائيو.

ڪانگل جتوٽيڪ نياپن سنيهن، ڳجهه اندر جي ڳالِهن، راز ءِ رمز وارن پيغامن لاءِ مخصوص هو، تاهم ڪڏهن ڪانئس نامه بريءَ جو بہ ڪم ورتو ويو آهي:
لوڏيندي لامون، ڏاهو ڏار چڙهيو چوي،
'آندو اٿم پاڻ سان، نينهن پريو نامو،
ٿوڏي ساريو سڃڻان، ڪيم راتيان روانو،
پڙهي پروانو، مون کي جلد جواب ڏي!'

اِتي کيس ’ڏاهو‘ سڏيو ويو آهي، يعني ايڏو عقلمند ۽ سياڻو، جو جيڪو نامو آڻي ٿو، ان کي بہ نياپن ۽ زباني سنيهن وانگر لکائي ۽ ڇپائي ٿو.

[5] سنڌ جو هڪ محاورو.

[6] سنڌيءَ ۾ ”موچارو“ ٻنهي معنائن ۾ ڪتب اچي ٿو، سھڻي لاءِ بہ ۽ سادين شڪل واري لاءِ بہ اِهوئي هڪ لفظ ڪتب آڻي سگھجي ٿو. استعمال مان ان جي مطلب ۽ معنيٰ کي پروڙبو آهي.

[7] دڳڙ بمعنيٰ دڪان

[8] ”ڪاني ڪيڙ“ ڇئبو آهي هيٺ ويهي، ٻئي گوڏا متي ڪري، چيلهه ۽ جنگهن جي چوڌاري چادر ويڙهي ويهڻ کي.

[9] ”مشعل“ جي سنڌي صورت.

[10] يعني علاءُ الدين خلجي.

[11] هتي جن بہ قصن ۽ داستانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي سيئي سڪر واري ماستر هريسنگ، ۽ شڪار پور واري ماستر پوڪرداس ڇپايا هئا.

[12] مڪڙ جو ننڍي ڇاڻي کي ’ڦُٽي‘ ڇئبو آهي ۽ خود مڪڙ کي بہ ڇئبو آهي.

[13] هندي ۽ پوربي شاعريءَ ۾ پڻ عورت کي ئي عاشق ٻڌايو ويو آهي.

[14] ’اڳا‘ انهن زنانن چولن جي لٽن کي ڇئبو هو، جن جا اڳ مشِين تي پريل هوندا هئا.

[15] ’ڇِڪنو‘ سفيد لٽو ٿيندو هو، جنهن جو سڄو ترو مشين جي برٿ سان پريل هوندو هو. شايد اجا بہ اهو بازار ۾ هجي.

[16] ڪاٺ جي ٽڪرن تي گل ٻوٽا اُڪيريا ويندا هئا. ڪِلِڪَ جي ڪاريءَ مش مان ٻوڙي انهن سان لٽن کي ڇُرينداهئا ۽ پوءِ انهن تي ڪنديءَ يا سئيءَ سان برٿ پربو هو. انهن لَبن کي ڇڙ ۽ پور سڏيندا هئا.

[17] رئي جي هڪ پَلَوَ کي ڳچيءَ ۾ وجهي، ٻنهي هٿن سان جهلي، پوءِ مٿي بيان ڪيل لفظ ادا ڪبا هئا.

[18] مرحومه ۽ مرحوم جي سنڌي شڪل- مرهياتِ ۽ مرهياتُ.

[19] مائٽ جي موت تي ڏينهن زمين تي ويهبو آهي، ۽ فرش تي سمهبو آهي، ان کي ’پٽر‘ ڇئبو آهي.

[20] شُنهارن (ڇُنهارن) جي ٻئي قسم جو نالو ”ڪَتيفيون“ هوندو هو.

[21] ڪير جي ملائيءَ کي ڇئبو آهي ”ڙ“ يا ”ڙي“.

[22] هيٺين فارسي ۽ عربي لفظن جو ترجمو هيٺين لفظن سان ڪري سگھجي ٿو:

تمدن= هلي چلي. تهذيب= اڻي ويڻي. معاشرو= رهڻي ڪهڻي، ڪردار (ڪيريڪٽر)= چال چلت. ثقافت= قيل قال.

[23] ڪو عزيز بيمار ٿيندو يا ڪو ڪم ڪاسندو، پوءِ عورتون ڪنهن پير جي نالي تي باس باسيندیون هيون، جڏهن ڪم پورو ٿيندو، تہ انهيءَ پير جي قبر تي وڃي سهرا ڳائيندیون ۽ خيرات ڪنديون هيون، ان کي ڇئبو هو ”سڪا“-سڪ واري، ”سڪ“ يعني خير خوشيءَ واري خيرات.

مير عبدالحسين سانگيءَ ۽ گدا شاهه اردو ديوانن کي پڙهي، سنڌ ۾ غزل گوئيءَ جي جيڪا بدعت وڌي، ان ۾ مير صاحب ته وري به گهڻيءَ حد تائين نباهي وڃي مٿي چڙهيو، ليڪن گداشاهه وچ ۾ گپي بيهي رهيو. مير صاحب هڪ ته شڪار جو شوقين هو. گهڻو وقت ٻاهراڙيءَ، جهنگ جبل، ٿر ۽ بر ۾ گذارينڊو هو. ٿر جي گاهن جون گلزاريون، ملير تي، مينهن پوڻ جا نظارا، ماروئڙن جا ڏُڻَ ۽ ڏٺونرا، پيرون ۽ پُسيون، جهوپا ۽ پکا، سڀ سندس نظر مان گذريا هئا. ٻاهراڙيءَ جي خالص زبان، ان جا محاورا ۽ مثال، چوٽيون ۽ تشبيهون ڪيس معلوم هيون. شاهه لطيف جو، هو مرحوم سخت معتقد هو، سندس سوانح نگار به هو ۽ سندس رسالي جو گهرو مطالعو به ڪيو هئائين، تنهنڪري شاهه جي زبان ۽ شاهه جي ترڪيبن، لفظن ۽ خيالن مان واقف هو- اهوئي سبب آهي، جو هن نه چڙو ڪافيون چيون بلڪ خود غزل کي به سنڌ جي زندگيءَ سان هم آهنگ ڪري، هن ان کي خالص سنڌي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو. سندس غزل ۾ اهي سيئي نزاڪتون، نفاستون، خوبيون ۽ خصوصيتون موجود آهن، جيڪي ڪافيءَ يا ڏوهيڙي ۾ ٿي سگهن ٿيون. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ ڪاڪي مرحوم ڄينمل پرسرام تي به شاهه جو ئي ته اثر پيل هو! هنن شاهه جي ئي ته زبان ۾ ويهي سڀ ڪجهه لکيو. انهيءَ ڪري سندن نثر ۾ هڪ آهنگ ۽ نغمو موجود آهي، جڏ هنن نثر ۾ ويهي شاعري ڪئي آهي، اسان کي تڏهن ته سندن هرڪا شيءِ پئي ماکيءَ جهڙي مٺي لڳي!

* * *

مير "سانگيءَ" جي مقابلي ۾ غلام محمد شاهه "گدا" جو گذر فقط شهر سان هو. ڪڏهن هن جي اکين سنڌ جي وسيع مملڪت جي سونهن ۽ سوڀيا ڪانه ڏٺي هئي، سنڌ جون نه هن مارئيون ڏٺيون، نه انهن جو ملير ڏٺو هئائين، تنهنڪري جڏهن هو معشوق جي سراپا بيان ڪرڻ ويٺو، تڏهن سندس اکين ۾ ايراني معشوق يا اردو لونڊي جو تصور تري آيو، ۽ هن سيئي وصفان ان جون ويهي بيان ڪيون. چاڪاڻ ته پنهنجي زبان تي قدرت نه هجڻ سبب وٽس لفظن، تشبيهن ۽ استعارن جو ايترو ذخيرو ڪونه هو، تنهنڪري انهن اوصافن بيان

ڪندي هن فارسيءَ جي غير مانوس ۽ اڻسونهن لفظن کي وچ ۾ آڻي، اسان جي سڀاجهيءَ سنڌيءَ جو ڪچومر ڪري ڇڏيو آهي. چوي ٿو:

عشوو ۽ ڪرشمو ۽ تبسم ۽ تختر،
هي حسن جي سرڪار جو سامان نہ چوان ڇو!

عشوو، ڪرشمو، تبسم تہ خير اسان کي شايد هضم بہ ٿي وڃي، ليڪن اهو "تختر" ڪهڙي بلا آهي، جنهن کي خود فارسيءَ وارن بہ غزل ۾ استعمال ڪرڻ کان هميشه پرهيز ڪئي هوندي؟ انهيءَ ئي غزل ۾ قد کي سروخرامان، وارن کي ڪاڪل ۽ سنبل پيچان، زلف ۽ شام غريبان، ڳلن کي عارض ۽ صبح درخشان، رخسار ۽ خط ريحان، غمزي کي رهزنِ ايمان، اکين کي چشم آهو ۽ نرگس، ڳوڙهن کي قاطرهٔ اشڪ، لؤلوءِ لالا ۽ غيرت نيسان چيو ويو آهي. هڪ بيت ۾ فرمائي ٿو:

خط خضريش عيسيّ دوران نہ چوان ڇو!
دلبر جو دهن چشمۂ حيوان نہ چوان ڇو!

انهيءَ 'خط خضريش' جي معنيٰ ممڪن آهي بوردِ وارا سمجهندا هجن، جن سندس ديوان ڇپايو آهي، باقي اسان پارن عامن جي سمجهہ ڪان تہ بلڪل بالا آهي. انهيءَ ساڳئي غزل ۾ رعايت لفظيءَ جو ههڙو اگرو مثال بہ موجود آهي:

هڪ پرده نشين يار، لٽي منهنجي ويو دل،
هن راز نهاني کي آڻُ پنهان نہ چوان ڇو؟

سڪتي سان گڏ ان شعر ۾ ڇاڪاڻ تہ پرده نشين جو ذڪر آيل آهي، تنهنڪري محض رعايت لفظيءَ جي استادي ڏيکارڻ لاءِ گدا شاهہ "راز نهاني" ۽ "پنهان" جا لفظ ٽنبيا. اهو تہ شڪر ڪرڻ گهرجي، جو "اندام" طرف سندس توجہ نہ ويو، ورنہ رعايت لفظيءَ جي شوق ۾ خدا ڄاڻي ڇا جو ڇا ڇئي ويهي ها. سواءِ لفظي بازيگريءَ جي ان بيت جي بي ڪهڙي معنيٰ ٿي سگهي ٿي؟ هينئين بيت ۾ بہ رعايت لفظيءَ جو نهايت اگرو نمونو آيل آهي:

راز مخفيءَ کي ٿو ڪريان، پڌرو،
يار اغيار کان نهان آيو.

”نهان“ ۽ ”مخفيءَ“ جي رعايت سبب ڪيس ”پڌرو“ جو، غير مناسب قبيلي ۾ سنڌي اکر آڻڻو پيو.

هڪ ٻئي غزل جي سنڌي ڏسڻ وٺان آهي:

آتشين رخسار جنهن دم دوست دلبر ٿو ڏسان،
مرغ دل کي رشڪ افزاي سمندر ٿيو ڏسان.

آتشين رخسار، مرغ دل، رشڪ افزاي سمندر- قسم کڻايو سنڌين کان، جي اِنهن اکرن جو مفهوم سمجهي سگهن! انهيءَ غزل ۾ هي ترڪيبون ۽ لفظ به آهن: لعل لب، ياقوت احمر، شرمگين، هماي دل، سرو قمري، قصرو ڪاخ،اجلاف، شاهبازِ اوج عرفان، بوترابي، ازگوگرد احمر، آفتاب عالم آرا.

انهيءَ ئي غزل جو هڪ شعر آهي:

هڪڙي هنڌ باهم ڏسان تڏ ڪئن نہ آءٌ شام و سحر،
عارضِ جانان تي جڏ زلف معنبر ٿو ڏسان.

”تڏِ“ کي تڏ ڏئي، جنهن نموني ”جڏِ“ کي آندو ويو آهي، ان تي ڪٽي چشم پوشي ڪجي، تاهم شعر ۽ بيان ڪيل خيال يا نقشو ڪٿي وساري سگهجي ٿو! فارسيءَ وارن جي اها دور از قياس تشبيهه، جيڪا پوءِ اردوءَ وارن ورتي، سا سنڌي غريب ڪٿان سمجهي سگهندا؟ زلف معنبر جڏهن عارض جانان تي پيا، تڏهن جڙ شام ۽ سحر باهم ٿي ويا! مختلف زبانن ۾ ساڳيو اِهو خيال آندو ويو آهي ۽ پائمال مضمون ٿي چڪو آهي[1].

ٻيو شعر آهي:

سر خروئي رنج ڏاران ڪين ٿي حاصل ٿئي،
درميانِ خارها آءٌ ورد احمر ٿو ڏسان.

انهيءَ زير اضافت واري ”درميانِ خارها“ ۾ ”ورد احمر“ جو هجڙ ايندو سنڌين جي سمجهه ۾؟ جيڪڏهن سچ پچ هيءَ شاعري سنڌين جي سمجهه ۽ سياءَ کان اوپري ۽ اُڪڙيل شاعري آهي، تہ پوءِ گدا شاهه اها تڪليف ڪنهن کي ٻڌائڻ لاءِ ڪئي آهي؟ هن شعر جي چوڙ جي ڪيس ڪهڙي ضرورت هئي!

جڏ شڪم ٿو پُر ٿئي، پانيان ٿو جنت ٿي نصيب،

جي لڳي اڄ بک، تہ ان دم روز محشر ٿو ڏسان.

ڪربلا ۾ ڪُسندڙ بکئي ۽ پياسي حسين رضہ جي هن چشم وچراغ مريدن جي مانين تي اهڙو تہ پاڻ کي البيلو ڪيو هو، جو "جي پيٽ ۾ لُلُ تہ ڳوٺ ۾ هُل" ۽ جي گهڙي کن ماني نہ ملي تہ واءِ ويلا، جنسي محشر مچي ويو، جڏ گدا شاهہ لاءِ ڪاري قيام اچي ويئي! اهو سنڌ جي ڪنهن پينو سيد جو ئي شان آهي، جنهن جي سڃيءَ زندگيءَ جو گذربسر مفت جي مانيءَ ۽ حرام جي ٽڪرن تي ٿيندو رهيو هجي. هي بيت بہ انهيءَ سلسلي جو آهي:

اي مهوس پاڻ کي ڪُشتہ ڪري اکسير ڪر،
شڪل گل صد چاڪ ٿيندو، طالب زر ٿو ڏسان.

سواءِ هن جي تہ ان ۾ چند فارسي اکر آندل آهن، نہ تہ هونءَ شعر ۾ ڪهڙي شعريت يا معنيٰ مطلب آهي؟

رعايت لفظيءَ جو هي هڪ ٻيو بہ فضول نمونو ڏسو:

ٻيون ڇا ڪندس هزار هجن جي، ڪي چاشنيون،
شيرين لبن جي لب جون گهران هر گهڙيءَ چميون.

پانيان ٿو شاعر ڪنهن مريد جي گهر ۾ چاشني ڪائي ۽ مريدياڻيءَ جي تصور ۾ چيو آهي، ورنہ جن اسان جي شاعرن ڪڏهن چاشني ڪانہ ڏني آهي، تن جي اخلاق ۽ اطوارن جي قاعدن هيٺ معشوق جي چميءَ جو برملا ذڪر ڪرڻ "ڪاري ڪاريءَ" جي خطا ڪاريءَ جيترو ڏوهہ سمجهہ ۾ اچي ٿو. انهيءَ تي غزل ۾ هي لفظ ۽ تشبيهون پڻ آهن- ماهِ لقا هم ڪنار پستان انار ۽ نارنگيون، روي يار ۽ حلب ڪان ايندڙ آرسيون، خبط الحواس، آئينہ رو، وغيره وغيره. سنڌي شاعرن نہ پنهنجي معشوق جي پستانن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ نہ محبوبن جي چپن تي چمين ڏيڻ جو وٽن مذڪور آيو آهي. سنڌ جا عاشق تہ فقط عشق کي چُمي سر تي چائيندا آهن. ازان سواءِ ڪهڙي سنڌيءَ آئينن جو واپار حلب سان ڪيو، جو ڪيس متئين مثال جي پروڙ پوندي.

هڪ ٻيو بيت آهي:

گوشِ گل، چشم نرگسِ شهلا،
رنگِ رخسار، رشڪ برگِ سمن.

اهو فارسي غزل جو شعر نہ آهي، بلڪ گدا شاهه جي سنڌي ڪلام ۾ هڪ بيت آهي! هي ٻہ بيت ٻہ ڏسندا:

قلب شت اقبال جو ڇاڻن نٽا،
فخر ڪن فخار ٽا املاڪ تي.

زال دنيا مرد ممسڪ جي مطيع،
قرب قحبہ ٽي ڪري امساڪ تي.

اها ٻہ گدا شاهه جي نازڪ خيالي ۽ تخيل جي بلند پروازي آهي. خير، گدا شاهه سائين تہ پاڻ سموري مامري جو مالڪ هو، پر سنڌي ادبي بورڊ، جيڪو سندس ديوان کي مُرتب ڏنو آهي، سو ٻہ اهڙو افلاطون آهي، جو خود مالڪ کان ٻہ ٻہ وکان وڌيڪ پيو وجهي- ڏاڇي ڏهہ تہ توڏي پئي تيرنهہ هٽي. "ممسڪ" جي معنيٰ "امساڪ" ۽ "امساڪ" جو مطلب لکي ٿو: "مڙساٽي طاقت جون گوليون[2] استعمال ڪندڙ". ساڳئي ئي هنڌ "امساڪ" جي ٻي معنيٰ ڪري ٿو: "مڙساٽي طاقت جون گوليون." خبر نہ آهي ڪيس انهن گورين جي خبر ڪٿان پَئي؟

گدا شاهه نہ فقط لفظ لفظ اُڌارا ورتا آهن، بلڪ پنهنجي شاعري لاءِ سمورا تصورات ٻہ ڏُريان ئي ڏارين وٽان آندا آهن، مورؤن ئي اغيارن منجهان گڏ ڪيا آهن. چوي ٿو:

خواه مخواه مون سان ٽا ڪريل ڪونسن،
ڪينءَ ڪريان آءٌ رُلين رقيبن کي.

دلربا مون سا هم بغل آهي،
اڄ تہ اغيار جو اجل آهي.

رقيب ۽ اغيار فارسي ۽ اردو شاعريءَ جا قبيح ڪردار آهن. ٻنهي زبانن جي شاعرن وٽ معشوق جو جيڪو تصور آهي، سو پيشہ ور طوائفن جو، يا انهيءَ

بازاري محبوب جو، جيڪو چڪهن جا ولر ڪڍ لايون، وتندو آهي گهٽ ۽ گهير گهمندو. فارسيءَ جي انهيءَ روايتي معشوق جي تصور کان خود امير خسرو جهڙو بر گزيدو ۽ باخدا شاعر بہ چڻي ڪونہ سگهيو آهي. پنهنجي هرجائي معشوق تي طنز ڪندي چوي ٿو:

تو شبينه مي نمائي، بہ بري کہ بودي اِمشب؟
کہ هنوز چشم مستت اثري خمار دارد!

'ڪهڙي رقيب جي پاڪر ۾ ويهي سڄي رات شراب پيتو اٿئي؟ هن وقت تائين پيو اوجاڳيلُ نظر اچين ۽ اکيون اجا تائين خمار ۾ ڳاڙهيون جنسي رت پيون لڳنئي؟'

سنڌي شاعرن وٽ معشوق جو تصور نهايت ارفع ۽ اعليٰ هو، رقيب، اغيار، خواهہ ڏارئي ماڻهوءَ جو خالي گمان رکڻ بہ ڪردار ۽ سيرت تي ايڏو داغ هو، جو سنڌ ۾ ان جي سزا فقط موت هئي. سنڌ جو محبوب يا تہ مڙس هو، يا زال يا مڱيندي، يا اها عورت اهو مرد جن جي مابين شادي ٿيڻ لازمي هئي. سنڌ جي عاشق جا ڪي رقيب هئا تہ فقط اهي ڏير، جن پنهونءَ کي ڪٽي وڃي ڪيچ پهچايو، يا اهي کارو ڪٻڙ، جيڪي چڙو نسهائپ ڪري فطري تنگدليءَ سبب بن جو گڏجڻ پسند نہ ڪندا هئا، پيا سوسڙيون دکائيندا هئا، ۽ ڪنَ ڳالهيون ڪري پيا عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ ڪوڙن جا ڪوٽ ڪڍندا هئا. اِنهيءَ کان سواءِ هنن جو ٻيو ڪوبہ غرض ۽ غايت ڪونہ هو تہ ٻئي ڏريون جيئن هڪٻئي کان ڏار ٿي وڃن، ۽ انهيءَ کي چئبو هو "ڏيهہ جي ڏنگائي". جيئن هڪ کافيءَ جي مصرعي ۾ عاشق نهايت لطيف پهلو ڪڍي، ان کي بيان ڪيو آهي:

پرين هجن پاڻ سنوان، سچ ٿي چوان،
ڇا ڪنديون ڏيهہ جون تہ ڏنگايون
پرين هجن...

ڏنگاين ڪندڙ ڏيهہ جو تفصيل "سچوءَ" هن ريت ڏنو آهي:

ريجهي روح رانجهي سان، کيڙو کپڙتالُ،
وَڍيون وجهي وچ ۾، چوچڪ ڏس چنڊالُ،

مادر مهٽا ڏئي جهجها، جهيڙي جهنگ سيالُ،
منو مون مهوال، مون کان مور نہ وسري.

اغيار جو تصور جنهن صورت ۾ اسان وٽ ڪونہ هو، تنهنڪري جڏهن محبوب اچڻ لاءِ انجامي هوندو هو، تہ عاشق کي ان تي پورو يقين ٿيندو هو، ۽ غالب وانگر:

تيري واعدي پہ جئي هم، ميري جان جوٹ جانا،
ڪہ خوشي سي مر نہ جاتي، اگر اعتبار هوتا!

سنڌ جي عاشق وٽ محبوب جي واعدي تي بي اعتباري ڪرڻ جو ڪو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿيندو هو، ۽ نہ اچڻ جي يقين ٿيڻ تي عاشق کي مرڻ جو ئي خطرو هوندو هو. سنڌ جي سهڻيءَ جو مثال اسان جي سامهون آهي، نہ ڪڪرن جي ڪارونہار ڪيس روڪيو، نہ بادلن جي برسڻ ۽ ڪنوڻن جي ڪِڇڻ سندس دڳ جهليو، نہ ڪاريءَ رات جي دهشت ۽ اوندهہ انڌوڪار ڪيس پليو، نہ ندين ۽ نالن جي واهو ندي ۽ وهڪري سندس راهہ روڪي، ۽ نہ درياهہ جا ڏڏڪا ۽ لهرن جا لڙ هن جي عزم، ارادي، پيمان ۽ واعدي جي آڏو اچي سگهيا. اوستائين هوءَ برابر ميهار سان ملندي ۽ ملاقات ڪندي رهي، جيسين وجي ڏيهہ ساڻس ڏنگائي ڪئي، ۽ سچُ ڪيي ڪچُ رکيائون، جنهن بعد بہ پنتي موڙڻ ۽ واعدي تان هٽڻ هن مانائتيءَ پنهنجو مرَڪ نہ سمجهيو. دوست تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندي نيٹ هن پاڻ لهرن ۾ لوڙهي، عشق ۽ محبت جي دنيا ۾ واعدي کي، عهد ۽ پيمان کي ازسرنو معنيٰ ۽ مفهوم عطا ڪيو، ۽ انهن کي پاڪيزگي ۽ بلندي ڏئي ڇڏي- حالانڪ اردو ۽ فارسيءَ جي معشوق اغيارن جي آڏار تي صدين کان انهن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي غارت ڪري ڇڏيو آهي.

مٿيون مثال تہ اسان نموني لاءِ فقط هڪ غزل گو جو ڏنو آهي، جنهن تي سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻ جي شايد تهمت ۽ الزام لڳل آهي. ليڪن سنڌ جي بين گونزل گوين[3] (غزل گوين) جي بياضن ۽ ديوانن کي جيڪڏهن اٿلائبو، تہ گهڻن جا حال هڪجهڙا نظر ايندا- سواءِ انهن چند استادن جي، جن سنڌي زبان ۾ ان جي مزاج ۽ متعلقات جو چگيءَ طرح مطالعو ڪيو آهي، ۽ جن کي سنڌي اکرن جي

مفهوم ۽ محل استعمال جي پوري پروڙ آهي، ۽ کين پنهنجي زبان تي هر طرح قدرت ۽ قبضو حاصل آهي. مثلاً موجوده دؤر ۾ مسافر، ملاح، گدائي، طالب مولیٰ ایاز ۽ نیاز جهڙا شاعر، يا خود اسان جو مرحوم "نياز" لاڙڪاڻوي، جنهن سنڌي ادب جي سموري اثاثي ۽ ورثي جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪيو هو، ۽ ڪافيءَ مٿان قدرت هجڻ سان گڏ، هن جو غزل به گهڻو ڪري انهن خيالن، اشارن ۽ ڪنايا جو آئينہ دار آهي، جيڪي هو ڪافين ۾ آڻيندو هو.

* * *

مٿئين بيان مان هروپرو ائين سمجهڻ نہ کپي تہ کو آءٌ ذاتي طرح غزل خواهه نظر جي صنف جو منڪر آهيان. منهنجو اعتراض تہ محض انهن "گونزل گو" شاعرن تي آهي، جيڪي پنهنجي ماحول، پنهنجي ڪائنات ۽ پنهنجي زبان جي سموري وسعت ۽ گيرائيءَ کان بي خبر ۽ بي بهرو ٿي، فقط فارسي ۽ اردو شاعرن جا وينا ويچارا ڪڍن، جيڪڏهن هو غزل کي به سنڌي پوشاڪون پهرائن، ۽ سنڌي ماحول منجهان ان کي ڏيب ۽ ڏيوڻ ڏين، تہ نہ ڇڙو سندن اِهي ادبي خدمتون مستحڪم ۽ پائيدار ٿي پون، بلڪ هو پنهنجن ۾ به سرخرو ٿين ۽ سندن سمورن محنتن ۽ مشقتن جو به هوند لايو سجايو ٿي وڃي.

غزل گو شاعرن کي ڏاريا لفظ اهي ڪتب آڻڻ کپن، جيڪي يا تہ سنڌي زبان ۾ پيهي ويا آهن، يا اهي جيڪي غير معروف ۽ غريب نہ هجن. سنڌي مثال، سنڌي استعارا، ۽ سنڌي تشبيهون سندن غزل ۽ نظم جو سينگار هجڻ گهرجن. پنهنجن قصن ۽ ڪهاڻين، پنهنجن باغن ۽ بهارن، پنهنجن گلن ۽ ٻوٽن، پنهنجن وائوندن ۽ وائن، پنهنجن ٻڌن ۽ پونگن، ڌرن ۽ مليرن مان کين مواد ۽ مثال ڪنا ڪرڻ جڳائن. پرائي پٽَ تي سڏ ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو، ٻين جي ٻوڙ تي اتي ٻڌڻ ۾ ڪهڙي عزت، ڪهڙو شان يا مانُ آهي؟ جيڪڏهن هروپرو فارسي ۽ اردوءَ جي تتبع تي اک ۽ مک مارڻي آهي، تہ پوءِ ماڻهو نقل ڇڏي اصل ڇونہ پڙهن، جسم ڇڏي پاڇي ڏي ڇو ڍڇن؟ جڏهن عاج ملي ٿو، تہ ڪافور کي ڇو ڪتب آڻِن؟ جڏهن اسان کي ساڳئي ئي دؤر ۾ نٽي جي ميان غلام علي[4] سبز پوش جهڙا

شاعر ملن تہ پوءِ "گدا" اڳيان گداگري چو ڪيون؟ آخر هي بہ تہ انهيءَ ئي زماني جي غزلن ۽ نظمن جا اشعار آهن:-

وري اڄ دوست دلبر ياد آيم،
وري اڄ روز محشر ياد آيم.
وري اڄ سپ وساريم دين و ايمان،
وري اڄ شوخ ڪافر ياد آيم.
ڏسي چشمن سان هن چشمن جو اسباب،
ترار ۽ تير و خنجر ياد آيم.

هلي اي دل! ويل دلدار کي ڏس،
هيئن سين هن هيئين جي هار کي ڏس.
ڪري پنڌ پلڪ سين، اکڙيون اداسي،
ڪٽي ان نور نيٽن نار کي ڏس.
سڏائين مثل بلبل جي اڏامي،
مني محبوب گلرخسار کي ڏس.
عرب تابع، عجم محڪوم جنهن جو،
انهيءَ سرور مني سردار کي ڏس.

فارسيءَ جا اهي اکر ڪتب آندا ويا آهن، جيڪي يا تہ سنڌيءَ ۾ مشهور ۽ معروف آهن، يا تہ خود اسان جي زبان جو جزو بڻجي چڪا آهن.

هينيون غزل بہ جيتوڻيڪ فارسيءَ جي زمين ۾ چيو ويو آهي، تڏهن بہ اُن ۾ سنڌي چوٽيءَ ۽ زبان پنهنجو نہ ميناج وجايو آهي ۽ نہ اثر زائل ڪيو آهي:

تنهنجي مُنهن کان گلستان ياد آيم،
تنهنجي لب کان بد خشان ياد آيم.
تنهنجي هن نوڪ نيٽن جي ڏسڻ کان،
بَدَل چشمِ غزالان ياد آيم.
ڏنم چمڪاٽ سج جهڙن ڳلن جو،

تجلي مـــاه تابان يـــاد آيـــم.
شرابِ شوق مان پيتم جڏهن جـــام،
تہ مـــجنون ۽ بيابـــان يـاد آيم.
برهـــ جـــو بحر بيـحـــد بيـــڪناري
ڏٺـــم ۽ نـــوح طـــوفان ياد آيم.
جـــدائيءَ ۾ تڏهن نت رت رنو مون،
جـــو وقت وصـــلِ يـــاران ياد آيم.

"نيٽن جي نوڪ" ۽ "جدائيءَ ۾ نت رت روئڻ" نج سنڌي تصورات آهن.
هينئين غزلن جو، ڪجهہ لفظن ۽ ڪن قافين کان سواءِ، باقي سڄو ساز سامان سنڌي آهي:-

بهار آيو، ويو سڀ وقت دي[5] جـو،
اچي ساقي پري ڏي جـام مئي جو.
جگر جيرا جليا، ۽ جيءَ ڪيا جـوش،
سڀين آواز اڄ جان سـوز نئي جو.
گدا تنهنجـو نہ آڻي تـــا قيـامـت،
نظر ۾ تخت هُنَ ڪـائوس وڪئي جو.
غرض، ڪهڙو ڪرڻ احوال دل عـرض،
تون واقف سڀ ۽ مالڪ ڪل شيءِ جو.
سگهو مون ڏانهن موڪل "مرتضائي"،
جواب هِـنَ غزل تون، فـرخنده پئي جو.
عليءَ کي باغ ۾، منجهہ فصل گل جي،
اچي ســـاقي پري ڏي جـام مئي جو.

درد ڪئي منزل مٿم، بيداد پڻ اَندو هجـوم،
داد رس داريـــن جا، ڪر غور هن فرياد جـو.
غم سندم غمخوار ٿيو، ۽ درد ٿيو همدم سندم،

شـــاد ڪر سينو اچي، شاديءَ منجهان ناشاد جو.

جيئن جاسين، سدا هُل عشق جي راهه،
ڪنان واريءَ وندر جي، ٽڻُ مَ گمراهه.
نہ زاريءَ جي، نہ زوريءَ جي، نہ زرجي،
منهنجي محبوب کي پرواهه! پرواهه![6]
الاهي! شل اگُڻ اڄ يار ايندوم،
ٻڌم اغيار کان مون رات افواهه.

سنو سيد، سچو سرور ســـونهارو،
سڳورو، پيَر جهلو، بهتر، پلارو،
سين ۾ سگهيريو، ڪُل کان ڪرارو،
ڏٺم هڪ هوت همدم حسن وارو،
سکي جنهن جي ڏسڻ لئه ڏيهه سارو.

نٽي جـــاتم پرين پرڏيهه ويندو،
هتي مون کي عذابن ۾ ڇڏيندو،
وري، يارب! ڪڏهن سو ڏينهن ٿيندو،
اگُڻ آســـاوتيءَ جي شال ايندو،
سدا سهڻو پرين پارس پيارو.

ڇڏي مـــون کي پرين پرڏيهه ۾ ويو،
اهڙي تن ريءَ گذارڻ سـان مون ٿيو،
ملڻ جو شل، مُنجي مون ڏي دلاسو،
اچي من نار مون وٽ شل، تہ ان جو،
اسان جا نيڻ ڪن، نِتُ تن نظارو.

"عليءَ" اهو محمد قاسم هالائيءَ جي غزل تي مخمس ناهيو آهي. زبان جي صفائيءَ ۽ اکرن جي ذريعي آندل جذبي کي محسوس ڪيو.

مخدوم محمد ابراهيم "خليل" نٽي جو، فارسي گو شاعر گداشاهه جو دوست ۽ معاصر هئو. سندس وفات سنه 1317 هه ۾ ٿي. سنڌيءَ ۾ "اداسي" تخلص هئيس. هڪ سنڌي غزل کي عليءَ تضمين ڪندي چيو آهي:

اکيون گل، زلف سنبل، ڳل گلابي،
صنوبر قد سندن، منهه مـــاهتابي،
مٿي پوشاڪ مخمـــل ڪيمخوابي،
سڃي صورت سپرين خوب خاصي،
انهن جي خلق ۾ آيت خلاصي.

سدا حيران آهيان اِنَ عـــــجب ۾،
تنهنجا مشتاق هرجا مـــلڪ سي ۾!
نڪو همسر سندءِ عجم و عرب ۾،
عرب عاشق، عجم تنهنجي طلب ۾!
تنهنجو ثاني نه مڪراني نه لاسي!

اصل کان آهيان ڪوجهو ڪُماڙون،
سـدائين درد سورن ۾ سماڙون،
گنهگار ۽ سراپـــا عيب هـــاڙون،
تو هيڻن جي حمايت، آءٌ نماڙون،
تون شافع شاهه محشر آءٌ تہ عاصي.

جدائيءَ ۾ گهڻو سر تي سنئر بـار،
وري اي يـــار وارو وصل جو وار،

اچي گڏ ساڻ هن گوليءَ گهڙي گهار،
تون پيرل پاتشه، آءٌ تنهنجو پينار،
تون مورت مير مرسل، آءٌ سنياسي.

ميان محمد سرفراز ڪلهوڙي جو هڪ مسلسل فارسي غزل آهي:

تو اي مرغ چمن دل شاد مـــيڪن
بمرغان قفس هم ياد ميڪن
تو چون با گل نشيني، هم نگاهي
بـــدام افتادهٔ صياد ميڪن
تو چون بر شـاخِ گل باشي نواسنج
بيادِ مـــا دمي فرياد ميڪن
تـــو چون پرواز گيري در گلستان
زبـــالِ بسته من، ياد ميڪن
تغـــافـل چند، سـروِ سـرفـــراز
زبندم پـــا بلطف آزاد ميڪن

انهيءَ ڪان متاثر ٿي، عليءَ هينيون نظم فارسي طرز تي چيو آهي، جنهن ۾ سڄو ڏاڍ سنڌي آهي:

پکيئڙا باغ جا وت دل ڪندو شاد،
پکي پيجرن سندا پڙ ڪر ڪڏهن ياد!
تون اِت خوش شاخ گل جيءَ تي تنوارين،
آهون زاري ڪري رويو پڪارين!
تون اِت طوطيءَ مثل ڪائين شڪرقند،
آءٌ هت صياد هڙ، پيجري ۾ پابند.
تون اِت شربت پيو، ٿئين مست مدهوش،
پيالو زهر جو هردم ڪريان نوش.
ڪريان هن حال جي ڇا شرح تحرير!

ڳچيءَ ۾ طوق، ۽ پيرن ۾ زنجير.
اڳي گڏ هوس گلشن ۾ اوان [7] ساڻ،
اوان جي نام تان، ٿي ٿيس فدا پاڻ.
اوان سين [8] هوس هم پرواز و هم راز،
او انسين هوس هم آغاز و انجام.
اوانسين گشت گلشن جا ڪيم ٿي،
به همجنسي، اوان سين دَمَ هِيم ٿي.
سراسر بند غم کان هوس آزاد،
چمن ۾ جيئن صنوبر و سرو آزاد.

* * *

قضا ڏس! همصفيرن کان ڪيم ڏور،
وڏس پجري ٿيم سورن مٿي سور.
پيس پجري، ٿيس گلزار کان ڏار،
پڳم ٻائون، [9] پٽيم پر ۽ چنم وار.
اڳي هوم آشيانون لامڪان تي،
اڏاٽس ٿي سدائين آسمان تي،
مٿانهون هوس، هر مڪ ۽ ملڪ جي،
چڙهيس ٿي ڪُنگري تي، نه فلڪ جي،
اڏامي لامڪان تي ٿي ڪيم رنگ،
جهليم ٿي نُه فلڪ هڪ ٻانهه ۾ تنگ،
فرازِ آسمان جو، عرش هفتم،
هيم ٻاهن اڳيان ڪر فرش هفتم،
اڏاٽس ٿي سڏو "المنتهيٰ" ٿي،
ڪيم ٿي فخر عنقا ۽ هما تي،
هيس جبريل سان گڏ گاهه بيگاهه
هئم روح الامين هر ويل همراه...

* * *

وڃان ڪاڏي، ڪريان ڪينءَ، ناه تدبير،
هٽي طعنان مٽي تدبير، تقدير.
مون کي تقدير ڪيو، ٻائون ٻيڪي لنگ،
مگر هو لا مڪان جو عرصه تنگ.
بلنديءَ کان پنهنجي قسمت ڪيم پست،
جهلي صياد ڪيم پڇري ۾ پابست.
قضا ڏس همصفيرن کان ڪيو ڏور،
پيس پڇري، ٿيم سورن مٽي سور.
پيس پڇري، ٿيس گلشن ڪنان ڏار،
پڳم ٻائون، پٿيم پر، ۽ چنم وار.
گلن تي نغمه خوان هت هوس، هُن ويرِ،
قفس ۾ آه زاري ٿو ڪريان هير [10].
اوان ڏاران ڳران پئو، نت پڪاريان،
هنجون هاريان، اندر جا ڳچ ڳاريان.
گهڙي مهنون ٿيم، مهنون ٿيم سال،
ڪريان ڪنهن ساڻ هيءُ حسرت پريو حال!
نڪو مونس، نڪو همدم، نه غمخوار،
نڪو ساڻي، نڪو پانڊي، نڪو يار.
مگر، باد صبا قاصد ٿئيم شال،
يلن جيئن يال، ايءَ مون سين ڪري يال!

* * *

صبا آ، اي رفيقِ دردمندان!
صبا آ، اي انيسِ مستمندان!
صبا، اڄ بيوطن جي وڃ وطن ۾،

سنيهڙو ڏي پکيڙن کي چمن ۾!
اکين سين پنڌ ڪري، پَلِڪَئون اُڏامي،
پکيئڙن چئو، چمن ۾ ٿي سلامي،
ڪري زاري، اکين مان آب واهي،
ادب ۽ عاجزيءَ سان سر نماهي،
نمائي سر، چُمج گلشن سندي خاڪ!
اندر ڪج، قلب پيشاني گهي پاڪ!
سڀائج هي سندم حسرت پريو حال،
ڪري زاري سندم سب عرض احوال،
اوهين گلشن اندر کائو، کنڊون کير،
هو هُت پيجي اندر، پيرن ۾ زنجير،
وٽن ۾ ڏيهه جي پيا هِت ونو واس،
هو هُت پرڏيهه ۾، پنهنجو ڪپي ماس،
وفا ۽ دوست داريءَ جو نه اي شرط،
غمن ۾ غمگساريءَ جو نه اي شرط،
اوان، هو بند ۾ هت، ڪيئن وساريو؟
وساريوَ چا، مگر خيرن سين ماريو!
اوان کي هو سدا ساري، نهاري،
اوان ريءَ جرَ اکين مان جال هاري،
نه تن ۾ تاب، نيٽن ننڊ نه آهي،
سڃيون راتيون اکين مان آب واهي،
نه اڃ ۽ ڪالهه کان ابتر ٿيس حال،
اوان جي مُونهه کي سڪندي ٿيس سال،
"الهه لڳ بند غم جي کان ڇڏايوسين!
مبارڪ مُونهه جو جلوو پسايوس!
نٿس طاقت جدائيءَ جي سهڻ جي،

رکي ٿو حُب اوان جي منهن پسڻ جي.“

* * *

الاهي ڪر اها پوري، سندم آس،
چمن جو، همصفيرن سان وڻان واس!
اکين مان جن کي ساري، رت رنم سال،
انن اکين سين، سي سانگي پسان شال!
پکيئڙن جو ٿيان هردم سلامي،
چمن جي چوطرف ڪريان غلامي!
”عليءَ“ جي آس ڪر پوري الاهي!
انن جي وچ ۾... [11]

* * *

ڪيترائي قصا ڪُٽي ورتاسون، ڪي ئي سور سلي وڃاسون، هاڻي هلو ته هلي مشاعري پيڙا ٿيون. قصو جتي ڇڏيو هوسين، اتان کڻون...! در حقيقت لاڙڪاڻي جا شاعر به چڙهي غزل گوئي ڪندا هئا، ڪافي ۽ ڏوهيڙو چوڻ يا ته ڪين ايندو ئي ڪونہ هو يا وري ان کي فيشن جي خلاف سمجهندا هئا. تنهنڪري لاڙڪاڻي جو مشاعرو گويا غزل گوئيءَ جو اڏو هو [12].

شام ٿيندي، مرحوم علي محمد قادريءَ واريءَ اوطاق جي اڳڻ ۾ چٽڪار ڪري، موڙا ۽ ڪرسيون رکيون ويندیون، هڪ ڪنڊ ۾ پاڻيءَ جا ٽڏا گهڙا وراندي مان ڪڍي، ٻاهر گهڙامجيءَ تي رکبا، پيڪَ ۾ به ٽي گلاس به هوندا. جنهن کي گهربو سو پاڻ اٿي پاڻي اوتي پيئندو. نڪا چانهہ، نڪو شربت ۽ نہ پان، نہ پيڪ نہ پيڪدان. پان جو رواج سنڌ جي شهرن ۾ ڪونہ هو، ڪراچيءَ ۾ البت مڪرانِن کي پوٽيان ڪوپ چانهہ [13] مٿان پان چٻاڙيندي[14] ڏسبو هو. لاڙڪاڻي جي مشاعري ۾ تنهنڪري ڪنهن جي به وات مان پان جي گِـگَ ڪانہ ڪڍندي هئي. هرڪو صاف ۽ پاڪ، نهايت شستگيءَ ۽ شائستگيءَ سان اچي ويهندو هو.

اڄ جنهن کي صوفا سيٽ چيو وجي ٿو، ان جي ابتدائي شڪل کي ’ڪونچ‘ سڏيو ويندو هو. اهڙو هڪ ڪونچ سامهون مرڪزي جاءِ تي رکندا هئا، جنهن تي مرحوم علي محمد قادري بطور صدر جي اڇي ويهندو هو. مون کي چٽيءَ طرح سندس شباهت ياد آهي. وچ ٽرو مڙس، نهايت مان ۽ شان وارو، سفيد گول سونهاري، نوراني شڪل، مٿي جا وار اڇا جهڙا ڪير، پڳ يا برٽ پريل ٽوپي پائيندو هو، پيراهن ۽ ڪڏهن قميص، هيٺ تي ٻہ تختي سٽ، شرافت ۽ متانت جو مجسم، وقار ۽ سنجيدگيءَ جو پيڪر.

سانجهيءَ جي نماز بعد هرڪو ماني کائي اوطاق جو رخ ڪندو. شاعر، لاڙڪاڻي جا شرفا ۽ ٻيا خوش ذوق سامعين ڪرام، اهو "سامعين ڪرام" جو لفظ يا مشاعري جا ٻيا خاص اصطلاح، يعني "مڪرر! مڪرر!" "ارشاد! ارشاد!" مان پهريون دفعو اتي ٻڌا. غالباً مرحوم ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقيءَ جا رائج ڪيل هئا. مطلب تہ ٿوري وقت ۾ سڄو اگٽ پرجي ويندو ۽ مشاعري جو آغاز ٿيندو.

سامعين ڪرام ۾ هونئن تہ گهٽا ماڻهو دلچسپ هئا، ليڪن ميان پير بخش "واه! واه!" جو جواب نہ هو. لاڙڪاڻي جي فاريسٽ آفيس جو هيڊڪلارڪ، اصل روهڙيءَ جو وينل، ٻيٽ جي ڇهي جهڙو سنهو ۽ سهڻو بت، قد جو بندرو، ڏاڙهي صاف، مڇون ننڍيون، يا شايد بلڪل نہ هيون، ۽ خدا نہ پلائي تہ، خضاب بہ ڪندو هو، هميشه وتندو هو ڪلندو ۽ ڪلائيندو، ترڪي ٽوپي، آفيس ۾ ڪوٽ ۽ ڊڪ جي اڇي پتلون، باقي وقت ۾ سٽ، دوستن جو دوست، مجلس جو مور ۽ سڄي لاڙڪاڻي جي سوسائٽيءَ جو جنسار ۽ سينگار هوندو هو. عام دوست تہ خير، پر سريٽي جهڙا وڏا ماڻهو بہ، ڪنهن ڏينهن اچٽ ۾ ناغو پوندس تہ ماڻهو موڪلي گهرائي ونڊا هيس. اهڙيءَ طرح مشاعري جي جان بہ اهوئي بزرگ هو. پاڻ شعر ڪونہ چوندو هو، پر شعر کي سمجهندو اهڙو، جو خود شاعرَ پاڻ بہ پنهنجو گفتو ايترو نہ سمهجهيو هوندو. گويا "سخن سنج" نہ هو بلڪ "سخن فهم" اعليٰ درجي جو هو. هر سٽي شعر تي نہ فقط ويٽي "واه! واه!" ڪندو، سڄي مشاعري ۾ جان اڇي ويندي، سامعين ۾ چرپر پئجي ويندي، ۽ خود شاعر جو بہ منهن مٿي ٿي ويندو. آخر سندس "واه واه" ايڏي مشهور ٿي، جو سندس نالو ئي "ميان پير بخش

واه واه“ پئجي ويو. هرڪو ماڻهو ڪيس انهيءَ ئي نالي سان سڃاڻندو هو. فقط ميان پير بخش ڇئو ته ڪنهن کي خبر ڪانه پوندي. خدا جنت نصيب ڪريس، سال ٽيا، جو وصال ڪري ويو. دلبر دوست ۽ سنو سنگتي هو. سالن پڃاڻان اڄ ٻه جڏهن سندس خيال اچي ٿو، ته جڙ دل جا ڳچ ڳريو پون ٿا.

* * *

انهيءَ ئي مشاعري ۾، مان پهريون دفعو نواز علي ”نياز“ کي شاعر جي حيثيت ۾ ڏٺو، ورنه هونءَ ته هرروز حنيف جي جاءِ اڳيان ڪيس ايندي ويندي ڏسندو هيس، ترڪي ٽوپي، ڪوٽ پتلون، ڪڏهن ڪڏهن ستڙ قميص. پاڙ اڳ ۾، ڳاڙهي پٽڪي سان پٽيوالو پنيان، ان وقت مرحوم لاڙڪاڻي سب جيل جو جيلر هو، جتي حنيف جا پڙ ڪيترا اصيل واڙيل هوندا هئا. اهوئي ته سبب هو، جو حنيف جڏهن ڪيس ڪلي ڪيڪاريندو هو، ته ان ۾ جوش جذبو ۽ ڪي قدر نياز ۽ نوڙت هوندي هئي. اها سڌ ڪانه هئي ته سب جيل جو اهو جيلر، جيڪو پٽيوالو پنيان لايون، لڪڙ لوڏيندو، ڪنڌ هيٺ ڪيون، ڪجهه سوچيندو، قدم ڪٽندو، وڃي ٿو اڳتي وڌندو، سو نه فقط لاڙڪاڻي بلڪ سڄيءَ سنڌ جي شاعري ۾ چوٽيءَ جو شاعر آهي.

”خادم“ لاڙڪاڻوي ته منهنجو استاد هو، مرحوم غلام علي ”مسرور“ پهريون پهريون اتي ڏٺم. ٽلهو متارو مڙس، خال خال اڇا، انگريزي ڪٽ تي وار، ڏاڙهي مشين تي ورتل، ۽ شهپر وڌا. براج آفيس ۾ حضرت ”خادم“ سان گڏ ڪلارڪ هو. مجاز جي لغار انهن ڏينهن ۾ ئي لڳل هيس، ليڪن رٽائر ڪري جڏهن وڃي شڪارپور رهيو، تڏهن ته مٽس ايڏو غلبو ٽيو، جو سنڌ سَنڌ ونجي ۽ وکوڙجي ويس، عامي لٽا لاهي ڪٽي گيڙوءَ رتو جامون ڏيکيائين، يڪتارو ۽ راڳ، رات ڏينهن تن ۾ اهائي تنوار هيس. موت سان ملاقي گهٽو پوءِ ٽيو، پر ان کان ڪيترو اڳ ئي هو هن دو رنگي دنيا کان ڏار ٿي، ڪنهن خاص مقام ۾ داخل ٿي چڪو هو. شاعري ڪندي، لوٽين منجهه لپاٽ اسان انهيءَ شخص کي لڳندي ڏٺي. گهٽو ڪري ته ٻنهي جهانن جي بازي کٽي ويو.

هئي هئي! ميان غلام سرور قادري مرحوم لکي مڙس ۽ لڏڻ انسان هو. هميشه پيو کلندو، اهڙو معصوم جهڙو ننڍڙو ٻار، دنيا جي تيريءَ ميريءَ مان اصل نہ ڄاڻندو، خالص شاعر، هر وقت يا تہ شعر ناهڻ ۾ مصروف ملندو يا شعر ٻڌائڻ ۾ مشغول. دوست، واقف، سنگتي ۽ ساڻي- پوءِ اهو شعر سمجهي يا نہ سمجهي، ليکن جتي ۽ جنهن حالت ۾ هٿ اچي ويندس، ان کي اتي ئي ٻيڻي ڪڙي، تازو غزل ٻڌائي ڇڏيندو. خوش خير عافيت ۽ زماني جا حال احوال- جي ٻڌندڙ تڪڙو نہ هوندو، تہ، ان کان پوءِ ساڻس اورينڊو. مرحوم کي انهيءَ عمل تي ڏاڍو دسترس هو. کهڙي جهڙي سخت مزاج شخص کي بہ ميان صاحب پنهنجا غزل ٻڌائي ڇڏيا. شايد معاصرن کي معلوم هوندو تہ کهڙي صاحب ۾ شعر سمجهڻ جو ذوق خير کو آهي.

مرحوم اسکولن جو انسپيڪٽر هو، ليکن نوکري نوکريءَ خاطر نہ بلڪ واندڪائيءَ جي ورونهن لاءِ ڪئي هئائين، ورنہ هو چا ڄاڻي انهن بکيڙن مان. سڄو ڏينهن وتندو هو دوستن جي ڪِڍ هلندو. انهيءَ زماني ۾ اسان ٽي ڄڻا خاص سنگتي هوندا هياسي. لاڙڪاڻي لوڪلبورڊ جو هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر حاجي [15]، ميان صاحب مرحوم، ۽ راقم الحروف. ڊاڪٽرُ سر ڀٽي جي انهيءَ بنگلي ۾ رهندو هو، جيڪو لاهورين واريءَ سڙڪ جي سامهون ڊپٽي ڪليڪٽر جي بنگلي وٽ آهي. اتي گهڻيون ئي يادگار صحبتون ٿيون، مرحوم ميان صاحب پنهنجا ڏاڍا شعر ٻڌايا، ڊاڪٽر ڪيترن عربي، فارسي ۽ انگريزي ڪتابن جا مون کي ڏس ڏنا، بلڪ انهنجي خريد ڪرڻ جو شوق جاڳايو. نواز علي "نياز" کان سواءِ لاڙڪاڻي جي مشاعري جو ٻيو مکيہ شاعر ميان صاحب مرحوم هو، جنهن کي گهڻي ۾ گهڻو داد ملندو هو، ۽ جيڪو سچ پچ تہ غزل بہ سهڻو ۽ سڻو چوندو هو. واءِ ناڪامي! اجا سنگت رکئي سال ئي بہ مس ٿيا هئا، جو مرحوم هي جهان ڇڏي ويو. ڊاڪٽر ۽ مان جڏهن هڪٻئي کي ان کان پوءِ ڏٺو، تڏهن ٻنهي جي اکين مان ڳوڙها ڪِري پيا. زبان مان اکر نہ نڪتو. سال لنگهي ويا، اڄ بہ تصور ڪيان ٿو تہ جڏ مرحوم سامنهن ٻيٺو آهي - کلي ٿو، سڀاجهي صورت، پورو پنو قد، بت جي ٻيهڪ سهڻي ۽ سڻي، سنهاري صاف ۽ شهپر وڏا، منهن جي تختي ۽

اکيون اهڙيون جهڙيون سندس فرزند اياز قادريءَ جون آهن، ترکي ٽوپي يا ڪڏهن ڪڏهن ڪاريءَ پشم جو انور ڪٹ استعمال ڪندو هو، گهٹو ڪري سُٹڻ قميص ۽ ڪارو الپاڪي جو ڪوٽ پائيندو هو. اِها پوشاڪ سندس جسم تي جوڙ ۽ جنسار بہ ڏاڍو رکي بيهندي هئي.

ميان امام الدين ٽپاليءَ جو تخلص "ضامن" هو، لکيٹون ماڻهو هو. رب کي خبر تہ هاڻي ڪٽي آهي، جيئرو بہ آهي يا نہ، سالن کان وٹي سندس سُڌ ڪانہ آهي. پڙهيل ٽورو، ليکن مذاقي شعر ۾ ايڏو ملکو هيس، جو جڏهن اُٹي بيهي پنهنجو غزل پڙهندو هو، ان وقت سڄي مشاعري ۾ ٽهڪڙو پئجي ويندو هو، ڪيترو بہ ڪو چو نہ سنجيدو هجي، ليکن ان وقت پاڻ کي جهلڻ ڏاڍو مشڪل هو. خود مرحوم علي محمد قادريءَ جهڙو باوقار بزرگ بہ رومال منهن کي ڏئي پيو مشڪندو هو. امام الدين جي ظريفاٹي غزل ۾ انهيءَ دور جي نئين چال چلت ۽ رنگ ڍنگ تي چوٹان ٽيل هوندیون هيون، ۽ معاشري ۾ جيڪا تبديلي اچي رهي هئي، ان مٹان چٹرون هوندیون هيون. سندس شعر پختو ۽ نهايت بامعنيٰ هو، سين کي پيو وٹندو هو. مڙس قد جو لمبو ۽ چڙڪ هو، ڏاڙهي مشين تي ورتل ۽ مڃان جيتوٹيڪ مڃاڻ نہ هيس، تاهم کي قدر وڏيون. پٹڪو ڏاڍي انوکي انداز ۾ ٻڌندو هو، ۽ سڄي ڪَن وٹان ڍگهو ٹرو ڇڏيندو هو. پينسل سدائين ڪن تي رکيل هوندي هيس جيئن ٽپالين يا عريضي نويسن جو دستور آهي. جڏهن کلندو هو، تہ پانئبو ڏيکاوَ لاءِ نہ بلڪ سچ پچ تہ دل سان کلي ٹو.

* * *

طنز ۽ مزاح ۾، نثر خواهہ نظم لکندڙ اسان وٹ ٻيا بہ ان وقت چوٹيءَ جا ماڻهو هئا. سيني ۾ وڏو غالباً ميهڙ وارو رئيس شمس الدين بلبل هو، جنهن جو "نيچرل ڪريما" ۽ ٻيا طنزيہ اشعار مشهور آهن. انگريزي تمدن تي جيڪي ٽهولون هن ڪيون، سي ٻئي ڪنهن ڪونہ ڪيون.

انهيءَ کان پوءِ سندس ئي هم عصر ۽ شايد هم عمر، سنڌ جو بي پناهہ طنز نويس ۽ غضب جو هجو گو هو اسان جو مرحوم محمد هاشم "مخلص"، جنهن "مسلمان" اخبار جي ذريعي پنهنجي دؤر جي غلط ماڻهن ۽ غلط تحريکن جا

چوڏا لاهي، ۽ ڪنڌا ڪٽي چڏيا[16]. "مسلمان" اخبار در حقيقت بم گولو هئي، جنهن تي ڪري ان کي ساڙي ٻاري رکيائين. وڏا وڏا مٿير مڙس دست بدعا هوندا هئا ته شل مخلص کانئن پاسو ڪري لنگهي. خلافت تحريڪ جي ابتدا ٿي، سائين محبوب شاهه جهنڊائي سنڌ ۾ پيش پيش هو، ڪيس اها سڌ ڪانه هئي ته هي قومي عشق آهي- مجازي عشق کان بلڪل نرالو، اوڪو ۽ اٽانگو- چند ڏينهن بعد جڏهن جيل ۾ پيو، تڏهن سندس اک کلي، "ولي افتاد مشڪلها" وارو معاملو اچي ٻڌيو. پير ماڻهو، ٽلهو متارو، اچي غريب کي حويلي ياد پئي، ۽ مريدن جو ڀُور پيس. لڪ چوري معافي ونڻي، اچي درگاهه تي دم ڀٽيائين. مخلص مرحوم جو وارو وري آيو. هڪ طويل هجويه غزل سندس شان ۾ چيائين. هينئين ست ياد اچي ٿي. غالباً انهيءَ مان ئي مرحوم معافيءَ جي تاريخ ڪڍي هئي:

محبوب شاهه ڪانئچ ۾ ٽورو ڪري رکيو-

محبوب شاهه لاءِ ڪٽي منهن لڪائڻ جي جاءِ نه بچي. ٻيو بزرگ هو مولوي نظاماڻي "طيرابابيل" جو ايڊيٽر، ذرا زود رنج ۽ مولويانه طبيعت جو ماڻهو، قداور، چڙڪ بت ۽ دم ڪشيءَ جو ٽونڪارو. شمس الدين بلبل، مخلص ۽ مولوي نظاماڻي هجو نويسيءَ جا سنڌ ۾ موجد ۽ بنيادي پٿر هئا. اخبار اندر مزاح نويسيءَ جي ابتدا انهن ئي ڪئي. مطلب ته نظم خواهه نثر ۾ هنن جي طفيل سنڌي ادب جي اها صنف آسمان تي پهتي. مخلص ۽ نظاماڻيءَ جي لکڻ ۾ڪڏهن تلخي به اچي ويندي هئي، ليڪن بلبل مرحوم جي نظم ۾ نج طنز ۽ مزاح ٿيندو هو. هن جي قلم ڪنهن جي دل ڪانه دکائي. شخصيتن جي چڱائيءَ ۽ ٻڌائيءَ کي درگذر ڪري، هن عام قومي مسئلن ڏانهن توجهه ڪيو هو.

* * *

ڳالهه نڪتي آهي ته هڪ ٻئي ايڊيٽر جو قصو به ٻڌي ونو، نوشهري فيروز وارو اسان جو رئيس نجم الدين، هفته وار "النجم" جو مدير شهير. مرحوم اگرچه طبعاً مزاح نويس نه هو، ليڪن سندس نثر ازخود مذاق ٻڌجي پوندو هو، سندس ايڊيٽوريل جيڪو پڙهندو هو، سو پيو ڪلندو هو. پهريون پوليس جو انسپيڪٽر هو، اتان چڏي اچي 'النجم' اخبار ڪڍيائين، تنهنڪري سندس نثر تي زياده تر

پوليسي رنگ غالب هو. "اسان"[17] جي بجاءِ "فدويءَ" جو لفظ ڪتب آڻيندو هو، ۽ 'ڏيان طلب' جي ڏم جيڪا سندس اخبار ۾ هئي، سا جيڪب آباد واريءَ چاچي 'نالي مني' جي 'اتحاد' اخبار ۾ به ڪانه ڏنيسي. هر معاملي تي، 'ڏيان طلب حضور ڊسٽرڪٽ سپريڊنٽ صاحب بهادر ضلعو نواب شاهه'، 'ڏيان طلب حضور ضلع جناب ڪليڪٽر صاحب هادر دام اقباله'- اهي هئا عام عنوان مرحوم جي اخبار جا، ايڊيٽوريل ائين لکندو هو، جڙ پوليس ٽاڻي جي ڊائري آهي يا ڪنهن ڪانسٽيبل فرسٽ رپورٽ لکي آهي. خدا بخشيس، ڏاڍو سٻاجهو، نيڪ سيرت ۽ نيڪ صورت هو، ڊگهو، سنهو، مٿي تي 'ڊبل شير گولو' ترڪي ٽوپي، گل پنيان جي بجاءِ اڇيان پيو لڙڪندو، وار سفيد، اکين تي سوني فريم سان عينڪ ۽ نڪ هينان مُڇن جو ٻيڙو. هٿ مان جڏهن پوليس جو ڏنڈو ڇڏيائين، تڏهن رئيس وانگر نيٽ جو لڪڻ ڪنيائين، جنهن جي ٽيڪ تي پچاڙيءَ تائين پيو هلندو هو. جڏهن "سنڌ زميندار" سڻي ڪورٽ جي سامهون آئي، تڏهن هڪ دفعو اچي اسان وٽ ڏينهن ڀڳائين ۽ ڏپهرو ڪيائين. سٻاجهو ۽ سادو، اهڙو ايڊيٽر مون ڪونه ڏٺو- ڪچ اصل ڪونه، نج سچو سون هو.

* * *

لاڙڪاڻي جي سيني طبقن جا ماڻهو جڏهن اچي مڙندا هئا، ان وقت مشاعري ۾ لئي لڳي ويندي هئي. وڪيل، شهر جا پريا مڙس، پڙهيل طبقي جا نوجوان، سرڪاري ڪامورا، ڪورٽن جا ڪلارڪ ۽ هر نموني جا ماڻهو. هڪ دفعي ته وسايو ڪجر به حنيف جو ڏس پچائيندو، اتي اچي نڪتو هو. موهن جي دڙي جو سپرنٽينڊنٽ بٽ صاحب، غالباً نثار احمد نالو هيس، ڪسوليءَ (شملي) جو ويڙل، زنده دل ۽ بامذاق، بلاناغي مشاعري ۾ ايندو هو. زبان جي اگرچه پروڙ ڪانه پوندي هيس، ليڪن شعر جو رنگ سمجهي، ڪڙڪائي ۽ وڃائي سين ڪان سرس داد ڏيندو هو. وليدن وارو غلام محمد وڪيل، پير الاهي بخش، ڪامريڊ علي محمد عباسي، حاجي محمد ٽيلر ماسٽر، محمد چٽل، حڪيم محمد عالم- الغرض ڪهڙن جا نالا ڪٽجن، چرندڙ پرندڙ ماڻهو پنتي ڪونه رهندو هو. مريد احمد خان مرحوم، شل جنت ۾ جايون هجنس، هو ته سي. آءِ. ڊي. ليڪن جيڪا سي. آءِ. ڊي

ڪيائين، سا سين کي خبر آهي. سڄي زندگي پردي پوشي ڪندو رهيو، ڪنهن جي اوگهڙ ڪانه ڪيائين. حقيقت ۾ ماڻهن کان زياده دلين تي جاسوسي ڪندو هو، ڪا دل اهڙي هٿ اچي ويندیس، جنهن ۾ دوستيءَ جي دونهين دکي سگهندي، ته ويرم ڪانه ڪندو، جهٽ پنهنجي پهلوءَ مان چٽنگ هٽي ڇڏيندو. مريد احمد هڪ دفعو جنهن کي دوستيءَ جي دام ۾ ڦاسايو، سو وري نڪري ڪونه سگهندو. تَتِيءَ ٿَڌِيءَ وتندو گهلبو. هيو مڙس دوالي بند، ليڪن دل ايڏي ڪشادي، جو ان جي گهيري ۾ هوند سڄو ملڪ ماپي وڃي. اوطاق هر وقت دوستن سان پريل، ٻوڙ پلاءُ سدائين گهر ۾ تيار، دوستن کي پاڻ گرهه ناهيون پيو وات ۾ وجهندو هو، هڪ هڪ پليٽ سوريون پيو اڳيان رکندن، دوستن جا پيٽ پرجي ويندا، ليڪن سندس دل ڪانه پربي. ريل مان لهندي ڪو واقف، ڪو دوست يا ڪنهن سنگتيءَ جو سنگتي هٿ لڳي ويندس، ته زوريءَ گهر گهلي ايندو، ويلو کارائي پوءِ ڇڏيندس. اسان ته اهوئي ڏٺو، استيشن تان موٽندي هميشه مهمانن جي هڪ قطار ڪڍ لايون ايندو هو. پگهار اها سؤسوا، ليڪن ڪيترن وڏ وڏيرن کي بہ سندس در تي نمڪخوري ڪندي ڏٺوسي. سچ پچ ته سرتاپا محبت ۽ خلوص هو. سڄي جهان جي حصي ۾ جيڪا وفا، خلوص، دوستي، مهر ۽ محبت اچٽي هئي، سا خدا هڪ مريد احمد خان جي خمير ناهڻ ۾ ئي خرچ ڪري ڇڏي هئي- اهوئي ته سبب هو، جڏهن نئين ڳوٺ [18] مان مرحوم جو جنازو اٿيو، ته اهو گويا مريد احمد جو ڪونه هو، بلڪ اخلاص ۽ عشق جو جنازو هو- دوستيءَ ۽ دلبريءَ جو جنازو هو، محبت ۽ وفا جو جنازو هو، پيار ۽ پريت جو سين ريتن ۽ رسمن جو اهو لاش هو، جنهن کي دوستن اوچگارون ڏئي ڪلهن تي کنيو. انهيءَ کان پوءِ مهر و وفا جي دوستي ئي ويران ٿي وئي، نئين ڳوٺ جو اهو رنگ روپ ئي نه رهيو، دوستن جون قطار ان اوڏنهن ويندیون وري ڪنهن نه ڏٺيون- جڏ دوستيءَ جا اهي دستور ۽ مهمانداريءَ جا اهي طور ۽ طريقا ئي هليا ويا، جن جون سرخيون مريد احمد خان دل جي رت ڦڙن سان ويهي رتيون هيون. ٻلي شاهه ۽ فرزند جو عاشق هو، دل ۾ سوز هيس، تنهنڪري مشاعري جي ساز کان ڪونه مڙندو هو، متان ڪا ٽڪَ دل کي آئڙي اچيس، وس پڄندس ته مهڙ کان ئي

اچي ويهندو، ورنہ وچ ڏاري تہ سيکجهہ چڏي بہ اچي شريک ٿيندو هو. بهاولپور جي رهاکو هو، پر سڄي زندگي لاڙڪاڻي ۾ گذاري هئائين. سنڌي صاف ڳالهائيندو هو، ليکن مشاعريءَ ۾ کا ست وڻي ويندیس، تہ جوش ۾ سنڌي صفا وسري ويندي هيس، بي اختيار ٿي سرائکيءَ ۾ داد ڏيڻ شروع کندو هو، "واهہ ميڏي سائين، واهہ!" "واهہ جو آکيائي" "ميڏي سرکار! کي ارشاد کيتوئي!" "سبحان الله! ايئن خيال دا کوئي ثاني نهين!"، "وهہ واهہ وهہ! واهہ!"

* * *

---

[1] انهيءَ خيال کي فارسي، اردو ۽ هندي شاعريءَ ۾ هينئين نمونن سان ادا کيو ويو آهي. امير خسرو چوي ٿو:

گوري سووي سيج پر، مُکهہ پر ڌاري کيس،

"خسرو" چل گهر اپنـي، سانج بهئي پرديس.

فارسيءَ ۾ کنهن چيو آهي:

عارض چہ عارض، گيسو چہ گيسو! — صبحي چہ صبحي، شامي چہ شامي!

روئ مبينش صبح تجلي، زلف درا زش شامي تمامي.

مولانا جامي فرمائي ٿو:

از روي و زلفت دارم هميشه، صبحي همايون شامي مبارک!

کنهن اردوءَ واري جو چوڻ آهي:

دامن زلف مين رخ روشن، کيسي شب هي کہ آفتاب بهي هي!

ميرزا شوق (لکنوي) مٿنوي "زهر عشق" ۾ هک شعر آندو آهي:

رخ بہ گيسو هوا سي هلتـي هين،

چلئي اب دونون وقت ملنـي هين.

[2] گوريون، "گوليون" بندوق جون چئبيون آهن.

[3] سنڌ جي ٻاهراريءَ وارا "گوئنزل گو" سڏيندا آهن.

[4] 1299 هـ کان هڪ اڏ سال پوءِ فوت ٿيو. "گدا" جي وصال جو سال آهي 1322 هـ (تڪملہ 528). 'ڪليات گدا' جي فاضل مرتب کان گدا شاهہ جي شاعريءَ جي خوبين کي طوالت ڏيندي، هُن جي وفات جي تاريخ لکڻ ئي وسري وئي آهي!

[5] ايراني مهينو.

[6] فارسيءَ جي هن شعر کي ڪهڙيءَ طرح پنهنجو ڪري ويو آهي:-

سبز پوشي بلبِ بام نظر مِي آمد

نہ بزورو نہ بزاري، نہ بہ زرمي آيد

[7] اوان ساڻ.

[8] اوان سين، نٽي جو تلفظ آهي.

[9] ساڳيءَ طرح ٻاهون جو 'ٻائون'.

[10] معنيٰ هينئر.

[11] هن ۾ نٽي جي خاص لهجي جا لفظ آيل آهن، جن پاڻ ميناج وڏائي ڇڏيو آهي، ڏسو "تڪملہ مقالات الشعرا" ص. 430 تا ص. 439

[12] ڪن مشاعرن جا مصرع طرح هي هئا، مثلاً:

جمعو 5 سيپٽمبر، 1930ع- مهِ نوبدر بڻجي نير اعظم نہ ٿي سگهندو.

جمعو 19 سيپٽمبر، 1930ع- سوا خون تمنا ناه ڪجهہ زخمن جي دامن ۾ (هيءَ طرح نياز مرحوم جي ڏنل هئي)

جمعو 3 آڪٽوبر، 1930ع- سڀ اهل حشر اُن جا طرفدار ٿي ويا.

(هيءَ طرح منهنجي ڏنل هئي)

چنڇر 18 آڪٽوبر، 1930ع - ڏوم ڏام سان مشاعرو ٿيو ليڪن طرح معلوم نہ ٿي سگهي.

[13] پاڪستان کان اڳ ڪراچيءَ ۾ هينئنءَ طرح چانهہ جا نمونا ۽ نالا مستعمل هئا:

فينسي چانهہ - هندن لاءِ خاص.

پوڻيان چانهہ - منون ڪوپ چانهہ جو.

دبل چانهہ - پريل ڪوپ چانهہ جو.

اُڌيا چانهہ - زياده ڪير واري چانهہ.

منوڙا چانهہ - جنهن ۾ ملائيءَ جو ذرو ڪير سان گڏ وجهندا هئا.

سفيد چانهہ - عام مسلمانن لاءِ عام چانهہ.

[14] پان جو رواج دراصل سنڌ ۾ اسلامي دور کان اڳ هو. راجا ڏاهر جڏهن محمد بن قاسم سان مقابلي لاءِ هاڻيءَ تي چڙهي ميدان ۾ آيو، ان وقت هوديءَ ۾ بہ ٻانهيون هن لاءِ وينڊل هيون تہ واري سان ڪيس پان ناهي ڏيندیون رهن.

[15] ڊاڪٽر حاجي غلام حسين قاسم، جم 9- جولاءِ 1891ع، وفات 15- نومبر 1974ع، عمر 83 ورهيه.

[16] مخلص مرحوم اربع 31- آگسٽ 1932ع جو "سنڌ زميندار" ۾ اچي رهيو، جتان 1- سيپٽمبر 1932ع خميس ڏينهن اسان جي اچي مهمان ٿيو، غالباً اهو آخري دفعو اسان جي ملاقات ٿي، وري ڪونہ ملياسين.

[17] جڏهن پاڻ ڏانهن اشارو ڪرڻو هوندو آهي، تڏهن ايڊيٽوريل ۾ ايڊيٽر 'اسان' جو لفظ ڪتب آڻيندا آهن. فدويءَ جو لفظ پوليس جمعدار پنهنجي ڊائرين ۾ ۽ سب انسپيڪٽر بالا عملدارن ڏانهن ويندڙ لکپڙهه ۾ لکندا آهن. مرحوم کان اها عادت محڪمي چڏڻ بعد بہ کانہ وئي.

[18] لاڙڪاڻي جو هڪ محلو، جيڪو مشهور ئي هن ڪري هو تہ ان ۾ مريد احمد خان رهندو هو.

مشاعري ۾ ٻيا تہ سيئي اچي شريڪ ٿيندا هئا، ليڪن شهر جي وڏن ماڻهن مان ڪو ايندو ڪڏهن ڪونہ ڏٺوسي. شايد ان ڪري جو مشاعري ۾ سندن شاني شريڪ ڪونہ هو. سڀ ڪانئن هينئين ڪلاس جا هئا. انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي ويهڻ ڪين ڪٽي جڳائيندو هو؟ اهو بہ هڪ ڪارڻ هو، ليڪن دراصل هي بہ تہ هڪ وڏو سبب هو، جو هو هئائي مورڳون مجهول! ڪين ڪهڙي سڌ هئي تہ شعر وسخن ڇا ٿيندو آهي يا مشاعرو ڪهڙي جانور جو نالو آهي! هڪ احساس بالاتري ٻيو مٿانهن مور ڪپڻون! ويچارن جو پوءِ ڪهڙو قصور؟ هنن جو مشاعرو تہ ڪلٽر ۽ ڪماني هو، هنن جو شعر و سخن هو ڪمشنر جي وصف ۽ گورنر جي واکاڻ، هنن جو ادب هو جارج پنجم لاءِ درازيءِ عمر جي دعا ۽ ملڪ معظم جي سلسلي ۾ قيامت تائين قائم رهڻ جي تمنا.

اهو هو شهر جي وڏن ماڻهن جو حال. ٻاهراڙيءَ جي وڏيرا شاهيءَ جا مشغلا ۽ مسئلا تہ هئا ئي اور: سريتان رکڻ، سينڊيون ويهارڻ، ڪنهن هٿ نہ ڏنو تہ ان جي عزيزن ڪي پوليس ڪي چُرچ ڏئي ڦاسائڻ، ڪاٽڪن ڪي پالي انهن جي ذريعي جنهن تي ڪاوڙ ايندي انهيءَ جون چوريون ڪرائڻ، خون ٿيو ۽ ڏاڙو لڳو تہ مشير ٿي پوليس سان هلڻ، پيسا جيڪي ملن تن مان ڪجهہ پاڻ ڪائڻ ڪجهہ پوليس کي چوڳو ڪرائڻ. پوليس وڏيرن کي استعمال ڪندي هئي ۽ وڏيرا پوليس کي هٿ جو هٿيو بڻائيندا هئا. گهٽو ڪري ان زماني ۾ ننڍن ننڍن وڏيرن جو، لٽي ڪيڙي ۾، فيشن بہ پوليس جهڙو هوندو هو. ان ۾ ئي هو پنهنجو رعب ۽ مانُ سمجهندا هئا، ڏاڙهي ڪوڙيل يا سنهيءَ مشين تي ورتل، مڇان وڏيون ۽ وٽيل، مٿي تي صوبيدار يا هيڊ ڪنسٽيبل وانگر پشوري پٽڪو يا ٻلو ۽ اڇن

پٽن سان لونگي، قميص ۾ ۽ ڪيسا ۽ ان مٿان چئن ڪيسن وارو خاڪي ڪوٽ، نيٽ جو سير لڳل "لهڪٽ"[1] هٿ ۾ - انهيءَ ساز ۽ سنجٽ سان پري کان ڏِڪَ اهڙي پيا ڏيندا جڏ حد جو صوبيدار صاحب پنهنجي سر پيو اچي، يا هيڊ ڪنسٽيبل صاحب پاڻ ڪاڏهن چڙهي پيو آهي. صوبيدار کي خان صاحب ڪوٺيندا هئا ۽ هيڊڪنسٽيبل کي رئيس سڏيندا هئا، نالو ونڻ بي ادبي سمجهيو ويندو هو. بندوقن جا پروانا انهيءَ زماني ۾ عام ڪونه هئا. پهريون ڪليڪٽر جي ڪرسي ملندي هئي، پوءِ ڪمشنر صاحب جو درباري ٽبو هو. جڏهن اقبال صفا بلند ٿي ويندو، تڏهن وجي گورنر جي دربار ۾ جاءِ نصيب ٿيندي هئي. اتي به وري نمبر هئا: پهريون، ٻيو، ٽيون. رت پونءِ ڏيڻ بعد عمر جي آخري حصي ۾ ڪو خوش بخت وجي پهرئين نمبر تي پهچندو هو، ورنه گهڻو ڪري اها تمنا دل ۾ ئي ڪنيون ويندا هئا. هٿيارن جا پروانا [2] به اهڙن ئي ڪرسي نشينن کي ملندا هئا [3] جنهن زماني جو ذڪر آهي، ان وقت جيڪڏهن ڪنهن جو ليسن ضبط ٿيندو هو ته سڄيءَ سنڌ ۾ سُس پُس پئجي ويندي هئي، هٿياربندن جا ڪن ڪڙا ٿي ويندا هئا، اهو غريب منهن ڪٽڻ جهڙو نه ٿيندو هو. پرواني جو دوبارو حاصل ڪرڻ به ڪاري قيام کان ڪم ڪونه هو، ميڙين منٽن، آزين ۽ نيزارين بعد جڏهن خواريءَ ۽ ذلالت جي حد ٿي ويندي هئي، تڏهن مسين وجي پهريون چڳيءَ چال چلت لاءِ حد جو صوبيدار رپوٽ ڪيندو، پوءِ انسپيڪٽر صاحب لکپڙهه لحاظ سان نيڪال ڪندو، ان کان پوءِ اها ويندي ڊپٽي سپريڊنٽ وٽ، ۽ اهو جڏهن مهربان ٿيندو ته ڪاغذ ايندا حضور ڪماني صاحب بهادر وٽ. ڪيئي مهينا ڪاغذ پيا اتي سڙندا. ڪي وڏيرا ته انهن وچن جهاڪن ۾ ئي هي جهان ڇڏي ويندا هئا، جيڪي سخت جان هوندا هئا، انهن کي هٿيار ان وقت واپس ملندا هئا جڏهن حضور ڪمانيءَ جي سفارش سان حضور ضلعو، يعني جناب ڪليڪٽر صاحب بهادر، راضي ٿيندو هو. ليسن مليو ته مبارڪون پئجي ويندين ۽ منايون ورهائجي ويندين، پاڻ جهڙن ۾ منهن ڪٽي هلڻ جهڙو وڏيرو صاحب گويا ان کان پوءِ ٿيندو. ليسنن جا مانَ ته هاڻي لٽا، جڏهن سنڌ جي "محب وطن" وزيرن پنهنجي پنهنجي پوئلڳن جي ڳچين ۾ پستولن جا پٽا وجهي ڇڏيا. پوءِ وڏيرا نه

چڙو ٻاهراڙيءَ ۾ پستول لوڏڻ لڳا، بلڪ ڪراچيءَ جي ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ ٻه پٺاڻن منجهه پٽل جا ڪارتوس جرڪائيندا ٿي وتيا، گويا اتي ٻه سندن راڄ رهندو هو جنهن تي هنن رعب ٿي وڌو- ويچارا مجهول! وڏيرن جو پنهنجي اوطاق کان پوءِ ٻيو آستانو پوليس جو ٽاٽو هوندو هو. ٽاٽي ۾ پهچ، هيڊ ڪانسٽيبل سان سنگت ۽ صوبيدار وٽ رسائي، گويا هن دنيا ۾ سندن عزت ۽ آبروءَ جو معراج هو. ان کان وڌيڪ پرواز، ڪن ڪن جي نصيب ۾ هو، ورنہ عام طرح اها آخري منزل هئي. اهي سڀ رنگ ۽ اهي سڀ ڍنگ حقيقت ۾ غريبان مار لاءِ هئا. وڏيري جي ڪاوڙ ٿي، تہ غريب لاءِ لِـکڻ جي واهہ نہ ليندي، هاءِ ٻہ وئي تہ هوءِ ٻہ وئي، نہ گهر سلامت نہ در سلامت، نہ وني بچندي نہ ٻني بچندي، يا تہ جيل هوندو يا ڀيو رات ڏينهن موچڑا ڪائيندو، جيسين وجي وڏيري جو جِـنُ لهي تيسين نہ ڪوڪ آسمان وارا ڪنائيندا ۽ نہ زمين تي ڪو ٻڌڻ وارو هوندو. وڏيرن جي وچ ۾ اها ٻہ ٻڌي هوندي هئي، تہ ڪو غريب هڪ وٽان لڏيو تہ ٻيو ڪوبہ ڪيس پاڻ وٽ ويهڻ نہ ڏيندو. خدا جي هيءَ وسيع دنيا جڏهن وڏيرن جي وس ۾ هئي، تڏهن غريبن لاءِ ڪيڏي نہ تنگ هئي؟

* * *

جڏهن ڀ ڪان ڀڄي لهنديون، اَن مڙي اچي مودن وٽ پهچندو، اڳيان ليکا لهي نوان سنوان ٿيندا، ۽ بندين جي اتارن مان وياج لهي وجي مور بچندو، تڏهن وڏيرن کي چار ڏوڪڙ هڙ ۾ ٿيندا هئا، جنهن ڪان پوءِ هلندا لاڙڪاڻي جي لال بازار ۾، يا قمبر وجي ٻڌندا هاج[4] جو گانو. اهو گانو. اهو گويا سندن 'ادبي ذوق' هو. سنڌ جو غريب راهڪ ٻارهن مهينا رت پونءِ هڪ ڪري جيڪو ان وڏيري وٽ پهچائيندو هو، ان جي آمدنيءَ جو مصرف اجهو اهو هو. ڪراچيون گهمڻ 1937ع ڪان پوءِ شروع ڪيائون، موٽرن تي چڙهڻ اجا ڪالهہ سکيا، ورنہ سنڌ جو سڄو پيسو سکر، لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد جي ماڙيچي طوائفن وٽ خرچ ٿيندو هو، جتان مڙي سڙي سڏو وجي سنڌ ڪان ٻاهر رسندو هو. لاڙڪاڻي جي وڏيراشاهيءَ جو گهٽو مارو هاج تي هوندو هو. هرڪو ڀيو سندس گهٽيءَ ۾ مڇان وٽيندو هو. هاج هئي ٻہ تہ جنسي مورت! ڇئي ڪٽي بس ڪيو! لاڙڪاڻي

جا غزل گوشاعر جنهن محبوب جي تصوير چٽيندا هئا، ان جو هوبهو نمونو ۽ ان جو جنسي مجسمو!

مثلاً، سندس رخ رخشان ائين پيو لڳندو هو، جڻ درخشان آهي، يا وري آفتاب آهي يا ماهتاب. ڪن جو قول هو ته هوءَ انهن کان به اور پَئي لڳي. سندس پرتوِ حسن اڳيان شمع بي حقيقت، ماه چوتيو ۽ مهر عالمتاب سراسر احمق ٿو پائنجي[5]. رخ روشن کي جڏهن زلفن جي وچ ۾ نهان ڪندي هئي، ته ويچارن عشاقن اڳيان سڄو جهان سياه[6] ٿي ويندو هو، گويا پنهنجي ئي قسمت جو عالم سندن اکين اڳيان اچي ويندو هو. جن کي هجر جي مهجوريءَ سبب يا جور ۽ جفا ڪري ناتوانيءَ ۽ ضعف قلب جي شڪايت هوندي هئي، انهن غريبن کي اکين اڳيان اوندهه وري ويندي هئي! اهي عاشق جن جي اڳيان اوندهه ايندي هئي، اهي ائين پائيندا هئا ته رخ رنگين ۽ زلف پيچان باهم ٿي، ٻيئي اهڙيءَ ريت لڳجي ويا آهن، جو معلوم پيو ٿئي جڻ گل ۽ سنبل جي پاڻ ۾ لام [7] لڳل آهي. درحقيقت سندس صورت جي سونهن ۽ سوڀيا کي هرڪو پيو پنهنجي پنهنجي مذاق ۽ ميزان آهر پسندو هو. مثال طور: انهيءَ سلسلي ۾ شيخن ۽ مشائخن جو نقطي نگاهه بلڪل ئي مذهبي هو. اهي سندس منهن مبارڪ کي خط ۽ خال جي زير زبر سان تاج ڪمپنيءَ جو هفت رنگو مصحف شريف سمجهي، ان تي سورهٔ اخلاص [8] جي قرات پيا ڪندا هئا. سندس ڪارا ڪاڪل ائين هئا، جڻ مارَ سياهه وانگر پيا ور وڪڙ ڪائين، عاشق کي ڏنگڻ لاءِ پيا لامارا ڏين ۽ واجهه وجهن. اهي ئي ڪاڪل جڏهن پر پيچ ٿي پوندا هئا، تڏهن نه ڇڙو سنبل پيچان خجالت کان پزمرده[9] ٿي پوندو هو، بلڪ انهن جا پيچ ائين پيا معلوم ٿيندا هئا، جڻ دام آهن، ۽ عاشق جي دل جو ڪُڪڙ عارضن جي اڳڻ ۾ جيئن خال جو داڻو چڳڻ ايندو، تيئن ور ڏئي، ڪيس وڪڙ وجهي ڇڏيندا[10] ۽ پوءِ گيسوءَ خمدار ۾ عاشق جو طائرِ دل قابو ٿي ائين ڪڙجي ويندو جيئن رشتهِ زنار ۾ برهمڻ[11]. جيڪي عاشق غريب هوندا هئا ۽ زر بسيار نه هجڻ سبب سندن عشق جي نهه پهه[12] ٿيڻ جو امڪان ڪونه هو، انهن جي رسائي انهن زلف دراز تائين ٿيڻ ناممڪن هئي- انهن کي زلفن جي سياهي سراسر پنهنجي

سيه بختي پئي معلوم ٿيندي هئي. جڏهن انهن ئي زلفن جون ٻٽي ڳٽتان ٻاهر نڪري، رخسارن تي اچي پونديون هيون، ان وقت ائين پيو پاڻئبو هو، جڙ وڏيرن جي صبح صادق سان 'هاري حقدارن' جي شام غريبان دست بگريبان ٿي پئي آهي [13]. يا وري ائين پيو معلوم ٿيندو هو گويا ڪفر ۽ اسلام جي لڙائي، يعني هندوءَ ۽ مسلمان جو دنگو شروع ٿي ويو. سينڌ ۽ سرمي ڪرڻ کان اڳ هن جي زلفن تي پريشانيءَ [14] جو عجيب عالم طاري هوندو هو، انهن جون ڳٽتان ڪي پيشانيءَ تي ۽ ڪي عارضن تي اچي، اهڙيءَ ريت پکڙجي پونديون هيون، جو ويچارن عاشقن جو مجموعہ خاطر سڄو درهم برهم ٿي ويندو هو. جيسين هٿ منهن ڏوئي، هار سينگار نہ ڪندي هئي، اوستائين برابر هڪ طرف سندن سر ۾ سوداءُ رهندو هو ۽ ٻئي طرف کين پنهنجي طبيعت جو وايو منڊل ڏانوان ڏول پيو معلوم ٿيندو هو- درحقيقت غور سان ڏسبو تہ اهو فقط سنبل سان لالهء احمر جو بهم ٿيڻ [15] هو. جڏهن شام جو پاڻ گهوڙي گاڏيءَ تي سوار ٿي، ڪاڏنهن سير ۽ تفريح لاءِ هلندي هئي، ۽ سندس زلف هوا تي هيڏي هوڏي پکڙجي پوندا هئا، ان وقت عاشق، جيڪي صادق هئا، سي سندس پنهنجيءَ آوارگيءَ جو الزام انهن زلفن تي هڻي چڏيندا هئا. انهيءَ وقت سندس زلف عنبربار مان اها نگهت نڪرندي هئي، جيڪا تاتار تائين پهچي، انهن جي مشڪ ڪي وجي خجل [16] ڪندي هئي- قمبر ۾ تہ اها نڪهت لخلخي جو ڪم ڏيندي هئي، هر مريض عشق انهيءَ جي ئي چاٽ چکي پيو پنهنجا هوش ۽ حواس جاءِ تي آڻيندو هو! زلفن جي وچ ۾ سينڌ ائين پئي لڳندي هئي جڙ ستي سنئين عدم جي راهہ آهي، جيڪا انهن عاشقن کي اجهو ڪي اجهو وجي ٻئي جهان پهچائيندي، جن کي سندس جور و جفا ۽ ناز و انداز نيم جان ڪري رکيو آهي، ائين بہ سمجهڻ ۾ ايندو هو، گويا آب حيوان تائين پهچڻ لاءِ دراصل اهائي واٽ هئي، جنهن کي سمنڊ منجهہ رهڻ سبب ذوالقرنين جي زماني ۾ حضرت خضر عليه السلام لهي ڪونہ سگهيو هو[17].

اکيون نرگس شهلا جهڙيون، يا آهوءِ تتار جي طرح تي چشم سيه، جن کي سنڌيءَ ۾ 'ڪجليون' ڪوٺبو آهي. نہ ڪجل جي ريک سان رس ۽ ريجهہ، نہ

سرمي سرائيءَ جي کا کاڻ[18]. انهن جو غمزو رهزن ايمان ۽ انهن جو انداز ۽ ناز خطرهٔ جان! جڏهن عشق ۽ محبت جي مملکت خداد جون واڳون انهن جي هٿ ۾ اچي ويندیون هيون، جن مان ڪن کي "علت المشائخ" جي لت ته ڪن جي ڪڍ "بواءِ فريند" هوندا هئا، ۽ ڪي اهڙا اجهل جو "ڪِچن" ۽ "چِڪِن" جي فرق کي به سمجهي ۽ سجاڻي ڪونه ٿي سگهيا- هرڪو تيس مار خان بڻجي پوندو هو، تڏهن پارٽين مٿان پارٽيون پيون ٺهنديون ۽ ڊهنديون هيون، ۽ جيئن مصر جي بازار ۾ حسن جي قيمت وجي ست جي ڏيري ٿي، تيئن هتي عشق جي قيمت وجي رشوت جي روڪڙ رهي، هر ايرو غيرو ۽ نٿو خيرو پاڻ کي ملڪ جو والي سمجهڻ ٿي لڳو، ۽ جڏهن ملڪ جو حال اهڙو ٿي ويندو هو، جهڙو 'ڪبر پئي کان پوءِ پَت'[19] جو، ان وقت پاڻ فيلڊ مارشل جنرل محمد ايوب خان ايڇ- پي- ايڇ- جي[20] ٿي پوندي هئي، ۽ هڪ طرف ناز، انداز، ادا، ڪرشمي، عشوي ۽ تبسم خواهه 'تبختر'[21] جون فوجون فالم ٿي ويندیون هيون، ٻئي طرف اکين جي استاف لائين مان صف مزگان جي پلٽڻ، ابرن جي ڪمان[22] هيٺ اچي پهچندي هئي، سڃيءَ ملڪت ۾ 'اِمرجنسي' جو اعلان ڪري، ملڪ سان مارشل لا هڻي، حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿن ۾ ونی ويهي رهندي هئي. جي. ايم. سيد، پاشا خان ۽ پاشانيءَ جهڙن خطرناڪ عاشقن کي ته فوراً زلفن جي زنجيرن ۾ ڦاسائي ڇڏيندي هئي، ۽ جن جان بچائي وجي ڪنڌ پاسو ڪيو، اهي ته خير ڇٽي ويا، البت انهن عاشقن لاءِ ڪاري قيام ٿي ويندي هئي، جيڪي 'سيلف ڊفينس' ۾ پنهنجو سينو سپر ڪري بيهندا هئا. نيم باز نگاهن جي آرڊيننس هيٺ ابرن جي ڪمان مان پيڪانن جي ناوڪ [23] جون نوڪان انهن جي جان وجگر ۾ پيوست ڪيون ويندیون هيون، جنهن تي انهن جا اهي ٻئي شاهه عضوا غربال ٿي پوندا هئا، جنهن بعد ان ۾ هو گهٽو ئي پنهنجي مقدر جي چنڊاڻ ڪندا هئا، ليڪن قسمت جو ليکيو ڪٿي صاف ٿي سگهيو ٿيّ! خير، اهي ڳالهيون ته هيون خاص وقتن جون، ليڪن هونءَ عام حالتن هيٺ به جڏهن شوخ و شنگ نگاهن جا خدنگ دلين جي هدف مٿان هڻندي هئي، تڏهن عاشقن جي هڪ هٿ ۾ جان ۽ جگر اچي پوندو هو ۽ ٻئي هٿ ۾ دل کي جهلي اهڙي اندر مان آهه ڪيندا

هئا، جو اها گهٽو ڪري ٿو وڃي عرش عظيم تائين رسندي هئي، ليڪن جڏهن قسمت جي ڪوتاهيءَ سبب اها آهه نارسا ٿي، پنٽي موٽ ڪائيندي هئي، تہ ڪم از ڪم گنبد گردان جي هيٺان ابر بٽجي بادو باران ضرور ڪندي هئي. انهيءَ آهه سان جڏهن نالہ و فرياد بہ شامل ۽ شريڪ ٿي پيو ٿي، ان وقت عاشقن کي ضرورت ٿيندي هئي تہ پاڻ سان گڏ ڪو پگهاردار نوحہ گر بہ رکن، ليڪن مقدور[24] نہ هجڻ سبب اهو ڪم بہ پنهنجيءَ ئي نڙيءَ مان ونڊو پوندو هين. اهي ئي آهو چشم جڏهن 'خطا' ۽ 'خطن' تائين پهچندا هئا، تڏهن اتنهن جو آهو نہ چڙو رام ٿي پوندو هو، بلڪ رمِ آهو بہ هميشہ لاءِ وسري ويندو هيس. خير وڏيرن جي وحشت جو تہ حال ئي نرالو هوندو هو: ويچارن کان سندن سايو بہ گريزان رهيو ٿي[25]. جڏهن وائٽ هارس وسڪيءَ جو پيمانو پيئندي هئي، تڏهن اهي ئي اکيون چشم ميگون بٽجي پوندیون هيون. ان وقت معلوم ٿيندو هو تہ بيني صراحي آهي ۽ ان جي ٻنهي پاسن کان دخت رز جا پيمانا رکيا آهن، جن ۾ بنت العنب پيل آهي، جنهن سان هوند ڪنهن جي آشنائي ٿي ويندي تہ اهو فوراً پڪاري اٿندو تہ 'اي برادران اسلام! بلڪ اي برادرم! مان شادي هرگز ڪونہ ڪندس!'[26] جڏهن پنگ چڪو چاڙهيندي هئي، ان وقت سندس اهي ئي چشم ميگون ڦري چشم بيمار ٿي پوندا هئا. انهن تي جڏهن عاشقن جي نگاهہ پوندي هئي تہ سندن لونءَ لونءَ ڪانڊارجي ويندي هئي، جڙ ويچارن کي اوچتو فلوءَ جي ست اچي وئي! اهڙن عاشقن کي 'مريض عشق' سڏيو ويندو هو، ۽ سندن چهري جو رنگ اهڙو زرد ٿي پوندو هو، جو جڏهن سنڌي شاعر ان جو بيان پنهنجي غزل ۾ ڪندا هئا تہ 'آزاد ڪشمير جي' وادين ۾ زعفران رنگ پنهنجو وڃائي ويهندي هئي[27]. انهن ٻنهي حالتن ۾ سندس چشم خماري جڏهن صبح جو ڏسبا هئا، تہ ائين معلوم ٿيندو هو جڙ رات جي پهلوءَ مان صبح انگڙايون ڏئي اٿيو آهي.

سندس اکين مٿان ابرن کي اهڙي گولائي هوندي هئي، جو جڙ ڪمان پيون معلوم ٿيندیون هيون. جيڪڏهن صف مژگان جي پلٽڻ ڪاڏهن لام تي ويل نہ هوندي هئي تہ انهن جي اسلحہ خاني مان ناوڪان وني، انهن ئي ڪمانن کي

ڪشي، عاشقن جي دل و جگر جي نشاني تي چاند ماري ڪندي هئي، ۽ جڏهن ابرن جي ڪمان مان خدنگ[28] سڏو وجي انهن جي مرڪز دل تي ٽهڪو ڪندا هئا، تڏهن دل کي جيڪو ڏڪو وڻندو هو، سو حقيقت ۾ 'پلپيٽيشن' نه هو، بلڪ اهو دل جو ڪُڪُڙ هوندو هو، جيڪو برنگ نيم بسمل پيو تڙپندو هو[29]. ناز جا ناوڪ ۽ انداز جا خدنگ جڏهن ختم ٿي ويندا هئا، ان وقت ابرن جي ڪمان کي تيغ بُران ڪيو ٿي ويو، ۽ پوءِ ترار هوندي هئي سندس هٿ ۾ ۽ ڪنڌ ۽ ڪياڙيون هونديون هيون لاڙڪاٽي جي سجادن ۽ وڏيرن جون! الامان والحفيظ! خير، سندس ابرن جا اهي معاملا هئا امتين سان، ليڪن اوڙي پاڙي جا مرشد سڳورا جڏهن مريدن جي گهرن مان بيعت بازيءَ جو ڪم ڪار لاهي ٻاهر نڪرندا هئا، تڏهن حوض دهن جي آب ڪوثر مان 'سر بُزون'[30]ساري، سڏو اڇي ابرن جي انهيءَ محراب ۾ بيهندا هئا، ۽ قيام بعد رڪوع ۽ سجدو شروع ڪري ڏيندا هئا. جي وقت بچندو هئن، تہ مصحف رخ جو هڪ پارو ٻہ پڙهي ڇڏيندا هئا. عشق حقيقيءَ ۾ جيڪي خدا جا بندا انهيءَ حد تائين وفور هئا، جو ڪين حور ڪان ٻہ نفور [31] هو، اهي هر جاءِ 'هم اوست' سمجهي، رڪوع سجود تہ گهر ۾ ئي ڪندا هئا، البتہ سندس ابرن ڪان ماهہ رمضان جي روزن بعد شوال جي رويت هلال جو ڪم وڻندا هئا. اڄ جيڪڏهن هاج هجي ها، تہ هوند ڪراچيءَ واري "رويت هلال ڪميٽي" آسمان تي اڏامڻ جي اذيت ڪان ڇٽي پوي ها! متقي ۽ پرهيزگار جيڪي نينهن ۽ نيش لاءِ نا اهل سمجهيا ويندا هئا، نگاهن جون ناوڪان انهن لاءِ تہ ڪونہ استعمال ڪندي هئي، البتہ سندن ويست ايندڙ واڇ ڪمپنيءَ جي انجڻ ڇاپ گهڙيءَ سان جيڪو قطب نما لڙڪندو هو، ان جي قبله نما کي آشياني اندر تڙپائيندڙ رهنديون هيون[32]. ڪڏهن ڪڏهن اهڙو حادثو ٻہ ٻڌبو هو، جو پنبڻ جو پيڪان قطب نما تان ٽڙڪي، سڏو ڪن جي دل ۾ وڃي پيوست ٿيندو هو، جنهن جو نتيجو عام طرح اهو نڪرندو هو، جو اهي مجاز جي رستي تان ٽڙڪي وڃي 'حقيقت' جي راهہ تي پوندا هئا. ليڪن اهڙا واقعا تمام شاذو نادر ٻڌڻ ۾ ايندا هئا.

سندس بينيءَ جي تعريف ته اڳ ۾ ئي ڪري آيا آهيون ته جڙ دخت رز جي پيمانن جي مابين صراحي يا گويا مينا هئي، جنهن مان سياري جي سرد راتين ۾ زڪام قلقل ڪيون ٻاهر پيو نڪرندو هو، ليڪن ڪي ان کي غنچه زنبق سان به تشبيهه ڏيندا هئا[33]. سندس عجيب عارضن جو چا چئجي، جنسي سيب سمر قندي! ٿوري ٿوري لالاڻ ۽ لالي، باقي انهيءَ خط جو سر سبزو، جنهن کي سنڌي شاعر "خط 'خضربشي' عيسيّ دوران" چوندا آهن. متنازع فيهه ڪشمير جي صوف کي ته قيل مقال يا مقابلي جي مجال ئي ڪانه ٿيندي هئي. ڪن جو قول هو ته سندس رخ روشن تي رخسار ائين هئا، جو انهن کي ڏسي گلِ صدبرگ به پنهنجو پيراهن پشيمانيءَ کان صد چاڪ ڪري ڇڏيندو هو[34]. نه ڇڙو گل جي ڪائنات جو صورتحال اهو ٿي ويندو هو، بلڪ سچ پچو ته سياري جي صبح جو جڏهن تڙڦليل ۽ سينڊيون سرما ڪري تڙڪي تي ويهندي هئي، تڏهن خود خورشيد درخشان به شرم کان بيتاب ٿي، منهن ڪٽي سايه ابر ۾ لڪائيندو هو[35]. لاڙڪاڻي جي جن غير تجربيڪار سنڌي شاعرن کي انهيءَ واقعي جي پروڙ ڪانه هئي، انهن جڏهن سندس رخسار کي خورشيد تابان سان تشبيهه ڏني، تڏهن سڀ کي خبر آهي ته انهن جي ديوان جو هرهڪ فرد سندس جهالت سبب شرم وچان زرد ٿي ويو[36]، ۽ نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترا شاعر پنهنجا ديوان وڃائي ويهي رهيا. جڏهن تڙ کان پوءِ وار اچي ٻاهر اُس تي سڪائيندي هئي، ان وقت سندس رخسار زلفن جي وچ ۾ اچي اهڙو ظهور ڪندا هئا، جو ڏينهن ڏٺو ڦري جڙ شبِ ديجور ٿي پوندو هو ۽ ائين ڏسبو هو، جو جڙ ماهه منور اپريو بينو آهي[37]. ڪتيءَ لٽي جي پارن ۾ سندس آتشين رخسار هميشه تابش ڪري بيهندا هئا، ۽ عاشق جيڪي صادق سڏائيندا هئا، سي انهن رخسارن جي ئي آتش تي اچي سيءُ - واءُ لاهيندا هئا. اهڙين حالتن هيٺ جيڪڏهن ڪي اغيار اچي پاسو ونندا هئا، ته اهي ان رشڪ کان سڙي 'سر تابه پا اخگر' [38] ٿي پوندا هئا. انهن جا ئي تاندا هئا، جيڪي شيخن واريءَ ڏنڊ تي "حضور ممالڪ سنڌ" [39] جي ڪيمپ ۾ ڪتب ايندا هئا. شيخن جا ڪڙمي ڪاري ۽ هاري ناري هميشه الله ڪي پيا الاهان ڪندا هئا، ته شال ڪو اغيار رهڙجي پوي، جيئن سندن جند ڪاندن

بندن گڏ ڪرڻ واريءَ جيڙ ۽ وڏيرن جي چتڪتائيءَ کان چٽي پوي! انهيءَ ئي ڪيفيت ۾ عاشق صادق پاڻ کي هم بغل سمجهي، اغيارن لاءِ سمجهندا هئا تہ جڙ اجل آيو[40]. انهن ئي آتشين رخسارن کي ڏسي، ڪيترن وڏيرن جي دل ۾ جڏهن عشق اُلا ڏئي اٽندو هو، تڏهن انهن ئي اُلهن جي آتش منجهان هو 'سمندر'[41]پيدا ٿي پوندو هو، جنهن لاءِ "ديوان گدا" جي شارح جو چوڻ آهي تہ وڏي ڪُئي جهڙو ٿئي تو[42]!

انهن سندس عارضن يا رخسارن مٿان خال هميشہ ائين پيو لڳندو هو، جڙ خانبهادر حاجي علي حسن خان هڪڙي جي حياتيءَ ۾ قمبر جي اسلامي شهر اندر ديوان شامداس[43] جهڙي مهاسيائيءَ هندوءَ اچي ڪيمپ ڪئي آهي- يا وري ائين پيو معلوم ٿيندو هو تہ جڙ حسن جي سرڪار ۾ ڪم ڪار لاءِ لوور سنڈ جي ڪنهن بزرگ پنهنجون سيئي ضرورتون پسِ پست وجهي، خاص حاضريءَ وارن شيدين مان ڪنهن مضبوط حبشيءَ کي قمبر ڏياري موڪليو آهي. ليڪن جيڪي عاشق انهيءَ حبشيءَ جي اعمالن ۽ افعالن کان آشنا هوندا هئا، اهي ان کي زنجبار جو زنگي سمجهندا هئا يا وري چوندا هئا تہ حسن جي حڪمران وٽ درباني ڪرڻ لاءِ اديس ابابا مان هيلاسيلاسيءَ غلام موڪلي ڏنو آهي. ڪن جو اهو بہ قول هو تہ اهو انهيءَ آهوي مشڪين جو نافه تتار آهي، جيڪو ملڪ ختن جي بيابانن ۾ چوڪڙيون پريندو وتي ٿو. اهوئي سندس خال، جڏهن معنبر ٿي، رخسار تان هٿي، اچي ابروءَ مٿان بيهندو هو، تڏهن اهو ائين پيو معلوم ٿيندو هو گويا تيغ ابروءَ تي جوهر ڪلي بيٺو آهي[44]، يا ائين پيو پائيبو هو تہ خالِ سياهہ جڙ زاغ آهي، جنهن ڪمان تي اچي پنهنجو نشيمن ڪيو آهي[45]. جيڪڏهن ڪو پيڪان عاشقن کان بچي پوندس تہ اهو ڪمان ۾ وجهي ان کي بہ هڻي ڪيندي! اهوئي خال ابروءَ تان لهي، جڏهن اچي چپ مٿان بيهندو هو، تڏهن اوڙي پاڙي جا پير سڳورا پائيندا هئا تہ گويا خليفہ چهارم جو زنگي غلام حضرت قمبر پنهنجي سر ڪوزو ڪٽي حوض ڪوثر تان پاڻي پرڻ آيو آهي[46]! اهي ئي سائين سڳورا انهيءَ خال کي جڏهن خط سان ملائيندا هئا، تہ مصحف رخ جي سورهہ اخلاص تي گويا زير ۽ زبر اچي ويندي هئي.

لب لعلين، سندس اهڙا هئا، جو جڏهن بدخشان جي ملڪ ۾ انهن جا لالاڻ جو مذڪور پهچندو هو، تہ انهن جو ياقوت بہ شرم وچان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪندو هو ۽ سندس پيشاني عرق آلود ٿي پوندي هئي، يعني صاف سنڌيءَ ۾ ڪٽي چئجي تہ جڙ پگهر اچي ڇڏندو هيس. لبن جي لاليءَ کي ياقوت سان بہ تشبيهہ ڏيندا هئا، جنهن مان اهو فائدو هو تہ انهن ياقوت لبن جو جنهن کي بوسو هٿ اچي ويندو هو، ان لاءِ حسن جي سرڪار مان بدخشان جي گورنريءَ جو پروانو [47] فوراً اِشو ڪيو ويندو هو. لبن جي انهيءَ لاليءَ متعلق ڪيترن کي اختلاف راءِ بہ هو، يعني انهن جو چوڻ هو تہ دراصل ڪن عاشقن جو خون ناحق ڪيو ويو آهي، جن جي رت کي شيشيءَ ۾ بند ڪري ڊريسنگ ٽيبل تي رکي ڇڏيو اٿائين، ۽ جڏهن هارسينگار ڪري ٿي ان وقت ان مان ذرو ڪڍي چپن کي لائي ڇڏيندي آهي! ڪن جو وري قول هو تہ سندس لبن جي لالي خون نا حق جي سرخي نہ آهي، بلڪ اهي تہ پاڻ ئي اهڙا جان بخش آهن، جو نيم بسمل عاشق انهن کي ئي چوسي، ڪلمون پري اڇي ويهي رهندا آهن! انهيءَ ئي قدرت ۽ ڪرامت سبب تہ آب حيوان [48] کي بہ هميشہ خجالت پئي رهي آهي، جنهنڪري هو خضر کي هٿ اچڻ کان بہ نٽائي ويو. نہ فقط منجهن جان بخشيءَ جي اها قوت هئي، ليڪن چوسڻ وقت اهڙا لبِ شيرين لڳندا هئا، جو جيڪڏهن انهيءَ دور ۾ قافلہ در قافلہ قطار اندر قطار الغاران ڪندا سنڌ تي مهاجر يلغار ڪن ها، تہ هوند اهي انهن لبن کي يوپيءَ جو ’چوسني کا آم‘ تصور ڪن ها، ليڪن اها شامت چونڪہ ان وقت سنڌ مٿان ڪڙڪيل ڪانہ هئي، تنهنڪري ڇڙو سنڌي انهن جي شيرين تيءَ ۽ شڪر مٿان نيشڪر، انگبين، شهد، ۽ حلوي کي تصدق پيا ڪندا هئا [49]، انهيءَ ئي مناڻ تي تہ شيفته ٿي، ڪيترن وڏيرن زمينن جا قطعي[50] وڪرا ڪري، پاڻ وڃي ڪار قنادي شروع ڪئي هئائون[51]!

انهن لبن جي وچ ۾ ”غنچهء دهن“ ائين هوندو هو، جڙ هڪ نقطو آهي، ليڪن اهو بہ موهوم[52]. انهيءَ ئي موهوميءَ سبب عاشق جئڙا هن عرصہّ عالم ۾ هميشہ تنگ گذارينداهئا. مگر ڪن لاءِ تنگ هو تہ ڪن لاءِ وري اهوئي دهن

چشمه حيوان [53] بڻجي پوندو هو، جنهن تائين پهچڻ جي کوشش ڪندي ڪنهن وقت خضر به گم ڪرڏه راهه ٿي پيو هو!

دندان مبارڪ سندس اهڙا روشن ۽ تجلي دار هئا، جو جڏهن ڪنهن تي راضي ٿي تبسم فرمائيندي هئي، ان وقت هڪ طرف تبسم سبب قمبر شهر ۾ گل ڦل ٽڙي، باغ ۽ بستان لڳي ويندا هئا، ۽ ٻئي طرف ڏندن جو تاب عدن جي شهر ۾ پهچي، اُتنهن جي دُرَ جو آب پاڻي ڪري ڇڏيندو هو، جنهن بعد ويچارو در، عدن حياءَ ۽ حجاب کان صدف منجهان ٽورو منهن ڪيي، وري اندر ڪري ڇڏيندو هو. ليڪن تبسم جو اهو تجلو خواه دندان جو اهو تاب تڏهن ظاهر ٿيندو هو، جڏهن اهڙو ڪو نوخيز وڏيرو وٽس اچي نڪرندو هو، جنهن جي پيءُ جو اجا ستون جماڻون ٽيل ڪونه هوندو هو- ورنه عام طرح ته اهڙو زهرخند ڪندي وتندي هئي، جو هڪ طرف ان جي برق عاشقن جي مرغ دل جو آشيانو ساڙي ٻاري ڇڏيندي هئي ۽ ٻئي طرف ان جي بجلي سندن صبر و قرار جي خرمن مٽان ڪري، ان کي خاڪ سياهه ڪندي رهندي هئي.

انهن دندانن جي وچ ۾ زبان ائين هوندي هئي، جڙ دهن جي غنچي ۾ ڪو گلبرگ آهي[54]. غالباً لاهور واري گلبرگ ڪالوني به اهڙي ئي ڪنهن حسين جي زبان جو ذائقو ونيي، ناهي وئي آهي. سندس سخن اهڙو شيرين هوندو هو، جو جڏهن پاڻ ڪنهن خوش قسمت سان تڪلم ڪندي هئي، ته فوراً ان تي قند مڪرر نثار ڪندو هو[55]. اهوئي ڪارڻ هو، جو گهڻ وڏيرن جي گهرن ۾ انهيءَ زماني ۾ "قند مڪرر" هوندا هئا.

ذقن يا زنخدان جو چاهه اهڙو اونهو هيس، جو جيڪڏهن ڪنهن شاعر ڪي ٿابي جي ٽوڪر هجي، ۽ اهو لاڙڪاڻي جي مشاعري ۾ سندس سراپا بيان ڪندي ڪندي انهيءَ جاءِ تي اچي ٽاڙجي ڪري پوي، ته هوند اوستائين ان مان نڪري ڪونه سگهي ها، جيسين بابل جي چاهه مان هاروت ۽ ماروت جو موڪ نه ٽئي ها. ذقن جي هيٺان جو نظارو ڪولاچيءَ واري ڪُن جي ڏِکَ ڏيندو هو، يعني اتي گرد آب ڏسڻ ۾ ايندو هو، جنهن ڏانهن مولانا جاميءَ بيبي زليخان جي سراپا بيان ڪندي اشارو فرمايو آهي:

قرارِ دل بود نایاب آنجا،
کہ هر چاهست و هم گرداب آنجا.

نہ فقط ان جي ڏسڻ سان دل جو قرار ڪافور ٿي ويندو هو، بلڪ گهٽن عاشقن کي تہ اهڙي اچي بيقراري ڪٽندي هئي، جو جيسين ڦٽڪندي ڦٽڪندي وڃي ڪُنن ۾ نہ ڪرندا هئا، تيسين کين قرار ڪونہ ايندو هو.

گردن بلور جهڙو صاف صراحي دار، يعني شراب جي صراحي، يا ڇڻ مئي جي مينا. جڏهن مُل پيئندي هئي، تہ اها پئي ڪندي هئي 'قل قل'. ڪونج جهڙي سنهي ڳچي، ڪانہ ڇئبي، ڇاڪاڻ تہ اها غزل جي تشبيهہ ڪانہ آهي.

سندس سينو اهڙو صاف، جهڙو سنڈ جي سيدن ۽ سجادن، وڏيرن ۽ ليدرن جو نامہ اعمال- ۽ ان تي ٻہ پستان ائين اپريل گويا ٻہ وڏيءَ سائيز جا قنڌاري انار، ڪن بيدار بخت عاشقن کي هٿ ۾ ڏيڻ لاءِ رکيو ٿي وتي، يا وري بقول شخصي[56]:

دو دستنبوي خوش، پُر مغز و رنگين،
کزو خون شد دلِ صد نار ياسين.

مولانا جاميءَ جا هينيان بيت تہ مثال طور ڪتب آڻي ڪونہ سگهبا، ڇاڪاڻ تہ اهي محض پيغمبر جي بيبيءَ لاءِ مخصوص آهن:

دو پستان، هر يکي چون قبه نور،
حبابي خانۂ ازعين ڪافور.
دو نارِ تازه، بِر رسته زيک شاخ،
کفِ اميد، شان ناسوده گستاخ.

يعني، ٻَئي پستان اهڙا، جڻ منجهائن هر هڪ نور مان ٺهيل قبو آهي، يا گويا ڪافور مٽان ٻہ حباب آهن، يا وري ٻہ نوان ڏاڙهون آهن، جيکي هڪ ئي ٽامي‌ءَ مان ڦٽي نڪتا آهن- مهٽڻ سهٽڻ ۽ مساس ڪرڻ لاءِ جن تائين اجا ڪنهن جو گستاخ هٿ پهتل ڪونہ هو! بلڪل تازا، تر ۽ شگفته‌ء! انهيءَ مثال کي ڪتب نہ آڻڻ لاءِ هڪ ٻيو ٻہ سبب آهي: هاج جا قبه نور يا ڪافوري حباب، انار تازه ڪونہ هئا، بلڪ سودن جو صيغو پڙهي، ڪيترا گستاخ هٿ مالش ۽ مهٽ لاءِ انهن

تائين پهچي چڪا هئا. ايٽم بم انهيءَ دؤر ۾ ڪونہ هو، ورنہ ڪي ڪميونسٽي خيالن جا عاشق، ائين چوڻ کان ڪونہ ڪيبائين ها تہ انهن کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جي خيال سان، سيني جي بيس (Base) آمريڪا کي عيوض ۾ ڏئي، ان کان پنهنجي اسلحہ خاني ۾ اهي ايٽم بطور ايد جي مهيا ڪري رکيا ويا آهن.

ميان البت موءِ جهڙي سنهي يا اهڙي موهم ڪانہ هئي، جنهن کي تار نظر کان بہ باريڪ تر[57] چئي سگهجي، حالانڪ جي ائين هجي ها تہ عاشق لاءِ هوند ڏاڍو سک ۽ سهنج ٿي پوي ها، نہ اڳڻ ٻڌڻ جي جاءِ هجي ها ۽ نہ ستڻ جي ئي 'دخل در معقولات' موجود هجي ها[58].

بقول جامي "ززيرِ ناف تا بالائي زانو" يعني ناف کان هيٺ، جنهنکي ڪن شاعرن 'ڪان جواهر'[59]ڪوٺيو آهي، ان جي وصف ۽ واکاڻ تہ خير اهي ئي ڪري سگهندا، جن جي اکيان بند قبا ڪليو هوندو، يا جن انهيءَ مرحلي جي عقده ڪشائي ڪئي هوندي. اسان تہ فقط ٻڌسڻ تي هيترو چئي سگهون ٿا:-

ڪہ گندم رهزنِ آدم درينجا ست

- يعني ڪڻڪ جو اهو داڻو، جنهن جي لست ۽ لذت ڏاڏي آدم جهڙي شريف انسان ۽ ملا ماڻهوءَ کي بہ بهشت منجهان ڏڪا ڏياري ٻاهر ڪيرائي ڇڏيو هو. مٿينءَ ست جي رعنائيءَ ۽ معنيٰ آفرينيءَ جي پروڙ فقط انهن پڙهندڙن کي پئجي سگهندي، جيڪي مرشدن جي تشبيهہ مبارڪ جو تصور ڪيو، ڪڻڪ جي داڻي جي شڪل صورت جو خيال دل سان هنڌائيندا.

طلائي سرين کان وٺي ساق سيمين تائين جو مذڪور پڻ اسان ڪونہ ڪري سگهنداسي. انهيءَ سلسلي کي سمجهڻ لاءِ يا تہ ناظرين ڪرام کي پنهنجي حسن نظر تي پاڙڻو پوندو، يا وري ان جو صورتحال اهي ئي سمجهائي سگهن ٿا، جن انهيءَ وچ جي جلون ۽ جمال يا جوڙ ۽ جنسار کي يغما ڪيو هوندو- سرين جي سلسلي ۾ البت هيترو ٻڌڻ ۾ ايندو هو تہ:-

بدان نرمي کہ گر افشرديش مشت

برون رفتي خمير آسا، ز انگشت،[60]

- اهڙا نرم، جو جيڪڏهن انهن ۾ مٺ پئجي وجي تہ هوند آڱرين جي وچ مان انهن جو نرم گوشت ائين ٻاهر نڪري اچي، جيئن اتي ڳوهڻ وقت خمير نڪري پوندو آهي. 'ساق سيمين' لاءِ مولانا جاميءَ فرمايو آهي تہ:-

بناي حسن را سيمين ستونست،

اسان بہ ڪٽي ان تي اڪتفا ڪيون ٿا، گويا حسن جي عمارت جا ٿنيا يا پيل پاوا هيون. سرين ۽ ساق جي وچ ۾ سندس زانوءَ جو ذڪر ڪندي، بلامبالغي چئي سگهجي ٿو تہ جنهن کي همزانو ٿيڻ نصيب ٿيندو هو، ان جي اڇيان گويا دنيا جي دولت جا دروازا واشگاف ٿي ويندا هئا- خانقاهہ نشين البت همزانو ٿيڻ جي انهيءَ ڪري ڪوشش ڪندا هئا، جو هميشہ کين دين سان گڏ دنيا جي دولت لٽڻ جي تانگهہ من ۾ هوندي هئي.

هٿن ۽ پيرن کي لائيندي تہ ميندي هئي، ليڪن ڪن زخم خوردهہ عشاقن جو اهو قول هو تہ هن پنهنجا هٿ پير انهن عاشقن جي خون ناحق مان رڱيا آهن، جن کي هن يا تہ خنجر ابروءَ سان قتل ڪيو آهي، يا جيڪي ناوڪن جا نيش کائي زخمي ٿي پيا آهن. جن عاشقن کي اها بدگماني ڪانہ هئي، انهن کي فوراً سندس پنجهء حنائيءَ جي زيارت مان حسن جي دربار تائين سرخروئي [61]جو پروانو ملي ويندو هو. جڏهن اهي اتي رسندا ها، تڏهن کين مرڳو يقين ٿي ويندو هو تہ پاءِ يار کي پنجهء حنائيءَ وانگر ميهڙ جي ميندي لڳل آهي.

سندس قد سرو جهڙو سڏو يا شمشاد جهڙو سنئون ڪونہ هو، جنهن کي قامتِ رعنا يا قد دلجوي جانان چئي سگهجي، ۽ پوءِ خواهہ مخواهہ قمري صفت طوق بندگي اچي گردن ۾ پوي[62]. صنوبر سان بہ ان جي مشابهت ڪري ڪانہ ٿي سگهجي، جنهن تي عاشقن جي دل جي قمري گهڙي ساعت ويهي فراق منجهان ڪوڪ ڪري سگهي، يا جنهن تي صلصل [63] ويهي، بلبل صفت فرياد ڪري سگهي. اهڙو بہ قد ڪونہ هيس، جو جيڪڏهن ڪاڏنهن گهمڻ گهٽڻ نڪري تہ ائين پيو معلوم ٿئي گويا هاج جي بجاءِ قمبر شهر ۾ قيامت جو ڪال اچي ڪتو آهي[64]. درحقيقت قد ۽ قامت جي هوءَ پوري پني هئي، بلڪ کي قدر منڊري چئجي تہ بيجا نہ ٿيندو.

بدن هروپرو گلاب جي ٽامي‌ءَ جھڙو نازڪ ڪونہ هيس- در حقيقت بت جي پريل هئي ليڪن نهايت سھڻو ۽ سريلو.
هلندي چلندي هميشہ ماڻھن وانگر هئي سندس خرام ۾ ناز ضرور هو، ليڪن محشر پنهان ڪونہ هو، جو هلڻ سان پيو معلوم ٿئي جڏ فتنئہ محشر سان اچي پالو پيو آهي، اجهو ڪي اجهو ٿو نامه اعمال پيش ٿي ۽ بهشت ۽ دوزخ جا دڙڪا جاڻ ٿا ثابت ٿين. توڙي جو خلخال پائي هلندي هئي، تڏهن بہ داور محشر جي دربار لڳڻ جو امڪان ڪونہ هوندو هو.
سيم تن ڪانہ هئي، جنهن ڪي ڏسي عاشقن جي دل نقرهٔ خالص ٿي پوي [65]رنگ ڪليل ڪٽڪ ونو، ڏاڍو وٽندڙ ۽ دل ڪي چڪيندڙ- ائين روشن جڏ سچو سون پيو جرڪي.

* * *

الغرض اهڙي آب تاب، جوڙ ۽ جنسار سان هاڃ جي هٿان وڏيرن جي پئي هاڃ لهندي هئي. قنبر جو اهو ڪوچه جانان، جنهن ۾ پاڻ رهندي هئي، نہ ڇڙو عاشقن لاءِ رشڪ باغ وبهار هو، بلڪ عاشقن ڪان ان جي بهاريءَ جون ڳالهيون ٻڌي، لاڙڪاڻي جي ديوان گيانچند ڪي بہ پنهنجو باغ پيو بي حقيقت معلوم ٿيندو هو. انهيءَ ڪوچي ۾ ڪيترا ابهرا عاشق وڏيرا بينل فصل گروي رکي اچي رسندا هئا. ڪي ديري تائين ترسي، پوءِ سهي سنبري اچي ڪُوءِ يار ۾ قيام فرمائيندا هئا. بهر حال هر صورت ۾ ضلعي جي هارين نارين جي رت پونءِ اتي ئي اچي پاڻي‌ءَ وانگر وهندي هئي. نہ ڇڙو اهو، بلڪ ٻڌڻ ۾ ايندو هو تہ ڪيترا سجادهہ نشين خواهہ سيد سڳورا بہ سياري جي موسم ۾، گهنڊن ۽ گهڙيالن سان يا ڪلمي شريف جي نعرن هيٺ، خليفن ڪڙن جي حلقي اندر [66]، اٽن گهوڙن جون قطار ان ڪاهي، مريدن جي گهرن ۾ 'خفي' ۽ جلي ذڪر ڏئي، جيڪو نذرانو اڳاڙي ايندا هئا، اهو پڻ اتي اچي صرف ڪندا هئا. بهرحال انهيءَ جاءِ تي زاغ و زغن جو ڪم ڪونہ هو. فقط وڏ وڏيرن ۽ پڳدار پيرن جي گهرج هوندي هئي، جيڪي انهن جي گرد و غبار کي اڪسير[67] سمجهي، نہ ڇڙو پنهنجي منهن

مٿي تي پيا وسائيندا هئا، بلڪ پنهنجي ملڪ ۽ ملت جي قسمت مٿان بہ اُها چاڻيندا رهندا هئا.

هاج جڏهن پنهنجو بروج مشده [68] ڇڏي، خوش خرام ٿي، ڪاڏنهن هلندي هئي، تہ في الحال قمبر وارو ڪوچو شهر خموشان ٿي ويندو هو. باوجود هن جي جو چپ وراست، يمين ۽ يسار، جرانغار خواه برانغار کان، حضرت عزرائيل پاڻ اجل جا وارنٽ هٿ ۾ ڪنيون پوش! پوش! ڪندو هلندو هو، ليڪن ان هوندي بہ نظربازن کان وڌيڪ وڌيرن جون قطارون ڪڍ هونديون هيس. ريل جتي اچي بيٺي، اتي زناني گاڏي اڳيان ڳاهٽ لڳي ويندا. غريب غربو تہ "اڙي يار هيءَ قمبر واري هاج ويٺي ٿي!"- چئي، اڳتي راهي ٿيندو هو، ليڪن وڌيرا انهيءَ جاءِ تي پهچي، گل محمد [69] بڻجي ويندا هئا. جيسين ريل هلندي، تيسين پيا گاڏي اڳيان مڃان مروٽيندا ۽ ستڻ جا ور ناهيندا. هرڪو پيو پاڻ کي ڏسندو متان مٿس ئي ڪا نگاهہ دلنواز پئجي وڃي. خدا نہ پلائي تہ راقم الحروف بہ زناني گاڏي جي اڳيان ئي هڪ لڳان جهٽ سوا لاءِ سندس جلوا جهٽيا هئا. بهرحال عين انهيءَ وقت وڌيرن کي ڪارس بہ اچي ڪٽندي هئي. هڪ هٿ مڃن ۾ ۽ ٻيو ستڻ ۾. توبہ نعوذ با الله اها بد عادت بہ ڪين ڏاڍي هوندي هئي. شايد زمينن ڪسجڻ بعد هاڻي ڇڏي هجئون!

* * *

زناني گاڏي اڳيان بيهڻ جي ڳالهہ وچ ۾ آئي تہ هڪ لطيفو اچي ياد پيو آهي. پانيان ٿو ڏاڍو برمحل ٿيندو، جي اوهان بہ ٻڌي ڇڏيو. مرحوم ماستر محمد بخش [70] ڳالهہ ڪندو هو تہ هڪ دفعي ڪراچيءَ کان سکر آيو ٿي. انهن ڏينهن ۾ گاڏين اندر گپا گيهہ ڪانہ هوندي هئي، اڄ وانگر ماڻهوءَ مٿان ماڻهو سوار ڪونہ هوندو هو، سڄو گاڏو خلاصو، فقط هڪ نئون شادي شده پارسي جوڙو اچي ساڻس گڏ چڙهيو شايد ڪاڏنهن هني مون ملهائڻ ويو ٿي. سهڻي ۽ سوڀيائتي ڪنوار، گهوٽ بہ ڏاڍو ڏيل ۽ ڏيک وارو، ٻئي سج چند هئا. ايترو نوان پرٽيل ٿي ڏٺا سوڀيائتي ٿي ڏٺا، جو اجا دل پري هڪٻئي کي ڏٺو بہ ڪونہ هئائون. ٻئي ايترا لڄارا هئا، جو هڪٻئي ڏانهن اک کڻي چتائي بہ نٿي سگهيا،

فارسي محاوري مطابق رڳو دزيده نگاهن سان ڪڏهن ڪڏهن ڏسي ٿي ورتائون. اکيون اکين ۾ ڪڏهن اوچتو اٽڪي ٿي وين، تہ ٻنهي جا ڪنڌ جهڪي ٿي ويا. گويا آشنائيءَ جو اڃا ابتدائي عالم هو، يعني حجاب ۽ حائل تہ حياءُ ۽ مانع. ڪراچيءَ مان چڙهندي ڪنوار ڪنهن وڏيري جي نظر چڙهي وئي، هر اسٽيشن تي گاڏي اڀيان حاضر! مٿو اگهاڙو، سينڌ نڪتل، پٽ جو هڪ رومال ڪيسي ۾ ٻيو هٿ ۾، ريشم جو رنگين اڇٽ وائل جي قميص مان ٻيو ڏيکارجي ۽ ڪجهہ ساوا نوٽ قميص جي ڪيسي مان پيا ظاهر ٿين. دستور مطابق هڪ هٿ شهپرن ۾ تہ ٻيو ڪارس [71] ۾ مشغول. اکيون ڪنوار جي چهري تي ڪتل. نگاهہ ترڪي وجي، تہ هيڏي هوڏي وارو مٽائي، وري سڌو مائيءَ جي منهن تي. هڪ اسٽيشن، ٻي اسٽيشن، ٽين اسٽيشن، آخر ڪنوار ۽ اچي ڪڪ ٿي ۽ مائيءَ جو مڙس ۽ تنگ ٿي ٻيو. ڪوٽڙيءَ کان اورتي جڏهن گاڏي ڪنهن اسٽيشن تي اچي بيٺي، تڏهن پارسي نوجوان اشاري سان وڏيري کي پاڻ ڏي سڏيو. پهريون ڪيس چتائي ڏنائين، سندس مڃن ۽ ٻن رومالن جو جائزو ورتائين، اڇٽ کي ۽ ڏنائين، ۽ ڪيسي ۾ ٻيل چند نوٽن جو ۽ اندازو ڪيائين. ان کان پوءِ ڪِلي پنهنجي ڪنوار ڏي اشارو ڪندي وڏيري کي چيائين، "وڏيرا صاحب! مان اڃا ڪالهہ شادي ڪئي آهي. هي صندوقان ڏس، اها پنجاهين پتي ۽ ڪنوار جي ڏاجي جي ڪانہ آهي. مان ۽ ملڪيت وارو آهيان ۽ پاڻ ۽ شاهوڪار جي ڏيءُ آهي. هاڻي تون ڪانئس پڇي ڏس! جي اهو سيڪجهہ ڇڏي فقط تنهنجي مڃن، ٻن رومالن، ۽ هڪ اڇٽ جي آسري تي توسان هلِي هلي تہ منهنجون اکيون ٽڏيون". وڏيري ويچاري جون وايون ٻتال ٿي ويون، شرمندو ٿي ائين گم ٿيو، جيئن لاحول کان پوءِ شيطان. ماستر چيو تہ ڪوٽڙيءَ کان وٺي سکر تائين انهيءَ لطيفي تي اسان ٽئي ٽهڪ ڏيندا وياسين. انهيءَ کل چرچي ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جو حجاب ۽ هڪ حد تائين دور ٿي ويو، ۽ روهڙي اسٽيشن تي صبح جو اٿي جڏهن ماستر ٻنهي کي ڏٺو تہ ٻئي پاڻ ۾ راهل مائل ٿي ڏٺا، جڙ سالن جا ساٿي آهن.

بهرحال! جيسين هاج جي ضلعي لاڙڪاڻي مٿان حڪومت هئي، تيسين گهٽو ڪري سيئي چگا مڙس عاشقن واري "شش نشانيءَ" ۾ مبتلا هوندا هئا. سمجهان ٿو 1934ع کان پوءِ دلين تي داغ ڏئي هتان هالاڻو ڪري هلي وئي.

* * *

وڏيرن جو مذڪور ته سندن جهالت سبب وچ ۾ اچي ويو، انهن جي ڳالهه نڪتي ته هاج جي حڪايت به پنهنجو پاڻ نب جي نوڪ تي نروار ٿي آئي. دراصل قصو ڪري رهيا هئاسين غزل گو شاعرن جي مشاعري جو، ۽ ان ۾ ذڪر هو ميان امام الدين ٽپالي‌ءَ جو، جنهن جو تخلص "ضامن" هو. تنهنڪري انهيءَ مشاعري واريءَ سنبت سبب، هاج جي حسن بيان ڪندي، تشبيهون ۽ محاورا، اکر ۽ استعارا اسان کي اهي ئي ڪتب آڻڻا پيا، جيڪي سنڌ جا شاعر پنهنجن غزلن ۾ ڪتب آڻي، ائين سمجهندا رهن ٿا ته هو سنڌي ادب جي نه ڇڙو زبردست خدمت ڪري رهيا آهن بلڪ ان کي لاتعداد خزانا ڏئي مالامال ڪري رهيا آهن.

بهرحال اهي قصا ۽ ڪهاڻيون ته ائين اچي ويون جيئن ڪافيءَ جي مصرع پٺيان ڏوهيڙو ڏبو آهي، تنهنڪري "ڳالهه ٽي ڪيم" چئي، موٽي اچون ٿا مطلب جي ڳالهه تي.

مرحوم "نياز" جڏهن اٽندو هو، ته هڪ وڏي ڏيرج ۽ شان سان. علامه اقبال واري خودي ته بلند ڪانه هيس، البت خود اعتمادي منجهس ضروري هئي. پهريون ڪيسي مان عينڪ ڪڍندو، رومال سان ان جي شيشن کي صفا ڪري اکين تي رکندو، ان کان پوءِ سامعين ڪرام مٿان هڪ نگاهه غلط انداز اڇلائي، هٿ وجهندو ڪيسي ۾. هڪ ڪيسو، ٻيو، ٽيون، آخر اندرئين ڪيسي مان هڪ نهايت ئي خسيس ڪاغذ جو پرزو ڪڍندو. اهو به حقيقت ۾ سندس هڪ انداز هو، جنهن کي مشاعري وارن جي زبان ۾ 'تجاهل عارفانه' چئبو آهي. بهرحال اهڙي استادانه طور ۽ طريقي سان پرزي تي نظر وجهندو، جو معلوم پيو ٿيندو، جڏ سندس فني ڪمال جو اهو ته هڪ ادنيٰ مظهر آهي- در حقيقت منجهانس اميد ڪنهن تمام عظيم تخليق جي رکڻ گهرجي. آخر ۾ جناب صدر اڳيان جهڪي، ڪائنس اجازت ونڊي، پوءِ ڪندو هو منهن مجمعي ڏي- جيسين نياز مشاعري جا

اهي ابتدائي آداب پورا ڪندو هو، تيسين سامعين، "باتمڪين" بڻيا وينا هوندا هئا، يعني دم بخود، نہ چرپر، نہ سس پس. جو جاتي سو تاتي. هنن ڄاتو ٿي تہ هاڻي نياز پڙهڻ وارو آهي. عقل ۽ دماغ جا داستان هرڪو ڪري چڪو، هاڻي دل جون حڪايتون هلنديون، محبت جي سوز ۽ ساز جا اونها اسرار، راز ۽ رمزان، سندن علم ۾ ايندا. ڇڙو رعايت لفظيءَ جي ڏم ۽ دور ازڪار تشبيهن جي ڏماڇوڪڙي ڪانہ هوندي، بلڪ ڪجهہ حقيقت حال بہ ان سنئين سڏيءَ زبان ۾ هوندو، جنهن کي هو آسانيءَ سان سمجهي سگهندا. وڇوڙي ۽ ورهہ جو جيڪڏهن واءُ گهلندو تہ وصال جا ورق بہ ضرور ورندا. هروپرو هجر ۽ فراق ۾ منهن مٿو پٽيل ڪونہ هوندو. فرقت جي دقت انهيءَ حد تائين بيان ٽيل ڪانہ هوندي، جو عاشق ان جي ڪري نہ ڇڙو 'برنگِ برق بيتاب' ٿي وجن[72]، بلڪ ان جي آتش کان سندن 'دل پُر داغ' بہ 'سروِ چراغان' تي سبقت ڪري وجي[73]، جنهن بعد سامعين جي 'تمڪين' تہ رهجي وجي مشاعري ۾ ۽ منجهانِ کي پڇن گهرن ڏانهن "غياث اللغات" کولڻ، ۽ کي ڏوڙي وجن اطلاع ڏيڻ فائر برگيڊ کي. بجاءِ شعر گوئيءَ جي پوءِ باهہ وسائڻ واري انجڻ گهنڊ گهڙيال وڄائيندي، اچي نڪري ميان علي محمد جي اوطاق تي يا فقط انهيءَ 'آهہ پرسوز' جي کهاڻي کيل ڪانہ هوندي، جيڪا صرصر کان بہ وڌيڪ سوسٽ ڪندي[74]، وچ ۾ برق کي بيتاب [75] بڻائيندي، فلڪ ڪج رفتار جي سيني ۾ سوراخ ڪري، هفت آسمان جو هفت خوان طي ڪندي سڏو وجي عرش عظيم جي پيل پاون کي ساڙي، ۽ جنهن کان پوءِ نہ فقط مشاعري ۾ هراس کان تڏا ويڙهہ جو عالم اچي وجي بلڪ خود خدا کي بہ خبر پئجي وجي تہ زمين تي بہ ڪي جوان رهن ٿا. "نياز" انهن ٽڏن شوڪارن جو ذڪر ضرور ڪندو، جيڪي راتين جي اڪيلائيءَ ۾ ڪنهن جي اڇڻ جو آسرو پلي، نا اميديءَ جي نجهري پئي، اندر مان ڪيڏا آهن. "نياز" جي سامعين کي اها بہ سڌ هئي تہ ڪلام پڙهندي ڪا هڪ اڌ تڪ اهڙي بہ ضرور اچي ويندي، جنهن جي ٻڌڻ سان اکيون آبجي پونديون، ۽ دل ۾ ائين پيو معلوم ٿيندو، جڻ ڪنهن ڇهندي پائي ورتي. ٿلو 'دانهاٰ اشڪ' جو داستان کيل ڪونہ هوندو، جنهن تي ڪي شاعر 'گوهرِ شاهوار' کي بہ نثار

ڪري ڇڏيندا آهن [76] ، يا انهن کي 'لولوئي لالا' سان مشابهت ڏئي خواهه مخواهه اکين کي 'غيرت نيسان'[77] بڻائي ڇڏي، ۽ ڪجهه وقت بعد اکين مان اڇي موتيا پاڻي لهي، ۽ ماڻهو وتي ڊاڪٽر هالينڊ جا پتا پار، ڏس ۽ پنڌ پچائيندو، يا وري اکين جي 'يمر'[78] جو بيان ڪري اهڙا واٽر ڪورس وهائجن، جو انهن جي 'آب روان' ۾ جڏهن لڙهي [79] هلجي، تہ واٽهڙو ان کي لاوارث لاش پيا سمجهن. اهي ڪم ايراني ۽ اردو اکين جا- اسان جون اکيون حجاب ۽ حياءَ جون ماريل، پنهنجو مرم هڪ طرف پيو مارين تہ محبوب تي مامري مڇ جو ٻئي طرف اونو ۽ الڪو. ڪنڌ پاسي وجي، عام ڪان گوشو ڪري، لڪ چوريءَ ڪٽي ٻُڪ پاڻين جو وهائين، ليڪن عام جي اڻيان لُڙڪن وهائڻ ڪان پيو لڄ مرنديون، قطرو ڪيرڻ کين پيو عيب لڳندو، متان ڪو دل جو پيد نہ پرکي ونې، متان اندر جي اورا جهورا پڌري نہ ٿي پوي، متان ڪرن ۽ ڪاهوڙن کي ڪُڙڪو نہ پئجي وجي، ۽ مبادا ڪو طعنو ۽ تنڪو نہ هڻي رکي، ڪو ويڙ نہ ڏئي ونې- انهن کي مُهڙيان ئي "نِهائين ڪان نينهن" جي سُتي جا پيل هئي! انهن جو عام اڻيان ڇڙو آبجي پوڻ ۾ وڏي ڳالهه هئي ليڪن ڇا ڪن، "نياز" جي تڪ، جو لاچار ڪري رکندي هين.

درحقيقت "نياز" ايڏو باڪمال شاعر هو، ۽ ڪيس زبان ۽ خيال تي قادر ايتري قدرت ڏني هئي، جو ڪافيءَ ۽ سنڌي ڪلام جي ٻين نمونن ۾ تہ خير، پر خود غزل ۽ نظم جهڙي ڌاريءَ سرزمين ۾ جڏهن ايندو هو، تہ اتي ۾ زبان، ديسي استعارن ۽ مقامي تشبيهن جا باغ ۽ بستان پکيڙي هڪ عجيب لئي ۽ لقاءُ لائي ڇڏيندو هو. جيڪڏهن ڪنهن سان ڪڏهن هوڏ تي ايندو هو، تہ غزل ۽ نظم ۾، قطعي ۽ رباعيءَ ۾ نہ فقط فارسيءَ جا اڻ ٻڌل ۽ اڻ ڏٺل اکر آڻي گڏ ڪندو هو، بلڪ عربيءَ جا غير معروف الفاظ ملائي، شعر کي بلڪل 'بهار دانش' بڻائي ڇڏيندو هو. الغرض هر نموني تي ڪيس قدرت هئي ۽ هر طرح ۽ طريقي تي هو قادر ۽ ڪامل هو.

"نياز" مرحوم جي آواز ۾ خاص قسم جي سنهي، ليڪن نهايت نرم ۽ بازڪ تنوار هوندي هئي. پڙهندو تہ معلوم ٿيندو جڙ سندس گلي ۾ تار آهي، جنهن کي

لفظ ڇُهندا ۽ ان تي وڃت ڪندا پوءِ ٿا ٻاهر نڪرن. شعر تحت اللفظ پڙهندو هو. شعر کي ميراثين وانگر ڳائي پڙهڻ جو رواج ان وقت تائين شروع ڪونہ ٿيو هو. اهو طريقو گهڻو پوءِ سي ڪان پهريون هڪ طرف حفيظ جالنڌريءَ ڪڍيو، جڏهن ڪيس "شاهنامهء اسلام" وکٽڻ جي ضرورت پيش آئي، ۽ هن شهر شهر ڦري، در در استيج تي چڙهي، ڳائي وڄائي، ان کي خوب وکيو، ۽ ٻئي طرف جگر مراد آباديءَ پنهنجي مخصوص لئي ۾ غزل پڙهي، ماڻهن جو توجهہ فن جي خوبين ۽ خرابين کان هٽائي، سر ۽ تال طرف ڪري ڇڏيو. انهن ٻنهي شاعرن جي بدعت بعد هرڪو نوجوان ڳائي پڙهڻ ۾ ست پشتن ميراثين کي شهہ ڏئي ويو. تحت اللفظ سان گڏ لئي اِنهيءَ کان پوءِ مشاعرن جي روايت بڻجي پئي. لاڙڪاڻي ۾ شعر تحت اللفظ پڙهيو ويندو هو، يعني بنان سر جي، سنجيدگيءَ ۽ متانت سان، شريفانہ طور ۽ طريقي تي. "نياز" جي تحت اللفظ پڙهڻ ۾ بہ هڪ سوز ۽ ساز هو، سر ۽ ميناج هو. هڪ هڪ اکر ڇٻي ڇڻي بيان ڪندو هو. جتي لفظ تي زور ڏيڻو هوندو، اتي زور ڏيندو، ۽ جتي هلڪي انداز ۾ چوٽو پوندو هو، اتي نهايت نرميءَ سان اکر اکر ۾ ساهہ وجهي، اهڙيءَ ريت سڄو غزل پڙهي ويندو هو، جو سامعين جي اکين اڳيان شعر جي مطلب ۽ معنيٰ جو نقشو چٽجي ويندو هو. سامعين خواهہ خود شاعر سڄو وقت ساکت وينا هوندا هئا، گويا سندن روح سڄي بدن مان نپوڙجي اچي ڪنن ۽ اکين ۾ پيو آهي. اکيون "نياز" ۾ ڪتل ۽ ڪن بيتن تي. جڏهن غزل ختم ٿيندو، تڏهن سيئي ڪرسين ۽ موڙن تي هلڪا ٿي، پاڻ ڇڏي ڏيندا هئا. اها ڇڪ (Tension) جيڪا غزل ٻڌڻ مهل طاري ٿيندي هئي، سا لهي پوندي هئي.

* * *

"نياز" کان پوءِ، ڪاغذن جو هڪ ڇڳو دستو ڪٽي، اٿندو حضرت "خادم" لاڙڪاڻوي- رنگ جو ٿورو سانورو، سنهاري صاف، مڃن جا ٻئي سرا ڪپيل، چپن تي هلڪي مُرڪَ، جنهن مان سندس طبيعت جي شگفتگي پئي بکندي. اهائي ترڪي ٽوپي، هيٺ تي ستڻ، ۽ قميص مٿان شارٽ ڪوٽ. انگريزي لٽا ڪڍهن ڪونہ پاتائين. لڪڻ هميشہ هٿ ۾، "خادم" کي لڪڻ کان سواءِ ڪنهن

ڪونہ گھمندو ڏنو. قدم ۾ ھڪ پختگي ۽ جمت، آھستي آھستي نھايت سنجيدگيءَ سان پيو لکن جي لوڏ ھلندو. طبيعت جو نھايت سادو ۽ نيڪ، دوستيءَ لاءِ آتو ۽ محبت ۾ ثابت قدم. نيبھہ ۾ نھايت پڪو ۽ پختو. ھڪ دفعو دوستي ٿي تہ وري ان ۾ وڇور نہ پوندو. پلا غرض ۽ مطلب تي دوستي رکندو ئي ڪونہ ھو، پوءِ قط ڇو پوي، وڇور ڇاجي ڪري ٿئي ۽ راہ و رسم ڇو ڇڄي؟ شعر جي ڇوٽ ۾ پنھنجو مٺ پاڻ، مشڪل ڪو سندس ثاني سنڌ ۾ لپندو. عروض جي علم تي سنڌي زبان ۾ پھريون ڪتاب پاڻ لکيائين، ڏاڍو سھنجو ۽ سليس. غزل نھايت سنجيدو، پختو ۽ استادانہ ھوندو ھيس. ڪنھن کي مجال، جو سندس ڪلام تي حرف ھڻي سگھي. عشق ۽ حسن جا معاملا بہ آڻيندو ھو، ليڪن زياده تر اخلاقي اقدارن ۽ اصلاحي نڪتن تي نظر ھوندي ھيس. سندس شعر تي سندس پنھنجي استاد، ڊاڪٽر صديقي مرحوم، جو رنگ زياده غالب ھو. ”خادم“ پھريون پڙھندو ٻاھران آيل غزل، جيڪي ٽپال جي ذريعي وٽس ايندا ھئا. ان بعد پنھنجو غزل، نظم، مخمس يا مسدس، بھرحال جيڪي چيل ھوندس سو پڙھي ٻڌائيندو- تحت اللفظ ليڪن نھايت مني لھجي ۾، جڏ ماڻھو لولي ٿو ٻڌي. پنھنجي شعر ۾ ھو ڏارين لفظن جي تلفظ، لھجي ۽ وزن کي سندس اصلي صورت ۾ قائم رکندو ھو. ٻين شاعرن وانگر نہ انھن جي صورت بگاڙيندو ھو، ۽ نہ انھن جي اوزانن کي درھم برھم ڪري شعر ۾ سڪتو يا تعقيد پيدا ڪندو ھو- سنڌيءَ جي چند لفظن کان جيڪڏھن درگذر ڪبو تہ ائين معلوم ٿيندو جڏ ڪنھن ايراني استاد فارسي لفظ شعر ۾ وھاريا آھن.

استاد ”خادم“ کان پوءِ، سين جو توجھہ ٿيندو صدر صاحب ڏانھن- ”سبحان الله! حضرت ھاڻي ارشاد ٿئي! بسم الله! ارشاد!“ مرحوم علي محمد قادريءَ جو نہ ڇڙو تخلص ”فقير“ ھو، بلڪ سيرت ۽ صورت جو بہ پاڻ فقير ھو. نماڻو، نھنو، نيڪ، سٻاجھو، منو ۽ مھربان. ڪنھن جي تيريءَ ميريءَ مان نہ جاڻندڙ، بزرگن جھڙا روشَ ۽ رَوَش، اڳيءَ ويڃيءَ ۾ ڏاڍي وضع داري، ائين پيو معلوم ٿيندو، جڏ سيني جو سرپرست ۽ سڄي محفل جو مربي آھي- سيئي جڏ سندس اولاد برابر پيا سونھن. بياض پاسي ۾ ھوندو ھيس، عينڪ پائي انھيءَ جا ورق اٿلائيندو،

شاعرن مٿان نگاهه ڦيرائيندو، سامعين تائين پهچائيندو، ٻي کنگهکر ڪري پوءِ چوندو، ”جناب اعليٰ! عرض ٿو ڪريان!“ سڃو مشاعرو يڪ آواز ٿي چوندو، ”ارشاد! حضرت، ارشاد!“ اهي سيئي آداب ۽ اکر حقيقت ۾ ڏاريا هئا، ليکن لاڙڪاڻي جي مشاعري ۾ شروع کان وڻي رائج هئا. تنهنکري کنهن کي اوکا ڪونہ لڳا ٿي. سيئي انهن تي ڇڻ هريل هئا. ميان صاحب مرحوم جو سڃو غزل نهايت ادب ۽ خاموشيءَ سان ٻڌو ويندو هو. هڪ اڌ بيت توحيد ۽ نعت ۾، چند ستان پنجتن پاڪ جي تعريف ۾، ڪجهه نڪتا اخلاق جا ۽ ڪي سبق تصوف جا. ڪڏهن ڪڏهن عشق جي چاٽ ٻه اڇي ويندي هئي، ليکن اها حقيقي! مجاز جو مزو غالباً خود ميان صاحب ئي ڪونہ ماڻيو هو، تنهنکري انهيءَ جو اسرار بيان ڪرڻ سندس وضعداريءَ جي بلنديءَ کان گهٽو پست هو.

لاڙڪاڻي جا ماڻهو گهٽو ڪري سج لٿي جي نماز پڙهي، رات جي ماني کائي ڇڏيندا هئا. چانور، انبن جي موسم هوندي تہ انب، ورنہ ڪا پاڇي، ۽ مٿان ٺڏي ڪير جو وڏو وٽو، جي مانيءَ مٿان نہ پيئندا تہ گهمي ڦري سمهڻ کان اڳ پي ڇڏيندا هئا. مانيءَ کاڌي بعد، تقريباً 8 بجي ڌاري مشاعرو شروع ٿيندو هو، هڪ ڏيڍ بجي رات جو وڃي مس ختم ٿيندو، هر ماهه پوئين آچر جي رات جو، جي ڏکڻ گهلي پوندو ۽ مشاعرو رنگ لائي بيهندو، تہ رات جا ٻہ اڍائي ٻہ وڃي ويندا هئا. صبح جو اونو تہ هرڪنهن جو لٽل هوندو هو. آچر ڏينهن نہ آفيس، نہ ديوٽي، ڪم نہ ڪار، نہ ڪورٽ نہ ڪاردار. هرڪو پاڻ کي پيو واندومل پائيندو.

* * *

مشاعرو منتشر ٿيو، تہ هرڪو اُتي گهرن ڏانهن پيرين پنڌ راهي ٿيندو. گرمي هوندي تہ هرڪنهن جي هٿ ۾ پکو، ڳالهائيندا ٻہ ويندا ۽ پاڻ کي جهلو ٻہ هٽندا ويندا. جي هير هوندي تہ ”هاءِ! هاءِ!“ ڪندا، هيانءُ ناريندا، ڪلندا خوش ٿيندا، شاعرن ۽ شعرن تي راءِ زني ڪندا، وڃي گهرين پيڙا ٿيندا. بٺ صاحب، حنيف ۽ مان گڏ موٽندا هئاسين. بٺ کي گيان باغ ۾ ڇڏي، پوءِ سڪ پل موٽبو هو.

گيان باغ انهيءَ زماني ۾ ديوان گيانچند اجا نئون نئون ٺهرايو هو. ڇپر جا وڏا وڏا لان، پاسي سان گلن جون نالين، ڇهڇا ۽ پارا، ڪشادا چمن ۽ موڪرا سنتر،

گول چڪرن ۽ چؤبارن تي سوين بينچان رکيل. پاڻ بمبئيءَ ۾ رهندو هو، تنهنڪري پوني مان هرقسم جا گل آڻي ڪيڀا هئائين. بخمل، گيندو، زنبق، زعفران، دائودي، سورج مکي، رابيل، ٽانگر، رات جي راڻي، بادشاهه پسند، تڪمو، ميخڪ (Carnation)، رتن جوت، شبو، هار سنگار، گلاب جا ته ڪيئي قسم- اڇو، خوني، سدا گلاب، شير چاهي، ڦڪو، ميرانجهو- ڪي ٻوٽا ته ڪي وليون. مطلب ته در کان جو اندر گهربو، ته چوڏاري چانڊاڻ نظر ايندي، روح کي تراوت ۽ اکين ۾ اوجر اچي ويندو هو. خدا نه پلائي! پايان، ڏيڍ سؤ کن ايڪڙ ۾ باغ هو، جئني ڪنڊن تي عمارتون اڏيل. دروازي کان لنگهندي، سڄي هٿ تي ديوان جي پنهنجي رهڻ جي جاءِ هئي. خيال هيس ته بمبئي ڇڏي عمر جا پويان پساهه اچي اتي پورا ڪندو. نهايت معمولي منشيءَ مان ترقي ڪري وڃي ڪروڙپتي بڻيو. ريلوي اسٽيشن تي مال گدام جو منشي هو، جتان اڻي وڃي بمبئيءَ جي G.E. ڪمپنيءَ جو مالڪ ٿيو. اورچ، ايماندار ۽ نهايت محنتي هو. بندرو مڙس، نڪ ٽلهو، بت پريل، چپ موٽا. جڏهن مان ڏٺو، تڏهن پنجونجاهه کي پهچي چڪو هو- اڇا گهٽا، ڪارا ڳاڙهوان. سندس باغ جڏهن نهي راس ٿيو، تڏهن لاڙڪاڻي ۾ رنگ لڳي ويو. هرڪو شام جو اتي، چاندوڪين ۾ ته لاڙوين سومهياڻيءَ کان پوءِ پئي موت ٿيندي هئي.

* * *

گهاڙ جو به تن ڏينهين اوج هو. ٻنهي ڪنارن تي وڻڪار. شهر ۾ ٻڏ هوندي ته به گهاڙ پڪ تي پئي هير هلندي وهڪري ۾ سهنجو ۽ سانتيڪو، ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ ۽ متانت سان اوير کان پيو ايندو ۽ اولهه ڏانهن پيو ويندو. صبح سانجهيءَ، اڌ رات منجهه رات، هر اوپاريون هرلهواريون، ٻيڙين ۽ ڏونڊين جي اڇ وڇ هوندي، نندن بتيلن کان وٺي اٺ خرارين ٻيڙين تائين. سڪر کان مال هلندو، قمبر کان به هيٺ پيو پهچندو. ڪارڪن جي موسم هوندي ته انهن جو وڻج واپار هلندو، انبن جي موسم ۾ انب، گدرن ۽ هنداڻن جي موسم هوندي ته اُهي. ورنه اَنَ ۽ ٻئي مال جي آمدرفت ته هميشه رهندي هئي. اڇ لاريون ڏوئن ٿيون،

انهيءَ زماني ۾ گهاڙ اها چاکري ڏيندو هو. پوکان به بنهي کنارن سان پچائيندو هو.

هاءِ! هاءِ! جوارن جون پوکان ۽ انهن جا نار، هر ۽ هُرلا، جنسي بهشت هوندو هو. قدم قدم تي آيٽ: کي جُنگَ ته کي نار، ڏاند پيا وهندا، ڳاڏيءَ تي ويني کڏهن گهر ڏياڙيون کڏهن ڪڙمي ۽ کڏهن انهن جي اولاد پئي ڏاندن کي هکليندي. آيٽن جو آواز جڏهن بنهي پرن کان اَسر مهل اٽي ڪڙو ٽيندو هو، ان وقت ائين پيو پانئبو جڙ دنيا جهان جا ساز ۽ سرندا اچي کنا ٽيا آهن! آيٽن جي مٹان مَنهن ايڏا ٽڏا، جو ويني اک لڳي وجي. جواريون پچنديون ته پيها پئجي ويندا، کانياڙيون هٽن ۾، چوڏاري پيا گليلا اڇلبا ۽ جهار پئي هکلبي. زياده تر ڪاه چتونءَ ڪبر، کانءَ ۽ ڳيري تي هوندي هئي [80]. اهي ئي پکي پوک جا دشمن هئا. وڏي آواز سان هر کنهن پيهي تان پيو ٻڌبو، هور ڙي! ڳيرا، هور! هور ڙي! ڳيرا، هور!- اچئي ٿو ڪاري ڪبر! اچئي ٿو!، نا!، ڪبر کي ته ڪونہ لڳندو، ليڪن گليلو سوسات کندو مٹان ضرور لنگهي ويندو. ڪبر اُڏامي ويندي، وري اچي کانءُ وهندو. اهو تڙبو، ته چتونءَ جو وارو ايندو. جهار جو زور هڪ صبح جو ٽيندو هو ٻيو شام جو، پکي صبح جو بکيا ايندا هئا ۽ شام جو گهرندا هئا ته واهيري تي وجڙ کان اڳي پيٽ پريو وجن.

غرض اهڙيءَ طرح لکين لقاوَ ۽ سوين مزا هوندا هئا. گهاڙ جي بنهي پرن سان ايڏي وسنوَ هوندي هئي، جو پانئبو هو ته شهرَ آباد آهن. جوارن جي چٽ کان ونې ويندي لاباري لٽي تائين ڪڙميءَ جو سڄو اڙکو ترکو اچي آيٽ تي ڪنو ٽيندو هو. سانوڻ ۾ ڪم شروع ٽيندو، سڙ ۾ نيسارو ٽيندو ته پوک ۾ ڏاتو پوندو. اهو سڄو وقت اُٽي ويني، رهٽي کهٽي، کاڏو پيتو آيٽ تي ٽيندو. زال ٽئي وقت ماني اتي پهچائيندي. گاهه پنو، ڪُتر ڪڙي، ڏاند ڍڳو سي اتي. البت جمعي رات جو ڪڙمي گهر وجي ٽڪندو هو، آخر شرا شريعت جا به ته کي حق مٹس هئا! جوئر جو ڪانون پڪو ٽيندو هو، ان وقت سڄي پوک ۾ جڙ چنگ پيا وڃندا. هلڪي هواءِ هجي خواهه هير، ڪانا هڪٻئي سان ٽهڪي اهڙا آواز ڪيندا

هئا سريلا ۽ منا، جو جڙ چوڏاريءَ پيا چنگ وجن، گويا موسيقيءَ جا ميخانا متا پيا آهن.

* * *

شڪارپور جو سنڌ واهه ۽ لاڙڪاڻي جو گهاڙ ڪٽنال، بنهي جي اوج جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! جن اهي عروج اکين سان ڏٺا هوندا، اڄ به ڳالهيون ياد پوندين، ته جڙ گهاوَ اڇي ويندن. اها بهاري اکرن منجهه ڪا آڻي سگهبي؟

گرمين ۾ سنڌ واهه تي ميلا لڳي ويندا هئا. هرڪو پيو ترندو، هندو هجي خواهه مسلمان، مذهب ۽ ملت شهر ۾، جڏهن سنڌ واهه تي ايندا، ته هندو خواهه مسلمان سيئي پائر هوندا. سيئي گڏ ڪيڏندا، گهٽتان هٽي، پاڻيءَ منجهه پيهي، يڪ ساهيءَ فرلانگن پنيان فرلانگ وجي ڪٽندا. شرطان رڪبيون هيون، هوڏان ٽيندیون هيون. انبن جي موسم ٽيندي، ته ٽوڪرا اڇي ڪنڌيءَ تي لهندا. پاڻيءَ ۾ وينڊي وينڊي، ڪائيندا به پيا ۽ هڪبئي کي ڪوڪڙن سان نشانا به پيا ڪندا. ڪِل چرچو، مسخري، مطلب ته پوڳ ٽڪاءَ جا هوڪرا، سڄو ڏينهن هوندا هئا. هرڪو رِيان ڪِيان. خدا جاڻي ٿو! ڪنهن کي خبر ڪانه هئي ته غم به ڪو ٽيندو آهي، من تي به ڪا مونجهه ايندي آهي. ڪنارن جي وڏن وڻن جي ڇانوهرن ۾ ڇٽڪار ٿي ويندا هئا، گلم غاليچا وڇائجي ويندا هئا، ڪٽان، ڪٽن مٽان ڪيس ۽ وهاڻا، دعوتون ٽيندیون، دوست احباب اڇي ڪنا ٽيندا. پهريون راڳ ٽيندو پوءِ ڪاڇ ڪائبا- سون قسمن جا ته شڪارپور جا نهيل آچار ۽ ڪٽاٽيون هوندیون هيون. انبن جو آچار، متيرن جي ڪٽ، ڏيلهن جي ڪٽاڻ، ڦارُوَنِ جو سانداڻو، بصر جو آچار، ليمون لوڻ ۾ پيل، ليمون سرڪي ۾ رسيل، گل گوبيءَ جا ڳٽر سرڪي ۾ وڏل، گوگڙون ۽ گجران ٻين سان به گڏ ۽ جدا به انهن جي ڪٽاڻ هوندي هئي. ڪي آچار منا، ڪي وچ ٽرا، ۽ ڪي صفا ترش. ڪي مسالي سان، ڪن ۾ مسالو گهٽ ۽ ڪن ۾ اصل ڪونه. چٽٽيون انهن کان علاوه، انبڙيءَ جي چٽٽي جنهن ۾ سائي ڦودني جي لغار هوندي، سا زياده پسند ڪئي ويندي هئي. ساون مرچن کي ڦودني ۽ ڏاڻن جي پنن سان گهوٽي جدا چٽٽي ڪبو هو. بصرن جي سنهيءَ ڪاتر تي ساون مرچن جي ريکا ڏئي مٽان ليمي جو رس وجهندا هئا. اهو به چٽٽيءَ جو هڪ اور قسم هو.

ڪاڇ ۽ سنءَ قسمن جا اڇي گڏ ڪندا هئا. ترڪاري جدا ته پاڇيون جدا. ڪيئي قسم پوڻن جا، ڪيئي نمونا پاڇين جا، ڪي ترپل ڪي پڪل ته ڪي رڌل. پلاءُ ۽ ضرور ته زردو ۽ پڪ سان هوندو هو. موسمي پاڇين کان سواءِ بي منڊائتِن پاڇين جون ڪچريون ڪندا هئا. متيرن جون ڪچريون، ڪريلن جون ڪچريون، پينڊين جون ڪچريون، گجرن جون ڪچريون. مطلب ته قردار پاڇيءَ جون سڪل ڪچريون ۽ پنن واريءَ پاڇيءَ جا پن سڪل، سال جي هر مهيني ۽ موسم ۾ موجود رهندا هئا.

مانيءَ مان هٿ ڪڍي، ڪي ويهي چوپڙ ڪندا ته ڪي تاس. جيڪي وڏيءَ ڄمار جا هوندا سي حُقو پاڻي ۽ پيا ڪندا ۽ ڪٽن تي چيلهه سڏي ڪيون هلڪا هلڪا ڪونگهرا ۽ پيا هٽندا. پڪي جي هواءِ جي سڃو ڏينهن حاجت ڪانه ٿيندي هئي.

چار وڃندا، لکيدر تان طرحين ٻاٽليون اڇي ويندیون. پڪوڙا، سگر، پاپڙ، نختي، جليبيون، پستن جي مشهور مٺائي- ڪا رنگ جي سائي، ڪا ڳاڙهي، ڪا گلابي. رنگ برنگي مال اکين اڳيان ڏسي، هر ڪنهن جو هاضمو درست ٿي ويندو. ڦارُوَن جي موسم هوندي ته انهن جو شربت، ورنه خسخس ۽ بادام جي ٿاڏل جدا، بادامن ۽ ست مغزيءَ سان گهوٽيل سکو الڳ. نيرڙيءَ ٽپهريءَ جو هرڪو اتان پيو اٿندو.

* * *

انهيءَ ئي زماني ۾ (1931ع) سکر بيراج مڪمل ٿي، ۽ واهه اُڙها. لاڙڪاڻي مان گهاڙ ٻُڏُ بڏجي ويو ۽ شڪارپور مان سنڌ سڪو، پرِنِ ۽ پڪُنِ تي جيڪي سون سالن جا وڏا وڻ وڻڪار لايون بينا هئا، سي ڪجهه سڪي ۽ سڙي ويا، ڪن ڪي سرڪار نيلام ڪري ڇڏيو. انهن ئي وڻن جون ڇانوان بي مثل ۽ انهن جي پاڇن جون تنوارون تن ڪي تازگي ڏئي ڇڏيندیون هيون. انهن هيٺان ساز ۽ سرود وڃندا هئا، الو ميان ٿيندي هئي، دائِرَن ۾ مڪانن ۾ دونهيون پيون ڏُکنديون هنيون، پاڻي جا مٽ جن تي سينور جي ساوڪ، تڏا ۽ تنڍريون آئي وئي لاءِ موجود. ڪنا ڪُچين ۾ وجهيون، وار چوڙيون، اکيون ڳاڙهيون ڪيون، گيڙوءَ رتن جامن ۾، فقير ۽ فقرا، ملنگ ۽ قلندر، هوت هينئين لايون وينا رهندا هئا.

نماڻيءَ ٻوٽيءَ کي ڏنڊو ڪوندو هيون، آبي ڇُڪا پاڻ ۾ پيئندا هئا ۽ آئي وئي جي ۾ پيا چاکري ڏيندا هئا. پيالن پيٽ وقت وڏي واڪ پيا ٻول ڪيندا- "پيءُ! مولائي پيءُ! جيڪو پئي، سو جئي، ٻين جو جيئڻ ڪيتن تي!" "مست قلندر" جا صبح سانجهيءَ دنبها هيون پيا چوندا: "قلندر مست!، هُهَو!، قلندر مست!، يا اِلي مدد!، مولا اَلي مشڪل ڪشا مدد!"

انهن ئي دائرن ۾ سچل جي ڪلام ۽ شاهه جي ڏوهيڙن ڏاڃ ڏيوڙ لڌا. انهن ئي مڪانن منجهان ڪفني پوش قلندرن ٻاهر نڪري، هٿ ۾ يڪتارا ڪڍي، پيرن ۾ ڇيريون وجهي ۽ گنگهرون ٻڌي، جهنگ جهر، شهر ۽ بحر ۾ اسان جي شاعرن کي مشهور ڪيو. تڏهن نه اجا گربخشاڻي هو، نه قليچ بيگ هو، نه ڪتاب ڏٺيا هئا، نه ڇپائيءَ مان ڪو واقف هو. اجا ادبي بورڊ جو به ڪنهن کي خواب خيال ڪونه هو. مطلب ته گهاڙ سڪايوسي، سنڌ واهه کي ويران ڪيوسي، واهن منجهه وهنجڻ ۽ ترڻ ڇڏي ڏنوسي، وٽن ۽ انهن جي ڇانون کي قربان ڪيوسي، اهو سيڪجهه وڃائي بيراج حاصل ڪئيسي، ان لاءِ ته آبادي وڌي، ملڪ سائوستابو ٿئي، پاڻي عام جام ٿين، اَنُ ايترو ٿئي، جو نه ڇڙو اسان ريان کيان هجون، پر پاڙي پلاند وارن جي به بک پڄي، پل اسان جي خوش قسمتيءَ منجهان اهي به فائدو ونبي، پنهنجو ڏڪ ۽ ڏڪار لاهن. ليڪن هاءِ بخت جي بازي! اهوئي ڏڪر، اهائي بک، اجا اڳ ٿوري هئي، هاڻي ويرئون وڌ پئي ٿيندي وڃي. اڳي زمينان چانديءَ وانگر پيون چمڪنديون هيون، هاڻي سيني ۾ اهڙو اچي سيڪُ ۽ سم نڪتو آهي، جو چند سالن کان پوءِ براجون ته اسان وٽ هونديون، واهه ۾ پيا وهندا، ۽ پاڻي به عام جام هوندو، ليڪن زمين ڪٿي، جنهن ۾ هر هلائجي![81]

* * *

وچ ۾ ڪجه جملا معترضا اچي ويا! در حقيقت مون کي پنهنجي ڳالهه ڪرڻي هئي، اجها هيءَ ته مان پاڻ به انهيءَ زماني ۾ شاعر هيس، "ثنائي" ۽ "وفائي" سان هم رديف بڌجڻ خاطر پاڻ کي "فدائي" ڪيو هيم. فارسيءَ ۾ اجا ايتري مهارت ڪانه هئي، تنهنڪري اردو ديوانن منجهان قافيا ڪڍي، خيال هٿ ڪري، غزل جوڙيندو هيس. حضرت "خادم" منهنجو استاد هو. مشاعري ۾ پڙهڻ کان اڳ

ڪيس اصلاح لاءِ موڪليندو هيس. ڪٿ ست ڪان پوءِ غزل تہ يقيناً وزن ۾ اچي ويندو هو ۽ غلطين کان بہ پاڪ صاف ٿي پوندو هو، ليڪن اصلاح ايتري ٿيندي هئي، جو مان واري تصنيف حضرت "خادم" جي تاليف بڻجي پوندي هئي. انهيءَ هوندي بہ مان ان کي پنهنجو سمجهي پڙهي ويندو هيس. جڏهن پڙهڻ جو وقت ويجهو ايندو هو، ان وقت منهنجي چپن تي خشڪيءَ جو ڪلر چڙهندو هو، زبان سڪڻ شروع ڪندي هئي، ۽ تارون ڪنڌا ڪنڌا پيو ٿيندو هو، بدن ۾ سياٽو ۽ هٿ پير ٺري پوندا هئا. سڏ ٿيندو- "جناب فدائي صاحب!، ارشاد ٿئي؟" جناب فدائي صاحب ارشاد ڇا ڪري! دل جي ڌڑڪي کي جهلي، هٿن جي ڏڪٽيءَ کي روڪي يا ساهہ جي سهڪي تي قبضو ڪري، تارونءَ ۾ زبان کي آلو ڪري يا غزل پڙهي! نيٺ سر تي آئي ڪان پوءِ، وڏي جدوجهد بعد، دهشت جي انهن سيني علامتن تي قبضو ڪري، پڙهڻ شروع ڪندس. ليڪن جنهن هٿ ۾ غزل جو ڪاغذ هوندو هو، ان جو پچاڙيءَ تائين قبضي ۾ اچڻ خير هو. استاد ۽ استاد جا ساٿي وڏي واڪ واه واه پيا ڪندا، ڪجهہ حنيف ۽ بٽ صاحب جي بہ پلائي ٿيندي هئي، باقي دوستيءَ جو ننگ مرحوم غلام سرور پاڙيندو هو، ٻيو سڄو مشاعرو غير جانبدار، نہ آهہ! نہ واهہ! بهرحال مقطعو پڙهي، جڏهن وهندو هيس، دل جو ڌڑڪو ان کان پوءِ بہ ڪيتري وقت تائين قائم رهندو هو. ڪجهہ وقت تہ اهڙيءَ ريت هلندو رهيس، خاڪو مان تيار ڪندو هيس، ان کي غزل جو روپ استاد ونرائيندو هو. ليڪن هلي هلي، آخر پاڻ ۾ بي اعتمادي پيدا ٿي پئي. سمجهيم تہ در اصل مون ۾ نہ شعر گوئيءَ جو سليقو آهي ۽ نہ طبيعت ئي موزون يا مناسب آهي، جنهن بعد مرڳوئي انهيءَ شغل کان دستبردار ٿي وينس. ڪن ڏينهن پڇاڻان محسوس ٿيو تہ واقعي مان ڪنهن آزار ۾ ڦاٿل هيس، جنهن مان ڪٽي خدا جند ڇڏائي. پايان کو ڏنو آڏو اچي ويو.

* * *

اهي ڏينهن ويا، اهي زمانا گذريا، سنگتي ساٿي کي وڇڙي ويا، تہ کي اهڙيءَ ريت هيڏي هوڏي ٿي ويا، جو وري ڪڏهن هڪ ٿي نہ سگهيا سي. حنيف بہ سڪَ پل واري جاءِ ڇڏي وجي استيشن وارو بنگلو وسايو، جتي قاضي صاحب امتحان

پاس ڪري ساڻس اچي ڀتو. هاڻي پُرسڪون ادبي ڪچهريون ويون، سياسي هُل ۽ هنگاما شروع ٿيا. جن موڙن تي پڙهيل ڪڙهيل ويهندا هئا، انهن تي جاهل ۽ مجهول وڏيرا اچي وينا. جتي اڳ ڪتابن جي اوراقن جي اُتل پٽل ٿيندي هئي، اتي ووٽرن جي لسٽن جو گردان ٿيڻ لڳو. لاڙڪاڻي مان اسان به ڪٽي ٽپڙ ٻڌا. مشاعري جي ارڪانن به هڪ هڪ ٿي موڪلائڻ شروع ڪيو. پهريون غالباً مرحوم علي محمد قادري انهيءَ وَلر مان وڃڙيو. پوءِ آيو وارو ميان غلام سرور جو، نه وهم نه گمان، اجا جوانيءَ ۾ موٽ ڪانه ڪاڏي هيس، زندگيءَ جو سج اجا منجهند تي مس پهتو هو، سين دوستن جي دلين کي داغ ڏئي ائين هليو ويو جڙ اسان جي وچ ۾ هيوئي ڪونه. جڏهن وڏيءَ سرڪار جو سڏ آيس تڏهن ڪنڌ ورائي به ڪونه ڏنائين، اسان سي تڪيندا رهجي وياسي:

هنڌ اهي ئي ماڳ جت نه رهيا جوءِ ۾،

سچ پچ ته ادبي محفلن کي، دوستن جي دلين کي، بلڪ حقيقت هيءَ آهي ته لاڙڪاڻي جي سڄي شهر کي صفا برباد ۽ ويران ڪري ويو. ان کان پوءِ ڏٺوسي، ڪيترن ئي ڪوششون ڪيون، ليڪن اهو رنگ رچي ڪونه سگهيو.

ماڻهو مڙئي نه سهڻا، پکي مڙئي نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهونءَ منج، اچي بوءِ بهار جي.

ميان پير بخش "واهه واهه" پهريون رٽائر ڪري لاڙڪاڻي مان ويو، پوءِ موت ان ملاقي ٿي روهڙيءَ منجهان رخصت ٿيو. غلام علي "مسرور" جي به ڪنهن ٻئي ضلعي ۾ بدلي ٿي، جنهن کان پوءِ جيسين جيئرو هو تيسين منهن ورائي ڪونه ڏنائين. الغرض متل مجلس اهڙيءَ ريت آهستي آهستي هڪ هڪ ٿي درهم برهم ٿيڻ لڳي. هڪٻئي کان هرڪو وڃڙي، اهڙيءَ طرح هليو، جو وري وصال وارو ورق وري نه سگهيو. انهيءَ سات منجهان ٻه ساڻي بچندا ٿي آيا، دل کي دلجاءِ هئي ته ٻه ٻارهن آهن، پوڙها ٿي چڪا آهن پر اجا آهن ته سهي. انهن کي ڏسي کي ڏينهن ته ياد پون ٿا. ڪن زمانن جي يادگيري ته اچي ٿي، پاڻ ڪنهن مني ماضيءَ جا ته نشان آهن. جڏهن کين ڏسجي ٿو ته روح کي سرور پهچي ٿو، دل کي جڙ آڻت اچي ٿو. شل سدائين سلامت هجن! ليڪن چا ڪجي، انهن مان به

هڪ موڪلايو! "نياز" زندگيءَ جو بوجهو لاهي ڇڏيو، هلڪو ٿي وڃي حورن جي هنج ۾ پيو، باقي رهيو محمود "خادم"، جنهن کي به سَون بيمارين اچي سوڙهو ڪيو آهي، وار به ڪارن مان ڦري اڇا ٿي ويا اٿس، اهڙا جهڙا ڪپهه، جهڙو ڪير، يا جهڙي برف، منهن سمورو جهُريون جهُريون، اکين مان اها چمڪ وئي، هاڻي ماندگي پئي معلوم ٿئي، مُرڪَ جيڪا محفل کي موهي رکندي هئي، ان مان اهو ست ۽ ساءُ نڪري ويو، هاڻي کلي ٿو ڇڻ ڦڪي کل پيو کلي. نه گرمي، نه حرارت، نه دلڪشي نه ڪشش، ٽڪاوٽ، مانڊائي ۽ مجبوري پئي ان مان ظاهر ٿئي. هلي ٿو پر وڪ ۾ اها ڇمت ڪانه، قدم ۾ اهو عزم ۽ ارادو ڪونه، ائين پيو معلوم ٿئي گويا مسافر هلي هلي ڪيرو ٿي پيو آهي، اڄ ڪي سيان اهو ڏينهن ايندو جڏهن اوچتو ئي اوچتو ڪنهن ٽڏي ڇانوهري هينان اهو مسافر به ماندو ٿي حياتيءَ جي هڙ لاهي آجهاپ ۾ اچي ويندو.

* * *

اڃا ايستائين آيو هيس ته ڪراچيءَ مان "مهراڻ" جا پرچا (29- اپريل 1960ع) اچي پهتا. سانده هڪ سال (1959ع) جا. ڇاتم ته اباڻي پار جو پانڌي اچي پهتو.

ڪو جو وريو واءُ، اڄ پڻ ملڪ مليو ڏنهن،
ڇڻ آيم اباڻاءُ، ماڻهون موتائڻ جو!

جلدي جلدي جو ڪٽي ورق ورايان ته جنسي ڪيس ۽ ڪلور ٿيا پيا آهن، مورڳوئي ماتم لڳو پيو آهي: ڊاڪٽر دائود پوتي جو داغ ته دل تي انهيءَ وقت پهتو، جڏهن خود منهنجي حياتيءَ جو سفينو لهرن ۽ لوڏن[82] ۾ هو، تانگهي ۽ تار جو پتو ئي ڪونه پيو، ڪڏهن واءُ سنهنجو ته ڪڏهن اوڪو ٿي لڳو، ڪڏهن سڙهه چڙهيا ٿي ڪڏهن لٽا ٿي، يقين ڪونه هو ته سير جي ستن کان نڪري ڪشتي ڪناري لڳندي.

هتي آيس (منيلا 19- ڊسمبر 1958ع) ته خبر پَئي، آغا شمس الدين خان به سات ڇڏيو.

ان کان پوءِ پيغام پهتو تہ 12- نومبر 1959ع جو "نياز" بہ رحلت ڪئي- هاڻي وري 'مهراڻ' مان معلوم ٿيو تہ تون هِتي اِنهن ٽِن جا روئڻا ٿو روئين، هُتي سڄو ساڻيهہ ئي سُڄ ئي ٿي ويو آهي!

(1) مرحوم ماستر الهہ بچايو سمو 9- ڊسمبر 1958ع تي گذاري ويو آهي.

(2) خواجا سلطان علي، سنڌي زبان جو خاموش خدمتگار، 9- جنوريءَ 1959ع تي هن دار فانيءَ کي ڇڏي ڇڪو آهي.

(3) امام الدين "ضامن" 12- فيبروري 1959ع تي رحلت ڪري ويو.

(4) "عاجز" ساڪرائي، سانگيءَ مرحوم جو صحبتي، 25- جولاءِ 1959ع جو فوت ٿيو.

(5) سردار بهادر محمد بخش "ڪوجهي" 24- سيپٽمبر 1959ع تي هيءُ جهان ڇڏي ڇڪو.

(6) شيخ عبدالعزيز قنڌاري، سنڌيءَ جو اديب ۽ آزاد سنڌ جي قديم تحريڪ جو رڪن رڪين، چنڇر رات ساڍي ٻارهين بجي 26- سيپٽمبر 1959ع تي رب ڏانهن راهي ٿيو.

(7) آغا تاج محمد 30- سيپٽمبر 1959ع ساڍي ٽين بجي ڏاري دوستن کي داغ ڏئي ويو.

(8) پيرو محمد "سائل" جو قافلو 19- آڪٽوبر 1959ع تي سومر ڏينهن اسر ويل هالن مان نڪتو.

(9) خليفي محمد عمر "اختر" هالائيءَ 12- آڪٽوبر 1959ع تي اربع ڏينهن سفر تي سانباهو ڪيو.

(10) منهنجي استاد مرحوم مغفور حاجي محمود "خادم" چنڇر ڏينهن 9- جنوريءَ 1960ع تي لاڙڪاڻي جي وٽن کي وداع چيو [83] - مطلب تہ:

آڻي ڪانگ ڏنياس، ڪتابت قريب جي،
پَهو ڪتيندي پَٽ پَيس، چوهئون تند ڇُٽياس،
پيڄئون پيج ٽياس، روئندي چولي چڪ ۾.

جيڪو خطرو ۽ خيال هو، سو صحيح نڪتو. ڪيڇي آخر وجي ڪيڇ وڻين رسيو، سانگي نيٺ وجي ساڻيهه پهتو.

مٿيان سيئي بزرگ اسان جي اکين جو نور ۽ اسان جي دل جو سرور هئا، سندن جو سينگار انهن سان هو، اسان جي تهذيب ۽ تمدن جا اهي نمائيندا هئا، انهن جي وڃڻ سان سنڌي ادب جي عمارت جا گويا ڪيئي ستون اچي پٽ پيا، هاڻي دل ايترو دهلجي وئي آهي، جو ٻين لاءِ ٻئي هٿ پيا مٿي کڄن- شال جيئندن جو خير! خدا انهن کي عمر دراز ڏئي، انهن کي لهر لوڏو ڪونہ اچي، شل انهن کي اوکو واءُ نہ لڳي:

سدا هئن سُکِئا، ماروئڙا تہ ملير ۾،
شل نہ ڏينهن ڏکيا، اچن آجڙين تي!

---

[1] جاهل وڏيرا اهو اکر ڪتب آڻيندا هئا.

[2] "ليسن" کي انهيءَ زماني ۾ "پروانو" چيو ويندو هو.

[3] دربارين جو دستور ۽ ڪرسي نشينيءَ جو قاعدو 1938ع ۾ جي. ايم. سيد جي تحريڪ تي الهه بخش شهيد ڪيو ڇڏيو.

[4] شايد هاجران نالو هيس، جنهن جو مخفف 'هاج' ڪيو ويو هو. اهڙيءَ طرح ڏوکريءَ ۾ به هڪ مشهور ڪسبياڻي هوندي هئي، جنهن جو نالو وسري ويو آهي ۽ پنهنجي دؤر ۾ هن به وڏيرن جون چنچريون لاهي ڇڏيون.

[5] پر تو حسن رخ دلدار سان ڪيئن مٽ ڪريان،

شمع کي، يا ماه کي، مهر عالمتاب کي. - گدا

---

[6] عالم سڄو سياه تڏهن ٿو نظر اچي،

زلفن ۾ رخ کي يار جڏهن ٿو نهان ڪري. – گدا

[7] رخ تي دلبر جي زلف پاتا پيچ،

گل سان سنبل جي ٿي لڙائي ڏس! – گدا

[8] منهن مبارڪ جنهن جو مصحف،

خال و خط زير و زبرا – گدا

[9] ڏس دلدار جا پرپيچ ڪاڪل،

خجالت کان ٿيو پزمرده سنبل! – گدا

[10] دانءِ خال و دام زلف دراز،

طائرِ دل جي لئي تيار ٻئي! – گدا

مرغِ دل منهنجي کي ڪيئين پابند،

يار جي زلف جي رسائي ڏس! – گدا

[11] دل ٿي قابو گيسوي خمدار ۾،

برهمڻ جيئن رشتهِ زنار ۾. – گدا

[12] زر بسيار ته عشق نٿو ٻڌي،

زر نيست ته عشق پون پون.

[13] رکيو رخسار تي دلدار اڄ زلف پريشان کي،

ڏٺو مون صبح صادق سان بهم شام غريبان کي.- گدا

زلفن کي سندس شام غريبان نہ چوان چو؟ - گدا

[14] ڪيئن نہ ٿئي منهنجو تڏهن حال پريشان پٽرو،

برسرِ جور جڏهن زلف پريشان آيو. – گدا

[15] يار جي زلف ۽ عارض جو تماشو هي عجيب!

آهِ سنبل مان بهم لالهِ احمر پيدا! – گدا

[16] نگهتِ زلفِ معنبر سان بلاشبهہ، خجل،

مشڪ تاتار ڪيو، ڪنهن ڪيو، دلدار ڪيو. – گدا

[17] سينڌ سهڻي سڃڻ جي زلفن جي،

آب حيوان جو آه سوڌو دڳ! – گدا

[18] بي نيازانہ ز ارباب ڪرم ميگذرد،

چون سيه چشم ڪ از سرمہ فروشان گذره. - طالب آملي

[19] 'پٽ ۾ ڪبر'، سنڌي پهاڪو.

[20] هي ان وقت لکيو ويو آهي، جڏهن پاڪستان ۾ مارشل لا هو ۽ مرحوم محمد ايوب خان ان جو سربراهہ هو.

[21] اي گدا ان شاهہ خوبان جي ڪريان ڪهڙي صفت؟

غمزه و ناز و ادا، هر دم سندس لشکر ڏٺم!

حسن جي سرڪار کي گهرجي ضرور

لشکر ناز و ڪرشمه يڪ قلم

عشوو ۽ ڪرشمو ۽ تبسم ۽ تبختر،

هي حسن جي سرڪار جو سامان نه چوان چو! – گدا

[22] صف مژگان کي سندءِ چو نه چوان آءٌ پلٽن،

تنهنجي ابروءَ جو اشارو ته ڪماني جاني! – گدا

[23] يار ناوڪ فگن، ڪمان ابرو،

قصد مان ڏس ڪٽي ڪمان آيو! – گدا

[24] حيران هون. دل کو روؤن ڪ پييون جگر کو مين!

مقدور هو تو ساتھ رکون نوح گر کو مين! – غالب

[25] آهوي چشم صنم اهڙو ڪيو وحشي مون کي،

جنهن کان ڏس مون کان گريزان ٿيو سايو منهنجو! – گدا

[26] آءٌ آهيان بنت العنب جو آشنا،

ڪانه گهرجي مون کي ٻي شادي ادا! – گدا

[27] مريضِ عشق جي ڏس زرد روئي،

نه جهڙس رنگ آهي زعفران ۾! – گدا

[28] اها اميد اٿم تو ۾ اي ڪمان ابرو!

خدنگ ناز جو سيني ۾ اَرپار اچي. – گدا

[29] برنگ نيم بسمل مرغ، منهنجي دل کي ڪيئين زخمي

ڪمان ابرو ڪشي قصداً هئين ناوڪ نظر جو! – گدا

[30] جاهل پير ‘وضوءَ’ لاءِ اهو اکر ڪتب آڻيندا هئا.

[31] حور کان ٿيون مون کي نفور اَي صنم!

دل ۾ اٿم شوق وفوراَي صنم! - گدا

[32] ناوڪ ني تيري صيد نه چهوڙا زماني مين!

تڙپي هي مرغ قبلہ نما آشياني مين!

ڪيسي جي واڇ جو دستور هو ۽ انهيءَ سان گڏ زنجير ۾ قطب نما بہ لڙڪندو هو. واڇ ويست ايندڙ واڇ ڪمپنيءَ جي زيادھ مشهور هئي. ٽلهي، ڪُڙي ۽ مٽس ريلوي انجڻ جي ڇاپ هوندي هئي.

[33] بينيّ يار غنچه زنبق، "گدا" جو سنڌي بيت.

[34] منهنجي دلدار جا رخسار ڏس، حسرت کان

گل صه برگ جو صد چاڪ گريبان آيو! – گدا

[35] جلوه عارضِ جانان جو ڏسي، ٿي بيتاب،

سايه ابر ۾ خورشيد درخشان آيو! –گدا

[36] ڏيان تشبيه جي خورشيد سان رخسار جانان کي،

تہ حاصل زرد روئي ٿئي سندم هر فرد ديوان کي! - گدا

[37] واهه جو زلفن ۾ ڪيو يار جي رخسار ظهور،

شبِ ديجور ۾ جيئن ماهه منور پيدا! – گدا

[38] مون سان ٿيو هم بزم منهنجو آتشين رخسار يار،

رشڪ کان اغيار کي سرتابہ پا اخگر ڏٺم! – گدا

[39] سنڌ جي ڪمشنر کي انهيءَ لقب سان وڏيرا ياد ڪندا هئا. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ٽي ڏينڊان آهن، جن تي ناتال جي موقعي تي انگريز بدڪن جو شڪار ڪندا هئا.

[40] دلربا مون سان هم بغل آهي،

اڄ تہ اغيار جو اجل آهي! - گدا

[41] دل ۾ عاشق جي ائين عشق نمايان ٿو ٿئي،

جنهن طرح سان ٿئي آتش کان سمندر پيدا!

[42] 'سمندر' جي شڪل حاشيه ۾ انهيءَ طرح بيان ڪئي وئي آهي.

[43] ڊاڪٽر چوٿرام مرحوم جو پاڻ ديوان شامداس جيڪو ڪَٽر مهاسيائي هو ۽ سنڌ ۾ انڪم ٽئڪس آفيسر ٿي رهيو. پاليسي سياسي اِها، ليڪن دوستيءَ ۾ هندو مسلمان هڪ

[44] ابروي يار تي ٿيو خال معنبر پيدا،

سيڪهين جاتو تہ ٿيو تيغ جو جوهر پيدا! - سانگي

[45] خالِ سياه، يار جي ابروءَ تي بس عجيب،

ڏس زاغ جو نشيمن ڪيئن ٿيو ڪمان تي! - گدا

[46] لب جانان تي ٿيو خال معنبر پيدا،

حوض ڪوثر تي ٿيو حضرت قمبر پيدا! – گدا

[47] رات ياقوت لبِ يار چميم، مون کي چيئين:

تنهنجي قبضي ۾ سڄو ملڪ بد خشان آيو! – گدا

[48] لب جان بخش جانان کان خجالت آب حيوان کي! – گدا

[49] اي منا! تنهنجي منهن لب تي تصدق نہ تہ ڪريان،

انگبين کي، نيشکر کي، شهد کي، حلوا کي آڻ- گدا

[50] وڏيرا انهن فضول خرچن لاءِ هندن کي زمينان گروي ڏيئي، قرض ونندا هئا، ليکن گروي نامي جي دستاويز ۾ زمين جو قطعي وکرو لکي ڏيندا هئا.

[51] شيفتہ آهيان يار جي لب تي،

مون کي لازم ٿي کار قنادي! - گدا

[52] جيئن نقطہء موهوم دهن يار جو ٿئي ٿو! – گدا

[53] دلبر جو دهن چشمه حيوان نہ چوان چو! - گدا

[54] عارض جي نزاکت آهي نسرين کان دهہ چند،

گلبرگ زبان ان ۾ آهي، غنچہ دهن جي! – گدا

[55] شيرين سخن تان قنه مکرر نثار ڪن،

آٽيان منهن جو نام ٿو، جنهن دم زبان تي! – گدا

[56] عظيم نٽوي.

[57] باريڪ تر از تارِ نظر موءِ ڪمر جو. – گدا

[58] سناهي ڪ ان کي ڪمر هي نهين،

تو ڦر وه پجميا ڪدهر باندهتي هين!

[59] دلا اين جا ست اُن کانِ جواهر،

ڪزان پيدا شود جانِ جواهر،

عجائب گوهر آرد اين صدف بار،

ڪزو حيران بماند دُرِ شهوار.

دل آنجا فاتحہ خواند باخلاص،

ڪ يا رب! کي ڪشايد عقدهء خاص. - عظيم نٽوي

[60] مولانا جامي- بيبي زليخا جي وصف ۾.

[61] سرخروئيءَ جو جي آهين خواهان،

يار جو پنجه حنائي ڏس! – گدا

[62] وڏم گردن ۾ طوق بندگي قمري صفت هاڻي،
ڪندس آءٌ سرو کي صدقو،قدِ دلجوي جانان تي. - گدا

[63] ڏسي جي جلوهٔ سروِ قدِ يار،
ڪري بلبل صفتَ فرياد صلصل. – گدا

[64] در چمن يار چوبا آن قدوقامت برخاست،
سرو بنشست ز دعويٰ، و قيامت برخاست.

[65] دل صاف سندم نقرهء خالص نہ ٿئي چو!
الفت آهي مون کي تہ سدا سيم تنن مان. – گدا

[66] سنڌ جا پير، سيد ۽ سجادهه نشين سياري جي موسم ۾ پنڻ تي نڪرندا هئا، ان کي 'سفر' چئبو هو. ڪن جي قافلي اڳيان گهنڊ گهڙيال وڄندا هلندا هئا، ۽ کي پنهنجي اڳيان بلند آواز سان ڪلمو شريف پڙهائيندا هلندا هئا. اٺ، گهوڙا ۽ گڏهه ساڻ، کي پگهاردار تہ کي چڙا مانر، کي چاکر تہ کي چوکر ۽ کي چڙو چل ڪستيزن، کي خليفا کڙا تہ کي کامي کڙا، مطلب تہ جنهن درتي وجي لهندا هئا، تہ جڻ ماکڙ اچي پئي. غريب جو ارکو ترکو اگهي اٽندا هئا. تقريباً ٽي مهينا کن اها گداگري هلندي هئي، ۽ انهن ٽن مهينن ۾ سنڌ اندر نہ چڙو مذهب جي نالي ۾ پيسي جي لٽ- ڦر ٿيندي هئي، بلڪ مسلمانن جي گهرن ۾ جيڪا سياهه ڪاري ٿيندي هئي، ان جوچڙو تصور بہ انسانيت سوزيءَ لاءِ ڪافي ٿئي ٿو.

[67] غبارِ ڪوچه جانان آئي به از اکسير،
گدا جو سنڌي شعر

[68] چا لاءِ ٿو بنائين بروج مشدهه،
وينو پلا مدام کو دنيا ۾ گهر ڪري. - گدا

[69] زمين جنبد نہ جنبد گل محمد.

[70] سکر جو هڪ زنده دل، مخلص ۽ باوفا دوست. چار سال کن ٿيا، جو هي جهان ڇڏي ويو.

[71] خارش جو سنڌي مترادف.

[72] برنگ برق بيتاب آهيان فرقت ۾ جانان جي. – گدا

[73] سڙي کامي پچي ٽي آتش فرقت ۾ جانان جي،
دلِ پُر داغ سبقت ٽي رکي سروِ چراغان تي. – گدا

[74] آهِ پرسوز، آه سا منهنجي،
آهِ صرصر کان وڌ منجهس سوست. - گدا

[75] برق ٿئي بيتاب منهنجي آه آتش بار کان – گدا

[76] گوهرِ شاهوار چا آهن،

دانهء اشڪ سان ڪريان ڪيئنءَ مٽ. – گدا

[77] هر قطرهء اشڪ، آه سندم لولوئي لالا،

آءٌ پنهنجون اکيون غيرت نيسان نہ چوان چو. – گدا

[78] منهنجي اکڙن مان سدائين يم وهيو. – گدا

[79] سندم نيٽن جون نهرون نت وهن جام.

لڙهان ٿو جنهن جي آءٌ آبِ روان ۾ ! –گدا

[80] هينيان شعر ڪنهن ٻاهراڙيءَ جي شاعر انهيءَ جهار، ان جي هڪل ۽ سنگن جي داڻي تي چيا آهن!

ڪينءَ ساماڻين ڪُنڊَ ۾، ٻَهڪُڻَ تون ٻُوڙا،

ڪَٽِ تہ جهَليئي ڪانہ ڪا، مُرڳي جهانءِ ٻَڌئي جهُوڙا.

جواب

ڪَٽ تہ مون ۾ ڪيتري، ڏَني هئي ڏاتار،

پيهي ڪان پري ڪيئئي، مون ياد نہ ڪيڙئي يار،

ٻہ پَهرَن جو ٻوڙيءَ جا، مون ڇُهندن جا ڇُيڪار،

وچينءَ ويل وريو وڃن، مون تي هيڙهن جا ٻہ هزار،

ڪانوَ، ڪبريون، ڪِوليون، ڇُهڻي ويون چوڌار،

مون تي ناهہ ميار،

منهنجي ڪونڊي ڪَٽ ڪٽي ويا!

[81] حاجي روشن شاهہ هينيون "شهر آشوب" براج تي چيو آهي- (روايت ٻيڙو فقير، 17-1-1961):

(1) هاڻي تہ صبر سير لڏي ويو، ڪٽي اخلاق متيا آدمن،

ويو آهي زور زمانو وڻي، جنهن کي چوڌهون سن چون،

هن دادلي درياهہ کي، آهي دهڪايو دَرن،

اَيو سکر براج سنڌ ۾، جيڪو ڏَنو آهي ڏيهن،

انهيءَ واهڙ جي وهڻ سان، آهي موج ٻہ وئي ماڻهن،

اڳي تہ هت چانور ڇڻا هئا، ٻي سڌ گهٽي سارين،

ڪونج، ڪنگڻي، ڪارڙا، ٻيون قطارون ڪانگڙين،

موتيا، گنجا، ملڪ ۾، ٻيون راهيون رتڙين،

سِپيا، سِگهڙيا، صابو، ٻي سونهن گهٽي سونهن،

باڙا، بدڙيا بيشمار، ٻيو هو ساڻ پلو سگداسين،

ڪائي گهٽو هئا خوش ٿيندا، ٻيو هو مَرَڪُ بہ ماروئڙن،

هڪڙا ويندا هئا ولايت ۾، ٻيو وڃ واپارين،

ڪرڙيون، رونبا، روتيون، اها ڪار بہ هئي ڪڙمن،

هاڻي تہ اهي سڀ سَرَ سجان ٿيا، وري وارو وريو ووڻن.

(2) ڦٽا واهہ وهڻ ڪان، اڇي منهن ڪيو موڪن،

نار گهٽا نڪري ويا، جيڪي هئا ڪڙو منجهہ ڪڙن،

جوڙا سڀ جدا ٿيا، ڇڏيو ماندااڻون ڏڏهن،

وڏا هئا قرب قريبن ۾، ٻيا ادا منجهہ عزيزن،

وڏيون هيون محبتون ماڻهن ۾، ٻيون چوياريون چلمن،

هاڻي آسَڻَ سڀ اجهامي ويا، رڳو ڪٽي ڪٽي ڪي دونهان تا دڪن،

هيءَ زمين آهي ذرا پرزا ٿي، اڇي وڏي واڙن، (واڙ ڪورس)

نمبر نيشان نڪري ويا، آهي رڳي ايراضي ايڪڙن،

ڏلون آهن ڏگهيون ٿيون، ڪٽي تاڻُ ٻڌو تپيدارن،

آيا آفيسر ملڪ ۾، ڪٽي ڪاهہ ٻڌي ڪامورن...

[82] 17- سيپٽمبر 1958ع جو ادائي بجي منجهند جو مون تي دل جو حملو ٿيو، تي مهينا بستري داخل هيس. 22- نومبر 1958ع تي ڊاڪٽر صاحب دل جي عارضي ۾ فوت ٿيو. مون کان خبر گهٽو لڪائي ويئي، ليڪن ڪڙڪ پئجي ويئي، پوءِ جيڪو حال ٿيو سو هڪ الله تو ڄاڻي.

[83] مرحوم هينيون خط مون ڏانهن لکيو جنهن وقت آءٌ بيمار ٿيس، غالباً اهو آخري خط آهي، جنهن بعد آءٌ منيلا هليو ويس ۽ سندس وفات تائين اُتي هيس!

محلہ لاهوري لاڙڪاڻو

2-10-1958ع

فخر وطن

بجناب ڪريم النفس احسنُ الاخلاقِ حضرت پير سيد حسام الدين شاهہ صاحب راشدي السلام عليڪم و رحمة الله:

اڄ معلوم ٿيو آهي تہ اوهان بزرگن جي طبع شريف ذرا ناساز آهي، انهيءَ ڪري سخت پريشاني آهي.

دعا جو در تہ اوهان صاحبن جو آهي، مگر ڪڏهن ڪڏهن گنهگارن جي بہ الله ٻڌندو آهي، انهيءَ ڪري نهايت خشوع وخضوع سان خداوند ڪريم جي در تي دست بہ دُعا آهيان تہ شل اوهان بزرگ جلد تندرست ۽ ڪامل صحت وارا ٿيو.

تنت بناز طبيبان نياز مند مباد،

وجودِ نازڪت، آزردهء گزند مباد،

سلامت هم آفاق، در سلامت تست،

بهيچ عارضہ، شخصِ تو در مند مباد.

آمين! دعاگو و دعا جو محتاج،

خادم لاڙڪاڻوي

2

وجهيو منهن متن ۾، موڪي اُيي روءِ،
متارا مري ويا، اگڙ اچي نہ ڪوءِ،
متارن ٿون پوءِ، منا مٽ مِٽي ٿيا.
- شاهه

اُهو ئي زمانو هو، جڏهن مان ڳوٺ ڇڏي، "سنڌ زميندار" اخبار جو ايڊيٽر ٿي، سکر وڃي رهيس، جتي مون کي سنڌي نثر لکڻ جو گهڻي ۾ گهڻو تجربو حاصل ٿيو ۽ جتي نظر علي خان جي صحبت ۽ سنگت منهنجي آئيندي زندگيءَ لاءِ وڏي ۾ وڏي هٿي ثابت ٿي. گويا انهيءَ ئي ٽ- واڻي تان دورنگي دنيا جي تجربن ۽ ابتدائي لاهن ۽ چاڙهن جو پتو پيو، ڏکن خواهه سکن سان سابقو ٿيو، ورنہ واهڻ واري زندگي ته اهڙي سنئين ۽ سڌي هئي، جو ان ۾ مدو جزر لاءِ نہ گوشو هو نہ گنجائش.
سنڌ ۾ مسلمانن جي غالباً سڀ کان پهرين قومي اخبار شيخ محمد سليمان واري "الحق" هئي، جيڪا ابتدا ۾ حيدرآباد مان انگريزيءَ ۾، ۽ پوءِ سکر مان سنڌيءَ ۾ نڪرندي هئي. انهيءَ اخبار کي پنهنجي جوانيءَ واري زماني ۾ وڏن وڏن ايڊيٽرن سان واسطو پيو. سر علي محمد دهلوي انهن مان هڪ هو. رئيس شمس الدين بلبل به ڪجهه وقت لاءِ اُن جي سنڌي ايڊيشن جو ايڊيٽر رهي چڪو هو. جڏهن مان سکر پهتس، ان وقت اها اخبار عملي طرح بند ٿي چڪي هئي، فقط ڇنيءَ ڇماهيءَ جڏهن ڪو سرڪاري نوٽيس ايندو هو، ته ان کي ڇپڻ لاءِ معمولي پرچو ڪڍي ڇڏيندا هئا. البت پريس، سا اجا قائم هئي. به، ٿي مشينان ۽ ڪيئي انبار ٽائيپ جا، ٻيو سازو سامان تنهن کان سواءِ. شيخ سليمان مرحوم جو ٻيو نمبر پٽ، مرحوم ميان عبدالحڪيم، ان جو مهتمم ۽ مالڪ هو- پنجاهه جي لڳ ڀڳ، نيڪ ۽ نهايت خاموش، نہ ڪنهن جي هڪ ۾ نہ ٻيءَ ۾، نہ ڪنهن جي سڃيءَ ۾ نہ ڀڳيءَ ۾، سڃو ڏينهن گهر ۾ ويهي گذاريندو هو، انهيءَ حد تائين

گوشه نشين، جو شهر جي اڻي ويني ٻه ڪانه ڪندو هو. مان ڪڏهن ڪڏهن پريس جي ڪم سان وڃس ويندو هوس. اسان جي ڏاڏي مرحوم جو شيخ صاحب جي والد سان برادرانه رستو هو، تنهنڪري مون کي ڏاڏو قرب ڏيندو هو. جاءِ جي وڏن وراندن ۾ ڪشادن ڪمرن ۾ سانت هوندي هئي، در ۽ ديوارين جڙ ڪائڙ ٿي آيون، چپ چپات، ماڻ ميڙ، پراسرار، جڙ شام ويلي ڪنهن ويران ۽ اداس قبرستان مان گذر ٿي ٿيو- چالیهن ورهين جي مسلسل جدوجهد بعد ائين پيو پانئبو هو، جڙ هر شيءِ ٽڪجي پئي آهي، هر شيءِ پوڙهي ٿي چڪي آهي، ماندي ۽ ملول، نراس ۽ نڌال. مشينن جا چڪا، انجڻن جون ڪلون، ٽائيپ جا اکر، ڪاڻ جا ڪيس، اسٽڪيون، ربڙ جا رولر، ڪمپازيٽرن جي ويهڻ جا استول، ايڊيٽرن جون ميزون ۽ ڪرسيون، لکڻ جا قلم ۽ مس ڪپڙيون، ڪاغذن جون سلپون، مطلب ته سيڪجهه موجود هو، ليڪن هر شيءِ تي ورهين کان وڻي رءُ چڙهي وئي هئي. ڪنهن لٽي پٽيو سان انهن جي چنڊ ڦوڪ ٻه ڪانه ڪئي هئي. شيخ صاحب شيوِ ڪندو هو، مڃان ٽلهيون هيس، جن کي قدري ڪينچيءَ سان ڪتري ڇڏيندو هو. وار گهٽا اڃا، کي کي ڪارا ڏسڻ ۾ ايندا هئس. چهري جي بناوٽ ڏاڍي وٽندڙ ۽ موچاري هيس[1].

"الحق" جي انهيءَ حالت کان پوءِ، سنڌ جي قومي ڪم ڪندڙ مسلمانن، جناب شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ، ڪراچيءَ مان غالباً 1921ع ۾ روزاني "الوحيد" جاري ڪئي. خلافت تحريڪ جي ابتدا هئي، مسلمانن ۾ هڪ جوش ۽ جذبو هو. ترڪن سان لڙايون، علي برادران، تلڪ مهاراج ۽ مهاتما گانڌي، الغرض "الوحيد" ستت ئي ايڏي مقبول ٿي وئي، جو سنڌ اندر قومي سجاڳيءَ جي زبردست لهر اٿاري ڇڏيائين. سڄي نبيري نچيڙي سندس حصي ۾ اچي وئي. "الوحيد" جو لکيو سنڌ جي مسلمانن لاءِ جڙ الهام ٿي پيو. ڪنهن کي چون چرا جي مجال ڪانه، هرڪو پيو ان جي لکڻيءَ ڏانهن تڪيندو هو. "الوحيد" جي احاطي ۽ دائري کان ٻاهر جيڪا شيءِ هئي، سا بلڪل باطل ۽ غير مستند، يعني قطعي مجهول ۽ صفا نامعقول. انگريز ششدر ٿي ويا، ۽ سنڌ ۾ انگريز

پرستن جون ٽالهيون ابتيون ٿي ويون، ديڳڙا اونڌا ٿي پيا ۽ ڏويون ٽنگجي ويون.

سکر واري "سنڌ زميندار"، جنهن جو مان وڃي ايڊيٽر ٿيس، سا در حقيقت "الوحيد" جي مقابلي لاءِ، انگريزن جي چُرچ تي، سرڪار پرست مسلمانن کڏي هئي. بظاهر ته زميندارن جي حقن جي محافظ ليکن در پردي "الوحيد" جي ڦيلايل 'زهر' لاءِ 'تریاق'. ان جا مالڪ، ان جا خريدار، ۽ جن جو ان سان تعلق هو، سي سيئي انگريزي اقتدار جا پروردا ۽ پيدا ڪيل هئا، جيڪي لوڪ لڄا سبب ظاهر خاني پاڻ کي اعتدال پسند قومي رهنما سڏيندا وتندا هئا. "سنڌ زميندار" ٻُنهن چوٽيءَ جو زور ڏئي بيني، ليکن "الوحيد" جو لکيو مسلمانن جي دل ۽ دماغ تان مٽائي ڪونہ سگهي. ماستر عبدالوحيد ان جو پهريون ايڊيٽر هو. ان جي فوت ٿيڻ بعد سکر وارو ميان احمد علي خان بي. اي. (عليگ) آيو. ان کان پوءِ منهنجو برادر بزرگ پير علي محمد راشدي. جڏهن "سنڌ جدا واريءَ تحريڪ" ۾ هو وڃي کهڙي صاحب سان گڏيو، تڏهن اخبار جي ايڊيٽري تقريباً پنج سال (29-1933ع) منهنجي ذمي رهي.

اسان ٻنهي پائرن وارو دور اهو هو، جڏهن خانبهادر کهڙي ٻين زميندارن کان اخبار جي پچر ڇڏائي، ان کي پنهنجي اختيار ۽ اقتدار هيٺ آندو هو. گويا "سنڌ زميندار" سرڪار پرستيءَ وارو ڳٽ ڳچيءَ مان ڪڍي، قوم پرستيءَ واريءَ واٽ تي وکون وجهڻ لڳي هئي. نئين انتظام هيٺ اخبار جو مئنيجر آغا نظر علي خان ٿي آيو هو[2]، جيڪو طبعاً دل جو سست، همت جو ڍرو ۽ حڪومت کان قدري خائف رهندو هو، تنهنڪري اخبار نويسيءَ لاءِ جيڪو هن اصول مقرر ڪيو هو، سو اجهو هي هو، ڪم اهو ڪجي، جنهن مان لعل ٻه ليپي ۽ پريت ٻه رهجي اچي، نانگ ٻه مري ۽ لٺ ٻه نہ ٽٽي، يعني انگريزن کان حق بيشڪ طلب ڪجن، مسلمانن جي مسئلن تي لکجي ضرور، ليکن "ڏيان طلب" جي سرخيءَ هيٺ، ڏاڍيءَ نوڙت ۽ نرمائيءَ سان، مٺي زبان ۽ سهڻي لهجي ۾، وٽندڙ طريقي ۽ سهندڙ نموني ۾- ۽ آخر ۾ چوندو هو ته "تدبر ۽ دانشمندي درحقيقت انهيءَ طور ۽ طريقي جو نالو آهي." اهي سڀ اکر ۽ محاورا، ترڪيبون ۽ لفظ

درحقيقت هن پنهنجي فطري هيٺائيءَ جي آڏت لاءِ گهڙيا هئا، ورنه نه کهڙي صاحب جي کا جهل هئي ۽ نه اخبار جي نئين دور جي کا اها تقاضا هئي. بهرحال منهنجي ياءُ سان ته خبر نه آهي آغا صاحب کهڙو عمل ڪيو، ليڪن منهنجي ته هڪ اکر تي سندس سواري هوندي هئي. پنهنجي دور جا چند واقعا جڏهن اڄ ياد پون ٿا ته ڪِلَ به نڪريو وجي ٿي، حيرت ۽ اچرج به پئي لڳي. ڪاڏي ويا اهي تدبر ۽ دانشمنديون، ڪاڏي ويو اهو انگريز ۽ ان جو اقتدار، ڪاڏي ويا اهي "ڏيان طلب" مسئلا ۽ معاملا، ڪاڏي ويا اهي ڪمشنر ۽ ڪليڪٽر، ڪاڏي ويا گورنر جنرل ۽ گورنر. نه ڪماني نه ڪپتان، نه ڊپٽي نه ڪاردار. عهدا جيتوٽيڪ سڀ موجود، پر انهن جا ملڪ ۽ مختار اهڙا لڏيا، جو جڙ ڪڏهن هئا ئي ڪين!

گانڌي - اِروِن پئڪٽ[3] کان اڳ هندستان اندر اوچتو انگريزن جي خلاف هڪ طوفان اٿي کڙو ٿيو. هڪ ٻاهه هئي، جا سڄي ملڪ کي وکوڙي وئي، هڪ زلزلو هو، جنهن سڄي 'برٽش ايمپائر آف انڊيا' جا پيل پاوا لوڏي ڇڏيا. ريلان ڪِريون، انگريز مٿا، هڙتالون ۽ هٽ تاڙون ٿيون، پريات ڦيرين سيني ستلن کي سجاڳ ڪري ڇڏيو، انگريزي ڪپڙا سڙيا، دڪانن تي ڏرٽا ۽ آفيسن اڳيان پڪيٽنگ ڪئي وئي. مطلب ته هڪ طرف انگريز ۽ انهن جا چاڙتا، ٻئي طرف سڄو هندستان. گانڌي - اروِن پئڪٽ، گول ميز ڪانفرنس، وائيٽ پيپر، هندو مسلم نفاق، مسلم ليگ تحريڪ، سائمن ڪميشن [4] ڪُئِٽ انڊيا، پاڪستان، اهي سڀ انهيءَ پهرينءَ ٻاهه جا پڙڪا ۽ اولانبا هئا، جن اڳتي هلي نه چڙو انگريزن کي ٽپڙ ٻڌايا، بلڪ ملڪ جي رنگ روپ کي به ساڙي ٻاري ڇڏيو.

انهيءَ طوفان واري زماني ۾ انگريزن به وس پڄندي ڪونه گهٽايو. ڦاسيون ٽنگيون، گوليون لڳيون، جيل پريا، گهر ۽ ڳوٺ سڙيا، ملڪيتون ۽ املاڪون ضبط ٿيون، مطلب ته دٻاءُ، زور ۽ زبردستيءَ جا سڀ ليکا لتاڙي بيهي رهيا، ليڪن وريو ڪجهه ڪونه. ٿيو اهوئي جيڪو ٿيڻو هو. انهيءَ زماني ۾ صوبو سرحد انگريزن جي ڏاڍاين جو خاص طرح شڪار ٿيو. پشاور جي قصه خواني بازار ۾ لاش جا ڍير لڳي ويا. رت سيرون ڪري هليو. سرخ پوش، جو جتي سو

اتي معتوب. جيل، ماران، چهبڪ، ڦٽڪا، ڏنڍا، مترڪا، سينن تي برڇيون ۽ آخر ۾ گوليون ۽ مڙسن کاڌيون. هڪ جوان ته قصہ خوانيءَ ۾ غالباً ست گوليون ٿِري ناڻ ٿِريءَ جون سيني تي جهلي، زمين تي ڪريو تڏهن، جڏهن بيني ساهہ نڪتس! سرخ پوشن جو جهنڊو جهٽ ڏيئي ڪانئس ٻئي اچي ورتو، جيڪو پڻ شهيد ٿيو، ۽ اهو سلسلو هڪ ٻن کان ٽپي وڃي سوَن تي پهتو. خان عبدالغفار جي سموري آکهہ کي نہ ڇڙو جيل ۾ وڌو ويو ۽ سندن ملڪيت ضبط ڪئي وئي، بلڪ سندس ڳوٺ اتمان زئيءَ کي پڻ ساڙي ۽ باري ڇڏيو ويو[5]. اهو واقعو پنهنجي نموني پهرئين قسم جو هو، جنهنڪري هندستان ۾ جيڪا باهہ ٻري پئي، تنهن تي گويا تيل پئجي ويو. لاهور جي اخبارن [6] (زميندار، پرتاب، ميلاپ ۽ سياست) انهيءَ خبر کي ڏاڍي جوش جاڳائيندڙ نموني ۽ عبارت ۾ شايع ڪيو، وڏين وڏين سرخين ۽ ڪارن ڪارن عنوانن سان، جنهن کي پڙهي، هرڪنهن جي لونءَ ڪانڌارجي ٿي وئي. مون کي به نئون نئون جوش هو، رت ۾ حدت ۽ حرارت، تجربن واريءَ سرد مهريءَ جي هوا اجا ڪانہ لڳي هئي. خبر پڙهندي اکين مان پاڻي وهي ويو. خوش قسمتيءَ سبب نظر علي خان لاڙڪاڻي ويل هو، جنهنڪري سندس غير حاضريءَ جو پورو فائدو وني، مان به خبر کي جڳائيندڙ آب تاب سان شايع ڪري ڇڏيو .ڪيترن ڏينهن کان پوءِ دل گهري خبر شايع ڪئي هيم، تنهنڪري اندر ۾ هڪ سڪون ۽ راحت محسوس ٿي، جڙ سر تان هڪ وڏو بار هو، جو لهي پيو.

نظر علي خان جيئن لاڙڪاڻي مان موٽيو، تيئن ڪيس پرنٽر ۽ پبلشر جي حيثيت ۾ ڪليڪٽر جي ڪوٺ پهتي. جڏهن اتان موٽيو ته سڙان ڪامان ڪندو آيو، چهري تي جلال، طبيعت ۾ طوفان، اکيون لال، چپن تي خشڪي، منهن ڳاڙهو ڳٽول جهڙو قنڌاري ڏاڙهون! ٽوپي هڪ طرف اڇلياٸين، ڪوٺ ڪرسيءَ تي ڦٽو ڪياٸين، پاڻ ڦهہ ڪري ڪٽ تي ڪِري پيو. گهٽي گهٽي کان پوءِ واڪو ڪياٸين، "اي ميان صاحب!.. ميان حسام الدين شاهہ خان!... او ظالم ظلم!... بندوق ڪنيون آءُ! اڇي منهنجي سيني ۾ هڻ!" جڏهن مرحوم ڪاوڙبو هو- خدا بخشيس تڏهن اهي خطاب ۽ القاب ڏيندو هو، "ميان! تون ته جوان آهين، تنهنجو ته ابو امان به

جئرو آهي، ماري مون پوڙهي کي رکيئي! جناب منيجنگ ڊائريڪٽر جي آبروءَ جو ب لحاظ ڪون ٿيئي، جڙ ڪا پناڻن سان تنهنجي عزازت هئي، جو ايڏو هڏ ڪُرکيئي! ايترو کهکاءُ آيئي!“ مرحوم لاکيڻون لعل هو، جڏهن ڪاوڙبو ته چوندو- ”ميان!“، ”او خان!“، ”او شاهه صاحب!“ ”اي ظالم اظلم!“ جڏهن راضي ٿيندو ته وڏا ٽهڪ ڏئي سڏ ڪندو- ”او آغا منهنجا!... او آغل سائين!... هيڏي ته آءُ!“ هاڻي جڏهن لکان ٿو ته ڪَنَ جڙ اُهي ئي ٽهڪ ٻڌن ٿا، اُهي ئي سَڈَ سُڻن ٿا. اکين اڳيان هڪ پراڻي ڪرسي پئي آهي، ان جي اڳيان هڪ مَرُ چڙهيل جهوني ميز، جنهن تي بي ترتيب ڪاغذن جا ڍير لڳا پيا آهن. ڪرسيءَ تي نظر علي خان اوکڙون وينو آهي، ٻئي جنگهان ب پاڻ سان مٿي رکيون. مٿو ڪوڙيل، رنگ پورو ۽ گلابي، مڇن جي سنت ورتل، ڏاڙهي پورڪاري ۽ ڏاڍي سُهندڙ چاپئين. اکيون، نڪ، پروان ۽ پيشاني سڀ نهندڙ ۽ جڙندڙ. وڏا ٽهڪ ڏئي پيو چوي، ”آغل!... او آغل منهنجا!... چا حال آهي؟... اڄ ته پاڻ وٽ دعوت شيراز آهي!“ ’دعوت شيراز‘ جو مطلب اهو هوندو هو ته اڄ مٽرن يا چڻن جي ڇِڍي دال تناول ڪبي. ڪڏهن ڪڏهن جڙ ڪَن لَوَندي اهو ب آواز پيا ٻڌن:-

آل ڪان غئي پزوڙ، ما پزڙڪي الا![7]

مطلب ته ڍولڙ مڙس هو. جڏهن جوش لٽس، تڏهن حقيقت حال ڪيائين ته ”دفتر دار صاحب[8] ڪان هي دفعو ته جان ڇڏائي آيو آهيان، جي ٻيو دفعو ب تو اهڙو قومي جذبو ڏيکاريو ته جناب مئنيجنگ ڊائريڪٽر صاحب جي عزت کي ب نقصان پهچندو، نوٽيس ب بند ۽ تون ۽ اسان ب ڪاڻ ۾ ! “

مئنيجنگ ڊائريڪٽر جو ته اوڙو هو، سندس ۽ منهنجي جيل وڃڙ وارو مسئلو ب محض ڳالهه جو ڳالهوڙو. درحقيقت ڏڙڪو هو نوٽيس بند ٿيڙ جو ۽ اخبار جي بلڪ لسٽ تي اچڙ جو. نوٽيس ۽ بلڪ لسٽ، اِهي ب اُهي دواليون هيون، جيڪي هر اُنهيءَ اخبار جي نڪ ۾ بطور ناکيليءَ جي پوندیون هيون، جنهن کي نه ايترا خريدار هئا، جو ان جي آمدنيءَ تي هلي، ۽ نه ايتري ذاتي موڙي هوندي هئي، جو خرچ کڍي سگهي. بهرحال حڪومت جا اهي ب ڏڙڪا هٿين خالي اخبارن لاءِ جنسي ڪال هوندا هئا، گويا سندن پويون ڏينهن.

* * *

سالن جي ڳالهه آهي. پوري يادگيري کانه ٿي پوي. پر خدا نه ڀلائي ته 1928ع ڏاري جو واقعو آهي. امان الله خان تخت تان دستبردار ٿي اٽليءَ ۾ وڃي پناهه گزين ٿيو هو. افغانستان تي انگريزن جي هٿشيءَ تي پهريون بچو سقو قابض ٿيو. ان کان پوءِ چيو ائين ٿي ويو ته هنن ئي نادر خان ۽ سندس پائرن کي پيرس مان آڻي افغانستان پهچايو آهي.

هندستان جي قوم پرستن جي همدردي امان الله خان سان هئي، ڇاڪاڻ ته کيس انگريزن جو وڏي ۾ وڏو دشمن سمجهيو ويو ٿي. 1919ع واري جدوجهد سين کي ياد هئي، جنهن ۾ امان الله انگريزن جي اثر ۽ اقتدار کي پنهنجي ملڪ مان هميشه لاءِ ختم ڪري، آزاد بادشاهت جو اعلان ڪيو هو. افغانستان جي کوهسارن جو اهو جوان سال ۽ جوان بخت، قبول سيرت ۽ قبول صورت مالڪ ۽ مختار، جڏهن 1925ع ۾ دنيا جي دوري تي نڪتو، تڏهن هرڪنهن ملڪ کيس هٿئون هٿ ڪنيو، شاهاڻي استقبال جي بلڪل نئين ۽ نرالي تاريخ تيار ٿي وئي، دنيا جي اخبارن به وسئون ڪونه گهٽايو. هٿنن ته ان ڪري به امان الله جي خبرن کي وڏين وڏين سرخين سان اشاعت ٿي ڏني، جو کين يقين هو ته ان مان انگريزن کي مرچ لڳندا. امان الله خان جي انهيءَ مقبوليت جو فائدو ونڻي، پنجاب جي موقعي شناس ٽوپي سازن جهٽ ڪٽي امان الاهي ٽوپي ناهي. دهليءَ جي ٽوپي سازن وري سندس هڪ ٻيءَ ٽوپيءَ جو نقل ڪيو. الغرض هندستان جي نقال ۽ ساده دل مسلمانن، جيئن کنهن زماني ۾ ترڪي خليفن جي تتبع ۾ ترڪي ٽوپي يا پوءِ انور پاشا جون ٽوپيون پاتيون هيون، تيئن امان الاهي ٽوپين کي به ڪٽي مٿي تي رکيو. اصل ۾ ٽوپي سازن جو مڪو مچي ويو، جن سال اڌ ۾ لک ڪمائي ورتا.

انگريزن کي ته 1919ع کان ئي امان الله خان سان دشمني هئي. ويتر جو پنهنجي دوري جي دوران هٿن سڄي عالم ۽ خاص طرح هندستانين جون دليون هٿ ڪري ورتيون، تنهن ته مرڪوئي انگريزن جي انتقامي جذبي واريءَ دونهينءَ کي دکائي، ان جي باهه کي صفا ڀڙڪائي ڇڏيو. پاڻ اجا دوري تي ئي هو، جو پٺيان

هٿن افغاني ڪوهسارن اندر پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو. پئسا، ايجنٽ، غلط افواهه، فرضي تصويرون[9]، بي پاڙا بهتان ۽ ڪوڙا الزام افغانستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي ويا.

امان الله جيئن دوري تان موٽيو، تيئن يورپ جي ترقيءَ کان متاثر ٿيو آيو هو. پنهنجي ملڪ کي به يورپ جي ڪڙيءَ تي پهچائڻ لاءِ، اڇا سان، هن هڪ طويل ترقياتي پروگرام رڇي، ان کي فوري عمل ۾ آڻڻ گهريو. انهيءَ پروگرام ۾ اسڪولن، ڪالیجن، يونیورسٽين، ملٽري اڪاڊمين، لوهه جي ڪارخانن، هوائي جهازن ۽ جنگي سامان ناهڻ جون ڪي رڪاوٽون هيون. جهڙوڪ چوڪرن ۽ چوڪرين جي تعليم، انگريزي وضع قطع جا ڪپڙا پائڻ، گهر ۾ فرنيچر رکڻ ۽ ميز ڪرسيءَ تي کائڻ، صفائي ۽ سٿائيءَ سان رهڻ، پردي کي گهٽائڻ، غير شرعي ڏڪهن، بي ترتيب ۽ اڻ صفا ٽيندڙ سٿنهارين تي پاڪيون ڦيرائڻ- انگريزن جيڪي افواهه ڦهلائي ڇڏيا هئا، انهن مواد تہ اڳ ۾ ئي تيار ڪري ڇڏيو هو، ان ۾ فقط چواتيءَ ۽ چٽنگ جي دير هئي، جيڪا انهن ترقياتي پروگرامن لائي ڇڏي، سيئي ملا ۽ خان اٿي کڙا ٿيا. انگريزن جا پئسا پاڻيءَ وانگر وهي رهيا هئا. ملا شور بازار جو نالو اسان انهيءَ وقت ٻڌو هو. مطلب تہ ڏسندي ڏسندي اهڙو ممڻ متو، جو افغانستان جي تخت تي بچي سقي جهڙو معمولي ماڻهو قابض ٿي ويو ۽ ملڪ جو اصلي وارث سڏو وڃي اٿليءَ پهتو.

امان الله جڏهن ملڪ ڇڏيو تہ قندار کان نڪري چمن ۾ آيو. اتان ريل ۾ سوار ٿي جيڪب آباد، رڪ، روهڙيءَ، سماسٽا کان دهليءَ ۽ اتان سڏو بمبئيءَ ويو... هِنن اکين ڪجهه ڏينهن اڳي سندس اهو جاهه ۽ جلال به ڏٺو، جڏهن سندس اسپيشل ٽرين مٿان انگريزي هوائي جهاز گل گهوريندا ٿي ويا، ۽ هاٿي واريءَ هن ڪسمپرسيءَ جو حال به پسيو، جو ٻہ فرسٽ ڪلاس معمولي گاڏا، انهن ۾ پاڻ ۽ سندس آڪهه، در دريون بند، نہ سازو سامان، اهي ئي لٽا جيڪي بدن تي، نہ پورو جورابو نہ سڄي جٽي! بهرحال، سابق شاهه افغانستان، هزمئجسٽي دي ڪنگ امان الله خان، جڏهن بمبئيءَ مان هندستان جو ساحل ڇڏيو، تڏهن مسين وجي انگريزن کي ساهه پيٽ ۾ پيو.

هندستان جي همدردي اصل کان امان الله سان هئي، هاڻي ۾ هنن اهوئي ٿي سمجهيو ته افغاني قوم محض انگريزن جي اشاري تي لڳي، پنهنجي قوم پرست ۽ محب وطن بادشاهه سان ظلم ڪيو آهي. جڏهن نادر خان پشاور ۾ وارد ٿيو، تڏهن ڪيس هندستاني قوم جو اهو جذبو معلوم ٿيو. ازانسواءِ هن اهو ۾ محسوس ڪيو ته خود افغانستان اندر ڪي قبيلا پڻ امان الله جي حق ۾ آهن، تنهنڪري وقت جي تقاضا ۽ مصلحت کي ڏسي، هن اعلان ڪيو ته افغانستان ۾ هو ان ڪري وڃي رهيو آهي ته بچي سقي کي ڪڍي، وري امان الله کي موٽائي تخت تي آڻي. متبرڪ صورت، سفيد سُنهاري، مڙس ڏسڻو وائسڻو، پنج ئي وقت نماز باجماعت- سين کي اعتبار اچي ويو. سين کي خاطري ٿي ته جاڻ حق حقدار کي مليو، انگريزن جي ڪک جو ڪان جاڻ موٽي اچي ڪمان پيڙو ٿيو. مولانا ظفر علي خان حسب دستور اسلامي اخوت واري جذبي جي ماتحت نہ چڙو لاهور جي اسٽيشن تي نادرخان وارن جو شاندار استقبال ڪيو، بلڪ جوش ۾ بنان ٽڪيٽ هلندي ڳاڏي ۾ ساڻن چڙهي پشاور تائين وڃي پهتو، جتان انگريزن زبردستي ڪيس موٽائي لاهور آڻي ڇڏيو! مولانا جي ئي تحريڪ تي هندستان جي مسلمانن نادر خان جي امداد لاءِ هڪ "عظيم جيش اسلامي" مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، انهي ڪي زور وٺرائڻ لاءِ آگري جي مشهور شاعر حضرت "سيماب" اڪبر آبادي پنهنجي هفتيوار اخبار "تاج" ۾ هڪ مترنم نظم شايع ڪيو، جنهن جو آخري بند هو:

قندار چلو! قندار چلو!!

بهرحال جڏهن شاهه ولي خان ڪابل فتح ڪيو ۽ ان جو اعلان هندستان اندر ٿيو، تڏهن مسلمانن چراغان ڪيا، مٺايون ورهايون ۽ اهڙا خوش ٿيا، جو سندن پنهنجا ڪاج سِڌ ٿيا آهن. مولانا ظفر علي خان فوراً هڪ شاندار نظم "زميندار" ۾ ڪڍي شايع ڪيو، مسدس جي آخري ست هلندڙ هئي:

فاتح ڏل فاتح ڪابُل هئا!

الغرض انهي حد تائين اسان کي دلچسپي هئي ۽ افغانستان جي معاملي سان اسان جو تعلق هو. اکيون هاڻي نادر خان جي اعلان ڏي هيون. هر مسلمان جي دل

ڏڙڪي رهي هئي. سين جا ڪن اوڏانهن هئا. انتظار اهو هو ته ڪڏهن ٽي نادر خان جي صدا ڪوهسارن سان ٽڪرائي بلند ٿئي ته- "حق بحقدار رسيد!" ليڪن جڏهن اهو وقت آيو، تڏهن حيرت جي حد نه رهي! اعلان ٿيو ته، "لوئي جرگي، خود هز مئجيسٽي ڪنگ نادر شاهه غازي خلد الله ملكه كي افغانستان جي تخت ۽ تاج جو مالڪ ۽ مختار تسليم ڪيو!" هندستان جي جوش ۽ جذبي تي جڙ ڪنهن پاڻيءَ جا ٽڏا گهڙا پرٽي ڇڏيا. اصل قصي جي ته رب كي ڄاڻ، ليڪن هتان جي مسلمانن جي اک ڪلي، ۽ هنن اهوئي سمجهيو ته افغانستان اندر انگريزن جي سياست كي نيٺ كاميابي حاصل ٿي.

انهيءَ واقعي كي ڇهه ست مهينا مس گذريا، ته لاهور جي "زميندار" اخبار ۾ امان الله خان جو هڪ طويل ۽ دردناڪ خط شايع ٿيو، جيڪو هن روم مان نادر خان ڏانهن لكيو هو ۽ جنهن ۾ نهايت دل ڇڄائيندڙ نموني ۾ هن هڪ هڪ كري سندس كيل واعدن ۽ بدعهدين جي كيس ياد ڏياري هئي[10].

جڏهن "زميندار" جو اهو پرچو مون وٽ پهتو، خوش قسمتيءَ سبب ان وقت نظر علي خان سكر ۾ كونه هو. ميدان خالي ڏسي، مون جوش ۽ جذبي وچان خط جو ترجمو اهڙيءَ ئي حاشيه آرائيءَ سان شايع كري ڇڏيو، جهڙيءَ ريت لاهور جي "زميندار" كيو هو. بن ڏينهن بعد معلوم ٿيو ته "زميندار" جو اهو پرچو ضبط كيو ويو، ۽ 50 هزار جي ضمانت ضبط كري، پريس ۽ اخبار كان هڪ لک جي ضمانت گهري وئي آهي! خبر نه آهي ته ظفر علي خان جي كهڙي حالت ٿي، ليكن منهنجا ته تاك لڳي ويا، چاكاڻ ته- اين گناهيست كه در شهر شما نيز كنند! نظر علي خان جيئن لاڙكاڻي كان موٽي پريس ۾ اچي پهتو، تيئن مون ڏي ڏسي، ٽڏو ساهه كڍي، ڏاڍيان ونيي، "الله هو!..." كيائين. هن دفعي ٽوپي به كانه لاٽائين، كوٽ به كونه اڇليائين، ۽ نه كٽ تي ئي كريو. سڏو اڇڻ سان كرسيءَ تي ويهي، سيني كمپازيٽرن كي سڏي حكم ڏنائين: آئيندي جنهن مضمون تي سندس تصديقي صحيح پيل نه هجي، اهو چپڙ ۾ هرگز نه اچي! اهو اعلان كري، مصلو وڇائي، وجي نماز ۾ بينو. اجا سلام مس ورايو هئائين، ته كليكٽريءَ جو پٽيوالو حاضر ٿيڻ جو حكم نامو كڍي اچي وارد ٿيو. سلام

ورائي، دعا گهري، آگر جي اشاري سان چوڌاري صلواة سڳوري چوڪاري، مون ڏي منهن ڪري ڏاڍي دردناڪ لهجي ۾ چيائين، "ميان صاحب! آخر تون مڙئين ڪونہ. انهن ڪرتوتن کان تہ بهتر آهي مون کي سيني ۾ دونالي هڻ... ڊس! ڊس! هڪ ئي دفعي جند ڇٽي پوئي. هُن شريف جو بہ خيال ڪونہ ٿو اچئي، جنهن اعتبار رکي، پنهنجي سموري موڙي اسان جي حوالي ڪري ڇڏي آهي!" اهو 'شريف' جو اشارو کهڙي صاحب ڏي هو. اهڙن موقعن تي مرحوم هميشهہ شرم ڏيارڻ لاءِ کهڙي صاحب جي شخصيت کي آڻي اڳيان ڪندو هو، ۽ آخر ۾ چوندو هو، "او ظالم ظلم!... زمن گر نہ ترسي، بترس از خدا!"

اهو ئي دور هو، جڏهن ميرٺ جي سازش وارو مشهور مقدمو هليو ٿي، جنهن ۾ ٻين قومي ڪارڪنن سان گڏ، ديناناٿ سهگل بہ ڦاٿل هو [11]. انهيءَ سازش بعد ٻيون بہ ڪيتريون سازشون ٿيون. هڪ دفعي وائسراءِ جي گاڏيءَ کي تباهہ ڪرڻ لاءِ ريلوي لائين تي ٽائيم بم رکيو ويو (1928ع)، وائسراءِ جي حياتي هئي، جو اتفاق سان بچي ويو. بم بہ ٿي سيڪنڊ پوءِ ڦاٽو، جڏهن وائسراءِ جو گاڏو ٽپي اڳتي ٿيو. باقي پويان گاڏا، سو پرزا پرزا ٿي ويا. هلندڙ اسيمبليءَ ۾ پڳت سنگهہ وارن بم اڇليا [12]. بنگال ۽ ٻين جاين تي گورنرن ۽ ٻين گورن کي گوليون لڳيون. پڳت سنگهہ، جتندرا ناٿ داس ۽ دت وغيره بمن جي سازش ۾ گرفتار ٿيا. جتندراناٿ جيل ۾ مرن برت رکيو. حيلا هلائي بيهي رهيا، 72 ڏينهن بعد هن مري ساهہ ڏنو، پر برت نہ پڳائين! جڏهن مئو، تڏهن مولانا ظفر علي خان معرڪي جو هڪ نظم "زميندار" ۾ شايع ڪيو:-

بن نهين سڪتا صلاح الدين ايوبي اگر،
هند کي حرمت پہ مَرمِٹ اور جتندرداس بن!

اصل ۾ انهن ڳالهين جي ابتدا انهيءَ لوڙ واريءَ تحريڪ سان ٿي هئي، جنهن کي مهاتما گانڌيءَ "ڊانڊيءَ واري مارچ" (1930ع) سان شروع ڪيو، ۽ "باردولي تحريڪ" ولپ پائي پٽيل کي جنم ڏنو. باقي واقعا انهيءَ سلسلي جون جدا جدا ڪڙيون هيون. پڳت سنگهہ وارن جون تصويرون هرهڪ گهر ۾ ٽنگجي ويون. هندو توڙي مسلمان، جوان خواهہ پوڙها، عورتون خواهہ مرد، گهر ڇڏي ٻاهر

قومي ميدان تي نڪري آيا. ميرٺ وارن کي سزا آئي. پڳت سنگهه ۽ سندس ساٿين کي ڦاسي آئي[13]. پڳت سنگهه جو لاش انگريزن لاهور جيل مان منهن اونداهيءَ ڪيرائي راويءَ جي ڪناري تي ساڙائي ڇڏيو. انگريزن جو اهو خيال بلڪل صحيح هو ته جيڪڏهن لاش مالڪن جي حوالي ٿيندو ته ممڻ مچي ويندو، جنهن کي ٽارڻ ۽ ٽارڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو. ليڪن انگريزن جي انهيءَ عمل ۾ ڪا گهٽ باهه ڪانه لاتي. سڄي ملڪ ۾ ماتم پئجي ويو ۽ هندستانين جي دلين ۾ گويا انگريزن پنهنجي انهيءَ ڪرتوت سان بڙچيون هڻي ڪڍيون.

ڪانگريس آئيندہ سال (1931ع) تي پنهنجو اجلاس لاهور ۾ راويءَ جي ڪناري تي عين انهيءَ جاءِ تي ڪيو، جتي پڳت سنگهه جي لاش کي ساڙيو ويو هو[14]. جواهرلال انهيءَ سال پنهنجي والد کان ڪانگريس جي صدارت ورتي هئي ۽ ڪانگريس جو اهوئي اجلاس هو، جنهن ۾ "آزاديءَ جو نهراءُ" پاس ڪيو ويو. پڳت سنگهه جي والده انهيءَ موقعي تي پنهنجي پٽ جا سڙيل هڏا ڪٽي، اچي اجلاس ۾ نڪتي. جذباتي جوانن جو خيال هو ته ڪانگريس جو جوان سال صدر پڳت سنگهه جي انتقام ونڊ لاءِ ضرور ڪنهن لڙاکو پروگرام جو اعلان ڪندو، ليڪن ڪين ان وقت شديد مايوسي ٿي، جڏهن انتقامي پروگرام ته بجاءِ خود، پر ڪانگريس اُنهيءَ سلسلي ۾ نلو نهراءُ به پاس ڪونہ ڪيو. خير، ڪانگريس جو تجربيڪار مهندار ته عظيم مقصدن جي حاصل ڪرڻ واريءَ راهه ۾ پڳت سنگهه جي شهادت کي به هڪ منزل سمجهي، پاڻ اڳتي ٽپي ويو، ليڪن انتهاپسندن ۽ پرجوش جوانن جي جذبي ۽ اخلاص کي ڏاڍو صدمو پهتو.

جواهر لال لاهور مان ڪم پورو ڪري، پنهنجي عيال سميت سڌو موهن جي ڏڙي تي آيو. جڏهن اتان ٽي موٽيو، ان وقت سکر جي اسٽيشن تي مان وڃي ساڻس مليس. سندس گهر واري ۽ شايد سندس نياڻي (مائي اندرا گانڌي) به هئي. سين کي پهريون دفعو مان اتي ڏٺو. منهنجي ڪاردِ پهچڻ تي جڏهن جواهر لال گاڏي مان ٻاهر نڪري آيو، ان وقت مان ڪانئس پڳت سنگهه جي باري ۾ اهي ئي سوال پڇيا، جيڪي هر غير تجربيڪار ۽ جوشيلي جوان جتي ڪٽي ڪانئس پڇيا ٿي. هن به مون کي اهي ئي جواب ڏنا، جيڪي ٻين کي ڏيندو آيو ٿي. موٽي اچي

اهي سمورا سوال جواب مان سنڌ زميندار ۾ شايع ڪري ڇڏيا. خير جوش ۽ جذبو ته هو، ليڪن اخبار ۾ شايع ڪرڻ مان وڏي مراد اها به هئي ته جيئن ماڻهن کي معلوم ٿئي ته آڻ به ڪانگريس جي صدر ۽ هندستان جي جوان بخت نوجوان ليڈر سان انترويو ڪري چڪو آهيان!

خدا لڳ ڳالهه ڪبي، خانبهادر کهڙي کي انهن ڳالهين جي رتيءَ پر پرواه ڪانه ٿيندي هئي. بلڪ التو هو خوش پيو ٿيندو هو. اصل ۾ ساه نڪرندو هو آغا صاحب مرحوم جو، کهڙي صاحب جو ته ڪندو چڙو مٺنهن اولو. بهرحال ضبط ته مان به گهٽو ڪندو هيس، ليڪن ڪڏهن ڪڏهن اهڙيءَ ريت بي اختيار ڪمان مان تير نڪري ويندو هو، جنهن جي تيزيءَ ۽ تکائيءَ جي ڪل ان وقت پوندي هئي، جڏهن نظر علي خان جون اکيون ڳاڙهيون، چپ سڪل ۽ منهن لال اڳيان نظر ايندو هو. مٿين خبر پڙهڻ بعد نظر علي خان هن دفعي ۾ ڪم ڪيا: هڪ ته ابوبڪر ڪمپازيٽر ۽ گيلارام مشين مين تي ڏهه ڏهه رپيا ڏنڊ وڌائين ۽ ٻيو ميرٺ واري ڪيس ۾ قاتل قومي ڪارڪن ديناناٿ سهگل جو نالو، جنهن کي جنم ٽيپ ۽ ڪاري پاڻيءَ جي سزا اچي چڪي هئي، مستقل طرح مون تي رکي ڇڏيائين. ان کان پوءِ مرحوم هميشه سڏيندو هو، "او دنياناٿ سهگل! ميان هي ڪهڙو ڪلور ڪيو اٿئي...!"

انهن مسلسل واقعن منهنجي جوش ۽ جذبي کي ماري ۽ مروڙي ڇڏيو. هٿيار ٽيڪي ويهي رهيس، جنهن کان پوءِ پنهنجي قومي جذبي جي اظهار جو وري "سنڌ زميندار" ۾ ڪڏهن موقعو ڪونه مليو.

* * *

خير، اهي واقعا ته وچ ۾ اچي ويا. دل ۾ درد هو. ڳالهه نڪتي ته اوچتو ڇڻ آهه نڪري وئي. دراصل ڳالهه هئي سکر جي آغا صاحب جي ۽ "سنڌ زميندار" اخبار جي.

جنهن دؤر جو ذڪر آهي، ان ۾ ڇاڪاڻ ته آزاديءَ جي جنگ ڦوهه جوانيءَ تي هئي، تنهنڪري اخبارن کي به ڏاڍو زور هو. سنڌ جي اخبارن مان انگريزيءَ ۾ ۽ روزانيون نڪرنديون هيون، هڪ "ڊيلي گزيٽ"، جيڪا اصل ته انگريز پرست

هئي، ليڪن بعد ۾ سندس مزاج اعتدال تي آيو هو، ۽ هئي مستر پنيا جي "سنڌ آبزرور"، جيڪا ظاهر ۾ ته وطن پرست هئي، ليڪن دراصل ڪٽر مهاسپائي ذهنيت جي علمبردار هئي. ٽين شام جي انگريزي روزاني اخبار ڊاڪٽر تاراچند جي "ڪراچي ڊيلي" هوندي هئي، جنهن جي جاءِ پاڪستان بعد "ايوننگ اسٽار" ورتي. سنڌي روزانين مان مسلمانن جي فقط "الوحيد" هئي، جيڪا ڪڏهن خالص مذهبي ته ڪڏهن ٿيٺ وطن پرست، ڪڏهن فرقه پرست ته ڪڏهن قوم پرست. بهرحال مسلمانن جا هٿ انهيءَ هڪ اخبار تي ڪپندا هئا. هندو اخبارن مان "هندو" ڪانگريسي ۽ "سنسار سماچار" ٿيٺ مهاسپائي. اِهي هيون ڪراچيءَ مان نڪرندڙ اخبارون. باقي سنڌ مان مسلمانن جون گهٽو ڪري هفتيوار اخبارون نڪرنديون هيون، جيئن ته ميرپورخاص مان مخلص جي "مسلمان"، نوشهري مان رئيس نجم الدين جي "النجم"، حيدرآباد مان نور محمد نظاماڻيءَ جي "طيراً ابابيل"، سکر مان "سنڌ زميندار" (هفتي ۾ ٻه دفعا)، لاڙڪاڻي مان "الحقيقت"، جيڪب آباد مان مولوي محمد حسين جي "الحنيف" ۽ چاچي نبي بخش (لالي مني) جي "اتحاد". "الوحيد" ۽ "سنڌ زميندار" کان سواءِ باقي ٻين اخبارن کي مقامي حيثيت حاصل هوندي هئي. هندن جون سنڌ مان گهٽيون ئي هفتيوار ۽ روزانيون اخبارون نڪرنديون هيون، جن مان مشهور هيون ميرپورخاص مان "جوت"، سکر مان ديوان پوڃراج جي "پارت"، آرت مل جي "هندو ليگ گزيٽ"، لاڙڪاڻي مان "لاڙڪاڻه گزيٽ" ۽ جيڪب آباد مان "تيج" ۽ "فرنٽيئر گزٽ"، جنهن جو ايڊيٽر هڪ هندو هو- بيحد منو ماڻهو ۽ دلبر دوست، يارن جو يار. ٻه روزانيون هندن جون سکر مان پڻ نڪرنديون هيون، جن مان هڪ مقامي هئي ۽ ٻيءَ کي البت سکر کان ٻاهر ٻه اهميت حاصل هئي. پهرين ٻائي امرداس جي "ڏرم ويرَ" ۽ ٻي مهاشيه ويرومل جي "سنڌي". اِهي هيون اُهي اخبارون، جيڪي سنڌ اندر هندن ۽ مسلمانن جي معاملن ۽ مسئلن کي پيون ڊاهيندیون ۽ ٺاهيندیون هيون. بلوچستان جي مسئلن تي لکڻ لاءِ مرحوم نسيم تلويءَ جون اخبارون "عصر جديد" ۽ "بلوچستان جديد" هيون.

سنڌ ۾ باهران ايندڙ اخبارن مان لاهور جي اخبارن کي عوام ۾ وڏي اهميت هوندي هئي، مثلاً هندن وٽ "پرتاب"، "ميلاپ" ۽ نانڪ چند "ناز" جي "ويرپارت" کي، ۽ مسلمانن ۾ "زميندار"، "انقلاب"، "سياست"، ۽ پوءِ "شهباز" ۽ "احسان" کي. "پيسه اخبار" ۽ "انتخاب لاجواب" جو دؤر ختم ٿي چڪو هو. جهنگ واري هفتيوار "المنير" به پنهنجو وقت پورو ڪري وئي هئي. ايڊيٽرن مان منشي محبوب عالم فوت ٿي ويو هو، ظفر علي خان جي حيثيت اخبار نويسيءَ ۾ بابي آدم جي هئي، مولانا غلام رسول مهر، مرتضيٰ احمد خان ميڪش، سيد حبيب، مولانا عبدالمجيد سالڪ، چراغ حسن حسرت ۽ حاجي لقلق ڦوهه جوانيءَ ۾ هئا- جسم جو به جوڀن ته قلم تي به بهار. هندن مان مهاشيه ڪرشن، خوشحال چند خورسند، نانڪ چند ناز ۽ پارس واري مهاشيه ڪرم چند جي رات هئي.

لاهور مان ٿي انگريزي ڊيلي اخبارون نڪرنديون هيون: مسلمانن جي مولوي نور الحق جي "مسلم آئوٽ لڪ"،[15] غير مسلمانن جي "سول اينڊ ملٽري گزيٽ" ۽ ڪالي ناٿ ري جي "ڊيلي ٽربيون". بجنور جي "مدينہ" اخبار باءِ - ويڪلِي (هفتي ۾ به پيرا نڪرندڙ) هئي، ليڪن ڏاڍي وزندار، سنجيدي ۽ بلڪل قومي خيالن جي. سنڌ ۾ گهٽا مسلمان ان کي گهرائي سان پڙهندا هئا. دهليءَ مان مولوي مظهرالدين جي روزاني "الامان" ۽ خواجه حسن نظاميءَ جي هفتيوار "مُنادي" ايندي هئي. مولانا محمد عليءَ جي "ڪامريڊ" بند ٿي چڪي هئي. "همدرد" ڪڏهن بند ته ڪڏهن جاري. "خلافت" اخبار بمبئيءَ مان "الوحيد" جي دفتر ۾ شيخ عبدالمجيد وٽ ۽ ڪن ٻين پراڻن خلافتين جي نالي تي ايندي هئي. مولانا شوڪت علي سرپرست ۽ مولانا عرفان ۽ شوڪت عليءَ جو فرزند زاهد علي ان جا ايڊيٽر هوندا هئا. انگريزي اخبارن مان "السٽريٽيڊ ويڪلي" خوب وڪامندي هئي. "ٽائيمس آف انڊيا"، "اسٽيٽسمن"، "پايونيئر" ۽ مهاتما جون "ينگ انڊيا"، ۽ "هريجن"، ۽ بمبئيءَ منجهان "بمبئي ڪرانيڪل"، جنهن جي ايڊيٽر سيد عبدالله بريلويءَ جي ڏاڍي شهرت هوندي هئي. ولايت مان ڪن ڪن

انگريزن وٽ "لنڊن ٽائيمز" ۽ "مئنچيسٽر گارڊين" ۾ ايندڙ هيون ۽ اخبارن ۾ ۽ انهن جي راين تي گاهي ماهي هنگامو مچي ويندو هو.

اهي هيون اخبارون سنڌ ۾ مشهور ۽ سڄي ملڪ اندر سياهه سفيد جون مالڪ، جڏهن مان وڃي 'سنڌ زميندار' جي چارج ورتي. مون کي ياد آهي، چٽيءَ طرح، مان نصرت[16] اسٽيشن تي ٻيٽو هئس، خانبهادر کهڙو سکر مان ٽي موٽيو، گاڏيءَ مان منهن ڪڍي، ٽپال جي استعمال ٽيل لفافي جو هڪ ٽڪرو ڦاڙي، ان تي منهنجي تقرر جو حڪم لکي، مون کي ڏيئي، تاڪيد ڪيائين ته سپاٽي ضرور وڃي سکر پهچ. ريل چٽي. مان آردر پڙهيو: پنجاهه روپيا درماهو پگهار، "سنڌ زميندار" جو ايڊيٽر، يعني "الوحيد" کان پوءِ سنڌيءَ مسلمانن جي ٻي مکيه اخبار- ان جو ايڊيٽر، ۽ پگهار جملي پنجاهه ڪلدار- وڪٽوريا راڻيءَ جا روپيا ختم ٿي چڪا هئا، نوڙهي بادشاهه وارا روپيا به بند ٿي ويا هئا، هاڻي هئا جارج پنجين جا، جن ۾ چانديءَ کان وڌيڪ مٽ گڏيل هوندو هو.

* * *

نظر علي خان سان واقفيت اڳ ئي هئي، واهپو فقط هاڻي پيو، ۽ دوستي ان کان پوءِ شروع ٿي. نيت جو نيڪ، دل جو اهڙو جو اجرو جهڙو ڪير، مزاج جو مڪڙ جهڙو نرم ۽ مصريءَ جهڙو مٺو، طبيعت جو باغ و بهار، مجلس ۾ وٺو هوندو، هيءَ ڳالهه هوءَ ڳالهه، هندن جا ظلم، مسلمانن جا مسئلا، "فخر قوم" سر پٽو[17]، "محترم قوم" خانبهادر کهڙو، مطلب ته هڪ مان ٻي، ٻيءَ مان ٽين، قصو ڪوتاهه سڄ لهي ويندو، پر نظر علي خان جا قصا ڪونه ڪٽندا. صبح کان سانجهيءَ تائين هڪجهڙي بهاري ۽ ليءِ هوندي. جڏهن سندس دلپسند ڪا ڳالهه ٽيندي هئي، ته وڏا ٽهڪ ڏئي کلندو هو- اهڙا اجرا ۽ مائيدار، جو سٽي ڪورٽ ته خير، پر چاندوڪيءَ جي ٽڏين راتين ۾ هڪ طرف ٽائون هال ۽ ٻئي طرف ليوڪس پارڪ جي هُن ڇيڙي تي پيا ٻڌبا هئا. کهڙي جو وفادار بلڪ جان نثار - مان هوند جيڪر سندس يار وفادار به لکان، پر غريب ۽ امير جي ياري نهندي به ڪانه آهي ۽ جڳائي به ڪانه- خدا بخشيس، خود مرحوم کي ئي اها دعويٰ ڪانه هئي. اهڙو جان نثار ۽ ايڏو وفادار پايان کهڙي کي وري ڪونه مليو هوندو-

جيتوٽيڪ زندگيءَ جي مختلف منزلن ۾ جدا جدا مرحلن تي ڪي ئي ماڻهو ساڻس اچي گڏيا، جن دوستيءَ جون دعوائون ۽ ڪيون هونديون، جن جان نثاريءَ ۽ وفاداريءَ جون لافان ۽ هنيون هونديون، ليڪن يقين اٿم تہ نظر علي خان جيڪا جاءِ ڇڏي ويو، سا ڪنهن ڪانہ پري سگهي هوندي. مهرو وفا، انس ۽ الفت کي جنهن ڪڙيءَ تي هو مرحوم پڃائي ۽ پهچائي ويو، ان تي ٻئي ڪنهن جي مجال، جو آڻي سگهي! سندس مسلمانن ۽ مسلمانن جي مسئلن سان ڏاڍو شغف، بلڪ عشق ڇئجي تہ بيجا نہ ٿيندو، هوندو هو، ۽ هندن سان ازلي ويڑ. ڪيس هو ۽ چگا هٿ ڳنڍيون آيا، لاڙڪاڻي جا فساد، جنهن ۾ هن غريب کي ڪن نہ جن، هندن ڪٽي ڪيس جيل ۾ وجهرايو، ان کان پوءِ سکر جا فساد، جنهن ۾ پڻ ڪوڙيون شاهديون ڏئي، مٿس الزام آندو ويو تہ سوئو هٽي هُنَ فلاڻو هندو سرڳ پهچايو. ان بعد وري ٽيو منزل گاهہ وارو معاملو.[18] مطلب تہ ڪوبہ وجهہ هندن اهڙو ڪونہ ڇڏيو، جنهن ۾ نظر علي خان کي اندر اماڻڻ جي ڪوشش نہ ڪيائون.

حقيقت ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ اهي نهايت ئي دردناڪ واقعا هئا- اڻ سهائيندڙ ۽ دکدائڪ. هندو هر لحاظ سان مسلمانن کان ترقي يافتہ هئا - پيسي ۾، تعليم ۾، ملازمتن ۾ ۽ واپار ۾. سياسي خواه سماجي طرح سياڻا ۽ سجاڳ ۽. هنن ڪوبہ اڳ پوءِ ڪونہ ڳڻيو. الهہ لڳ ڳالهہ ڪبي، مسلمانن جي غير تعليم يافتگيءَ مان ۽ زميندارن جي جهالت ۽ اڌنگن خرچن مان هنن نهايت ئي اجوڳ فائدا ورتا. هنن تي ملڪي هجڻ سبب ۽ وڌيڪ سڌريل ۽ سمجهدار قوم هئڻ ڪري، پائپيءَ جا، برادريءَ جا، پاڙيسريءَ جا، ۽ وڏ ننڍائيءَ جا جيڪي انگ ۽ ننگ هئا، سي هنن پورا ڪونہ پاڙيا، بلڪ هلندي هلندي، مسلمانن جون ڪيئي زرعي زمينون ۽ قرضن ۾، ورتل ۽ اڻ ورتل ڪنڌن ۽ وياجن جي مٿان وياجن ۾، پنهنجي هٿ ڪري ويا.

شهر تہ اڳ ئي سندن قبضي ۾ هئا، زمينن ونڊ سبب ٻاهراڙيون ۽ گهٽي قدر سندن هٿ هيٺ اچي ويون. هنن پوءِ سياسي ٻڌيون ڪري، هندوستاني هندن سان جوڙ توڙ ڪري، مها سيا ۽ ڪانگريس جا پلوَ پڪڙي، سياسي طرح ۽ مسلمانن کي اهڙيءَ طرح ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن هو پنهنجي ملڪ اندر ۽

بيوس ۽ ويچارا ٿي رهن. مسلمانن پنهنجي زور ۽ طاقتوريءَ جي زماني ۾ پنهنجي سنڌي سلطنت جي دور ۾ ساڻن مجموعي طرح هميشہ سنا پير پريا هئا. سنڌ جي جڏهن پنهنجي حڪومت هئي، تڏهن ته هنن هندو مسلمانن جي تفريق ۽ نند وڌائيءَ کي تقريباً ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ هڪبئي کي برابريءَ جو ياءُ ڪري ڏنائون، پر سنڌ تي جڏهن ست ڏارين عربن جو قبضو هو، تڏهن هندن جي اصلي حيثيت نہ فقط سنڌ اندر قائم رهي، بلڪ بغداد ۽ دمشق تائين، سندن عالمن کي گهرائي، لک عزتون ڏنيون ويون ۽ مالي محڪمن ۾ اڪيچار هندن کي مقرر ڪيو ويو. هن پوئين زماني ۾ ڪلهوڙن جو سياهہ سفيد گهٽي حد تائين سندن هٿ ۾ هو. منجهانئن ڪيترن کي سڳيءَ اولاد وانگر "برخوردار" سمجهيو ويندو هو، موٽو مل، مانجهو مل، گدو مل، چيلا رام، گهنشامداس، ٻالڪ رام، شيوڪ رام عطارد، گلراج وڪيل، لالہ امرت راءِ، جسپت راءِ، عزت راءِ، ديوداس، مولراج، ڪرڙ مل، گلاب راءِ، اجومل، تاراچند، هري راءِ، سهج رام، ماڻڪ راءِ، مولچند، دولهہ رام ۽ پائي دولهہ رام- اهي انهن هندو عملدارن مان فقط چند آهن، جن جي هٿن ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جون واڳون هيون ۽ ملڪ جي اُتي ويني، وهي واٽي، نبيري نچيڙي ۽ اندرين ٻاهرين انهن جي هٿ ۾ هئي. اهڙيءَ طرح ٽالپرن جي ڪاروبار ۾ بہ سيني کي جاڙ آهي ته، هندن جو گهٽوئي عمل دخل هوندو هو. سومرن ۽ سمن جي ديسي دؤر يا مغلن جي ڏارئي دؤر ۾ بہ- اهائي ساڳي حالت هئي. اڪيچار هندن جا نالا ملن ٿا، جن جو ملڪي ڪاروبار ۾ حصو، اثر ۽ رسوخ هوندو هو. اهو ته جڏهن انگريزي راج آيو، جنهن جي آٽڙ ۾ بہ اندرئون اندر، بين وطني غدارن سان گڏ منجهانئن بہ ڪيترن جوهٿ ۽ حصو هو، تڏهن کان وٺي هنن جي اک بدلي. ويهين صديءَ جي شروعات کان پوءِ ته کين الائي ڇا ٿي ويو! گويا کين مسلمانن سان گڏ ملڪ ۾ رهڻو ئي ڪونہ هو، ۽ هڪبئي سان سندن جڙ ڪڏهن ڪو واسطو ۽ وجهہ ئي ڪونہ هو! جيئن جيئن سياسي شعور وڌندي ويو ۽ هندستاني سياست سنڌ تي حاوي ٿيندي وئي، تيئن تيئن تفريق وڌندي وئي ۽ جنهن کي جڏهن موقعو مليو، تڏهن ٻئي کي تهس نهس ڪرڻ جا ويچار ٿيندا رهيا، حالانڪ اها نيت ۽ اهو طريقو نہ شانائتو هو ۽

نہ زيبائتو، نہ مناسب نہ موزون. ملکي خواہ برادرانہ قاعدي ۽ قانون جي تحت، کنهن کي بہ ائين کرڻ لاءِ حق کونہ هو.

خانبهادر کهڙو يا ٻيا کيترا مسلمان پوئين دور ۾ هندن وٽ ڇڙو انهيءَ تفريقي تاثر هيٺ غير مقبول بلڪ معتوب ٿي پيا، جو هو وقت سر سندن انهيءَ غلط رخ جي آڏو ايندا ٿي رهيا، ورنہ ٻيو کوبہ گناهہ کانئن سرزد کونہ ٿيو هو. نہ انهن کو ڏاڙو هنيو هو نہ کو خون کيو هو. هندن جي لغت ۾ اهڙن مسلمانن جا لقب "تنگ دل"، "فرقي پرست" ۽ "متعصب" رکيا ويا. پاڻ جيڪي ڪندا ٿي رهيا، سو عين ڪشاده دلي، تعصب کان خالي ۽ بلڪل قومي ۽ وطن پرستيءَ جي شان وڌان هو، ليڪن حق تلفيءَ تي يا حقن کي دستبرد ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ کنهن مسلمان ڪهل ڪهوڙا ڪئي ٿي (جنهن ۾ هنن بہ اڪثر انتها ڪري ٿي ڇڏي)، تہ اُهو اجهو انهن لقبن لڳڻ جي لائق ٿيو ٿي! نفرت، حقارت بلڪ چئجي تہ سندن جهالت ۽ ناعاقبت انديشيءَ جي حالت هيءَ وجي ٿي هئي، جو هڪڙي کنهن انگريزي- سنڌي لغت لکي، ان ۾ اصطلاحاً "مسلمان" (Muslim) جي معنيٰ شايد تہ مسلمان اڪثريت جي اڻ پڙهيلائيءَ کي خيال ۾ رکندي، "جٽ" لکي ڇڏيائين. هندن اها بہ ڪوشش ڪئي تہ سنڌ جي تاريخ کي بہ مرضيءَ موجب بدلائين ۽ واقعن کي اهڙيءَ طرح پيش ڪن، جو انهن مان خود سنڌي مسلمان حاڪمن جو ظلم ۽ هندن جي مظلوميت معلوم ٿئي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪيترا ننڍا وڏا ڪتاب لکيا ويا، جنهن سلسلي جو هڪ ڪتاب "ميرن جي صاحبي" بہ آهي. سنڌي زبان جي رسم الخط کي بدلائي، ظ ۽ ض، ذ ۽ ز جي هم آواز اکرن لاءِ هڪڙي ئي اکر ز جي ڪم آڻڻ، ط جو ڪم ت مان ڪڍڻ، ۽ ص، ث ۽ س جي بجاءِ رڳو س کي ڪم آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. "سنسار سماچار" انهيءَ تحريڪ جي علمبردار هئي! ۽ اهو سيڪجهہ ڇاجي ڪري؟ مسلمانن جي نظر ۾، اهو سيڪجهہ انهيءَ ڪري هو جو اهي زائد اکر عربيءَ ۾ ڪتب آيا ٿي! انسان جڏهن هوش ۽ عقل وڃائي ويهي ٿو، تڏهن ڪيئن نہ وچترائيءَ ۽ سنجيدگيءَ جا ليکا لنگهي وجي ٻئي پار پئي ٿو! ان جو مثال ان دور جي هندن

۽ مسلمانن جي انهيءَ باهمي ويڇي ۽ دوئيءَ جي رخ ۽ روش کان وڌ ٻيو ڪو ڏي ڪونہ ٿو سگهي.

سنڌ ۾ اهو سيڪجهہ اڃڪلهہ کان نہ بلڪ ٿوريءَ يا گهٽيءَ صورت ۾ مدتن کان ٿيندو آيو ٿي، ويڇا پوندا ٿي ويا، دلين جي وچ ۾ حقارت ۽ نفرت جا ڪوٽ کڄندا ٿي ويا، اکين اڳيان لوڀ لالچ ۽ غرضن جا پردا چڙهندا ٿي ويا، مهاسپائي هندو ۽ ليگي مسلمان تہ خير، ڪانگريسي هندن ۽ قوم پرست مسلمانن کي بہ ڪٽي درگذر ڪجي، ڇاڪاڻ تہ انهن کي بہ سياسي خود غرضيون هيون، ليڪن انهن هندو ۽ مسلمان بزرگن بہ انهيءَ ڏس ۾ ڪجهہ ڪونہ ڪيو، جن جي لاءِ مشهور هو تہ هو عالم آهن، صوفي آهن ۽ پيڊياوَ، تعصب ۽ فرقي پرستيءَ مان اصل ڪونہ ڇاڻن. سنڌ جي هندو، مسلم جي انهيءَ بنيادي ويڇي ۽ دوئيءَ ۾ افسوس آهي تہ ڪاڪي ڄينمل مرحوم، لعل چند امرڏني مل، دادي پٽائيءَ، دادي واسواڻيءَ، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، مرزا قليچ بيگ، حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ، ۽ مولوي محمد صادق ڪڏي واري جهڙن وڏن وڏن درويشن، مهاپرشن، عالمن ۽ فيلسوفن، جن جي وات ۾ هر وقت شاهہ جي، سچل جي، جهوڪ جي، ۽ ڪنڍڙيءَ وارن ڪلتارن جي وائي ۽ واکاڻ هوندي هئي، تن بہ ڪو ڦيرو يا تہ آڻي نہ سگهيو، يا وري مرڪوئي هنن ڪا سنڌائتي ۽ اثرائتي ڪوشش ڪانہ ڪئي، حالانڪ اخلاقي طرح مٿن وڏو بار هو.

بهرحال، هلندي هلندي، ڳالهہ اچي اهڙيءَ ڪڙيءَ تي پهتي، دليون ايتريقدر پرجي آيون، جو جي. ايم. سيد جهڙا "سي ۾ پرين پسڻ" وارا ماڻهو بہ بي صبر ۽ بيزار ٿي پيا. اهي جيڪي هميشه هندو، مسلم ايڪتا جي جهوليءَ ۾ جهلندا هئا، اهي جيڪي قومي خيالن وارا ۽ سراسر وطن پرست ۽ قوم پرست شمار ٿيا ٿي، نہ چڙو اسيمبليءَ اندر واکو ڪري انهن چيو تہ "واڻين کي سنڌ مان ائين ڪيڏاسين جيئن جرمنيءَ مان يهودي نڪتا!" بلڪ سنڌ مان ڪهي وڃي، بمبئيءَ منجهان (1939ع ۾)، جناح صاحب کي محمد بن قاسم بڻائي، ڪلهن تي کڻي آيا. هينان جناح صاحب مٿان هوائي جهاز گل گهوريندا هلن. گهوڙا، گڏهہ، بگيون، ٽانگا، پچاڙيءَ ۾ ڪڏي جا ميربحر، مٿن تي رومال رکي، انهن مٿان رسا

وجهي، اُنن تي ائين چڙهي نڪتا، جڏ هاڻي عرب جا "سوسمارخور" [19]سنڌ فتح ڪري دارالخلافہ ۾ فاتحانہ داخل ٿيا آهن! اوستائين قرار ڪونہ ڪيائون، جيسين سڄو جهڳو جهڙ ڪرائي نہ بينا ۽ جيسين سمورو گهر ٻاري ڌِياري نہ ڪيائون- چاڪاڻ تہ هو انهيءَ حد تائين مجبور ڏسڻ ۾ ٿي آيا، جو هنن نہ دور انديشي ڪئي نہ دليل ڏوڙايا، گهر ڪي تيلي ڏيئي بيهي رهيا. انهيءَ ڪري تہ 'گهر ٻلي سڙي تہ سڙي پر ڪوئن جوضرور خاتمو ٿئي!' اهو سيڪجهہ ڇو ٿيو؟ محض هن ڪري جو وڃ ۾ نفرت هئي، حقارت هئي، ماڻهو ٻيو سيڪجهہ سهي ويندو، پر اهو برداشت ڪري ڪونہ سگهندو تہ ڪيس انهيءَ حد تائين مليڇ ۽ پليت سمجهيو وڃي، جو ان جي ڪپڑن مان بہ پئي بچان اچي ۽ ان جي ڏسڻ سان بہ پيون خارون لڳن. اِهي تہ اُهي ڳالهيون آهن، جيڪي انسانيت لاءِ آپگهات جو سبب ٿين ٿيون- قومون تہ پري رهيون - فرقا ۽ طبقا تہ بجاءِ خود رهيا!

اِنهيءَ سلسلي ۾ هڪ ذاتي واقعو ياد اچي ويو آهي. پايان اندازي لڳائڻ لاءِ هتي بيان ڪرڻ موزون ۽ مناسب ٿيندو.

لاهور ڪان ڪراچيءَ ٿي آيس. انٽر ڪلاس ۾ جڏهن جاءِ ڀرجي وئي، ان وقت سکر جو هڪ هندو بسترو ۽ بدڪي [20] ڪٽي اچي در تي بينو. گهٽي ڪوشش ڪيائين، پر همراهن گاڏو کولڻ ڪونہ ڏنس. آخر هيڏي هوڏي واجهائي، مون کي سنڌي، سمجهي، اچي گهت ۽ گهيتر ٻڌائين:-

مَگڻ! تون تہ پنهنجو آهين!
پاڻ ۾ پائر آهيون نہ!
گِلِ ٻڌ نہ ياڙ!
مان بينچ تي ڪونہ ويهندس!
جيئن پائو مان چوان نہ!
تون اصل ويچار نہ ڪر!
مان بسترو رکي ان تي وقت ٽپائيندس!

ايتري ۾ گاڏيءَ جي ڇڻڻ جو اچي وقت ويجهو پيو. پائي صاحب تکڙو تکڙو چوڻ لڳو:-

پائو سڄي وات موجان ڪندا هلنداسي!

چار ٻاٽليون ساڻ اٿم!

ايتري ۾ بيري ماني آڻي مون کي ڏني. پائيءَ واکو ڪري چيو:

سڄڻ ٻڌ تہ! اهو خرچ ڇو ٿو ڪرين؟ مان وٽ مال گنج آهن. پائر آهيون وندي ڪائينداسي!

فڪر نہ ڪر، ڳل تہ ٻڌ، موٽائي ڏينس نہ!

ايتري ۾ گاڏيءَ پهرين ڪوڪ ڪئي ۽ گارڊ جي سيٽي ٻہ ڪنن تائين پهتي. پائيءَ جو حال ڏسڻ وٽان هو، ٻئي ٻانهون ٻڌي چوڻ لڳو:-

پائي پنهنجو ٽي ائين تہ نہ ڪر، سنڌي پائڙ آهيون! قرب ڪر نہ ياڙ!

اهي پائپيءَ جا نڪتا ۽ ملکي ويچار ٻڌي، مون کي ٻہ رحم اچي ويو. سنگتن کان پنهنجي ذميواريءَ تي موڪل ونڻي، در کولي پائيءَ کي مان اندر آندو. پهريون تہ بسترو ڪاکوس جي پڪ ۾ نهايت نوڙت سان رکي، ڏاڍيءَ نماڻائيءَ سان ٽي ان تي وينو. جڏهن پڪ ٽيس تہ گاڏيءَ ۾ اچي چڪو آهي ۽ بستري تي ويهجي ٻہ ويو آهي، ان وقت ڏوتيءَ جي پلاند سان منهن اگهيائين، پوءِ سامت جو ساهہ ڪٽي، صدريءَ جي ڪيسي مان سيل جو پاڪيٽ ڪڍي، سين کي سگريٽ آفر ڪيائين. مون کي ٻہ زور ڪري هڪ سگريٽ ڪٽايائين. ڪو ڳالهائيس نہ ڳالهائيس، پر هي پائي هرهڪ جي ڳلي پوڻ لڳو. ڪلڻ، ٿهڪ ڏيڻ، سودا لمليٽن جون صلاحون ڪرڻ، مطلب تہ جيسين گاڏي هلي ۽ ڪيس خاطري ٽي تہ هاڻي ڪوبہ لاهي ڪونہ سگهندو، تيسين برابر اهي ڪرتب ڪندو رهيو. جڏهن گاڏي پليٽفارم ڇڏي، ٻاهريون سگنل ٻہ ٽپي، سڏي رستي تي رهوال ٽي هلي، ان وقت ڪلندي ڳالهائيندي بستري تان غير محسوس نموني ۾ اٿي اچي هڪ بينچ جي ڪنڊ تي ويهڪ جو هڪ ڪنون رکي، ائين ٽي وينو، جڙ ڪا خاص ڳالهہ ويجهو ويهي ڪرڻي هيس، جنهن بعد وري وڃي بستري تي جاءِ نشين ٽيندو، منيون ۽ قربائتيون ڳالهيون ٻہ ڪندو وڃي، ڪلندو ٻہ وڃي، ۽ آهستي آهستي سرڪندو ۽ سرندو ٻہ وڃي، تان جو جڏهن گاڏي ٻيءَ اسٽيشن تي اچي بيني تہ پائي پوري جاءِ ونڻي چڪو هو. هڪ ٻہ دفعا اٿي، درن کان هيڏي هوڏي نهاري وري اچي

وينو. جڏهن کيس يقين ٿيو تہ کنهن کي بہ اعتراض کونہ آهي، ۽ ويهڪ جي جاءِ بہ سندس قبضي ۾ اچي چڪي آهي ۽ ان تي سندس حق تسليم ٿي چڪو آهي، ان وقت نہ چڙو ٽپڙن کي سوري پوري سوليءَ جاءِ تي ڪري رکيائين، بلڪ مٿين بينچن مان هڪ کي خالي ڏسي، اُٺ ڀؤ ڪري في الحال انگوشو بہ پٺاري ڇڏيائين. ڪجهہ وقت واءُ سواءُ واڇي ڏنائين، جڏهن ڏنائين تہ ان تي بہ کنهن جا ڪن کڙا کونہ ٿيا، تڏهن هڪ دفعو ٻيهر سگريٽ جي آفر ڪري انگوشي سان گڏ بستري جي هڙ بہ ڪٽي مٿي رکيائين. مطلب تہ ڪاڪوس جي در تان اٿي، بينچ تي ويهڪ رکڻ واريون منزلون طئي ڪندي، پائيءَ ڪلاڪ اڌ ۾ وڃي مٿينءَ بينچ تي قبضو جمايو.

مان ماني کائي پوري ڪئي، ليڪن پائيءَ پنهنجي ٻِڪيءَ ۾ پيل 'جام مال' مان، جن ڏانهن هُن انهيءَ وقت اشارو ڏنو هو جنهن وقت گاڏيءَ ۾ اندر داخل ٿيڻ جو مسئلو اڃا زيربحث هو، پوري ڪچوري ۽ مناڻ ڏرو تہ نهيو، پر ڪٽاڻ رتي بہ ڪيڙي ڪانہ ڏني.

گاڏي جڏهن راءِ وند تي آئي، ان وقت ٽانون ڪٽڻ لاءِ بيرو اچي دريءَ وٽان بينو. مان پرينءَ بينچ تي هيس. ٻين اڻ واقفن ۽ ڏارين کي تڪليف ڏيڻ مناسب نہ سمجهي، ٽانوَ ٽپائي پائيءَ کي ڏيڻ گهريم تہ هو دريءَ کان بيري کي ڏئي، ڇاڪاڻ تہ پائي پنهنجو هو، 'پائو' ڪوٺي چڪو هو ۽ هٿاسين بہ هڪ وطن جا ۽ مٽس تازو ٽورو بہ ڪيو هيم، ليڪن منهنجي حيرت جي حد نہ رهي، جڏهن پائيءَ ٽانون ۾ هٿ وجهڻ جي بجاءِ ڏند ڪيڙي چڙو ڪلڻ شروع ڪيو، هِين! هِين!! هِين!!!

ميان اوهين پاڻ ڪٽي ڏيوس نہ!

پائي ڇرڪ ڀري پاسي تي ويو ۽ مان 'پائوءَ' مان ڦري 'ميان' تي پيس.

ٽورو اُٺي باسڻ پاڻ ٽپائي ڏيوس.

هين! هينّ!! هين!!!

پاڻ کي هٿ لائڻ جو ڪينُ آهي!

هين! هين!! هين!!!

سڃي وات سنڌي هندن جي ڪردار جا اهي ۽ پهلو منهنجي دماغ ۾ ڦرندا رهيا- ڪم ڪيڏ لاءِ نماڻائي ۽ نوڙت، ۽ پوءِ نہ فقط اُهائي بي پرواهي ۽ الغرضائي بلڪ اُهائي چوت چات، جا هونئن تہ سندن ڏرمي ضابطي جي ڳالهہ هئي ۽ پاڻ ۾ ۽ ذات پات جي خيال کان اُها ائين ئي رکندا هئا، پر منهنجي ذهن ان مان اِهو تاثر ورتو تہ مون تہ ڪانتي چمچي سان ڪاڏو هو، ماني اسپينسر جي بورچيخاني مان پچي آئي هئي، سکڻن ڏانون کي هت لائڻ پائيءَ کي ان ڪري حرام ٿي پيو، جو هڪ مسلمان جا هت انهن کي لڳي چڪا هئا!

بس ائين بن دلين ۾ هندو - مسلم جي ويڇي ۽ دوئيءَ جي نشان تي جڙ هڪڙو وڏيڪ گهڪو ڪنهن ڪڍي ڇڏيو.

* * *

سنڌ ۾ هندو - مسلم پيد پاوَ جو اهو انفرادي مثال ڪونہ هو، بلڪ سموريءَ قوم جو ڪرداري پس منظر اِنهيءَ دوئيءَ ۽ انهيءَ ويڇي جي پردي تي چِٽيل هو. جيسين هڪٻئي جو اڇو منهن ڪرڻو هوندن تيسين جنسي مڪڻ، جهڙا ماکي، گويا پائرن کان وڌ پائر، جيڪي چئو سو ڪن، جيڪي ڪُڇو سو پورو، اهڙا نرم جو موئي سوئي ڪٽي ڪن ۾ وجهون، مذهب ۽ ڏرم جو ب پيد پاءُ ڪونہ. ليڪن ڪم نڪتي کان پوءِ، هڪَ جو اڙکو ترڪو ۽ اگرتگر اُگهي ۽ سچ حق ۽ ڏما ويڙهي، ٻيو پنهنجي گوڏي هيٺان ائين دٻائي ويهندو، جڙ منجهانئن ڪوبہ واپاري واپاري ڪونهي، ڪوبہ زميندار زميندار ڪونهي، ڪوبہ انسان انسان ڪونهي، بلڪ جيڪڏهن ڪو آهي تہ فقط هندو هندو آهي ۽ مسلمان مسلمان آهي، ائين ڦيرو کائي ويهندا جڙ واقف ئي ڪونہ هئا، گويا ڪڏهن سندن هڪٻئي سان منهن موڪ ئي ڪونہ هو، بلڪ الٽو ويري جهڙا واسينگ.

سنڌ جي سماجي خواہ سياسي اسٽيج تي هندن ۽ مسلمانن جي سالن کان وڻي جنهن تماشي جي رچنا رچيل هئي، ان جي آخري سِين جي ابتدا، مسجد منزلگاهہ واري خوني معرڪي سان شروع ٿي، ۽ ان جو ڊراپ سين انهيءَ ٽريجڊيءَ تي ٿيو، جنهن ۾ هندو واپارين کي اباڻو وطن ۽ ست پشتو ماڳ ۽ مڪان ڇڏڻو پيو. اهو سڃو مال ۽ اڙکوترڪو جنهن ۾ سنڌي مسلمان پاڳين ۽ هٿ هارين جو،

جيڪي سندن ئي پائر هئا، نہ چڙو رت ۽ پونءِ مليل هو، بلڪ ان ۾ سندن اکين مان نڪتل لڙڪ ۽ اندر مان اٿيل آهون ۽ پورهئي مان پيدا ٿيل پسينو ۽ شامل هو، سو ۽ ڪانئن ڪسجي مورڳو ئي وڃي انهن ست ڏارين جي حوالي ٿيو، جيڪي نہ سندن مِٽ هئا ۽ نہ سنڌي مسلمانن جا ئي پائر ٿي سگهيا! جيتوڻيڪ هن سڃي پونڇال ۾ سنڌي مسلمانن ۽ ڪورڪي تڪڙ ڪئي، اڳ پوءِ انهن ۽ ڪونہ جاڇيو، تاهم انهيءَ مامري جي وڏي ذميواري وڌيڪ هندن جي ڪنڌ تي آهي، انهيءَ ڪري جو هو پڙهيل ڪڙهيل هئا، پاڳ وارا هئا، ملڪ جي سياهہ سفيد تي سندن قبضو هو، سياسي سجاڳي ۽ منجهن هئي. مسلمان جيڪڏهن تعداد ۾ وڌيڪ هئا تہ ڇا ٿي پيو! هئا تہ ڪانئن هرڪنهن ڳالهہ ۾ گهٽ. ڪين ئي سوچڻ ڪپندو هو تہ جڏهن ۽ پائر وڙهن ٿا تہ ان مان نقصان هڪ ڪي ڪونہ پهچندو آهي، بلڪ ٻنهي جو ئي جهڳو جهڙ ٿئي ٿو- سو آخر ٿيو ۽ ائين!

اهو هو ٻئڪ گرائوند ڪهڙي صاحب جي متعصب مشهور ٿيڻ جو ان جي پلاند سان پلاند اٽڪڻ سبب آغا نظر علي خان افغان جي فرقي پرستيءَ جو ۽ جي. ايم. سيد جهڙي صوفي منش انسان جي ليگي سياست جو.

* * *

سڪر انهيءَ زماني ۾ هندن جو وڏو ڳڙهہ هوندو هو. هر سياسي خواهہ مذهبي تحريڪ ۾ اتان جا هندو سين ڪان اڳرو حصو ونندا هئا. سڪر جي پهرين فسادن ڪان پوءِ تہ ويتر سخت متعصب ٿي پيا. مهاشيہ موتيرام، شريت ويرومل بيگراج، مسٽر پمناڻي، شريت وليچا ۽ اسان جو عزيز بلڪ محبوب دوست آرت مل پنجابي، بس ڇئي ڪڻي بس ڪيو. مسلمانن جو مسئلو آيو تہ اکين مان رت لهي ايندن.

اهو سندن سياسي ڪردار هو. ليڪن سندن شخصي سياڻ نهايت شريفاڻو- مسلمانن سان ذاتي دوستيون، مرڻي پرڻي جا رستا، شاديءَ مراديءَ ۾ اٿي وينِي، مسلمان دوست وٽن ايندو تہ پاڻ ذري ۽ لمليٽ پيارڻ ڪان سواءِ اصل نہ ڇڏيندس، آجيان ڪندس تہ اٿي بيهي، پاڪر پائي، وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي. خود اسان جي آغا نظر علي خان سان ۽ سندن شخصي رستو پائرن جهڙو هو. جيتوڻيڪ آغا صاحب

جي لغت ۾ متعصب هندو ليڈرن لاءِ مخصوص لفظ هو "دَجال" ۾ جڏهن ڪنهن اهڙيءَ جنس کي پري کان ايندو ڏسندو ته ڪلي چوندو: "آغا منهنجا! اجهو اچئي ٿو دجال!" جڏهن اچي ڏهو ڏهه ٽيندو، ته آغا مرحوم وڏو ٽهڪ ڏيندو: "اچو جناب ديوان پمناڻي صاحب!" "اچو سائين مهاشيه ويرومل صاحب!" "اچو سيٺ موتيرام صاحب!" وغيره وغيره. ملندا هڪبئي سان پاڪر پائي، ڇٽ وڇڙيل آهن- هئا به ته برابر وڇڙيل پائر، پر نٿلهن پاڪرن مان ڇا ورندو؟ دليون ئي ته پچاڙيءَ تائين ملي ڪونه سگهيون! دلين جي آنڊ مانڊ ئي ته اهي طوفان کڙا ڪيا! واءِ قسمت، جي پاڪر پائيندي ڪڏهن دليون به ملي وڃن ها، ته هوند ههڙا هاڃا ڪيئن ٽين ها؟ ۽ نه پنيور کي باهه ئي لڳي ها؟ اڄ به اهي مورتون ياد پون ٽيون، ته ڇٽ دل ۾ جهوراڙو وڻي ٿو وڃي. ڇا ته صورتون هيون، هاءِ هاءِ!

* * *

شريت ويرومل بيگراج، پراڻو قومي ڪارڪن، روزاني سنڌي اخبار جو ملڪ ۽ سمپادڪ، سکر بلڪ سنڊ جي هندن جو مهندار هوندو هو. سنهيون مڃان ڪينچيءَ سان ڪتريل، مٿو مشين تي لٽل، چوٽي البت وڏي، وار سڄا اڇا، پريو مڙس، نهايت شانائتو پيو لڳندو هو. سڄي پوشاڪ هٿ جي اٽيل ڪاڏيءَ جي، گانڌي ٽوپي، ڪڙتو ۽ ڌوتي، پير ۾ اڇو سليپر ۽ بت تي چادر ويڙهيل، جنسي مهاپرش پيو لڳندو هو. ڳالهائيندو ته آهستي، مٺي آواز ۽ لهجي سان، "ادا"، "پائو"، "مَنَ" ڪري مخاطب ڪندو. پاڪستان ٽيو، تڏهن به وطن ڪونه ڇڏيائين. پچاڙيءَ ۾ ڏک به سٺائين، ليڪن دل ڪٽي نه سگهيو. مان (1948ع) ۾ ڪيس آخري مرتبو "هاردلي هائوس" ۾ ڏٺو، جڏهن پير پاڳاري سان ملڻ آيو هو. هڪ هٿ ۾ لڪڻ، پيو هٿ رام جي ڪلهي تي، سڄو ڪنبو، وک ڪٽي پيو، ته سهڪو پيو ٽئيس. سکر وارا جوش ۽ جذبا، مانَ ۽ مرتبا ياد ڪري ۽ وري اِهي ڏينهن ڏسي گهٽي گهٽي تائين مون کي ويسورو وڻي ويو!

اصل ۾ سيٺ، ليڪن قومي ڪم ڪندي مهاشيو، ٿلهو متارو موتيرام، پري کان لڏندو ۽ ڪلندو ايندو، ويجهو ايندو ته ڪٽي پاڪر وجهندو. جيترو وقت ويهندو ته ڪل چرچو پوڳ. مسلمانن جي چنچري لاهڻ جون ڳالهيون به خود مسلمانن کي

ئي ڪلندي ڪلندي اهڙيءَ طرح چئي ويندو، جو پنهنجو موت انهن کي ٻه پيو وڻندو. آزاد ميدان وٽ اَنَ جي وڏي ڪوٺي هوندي هيس. ڪوٺيءَ جي طول وهاڻن ۾ اچن گاديلن تان اٿي، سامهون آزاد ميدان ۾ پيل استيج تي چڙهي جڏهن تقرير ڪندو هو، تہ ڪيترا هندو جيل وڃڻ لاءِ تيار ٿي بيهندا هئا. قومي تحريڪن ۾ ڪئي دفعا قيد ٻه ڪاٿي چڪو هو. ٿوپي بخمل جي ڪاري پائيندو هو ۽ ڪڏهن کاڏيءَ جي گانڌي ڪٽ. لٽا اُهي ئي، هٿ جي اٽيل جوڙيءَ جا، هيٺ تي ڏوتي، بت ڪڙتو. نظر علي خان مهاشيہ ويرومل کان ٻه وڌيڪ ويري ڪيس سمجهندو هو. پر هو مڙس لاڪيڻون، لوڏئي لک لهندي هئيس. پاڪستان ٿيڻ بعد لڏي ويو. خدا ڄاڻي جيئرو ٻه آهي، الائي سرڳواسي ٿيو.

شريت وليچا، نوجوان وڪيل، قد جو بندرو، شڪل صورت جو ٺاهوڪو، مڃان پوپٽ جي مثل هوندیون هيس. شروع کان پچاڙيءَ تائين ڪانگريس ۾ رهيو. ڪيترا دفعا جيل ٻه ويو. شريت ويرومل ۽ پائي موتيرام جڏهن نظر علي خان کي ڏسندا هئا، تہ سندن اکين ۾ 'لوهو'[21] تري ايندو هو ۽ دل "سنسار سماچار" جي محاوري مطابق "ڏکو" کائي ويندي هين. ليڪن وليچا نيت ۾ تہ هوندو ڪٽي الائي ڪيئن ٻه هو، پر ظاهر ۾ هُنن ٻنهي کان زياده مٺ ۽ محبت سان ساڻس ملندو هو، تنهنڪري ان جي باري ۾ نظر علي خان جي راءِ هميشہ "محفوظ"[22]رهي. اهائي حالت هئي اسان جي دوست 'هندو ليگ گزيٽ' جي ايڊيٽر مهاشيہ آرت مل پنجاپيءَ جي. متعصب مهاسبائي ذهنيت ۾ ۽ ڪٽر آريہ سماجي مذهب ۾. مسلمانن لاءِ اخبار ۾ ڪڏون ڪوٽيندو وتندو، ليڪن شخصي دوستي هندن سان نہ بلڪ مسلمانن سان هوندي هيس. ڪائيندو پيئندو ٻه مسلمانن سان هو. سندس وقت ٽن حصن ۾ ورهايل هوندو هو: صبح جو اخبار ۾ مسلمانن کي گاريون ڏيندو، منجهندو جو زناني ويم گهر جي دروازي کي اکئين لايون معصوم شاهہ جي مناري واريءَ چانوَ ۾ ڏوتيءَ جي پَلوَ کي پيو هيٺ مٽي ڪندو، ۽ شام کان پوءِ رات جي مانيءَ تائين اسان وٽ هوندو. دل جي درد جا داستان، ڪڏهن اکين ۾ ڳوڙها، ڪڏهن ٽڏا چوڪارا، ڪڏهن وصال جي ورق ورائڻ لاءِ رڻان ۽ اسڪيمان. بهرحال دوست مننار هو. پريس پنهنجي هيس. اصل 'جاڳڻ'

جو هو. سردار خالقداد خان[23] مرحوم سان دوستي هيس. پهريون اتان گڏجي هڪ هفتيوار اخبار ڪڍي هئاسون، ليڪن جڏهن خالقداد رحلت ڪئي، تڏهن پائي آرٽ مل اتان لڏي اچي سکر ۾ وينو. قد جو ٿورو بندرو هو، ليڪن شڪل صورت ۾ جنسي مورت. اردوءَ سان خاص دلچسپي هيس. عبدالحليم شرر ۽ بين مسلمان اديبن جا سمورا ناول پڙهيا هئائين، تنهنڪري سندس زبان فارسي آميز ۽ نهايت شسته هئي. "نمڪدان ظرافت" نالي هڪ مزاحيه ڪالم لکندو هو، جنهن تي 'نمڪ' کي هميشه زيريون ڏئي چوندو هو "نِمِڪِدان ظرافت". اسان جڏهن کلندا هئاسي ته ڏاڍو شڪي به ٿيندو هو، ليڪن اُڇار پڇاڙيءَ تائين سڏاري ڪونه سگهيو. جيتوڻيڪ رات ڏينهن اسان سان گڏ هوندو هو، ماني به گڏ کائيندو هو، تاهم جڏهن نظر علي خان کيس پري کان ايندو ڏسندو هو، ته وڏي واڪي چوندو: "آغا منهنجا! اجهو اچيوَ ٿو دجال، هندو جاتيءَ جو دلال!" آرٽ مل کي روبرو چوڻ ۾ به حجاب ڪونه ڪندو هو، چاڪاڻ ته بيتڪلفي جو هئي. اهي لقب ويچاري تان تڏهن لٽا، جڏهن سکر جي هندن آغا تي سوئي سان [24] هندوءَ کي مارڻ وارو کيس ڪيو، جنهن ۾ هندو جاتيءَ جي مخالفت هوندي به آرٽ مل سچي شاهدي ڏئي، نظر علي خان جي جند آزاد ڪرائي. مسين مسين ان کان پوءِ وجي ٿيو "برادرم ديوان آرٽ مل صاحب!"

نظر علي خان مرحوم جي پٻِئي ته "ڏرم ويرَ" جي مالڪ ٻائي امرداس سان به ڪاڻ هئي پر ان لاءِ ڇڻي ڪجهه ڪونه سگهندو هو. هڪ ته هو ماڻهو هو سانتيڪو ۽ مذهبي، قومي تحريڪن سان دلچسپي ضرور هيس، ليڪن ٻاهر نڪري حصو ڪونه وٺندو هو، ۽ ٻيو وڏو سبب ٽارو ڪري وڃڻ جو اهو هو، جو هفتي ۾ به دفعا نظر علي خان اوڏر تي ڪانئس اخباري پنو [25] وٺندو هو. جڏهن ٽائيپ جو ڪو کيس وٺڻو هوندو هيس، تڏهن ته نظر علي خان به گهڙيون ويهي ساڻس ڪچهري به ڪندو هو، ۽ ان وقت کيس اها به دعوت ڏيندو هو ته جيڪڏهن ٻائو صاحب پاڻ ميدان ۾ نڪري هندو - مسلم ناهه جي ڪوشش ڪري، ته هوند نظر علي خان سندس هٿ هيٺ انهيءَ ڪارج ۾ ساڻس ڏاڍي مدد ڪري! نظر علي خان هندو - مسلم اتحاد تي زور ڏيندي، ور ور کيون پيو کيس يقين

ڏيارينڊو هو ته ٻائي صاحب جي سھڻي ۽ سانتيڪي سياڻ سبب مسلمان ڪيس ڏاڍو چاهين ٿا، هو سندس چيو هرگز نه موٽائيندا، خود کھڙو صاحب به انهيءَ ڪم ۾ اڙ پچو سندس پوئلڳ ٿي پوندو- نه "سنڌ زميندار" ۾ ايترو پئسو ٿيو، جو روڪ رپيا ڏئي پنا ونې سگھجن ۽ نه نظر علي خان ئي پچاڙيءَ تائين انهيءَ قسم جي دعوتن ڏيڻ کان باز آيو، نه اڙ پچو کھڙو صاحب ئي ٻائي صاحب جي ڪيڏ لڳو. بهرحال جيسين مرحوم جيئرو هو، تيسين انهيءَ صورت ۾ پنن ۽ ٽائيپ وارو ڪم واه جو ٽپائيندو آيو. پايان پچاڙيءَ تائين ٻائو صاحب اها رمز پروڙي ڪونه سگھيو، ورنه سکر جو هندو ۽ مسلمان کي اوڏر ڏئي، سو به انهيءَ اخبار لاءِ جيڪا هندو جاتيءَ جي مخالف هجي، اِها اڙ ٽيٽي ڳالھ هئي!

* * *

---

[1] پريس جي جاءِ "سنڌ زميندار" سان لڳ، مارواڑين جي پاڙي ۾، مدرسي بوردنگ هائوس جي پر ۾ هئي. جاءِ ٻه- طبقي هئي، هيٺ پريس ۽ مٿي مالڪ پاڻ رهندا هئا. شيخ سليمان جو وڏو فرزند شيخ عبدالعزيز خلافت تحريڪ جو مڪيو ڪارڪن ۽ قومي ورڪر هو. راقم الحروف کيس 41- 1942ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڏٺو. پائن کان ڏار، هڪ ننڍيءَ ليٿو پريس تي گذربسر ڪندو هو. شيخ عبدالباقي، سندس ٽيون نمبر پاءُ، حال حيات سنڌ سرڪار جي زرعي محڪمي جو مڪيو عملدار آهي.

[2] مئي 1928ع ۾ نظر علي خان مقرر ٿيو. ٻن ٽن مهينن اندر احمد علي خان عليگ ۽ سندس وچ ۾ جھڳڙو ٿي پيو. احمد علي خان استعفا ڏني ۽ راشدي صاحب ايڊيٽر ٿيو.

[3] لاردِ ارون جو زمانو: 1926ع - 1931ع. گانڌي - ارون پڪٽ جو سال: 1931ع.

[4] سائمن ڪميشن 1928ع ۾ آئي.

[5] سرحد جي انهيءَ هلچل تي ظفر علي خان پنهنجو هڪ نظم "زميندار" ۾ ڇپيو، جنهن جو عنوان هو "فرزندان سرحد"، اُن جا چند شعر هي آهن:

ملک الموت کو خاطر مين نه لاني والي
گوليان، تاني هوئي سينون په کھاني والي
قبر تک جبر کو سهتي هوئي جاني والي
صبر کا معجزه دنيا کو دکاني والي

جانتي بهي هو ڪ ڪس خاڪ سي اٺهي هي يہ قوم
جس ڪي گن گاتي هين اور گائين گي گاني والي
فـــــخـر هـي صوبہ سرحد ڪـــو، ڪ ان ڪي ذري
هين خمير اس ڪـي شجاعـت ڪـا انـاني والـي .

(گجرات جيل ۾ چيل - 1930ع)

[6] "سنڌ زميندار" يا سکر جون ٻيون هندو اخبارون گهٽو ڪري خبرون انهن اخبارن تان نقل ڪنديون هيون. انهيءَ زماني ۾ ٽيلي پرنٽر ٻہ ڪونہ هئا ۽ سڌين خبرن گهرائڻ جو رواج ٻہ ڪن خاص اخبارن کان سواءِ ٻين ۾ ڪونہ هو.

[7] مرحوم اهو بيت ڪڏهن ڪڏهن سر سان ڳائيندو هو. اسان ٻہ ڳائڻ ۾ سندس همنوائي ڪندا هئاسي. مرحوم ان تي ڏاڍو ڪلندو هو. گهٽن ڏينهن بعد جڏهن معنيٰ معلوم ٿي، تڏهن مرحوم جي ڪلڻ جو راز وڃي سمجهہ ۾ آيو.

[8] مسٽر يار محمد ميمڻ ان وقت دفتردار هو.

[9] امان الله ۽ سندس گهر واريءَ جون اعتراض جوڳيون ليڪن فرضي تصويرون افغانستان ۾ تقسيم ڪيون ويون، جن ۾ ڏيڪاريل هو تہ امان الله ۽ سندس بيبي شراب پين ٿا، يورپ ۾ غير مردن ۽ عورتن سان ناچ ڪن ٿا، راڻي ثريا اهڙي پوشاڪ پائي ٿي،جنهن ۾ نيم ننگي پئي لڳي!

[10] أنهيءَ خط جي ڪاپي "زميندار" کان سواءِ لاهور جي "انقلاب" اخبار ڏانهن ٻہ آئي هئي، ليڪن مولانا غلام رسول مهر ٻن سببن ڪري ان کي شايع نہ ڪيو- هڪ تہ نادر خان سان سندس ذاتي تعلقات هئا، ٻيو تہ هن سمجهيو تہ افغانستان ٻن خوني انقلابن مان مسين مسين ٽپي هاڻي پار پيو آهي- هن وقت اهو خط ڇپي ماڻهن جي جذباتن کي وري هيجان ۾ آڻي، ٽئين انقلاب جو آغاز ڪرائجي، اهو مناسب نہ ٽيندو، اُها نہ عقلمندي آهي ۽ نہ مسلم دوستي. مولانا ظفر علي خان مرحوم تہ هو چڙو جذباتي، نہ خيال ۾ رکندو هو مصلحت ۽ نہ ڏسندو هو وقت، جيڪي دل ۾ آيس سو ڪري وڃي پار پوندو هو، پوءِ نتيجو ڪٽي چا ٻہ نڪري.

[11] ديناناٿ سهگل کي پاڪستان بنجڻ کان پوءِ مان ڪراچيءَ ۾ ڏٺو، جڏهن هو 'ڦر بسائو ڪميٽيءَ' جي وفد سان گڏ آيو هو- قد جو ننڍو، سٽ ورهيہ ڪن ڄمار، ڏاڙهي مڇان ڪوڙيل، بدن تي ڪارا لٽا مان ڪانئس پڇيو: "هاڻي تہ آزادي ملي آهي، ڪارن لٽن کي تہ هن وقت لاهڻ گهرجي!" ڏاڍي ڏکويل لهجي ۾ چيائين- "ليڪن منهنجو ماتم تہ اڃا جاري آهي، هي جو هندو مسلمانن جو نفاق هليو اچي!" هيءُ مقدمو چار سال هليو- 29- 1933ع هن ۾ ٻيا ٻہ ڪيترا ملزم هئا، جهڙوڪ: ايس. اي. ڊانگي، ايم. آر. گهاٽي، ايڇ. سي. وتسائنا، مظفر احمد، ايم- اي- مجيد، ۽ ٻي غير ملڪي ٻہ هئا، جن مان هڪ انگريز هو، جملي 40 کن مجاهد گرفتار هئا.

[12] 1929ع جو اسيمبليءَ ۾ بم هنيو ويو. محمد پناهہ خان ڊڪٽ ان وقت بحثيت ميمبر جي موجود هو، جنهن چشم ديد قصو ۽ پيدا ٽيل فضا جو بيان ڪيو.

[13] 23- مارچ 1931ع جي اڌ رات جو ڪين راويءَ جي ڪناري تي ڦاسي ڏني وئي .

[14] 31- ڊسمبر 1931ع جي ان رات جو پهريون دفعو ڪانگريس مڪمل آزاديءَ جو ٺهراءُ پاس ڪيو.

[15] ايڊيٽر مجيد ملڪ صاحب.

[16] منهنجي ڳوٺ جي ريلوي اسٽيشن.

[17] "الحقيقت" اخبار سڀ کان پهريون سر پٽي کي "فخر قوم" لکڻ شروع ڪيو هو، جنهن جي جواب ۾ "سنڌ زميندار" ۾ کهڙي لاءِ نظر علي خان مرحوم "محترم قوم" جو خطاب ايجاد ڪيو.

[18] منزل گاهه تي مولانا ظفر علي خان جو هي نظم زميندار ۾ ڇپيو:

غيرکي تحويل مين مسجد هي منزل گاه کي
قبضئه طاغوت مين هي جائداد الله کي
يه وه گهرهي جس مين ملتا هي سبق توحيد کا
اور اٺها دي هي تميز اس نې گدا و شاه کي
يه وه گهر هي جس نې پهيلائي هي ايمان کي ضيا
روشني پڙتي هي جس سي ماند، مهروماه کي
يون پڙا هوتا نه تالا گهر مين رب کعبه کي
حڪمراني سندهه مين هوتي گر آصف جاه کي
اي مسلمانو! نشان "معصوم" کا مٽني نه دو
تاڪ هو آسوده روح اس مرد حق آگاه کي
آج سڪهر مين هي دنگل ڪفر اور اسلام کا
ديکهه لي هندوستان ڪشتي يه کوه وڪاه کي
مزده هو اسلام کو باطل کي شه رگ ڪٽ گئي
جب لگائي هم نې آڪر ضرب الاالله کي
ڪافرون سي جاڪي ڪهدو نڪتہ چين دين پرنه هون
دين مين گنجايش نهين هي جبر اور اڪراه کي
اس سمندر کا شناور زادهء توحيد هي
لا نهين سڪتا خبر گردون بهي جسڪي تهاه کي
ڪهدو گاندهي سي نه الهجي ملت اسلام سي
عرش تک پرواز هي اسڪي جهان سوز آه کي
سلسبيل و ڪوثر و تسنيم کا هي اتصال
سنده کا دريا هي يا رحمت رسول الله کي

ميري نظمِ گــوهــريــن هي آفــرين سي بي نيــاز
وه ســخنور هــون نهيــن پرواه جسکو واه کـــي
سندهيون کو جاکي دو پيغام مسلم ليگ کا
هي تلاش ان کوگر آزادي کي سيدهي راه کي.

منزل گاهه جي هٿرادو پيدا ڪرايل فساد کان اڳ، جي- ايم- سيد، الهه بخش شهيد جي وزارت کي ڪترائڻ لاءِ، مسلم ليگ کي دعوت ڏئي، جناح صاحب کي سنڌ ۾ گهرائي، 1939ع وارو اجلاس سڏائي، پاڪستان وارو ريزوليشن پاس ڪرايو. جنهن بعد سنڌ جي سياست ۾ سموري هندوستان جي هندو- مسلم سياست جو رخ ۾ هواءِ بدلجي وئي.

[19] فردوسيءَ جو مشهور شعر ۾ بشار بن برد يا متوڪلي شاعر جو عربي شعر يا انهيءَ دور جي ٻين شاعرن جا عربي توسيع پسنديءَ جي خلاف چيل شعر ڏسڻ گهرجن، (مفاج اول ص 23 تا 30) انهن شعرن مان ظاهر آهي ته جن ملڪن کي عربن فتح ڪيو، انهن مذهب کان زيادهه سلطنتي ڦهلاءَ جو جذبو ڪارفرما هو، ۽ مقامي ماڻهن سندن انهيءَ جذبي خلاف نهايت شدت سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

[20] "بدڪي" انهيءَ کي چئبو آهي، جنهن لٽي ۾ هندو پنهنجا ٽپڙ ٻڌندا آهن - بجاءِ بيگ جي هو بدڪي کڻندا هئا.

[21] اهو سکر جي هندن جو اکر هو، 'لوهو' معنيٰ لَهو، رت.

[22] مرحوم پنهنجي راءِ ظاهر ڪرڻ نه گهرندو هو ته چوندو هو "منهنجي راءِ محفوظ آهي."

[23] سردار جاڳڻ خان ٻئي جو ننڍو ڀاءُ. جي عمر وفا ڪريس ها، ته سنڌ جي مسلمانن ۾ موتي ٽئي ها، پر 22-23 جي جمار ۾ فوت ٿي ويو. نيڪ ۽ سلڇڻو نوجوان هو. حيرت هئي ته زميندارن جي آکهه ۾ اهڙو امل ماڻڪ ڪيئن پيدا ٿيو! شايد اهوئي سبب هو، جو آب و هوا راس نه آيس. مڪڙي ٽڙندي ئي ڪومائجي ويئي ۽ ٽاريءَ مان چڙي اچي زمين تي پئي.

يه قول اپني لطافت کي داد پا نه سکا،
کلا ضرور، مگر کل کـي مسکرا نه سکا!

[24] سکر جي پهرين فسادن ۾ هندن نظر علي خان تي ڪيس ڪيو هو ته هن ڳوٺين جي سٻڙ وارو سوئو هٽي، هڪڙي هندوءَ کي ماريو آهي. سي. آءِ. ڊيءَ ۾ جاچ هلي. جنرل لائبريريءَ جي لائبريرين مسٽر ماڪيجاڻيءَ، ريمگٽن ٽائيپ رائيٽر جي ايجنٽ مسٽر ٽنڊن ۽ آرت مل شاهديون ڏنيون ته جنهن تاريخ تي اهو قتل چيو وڃي ٿو ته ٿيو آهي، ان تاريخ تي نظر علي خان سکر ۾ هوئي ڪونه. هندن ڏاڍا زوربار آندن، ليڪن اهي ٿيئي هندو دوست سچ کان منهن موڙي نه سگهيا. انهن جي ئي شاهديءَ تي نظر علي خان جي جند ڇٽي.

[25] اخبار جي پني جو هڪ ريمر. 0- 14- 1 ملندو هو. پريس ۾ ڪڏهن ته ايترا پئسا به ڪونه ٿيندا هئا، جو پنو وڻي سگهون.

افسوس آهي، جو سنڌ جي مسلمانن، باوجود مرده پرست هجڻ جي به، نظر علي خان جهڙي مخلص خدمتگار کي نه چڙو جلدي وساري ڇڏيو بلڪ مرڳوئي دل جي ڦرهيءَ تان ڏوئي ڇڏيو. حالانڪ گهرئون پنهنجي کائي، سڄي عمر، مرحوم ڳُڻ سندن ڳاتا. سندس جذبو ۽ جدوجهد ڪجهه ڪري سگهيا يا نه، ليڪن هن وٽ جيڪا وٽ هئي، سا هميشه پيش پرين جي ڪندو آيو. مڙس هو مسڪين ۽ دوالي بند، قوم کي ٻيو چا ٿي ڏئي سگهيو! هڪ زبان هيس، به هٿ به پير، سندس اهي ئي پنج عضوا هميشه مسلمانن جي خدمت ۾ متحرڪ رهيا. ڇهون هيس جسم، جيڪو پڻ ڏڇها ۽ ڏاڪڙا سهي، آخر ايترو نڇهري ويو، جو وقت کان اڳي کيس هتان وڃڻو پيو.

آغا نظر علي خان مرحوم جي شخصيت، خوبيون ۽ خصوصيتون، وضع قطع ۽ اُٿي وينِي، قومي محبت خواهه ذاتي ڪردار ۽ گفتار، اهي سڀ ايتريقدر سُهائيندڙ ۽ دلچسپ هئا، جو هوند کيس اسان جي قومي تاريخ ۾ جاءِ ملڻ کپي. خير، ٻين تي ڪهڙو ڏوهه، خود.

جنين کاڻ مياس، سي کانڊي مئي جا ڪونہ ٽيا!

جڏهن انتقال ڪيائين، تڏهن ماڻهن جو خيال هو ته خانبهادر صاحب کهڙو مٿانئس ڇپر جهلائي رکندو- ڪفن دفن، پٽر پوتي، ڏنو ورتو، ملو موراڻو، جمائو چاليهو، سڀ پاڻ ڪندو. ليڪن ميت سينگارجي سنوارجي، نماز لاءِ جڏهن وڃي جنازي گاهه ٻيڙو ٽيو، تيسين ڪو اُنهيءَ طرف کان وانگي به ڪونہ وريو. ماڻهن سمجهيو متان 'صاحب' جن کي وقت جي خبر هجي، سو ات ٻوڙ ڪري، ڳاڙهي بنگلي ڏانهن ماڻهو به سيڙائي موڪليائون. ليڪن افسوس! کهڙو صاحب ان وقت جوڏ پوري برجيس پائي، جناب ڪمشنر صاحب بهادر ممالڪ سنڌ سان ڪچي ۾ شڪار تي وڃڻ لاءِ بنگلي جي ٻاهرئين دروازي تي پهچي چڪو هو. نصيب جي ڳالهه هئي موقعو اهڙو ٿي ٻيو. مرحوم جي قسمت ۾ لکيل ڪونہ هو ته جڏهن سندس مامرو متيءَ سان ٽئي، ان وقت جنازي نماز ۾ اهو ماڻهو شريڪ ٿي سگهي، جنهن کي سڄي زندگي هو 'اسلام اخلاق' جو پيڪر ظاهر ڪندو رهيو. ماڻهن ۾ ان تي چرپر به ٿي، سرٻاٽ سس پس ۽ ڪنَ -

ڳالهيون هليون، مرحوم جي گهر واريءَ کي ٻه ڪن ماڻهن تڏي تي مهٽا ڏيئي ورتا. سندس يتيم نندڙن نينگرن کي ٻه ڪن صاحبن مٿي تي هٿ گهمائيندي صاف چئي ڏنو. ليڪن اهو سيڪجهه هو ته سراسر اجايو ۽ صفا بيسود- پلا آسمان ۽ زمين جو ڪهڙو ميلاپ؟ عرش ۽ فرش جو ڪهڙو ميل؟ پست ۽ بلند جي ڪهڙي نسبت؟ غريب ٻه ڪو امير جو دوست ٿئي ڇا؟ ننڍو ماڻهو وڏي ماڻهوءَ جو ڪو شاني شريڪ ٿئي ڇا؟ پل هزار خدمتون ڪري، پل رت ٻه ڏئي، پلي ڪٽي سر جي بازي ٻه ڪيڏي، پوءِ چا ٿي پيو! اهو ته سندس مَرَڪُ آهي، اها ته سندس ڊيوٽي آهي، اهو ته مٿس ڏاڍيءَ سرڪار طرفان فرض آهي، ان لاءِ ته غريب هن دنيا ۾ خلقيو ويو آهي، نه ته امير جي خدائي هوند ڪيئن هلي سگهي! پنج آڱريون برابر آهن ڇا؟ سياڻن انهيءَ ڪري 'فرق مراتب' جو لفظ لغت ۾ آندو آهي!

* * *

"سنڌ زميندار" جي آفيس سکر جي مارواڙي محلي ۾، ٽڪر تي هوندي هئي، مسٽر محمد ابراهيم سيلاٽي جي جاءِ ڪان ٻه، چار جايون اورتي ڏکڻ ڏي، نم جي لاهيءَ طرف، "الحق" پريس سان گڏ، ۽ سکر جي مدرسة الاسلام جي سامهون.
انهيءَ جاءِ ۾ ڪيئي لطيفا ٿي گذريا- پريس ۾ ايتري اپت هوندي ئي ڪانه هئي، جو وقت سر ملازمن کي پگهارون ملي سگهن، يا ڪنهن ڏکئي سکئي وقت ائدوانس ڏئي سگهجي. "آٽيون ۽ چاڙهيون ڏٺ ڏهاڙي سومرا" وارو قصو هوندو هو. ڪنهن مت جي موڙهي خريدار چندي جا ڏهه رپيا موڪليا يا ڪنهن سرڪاري نوٽيس جي ڇپائيءَ جو پنجاهه - پنجويهه اڇي ويو، ته واهه، ورنه مهينن جا مهينا پيو ٽنگ ٽپي تي ڪم ڪيبو هو. منهنجي پگهار پنجاهه رپيا هئي، ليڪن پنجن سالن ۾ مون کي ياد نه آهي ته ڪڏهن کي ڏهه رپيا ٻه گڏ مليا هوندا، ۽ نه اهوئي ڪو ڇئي سگهندس ته پگهارن جو حساب پچاڙيءَ تائين چڪتو ٿي سگهيو. جڏهن سخت ضرورت هوندي هئي، تڏهن نظر علي خان مرحوم رپيو ٻه هٿ تي رکي چوندو هو: "آغا منهنجا! اجهو وٺ، وڃي هاڻي اڏاءِ!" واقعي مان ٻه سمجهندو هيس ته ڇڻ لک ملي ويا. مرحوم جو پنهنجو گذر ٻه، خدا سان ڪم

پوندو، اهڙيءَ طرح ٽڪ ٽنبڻ ۽ تير تڪلي تي هلندو رهندو هو. اسان ٻنهي جو ته خير معاملو اور هو، پيو وقت ٽپائبو هو، ليڪن معرڪا تڏهن ٿي چڪندا هئا جڏهن ڪمپازيٽرن کي وقت تي پيسو ڪونہ ملندو هو. ابوبڪر ته خير عمر رسيدو ۽ سنجيدو ٻہ هو، ليلا رام مشين مين ٻہ هندو هو، پٽ ست ڪيون پيو وقت ڪيندو هو، نظر علي خان جي حالت دراصل خراب ڪندو هو خانيو ڪمپازيٽر - نوجوان، گرم خون، قوم جو سيلاتو، ڪاوڙ هيمشه ڪن تي. مهينو-اڌ دم دلاسي تي گذاري چڏيندو هو، ليڪن جڏهن ٻئي مهيني کان ٻہ ڳالهہ مٿي چڙهي هلندي، ان وقت گارگند کان نوبت ٽپي، لڙائيءَ جهڳڙي تائين پهچندي هئي. ڪمري ۾ اندر نظر علي خان بند ۽ ٻاهران در تي خانيو ڪمپازيٽر مع راجسي چاقوءَ جي، ڏاڍيان پيو چوندو.

"نڪر ٻاهر، ته تو اسان جي خبر پوي! ڪيستائين اندر هوندين؟ غريبن جا گهٽا ڏينهن پئسا ڪاڏئي. اڇ چڙو ٻاهر، ته ڇُرو هڻين پيٽ ڦاڙيندو سانءِ!"

اهي ٻول ٻڌي، نظر علي خان اندر وينو "يا حفيظ يا حفيظ!" پڙهندو هو. پنئين دروازي کان ٽپي، جڏهن ڪو ماڻهو وجي مسٽر محمد ابراهيم سيلاڻي کي ونڊي ايندو هو، تڏهن وجي نظر علي خان جي جند ڇٽندي، ڪمري جا در ڪلندا، ۽ ٻاهر اڇي تازي هوا ڪائيندو. عيد براد ۽ ننڍي وڏي ڏينهن تي جنسي ڪاري قيام ٿي ويندي هئي، سڄو پاڙو پنبو ڪنو ٿي، اڇي تماشو ڏسندو هو. ان وقت ابوبڪر ٻہ متانت ۽ سنجيدگيءَ کي پنيءَ پاڻنهن اڇلي چوندو هو، "آغا صاحب، اها شرافت ڪانہ آهي! عيد سندي ڏينهن ٻہ اسان بک مرون!" ڪڏهن ته اهڙا موقعا ٻہ آيا، جو ليلارام، رامو ۽ گيلو جڏهن پٽ ست ڪري ڪجهہ رپيا ڪٽي آيا، تڏهن وجي آغا مرحوم جا ڇِڪ ڇٻيڙ مان پلوَ آجا ٿيا. اهو نمونو سالن جا سال هليو. جڏهن حالتون سڌري نہ سگهيون، تڏهن اهي مامرا ۽ مذڪور اسان جي عادت ۾ داخل ٿي ويا.

* * *

مون کي جيڪا ڪٽ سمهڻ لاءِ پنهنجي پاءُ ڪان ورثي ۾ ملي هئي، ان جو واڻ وچ مان ڇڳل هو. گهٽو ئي منجهانس ڪم ڪيم، ليڪن ڳالهہ وس ڪان انهيءَ

وقت نڪري وئي، جڏهن چيلهه وجي زمين سان لڳي. نظر علي خان جي پنهنجي ڪٽ تہ اُها هئي، جيڪا مرحوم عبدالوهاب خان گهران ڪٽي آيو هو. انهيءَ تي احمد علي خان ہ سمهيو ۽ ان کان پوءِ نظر علي خان ہ استراحت فرمائي، گهريلو، مضبوط ۽ پائدار، ليڪن مان واري هئي بازاري، ڪچي واڻ جي، جنهن جي جوانيءَ ۾ جملي قيمت ہ رپيا مس هوندي. بهرحال هڪ ڏينهن نظر علي خان پنج رپيا هڙ ۾ وجهي اخباري پنا خريد ڪرڻ بازار ڏانهن هليو. مون کي چوندو ويو تہ "آغا منهنجا! ڪٽائي يار، اڄ تنهنجي قسمت! جي دجال پنن جي اوڏر ڪئي، تہ هنن پئسن مان تنهنجي ڪٽ آڻبي!"، يعني،

جيڪڏهن ٻائو امرداس آغا صاحب جي ڏاڪي تي چڙهي آيو،

جيڪڏهن آغا صاحب جي ڪا تقرير دلپذير[1] ڪيس لڳي وئي،

جيڪڏهن ان کان پوءِ هن جي منهن تي مرڪ آئي،

جيڪڏهن ان کان پوءِ هن مئنيجر کي اشارو ڏنو،

جيڪڏهن مئنيجر ہ في الحال اڳيون قرض نظر انداز ڪيو،

جيڪڏهن ان کان پوءِ ہ ريم آغا صاحب کي رکت تي ڏنا ويا،

مطلب تہ جيڪڏهن اهي سڀ مرحلا حسب منشا خوش اسلوبيءَ ۽ خير خوبيءَ سان طيءِ ٿي ويا ۽ آغا صاحب پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ۽ ڪامران ٿي ڏرم ويڑ پريس مان ٻاهر نڪتو، تہ پوءِ! وجي اسان جي ڪٽ جو موڪ ٿيندو، ۽ پوءِ ان جي گويا معنيٰ اها هئي تہ منهنجو پاڳ ڪلي پيو! سو گهڙيءَ کان پوءِ ڏٺم تہ واقعي پاڳ پڙايو. نظر علي خان شادان ۽ خندان، ٽلندو، ٽهڪ ڏيندو، ڪٽ ڪٽائي اچي پهتو. چي، "آغا منهنجا! اجها هيءَ تنهنجي ڪٽ!" ڪٽ کي سلائي، نوڪائي، واڻائي اوڏانهن ئي نيڪ ڪرايون آيو: "آغا! واهه جي ڪٽ آهي! پائدار، مضبوط، واڻيل ڏاڍيءَ ڪاريگريءَ سان، ۽ آغا منهنجا، ملي ہ ڏاڍي سببائتي وئي! ڪم خرچ بالانشين!" رات جو خبر پئي تہ هئي برابر بالانشين، ليڪن منهنجي سائيز کان گهٽي ڪجهه گهٽ، يعني اڳ چيلهه پٽ تي هوندي هئي، هاڻي پير پڻن تائين ڪٽ کان ٻاهر لڙڪاڻ لڳا. جڏهن نظر علي خان اهو رنگ ڏٺو، تڏهن

چيائين، "آغا! فڪر نہ آهي. اصل نازڪ جاءِ انسان جي چيلهه آهي، پير لڙڪيا تہ پرواه ناهي."

"آغا! چيلهه تہ محبوبن جي نازڪ ٿيندي آهي."

وڏو ٿهڪ ڏئي چوندو: "آغا منهنجا! تون بہ تہ اجا شڪر پشم آهين! ها! ها! ها!"

"آغا! تو پناڻڪي ڪانہ ڇڏي. ها، هاڻي ڪو پشتو غزل ٻڌاءِ."

"وُئي، وُئي، وُئي، وُئي، وُئي،
الڪا نہ غي پزوڙ ما پزڙڪي الا!
الڪا نہ غي!
وُئي، وُئي، وُئي، وُئي!!
الڪانہ غي!"

ٻنهي کان ٿهڪ نڪري ويندا! اهڙا چرچا پوڳ ڪندي، ڪل خوشيءَ ۾ ٿهڪن جي گود ۾ اکيون ٻوڙجي ويندیون. اک تڏهن کلندي، جڏهن پريات جو ڏسندس تہ آغا مصلي تي سجدي ۾ پنهنجي رب جي حضور ۾ جهڪيو پيو آهي.

سوختیم و هیچکس بر سوز ما واقف نشد،
چون چراغانِ شبِ مهتاب بیجا سوختیم.

* * *

سکر سنهاري جي ڳالهه ڪيڙ مان اصل مقصد تہ ٻيو هو، ليڪن قصن مان قصا نڪري ويا، برسبيل تذڪره! ۽ ارتجالاً! هاڻي بہ حاصل مطلب تي اچان، ان کان اڳ انهن ٻن اکرن جو شان نزول ٻڌائڻ ضروري ٿي پيو- 'برسبيل تذڪره' ۽ 'ارتجالاً'. اهي ٻئي اکر اخباري دنيا ۾ ڪثرت سان استعال ٿيندا پهريون دفعو مون سکر ۾ ڏٺا.

'گانڌي - اِروِن پيڪٽ' ٿي چڪو هو، گول ميز ڪانفرنس جي شروع ٿيڻ وارو زمانو مٿان هو [2]، هندو مسلمانن کي انگريزن اهڙو اٽڪائي ڇڏيو، جو حقن حاصل ڪرڻ جي نالي ۾ هڪٻئي جا بر ميچڻ ۽ پوتيون ڪچڻ لڳا، پاڪستان ان وقت ڪنهن کي خيال ۾ بہ ڪونہ هو، ۽ نہ جناح صاحب ئي مسلمانن ۾ مقبول ٿيو هو، سواءِ هن جي تہ گاهي ماهي سندس چوڏنهن نڪات پيا ٻڌبا هئا. اهو دور

مولانا شوڪت عليءَ ۽ مولانا محمد عليءَ جو هو - جذبات ۽ هيجان جو دور، ڏوان ڏار تقريرن ۽ تحريرن جو دور، جلسن ۽ جلوسن جو دور، پُر شوڪت لفظن ۽ پُر هيبت عبارتن جو دور. پنجاب ۾ مولانا ظفرالملت والدين يعني ظفر علي خان جي ڏاڪ هئي:

نعرهٔ تڪبير!
الله اڪبر!
حضرت ظفر الملت والدين!
زنده باد!

مولانا لٽ ڪٽي اٽندو. عربي عبا اڇڪن مٿان، اڇ پڇو اڇي ميدان تي پهچندو. انگريزن جي هِتئون گهڙي وڃي هُتئون نڪرندو. هندن تي هڪ لهندي ٻي چڙهندي. جوش جذبو، گرماگرمي ۽ هماهمي ايڏي، جو ڪڏهن ڪڏهن ته تقرير اڃا ختم ئي ڪونہ ڪندو هو، جو اتان ئي پوليس وارا ڪاهي وڃي ڪاٽ ۾ وجهندا هئس، ۽ ڪڏهن جي ڀاڙ سلامت موٽندو ته دفتر ۾ پهچي "زميندار" ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ اهڙو لکي ڇڏيندو، جو پريس بہ ڇٽ ته اخبار جي ضمانت بہ ضبط.

* * *

مولانا مهر جو قول آهي ته جڏهن انگريز ڏسندا هئا ته هاڻي مولانا جو ٻاهر رهڻ مفيد نہ آهي، ته هو پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهن ڇاڙتي ڪي اشارو ڪري ڇڏيندا هئا، جيڪو گورمينٽ ڪاليج جي چند مٿي ڦريل ڇوڪرن کي گهرائي چوندو ته 'فلاڻي مسئلي متعلق ضرور مسلمانن کي جلسو ڪرڻ گهرجي ۽ مولانا کي ان ۾ تقرير ڪري انگريزن کي ڇتاءُ ڏيڻ کپي، ورنہ مسلمان تباه ٿي ويندا!'- بس ايتري دير هوندي، ڇورا وڃي مولانا جي در تي پهچندا.

نعرهء تڪبير!
الله اڪبر!
مولانا ٻاهر نڪري ايندو.
مولانا ظفر علي خان!
زندهہ باد!

زميندار اخبار!
پائنده باد!
انگريز!
مرده باد!

مولانا يڪدم انگريزن تي هلان شروع ڪري ڏيندو. سي. آءِ. ڊي نوٽ وٺندي. ٻئي ڏينهن مولانا شاهي قلعي جي جيل خاني ۾ هوندو. "زميندار" ۾ سرخي ايندي:

"حضرت ظفر الملت والدين کو گرفتار کيا گيا،
مولانا کي فرمود سي انگريز تلملا انا"

واه! واه! ٿي ويندي! 5-6 مهينن بعد انگريز ڏسندا ته مولانا کي هاڻي اندر رکڻ جي ضرورت نه آهي، تڏهن باهر ڪڍي ڇڏيندس. مولانا جيل جي دروازي تي نڪري، مجمعي اڳيان وري هڪ تقرير ڪندو ۽ جلوس جي وچ ۾ هار پائي، وڏي وقار ۽ دٻدبي سان اچي "زميندار" جي دفتر وٽ پهچندو، اتي به هڪ ڏوان ڏار تقرير ڪندو. "زميندار" ۾ خبر شايع ٿيندي:

"حضرت ظفر الملت کي رهائي، اسلاميان لاهور کي طرف سي
شاندار استقبال، انسانون کا ٹاٹين مارتا هوا سمندر! 'الله اڪبر'
اور 'زنده باد' ڪي فلڪ شگاف نعرون ڪي درميان مولانا جيل
سي دفتر تڪ تشريف لائي."

بهرحال مولانا مرحوم جي اخبار جون سرخيون انهيءَ زماني ۾ هي هيون: جلسه او جلوس، الله اڪبر، زنده باد اور پائنده باد، ظفر الملت و الدين، نيلي پوش، ٿودي بچا هاءِ! هاءِ! خيبر سي راس ڪماري تڪ زلزلہ، همالہ کي چوٽيان لرز اٿين، وغيره وغيره الغرض اسلام ۽ آزاديءَ جو پروانو سيڪجهه سهي ويندو، ليڪن هندو ۽ انگريزن کي ڪڏهن معاف نه ڪندو. هندن کي البت ڪڏهن لٽ ڪڏهن ڇٽ. جي راضي ٿيندو ته چوندو:

..... بادِ بهاري هي،
صبا کي دوش پر آج جواهر کي سواري هي!

جي ڪنهن ڳالهه تي ناراض ٿيو، ته پوءِ الامان والحفيظ! چوندو:

ڪانپتي تهي اس ڪي هيبت سي زمين و آسمان
جب مسلمان گهر سي نڪلا باندھ ڪر سر پر ڪفن
شيخ ڪي تهمد ني گانڊي ڪي لنگوٽي سي ڪها
مين پرستارِ خدا هون تو پرستارِ وطن.

بهرحال جي پرتل آ، تہ آسمان تي پهچائي ڇڏيندو، جي رڻ تہ زمين کان ست گز هيٺ نهوڙي نيندو.

گول ميز ڪانفرنس تي جڏهن هندوستاني نمائندن جو انتخاب ٿيو، تڏهن مولانا بہ ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ پاڻ بہ جنهن صورت ۾ مسلمانن جو رهنما آهي، تنهنڪري ضرور نامزد ٿيڻ کپي. تارون، پيغام، جلسا، ٺهراءَ، ايڊيٽوريل، مطلب تہ مولانا وس ڪري ڇڏيا. ليڪن انگريزن ڪيس ڦُهيو بہ ڪين. شايد نہ مولانا جي بالغ نظريءَ تي ڪين اعتماد هو ۽ نہ اهوئي ڪين يقين هو تہ مولانا ڪانفرنس هلندي ڪو پنهنجي جذبات تي قبضو رکي، سنجيدگيءَ سان بحث ڪري سگهندو، ممڪن آهي تہ اوچتو اٿي بيهي ڪو ڏُلم ڪري رکي! تنهنڪري پنجاب مان هنن سرشفيع، سر فضل حسين ۽ سر اقبال جهڙا اصحابِ فڪر و نظر ڪنيا. مولانا شايد اهو سور پي وڃي ها، ليڪن غضب هي ٿيو، جو هندستان مان سندس ٻين ڪيترن معاصرن سان گڏ مولانا محمد علي ۽ مولانا شفيع دائودي پارا بہ نمائندن ۾ شريڪ ڪيا ويا. ويتر جو وري ڪيون "ميلاپ" ۽ "پرتاب" چيڙون، سو ڇڻ پولي جي پڇ ڪي اچي باهہ لڳي. مولانا صفا مٺجي ويو، ڇڻ برندڙ جبل ڦاٽي پيو، جنهن جا ٽاندا هندستان کان ونڊي لنڊن تائين ساڙهار ڪرڻ لڳا. غضب، ڪاوڙ ۽ غصي سان پريل ايڊيٽوريل روز لکڻ لڳو. ايتري تي بہ اکتفا نہ ڪيائين، جوش ۽ جذبي ۾ ايڏو بي قابو، جو عام سنهو اخباري خط ڇڏي، 'جلي حروف' يعني ٽلهن اکرن ۾ ڊبل ڪالم اندر انهن مضمونن کي ڇپڻ شروع ڪيائين. زبان، محاورا، ترڪيبون، جملا ۽ جوڙ، عنوان ۽ سرخيون ڏسڻ وٽان هونديون هيون، نثر ۾ نظم وارو رس آڻي ڇڏيندو هو، جوش ۽ جولان ايترو جو پڙهندڙن جا ماشا ئي ڦري ويندا هئا، سکر جي گرم گوديءَ جا پنجابي ۽

شهر جا چنيوٽي چرم فروش، پنهنجا حقا چڏي، ڪٽن تان اٿي ڪڙا ٿيندا هئا، ٻيو وس نہ پڄندن تہ پڇاڙيءَ ۾ سکر جي هندن کي ئي ٻہ، چار ٻول ٻڌائي ڇڏيندا هئا.
مولانا پنهنجن اهڙن خاص نوشتن کي، جن کي جلي خط ۾ شايع ڪندو هو، 'ايڊيٽوريل' يا 'ليڊر' ڪونہ سڏيندو هو، بلڪ انهن تي نالو رکيو هئائين: "مقاله خصوصي" يا "مقاله افتتاحيہ". "مقاله خصوصي" اهو هوندو هو، جنهن ۾ ڪنهن خاص ڳالهہ يا ڪنهن خاص شخصيت تي بحث ڪيو ويندو هو، ۽ عام مسئلن تي لکيل ايڊيٽوريل "مقاله افتتاحيہ" سڏبو هو. اهي ٻئي ترڪيبون درحقيقت مولانا مرحوم جي ذاتي لغت خاص جون آهن، جيڪي پوءِ اخباري دنيا ۾ عام طرح مستعمل ٿي ويون.
انهن ئي خصوصي مقالن ۾ جڏهن مولانا مسلمانن جي حقن تي قلم کڻندو هو، تڏهن انگريزن جي اسلام دشمنيءَ ۽ هندن جي مسلم آزارين جا قصا انهن ۾ "برسبيل تذکره" بيان ڪندي ڪندي، گول ميز ڪانفرنس ۾ ڪيس نہ چونڊي انگريزن جيڪا 'اسلاميان هند' جي جذبات سان راند کيڏي هئي، ان ڏانهن بہ "برسبيل تذکره" اشارو ڪري ويندو هو.
خصوصي مقالن، ڊبل ڪالم ۽ جلي قلم کان سواءِ مولانا ٻيو ڪم هي ڪندو هو، جو روزانو هڪڙي معرڪي جي نظم ناهي، پهرئين پيج جي پوريءَ تخطيءَ تي شايع ڪندو هو. اهي ئي ٽلها اکر، اهوئي جلي قلم. ڪڏهن گانڌيءَ جي خلاف، ڪڏهن نهروءَ تي نوڪ، ڪڏهن مهاشيہ ڪرشن ۽ خوشحال چند خرسند تي ٽوڪ، ڪڏهن گول ميز ڪانفرنس تي هجو تہ ڪڏهن انگريزن جي اقتدار تي ضرب، مطلب تہ هلندڙ مسئلن تي، سچ اهو آهي، تہ سندس نظمون بي پناه هوندیون هيون، زبان، رديف، قافيا، زمين، عجيب و غريب ترڪيبون، مطلب تہ ماڻهو جڏهن پڙهندو هو، تڏهن ائين پيو پائنبو تہ اهي بيت ۽ مصرعہ نہ بلڪ شڪرقند آهن، مصريءَ جون ڳڙيون يا ماکيءَ جون لاران. انهن نظمن مٿان نوٽ هوندو هو تہ "اڄ صبح جو حضرت ظفرالملت و الدين ناشتي کان پوءِ حقو چڪيندي هيئين نظر ارتجالاً ڇڻي، جيڪا ناظرين ڪرام جي ملاحظي لاءِ هيٺ ڏجي ٿي." يعني، حضرت مولانا صاحب جن جو نظر چوٽ جو ارادو اصل ڪونہ هو، ليڪن حقي

جي وزم کان پوءِ دونهين سان گڏ شعر ۽ پنهنجو پاڻ ئي ٺڪ ٺڪ ڪندا ٻاهر نڪرندا ويا. اهو درحقيقت وڏاءُ ۽ ڪوڙ هو. مولانا نظم چوندو ئي ائين هو: هر وَزَمَ پٺيان هڪ شعر، جيترا وزم اوترا بيت. اهي نظمون، جن ۾ مسلمانن جي بهادريءَ ۽ فتوحات جو ذڪر هوندو هو، تن کي نہ چڙو جلي حروف ۾ بلڪ خاص اهتمام سان ڳاڙهيءَ مسُ ۾ شايع ڪرائيندو هو، تاڪ پل انهيءَ کي پڙهي، "پرتاب" ۽ "ميلاپ" جي ايڊيٽرن کي خصوصي طرح ۽ عام هندن کي عام طرح پنهنجو حشر ياد اچي وجي، پل سندن جسمن ۾ سياندو ۽ دلين ۾ ڏڪو جاڳي، ۽ پل تہ سندن اوسان خطا ٿين. بهرحال مطلب اهو آهي تہ "ارتجالا" جي اکر جي ابتدا اُتنهن ٿي، جنهن کان پوءِ اردوءَ جو هر شاعر 'ارتجالا' ڪلام چوڻ لڳو. هاڻي تہ خير ماءُ پيٽان ئي ارتجالاً اردو غزل چوندا ٻاهر نڪرن ٿا.

مولانا کي شل مولا سائين جنت ۾ جايون ڏئي، عجيب و غريب ۽ عاليشان انسان هو. جي چڙو شاعري ۽ نثرنگاري ڪري ها، تہ هوند اردو ادب جي خزانن کي هيرن جواهرن سان پُر ڪري ڇڏي ها، پر ندوريءَ سياست سان پاند اٽڪايائين، ۽ وريو ۽ ائين ڪجهہ ڪوڙ ۽ پاڻ کي ۽ اجايو ڏنو ڪيائين ۽ ادب کي ۽ نقصان پهچايائين. مولانا سياست جي ڏاڻءَ جو اصل ڪوڙ هو. محض عظيم شاعر ۽ بي مثل ليکن جذباتي نثر نگار هو.

"رب ڪعبہ کي قسم، راسڪماري سي ليکر بندهيا چل کي چوٽيون تک کي سر زمين روند ڀالي جائيگي، تهہ و بالا کي جائيگي، الٽ دي جائيگي- زير و زبر هو جائيگي، خون کي نديان بهہ چلينگي، جن کا ڏارا فرنٽيئر کي پهاڙون سي نڪل ڪر همالہ کي دامن" تک چلا جائيگا اسلامي شهسوارون کي گهوڙون کي ٽاپين ايي تک هند کي وادیون مين گونج رهي هين، ڪيا سمجهہ رکا هي هند کي لنگوٽي بند ني؟ انگريز ڪون هوتا هي؟ ملڪ راصل همارا هي- يہ فرنگي ڪون هي جو تصفيہ ڪرني بينا هي؟ يہ جاکي قر مانچسٽر ۾ اپني ترازو سنپالي مين اعلان ڪرتا هون ڪہ اسکو ملڪ سي نڪل جانا چاهئي! فرنگي استعمار کيڏجيان ضائي آسمان مين بکير دونگا"

وغيره وغيره. انهيءَ نموني جا دڙڪا ۽ دهمان هندن کي ٻڌائي، سندن ڏوتي پسائڻ جي پيو کوشش کندو هو، ۽ اهڙيءَ طرح للکار کندو هو، جو گورن جي هتي رهڻ جو سڄو دارومدار جڻ فقط مولانا جي ذات گراميءَ تي وجي ٽيو هو! انگريزن جڏهن مولانا کي گول ميز کانفرنس تي نه چونڊيو، ان وقت جيڪي چونڊجي ويا انهن تي مولانا فقرو چست کيو: 'ٽوڊي بچ هاءِ! هاءِ!' بس پوءِ ته سڄي ملڪ ۾ هوءِ هوءِ پئجي وئي: "ٽوڊي بچ هاءِ! هاءِ!"

جڏهن قاديانن سان وڙهيو ۽ قادياني تحريڪ شروع کيائين ان وقت فقرو مشهور ٽيو: 'مرزا ٽيچي!'[3] پوءِ ته قاديانن جو اُٽڻ ويهڻ بند ٿي ويو، جتان وڃن، جنهن محلي جو پاسو ڏئي لنگهن، ننڍو وڏو پڪاريندو:

"مرزا ٽيچي، هاءِ هاءِ!"

"مرزا ٽيچي هاءِ هاءِ!"

الغرض مولانا جنهن کي ڪو لقب لاتو، بس ان جو ٻيڙو غرق، ستياناس. "زميندار" اُن زماني ۾ گويا قوم جي زبان هئي. جيڪا ڳالهه ان ۾ شايع ٿي، سا قوم جي زبان تي چڙهي.

* * *

مولانا جيڪي تقريرون کندو هو، انهن ۾ هندن کي تنبيهه ڪرڻ لاءِ، انگريزن کي ڏيکارڻ جا، ۽ مسلمانن کي اپارڻ جي ڪاڻ، نهيل ٽڪيل لفظ، فقرا، جوڙ ۽ جملا هوندا هئا، ۽ انهن تي سندس زبان اهڙو هري وئي هئي، جو جيڪڏهن ڪنهن ٻئي موضوع تي تقرير کندو هو، تڏهن به هلي هلي، وچ مان ٽڙڪي، وڃي ساڳين انهن فقرن تي ٻيهندو هو. اها عادت انهيءَ زماني ۾ هرهڪ تقرير ڪندڙ جي هئي. عطاءُ الله شاهه بخاري، احسان احمد شجاع آبادي، مولانا حبيب الرحمان لڌيانوي، مولانا ظفر علي خان جو فرزند مولانا اختر علي خان مرحوم، سيني جون تقريرون گويا هڪ سانچي ۾ ڍليل هونديون هيون. پوئين زماني ۾ جڏهن ليگ زور ورتو، ۽ مولانا جي بقول حسن بن صباح جي پيالي مان گويا هندستان جي مسلمانن حشيش جو ڇڪو چاڙهيو، تڏهن ته گارگند، هلان ۽

هڪلن جي حد ٿي وئي، انگريز وچ مان نڪري ويو، روءِ سخن وجي چڙو ٿيو هندوءَ ڏانهن، سالن جا سال، زبانون وري انهيءَ تي هري ويون!

مون کي ياد آهي، نهرو - لياقت پيڪٽ کان پوءِ، اخبار نويسن جو هڪ خير سلهي وفد برادرم علي محمد شاهه راشدي صاحب جي سرڪردگيءَ هيٺ دهليءَ ويو- اُن وفد سان اختر علي خان به شريڪ هجي. هندن سکن ڏاڍيون مرحبائون ڪيون، هڪٻئي کي ڏسي، پاڪر وجهي اوچگارون ڏئي رنا، هرڪو پنهنجي ڪئي تي پشيمان ۽ نادم هو. هڪ ڏينهن دهليءَ ۾ سکن اتنهن جي وڏي گردواري ۾ سپني ايڊيٽرن کي گهرايو. مرد عورتون، جوان پوڙها هزارن جي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيا، تقريران شروع ٿيون، سڄي جلسي ۾ روڄ پئجي ويو. سکن التجا ڪئي ته پنجابي زبان ۾ مولانا اختر علي خان تقرير ڪري. مولانا تقرير شروع ڪئي. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ جڏهن مولانا جي تقرير جوش ۽ جذبي ۾ چوٽ چڙهي وئي، ۽ مولانا جذبات جي وهڪري تي اچي پهتو، ان وقت تقرير جو اصل موضوع دماغ مان نڪري ويس. وساري وينو ته ڪو خير سلهه تي آيل آهي، پلي ويو ته سکن جو جلسو آهي، اها به خبر نه رهيس ته هرڪو روئي رهيو آهي، زبان هڪ دفعو وري ڪروٽ ڪاڌي، پاسو بدلايو، اهي سالن جا دهرايل فقرا بي اختيار زبان مان نڪرڻ لڳا:

"ڪون هوتا هي سکه اور هندو، گودا نڪال ڪي باهر رکدونگا"

اوچتو خاموشي ٿي وئي. ان کان پوءِ سس پس، جنهن بعد سڄي ايوان ۾ ٽهڪڙو پئجي ويو. مولانا جي نرڙ تي پگهر نڪري آيو. دل جو صاف، نيڪ ۽ نيت جو ڪُندو ڪين هو، مجلس به اهڙي هئي، ڪِلي تقرير هلائيندي چيائين: مون کي معاف ڪجو، سالن جا سال هڪٻئي کي گاريون ڏيندي زبان هري وئي آهي، اڄ پهريون دفعو آهي جو مٺ محبت، پيار ۽ رس رهاڻ جي ڳالهه زبان کي ڪرٽي پئي آهي، ڪڏهن ڪڏهن پراڻي عادت تي تقرير رستي تان ٽڙڪيو وجيو ٻاهر پوي.

اهڙيءَ طرح تحريرن ۽ تقريرن جو رڪارڊ پريل هوندو هو- گويا سُئي چڙهي ۽ ساڳيو آواز، ساڳيا لفظ، ساڳيا دڙڪا، ساڳيا دهمان. اها حالت چڙو مسلمانن جي

ڪانه هئي، بلڪ انهيءَ دور جا هندو ۽ سک مقرر ٻه پير پنٿي ڪونه هئا. فرق فقط هي هو ته مولانا کي خدا زبان ڏني هئي، ان ۾ قوت هئي، ان ۾ قدرت هئي، جملا، لفظ، فقرا ۽ بندشون، سندس ٻانهن ٻڌا ٻيلي ۽ خريد ٿيل خانه زاد هئا، تقرير ڪندو هو ته زمين آسمان جو سڄو وچ زيرو زبر ٿيڻ لڳندو هو، لکندو هو ته دماغن ۾ هلچل اچي ويندي هئي، نظم چوندو هو ته زبان ان جي حلاوت ۽ شيرينيءَ جا مزا پئي ماڻيندي هئي.

خدا بخشيس، هر چند دماغ تي دل غالب هيس، عقل تي جذبو حاوي هئس، پر هو قوم جو سچو سپاهي. سپاهين لاءِ هونءَ ٻه عقل کان زياده ٿئي جذبي جي ضرورت ٿي. سڄي زندگي آرام نه ڪيائين، لڙندو رهيو، ڪڏهن هِن ميدان تي ڪڏهن هُن ميدان تي، اڄ هڪ فرنٽ تي سياڻي ٻئي فرنٽ تي، بلڪ هڪ ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه جهيڙا ٻه جوڻي وجهندو هو. هڪ ئي وقت انگريز، هندو، قادياني، احرار، شهيد گنج، پنهنجا، پراوا، "انقلاب"، "ميلاپ"، "پرتاب"، گانڌي، نهرو، شوڪت علي، محمد علي، مسئلو ڪٿان جو ٻه هوندو، اشرق جو هجي چاهي مشرق جو، مولانا سڀ جي اڳ ۾. نظام جي پٽ کي انگريز برار ڏين يا نه ڏين، ليڪن مولانا ان کي "هزرايل هائينس پرنس آف برار" ضرور لکيو وينو هوندو. هڪ طرف جيش اسلامي تيار ڪندو، ٻئي طرف اسلامي بازار ناهيندو. مطلب ته ايڏي عجلت، ايترو جوش، اهڙي بيچيني ۽ بيقراري، انهيءَ حد تائين جذبو ۽ ان سان گڏ حرارت ۽ حدت، جو تحريڪ مٿان تحريڪ پئي ٽڪاءُ ڪندي، ليڪن اسلام جو هر حالت ۾ بول بالا. الله جو پڪو ٻانهون، رسول عربيءَ جو شيدائي. الله، رسول، اسلام ۽ عرب جو نالو آيو ته مولانا تاب جهلي نه سگهندو، لونءَ لونءَ ڪنڊارجي ويندس، اکيون ڳاڙهيون ٿي ايندس، مڇ پئي ڦڙڪندس. ڪا چگي ڳالهه ٻڌندو جنهن ۾ اسلام جي سرفرازيءَ جي اميد هوندي، ته اکيون چمڪڻ لڳنديس، چپن تي فاتحانه مرڪ نروار ٿي ويندس، پوءِ جهل نه ڏيندو. جهٽ اٿي يا ته قلم کڻي ڪو "خصوصي مقالو" لکندو يا حقو ناهي وزم ويهي هڻندو ۽ شان اسلاميءَ ۾ شعر ناهيندو. مصلحت، دوراندیشيءَ ۽ تدبر جا لفظ مولانا جي اڳيان بي جان ۽ بي معنيٰ هئا. وقت جي تقاضا چا آهي، ان کي ٻه نه

ڏسندو. ڪندو فقط اهو هو جيڪو دل چاهيندي هيس. گردن وڏ وڏيرن اڳيان بہ ڪانہ جهڪيس، جي جهڪيس تہ فقط پنهنجي خالق اڳيان. ٻين اڳيان هميشه لڪ هٿ ۾ ڪٽي، سينو ڪڍي هليو. اکيون نراڙ ۾ ۽ ڪياڙ آسمان تي. خدا جا سپاهي ٿيندا بہ ائين آهن، سواءِ پنهنجي مالڪ جي ٻين کان ڊڄن ئي ڪونہ.

ڪراچيءَ ۾ ڪانگريس جو اجلاس ٿيو- انهيءَ ميدان تي جتي هاڻي مولانا عثمان ۽ سيد سليمان ندويءَ جون قبرون آهن. مولانا وڏي طمطراق ۽ بلند آهنگيءَ سان، لاهور کان سيني پوئلڳن کي ڪڍ لائي، هلي اچي شامل ٿيو. پهرئين ڏينهن ئي ڪليل اجلاس ۾ تڪرار ڪري وڃائين. چي، سڄو اجلاس نماز جي وقت بند ٿيڻ گهرجي. مسلمان فقط 3-4، ٻيو سڀ هندو عالم. گانڌي جيءَ چيو تہ مسلمان بيشڪ وڃي نماز پڙهن، ليڪن اجلاس بند ٿيڻ نہ گهرجي، البت ان وچ ۾ معمولي مسئلن تي ڪم ٿيندو، اهم مسئلا تڏهن ڪٽبا، جڏهن مسلمان نماز مان فارغ ٿي ايندا. پر مولانا ڳالهہ ڪري ۽ اها نہ مڃي وڃي! گانڌي نہ هجي ڪٽي ڪير بہ هجي، ڪانگريس جو اجلاس نہ هجي ڪنهن جو بہ هجي، مسلمان پنج هجن يا پنج هزار، هتي سوال هو حق جو، اسلامي شان جو، ۽ مولانا ظفر علي خان جي سخن جو. مولانا اٿي بيهي ڏوان ڏار تقرير ڪئي، ان کان پوءِ مولانا جي ساٿين ڪيو:

نعرهء تڪبير!
الله اڪبر!
مولانا ظفر علي خان!
زنده باد!
اسلام!
پائنده باد!

بس، مولانا ڏنڊو ڪٽي اٿيو. صفان هٽائيندو، اجلاس ڇڏي، سڌو ريلوي اسٽيشن تي، اتان سڌو لاهور. پوءِ تہ هڪ طرف ڪانگريس ٻئي طرف مولانا، وچ ۾ غريب اسلام. ڪيئي ڏينهن رونشو هليو. جڏهن وري ڪو ٻيو مسئلو پيدا ٿيو ۽ مولانا جو توجهہ اوڏانهن ڇڪيو، تڏهن وڃي گانڌيءَ ۽ اسلام جي جند ڇٽي.

مولانا جون اهي سڀ چِلولايون اوستائين هليون، جيسين ليگ وجود ۾ ڪانہ آئي هئي. جڏهن هندستان جي مسلمانن اهو نئون راه ۽ رند تراشيو، تڏهن مولانا ماند پئجي ويو.

1940ع ۾ جڏهن ليگ جو لاهور ۾ اجلاس ٿيو، تڏهن مان سياسي اسٽيج تي آخري مرتبو مولانا کي ڏٺو. ڪاري عبا پائي، نيلي پوشن جي ننگين تلوارن جي جلو ۾ جلسي کي چيريندو، اچي اسٽيج تي چڙهيو. نہ 'الله اڪبر' ٿيو، نہ ڪنهن 'زنده باد' ڪيو. اهي نعرا اڄ ڪنهن ٻيءَ شخصيت جي قبضي ۽ قدرت ۾ اچي چڪا هئا. مولانا تقرير شروع ڪئي. جناح صاحب ڪرسيءَ تي فروڪش هو. پنجن منٽن بعد جناب جي نراڙ تي گهنڊ نروار ٿيو. ڇهين منٽ بعد مسلمانن ڪيو:

"بيٺ جائو!"
"بيٺ جائو!"
"نهين سنتي!"
"نهين سنتي!"

مولانا خاموشيءَ سان لهي هليو. نيلي پوشن ننگيون تلوارون ڪٽي اچي وري ڪيس وچ ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن مولانا خبر نہ آهي ڇا سوچيندو، تڪڙي تڪڙي وک ڪٽندو، نيلي پوشن کان بہ اڳ پنڊال مان نڪتو هليو ويو. اسلاميان هند جي سياسي اسٽيج تي "ظفر الملت والدين" جي نمودار ٿيڻ جو اهو پويون ڏينهن هو. پاڪستان جڏهن ٿي ويو، پوءِ تہ مولانا ڪومائجي ويو. پويان ڏينهن بلڪل بيهوشيءَ ۾ گذاريائين. هوش ۽ حواس- جيڪي ٿي رهيو هو يا جيڪي ٿي چڪو هو، ان کي، محسوس ڪرڻ کان جواب ڏئي بينا هئا.

آخري دفعو مولانا کي مان لاهور ۾ ڏٺو، جڏهن اخباري وفد هندستان ٿي ويو. لياقت، نهرو پيڪٽ کان پوءِ "زميندار" جي دفتر ۾ مولانا سان ملاقات ڪئي وئي. زارو نزار، جهور، اهو آواز جنهن جي گونج منيءَ صديءَ تائين هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچندي رهي، ان ۾ اهو زور ڪونہ، زبان جنهن سڃي زندگي موتي ۽ لعل بخشيا، ان ۾ اها طاقت ڪانہ، اهي هٿ، جن سڃي زندگي

ادب ۾ رنگ پريا، انهن جون آڳريون نستيون. مطلب ته يقين ڪونہ آيو ته اهو مولانا ظفر علي خان آهي: جادو بيان مقرر، شيرين سخن شاعر ۽ عظيم الشان نثر نگار. اکين ۾ اها چمڪ، تيک ۽ تيزي ئي ڪانہ رهي هئي!

* * *

سکر ۾ "زميندار" ب ايندي هئي ۽ "سياست" ب ۽ "انقلاب" ب. "سياست" وقت بچندو هو ته پڙهبي هئي. گرم گرم فقرا، رنگين بياني، لفظن جو شڪوه ۽ شوڪت، نظم جو لطف، دڙڪن ۽ دهمانن جو مزو ڏسڻو هوندو هو، ته "زميندار" اڳيان ڪبي هئي. پر جيڪڏهن ضرورت پوندي هئي ته پيدا ٿيل مسئلي تي تدبر ۽ دانشمنديءَ سان بحث ٿيل ڏسجي- سياست ۽ سياسي شعور ڇاکي ڇئبو آهي، فراست جي تقاضا ڇا آهي، مسلمانن جو برو ۽ پلو ڇا ۾ آهي؟ ته پوءِ هٿ وجهبو هو "انقلاب" ۾. ان جو لفظ لفظ ويهي غور ۽ فڪر سان پڙهبو هو. مولانا مهر جا سنجيدا ۽ پرمغز ايڊيٽوريل دماغ ۾ اوجر آڻي ڇڏيندا هئا، سياسي سمجهہ ۽ سوچ جو شعور پيدا ڪري ڇڏيندا هئا، ۽ ملڪي مسئلن جي تهہ تائين ائين پهچائي ڇڏيندا هئا، جيئن تِڪا تارو سيکڙاڻن کي هٿ مان وڻي تار ۽ تانگهو ٽپائي وجي توڙ رسائن. جي انهيءَ زماني ۾ "انقلاب" نہ هجي ها، ته هوند مولانا ظفر علي خان سڃيءَ قوم جي دماغ ۽ شعور ڏانوان ڏول ڪري ڇڏي ها. "زميندار" جي مسهل جو "انقلاب" جڙ مصلح هئي. انهيءَ ئي اخبار ۾ مولانا سالڪ جا 'افڪارو حوادث' پڙهي، ماڻهوءَ جي روح ۾ تازگي ۽ توانائي اچي ويندي هئي. پوءِ چراغ حسن "حسرت" ميدان ۾ آيو، ان سان گڏ جوڙيدار ٿيو حاجي لقلق. اهو پنجاب جي اوج جو زمانو هو ۽ اتنهن جي ايڊيٽرن ۽ اخبارن جي ب اقبال جو دور هو. هاڻي ته نہ اهو مولانا ظفر علي، نہ سيد حبيب، نہ مولانا سالڪ، نہ چراغ حسن حسرت، نہ مرتضيٰ خان ميڪش ۽ نہ "ميلاپ" ۽ "پرتاب". باقي هڪ وجي رهيو آهي غلام رسول مهر، جنهن جو سڃو چهرو جهڙيون جڙهريون ۽ ڪمر ايترو ڪوَ ڪائي وئي اٿس، جو ڪرسيءَ تان اٿي ٿو ته "هاءِ هاءِ" ڪري، ڪمر رکي سڏي ڪرڙ ۾ ڪيس ڪيئي ڪشالا ڪرڻا پون ٿا[4].

هندو ۽ ويا، جن سان مقابلو هوندو هو، انگريزن ۽ ملڪ ڇڏيو، جن تي جهٽ ڪاوڙ ونندي هئي، هاڻي تہ ملڪ سڃوئي مليو- خودي بلند، جي ڪجهہ ڇئبو تہ موچڑا، جي ڪيڃبو تہ 'ڪلا ۽ ڪوسڑا'. تنهنڪري مِني ۽ ماڻ تہ مُني ۽ ماڻ.

* * *

اجهو وري اچي 'خودي' جي ڳالهہ وچ ۾ ڪاهي پئي. اصل قصو ڪيئن ڪجي؟ اهڙا اکر ۽ اشارا جو اچي ويندا، پوءِ ڳالهہ ڪرڻ ڪيئن نہ ضروري ٿي پوندي!

جنهن زماني جو ذڪر پيو ڪيان، انهيءَ ۾ خودي تہ خير، خود علامہ اقبال مرحوم ۽ سنڌ ۾ مشهور ڪونہ ٿيو هو. مان "بانگ درا" سڀ کان پهريون، مناري جي چاڑهيءَ تي، مستري محمدالدين وٽ ڏٺو هو، لوهہ تپائڻ واريءَ ڏمڙ جي پڪ ۾، تڏي تي، حقي سان ڳڏ.

مستري مرحوم هو تہ پنجاب جو، پر رهيو سڃي عمر سکر ۾. چاڑهيءَ واريءَ انهيءَ جاءِ ۾، بندوقن جي مرمت ڪندي، ڦوهہ جوانيءَ مان اڏڪ، اڏڪ مان موٽ ڪائيندي اچي پوڙهو ٿيو، ۽ ان کان پوءِ جڏهن جهور ٿيو، تڏهن ڪم ڇڏي ڪٽ تي آهليو، ۽ پوءِ اتان ئي ٻئي جهان لاڏاڻو ڪيائين. پنهنجي فن ۾ شاهہ ڪاريگر هو. بندوق جي مرمت ٿي، مستري مرحوم جو هٿ لڳو، جڙ بندوق ۾ نئون ساه پئجي ويو، گويا هاڻي 'هالنڊ ائنڊ هالنڊ'، 'پرڊي' ۽ 'گرينر' ڪان اچي نڪتي. اهڙو هٿ، ڪاريگر اِن ڪم جو وري نہ ڄائو نہ ڄمندو، نہ ٿيو نہ ٿيندو. سنڌ جو ذات وڏيرو، جنهن کي شڪار جو شوق هوندو هو، جنهن وٽ هٿيار هوندا هئا، تنهن لاءِ مستريءَ جو در جڙ درگاهہ هو. هرڪو اتنهن جو پانڌبئڙو. هرڪو پيو سلام ۽ ڪلام ڪندو. هرڪو پيو ڏيج ۽ ڏن پريندو.

* * *

زمانو هو، اُهي اُهي شاهہ شڪاري، جو چئي ڪٽي بس ڪجي. جيڪب آباد وارو سردار عبدالرحيم خان ڪوسو، سوين هٿيار، سيڪڑا بندوقن جا، سڃو ڏينهن يا شڪار ۾ يا بندوقن ۽ هٿيارن جي ڳالهين ۾، خانبهادر شاهنواز خان ڊڪٽ ۽ خانبهادر محمد پناهہ خان ڊڪٽ، پلئون پل، ڪبيءَ سڃيءَ پيا هڻندا، چرندو پکي ڪونہ ڇڏيندا. ڪيئي 'ويبلي' ۽ 'پرڊي' جون ريفلان ۽ بندوقان وٽن موجود.

خانبهادر سردار الهه بخش خان ڪاڪيپوٽو شڪاري به واهه ته هٿيارن جو به ڇڻ مريض، سڻي بندوق دڪانن تي نه ڇڏيندو. پير پير شاهه ۽ پير حامد شاهه، پراڻا ۽ بنيائتا شوقين بندوقان 'پردي'، 'هالنڊ' ۽ 'ويبلي' ڪان خاص مذاق ۽ پسند مطابق سڌيون سَيون نهرائيندا. هتان خريد ڪرڻ سندن لاءِ عيب هو. بندوق تي پير شاهه جو نالو پيو ته اها بندوق ڇڻ شوقينن لاءِ تبرڪ ٿي ويندي.

"واه! واه"

"سائين پير شاهه جي آهي؟"

"سبحان الله!"

"ها سائين."

"واهه جو سائين "ناز پري" بندوق آهي؟"

"هوءَ ٻڌن نالن واري جوڙيدار بندوق ۽ ريفل ڪينءَ؟"

"سائين چا چئجي، پير سائين چار سال لکپڑهه هلائي، خاص نهرائي آهي؟"

"بندوقان اهي چئجن!"

وڏيرو رسول بخش خان پٽو، هاءِ! هاءِ! هاڻيءَ جيڏو ڪونڊر مڙس، شڪل صورت جو جهڙو ببر شينهن، تتر اٽيو ناهي، نڪ ٿي ناهي، تتر مٿان ئي رومال ٽيو اچي سندس پيرن ۾ پوندو. نه ڪڏهن تتر ويو نه چرو گٽو، جوڙا پيو جهٽيندو، هَرَ سڃي هَرَ ڪبي، ٻنهي طرفن کان آيا ته نا! نا! ٻئي اچي ڦهه پٽيءَ تي ڪرندا. سڄ ۾ شڪار جو شاهه ٿي گذريو. اهڙو شوق وري ڪير ڪندو.

* * *

نواب سر غيبي خان، 4 لک ايڪڙ جاگير، جهنگ ان ۾، پٽ ان ۾، ڏوريون ۽ ڏنڌان ان ۾، هيناهيون به ان ۾ ته جبل به ان ۾، ڪاٽنهن ساوڪ ته ڪاٽنهن سڪ، ڪٽي پاڻي ته ڪٽي واري، ڪٽي ويءُ ته ڪٽي واهڙ. چوندا آهن ته ڪِيري جي وک تي زمين وَرِنُ بدلائيندي آهي، پر هتي ته ورن سان گڏ هر قسم جو ڏنگ ۽ رنگ موجود هو: تتر اتي- بگڙا خواهه ڪارا- ٻٽيرا به موجود ته پٽ تتر به جام. اسناف اڪيچار، ۽ بدڪون، نيرگ، آڙيون، ڪارڙا ۽ ٻولاهيون به موجود. سرنهن ۽ ڪٽڪن ۾ ڪونجن جا به ولر اچي ويلا ڪن. واريءَ جي دڙن ۽ بڻن ۾

تلوريون ۽ عام. هرڻ ڳاڙها ۽ ته ڪاريهر ۽. ڦاڙها ۽ ملندا ته پهاڙن تي سرهه ۽ گد ۽ اچي سر ڏيندا. مطلب ته هر قسم جا چرند خواه پرند. دل جيڪي گهري سو موجود، جيڪي وڻي سو مار.

سيارو پوندو، ناتال جي موسم ايندي، ڪٽڪ صاحبلوڪن جا اچي ڪنا ٽيندا، مِسيون ۽ مدمان ۽ ساڻ، بٽلر، بورچي، پٽيوالا ۽ اردلي ۽ ڪي، تنبو ۽ تولان، شاميانا ۽ رانئتيون اچي ويندیون، غيبي ديري ۾ منزلان لڳي ويندیون، جهنگ جهر چانداڻ تي ويندو، اڄ ڪليڪٽر آيو، سيان ڪمشنر آيو، پرينءَ آءِ. جي. اچي ٿو، پچاڙيءَ بمبئيءَ مان ۽ پوءِ ڪراچيءَ مان گورنر صاحب ۽ مهمانن جا پرا ڪاهي اچي پهچندو. مطلب ته جيسين شڪار جي سيزن هلندي، تيسين پيا گورا ڳاهڻ ڏيندا ۽ آفيسر ڪُٽِر ٽيندا. ڪڪڙ، چيلا، آنا، ڪير، مڪڙ، ماڪيون نه ڪنهن کان ڪٽايا پڃن ته ڪاڏا پهچن- سڃو راڄ ۽ تَرُ گهرن کي ڀهاري ڏيو اتي پيو پهچائيندو. صاحبلوڪ قاعدي قانون جا ڏاڍا پابند هئا. ليتيءَ ڏيتيءَ کان صفا پري. نه ڪنهن کان ونڊندا نه ڪنهن جو بار ڪٽندا. پئسا ڏئي سيئي بل چڪتو ڪري ڇڏيندا. البته اها جدا شيءِ آهي، جو خرچ ٽيندو هو ڏهه هزار ته ونبو هو ڪُل سَؤ سوا! گهه ملندو پنجين رپئي ته بل ۾ ڏيڪاربو سوا رپئي، گتو مڙ ته لکبو سير، آنا ڪپندا سؤ درجن ته ٻڌائبا هڪ درجن. ڪٽي تعداد گهٽ ته ڪٽي قيمت ڪم. اهڙيءَ طرح هزارن جي خرچ کي سوري پوري وجي سوکن جي شرعي انگ اندر بيهاربو. خير، اهي ته ٽيون خانگي ڳالهيون، پر رڪارڊ خاطر بل چڪتو ڪيون، پَلَوَ ڇڏايون پوءِ پيا منزلان پٽيندا. ڪنهن جو احسان ڇو ڪٽن! اڄ ٿورا ڪٽن، ته سيان اک لڄي!

هر موسم ۾ منزل جو سامان نئون ايندو، ٽِي سيٽ، ڊنر سيٽ، ڪانٽا چريون، ٽوال، ٽيبل پوش، چيني ۽ چاندي سڃي اچي نئين نڪرندي. پچاڙيءَ ۾ تنبو ۽ "رولدوءَ" کان نوان نڪور اچي ويندا، ۽ فرنيچر ۽ خالص ساڳوان جو نئون گهرائبو، قالين ايراني، ۽ ڪونچن ۽ صوفن تي ڪيمخوابن ۽ بنارسين جون ٽيپسٽريون، ڳاڙهيون، سايون، پيليون، زرديون، چلڪيدار ۽ چمڪندڙ. جڏهن منزلان پوريون ٽيندیون ته ان ڏوتل ٽانو، پريل برتن ۽ اڻ صفا ٽيل ديڳڙا،

چوسيل هڏا، چيلن جي رانن جون سڄون نريون، ڊبل روٽن جا اڌ، نانن ۽ نانڪٽائن جا مُنا ۽ چوٽاڙ، گڏي سڏي سپ هڪ ڪوڻيءَ ۾ هڪٻئي مٿان اڇلي ڇڏبا. پڇاڙيءَ ۾ غلاظت ۾ پريل ڪمود ۾ اتي ئي ڪنهن پاسي ۾ رکي، انهن مٿان گلم ۽ قالين وجهي ڇڏبا، جيئن بدبوءِ هروپرو ٻاهر نه نڪري. ٻئي ڪمري ۾ ٽيبل ۽ ڪرسيون، ٽپايون ۽ ڪونچ هڪٻئي تي چاڑهي ائين رکي ڇڏبا، جڙ غيبي خان نواب جو مهمان خانو نه آهي، بلڪ ڪراچيءَ جي ڪنهن ڪٻاڙي جو دڪان آهي. هڪ دفعو، جو در ايندو ته وري ڪلندو تڏهن جڏهن سيارو اڇي منهن ڪيندو ۽ منزلن جون تاريخان مقرر ٿي ويندیون. انهيءَ وقت خبر پوندي ته سيئي ڪمائتا ٽپڙ ڪڍي ويا آهن، باقي وڃي پَڳَ پُرَ ڪندِ پاسي بچي آهي. نواب صاحب کي پلا ڪهڙو يادگيرو. وڏا ماڻهو، سوين خيال، واڻيا وڪال ته هئا ڪين، جو هڪ هڪ شيءِ جي وچون ويهي ڪن ۽ ساهه ڏين. سونو خان عرض ڪندو:

"قبلا سائين! سائينجن جي سِر بخت جو خير، ڪجهه نوان ٽپڙ ڪاراچيءَ مان گهرائبا!"

"اڳئين سال به ته کي ٽپڙ ڳڏا هئاسي؟"

"جيئندا سائين! انهن مان جيڪي خاص هئا، سي ميمان ڪٽي ويون!"

"اهڙا سنا هئا چا؟"

"چا چئجي سائين! مندمان ڏسي چريون ٿي پيون. مڙئي مالڪن جو اقبال آهي!"

"چگو پلا، ڪو ڪاراچيءَ ماڻهو موڪليو. سيٺ ڏوسل جي چاپ تان به وڃي ۽ ٻين وٽ به ڏسي، پر وڃي سيبائتا ۽ سنا!"

"جيئندا قبلا! ائين منهنجا سردار!"

اهڙيءَ طرح هر سيزن ۾ ملازمن جي به پئي سيزن ٽيندي، ۽ نواب صاحب به خوش ته جيڪي ٽپڙ اچن ٿا، سي اهڙا ته اڻ لڀ آهن جو مندمان جنسي چتيون ٿي پون ٽيون. جيسين مرحوم خير سان حال حيات هو، تيسين غيبي ديري اندر اهي رنگ هر سال رسندا رهيا. پنهنجي سر به مرحوم شاهوڙ شڪاري هو، ۽ ٻين کي به شڪار ڪرائيندو هو. پر شڪار ڪرائيندو چڙو پورن کي، بگن کي، اچن کي- ديسين کي نه پر پرديسين کي- يعني ڪارن جي ڪاڻ ڪانه هيس.

* * *

حقيقت هيءَ آهي تہ ٽالپر حڪمرانن کي انگريزن اجايو بدنام ڪيو هو [5]، ورنہ سنڌ ۾ انگريزن بہ ڪين گهٽايو. گرو گنجو انگريز، سيزن ٽيندي، زميندار وٽ اچي منزل ڪندو. خلق پاهہ، خرچن ۾ زميندار قرضي، پکي پرنپ ڪينڪال. انهيءَ زماني ۾ زميندارن وٽ بہ حڪمرانن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جو وڏو ذريعو شڪار هوندو هو. هر وقت ڪمرڪشيون بينا رهندا هئا.

اهو مرض انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ بہ پاڪستان اندر زور وڻي ويو. نئين سر شڪار جون مهاڙيون تيار ٿي ويون، پَرا ڏهي ويا ۽ دَنگا نڪري ويا. انهيءَ بدعت جي ابتدا خواجہ ناظم الدين پنهنجي گورنر جنرليءَ جي زماني ۾ ڪئي. بندوق لڳي نہ لڳي، شڪار ۾ پنڌ ڪري سگهي نہ سگهي، ليڪن خواجہ صاحب وڃي ضرور. ان کان پوءِ وري جناب ميجر جنرل اسڪندر مرزا، پريزيڊنٽ مملڪت اسلاميہ پاڪستان. هر وڏيرو ڇڻ جمعدار حسئو بڻجي پيو. اڇ...صاحب وٽ. اڇ خانبهادر...وٽ. مطلب تہ هڪڙئي جي ريس تي وڏيرن وسئون ڪين گهٽايو. سنيءَ بندوق جو پاڻ وٽ هجڻ ۽ شڪار جو سنو بندوبست ڪري سگهڻ. صدر صاحب وٽ رسائيءَ جو واحد ذريعو ۽ شرافت خواه نجابت لاءِ خصوصي سند هئي. هتي آڻڻ منيلا ۾ ئي هيس، جو هڪ زميندار جو خط پهتو، جنهن جو هي فقرو نہ فقط منهنجي لکڻ جي تصديق ڪري ٿو، بلڪ سنڌي زميندار جي غلامانہ ذهنيت جي پوري عڪاسي ڪري ٿو.

”گورنر جنرل صاحب جن مهرباني ڪري شڪار تي آيا. گوٺ گهٽي ٽي پر تتر اٽيو اڪيچار. مزمان بہ گڏ هيس سيئي گودر سٽيا ويا. خدا جو شڪر جو دل گهريا پکي اٽيا. سيئي خوش ٽي ويا. پاڙي وارن کي سو ڳالهہ ڪانہ وٽي حالي تہ وهہ واهہ ٽي وئي پوءِ ڏنو ويندو.“

خير، اهو تہ هو جملو معترضہ. وري اچون ٿا شڪار جي شوقينن تي.

* * *

هيڏنهن غيبي خان هو، تہ هوڏنهن انهيءَ ڪڙيءَ تي هوندو هو سردار واحد بخش خان پٽو. غضب جو توپچي، هٿيارن پهنوارن جو شوقين، شڪار جو خفتي. هو

گورن کي اصل کونہ گهرائيندو هو. ديسي دوستن سميت پاڻ پيو مزا ماڻيندو هو. سيارو آيو، ڪٽڪن ڦوڙيءَ مان منهن ڪڍيو، سرنهن جي سَلن ڏرتيءَ مان جند ڇڏائي ڪرُ مٿي ڪنيو، ۽ چٽن مٿرن جي پوکن ۾ پَلي ٽي، تہ ڪچي جيِ ڪيٽين ۾، ڇَنائن اوطاقن پرسان آڇا آڇا خيما ڪُپي ويندا. ماڻهو درياءُ ٽپي هِن پر ٽيندا، تہ ٻيٽ مان ئي ائين پيو معلوم ٿيندو، جڙ اڇن کونجن ڪَرَ مٿي ڪنيان آهن. سيئي سمجهندا تہ ٻيلي پُٽي مئزل [6] ڪئي آهي. شام جو تترن تي پئي نڪا نڪي ٽيندي. جهنگن جا گودر ۽ پوکن جا پاسا پَلَو سنوان ڪري، اچي هڪل ٽيندي پوکن ۾. شام جو سج لٽي کان اڳ پکي پوکن ۾ ست ٽيو پيو هوندو. بس بچ شروع ٽي ۽ "اَچي! اَچي!" پئجي ويندي. بگڙا پڙڪا ڏيون پيا اٽندا. ڪارو تتر زمين تان ئي ذيل منجهان لاٽ ڪري آسمان ڏي اٽندو. اجا سڏو ٽيندو ئي مس تہ نڪ ٽي ويندي. بُجَ اتي ئي آسمان ۾، پاڻ ويڙهڀو سيڙهبو ڦهِ اچي پٽ تي ڪندو. "واه واه!" ٽي ويندي. ايتري ۾ وري ٽيندي. "اچي! اچي! اهو! اهو!" ولر اتي ڪڙا ٽيندا. نا! نا! جاڙيون پيون ڇُنڊيون ۽ تتر ائين پيا سٽڪا ڪندا، جڙ ڦُلا ٿا ڀُڃن. تتر ڪري، سو توپچيءَ جي شان وڌان ڪونہ هو. اتان ئي گُڏَ ٽيو ايندو، جڙ ڪينهونءَ اچي سٽڪو ڪيو. ڪڏهن ڪڏهن باوجود ٽَڪَ جي، چيڙَن کي بہ اهڙو مزو اچي ويندو، جو پيا ڪندا. "واهہ خان، واهہ!" "واهہ سردار، واهہ! ڪينهون ٽي آيو"، "ير، گد ٽي ويو!" "ير، رومال ٽي ويو!" "واهہ سائين واهہ!" "ها سائين، توبچي اهي چئجن!"

صبح جو ڪنهن ڏنڊ تي آڙين مٿان ڏوڙيو هوندو ۽ وڏي اَسُرَ جو وڃي ڪُڏِڻن پيڙو ٿبو. پهرين اَسُرَ جو جڏهن جانور گودرن ۽ پوکن مان چرڳ چري، چارئي ڪڪيون سيون ڪري، اچي جهنگ ۾ پوندا. ان وقت چوڏاري ڪڙو چڙهي ويندو، گهٽ گهير ونجي ويندا، قناتان لڳي ويندين، ۽ باهيون ٻري ويندين. جانور سڀ جهنگ ۾ مُوڙهہ. اهو گويا اوسَرُ ٽيو. اجا اوناهہ هوندي، جو توبچي ڪڏڻن ۾ ويهجي ويندا ۽ ڪي ملازم بندوقان ڪٽي وڃي مُهاڙيون جهليندا. جڏهن دنگن ۾ اڪ سوجهرو ٽيندو، ان وقت "الاتهار"[7]ٽيندي. جهنگ جهر ۽ ٻوڙي ڪانهن ۾ داسا هٽندا، هڪلان ڪندا، جانورن کي گاريون ڏيندا، چيڙا اڳتي وڌندا ايندا.

پهريون ڪڙو چاڙهيندا، پوءِ ڏيندا، جهنگ کي سيران ۽ هٽندا گهوبيون. ان کان پوءِ جهنگ سنئون ڪري، وڏيءَ هڪل کي ونندا. رونشي لاءِ دهلاري به گڏ ته شرنائن وارا به ساڻ. سڄي جهنگ ۾ هُڙُ بگهاڙيو ٿي ويندو. بَڄَ وارا هڪبئي جا نالا ڪٽي پيا هڪبئي کي "پيٽهان" "ماٽهان" ڪندا. چي:

"رُڳهو هڻ پيٽهان!"

"سست ٿي پيو آهين!"

"زور سان!"

"لُڙُ ڪَرِ لُڙ!"

"وِ ٿي نه ڪيو وچ ۾ ڙي! وِٿي نه ڪيو!! جانور نڪري ويندا!"

شڪار جو جمعدار سڏ ڪري سيني کي هوشيار ڪندو:

"اڙي انهيءَ ٿَمَ ۾ لڪو اَٿو!"

"رگها هڻونِ! پيٽهان، رگها!"

"چڱيءَ طرح!"

"وارو ڪجانءِ!"

"اِهو! اِهو!"

"نِڪتو ٿو وَڃئي!"

"اولاهون ٿو آڇئي!"

"اڙي عدلو[8] خبردار ٿجانءِ!"

"ايڏنهن ٽِي ايڏنهن!"

"بدو[9] پيٽهان بگهاڙهو ڪر بگهاڙهو!"

"ڇو ڊِرا ٿيا آهيو!"

"ڪَن ونجانءِ ڪَن!"

جيئن هڪل سوڙهي ٿيندي ايندي، تيئن جانور پريشان ٿي پڇڙ شروع ڪندا، سڏا اچي دنگن ۾ منهن ڪيندا. جهنگ جي ويڪر مطابق ڪڏڻا هوندا ۽ هر ڪڏڻي ۾ هڪ - هڪ به - به توبچي، ريفلان هٿن ۾ ۽ پارهين بور واريون دونالیون، ايس. جي. ڪارتوسن سان پريل پاسي ۾. نر ڦاڙها هڪبئي پٽيان سهڻن سگڻ جا

تاج متن تي رکيون، سڏو اچي قهري کانن ۾ پوندا. دنگي مان منهن ڪڍيو ناهي ۽ ڏسڪو ٽيو ناهي.

نا!

سڄي جهنگ ۾ پرلاءُ پئجي ويندو، جڙ گولي سيني جي ڪن کان لنگهي وئي. گهڙيءَ لاءِ ماڻ ٿي ويندي. جمعدار کي جهٽ معلوم ٿي ويندو ته کهڙي ڪُڏ تان کهڙي شڪاريءَ بندوق هنئين، نڪاءَ جي انداز مان سَهيو ڪري ويندو ته جانور کي لڳي يا گولي گئي.

جڏهن هڪل جو پرو سوڙهو ٽيندو ٽيندو مورڳوئي اچي ويجهو پوندو، تڏهن ته ڪٽڪو پئجي ويندو. هيڏهن نڪاءَ پيا ٽيندا، هوڏنهن دهلن جو ڏڏڪو ڏم ٻاريندو. شرنائن وارا پنهنجي ليکي ليءِ کي چوٽ چاڙهي ڇڏيندا. هڪل جو هوڪرو جدا وڃي آسمان ڪٽندو. بس پوءِ ته جهنگل ۾ منگل لڳي ويندا. الاهي رنگ، لکين مزا. جي ڪو ان وچ ۾ يارنهن اڳرو مرون هٿ اچي ويندو ۽ ثَمَ مان نڪرڻ جي نه ڪندو ته ڪتائي لوڏ جون رسيون ڪڍي ڇڏيندا. 'ٻاهو'، 'ڳولهو'، 'ورائو'، 'ڪاڍو' ۽ 'وانو'[10] سيئي اچي ڏم وٺ ڪنا ٽيندا. جڏهن سوئر ڪڍي ميدان تي آڻيندا، تڏهن ٻاهڙ بند ٽيندي. سوئر، جي توبچين کان ڦٽجي نڪتو، تڏهن به ڪتا ڪڍ لائبس. جڏهن وڃي ٻاهڙجي بيهندو، تڏهن ڏڦي وارو اچي پاسو ونڊس.

مطلب ته نيرن مهل اوسر جو اهو مامرو مسين مسين وڃي پورو ٽيندو. ڪايءَ ۾ جانور ڪٽائي هرڪو توبچي پنهنجي ڪڏڻي تان اٽيو جهنگ کان ٻاهر ايندو. ڇيڙا به سيءَ ۾ ڪُرندا ٽيا، ماڪ ۾ سارا پسيا هُڙڪندا ۽ هُڙ هُڙ ڪندا، اچي پري کان پاسو ڏئي بيهندا، جيئن اُڇيءَ ذات وارن اڳيان مليچ بيهن، ڇهڙا يا چمار بيهن! هونءَ به دستور آهي، غريب ماڻهو کي وڏي ماڻهوءَ کان هٽي بيهڻ ڪپي. خدا پنج ئي آڱريون برابر ڪونہ ڪيون آهن- چڱن جو چوڻ آهي- انهيءَ کي ادب ڇئبو آهي. ان کان سواءِ سندن لٽن ۽ بت ۾ به ته پگهر جي ڏپ هوندي آهي، جنهن جي ڇڻ وڏن ماڻهن جي نازڪ حس کي وڃي ڏکوئيندي آهي، توڙي هزار عطر عنبير وڌا ماڻهو چو نہ لائي اچن! اها بي ڳالهہ آهي ته اهو پگهر سندن ئي

عيش عشرت جي ساز سامان مهيا ڪرڻ ۾ انهن کان نڪتو آهي، پر آهي ته تنهن هوندي به پگهر، ڇٽ وارو ۽ بدبودار! اميرن جو پسينو ته ڪونه آهي، جنهن کي قصيده گو شاعرن عرق گلاب سان تشبيهه ڏني آهي، ۽ جنهن ۾ ليويندر ۽ لوشن جا اجزا گڏيل هجن، خس ۽ مشڪ جي عطر جي آميزش هجي! هتي ته ڪنهن کي ڦاٽل رلي لڳن تي، ڪنهن کي پهرينءَ لام جي ڪنهن مئل فوجيءَ جو نيلامي ڪوٽ بت تي، خاڪي رنگ جو ميرو ۽ ڪِٽُ ڇميل، پتل جي بٽڻن سان، جن تي فوجي نشان ڇٽيل، جن مان ڪجهه غائب ته ڪجهه اڃا لڳل، ڪن کي ميم صاحبن جا لاٽل ولائتي ڪوٽ بدن تي، بجرا، وڏن ۽ رنگا رنگي بٽڻن وارا، هنڌان هنڌ ڪاڌل ۽ ڇتين سان ڇٽيل، ڪن جي ڪياڙي ۽ ڪفن تي ڪٽور ٻلن ۽ ولايتي لونبڙن جون ڪلون لڳل، نرم نرم ۽ گرم گرم، جي بٽڻ پڳل ته انهن جي جاءِ تي سوراخن ۾ وٽيل ست جا ڏاڳا وڌل، جن کي وري اهي به نصيب ۾ ڪونه هئا، تن کي نياڻين يا پنهنجن ننگن جون پوتيون ۽ روا مٽئين ڏڙ کي ويڙهيل- سيءَ اولو جو ڪرٽو ٽيو! ڪوٽ نه پگو ته رئو پوتي ئي سهي! هيٺ تي اَلبت سيني کي گوڏيون، کي نيليون گهريون ته کي هلڪيون، کي سايون ته کي مونگيون، ڪن جو رنگ بنيادي طرح ته اڇو هيو، ليڪن مسلسل استعمال ۾ رهڻ سبب رنگ متجي اهڙو ٿي ويو هيو جو انهيءَ جو نالو ٻڌائڻ ئي مشڪل آهي- اهڙي رنگ جو اڃا نالو ئي رٽيل ڪونه آهي. رنگن جا نالا به ته وڏن ماڻهن جا رکيل آهن، انهن ٻلا اهڙو رنگ ڏنو ئي ڪونه ته نالو ڪيئن رکن؟ خير اهي گوڏيون به هڪ جهڙيون ڪونه. کي وڏيون ته کي ننڍيون، کي ستر تي ته کي گوڏي تي، ڪن کي ويهڪ واريءَ جاءِ تي وڏي چتي لڳل ته ڪن کي وچان ڇڙو ٽوپو ڏنل، ڪا ورلي انهن عيبن کان خالي، نه ته گهٽو ڪري ڪاڻ ڪا لنجڻ مڙئي سيني ۾ هوندي. تازيون ته ورتيون ڪونه هوندئون، ڪن سارن جي ٻار ڪٽي ورتي هوندي، ڪنهن سرءُ جي ٻار ڪٽي ڳڏي هوندي- ڪنهن کي ته ڇٽن مندن کان به اڳ جي هوندي- وچ ۾ ٻار جو اَنُ جو ليکي چوکي کان ڪونه بچيو ته ڪٽان ونندو! ڪنهن ڪنهن جي پير ۾ ڪا پراٽي ڪٽل جتي هوندي جيڪا استعمال ٿيندي ٿيندي سڪي بانر ٿي وئي هوندي، ورنه عام طرح سيني جا پير

اگهاڙا، جن جي کل تتيءَ ٽڏيءَ ۾ گهمي گهمي جنسي ڪاٽ ٿي ويل. اهڙن پيرن کي جُٽيءَ جي ضرورت هئي به ڪانہ. هي پير انهيءَ حد تي وجي پهتا هيا، جتي نہ سرديءَ جو گذر نہ گرميءَ جو، جنهن تي نہ ٻاٻرو ڪنڊو اثر ڪري نہ نانگ جو ڏنگ، جنسي چوڏو، جهڙو هڏو، سُوئو ڪٽي ٽنب، جي سيسراٽي اُيري! سومهياڻيءَ جو گهران پور وجهي هليا هئا تہ وري هن مهل تائين نہ اَن وات ۾ نہ پاڻي پيٽ ۾.

وڏيرا صاحب تہ پنهنجي معزز مهمانن سميت چانهن، آنن، حلون ۽ پڪوانن سان ٿورو گهڻو منهن اولو ڪري نڪتا هئا ۽ وري به ناشتي لاءِ ست رڇيون تيار هونديون. جاڙ وجي پنهنجي الله جا احسان بجا آڻي واپرائيندا. سرديءَ جي انهن کي ڪهڙي ڪاڙ! اندر گنجيون، مٿان قميصون، انهن تي اوني سئيٽر، تنهن تي وري ڪوٽ ۽ ڪوٽن مٿان به اوور ڪوٽ. ڪچيءَ ۾ مفلر ۽ هيٺ تي گرم گبارڊين جون برجيسان. جورابا، انهن تي لانگ بوٽ ۽ بوٽن تان جون پٽيون هليون تہ سڌيون وجي گوڏن تي نڪتيون. سيءَ جي ماءُ ويائي آهي، جو اتي ايندو! مالڪ نيٺ مالڪ، چيڙا نيٺ چيڙا ڪنهن نہ جهڙا! انهن لاءِ ديگ پٽ جي لڙيءَ ٻي پهريءَ تائين اچي لهندي، جنهن ۾ ڪانگڙي جو ڏارو ۽ ڏڪرو رڌل هوندو. تاهري ٿي تہ عيدان ٿي ويندين، ۽ جي چڙو مٺائيءَ جو ٻرڪو پيو تہ به لک لائق، ورنہ بنان گيهہ جي گانبيءَ دار گارو به اڪين تي، جڙ سون آ. مڙئي مالڪن جون مهربانيون، نہ تہ هو انهيءَ جا لائق به ڪونہ هئا! هنن کي پيٽ ٿورو پرٽو هيو! هنن کي تہ مڙوئي بک جي باه مارڻي ۽ سڙئي پيٽ جي آڳ اجهائڻي- جيڪا اميرن جي تہ ماهين کيرن، چاهين ۽ شربتن سان وسامندي هوندي، پر هنن جي تہ گانبيءَ جو گرهہ ۽ مٿان پاڻيءَ جو ڏڪ به ناري سگهي ٿو. هنن وٽ سوال هيو وقت ٽپائڻ ۽ ويلي ٽارڻ جو. شام جو وري جو تترن جي ڇڄ سامنهن هئي، اسر جو "سويي جي پڙن" وارو اوسر، پرينءَ "ڏنوءَ جي ڦير" وارو شڪار، تنهن پرينءَ "پنهونءَ واري" هڪل. اهڙيءَ طرح ساندهہ چهہ ڏينهن صبح، شام ۽ اسر ڪين پنهنجي زميندار جي چيڙ ڏيڻي پئي هئي. رعيت ۽ راڄ جو ٽيو! ديهہ ۾

وينل ڪڙمي ڪامي جو ٿيا! سڏ صلح اهي نہ ڏيندا، تہ ٻيا ڪير ڏيندا! شيل شڪار، اهي ئي جڏهن هوندا تڏهن تہ رنگ رکي ٻيهندا.

* * *

ڪوٽ مير محمد خان جا ٽالپر، سرڪار مير مير محمد خان، حضور مير سائين مير رضا محمد خان، مير سائين مير راز محمد خان، ڪوٽ ڏيجيءَ وارن مان مير سائين غلام حسن خان ۽ مير سائين غلام حسين خان، خود خيرپور جو والي هزهائنس حضور مير علي نواز خان ٽالپر، جنهن جي شڪار جو ڇڙو مهتم حسو خان جمعدار ئي چئي ڪٽي بس ڪجي- جهنگ جهر مٽان پاڇو، اصل ڇهڙو پوءِ مسلمان ٿي شيخ سڏجڻ لڳو، معمولي ماڻهو هيو، ليڪن مير سائين سرڪار جو راز جو ٿي ويو. تہ ڪنڌ وجي آسمان تي پهتو زمين تي نظر ڪٽي پوندي؟ باليءَ واري بگي خان جي خيرپور جي شهر ۾ رات هئي تہ حسو خان جو ٻاهرين ملڪ مٽان ڏاکو. شڪار لاءِ خاص چوڪڙيون ۽ مهاڙيون مخصوص. مجال آهي، جو ڪو ڊور اندر ٽپي يا ڪو ماڻهو لام مُڇي. حسو خان جي ڪُڇڻ جي دير، سڏو ڏيجيءَ جي ڪوٽ تي. سڏيون ڪاروايون ڪري چڪندو هو. مير صاحب کي ڪو دانهن ٻہ ڪٽي ڏئي، تڏهن ٻہ ٽيندو ڇا؟ حق تہ هميشہ ۽ هر حالت ۾ ائين ٻہ حسو خان جو پاسو ڪٽي ٻيهندو هو. شڪار جي سڃي چانچ [11] سندس حوالي جو هئي، تنهنڪري ٻڌيءَ ڇڙيءَ جو مالڪ پاڻ هو.

* * *

ڏِنون شيخ؟

حسو خان جي جاءِ تي؟ يَرَ ڇا ٿا ڇئو!

حسو خان جي جتيءَ ۾ ڪو ماءُ ٻچو پير وجهي سگهندو؟

ڪٽي سؤ دفعا سندس سؤٽ هجي!

جهنگ جي ماڻهن جون جهونڙيون [12] هن لاٽيون. ٻئي ڪي مجال آهي! اها تہ يَرَ برابر ڳالهہ آهي. ماڻهو تہ ماڻهو، پر لئي لاٽون ٻہ پيو ڪانئس ڪَنو ڪائيندو هو. شل مرهيات کي بشت [13] نصيب هجي! ڏسؤن مير سائين ڇا ٿو ڪري؟

مير سائينءَ جي ڪامپ[14] جي ڪامِن، باهه جي مَچَ تي سياري جو سيءَ لاهيندي اهوئي مذڪور ڪيو، جڏهن وٽن خبر پهتي ته ڪالهه سانجيءَ جو جمعدار حسو ڪَٽِسَ [15] ۾ لاڏاٽو ڪري ويو.

* * *

اِهي هئا اُهي زمانا، جنهن ۾ شوقين توپچين جا هٿيار مستري محمد الدين وٽ مرت لاءِ ايندا هئا. مستري مرمت ڪندو به دل سان هو ته پيسو به ڪڙڪائي دل تي ونندو هو. پورهيا ڪڙمين جا، ڪمايون سڄيون زميندار جي ڪيسن ۾، پوءِ مَن گهريا پيسا مستري صاحب کي ڇو نه پيا ملندا.

ٻٽوان وار ڪياڙيءَ تائين، ٽلهيون مُڇان، ڏاڙهي فرينچ ڪٽ جي نموني تي چاپئين، جنهن کي ڪاڏيءَ وٽ چير ڏنل، اهڙو پيو لڳندو هو جڙ فوج جو جمعدار يا صوبيدار ميجر آهي. ڪم ڪندي ڪندي جڏهن ساهي ڪٽندو هو، ان وقت حقي جو نڙ جنهن جي چوڏاري واڙ ويڙهيل هو وات ۾ وجهندو، ۽ پاسي مان 'بانگ درا' ڪٽي، ان جوبه مطالعو ڪندو. 'شڪوه ۽ جواب شڪوه' به سڄو ياد هيس:

دشت تو دشت، دريا پي نه ڇوڙي هم ني،
بحر ظلمات مين دوڙا دئي گهوڙي هم ني!

جڏهن انهيءَ قسم جا بيت پڙهندو هو، تڏهن سندس خيال بندوقن جي ڪندن، ريفل جي ماشن ۾ دونالِن جي جوهردار نرين تان- بلڪ ڪٽي ڇڏجي ته حال تان هٿي وڃي ماضيءَ جي ڪباڙخاني ۾ پهچندو هو- دمشق، بغداد، غرناطو، دهلي، اسلام جو غازي سلطان محمود غزنوي، محي الدين و الملت عالمگير غازي! جڏهن ڪتاب ٻوٽي، ڏمڙ ۾ هٿ وجهندو، تڏهن ٽڏو ساهه ڪٽي چوندو:

"هائي! هائي! اجي ڪيا دن ٿي!"

ڏمڙ منجهان نڪتل هوا سان گڏ مستري مرحوم جي ٽڏي ساهه جو چوڪارو به تتل نَريءَ تي وجي نهڪو ڪندو هو.

"اسرارِ خودي" ۽ "رموز بيخودي" ڪڏهن شايع ٿيا، انهن جي خبر ڪانه هئي. نه 'خودي' ئي سموسٽو ٽپي سنڌ ڏي آئي هئي. اصل ۾ 'خوديءَ' جي ڪل ته اسان کي تڏهن پئي، جڏهن ون يونٽ کان پوءِ پنجاب ۾ هر 'شاهين بچي' جي خودي

ايڏو بلند ٿي وئي، جو نہ فقط يزدان جي ڪچيءَ ۾ ڪمند پئجي ويو، بلڪ خود خدا کي بہ پنجابي بندن جي رضا جوئيءَ کان سواءِ ٻيو چارو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. ڊاڪٽر صاحب جو "بال جبريل" سو انهيءَ زماني ۾ تازو نڪتو هو، جنهن تي ڪڏهن ڪڏهن مرحوم محمد اسحاق [16] سٽي ماجسٽريٽ جي علمي خواه غير علمي مجلس ۾ شام جو بنگلي جي پنئين اڳڻ ۾ بحث ٿيندو هو. علمي هن ڪري چيم، جو ڪي علم دوست بہ وٽس ايندا هئا ۽ غير علمي هن ڪري جو سرڪاري ڪامورن جو مڙهه مقام بہ شام ڏاري اتي هوندو هو. اِهو اُهو زمانو هو، جڏهن مرحوم شاعر نہ اجا 'حڪيم الامت' بڻيو هو ۽ نہ ساڻس مراسم هجڻ واريءَ ڳالهہ ڪي ڪنهن باعث عزت سمجهيو ٿي. اهي سڀ ڳالهيون هن جي هِن جهان ڇڏڻ کان پوءِ جون آهن. پاڪستان جي مملڪت خداداد جو قومي شاعر، خدا جنت نصيب ڪريس، تڏهن ٿيو، جڏهن مولوي شبير احمد عثمانيءَ کي بہ "شيخ الاسلامي" عطا ٿي.

* * *

---

[1] مرحوم ڳالهائڻ جو شوقين هوندو هو. جيڪا ڳالهہ هوند منٽ ۾ ڪري سگهجي، تنهن تي هو ڪلاڪ ونڊندو هو. پنهنجي انهيءَ طويل ڳالهائڻ کي هو چوندو هو: "آغا منهنجا! ڏٺئي اسان جي تقرير دلپذير، ڪيئن نہ دليلن سان ڳالهہ جا سيئي پهلو آڻي سندس آڏو رکيم!"

[2] پهرين گول ميز ڪانفرنس 5- نومبر 1930ع کان 19- جنوري 1931ع تائين.

(گانڌي ۽ ڪانگريسين هن جو بائيڪاٽ ڪيو.)

ٻي گول ميز ڪانفرنس 7- سيپٽمبر کان 1 ڊسمبر 1931ع تائين.

(گانڌي جيءَ ۽ ٻين ڪانگريسين هن ۾ شرڪت ڪئي.)

ٽين گول ميز ڪانفرنس 17- نومبر کان 24- ڊسمبر 1932ع تائين.

[3] مرزا غلام احمد تي جيڪو وحي نازل ٿيندو هو، ان جو نالو 'ٽيچي ٽيچي' هو.

[4] مولانا بہ پنج سال کن ٿيا تہ وفات ڪري ويو.

[5] انگريزن پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو آهي تہ ٽالپرن سنيون زرعي زمينان شڪارن جي لاءِ جهنگل هيٺ آڻي ڇڏيون هيون، ۽ هو سڄو وقت شڪار ۾ گذاريندا هئا، حڪومت جي ڪاروبار ۾ دلچسپي ڪانہ هين.

[6] "منزل" جو دهقاني اچار.

[7] "الله تو آهر".

[8] "عبدالڪريم" جو مخفف.

[9] "عبدالله" جو مخفف.

[10] اهي ڪتن جا قسم آهن. 'باهو' اهي، جيڪي ڇڙو پيا باهيندا. 'ڳولهو' اهي، جيڪي نوسي نوسي مِروُنءَ کي وڃي ڳولي لهندا. 'ورائو' اهي، جيڪي جانور کي ورائي اچي وچ تي ڪندا 'ڪاڍو' اهي، جيڪي ٿر مان سوئر ڪڍي باهر ڪندا. 'وانو' اهي، جيڪي مرونءَ کي امالڪ چڪ هٽي، ڪنڊ يا ڪنڊُ وٽي، هڪ هنڌ بيهاري ڇڏيندا.

[11] "چارج" جو ديهاتي تلفظ.

[12] خيرپور جو باني مير علي مراد خان وڏو شڪاري هو. هو رهندو ئي گهٽون جهنگ ۾ شڪار سانگي هو. سندس موت بہ شڪار جي منزل تي پَٽِن جي پِڪَ ۾ ٿيو. ان کان پوءِ بہ رياست جو هرهڪ والي شڪار جو شوقين رهيو. مير علي مراد جي زماني کان ماڻهن تي قانوني طرح بيگر رکيل هئي. کهڙو بہ سرڪاري ڪم پوريءَ خيرپور جي رعيت تي فرض هو تہ هو گهران اٽو ٻڌي هلن ۽ اهو پورو ڪن. ڇيڙ جو سڏ اچي ويو، ڪنهن جي ماءُ ويائي آهي جو گسائي! جي گسائي، تہ ڏيجيءَ جي ڪوٽ تي چڙهي، جتان وري جئري باهر نڪري ئي ڪونہ. بيگر ۾ هرڪو اٽو گهران ٻڌي هلندو. 5 ڏينهن 10 ڏينهن، جيسين بيگر پوري ٿئي. خاص طرح شڪار جي بيگر ۾ ماڻهن سان سخت آزار هوندو هو. سياري جي ماهہ پارن ۾ بنان لٽن جي ڪچي جي سردين ۾ ماڻهو پيا پاهہ ٿيندا هئا، جيسين سرڪار جي منزل نہ پٽجي، تيسين سڄو ملڪ ڪيڪال بلڪ اهو سڄو پاسو ئي ٽرٽلي. ڪڪڙ، چيلا، آنا، ڪير، سپ زوريءَ وصول ٿين. نہ ڪنهن کي پائي ملي نہ ڪنهن کي مانيءَ اَٽو. هرڪو گهر جو ڪائي ڇيڙ وهي. اها ڇيڙ يا بيگر 1927ع ڌاري قانوناً بند ڪئي وئي، تڏهن غريبن ڪلمون پريو.

[13] ڪچي ۾ "بهشت" جو اُچار.

[14] Camp جو ٽالپري تلفظ.

[15] تپ.

[16] مرحوم پنجاب جو هو، ليڪن تعليم ختم ڪرڻ بعد ملازمت سنڌ ۾ شروع ڪيائين. مختيار ڪاريءَ مان ترقي ڪندي ڪليڪٽريءَ تي پهتو. پاڪستان ٿيڻ بعد ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر هو. اتان رٽائر ڪيائين ۽ پوءِ فوت ٿيو. اردو ۽ فارسي ادب جو شيدائي، خوش ذوق ۽ ڌاڙو مجلسي، محب ۽ دوستن تي سر ڏيڻ وارو ماڻهو هو، رب ڪريم بخشيس.

سکر ۾ لاڙڪاڻي جي مقابلي ۾ فضا ئي اور ڏٺم. گرم گودي، سکر براج ۽ ريلوي هيڊ ڪوارٽر هجڻ سبب پنجابين جو شهر ۾ ڇڳو تعداد هو. چنيوٽ جا چرم فروش به زماني کان رسوخ ڪري ويا هئا. پهريون دفعو مون اتي گهريتيون عورتون رنگارنگي ۽ سهڻن پوشاکن ۾ ڪلئي منهن رستن تي سيل سپاڻا ڪنديون ڏٺيون - پنجابين جون بلڪ سنڌين جون به. مسلمانن جو مڊل ڪلاس به اتي ئي پهريون پيرو ڏٺم. ورنہ لاڙڪاڻي ۾ ته اڪيون هڪ وڏيري تان ٽڙي ٻئي تي پوندیون هيون، ۽ ٻئي تان ٽڙڪي ٽئين زميندار يا جاگيردار تي چڙهنديون هيون[1]. هونءَ ته ضلعي اندر هتي به ڪو گهٽ زميندار ۽ جاگيردار ڪونہ هئا، ليڪن انهن جو شهر تي اثر ڪونہ هو. ڪمين ڪارين ايندا هئا ته ائين ڇڻ مزمان - اهڙيءَ طرح جيئن مسافر، صبح آيا سانجهيءَ ويا. نہ پٽو ڪالونيون هيون نہ وڏيرن جون محل ۽ ماڙيون هيون. فقط ٻن زميندارن جا بنگلا هئا- هڪ خانبهادر درمحمد خان ڪڙهيءَ واري جو ۽ ٻيو خانبهادر جان محمد خان ڪوٽ سلطان واري جو. جڏهن پاڻ ايندا هئا، ته انهيءَ ۾ رهي ڪم ڪار لاهي، وري هليا ويندا هئا. زميندار جيئن لاڙڪاڻي ۾ شان شوڪت ۽ لاءِ لشڪر سان ايندا ۽ رهندا هئا، تيئن هتي ڪونہ هو. نہ ڪٽڪ ماٺهن جا ڪڍ، نہ مانين جا دستر خوان ۽ نہ نوڪرن جا ولر. ڪنهن کي ڪن نہ جن. ڪو آيو ته چا، جي ڪو ويو ته چا. دڳ سير ۾ ڪنهن سان چار چشمي ٿي وئي، ته "مابخير، شمابسلامت" ٿيندي، ورنہ ٿيو پلو. هرڪنهن ڏي خير.

* * *

منهنجي وڇڻ کان پوءِ البته ڪن زميندارن جي آمدرفت گهٽي ٿيڻ لڳي، ليڪن شهر سان تڏهن به انهن واسطو وجهہ ڪونہ رکيو. مثلاً، مرحوم خانبهادر جان محمد خان پٺاڻ بمبئي ڪونسل جو ميمبر هو- نهايت نيڪ، ڏاڍو سنجيدو، پٺاڻڪي تيز ۽ تک اصل ڪاڪ، عقل ۽ سمجهہ سان به بهرور، ائين پانئبو هو جڻ ڪوٽائي پٺاڻن مان آهي ئي ڪونہ. قد جو بندرو، پٽ جي ٽوپيءَ تي پشوري لٽنگي ڏاڍي سهڻي نموني ٻڌل، قميص ۽ شارٽ ڪوٽ، سلوار ۽ سليپر. هڪ ته ڪوٽ جي ماحول سان سندس مزاج مناسبت ڪانہ ٿي ڪاڏي. ٻيو ٻارن کي پڙهائڻ

جو سڪ بہ سڪر ۾ هو، تنهنڪري پارسي ڪالونيءَ ۾، ڪليڪٽريءَ جي پٺيان، پنهنجي بنگلي ۾ اچي رهڻ لڳو. جڏهن ملندو هو، تہ ڏاڍي قرب ۽ محبت سان، ليڪن گهري پوڻ جي طبيعت ڪانہ هيس، تنهنڪري هميشه دورباش خوش باش تي عمل ڪندو رهيو.

* * *

خانبهادر محمد پناهہ خان ڊڪٽ- رب شل جنت ۾ جايون ڏئيس، وڏي اوج، اقبال ۽ طمطراق جو صاحب هوندو هو. سنڌ انهيءَ رنگ ۽ ڍنگ جو پٽ وري پيدا ڪري نہ سگهندي. هيو تعلقي ڳڙهي ياسين جي آخري ڪنڊ جو وچولو زميندار، ليڪن ڏاڪو سڄيءَ سنڌ تي هيس. ٽلهو متارو قداور سهڻو مڙس، هلندو تہ جڙ ڪنهن مملڪت جو مالڪ گلگشت ڪندو اچي ٿو. سهڻي ڪٽ تي سلوار، اعليٰ درجي جي جورابن تي ولايتي شو بوٽ، شارٽ ڪوٽ، قميص تي بو بڏل، ترڪي ٽوپيءَ کي پاسي تي موڙو ڏئي ڪجڪلاهيءَ جو شان پيدا ڪندو هو.

هر نازنين كه بينم جلوه كنان براهي،
آهي ز دل برارم بر ياد كجكلاهي.

خوش خوشاڪ، خوش خوراڪ، مجلس جو شوقين، يارن جو يار، ماڻهن کان سواءِ منٽ بہ رهي نہ سگهندو. ڪل چرچو، پوڳ نڪاءُ، مانيون چاهيون، ڪيڪ منايون، مطلب تہ جيڪو وٽس ويندو تہ موڪلائڻ مهل بہ ڳوڙها ڳاڙي پوءِ جدا ٿيندو. جنهن ڏينهن وٽس ڪو مهمان ڪونہ هوندو، پنهنجي حياتيءَ جو اهو نياڳو ڏينهن ليکيندو. ماني هر ويلي تي بہ - ٽي قسم پچندي هئي. مهمان ڪونہ هوندو تہ ڳوٺ مان ڪنهن کي سڏي پاڻ سان گڏ ڪرائيندو. ٻئي کي ڪرائڻ ۾ جيڪا خوشي مان ان بزرگ کي ڏني، سا ٻئي ڪنهن کي ڪانہ ڏٺيم. ليڪن سندس ڪڙيءَ جو ٻيو ڪو درياه دل مهمان نواز ٿيو بہ تہ ڪونہ. رهڻ ڪرڻ، اُٺڻ ويهڻ، رک رکاءُ ۽ هلڻ چلڻ جو جيڪو ڪيس ڍنگ هو، سو لک خرچي بہ ڪنهن کي ڪونہ نصيب ٿيو. شان، دوستي ۽ مهمان داري، اهي ٽئي وصفون محمد پناهہ خان سان گڏ لحد ۾ لٿيون. جڏهن سندس قضيو ٿيو [2] ان وقت دوستن جي دلين کي تہ خير ڏڏکو پهچڻو هو سو پهتو، ليڪن دشمنن کان بہ دانهن نڪري وئي:

”محمد پناھ خان!“

”ڊڪٽن وارو؟“

”سچ ٻڌاءِ!“

”گذاري ويو؟“

”ابوءِ!“

”مڙئي يَر ڪاريگر جا ڪم آھن!“

”الله سائين بخشيس، واھ جو مڙس ھو!“

”ھائو ڀائو! وري ڪي اھڙا مڙس پيدا ٿيندا ڇا؟“

مرد اھي ڇئجن، مرن تہ دشمن کان بہ دانھن نڪري وڃي ۽ ڇئي تہ ٻيلي واھ جو مڙس ويو.

چوندا آھن سِرَ سِرَ ڪل آھي ۽ سڃي بخت جي بازي آھي،ماڻھن ڊڪٽن جو ڳوٺ سندس ھوندي بہ ڏَنو ۽ ھاڻي بہ ڏسندا ھوندا. جڏھن خير سان پاڻ جيئرو ھو، تہ سڄو شھر ڇڻ جيئرو ھو، ماڻھو ڇا، در ديواريون ۽ وڻ ٽڻ پيا ٻھڪندا ھئا، ھڪ تحرڪ ۽ ھڪ چرپر ھوندي ھئي. انھيءَ زماني ۾ صبح تہ صبح پر ڊڪٽن جون سانجھيون ۽ راتيون بہ صبح کان وڌيڪ پيون تجلا ڏيندیون ھيون.

میر سد بادِ صبا، از یار یادم مید ھد،

زان خرامان سرو خوش رفتار، یادم میدھد. (جامي)

اڄ تہ ڊڪن جي ٽاڪ منجھند بہ ڇڻ شام غريبان پئي لڳي، سڄو شھر اُداس، ڇڻ ڪنھن رَن جوءِ جو وڻاڻ آھي- ويران، گويا مڙس جو مڪان نہ پر مُردن جو مقام آھي. ھڪ ماڻھو ھو ليڪن بختاور، اھو ويو تہ سڄي شھر جي قسمت، خوشي ۽ خرمي پاڻ سان ڪنيون ويو.

در دیار خوبرویان دلربائي یافت نیست،

یا بہ شھر عشقبازان ھیچ صاحبدل نماند. (جامي)

ڪنهن زماني ۾ مرحوم وائسراءِ جي اسيمبليءَ جو ميمبر ٻه هو. ڏهليءَ ۾ اهڙي شان شوڪت سان رهيو، جو هندستاني راجائون ۽ نواب ٻه ڪنڊ ڦيرائي ٻه دفعا پيا پڇندا تہ هي ڪٽان جو مڙس آهي؟ سنڌ جو نالو حقيقت ۾ سندس انهيءَ هلت چلت ڏهليءَ ۾ مشهور ڪيو. لوڪلبورڊ جو ميمبر ۽ اسڪول بورڊ جو چيئرمن پڻ هو. سکر ۾ انهيءَ سلسلي ۾ گهٽو اچڻ ٿيندو هيس. ڪجهہ مهمان پاڻ سان ورتيون ايندو هو ۽ باقي ميڙا چوندي سکر ۽ سکر جي آسپاس مان ٿيندي هئي. بس جيترا ڏينهن رهندو، اوترا ڏينهن رونق لڳي ويندي. در تي بگيون، موٽران، بورچيخاني مان داغن جا هڳاءَ پيا اٿندا، محلي جي ويشنو هندن جو ٻه هڪ لڳا ساهہ گهرندو تہ هوند ماس ذرو واپرائي ڏسن! مطلب تہ:

خوش داشت خويش را، دوسہ روزي کہ زنده بود!

* * *

ٿيون زميندار هوندو هو ڳڙهيءَ جو خان شمس الدين خان عليه الرحمة، جنهن کي اسان سڀ "خان وڏو" سڏيندا هئاسين. سنڌ جي زميندارن ۾ اهڙو عجيب و غريب ماڻهو نہ ٿيندو. اهوئي پهريون زميندار هو، جنهن آمدنيءَ ۽ خرچ جي بجيٽ ٺاهي، جنهن حساب ڪتاب رکيو، جنهن روانگيءَ جي هڪ هڪ پائيءَ تي نظر رکي، جنهن پئسا بچايا، جنهن خود هندن کي ٻه وقت تي اوڌر پاڌر ڏني. اهو پهريون وڏو ماڻهو آهي، جنهن پنهنجي سموري زندگي يڪسان ۽ بنان عيب جي گذاري ۽ ڏاڍي اطمينان ۽ آرام سان بسر ڪئي. مجلس جو مور، ڳالهين جو ڳهير، راڳ رنگ جو شوقين، سُرَن ۽ سازن جو ڄاڻو، واڄي ۽ وڄت جو پارکو. جوانيءَ ۾ تہ پاڻ ٻه ساز سرود وڄائيندو هو، راڳ ڳائيندو هو، ۽ ڳائڻ وڄائڻ وارن جي هڪ سنگت ٺاهي چوڪيون ڪندو هو. مون سان پاڻ ڳالهہ ڪيائين تہ ڪيترا ڀيرا مرحوم مولانا عبدالغفور همايونيءَ ڪيس سنگت سميت گهرائي، ڏينهن جا ڏينهن پاڻ وٽ رهائي راڳ ٻڌو.

حاجي خانڻ شاعر سان پائپيءَ جو رستو هيس. لاڙڪاڻي مان گهوڙيءَ تي چڙهي، وٽس اچي مهينن جا مهينا رهندو هو: اڇي چاپئين سنهاري، جنهن کي ميندي لڳل، لنگي مٿي سان، نيرو وڏو پيراهن، ٻه تختي ڪائنچ ۽ سنڌي جُتي پير ۾،

جڏهن ويهندو تہ چادر ۽ گوڏن کي ويڑهي کانپ ڪڍي ويندو، اهو حاجي خانڀ جو حليو خان وڏي پاڻ مون کي ٻڌايو. حاجي خانڀ جي ڳالهہ ڪري خان وڏو هي ڪلام ڏاڍي مزي سان ٻڌائيندو هو:

چيٽ توڙي ڪتي، اسان داوَن تنهن جي وتي!
1- ساريون، جوئر، آپون، ڳنان، پکيون پوکان ٻڌن ٻنان،
لائيءَ لاباري هلن رَنان، انڊي ڪاڻي متي!
اسان داوَن.....
2- سرنهہ، جانيو، مٽر، چڻان، آلهِ ڪندو سنڊ ۾ گهٽان،
پيسي ڪاري مڇي ڪتي، جهڙو چيٽ تهڙي ڪتي،
اسان داوَن.....
3- حاجي خانڀ هلندو هل تون، پلو ڪندئي پلي،
جيڪو گري گنجي پلي، گڏه تنهن جي ڪانهين گتي،
اسان داوَن.....

حاجيءَ جي هيءَ ڪافي پڻ وڏيءَ لئي سان خان ٻڌائي موج ۾ اچي ويندو هو:

ڏک ڏولاوا ڏاج، ڏئي ويا ڏير مئيءَ کي، الا!
1- گهوريا گهر پنيور جا پيلا، ويهي گذاريان تهن ۾ ڪينءَ ويلا،
مولا ڪندو محبن سان ميلا، ڪوڙين ڪنديس پوءِ ڪاج،
ڏئي ويا.....
2- سسئي پنيور ڪندس مون بيزاري، پنهل ڪندو پاڻهي مون پوئواري،
ڳل ڳچيءَ ۾ پائيندس ڳاري، جو هٿئون پيڙم هاج،
ڏئي ويا.....
3- حاجي خانڀ انهن جي آهيان، چوريءَ ويا تيي نابر ناهيان،
آس اميد اجان نٿي لاهيان، ملندم يار ڪنديس معراج،
ڏئي ويا.....

خان وڏو اهلِ دل هو. سنو بيت ٻڌندو، سُرَ جو آلاپ سڌندو، وڃت جو سُر تال ڪن تي پوندس، بس روح ۾ ڇڻ تراوت اچي ويندس، سڃي منهن تي رونق اچي ويندس ۽ چپن تي مرڪ نروار ٿي ايندیس. پيو چوندو:

”واه! ميان حسام الدين شاه، واه!...

”واه! واه!...

”ڏسو ته چا ٿو پيو چئي!...

”سبحان الله! سبحان الله!!“

وڃت جو پنهنجي سر پاڻ ٻه ڪاريگر هو. انهيءَ جوانيءَ واري دور ۾ ساز سرود سان گڏ دلي، مردنگ، مِشِڪ، سارنگي، ڊولڪ، يڪتاري ۽ طبلي کي ٻه واه جو وڃايائين. ليڪن جڏهن اهي زمانا گذريا، اهي ماڻهو ۽ سنگتيون ويون، تڏهن پاڻ ٻه صفا هٿ ڪيي ڇڏيائين. ڪڏهن ڪڏهن موج اچي ويندي هيس، ته ٽيبل تي ويني ويني چار آڱريون هلائي ونندو هو. بس مزو اچي ويندو، گهڙي ساعت موج لڳي ويندي.

هڪ دفعي اسان ٻئي ڪراچيءَ واري ريواڇند موٽومل جي ڇاپ ۾ وياسين (جنهن دڪان ۾ هاڻي ايڇ. غلام محمد اڻڌ برادرس جو دڪان آهي). شام جو وقت هو، ڪبي هٿ تي ڊگهو شوڪيس اڃ ٻه ائين رکيو آهي، جيئن انهيءَ وقت هو. انهيءَ زماني ۾ ڪراچيءَ جو ٻه اوج هو، حاجي ڏوسل جي زوال کان پوءِ اهوئي هڪ دڪان هو، جتي هر شيءِ ملندي هئي. منڊمان، صاحبلوڪ، پرديسي، ديسي- مطلب ته سڃو دڪان خريدارن سان جهنجهيو پيو هو. خان جي طبيعت ۾ ٻه ڪا اوچتو موج اچي وئي، شوڪيس جي هڪ طرف کان شيشي تي ٻنهي هٿن سان وڃت ڪندو وجي ٻئي سري تي پهتو. اجا پنج - ڇهه هٿ ئي مس کيان هيائين، جو دڪان ۾ بينل سيني خريدارن جا ڪن ڪڙا ٿي ويا، خريد فروخت بند، انگريز، ميمان، ديسي، پرديسي جتي هئا، اتي جمي ويا. ڏهه - ٻارهن منٽ سڃو دڪان ڇڻ خان وڏي جي آڱرين تي نچيو ٿي! جڏهن وڃت کي وجي توڙ ڪرائي، پويون هٿ هيائين، تڏهن سيني وني ڏاڍيان تاڙيون وڄايون. انهيءَ شام جو خان وڏي جي طبيعت تي ڪا خاص بهاري هئي. وري اهڙو موقعو نصيب ڪونہ ٿيو.

اسان ٻنهي جي پاڻ ۾ دوستي نہ هئي، بلڪ عشق هو. ڏاڍو قرب ڏيندو هو، تمام گهٽو پائيندو هو، جيڪا شيءِ ونندو سا ضرور ڏيکاريندو، لٽو چگو ڏسندو صلاح ڪندو، سٽو سوٽ سيرائيندو، پائي پهريون اچي مون کي ڏيکاريندو. زميندارن ۾ اسانجن وڏن ۽ ٻڌن کان پوءِ هي ٻيو زميندار هو، جنهن انگريزي لٽا پائڻ شروع ڪيا. لٽي ڪپڑي جو ڏاڍو شوقين هو، لٽا ديسي هجن چاهي انگريزي، بٽ جو سنهون چڙڪ ۽ سرو جهڙو سڏو هوندو هو، تنهنڪري پوشاڪ جسم تي ڏاڍو جوڙ ۽ جنسار رکي ٻيهندي هيس. شڪل، صورت، رنگ ۽ روپ جو ٻہ پناڻ هو، سهڻو، سفيد، ڳاڙهو، تنهنڪري جيڪي پهريندو هو، سوڄڻ پيو منهن تي پوندو هيس. ڏاڙهيءَ تي پاڪي گهميل، مڃان ڪينچيءَ تي ورتل. منهنجي جڏهن ساڻس واقفيت ٿي، ان وقت ئي وار اڇا جهڙا ڪير هيس.

پوئين زماني ۾ ڳڙهيءَ ۾ ڏاڍيون ڪچهريون ڪيونسين. منهنجو نوديري ٻڌندو تہ هڪدم موٽر موڪليندو. هڪ طرف مون ڏي موٽر ايندي، ٻئي طرف مرحوم غلام صديق خان عيسانيءَ ڏانهن بگي ٻڌي ويندي. ٻئي وڃي ڪنا ٿيندا سين. ڏينهن تي ويني گذري ويندا، پر راتيون ٻہ اکين ۾ ڪاٽي ڇڏيندا سين.

* * *

مرحوم عيساني ٻہ پنهنجو مت پاڻ هو. اهڙو ماڻهُ ٻچو وري ڪونہ ٿيندو. جيد عالم، ڪتابن جو ڪيڑو، وڏو مفڪر، صورت ۾ خواه سيرت ۾ فلاسوفر، طبيعت جو، دل جو، رهڻي ڪهڻيءَ ۽ اٿيءَ وينيءَ جو درويش ۽ ڏاڍو سيرچشم، بلڪ سچو پچو ۽ صحيح معنيٰ ۾ اهل دل هو. هميشہ* خاڪي نِڪر پائيندو ۽ قميص ٻہ ٽوئيل جي خاڪي، جنهن کي ٻہ ڪيسا سيني تي ڏڪ سان ۽ ڪالر. اها هميشه جي عادت هيس. ماپ تي نہ نڪر سبرائيندو هو ۽ نہ قميص. قميص جي ڳچي چار آڱر ڪن وڏي هوندي هئي، جنهن کي پٽيان سيفٽي پِن هڻي ڇڏيندو هو، ٻانهان ڏگهيون، تن کي ڪلهي وٽ ور ڏئي پاڻ ئي اڇي ڏاڳي سان ٽلهو ٽوپو ڏئي ڇڏيندو، نڪر ايڏي موڪري، جو منجهس ٻہ عيساني اڇي وجن، تنهن ۾ هڪ پراڻو پٽو هوندو هيس، سو ٻڌي ڇڏيندو هو، پٽي هيٺان نڪر کي ايترا

گهنج ۽ وڪڙ اچي ويندا هئا، جو نہ اڳ پٺ جي خبر پوندي هئي، نہ شيپ ۽ شڪل صورت جي. چوندو هو:

”پائو! مڙئي اگهاڙي انسان جا عيب لڪائڻا آهن، ان لاءِ ڪهڙا ويهي اهتمام ڪجن. جسم ايترو لهي ئي ڪونہ، جو ان تي ايترو وقت ۽ ذهن ضايع ڪجي. اصل شيءِ اڇِي روح! ميان روح!! جنهن جي پَرَ گهُورَ ڏاڍي ضروري آهي.“

تنهائيءَ ۾ رهڻ ۽ ڪتاب پڙهڻ پسند ڪندو هو. ملندو فقط انهن ماڻهن سان هو، جن سان روح ريڍل هيس يا وري جن جي ڳالهائڻ مان ڪيس ڪتاب جو مزو ايندو هو، ورنہ عامي ماڻهن کان- پوءِ ڪيڏو بہ ڪٽي لات چو نہ هجي- سخت پهلوتهي بلڪ هڪ معنيٰ ۾ نفرت ڪندو هو. چوندو هو:

”پائو! انسان خوفناڪ جانور آهي ۽ ساڻئي وقت فضول بہ. تنهنڪري ان سان ايترو وقت نہ وڃائجي. ملجي چڙو انهن سان جن مان ڪا حاصلات ٿئي، جنهن جي موڙيءَ ۾ ڪجهہ هجي، جنهن کان ڪجهہ پرائي سگهجي، يا جنهن جي فطرت جو مطالعو ڪري ڪنهن نئين نتيجي تي پهچي سگهجي.“

بدجنس ۽ خسيس مزاج ماڻهو کان هميشہ پاسو ڪندو رهيو. جڏهن رڙائر ڪري ڳوٺ آيو، تڏهن جدا ماڙي نهرائي، ان جي مٿئين طبقي ۾ رهڻ لڳو. چهل قدمي بہ انهيءَ جي اڳڻ ۾ ڪندو هو. پلويڙو ايڏو ڪيرايو هئائين، جو نہ مٽس ڪنهن جي نظر پئجي سگهي ۽ نہ سندس ڪنهن تي نگاهہ پوي. 5-6 سال پنهنجي ڳوٺ ۾ رهيو، ليڪن انهيءَ نوڪر کان سواءِ ڪنهن جو منهن نہ ڏٺائين، جيڪو وقت تي سندس ضرورت جو ٽپڙ آڻي سندس اڳيان رکي ويندو هو - سيرب جو سامان، ماني ٽڪي، لسي ۽ ڪير، انهن وقتن کان سواءِ نوڪر کي مجال نہ هئي تہ وٽس اچي، ڪڏهن ڪڏهن پٽ کي اجازت هوندي هئي تہ سخت ضرورت جي وقت ساڻس اچي پنج ڏهہ منٽ ملي وڃي، يا سندس پاڻ غلام مرتضيٰ کي موڪل هئي تہ ڪراچيءَ کان جڏهن اچي تہ صبح شام ساڻس ملندو ڪري، يا راز هوندو هيس آغا شمس الدين خان سان، سو بہ جڏهن گهرائيندو هيس تہ ويندو، ورنہ ڇہ ماهيون بلڪ سال بہ ٿي ويندو تہ ڏاڪڻ تان هيٺ نہ لهندو. ڪڏهن ڪڏهن روح گهرندو هيس، تہ ڊڪٽن ۾ وڃي محمد پناهہ خان جي گهرٻار جي خبر رکي، ماني کائي،

شام جو موڻي ايندو هو. ڪليڪٽر ڏي رڻائر ڪيائين. پهريون پگهار ۽ پوءِ پينشن، جڏهن ايندس تہ ڪاڏي، ڪتابن جي خرچ ۽ پنهنجي خاص ملازم جي تنخواهہ جا پيسا ڪڍي، باقي سڄي رقم مخفي طور رنن زالن ڏي، يتيم ٻارن ڏي، ۽ ڪن غريب عزيزن ڏي موڪلي ڇڏيندو. سندس پنهنجي ڪاڏ خوراڪ جو خرچ مشڪل سان پنجاهہ ڪن هوندو هو. گوشت ورلي، ورنہ هميشہ ڀاڄيون ڪائيندو هو، لسي سڄو ڏينهن پيو پيئندو، سرنهہ جو منو تيل مٿي ۽ بت ڪي ايترو هٽندو، جو پري کان ان جو جرڪاٽ ڏسڻ ۾ پيو ايندو، فروٽ سالڊ جا ڪوڪا وڻي رکيا هئائين، ان جو استعمال صحت لاءِ ضروري سمجهندو هو.

ڪتاب، اخبارون جڻان ڪٽان هر مهيني پيو گهرائيندو. ڪتاب جو هر ورق ۽ هڪ هڪ حاشيو نوٽن ۽ ليکڻ سان پري ڇڏيندو. اخبار پڙهندو، ضروري خبر ڏسندو تہ ڪٽنگ ڪري رکندو. انگريزن جو سخت ترين دشمن هو. ايڏيءَ شدت جي نفرت اسان ٻئي ڪنهن ڪي ڪانہ ڏني. خود انگريزن جي وڏن وڏن قومي مخالفن ڪي بہ ساڻن ايڏي دشمني ڪانہ هوندي. عيساني صاحب سندن قومي تاريخ جو تمام ڇڱيءَ پر مطالعو ڪيو هو. هرهڪ انگريز گهراڻي، بلڪ ان جي ستن پيڑهين مان، واقف هوندو هو. انهن جي قومي خصائلن جو، ڪردار ۽ فطرت جو، سندن سياست ۽ حڪمرانيءَ جي عيبن ثوابن جو، مطلب تہ ايڏو واقف خود انگريز پاڻ بہ پنهنجو ڪونہ هوندو، جيترو عيساني مرحوم هو. تنهنڪري سوچي سمجهي، وڏي تجربي، ذاتي مشاهدي ۽ گهري مطالعي بعد هن اها نفرت پيدا ڪئي هئي.

عيساني صاحب هندستان جي تاريخ جو بہ غور سان مطالعو ڪيو هو. سندس راءِ هئي تہ مغلن جو زوال عالمگير کان پوءِ نہ ٿيو، بلڪ ان جي شروعات عالمگير جي تخت نشينيءَ واري جدوجهد کان ٿي، ان جي ابتدا تڏهن ٿي، جڏهن هُن پيءُ کي تخت تان لاهي ڪاڻ ۾ وڏو ۽ برادرڪشيءَ جو آغاز ڪيو. ڪانئس پوءِ جيڪا شهزادن ۾ ڪشت و خون هلي، سا سندس انهيءَ پاليسيءَ جي صداءِ بازگشت هئي. جڏهن ڪيس کو ٻڌائيندو هو تہ عالمگير تہ هندي مسلمانن ۾ 'غازي' ٿو سڏيو وڃي، تڏهن ڏاڍيان ٽهڪ ڏيئي ڪلندو هو. چوندو هو:

”اسان جي قوم خواه اسان جا مورخ طبعاً شاهه پرست آهن. ڏٺو ڪونہ اٿو تہ هر فاسق ۽ فاجر، ظالم ۽ بدڪردار بادشاهه کي اسان جي مورخن ’ظل الله‘ سڏيو آهي!“

چئبو هئس تہ: ”سائين! علامہ اقبال بہ سندس لاءِ چئي ويو آهي:

ترڪشِ مارا خدنگِ آخرين!“

چوندو هو: ”پر ميان حسام الدين، چڏيو! اوهان بہ شاعرن جي قول کي ڪٽي اهميت ڏني آهي. شاعر ڪڏهن رنگ ۾ تہ ڪڏهن ڏنگ ۾!“ وڏا ٽهڪ ڏيندو، انکان پوءِ سنهڙيون اکيون ڪجهہ ٻوٽجي ويندَس. انهن اڌ ڪليل اکين سان تکي گهور وجهي چوندو:

”پائو، ساڳي اقبال صاحب انگلنڊ جي بادشاهہ جي تعريف ڪانہ ڪئي آهي!“ مون ڏي منهنجي ڪري چوندو:

”پر، ميان حسام الدين! اهو بيت ڪيئن پڙهندو آهين؟ پر، پاڻ کي تہ اڌو ڦڙدو ڪانہ ايندي آهي.“

اڌدوءُ کي هميشہ زوال [3] جي دور جي زبان سمجهندو هو، تنهنڪري جڏهن بہ ’اڌدوءَ‘ جو نالو ڪڍندو هو، تڏهن ’ڦڙدوءَ‘ جو اکر پنيان ضرور لائي چڏيندو هئس.

”صاحب، ڪهڙو شعر؟“

”يار، هو!...

”ها سائين، ٻڌو خان وڏا!...

”پائو، هو ٻڌاءِ امان الله وارو!“

”اُهو جنهن ۾ امان الله جي تعريف ٿيل آهي!“

”ها، ها! پائو!“

”اي اميرِ ڪامگار! اي شهريار! نوجوان و مثل پيران، پخته ڪار؟“

”اِهو پائو! اِهو!“

”جڏهن امان الله ويو تہ وري نادر خان جي بہ تعريف ڪئي اٿائين؟...

”پير! ٻڌائجانءِ تہ يار!“

”نادر، آن دانائي رمزِ اتحاد با مسلمان داد پيغامِ وداد.“

”نادر، آن سرمايه درانيان آن نظامِ ملت افغانيان.“

”آغا وڏا! ٻڌندو وڃ، ير! جيڪو تخت تي وينو، تنهن جي تعريف!...

”اجان ٻيو ٻڌ، خان وڏا!...

”ير، معاف ڪجانءِ! هو پوپال واري حميد الله وارو ته ڇئجانءِ!“

عيساني صاحب وڏن ماڻهن، اميرن ۽ جاگيردارن يا نوابن جي سخت خلاف هوندو هو. چوندو هو ته اهي انسان ذات لاءِ ’ڪينسر‘ آهن.

”ادا پائو! اسان جي خان وڏي کي اهو بيت ٻڌاءِ ته سهي!“

”ها سائين، ياد ڪيان.“

* * *

عيساني صاحب جون سنهيون اکيون، جن جا ننڍڙا تارا ايترو تيزيءَ سان چمڪندا هئا، جو انهن جي تاب ۽ تيک جي سامهون ٻين جون وڏيون وڏيون اکيون پاڻ جهلي نه سگهنديون هيون، يڪدم ڦوٽارجي ويون، بلڪ پنهنجي ظرف ۽ وسعت کان به زيادهه کلي ويون. چوڻ لڳو:

”خان، ٻڌ!...

”هيڏي پير، ٻڌ! تون به پاڻ کي ڪا چيز سمجهندو آهين!“

عيساني صاحب بس جوش ۾ هوندو. عام حالتن ۾ ٽنگ ٽنگ تي چاڙهيون وينو هوندو، ليڪن جڏهن ڪو اهڙو موقعو ٿيندو هو، ته ٽنگ لاهي هيٺ ڪندو، نيٺ وارو لڪ، جنهن جي مٿ تي مَرُ چڙهي ويل چمڙو چڙهيل هوندو، ان کي هر هر پيو زمين تي هٽندو، ۽ سڄي هٿ جي اشهد آڱر بار بار نڪ تائين پهچي، ان کي پئي چهندي. جڏهن عيساني صاحب تي اها ڪيفيت طاري ٿيندي هئي، تڏهن ڪچهريءَ جا سيئي ماڻهو هوشيار ٿي، ڏانهس متوجهه ٿي ويندا هئا. اهو گويا سندن لاءِ الارم هو. چوندو:

”خان وڏا! امان الله جيسين تخت تي تيسين اهو به چگو مڙس، نادر خان انگريزن آندو ته اقبال صاحب لاءِ اهو به اکين جو نور، ۽ پنج سؤ رپيا پوپال جي نواب ماهواري مقرر ڪيا ته اهو به اسلام جو ستارو- اقبال صاحب کي اها خبر نه

هئي ته حميدالله جي رياست ۾ هزارين مسلمان انگ اگهاڙا پيٽ بکيا رهن ٿا؟ انهن جي خوشحاليءَ جو مٿس اسلام جي طرفان کو ذمو هو يا نه؟ پلا پوءِ اهو کيئن اسلام جو نگهبان ٿيو؟ اجا سائين ٻڌو ته سهي...“

انهيءَ وقت وري مون ڏي منهن کندو:

”معاف ڪجانءِ، ير! هڪ ته اسان کي شعر ياد رکڻ ۾ ڏانوَ نٿا اچن... هو ته ٻڌاءِ جنهن ۾ خوشحال خٽڪ لاءِ چيل آهي!“

خوش سرود آن شاعر، افغان شناس، آنکه بيند، باز گويد بي هراس،

آن حڪيم ملتِ افغانيان، آن طبيب علتِ افغانيان

اتي صاحب کلي ويهندو - سنهڙيون اکيون، جيڪي هن وقت تائين کليل هيون، سي ٻوٽجي ويندیون - ڏاڍيان ٿهه ٿهه ڪري چوندو:

”ير، الله تنهنجو پلو ڪري، وري ته چئجانءِ!“

راز قومي ديد و بي باکانه گفت، حرف حق با شوخيءَ رندانه گفت،

اشتري يابد اگر افغان حر، يابراق و ساز و با انبار دُر،

”جهت دونش ازان انبار در، ميشود خود شنود بازنگِ شتر“.

”اهوئي خٽڪ آهي نه جنهن عالمگير تي سخت ملامت ڪئي آهي ۽ چيو اٿائين ته تعجب آهي، جنهن پيءُ جيل ۾ وڌو، جنهن پائر کُنا، جنهن اسلام جي قانونن کي پڳو، تنهن کي مسلمانن ’محي الدين‘ جو لقب ڏنو آهي. مان به ير راورٽيءَ ۾ ان جو ترجمو پڙهيو آهي. پشتو ته پاڻ کي ايندي کانه آهي!“

آغا بدر الدين خان تائيد ڪندي چوندو:

”هائو صاحب، هائو، مان به ان جو ترجمو پڙهيو آهي.“

”يار، ائين ته چئجانءِ!...

”الله شل توکي حياتي ڏئي!“

”هائو سائين، هائو!“

”ٻڌئي خان وڏا؟... هي تنهنجو پٽ به ڪتابن جو ڪيڙو اٿئي...

”ٻڌين ٿو؟...

”ڪيڙو! ڪيڙو! هائو ڪتابن جو...

”رات ڏينهن منهن ڪتابن ۾ اٿس...
”ڪڏهن هِن جي لائبريريءَ ۾ويو آهين!“
”نه ير!“
”سچ ته چؤ!“
”ها! ها! ها!“

وري ٽهڪ ڏئي چوندو:
”بڈ سائين، هاڻي. جي عالمگير خدنگ آخرين، ته خٽڪ شهباز چو، بنهي مان هڪ ته ڪوڙو هجڻ ڪپي. پر ڪهڙيون ڳالهيون ٿو پچين! شاهه پرست قوم جا جهڙا مؤرخ باشاهه تهڙا شاعر بادشاهه. سيئي شاه پرست، مڙئي دبو گل آهي.“

پوءِ سيني کي ڪلي چوندو:
”پائو، شاعرن جي ڳالهين تي اعتبار نه ڪرڻ ڪپي. هنن جي فقط ڪاريگريءَ کي ڏسڻ ڪپي، ان مان لذت حاصل ڪرڻ گهرجي. هنن جي ڳالهين کي بڈبو آهي، انهن تي هلبو نه آهي.“

اهڙيءَ طرح صاحب ڪڏهن ڪڏهن جوش ۾ اچي ويندو هو ته ٻين سان گڏ علامه مرحوم مان به ٻِسٽِ ٻاهر ٿي ويندو هو. انگريزي ادب جي واهه جو ڄاڻ هئس، باقي مشرقي شاعريءَ جي مزاج جي پروڙ ڪانه هُئس.

عيساني صاحب سنڌ جي هر ضلعي ۾ رهيو. جتي رهيو، اتي هن پنهنجو وقت رائگان ڪونه وڃايو. انهن جي حالتن جو مطالعو ڪيائين، تاريخ جو مطالعو ڪيائين، ماڻهن جي رسم رواج، عادتن، اخلاقن ۽ طبيعتن جو اڀياس ڪيائين. تنهنڪري هن کي هر ڪنهن لاءِ پنهنجي خاص راءِ هوندي هئي. هڪ دفعو وڏي سوچ ويچار ۽ تجربي بعد جيڪا راءِ قائم ڪيائين، ان ۾ وري هڪ زير زبر جي بدل سدل جي به ڪيس ضرورت ڪانه پئي. ڄڻ پٿر تي ليڪو اڇي ويو. اٺويهين صديءَ جي اختتام ۽ ويهينءَ صديءَ جي هِن اڌ جو هُو وڏي ۾ وڏو ماهر ۽ ڄاڻو هو. سنڌ جا مشاهير ياد، انهن جي عيبن ثوابن مان واقف، انهن لاءِ مخصوص راءِ، پراڻن خاندانن جي شجرن ۽ متن مائٽن جي خبر، شخصن جي ذاتي ڪردارن جو

جاڻو، سنڌ ۾ ٽيل سيني وڏن واقعن جي تفصيل جو ياد حافظ. مطلب تہ مشاهدي ۽ مطالعي جي منجهس ڏاڍي قدرت ۽ قوت هئي. چوندو هو:

"ڀائو! انسان کي سڄي عمر شاگرد ٿي رهڻ گهرجي، هميشهہ پيو پرائجي، هميشهہ پيو سکجي. هن ڪائنات ۾ ايڏا اونهان اسرار آهن، جو هڪڙيون سوين زندگيون هجن، تڏهن بہ پوري پروڙ پئجي نہ سگهندي. وقت ٿورو، معاملا وڏا، تنهنڪري هڪ هڪ منٽ قيمتي سمجهڻ گهرجي. خدا ڪفر معاف ڪري ڇڏيندو، ليڪن وقت جي زيان جو گناهہ ڪڏهن ڪونہ بخشيندو."

سنڌ ۾ ڪن خاص شخصن ۽ خاندانن سان سندس دلبري هئي. تمام وڏي تجربي بعد هن اهي ماڻهو ۽ گهراڻا منتخب ڪيا هئا. اپر سنڌ ۾ محمد پناهہ ڊڪڙ جو گهر، آغا شمس الدين ۽ خانبهادر در محمد خان جو گهر، هيڏانهن اسان جو گهر. جڏهن انهن گهراڻن مان ڪنهن سان ويهندو، تڏهن خوش بہ ٿيندو ۽ ڪلي بہ ڳالهائيندو. مجلس ۾ جو وقت وينو هوندو، پاڻ گهٽ ٻڌائيندو، ٻين کان گهڻو ٻڌڻ گهرندو. ڳالهہ ڪبي، وٽندیس، دل کي لڳندیس، طبيعت کي آئڙجي ايندیس، سندس پنهنجي راءِ سان پڃي ۽ ٺهڪي ايندیس، تہ ٺهڪ ڏئي ڪلي ويهندو. سندس سنهڙيون اکيون، جيڪي ٻن نندڙن ستارن وانگر هميشہ پيون ٽمڪنديون هيون، ۽ جڏهن پنهنجا تمام سنها ٻئي چپ پيڪوڙي ڪنهن ڏي غور سان گهور پڃائي ڏسندو هو، تڏهن ماڻهوءَ جي روح تائين اهي وجي رسنديون هيون، ۽ خوشيءَ مان ٻوٽجي ويندیون هيون. يڪدم ڪرسيءَ تان اٿي اڇي پاڪر پائيندو، مِنيون ڏيندو، مٿي کي ٻنهي هٿن سان وٺي ڏوڙيندو، ٻئي ڪَنَ پٽيندو ۽ پڃاڙيءَ ۾ جوش ۽ جذبي منجهان جڏهن ڇهندي پائيندو، تڏهن سمجهبو تہ اها ڳالهہ عيساني صاحب جي دل ۾ اصل گهر ڪري ويئي. چوندو:

"جهل پائو! جهل!...

"وري ٻڌائجانءِ!...

"هان؟...

"سچ سچ؟...

"ير، واهہ جو ٻڌايئي؟...

”واهہ پائو، واهہ!...

”شل خوش هجين!“

مون سان ڏاڍي محبت هيس. هڪ دفعي[4] خان وڏي مون ڏي موٽر موڪلي، ڏانهس ٻہ جيپ موڪلي. وٽس جيپ صبح جو انهيءَ وقت پهتي، جڏهن خضاب لائي ۽ اڏ ڏاڙهي ڪوڙي بينو هو. بس هر شيءِ اتي. خضاب متي ۽ مڃن تي موجود، اڏ سنهاري صاف، اڏ جا بُڄ ٻاهر، جن تي صابڻ لڳل، سڏو، لڪڻ هٿ ۾، ڏُو اچي ڳڙهيءَ پهتو. مان شام جو ڏينهن ناري پهتس، ڏٺم تہ عيساني مرحوم اهڙي حال ۾ منتظر وينو آهي!

”اڙي صاحب، هي ڇا؟

”بس ميان حسام الدين، خان وڏي جي موٽر آئي، تنهنجي خبر پئي، چيم اهو وقت ٻہ هتي ڇو وڃايان؟“

”پر صاحب! هتي پهچي تہ سيرب لاهي تڙ ڪيو ها؟“

”پائو تنهنجو انتظار هو. مان غسلخاني ۾ هجان ۽ تون جو اچي وجين، پوءِ ڇا ٿئي؟“

بس پوءِ تہ نہ خوش، نہ خير عافيت، نہ حال نہ احوال،

”ها پائو، پلا هيءَ ڳالهہ ڪيئن؟“

ڏڪڙ تي جڙ اٿو لڳي ويو. ڪچهري شروع ٿي وئي- چميون، پاڪر، چهنڊيون، ڪن پٽڻ، مٿو ڏوڻڻ. خان وڏو ڪلي چوندو:

”صاحب! ٽڪ تہ پَٽُ ڏينس!“

”خان وڏا بس تہ ڪر، ههڙا موقعا ڪي روز ملندا آهن ڇا!“

اُنهيءَ رات اسان ٻين بجي رات تائين وينا سين. جڏهن مٿو صفا خالي ٿي ويو، تڏهن عيساني صاحب کي عرض ڪيم تہ ’باقي آئينده ڪري، هاڻي سمهڻ گهرجي.‘

ڳڙهيءَ جي رات ٽڏي هئي، ليڪن مڃر غضب جا. خدا پيو پناهہ ۾ رکي. آغا بدرالدين خان منهنجي ڪٽ تي مڃرداني ٻڏرائي ڇڏي هئي. مون کي ڪهڙي خبر تہ مڃرداني اڄ ئي پنهنجي صحيح معنيٰ کي سمجهي، واقعي ’مڃرداني‘ ٿي

پوندي. اجان گهِلَ اچي ته نڪ چڪ، وري اک لڳي ته ’پون، پون‘... چڪ، ٿورڙو ننڊ جو گهيرٿ وٺي ته ڪن ۾ ’زان زان زان...‘ ٺا ٿي ويو ڪن جي پاڻي ۾ الغرض ٻي وڳي تائين ته عيساني صاحب سان صحبت رهي ۽ ٻين کان وٺي صبح تائين مڇرن ۽ منهنجي مابين موازنو ۽ معرڪو ٿيندو رهيو. جڏهن روشني ٿي، ته ڏٺم سوين مڇر اندر موجود. مڇرداني صحيح معنيٰ ۾ مڇرداني هئي- اهڙيءَ طرح جيئن ڪير داني، ڪنڊ داني ۽ چانهه داني. مان اجا انهيءَ ڪبيدگيءَ ۾ وينو هيس، اجا مڇرداني‌ءَ جي ’دان‘ مان ٻاهر نڪري، هٿ منهن به ڪونه ڏوتم، ته اجهو ڏسان ته عيساني صاحب موجود.

لڪڻ، قميص، نڪر، جنگهان اگهاڙيون، جن تي سرنهن جي تيل جو جَرڪو، ڪالهه واري اڏ ڪوڙيل سنهاري صاف، ۽ خضاب جا ڇٽا ۽ ليوڙا به لٽل، منهن ۽ وارن تي به تيل جي چمڪ، اجا سچو صبح به ڪونه ٿيو هو، چڙو پرهه جي نور جي جاڏي ڪاڏي روشني ٿي هئي، ڪيترا ستارا به ڪونه ٻڏا هئا.

”ها پائو! اٿيا آهيو؟“

”ٻلا هي ته ٻڌائجانءِ!“

”ير عيساني صاحب، خدا جي نالي گهڙي ڪن ته ڇڏ!“

”چگو ٻلا، پوءِ ٿا ڳالهايون.“

اهو چوندو صاحب اٿيو هليو ويو. جڏهن ونهتس، اوجاڳي جي ٽڪاوٽ بت تان لٿي، تڏهن شرمندو ٿيس. انهيءَ انفعالي ڪيفيت ۾ وڏي هال ۾ جو وجان، ته خان وڏو ۽ عيساني صاحب هڪٻئي سان جوٽ لايون وينا آهن. مون ڏي ڏسي، صاحب کلي وينو:

”پائو، تڙ ٻڙ ڪيئي؟“

گهٽا ابوجهه ڪيس ديوانو ليکيندا هئا، ليڪن هُو پاڻ- پنهنجي تجربي مطابق سيني کي چريو سمجهندو هو ۽ سچ پچو ته حقيقت به اها هئي. جي دنيا ديواني نه هجي ها، ته هو بيوقوف ٿورو هو جو درَ ڏئي ويهي ها؟

سنڌ جي سياست ۾ مجيد، سيد، راشدي ۽ ڪهڙي ڪان سواءِ باقي ٻين سيني کي ڳنڍي ڪپ ۽ چاقومار سمجهندو هو. ڪن لاءِ چوندو هو ته اهي اڻ گهڙيا ڪاٺ

آهن. شيخ صاحب جي سياسي فراست جو قائل هو، سيد جي سنڌ دوستيءَ تي عاشق هو، راشديءَ جي ذهن ۾ غربانوازيءَ تي راضي هو، ۽ کهڙي جي انتظامي قابليت وٽندي هيس. سنڌ کان ٻاهر بادشاه خان (خان عبدالغفار خان) سان بيحد دلچسپي هئس ۽ سندس مرتبو سيني کان اتاهون سمجهندو هو. مسلمانن ۾ قربانيءَ ۽ انگريز دشمنيءَ جي لحاظ کان کنهن کي سندس ثاني شريڪ نٿي سمجهائين.

جڏهن ملڪ ۾ حصا ٿيو، تڏهن ۾ سال کن بلڪل خاموش رهيو. پڇبو هئس ته نٽائي ويندو هو. آخر جڏهن کليو، تڏهن پڇيوسين:

"صاحب، ڪيو خبر؟"

"پائو حيران آهيان؟"

"چو صاحب؟"

"پاڪستان ان لاءِ ٿيو ته انگريزن جي چند پراڻن پنن جو مڪو مچي ۽ ڪن ڪامورن لاءِ چرڳ[5] ٿئي ايڏو نقصان ۽ هي نتيجو؟ واه پائو واهه!"

هڪ دفعي ڪراچيءَ کان ڳوٺ ايندي سندس نندو پاءُ غلام مصطفيٰ خان باقراڻن وٽ هلندي ريل مان ڪِري پيو. هڏُ گَڏُ ڇڪنا چور ٿي ويس. لاڙڪاڻي جي اسپتال ۾ آڻي وڌائونس. مان ۾ اتفاق سان اتي هئس. شام جو عيساني صاحب ۾ اچي پهتو. پاڻس ڪٽ تي نيم بيهوشيءَ ۾ پيو هو. ڪٽ جي هڪ پاسي کان مان وينو هئس، ٻئي کان پاڻ اچي وينو. نه پاءُ کي پورو ڏٺائين، نه سندس حالت دريافت ڪيائين. ويهندي سان چيائين:

"پائو، تون هتي ڪيئنءَ؟...

"ير، ڏاڍو مزو ٿي ويو!...

"پوءِ ٻلا، ٻي ڪهڙي خبر؟"

مون کي لڄ وني وئي، پاڻس جو ههڙو حال ۽ صاحب کي اچي خبر چار جي لڳي آهي! عزيز خويش چا خيال ڪندا. ڇهين شام کان اٺين بجي رات تائين مريض جي ڪٽ وٽ وينو ويني ڪڇهري ڪئيسون ۽ ان کان پوءِ وڃي رايل هوٽل ۾

ويناسون. مان اڳ ئي اتي رهيل هئس. منهنجي سانگي پاڻ بہ اتي اچي رهيو. چيائين:

"ير، واه جو رنگ لڳي ويا!"

آيو پاءُ کي ڏسڻ هو، ليڪن بہ ڏينهن جيڪي رهيو، سو هوٽل کان ٻاهر نہ نڪتو، نہ مون کي ئي چڏيائين تہ غلام مصطفيٰ کي ڏسي اچان. ماڻهن جي ذريعي پيو پچا ڪرائيندو هو. چوندو هو:

"مڙئي الله خير ڪندو!...

"حياتي هونديس تہ ڪاڏي ويندو؟"

ڪيس هڪڙو پٽ هو. ٻي ڪابہ اولاد ڪانہ هيس. پهرين جوانيءَ ۾ جو گهرواري وفات ڪري ويس، تہ وري عورت ڏي ڪونہ تڪيائين. ڪتاب، اخبارون، ڪائنات جي اسرارن جو مطالعو، ۽ ڪن خاص يارن سان ڪچهري- بس ڪيس ڪنهن ٻيءَ سنگت جي سڃي حياتيءَ ۾ ضرورت ڪانہ پئي. چاليهن پنجيتاليهن جي جمار ۾ سندس اهو هڪ فرزند بہ اوچتو هڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويو. مان ڏاڍي ڏڪ مان وٽس عذر خواهيءَ لاءِ ويس. در تي اچي پاڪر وڏائين. لٽا اهي ئي- ٽوئيل جي ڪشادي خاڪي قميص، نڪر، ان تي پراڻو پٽو، سرنهن جو تيل مٽي ۽ بت کي لڳل. ڪرسيءَ تي ويهي، دستور مطابق چيم:

"صاحب جيڪا مرضي..."

ڳالهہ پوري ڪرڻ بہ نہ ڏنائين، چيائين:

"ٻائو، مڙئي خير آ، اهي ڳالهيون پيون ٿين، تون ٻي ڪا خبر ٻڌاءِ!"

چار ڪلاڪ وينو رهيس. مجال آهي، جو هن عظيم المرتبت شخص جي انداز مان ڏڪ ۽ صدمي جي ڪا لڪا پوي. ايڏو صبر، ايڏو طبيعت تي قبضو ۽ اختيار!، اهي سيئي حادثا، ڳالهيون ۽ واقعا زماني جي دستور ۽ رسم کان زياده وٽس ڪا اهميت ڪانہ رکندا هئا.

سال 1957ع ۾ فيصلو ڪيائين تہ هاڻي مرڻو آهي. هن کان پوءِ مطالعو بہ اجايو تہ زندگي بہ بيڪار. يڪدم ڪتاب صندوقن ۾ بند ڪرائي، اخبار وارن ڏانهن بندش جا ڪارڊ لکي، پاڻ ڪٽ تي آهلي پيو. نڪا بيماري نڪا ڪٽس. مائٽ

سمجهائي بينا، دوست زور ڏئي ٽڪا، ڊاڪٽرن سوين يقين ڏياريا، ليڪن ڪٽ تان اصل ڪونہ اٽيو. پوين ڏينهن ۾ ڪراچيءَ اچي پنهنجي پاءُ غلام مرتضيٰ وٽ رهيو. مان ٻڌو تہ ماڻهن سان ملڻ بند ڪري ڇڏيو اٽائين. فقط هڪ سندس خاص ملازم ۽ ٻيو سندس پاءُ وٽس اچي وجي ٿو. دوستن يارن کي بہ ڏسڻ نٽو پسند ڪري. ان هوندي بہ روح نہ رهيو، دل جهلي نہ سگهياسي. آغا بدر الدين خان ۽ مان هڪ شام جو وٽس وياسي. گهرائي ويهاريائين. اڄ نِڪر ڪانہ هيس. ان جي بجاءِ هڪ معمولي گوڏ، ليڪن قميص ساڳي خاڪي ٿوٻل جي، بہ ڪيسا ڏَڪ سان ۽ ڪالر جي پٽيان سيفٽي پن لڳل. ڪٽ تي ليٽيل هو. آڏر پاءُ ڏنائين. جيترو وقت ويناسي کلي ڳالهائيندو رهيو، ليڪن پانيوسي ائين پئي، جڙ هي ماڻهو هاڻي هن دنيا جو آهي ئي ڪونہ - اوپرو، ڏاريو ۽ مسافر، جڙ هاڻي هن ماڳ مڪان جي سراءِ ۾ ڇڙو اچي شب باش ٿيو آهي، وڏو اَسُر هوندو هو پلاٽيندو. جڏهن اٽياسي، تڏهن چيائين:

”ميان حسام الدين، وري تڪليف نہ ڪجو. هاڻي مون کان پورو آدرپاءُ يار پڳو نٽو ٿئي. دل ست ڏيندي، تہ پاڻهين اوهان ڏي ماڻهو موڪليندس.“

مان ڳوٺ هئس، جو اتي خبر پئي تہ عيساني صاحب جيڪو فيصلو ڪيو اهو پورو ٿيو، جيڪو قول ڪيو هئائين ان کي نيايائين، يعني انسانن جي هن ڪائنات مان نڪري اڳتي هليو، ڏور ڪنهن اڻ ڏٺي ڏيهہ تي، اتي جتي بيوفا ۽ اجاين انسانن جي بوءِ بڻاس بہ ڪانہ هوندي. اهڙيءَ طرح سنڌ جو اهو بلبل هزار داستان هميشهہ لاءِ خاموش ٿي ويو[6].

* * *

عيسائين جي سڃي گهراٽي جو ڪردار عجيب و غريب ۽ بلڪل نرالو رهيو آهي. اصل ذات جا سومرا، وڏن ڏکاٽڪي ڪئي تنهنڪري آل ڏکڻ. ملا عثمان جا فرزند [7] جڏهن پڙهي پاس ٿيا [8] تڏهن ’سَر نيم‘ ڪيائون ’عثمان‘ مان ’عيساني‘ ڳڙهيءَ ۽ ڏکڻ جي وچ ۾ هڪ ننڍڙو واهڻ ”بدو“ آهي، جنهن ۾ جاوا نپنا ۽ اتي ئي سندن زميندارين، ماءُ بسم الله ڪري سيني پائرن کي ٽڄ ڏني هئي، سندن نيڪ ۽ نمازي والد الله ڪان الاهان ڪري پنيا هئا، اهوئي سبب هو،

جو سيئي صالح، سيئي قابل، سيئي فطرت جا نيڪ ۽ دل جا پاڪ ۽ سيئي سيرت خواه صورت ۾ بي داغ، موچارا، جنسي مور.

غلام مصطفيٰ خان سيني پائرن ۾ وڏو، دل جو بادشاهه، طبيعت جو شهنشاهه، ڏاڪي وارو ڪليڪٽر، يارن جو يار ۽ محتاجن جو مددگار، ڪو منجهيل سنجهيل ڪهي ايندس تہ تيسين نند حرام، جيسين اها مونجهه نہ سلجهائي سنئين ڪندو. جيسين رهيو، تيسين احسان ڪندو رهيو. دوست دشمن جي نہ وچور نہ خيال، نہ واقف جو حساب نہ اڻ واقف جي سنيال، در لنگي جيڪو آيو سو سر جو سائين، ان جو ڪم ڪرڻ فرض ٿي پوندو. اهو وقت سندس لاءِ ڇڻ عيد جو هوندو هو، عين راحت، ڏاڍو خوش، ڏاڍو فرحت ۾. جڏهن ڪم پورو ڪندو، تڏهن ان کان بہ زيادهه بهاري. جيسين وري ڪو ٻيو موڙهل هٿ نہ ايندس، تيسين ڇڻ ويڳاٽو، وتندو هر هر در ڏي تڪيندو. هڪ ماڻهوءَ جوڪم ڪري گهر ڏي پيو موٽندو، وات تي ڪو ٻيو ملي ويس تہ وري اتهين ئي انهيءَ سان الاتهار. مانيءَ جو ويلو اچي ويو يا بک لڳس تہ يڪدم ڪنهن دڪان ۾ گهڙي ويندو. نہ پڇا نہ ڳاڇا، جيڪي سامهن ڏسندو، سو بنا پڇي جي ڪائڻ شروع ڪندو. آچار جو ڪولو ملي ويس تہ اهو بہ نيڪ، جي پڳڙن ۽ لائيءَ جي ڪُني هٿ چڙهي ويس تہ اها بہ الاتهار. جڏهن بس ڪندو، تڏهن قيمت جي ڪٿ ڪرائيندو. ڪيسي مان بہ پيسا زيادهه ڏئي، پوءِ ٻاهر نڪرندو. پاڙو، خرچ، مانيون ٽڪيون سڀ پنهنجي هڙان، بلڪ ڪم واري جا سڃا خرچ بہ پنهنجي سر تي.

هڪ دفعي سکر جي پليٽ فارم تي اچي روح ست ڏنس. چانهه جي اسٽال تي بصرن جي آچار جي هڪ وڏي برني پئي هئي. ڏڪڻ لاهي بيهجي ويو. يڪيءَ ساهيءَ اڏ برني چٽ ڪري ويو. جڏهن زوريءَ مان ڇڪي پري ڪيو مانس، تڏهن مشڪي چوڻ لڳو:

”ميان، قيمت تہ ڏيڻ ڏي! ڏاڍو لستي آهي. تون بہ تہ ويڑ ڪري ڏس.“

هڪ دفعي روهڙي تعلقي ۾ اليڪشن جي سلسلي ۾ ٻئي گڏ هياسي. عالي واهڻ ۾ جڏهن پهتاسي، تڏهن چوڌاري رڙ پئجي وئي:

”اڙي وڏو عيساني صاحب! پڇي اچو ڙي، صاحب اچي ويو!“

سيني سان آدرياءُ ڪندو، هر ڪنهن کي ڪيڪر ڪندو، اچي هڪ هٿ تي وينو. پائيءَ ڪٺ ڪيڀي، ان تي گندي ۽ وهاڻو اچي رکيو، ليڪن صاحب هٿ جي تڏي تي پلٽ ماري ويهي رهيو. هيڏي ڏنائين، سامهون ٻہ - ٽي ڪُنيون پيون هيون. پائيءَ کان پڇيائين:

"سيٺ، هنن ۾ ڇاهي؟"

"ڏٺي، ڪنهن ۾ لائيءَ ذرو پيو آهي، ڪنهن ۾ ڀڳڙن مٺ آهي. مڙئي ٽيو جو پيٽ گذر ڪرڻو، ڏٺي منهنجا!"

"ٿورو هيڏي تہ ڪٽي وڃ!"

بس ڊِڪڙ لاهي، اچي صاحب وينو لائي، سگُر ۽ ڀڳڙا کائڻ. ڀڳڙن جو ڦڪ ٻہ هٿندو وجي ۽ ماڻهن سان ٻہ ڳالهائيندو وجي:

"اڙي قادو ڪاڻي آهي؟"

"صاحب، زمين تي. تون جو مهرباني ڪري وئينس!"

"ائُون [9] الهہ ورايو؟"

"مڙ ئي صاحب تنهنجو ڀلايون. ٽيڪا ڏئي پُرِ ڪري وئينس، نہ تہ لٽي لوڙ ٻہ ڪونہ هيس!"

"ڏنون؟"

"اهو ٻہ خوش آهي. اڄ ڪاڏنهن ٻاهر آهي. تو پيسا ڏنس، ٻہ، ٽي ڳئون ورتائين. هاڻي تہ ڇانگ جو ڏٺي آهي. ڪير مکڙ جام پيو وڪڻي."

ٻئي هڪ وراڻي ڏني:

"مڙئي صاحب تنهنجي سر بخت جو خير. اسان سيني کي لولي لائق ڪري وئين..." ماڻهو جنسي فدا ڏنم. صاحب ڀڳڙا ۽ لائي کائيندو رهيو، حال احوال ٻہ ڏيندو ونندو رهيو. جڏهن روهڙي ڊويزن جو ڊپٽي هو، تڏهن انهن سان پير پريا هئائين. ڪنهن کي زمين، ڪنهن کي ٽيڪو، ڪنهن کي پئسا، ڪنهن کي نوڪري. ائين پئي معلوم ٿيو، جڙ سيني جي روح ۾ عيساني صاحب رچيل آهي. جڙ مڙني جي دل ۾ سندس ديرو آهي. مون کي چوندو هو:

"حسام الدين، هميشہ غريبن تي ٿورو ڪجي."

"صاحب چو؟"

"اهي ٿوري کي بہ گھٽو ڪري پائيندا ۽ هميشھ ياد رکندا."

" ۽ وڏا ماڻھو؟"

"اهي ڪم ڪڍي، جڏھن چانئڻ چڏيندا، تڏھن اتي ئي وساريون ويندا. سمجھندا تہ پنھنجي عقل جي آڏار تي ڪم ڪڍي آياسي."

جڏھن لائي، پڳڙن ۽ سگر کان پوءِ ہہ، ٽي داڻا ڪتل جا بہ وات ۾ وجھي بيٺو، تڏھن پائيءَ کي چيائين: "سيٺ، پاڻي آڻ!" مسلمانن گھٽو چيو: "اسان ٽا گھرئون کڻي اچون." ليڪن انڪار ڪندي، پائيءَ اڳيان کڻي ٻُڪُ جھلياٸين. سڄو گڏو پي، پوءِ سيني ڏي منھن ڪري چيائين:

"اڙي ووٽ ڪنھن کي ڏيندؤ؟"

"صاحب، جنھن لاءِ تون حڪم ڏين!"

"...کي؟"

"حاضر صاحب!"

"اڙي! ياد رکجو متان وساري چڏيو."

جڏھن پيتيون کليون، تڏھن معلوم ٿيو تہ فقط اتنھن جا ووٽ مليا، جتان عيساني صاحب گھمي آيو ھو. اھا بي ڳالھ ھئي تہ عيساني صاحب گھٽو گھمي ڪونہ سگھيو، تنھنڪري مقابلي ۾ سندس اميدوار ھارائي ويٺو.

موڙھل جي موڪ کي چوندو ھو 'خير جو ڪر'. پچاڙيءَ ۾ انھيءَ ئي ھڪ خير جي ڪم ڪندي پنھنجا ھٿ بہ ساڙائي ويٺو، يعني ھڪ ماڻھوءَ جو ڪم ڪندي، احمد آباد جي ڪليڪٽريءَ تان دسمس ٿيو.

زميندار ھو، پرواھ نہ ڪيائين. پاڻ ڳوٺ پھچي، نوڪريءَ جي پابندين کان آجو ٿي، سڄو وقت ماڻھن جي ڪم سان ماڻھن جي ئي پٽيان گھمندو وتيو. انگريزي سوٽ بٽ تي، صاحبلوڪي ٽوپلو مٿي تي، ۽ ٽلھو نيٽ جو لڪ ونگوڙي سان ھٿ ۾، ڪڍ ولر سوالِن جا. ڪڏھن ٽنگن تي، تہ ڪڏھن ٽانگي تي. ڪڏھن ريل ۾ ھوندو، ڪڏھن رستي تي. ڏاڍو رعبائتو مڙس ھو. انگريزي پوشاڪ سڄُ رکي بيھندي ھيس. گھر ۾ ھميشھ وڏي ڪاري يا آسماني سلوار چڙن تي پائيندو ھو،

ان ۾ پہ لڏڻُ پيو لڳندو هو. دل ايڏي مضبوط هيس، جيڏو جسم توانو، جگر ايڏو جيڏو شينهن جو. سڄي زندگي نہ ڪنهن جي پرواھ ڪيائين نہ ڪنهن جي اڳيان سر جھڪايائين، ڳات هميشھ اوچو. وڏن ماڻھن سان اصل ڪانہ پيل هوندي هيس. وڏن اڳيان ڪنڌ ۾ ڪلي ۽ ننڍن جي سامھون ڪنڌ نويل. غريبن جو سو يار هو، جڏھن فوت ٿيو [10] تڏھن ڪيترن مسڪينن جون واھون بند ٿي ويون. ڪانئس پوءِ موڙھن جي موڪ ڪرڻ وارو ڪو رهيوئي ڪونہ.

ٻئي پائر نيڪ ۽ نيڪيءَ جا پتلا. احسان ڪرڻ ۽ ورڪ ڪٽڻ ۽ پھر وَهڻ جو جذبو ٻنهي ۾ هڪجھڙو، بلڪ هڪٻئي کان ڪٽر. فطرت ٻنهي جي پارس، جنهن سان لڳي تنهن کي سون ڪيائون. ملڪ جا بادشاھ تہ خير ٻيا هئا، ليڪن پنهنجي ڪائنات جا هي پاڻ ئي شهنشاھ هئا، سندن مرضيءَ ۽ سندن ضمير ۽ راءِ تي ڪنهن جو زور هلي ڪونہ سگهيو. خود سندن بالا عملدارن کي بہ ڪڏھن جرات ڪانہ ٿي سگهي، جو ڪين ڪو ڪڏو ڪم ڇئي سگهن. ٻئي پائر طبيعت جا دهقان، دماغ جا خاقان، مزاج جا جاني ۽ ذهن جا لاثاني هئا.

جملي چار پائر هئا، انهيءَ سڄي ڇانگ مان هاڻي ڇڙو وڃي غلام مرتضيٰ[11] هڪ بچيو آهي. حقيقت ۾ سنڌ ڏاڍي سياڻي آهي، هن چوڏھين صديءَ ۾ بہ، جڏھن ماڻھن جو ايڏو ڏڪار آهي، منجھس اهڙا امل ماڻڪ موجود هئا.

* * *

---

[1] لاڙڪاڻو حسن ۽ حسن پرستي ۾ هونءَ بہ برڪ ۽ مشهور هو، جهڙيءَ ريت ڪنهن واهڻائي شاعر چيو آهي:

لاڙڪاڻو ساه سيباڻو معشوقن جو مڪان آهي،

.عاشقن لاءِ برهھ جو بستان آهي

.ڪليون بازاريون حسن واريون، بندر بي بيان آهي

.محب موچارا وتن سينگاريا، شاهي تہ جن جو شان آهي

.باغ بهاري چمن چوڏاري، گلن جو گلستان آهي

.عندليبن عاشقن سائين، نينهن جو نيشان آهه

.اهڙو شهر برهه بحر، ڪاڻئين ڪونه عيان آهه

.صورت سيرت هلڻ چلڻ، صفت ۾ سلطان آهه

.امير بخش جائي ملڪ خدائي، جوڙيو ته جوڙ جوان آهه

.الموت جو پر جهان آهه ڪل نفس ذائقة

ساوڪ، سبزو، واهه، وڻراهه، ماڻهو ڏسڻا وائسڻان، حسين ۽ شوقين، ڪمي ڪنهن ڳالهه جي ڪانه هئي؛ پر هرڪنهن شهر کي وصف ۽ خصوصيتون پنهنجيون پنهنجيون آهن، تيئن سکر کي پنهنجون جدا خوبيون هيون.

[2] محمد پناهه خان بيمار ٿي شڪارپور ۾ علاج خاطر رهيو، خانبهادر احمد خان پٽو ۽ مان نوديري مان گڏجي ڪيس ڏسڻ وياسين- جمعي ڏينهن 3 مارچ 1950ع (13- جمادي الاول 1329 هـ) تي. اهو آخري ديدار هو. ڪلاڪ ڪن رهاڻ ڪري موٽي آياسين. اسان ڏسندي ئي حياتيءَ مان اميد لاٿي هئي. پوءِ ڊڪٽن ۾ آندو ويو، جتي 8- اپريل 1950ع (چنچر 19- جمادي الثاني 1329 هـ) جو هي جهان ڇڏيائين. سندس جم آگسٽ 1894ع ۾ ٿيو. غلام قادر خان سندس والد جو نالو هو، جيڪو 1845ع ڌاري جائو ۽ سندس وفات 1899ع ۾ ٿي. خانبهادر جي وڏي پاءُ جو نالوخانبهادر شاهنواز خان هو- بي انتها حسين جميل ۽ نازڪ اندام، اهڙو جهڙو گلاب جو گل. ڏاڏي مرحوم سان سندس ٻٽيهه دليون هيون. مون کي سندس وفات وارو ڏينهن چٽيءَ طرح ياد آهي 21- جنوري 1918ع جو شام ڌاري ٿي.

[3] انگريزن جو اگرچ دشمن هيو، ليڪن انگريزيءَ جو عاشق ۽ تاريخي لحاظ سان محمد شاهه رنگيلي ۽ لال ڪنوار نچڻيءَ جي دور جو ڄاڻون هيو.

[4] هيءَ يادگار مجلس 7 اپريل 1955ع جو ڳڙهي ياسين ۾ ٿي.

[5] چراگاهه

[6] 22- اپريل 1957ع رات جو 8 بجي فوت ٿيو. سنڌي مسلم سوسائٽيءَ جي قبرستان، ڪراچيءَ ۾ دفن ٿيل آهي. پاڻ 1- آگسٽ 1887ع ۾ پيدا ٿيو. ملازمت مارچ يا اپريل 1913ع ۾ شروع ڪيائين.

[7] ملا عثمان 31 جنوري 1906ع جو قريباً ٽيونجاهه ورهين جي جمار ۾ انتقال ڪيو.

[8] سيئي پائر بي. اي؛ ايم. اي؛ ايل. ايل. بي، هئا. غلام مصطفيٰ خان بي. اي؛ ايل. ايل. بي؛ ايم. اي. 1911ع جو فراغت حاصل ڪئي، نوڪريءَ مان 1934ع جو نڪتو.

غلام صديق خان 1911ع ۾ بي. اي؛ ايل. ايل. بي. پاس ڪئي.

غلام مرتضيٰ بي. اي. 1921ع ۾ پاس ڪئي، پهرين سکر ۾ پرئڪٽس شروع ڪيائين، پوءِ ڪراچيءَ ۾ آيو.

غلام مجتبيٰ ننڍو هو 1898ع ۾ جائو، علي ڳڙهه ۾ بي. اي؛ ايل. ايل. بي. 1929ع ۾ پاس ڪيائين، 7 مارچ 1957ع جو مديجي اسٽيشن تي دل جي دوري ۾ هلندي فوت ٿيو.

[9] ’۽‘ جو اُتراڌي اُچار.

[10] پيدائش 1885ع، ملازمت 1912ع ۾ شروع ڪيائين، وفات 9 سپٽمبر 1943ع جو سکر ۾ ڪيائين، ٻانهن جو آپريشن ڪرائي فوت ٿيو، دفن بدي ۾.

[11] پيدائش جنوري - فيبروري 1894ع، ڪراچيءَ ۾ وڪالت نومبر 1938ع ۾ شروع ڪيائين. بيحد دلچسپ، سچو، هڏوڪي ۽ مجلسي ماڻهو هو. سموري زندگي اسان جي گهر سان نيبهه ڪيائين. آخر ۾ دل جي بيماري ٿيس، نيڪ ٿيڻ تي ڳوٺ ويو ۽ پهچڻ سان فوت ٿي ويو، پاڻ جي پهلوءَ ۾ آسودو ٿيو.

قصو اصل خان وڏي جو ٿي ڪيوسين، جو وچ ۾ عيسانين جو مذڪور اچي ويو، اهو به هڪ ضروري داستان هو. سنڌ جو سينگار ته اصل اهڙا ڪردار هئا. سنڌ دراصل عبارت ته انهن ماڻهن سان هئي. مثلاً خان وڏي جو مثال ونو- پناڻن ۾ اهڙا سڀاجها سنوان ۽ سريلا انسان وري ڪٿان لپندا - دلنواز، دلدار، روح پرور ۽ راحت رسان. پاڻ به خوش ته جڳ جهان به خوش. الله به راضي ته بندو به راضي. زندگيءَ جي سڄي سفر کي اهڙيءَ سبڪ سيريءَ سان طيءِ ڪري وڃي پار پهتا، جو منجهانِ ڪڪ کي به رنج ڪونہ رسيو. ماڻهو ته ماڻهو پر جيت کي به ڪائنِ جو کو ڪونہ پهتو. اهڙيءَ طرح دامن بچائيندا، گريبان سلامت رکندا، پاسو ڏيندا، پهلوتهي ڪندا، پير پير ۾ وجهندا، سمورو سير سهنجو ڪيو هليا ويا حقيقيت ۾ اصلي پلصراط ته خود هيءَ دنيا آهي، جيڪو ان مان خير سان ويو، تنهن جا ڄڻ سيئي ڪارج سِڌ ٿيا.

مان 15-16 سيپٽمبر 1958ع جو آخري مرتبو ڪيس ڪراچيءَ ۾ ڏٺو. 17 تاريخ ته خود مون تي دل حملو ڪري، ڇئين ڪنڊين ڇت ڪيرائي وڌو. ڊسمبر ۾ ڪٽ تان اٿي سڌو منيلا هليو آيس. مون کي ڪهڙي ڪل هئي ته ڪو اهو قيامت سندو وڇوڙو ٿيندو. تازو منيلا منجهه مونکي ڪراچيءَ کان هڪ ئي ڏينهن ۾ خط پهتا. هڪ دوست لکيو ته "اسان ڪالهه خان وڏي سان ملياسين، ڏاڍو خوش خورم هو، توڏي گهٽا گهٽا سلام ڏنائين." ساڳيءَ تاريخ جو لکيل ٻيو خط جو ڪٽي ڪوليان، ته ٻئي دوست جو اطلاع هو ته: "خان وڏو مرحوم رات رحلت ڪري ويو. اناالله واناعليه راجعون!"، شام جو خوش خورم، رات جو الاتهار! دل جا دستور اجهي ٿيندائي ائين آهن. پوءِ چا ڪجي! پاڻ به ته دل جو ئي مريض هو!

ايڏو مهربان وڃائي وينس، جو وري ملڻ مشڪل، بلڪ ناممڪن آهي. مون سان ايڏو دل جوپرچو، جو ٻڌندو ته صبح جو ايندس، بس اَسُر ڏئي اٿندو. هٿ منهن

ڏوئي، چانهه پاڻي ڪري، ٻاهر اچي رستي کي اکئين لائي ويهي رهندو. دير ٿيندي، ڪيسي مان واڇ ڪڍي، پيو وقت ڏسندو. هرهر حاجيءَ کان پيو پڇندو:

”او حاجي! او حاجي صاحب!! موٽر اڃا سوڏي ڇو نه آئي؟ استيشن تي ته گاڏي اچي وئي هوندي، پوءِ دير ڇو ٿين؟...

”خير، الله خير سان آڻيندن.“

موٽر مان لهندس، پري کان کلي کو ڏوهيڙو ڏيندو، بيت پڙهندو، بهار بهار ٿي ويندو. جڏهن ويجهو ايندس، ته ٻئي ٻانهون ڳچيءَ ۾ وجهي، سينو سيني سان لائي، چگو وقت پيو ڪندو:

”هاءِ! هاءِ!...

”بلي آئيو! جيءُ آئيو!...

”واه صاحب واه!...

”لک پلايون، سوين قرب!“

هڪ دفعي موٽر مان اچي لٿس. سامهون صندل تي وينو هو. اٿي اتان ئي ٻئي ٻانهون کوليائين. چيائين:

اتي ئي آهين، جتي توهان چڏيون،
شابس انهن اکين کي، جو ماڳ نه مٽائين،
ٻئي در واجهائين، ته ڪڍي ڪانگن کي ڏيان.

هڪ دفعي هڪٻئي کي ڏني ڏينهن ٿي ويا. پاڻ ڳڙهيءَ مان ڪراچيءَ چوارائي موڪليائين:

ننگر ۽ ناڑيون، پڳهه ڪٽي پنڌ ٿيا،
بندر بازاريون، سُڃان ساموندن ري!

ڪڏهن طبعيت ۾ جولان ايندس ته ڳالهه ڳالهه تي مثال طور ڏوهيڙو ڏيندو هلندو، ڪنهن ڪافيءَ جو بيت پڙهندو هلندو. ڪڏهن ڪڏهن ته پهرن تائين پيو گمنام سنڌي شاعرن جا بيت، ڏوهيڙا ۽ ڪافيون ٻڌائيندو. پڙهڻ جو انداز ڏاڍو موزون ۽ مناسب، اکر اکر ۾ ساهه وجهي چڏيندو. ڪامان، فل اسٽاپ ڏئي، بيت کي

اهڙيءَ ريت ٽڪرا ٽڪرا ڪري پڙهندو، جو نشو چڙهي ويندو. ڪافين جا سُر ياد، ڏوهيڙن ڏيڻ جا مقام ۽ موقعا ياد. مصرعي مصرعي پنيان ڪندو هلندو:

"هاءِ! هاءِ! ميان حسام الدين شاهه سائين!...

"اڪر چونڊبا آهن، نڪتا ڳولبا آهن! منهنجا منا!!..

"ڏس تہ سهي، ڪاريگر ڇا تہ چئي ويا آهن!...

"واهہ! واهہ! سبحان الله!"

جڏهن جذبو جهڪو ٽيندس، ان وقت ڪِلي، منهن ۾ منهن وجهي، چتائي ڏسندو ۽ چوندو:

"ڪو دل سان لڳئي، ميان حسام الدين؟"

خان وڏي مون کي مختلف وقتن تي سنڌي شاعرن جو گهٽوئي ڪلام ٻڌايو، ليڪن وقت تي سرت ڪانہ پوندي آهي. اڄ تہ سارو دفتر ئي پاڻ سيني ۾ سانڊيون هليو ويو. جي ان وقت ڪانئس لکي ونجي ها، تہ هوند اڄ پاڻ وٽ ڪيترن انهن ڪاريگرن جا ڪلام محفوظ ٿي وڃن ها، جن کي زماني سان گڏ اسان بہ وساري ڇڏيو آهي. کي بيت ياد اٿم، مثلاً:

مڪ ڏول ڏلو، ناتو نماڻيءَ سين،
ڪونهين ڪميڻيءَ جو، بغر تو ٻلو،
تنهنجو نام نِلو، ونيو ويني وندران.

هڪ دفعي چيائين:

اکين ۾ ٿي ويهہ تہ آءٌ واري ڏيکيان،
تون کي نہ ڏسي ڏيهہ، آءٌ نہ ڏسان ڪو ٻيو.

---

28 جنوري 1957ع جي صبح جو مليا سين، چيائين:

چُپ ڪر چپ نہ چور، ٻوٽ اکيون ٻڌ ڪنَ،
صبر جي شمشير سان، مردَا! مري ٿيءُ رَنَ.

پاڻي پيج، ٿورڙو ڪاءُ، اڌيڪو اَنُ،
پوءِ محب تنهنجي مَنَ، پيهي ايندو پاڻهي!

هڪ دفعي ٻڌايائين:

لوڪان لڪي هرڪو، تون لڪڻ ڪئون لڪيج،
ڳالهه پريان جي ڳٽن جي، ڪنن ريءَ ٻڌيج،
پنڌ پريان جي پار ڏي، پيرين ريءَ ڪريج،
انڌو ٿي پسيج، مشاهدو محبوب جو.

ڳوليانءِ قوليانءِ مَ لهانءِ، شل نہ ملين بلوچَ،
متان هئين سنڌي لوچ، ملڻ مئون ماني ٿئي.

حاڪم ٿيوان حڪم چلاوان، عشق اجاري سر پاوان،
جو ڪوئي عشق نہ ڇاڻي، سو سپ قتل ڪراوان!

ڳڙهيءَ ۾ هئس، 11 اپريل 1957ع جو جيئن مون تي نظر پيس، ڪلي چيائين:

سَوَ هزار تنان تؤن صدقي، دل جني جي هِڪي،
لک ڪروڙ تنان تؤ صدقي، من جني جي جهِڪي،
پَدَم نيل تنان تؤن صدقي، جيڪي مُکَ مون بولن نہ ڦِڪي،
ڏونهين جهان تنان تؤ صدقي، جيڪي هُوَن سونُ، سڏاون سِڪي.

خان وڏي وقت بوقت سوين ڪافيون يادگيريءَ مان ٻڌايون. هينيون ڪافيون مون نوٽ ڪيون. انهن مان ڪيتريون ڪافيون خود منهنجو ڏاڏو ۽ والد بزرگوار بہ جهونگارينداً رهندا هئا ۽ انهيءَ دور ۾ اهي ڪافيون ڏاڍيون مقبول ۽ مشهور هيون:

مِنا مارو! اسان ڪئون ڇو، مٿي مُنهڙو رهيا ويهي.
مِنا مارو...!

1- لوئي ٽيم لال هِيءَ ليڙون، جِهجي هِينئڙو ٽيم جيهڙون،
سوين ٽا سور ڏين پيڙون، ٽَنين جي ڪل پُڇو ڪيهي!
مِنا مارو...!

2- قضا جي قلم جون ڳالهيون، سَڙيءَ قسمت سيئي پاريون،
جدا ٽا ڏينهڙا جالِيؤن، پرين ايندو پکي پيهي!
مِنا مارو...!

3- قضا هت قيد قسمت ڪيس، مِنَن مارن ڪئون وسري ويس،
پڇايان روز ڏوٽِن ڏُسُ، سَنيالي دل سڙي سي هي!
مِنا مارو...!

*

ڳٽتيون اباڻن جون ڳارن ٽيون، مون کي عمر مياروں مارن ٽيون!

1- مَهيون پيتم جن سان مٽن ۾، چاريم گهيٽا تن سان گهٽن ۾،
پنهور سدائين رهن پٽن ۾، سي ته سنگهارون سارن ٽيون،
مون کي عمر مياروں...!

2- ساڻيهه سرتن ڪيا سِرَ تي سيلها، مِلي انهن سان ڪندي هئس ميلا،
ڇَنَن ۾ چوڙي اڇي ير ڇيلا، وڙڪي ولهارن ۾ وارن ٽيون،
مون کي عمر مياروں...!

3- ڪينءَ غلط ٽي مارن جو غَم، ڪوٽن سان ناهي منهنجو ڪم،
حيف انهن جي حال تي هردم، جيڪي ور ته پنهنجا وسارن ٽيون،
مون کي عمر مياروں...!

4- صاحبڏنا جڏهن وطن آءٌ ويندس، پيڙي ٽاريلن سان ٽر ۾ ٽيندس،
وراپا اتي انهن کي ڏيندس، پرت پکن ۾ جي پارن ٽيون،
مون کي عمر مياروں...!

*

ڏاڍا لِڪڻا ڪيتئي لِئي پاوڻ دا، ڪيها غرض پيُئي اِتي آوڻ دا!
ڏاڍا لڪڻا...!

1- ڏاڏي آدم دا باپ نہ مائي، ڏاڏي حوا ول ڪيڏون آئي؟
بهشتان وڃئون ڪنهن لوڏائي، پوءِ عذر ڪيتس داڻي ڪاوڻ دا!
ڏاڍا لڪڻا...!

2- ڪُن فَيَكونُ، ايوين فرمايئي، زمين آسمان جوڙ بنايئي!
هر جاءِ اپنا حڪم هلايئي، برهُ نہ ٿيا ساڏي چاوڻ دا،
ڏاڍا لڪڻا...!

3- شاهه منصور تون سوليءَ چاڙهايُئي، ذڪريا سِرُ ڪَرڻ رکايُئي،
شمس الحق دي گلڙي ڪلايئي، سرمد سيس ڪٽاوڻ دا،
ڏاڍا لڪڻا...!

4- اِهي عثمان ديان اُلٽيان بازيان، وفي انفسكم، ڪُجهڙيان ڳالهيان،
نيڙي وسندا ورق وصاليان، الانسان سِر الاوڻ دا،
ڏاڍا لڪڻا...!

*

ڏاڍا ڏُئي ويا ٿر ڏير، او اوجاڳا مون اڪين ڪي!

1- نانءُ سڏايئين سسئي، ذات نہ ڄاڻان آهِ ڪير؟
ڏُئي ويا ٿر ڏير...

2- ڪُنگوءَ رتس ڪپڑا، ميندیءَ رتڙس پير،
ڏُئي ويا ٿر ڏير...

3- واهَ مڪي جون ماڙيون، سرها سندن سير،
ڏُئي ويا ٿر ڏير...

4- هيڏيءَ ويل وٽن ۾، هيءَ چوڙيلي آهي ڪير!
ڏُئي ويا ٿر ڏير...

5- اديون عبداللطيف چوي، گهٽ نهاريان گهير،
ڏُئي ويا ٿر ڏير...

*

پيرين پونديسانِ چوندي سانِ، وو! رهجو رات پنيور ۾!

پيرين...

1- مهارون ميڻن جون، مان واڳان ونندي سان، چوندي سانِ،
وو! رهجو رات...!

2- پجرو پاڪ رسول جو، مان پيهي پسندي سان، چوندي سانِ،
وو! رهجو رات...!

3- اديون عبداللطيف چئي، نئين ماڳين ملندي سان، چوندي سانِ،
وو! رهجو رات...!

*

خوش ٿو گذارين منهنجا پرين، عاشق تنهنجو آ عذاب ۾!

1- بَنِ پيو جدائيءَ جو جيئڻ، آهي زهر جو پيالو پيئڻ،
پنهنجي يار کان دم ڏار ٿيڻ، لکيو ڪهڙي آ ڪتاب ۾!
خوش ٿو...!

2- جن کي لڳي جِيءَ ۾ جڙي، سڪ سوز ۾ ويڑا سڙي،
مون وٽ اچو هيڪر وري، منهنڙو ڏيکاريو خواب ۾!
خوش ٿو...!

3- ليڙو پاتئي لو ڪئون لکي، هئي! هئي! عمر ويڙي سکي،
قدير رب ڏهن جا لکي، هُئي هِيءَ انهن جي ته باب ۾!
خوش ٿو...!

4- پيرل چوي پڪ جاڻ تون، ڏکيا گذاريا ڏينهن مون،
سرڪار رب جي روبرو، هرڪو ايندو ته حساب ۾!
خوش ٿو...!

*

يـــاد پون ماروئڙا! وڃان جئري شال وري،
وڃان جئري شال وري، ڏسي اکڙيــون پون ٺري!
ياد پون ماروئڙا...!
1- ٿر واريون پٽُ نا ڪن، بن پيو پٽُ سونُ سري،
زيب ڪڙيون زينت جون، ظلم پــايــان آءٌ ذري،
ياد پون ماروئڙا...
2- گلم، غاليچا، غنچا، پلنگن پيا گل سڙي،
گل ڦل گولاڙن جا ويون ولڙيون واڌ وري،
ياد پون ماروئڙا...!
3- ڏٺ ڏونئرا جن ڏنا، ڦوڳن پاسي ڦري،
سگُر جي ڪائن سرتيون تن آه ڳالهه ڳري،
ياد پون ماروئڙا...!
4- حاجي خانڀ چئي حب مئون، پيتمِ ڪيف ڪڙي،
پرين مون کي مانَ ملن، آهيان عيب پري،
ياد پون ماروئڙا...!
*
تو لئي سڪندي ٽيڙم سال، ميان،
ساريون صحبت، پئي ٽي سخت گذاريان، يار!
تو لئي...!
1- تنهنجي ڪارڻ سهڻل سائين! هِـهِـڙا ڪيڙم حال، ميان،
پايون آلفي ويڻي عشق اجاريان، يار!
تو لئي...!
2- ڪڏهن پرين جو قاصد ايندو، ويڻي وجهايان فال، ميان،
ويڻي واڻن تي جر وهايان، يار!
تو لئي...!
3- دَم تہ حياتيءَ جي سڌِ نہ آهي، جيئن پايان جنجال ميان،

ويهي واٽن تي مان رندڙا نهاريان، يار!
تو لئي...!
*
پنهل کان پوءِ پاڙيچون، ڪتي ڪهڙا ڪاڄ ڪاريندس!
پنهل کان پوءِ ...!
1- نڪو ٿم سنگ، نڪو سياپو، آهيان گولي ڳگهيرن جي،
ڳچيءَ ڳل پاندڙو پائي، ميارون معاف ڪاريندس،
پنهل کان پوءِ ...!
2- ازل کئون اصل هو جيڏيون، برو ٿيو بخت ڙي پينر،
نہ ڏيندس ڏوهہ ڏيرن کي، نڪي ڪَرها ڪُهائيندس.
پنهل کان پوءِ ...!
3- اميد علي آهيان ٻانهون، ڏٽيءَ جي در پريان جانو،
اڳڻ جي خاڪ اکڙين سان، ٻاروچل جي ٻهاريندس.
پنهل کان پوءِ ...!
*
دل منهنجيءَ کي درد لايون، ڪهہ ڪندا ويا کيچ ڏي ڪاهيون!
1- تي اٽڄاڻ مون نينهڙو لاتو، چئي ڪنهن کي مون ڪين ٻڌايو،
باهہ پنيور کي ويندس لايون-
ڪَهہ ڪندا ويا کيچ...
2- چا ڪندس تنهنجا پٽ پٽيهر، چا ڪندس تنهنجون محل ۽ ماڙيون،
نٽا وٽن تنهنجا ڪائڻ ۽ جايون-
ڪَهہ ڪندا ويا کيچ...
3- چوي فقيرو ڏيرن ڏاڍ جو ڪيڙو، چا ڪئون چڏي پنهون کيچ جو ويڙو،
سنگ سڙيءَ جو ناهي، ڪهڙي دعوا الايون،
ڪَهہ ڪندا ويا کيچ...
*

ويندس آءٌ محب مري، تنهنجي ميان درد فراق ۾!
1- تنهنجي درد فراق ۾، چارئي پهر چري ڙي چري، ميان-
تنهنجي درد-
2- اچي منهنجي سور جي، کولج دوست دري ڙي دري، ميان،
تنهنجي درد-
3- پيرون چوندبيندس پاند ۾، کٻڙن لاڙ لڙي وو لڙي، ميان،
تنهنجي درد-
4- اديون شاهه لطيف چوي، ملندا محب وري ڙي وري، ميان-
تنهنجي درد-
*
لاڳاپا ويا لهي لهي ميان، شاهه حُسن واري شوق ۾!
1- بهشت دلاسو دوزخ دڙڪو، ڪوڙو آهي قبر جو ڪڙڪو،
ڊپ ڊاءُ ويا سڀ ڊهي ڊَهي، ميان،
شاهه حُسن واري شوق ۾...
2- عزرائيل کان اڳ هواسي، موتو قبل مري جياسي،
سير ڪيو سي سَهي سَهي، ميان-
شاهه حُسن واري شوق ۾...
3- شاهه نصير ميدان انهيءَ ۾، صوفن واري صاف صحن ۾،
خان ايندا کي گهي گهي، ميان-
شاهه حُسن واري شوق ۾
لاڳاپا ويا لهي...
*
عمر دير لائي چو اباڻن، ڏسي ڏوهه ڪهڙو ڏمر ڪيو ڏاڏاڻن-
عمر دير لائي...
1- جدا ٿئي جيڏين ڪئون سڪندي سال ٽيڙا،
وڇوڙي ويچاريءَ جا هيڻان حال ڪيڙا،

پري ڪئون پونهاريون ساهيڙيون سجاڻن-
عمر دير لائي...
2- ڏکن ڪئي ڏاهڳڻ، جلي ويو آ جيرو،
مارو مائٽ مُئيءَ جا، ڪيئون ڪونہ پيرو،
لُڇان روز روئي پچان پيئي پيڪاڻن-
عمر دير لائي...
3- وساري ولهيءَ کي چني چو چڏيائون،
ڪري ڏار ڏاري گولي نا گڏيائون،
آهيان ننگ انهن جو سچ ڪري جي ڄاڻن-
عمر دير لائي...
4- لُلر ۽ لوٽڪ ٻيو مريڙو منو آه،
مکڙ ۽ ماکيءَ ڪئون، چکي جنهن ڏنو آه،
ڪنيون ڪاڄَ خاصا منا ڪئو مناڻن-
عمر دير لائي...
5- الله پاڪ پرور اميدان پڄائيندو،
ميلو شير خان سانگن ساڻ ٿيندو،
امانت سلامت پڄايو نماڻن-
عمر دير لائي...
*
سانگي سانگ ويڙا! آلهُ تن کي آڻي،
ناهي نند نيڻن کي نبي پاڪ ڄاڻي!

1- پکي ٿي- پرين ڏي وڃان جي اُڏامي،
سگهان ڪين اُڏري اندر بي آرامي،
سري ڪين ساعت ڳاري دل ڳاراڻي!

سانگي سانگ...

2- پجري پائبند ٽيل قابو ڪوٽن آهيان،
ڪيس قيد قسمت پنهنجي وس آنءُ ناهيان،
دونهان درد دکن ٿا وسِ ڪين هاٽي!
سانگي سانگ...

3- شير خان دم دم آنءُ سانگين کي ساريان،
ڏکيا ڏينهن گوندر ۾ وينِي گذاريان،
ويا سور سرتيون سيد جي ساماٽي!
سانگي سانگ...

*

جيڪي سُهڻو پاڻ سڏايون ويا، اربيلون اکڙيون اڙايون ويا!

1- استاد اُهي جن پاڙهيو ٽي، درس محبت ڪاڙهيوءُ ٽي،
سُٽي سورن پي سيکاريو ٽي، سِٽون سورن جون سمجهايون ويا!
جيڪي سهڻو پاڻ...

2- عاشق اُهي اڏبنگ هئا، دوست اُهي گلرنگ هئا،
وجهي واسينگ وارا ونگ ويا، سي ته سر تي ورهُ وسايون ويا!
جيڪي سهڻو پاڻ...

3- جاتي دردن جا دڪان هئا، ڏک سورن جا سامان هئا،
وڏا عشق سندا اتي شان هئا، اُهي ماڳ هتئون ته مٽايون ويا!
جيڪي سهڻو پاڻ...

*

جنجل نينهن نباهيو مون، پاٽئون ڏاڍن سان نينهن لايو مون!

1- آءٌ ڇا ڄاڻان انهن ڏکن مئون، سورن سات سمايو مون!
پاٽئون ڏاڍن...

2- آءٌ اياڻي عشق نہ ڄاڻان، عشق عجب سِر آيو مون!
پاٽئون ڏاڍن...

3- ستي پئي هئس سيج پلنگ تي، جانب ڪين جاڳايو مون!
پاڻئون ڏاڍن...
4- بيدل سان اچي مل منڙا، تنهنجي طلب تپايو مون!
پاڻئون ڏاڍن...

*

اچ آرياڻي اچ ميان، پنهل ڄام پڇ ميان، موت وڇوڙو ٿو ماري!
1- آءٌ تان ڪوڙي آهيان، سيد آهين سچ ميان، لڳس تنهنجي لاري!
پنهل ڄام...
2- پنڌ اٽانگا پٽون پاڻان، ڪنيم ڪونہ خرچ ميان، پيڙس تنهنجي پناري!
پنهل ڄام...
3- آءُ تہ پرڇئون پاڻ ۾، ڪيئون ڳالهن ڳچ ميان، سپ اندر جون ساري!
پنهل ڄام...
4- ايڏو شهر پنيور جو، چيم ڪنهن نہ سچ ميان، اهو مرم ٿو ماري!
پنهل ڄام...
5- سرتيون شاه لطيف چئي! من مئيءَ جي تي مڇ ميان، ويو ٻاروچل ٻاري!
پنهل ڄام...

*

هي مولود آڏيءَ رات جو چيو ويندو هو ۽ انهيءَ وقت سموريءَ فضا تي هڪ عجيب ڪيفيت اچي ويندي هئي:
ميرِ مديني جو ڄام، اَلهہ ڪٽي آندو،
ضعيفن جو زمان، مولا ڪٽي آندو!

1- قد ڪريمن جي مٺُ نہ جيڏيون، سرو سنوت ۾ نہ آهي،
زلف ڏسي تي خجل ڪٿوري، مشڪ ختن جو چاهي،
بره جو بستان، آلهَ ڪٽي آندو!

ضعيفن جو...

2- آهوءَ کان وڏ عين عجيبن، نازڪ نڪ نوراني،
جوڙ شفيع جو گل نہ گلابي، پاڪ سندن پيشاني،
صورت جو سلطان، آلهَ ڪٽي آندو!
ضعيفن جو...

3- دوست بنان دل درد وڇوڙي، جيڪس ڪئي آهي ماندي،
سو تہ دلين جو دلبر منهنجو، جنهن لئي هيڙس گهوري،
مون وٽ سو مهمان، آلهَ ڪٽي آندو!
ضعيفن جو...

4- اڄ عجيب اگڻ مون آيا، پال پلي جا مون ٿي پايان،
پريل چوي تن پرين تئون، ڪهڙي مان گهور گهمايان،
سر ڪيان قربان، آلهَ ڪٽي آندو!
ضعيفن جو...

*

ويڙ هيڇن جا وڇر، آءٌ ڙي عمر!
ويهي هِتڙي ڪينءَ وساريان.

ويڙهيڇن...

1- سيج پلنگ تنهنجا ميان، الا! آڇ نہ عطر عنبر-
آءٌ ڙي عمر...

2- معاف ڪرايان مِيڙن سان ميان، الا! ڏيهاين جا ڏمر-
آءٌ ڙي عمر...

3- ڏکيا سکيا ڏينهڙا ميان، الا! گذري ويندا گذر-
آءٌ ڙي عمر...

4- لاه آلهَ لڳ لوهَ جا ميان، الا! نور الحق [1] چئي نِيَر-
آءٌ ڙي عمر...

*

مارن ڏاران موت ووءِ، مون کي ماڙن ۾ آئيو-
ووءِ! ووءِ! ووءِ! مو ن کي ماڙن ۾...
1- مٽي جنازي جڏيءَ جي، مانَ هلي اچي هوت-
مارن ڏاران.... مون کي ماڙن ۾...
2- نجو مڙهه مليو ڏي، هت ٽيان جي فوت،
مارن ڏاران.....مون کي ماڙن ۾...
3- عبدالقادر ڪيئنءَ جيان، هت بنان مون هوت،
مارن ڏاران .....مون کي ماڙن ۾...

*

هن معذور مُئيءَ مٿا الا، پيرڙو هوت پيجي ويا!
1- وينِي آهيان وات تي، ايندم هوت هتا، الا-
پيرڙو هوت...
2- چڙهي جبل چوٽئين، پاڻ ڪندس پرزا، الا-
پيرڙو هوت...
3- درد منهنجي دل کي، آهن اهنج اپا، الا-
پيرڙو هوت...
4- ڏسي عيب عجيب ميان، ويو ويچاريءَ وٽا، الا-
پيرڙو هوت...
5- اشرف چئي ان لاءِ، روئي نيڙ رتا، الا-
پيرڙو هوت...

*

چپر ۾ چوري الا، هوت چڏي ويا هيڪلي!
1- اديون هوت پنهل جي، مون کي لڳي آه لوري، الا-
هوت چڏي ويا هيڪلي!
2- ڪارڙ هوت پنهل جي، گهٽ گهمان گهوري، الا-
هوت چڏي ويا هيڪلي!

3- ٻڌي ٻاروچو ويو، ڏکن جي ڏوري، الا-
هوت ڇڏي ويا هيڪلي!
4- اديون عبداللطيف چئي، هُئي برهمڻ پوري، الا-
هوت ڇڏي ويا هيڪلي!

ڇپر ۾...

*

وئي وهامي رات، الا، جاڳينءَ ڇونہ جتن لاءِ!
1- سات لڏيندي سڏ ڪيئي، پنهل پنهنجي وات، الا-
جاڳينءَ ڇو نہ...
2- مئي ماري هليا، ڪُهي ويا سان ڪات، الا-
جاڳينءَ ڇو نہ...
3- توکي ڳهر ڳرو ڪيو، سنجهي ڪياءُ سات، الا-
جاڳينءَ ڇو نہ...
4- اديون عبداللطيف چئي، جت زور آور ذات، الا-
جاڳينءَ ڇو نہ...

*

هوتن ڏاران هاڻ، الا، ڪينءَ جيئندس آءٌ جيڏيون!
1- ڏُني جن کي ڏينهن ٿيا، الله سي ئي آڻ، الا-
ڪيئن جيئندس آءٌ...
2- سڪندي مون سال ٿيا، ڪا ڪيون ڪيچن ڪاڻ، الا-
ڪيئن جيئندس آءٌ...
3- صبر، سُک وڃائيو، رانول جي رهاڻ، الا-
ڪيئن جيئندس آءٌ...
4- اميدون اٿم احمد شاه چئي، پرين ايندم پاڻ، الا-
ڪيئن جيئندس آءٌ...

*

مئي ڪري معذور، الا! ڪيچي ڪالھ لنگھي ويا!
1- ڪوھيارو ڪانڌ ڪري، ڪيڏا پرايم سور، الا،
ڪيچي ڪالھ...
2- جانب جت ڪري ويا، مون سان ڪيس ڪلور، الا،
ڪيچي ڪالھ...
3- ساريو سپرين کي ھتي، وجين ٿي وھلور، الا،
ڪيچي ڪالھ...
4- ويا سُک سيد چوي، سنگت ٿيڙم سور، الا،
ڪيچي ڪالھ...

*

آءُ ورتيا [2] وجھ فار، وو پوٽيدار،
منھنجي پرين دير چو لاتي!
1- آءُ ورتيا سائين توکئون پڇان ٿي، ايندو جانب کي ھوندو اوڏاھين،
تن ۾ اٿم ڏاڍي تار!
منھنجي پرين...
2- ڏور وڃڻ جي ڪر نہ ڏاڍائي، جاڙ ھڻي وئين جيءَ ۾ جائي،
نيڻين وھايان نار!
منھنجي پرين...
3- انس فقير چوي آھيان اداسي، ساھ سڃڻ وٺ بت ھت باقي،
باري پيا سر بار!
منھنجي پرين...

*

ستي پرايم سور، ڙي، جاڳو! جاڳو! اَوَھي جيڏيون!
جاڳو جاڳو...

1- جاڳڻ سان مون جار نہ ڪيڙو، پنهل مُئي جو تنهائون ويڙو،
يار ملاقي جن سان ٿيڙو، ٿيو حاصل تن کي حضور، ڙي!
جاڳو جاڳو...

2- اصل کان مان هيس اربيلي، سورن جندڙي ڪئي اٽڪيلي،
ڪل نہ لڏيم سُتيس سويلي، آهي مون ڏاهن ڪل قصور، ڙي!
جاڳو جاڳو...

3- ننڊ نياڳيءَ وڏو نهوڙي، چوري چپر ۾ ڇڏي ويا ڇوڙي،
قلم رباني ڪير ٿو موڙي، ماريس انهيءَ مذڪور، ڙي!
جاڳو جاڳو...

4- حاجي خانڻ حق هڪوئي، مثل سيد جي پايان نہ ڪوئي،
حال اوريندس تن سان روئي، پل پل پون پرين جا پور، ڙي!
جاڳو جاڳو...

*

جوڳي ٻيا پي گهٽان الا، سامي ٻيا پي گهٽان، الا-
منهنجو لکيو لاهوتن سان!

1- پورب کان پيدا ٿيا الا، جن کي منهن منجهه مٽيان، الا-
منهنجو لکيو...

2- سينَ هيائون سُجَ ۾ الا، جاتي گهرڙا گهٽان، الا-
منهنجو لکيو...

3- اديون شاه لطيف چئي الا، اڳتئون شال وڻان، الا-
منهنجو لکيو...

*

جوڳين هُئي ڪَل ڪا جا!
ڪيائون رمز سهي سندي رام ريجهائڻ!

1- وينا پڙهن "وفي انفسكم" طرف ڇڏيائون طمعا جا-
ڪيائون رمز...
2- پَهيون ٻنهي جهانن ڪئون، رهن آديسي آجا-
ڪيائون رمز...
3- پايو منهن مونن ۾، وينا فڪر ڪن فنا جا-
ڪيائون رمز...
4- گُرَ وٽان تن گودڙيَن، سبق پڙهيا "لا" جا-
ڪيائون رمز...
5- عبدالله عاشق عجيب اُهي ئي، سامي سليم سڀاجها-
ڪيائون رمز...

*

عاشق نام سڏاوَڻ سؤکا، اؤکا اُس پر رهڻان، جِي!
1- عشق سراسر خوني خنجر، سدا سيني وچ سهڻان، جِي!
عاشق...
2- طعنا تهمت ڪُلَ جي ملامت، عاشقان دي ڳَل ڳهڻان، جِي!
عاشق...
3- باه بره دي ابراهيم والي، ٻلنديءَ وچ ۾ ٻهڻان، جِي!
عاشق...
4- عبدالله ڪسڻ قبوليا، لاشڪ هي سر لهڻان، جِي!
عاشق...

*

مست پيالا محبت والا، پيوين تہ سر دا سانگا چوڙ!
مست پيالا...
1- ڪات ڪنون ڪنڌ ڪيڙ ڪچائي، مرڻ ڪنون هڻ منهن نا موڙ!
مست پيالا...

2- عاشقي چاوڙ سري لکاوڙ، ورهَ دي وچ هئي وڏا وڇوڙ!
مست پيالا...
3- تيغ عشق دي تيز تکيري، ڏئي جند عاشق تنهن نون ڇوڙ!
مست پيالا...
4- ڏئي سر عاشق عشق بازيءَ ۾، ٽڳا دنيا جا سپ تون ٽوڙ!
مست پيالا...
5- عبدالله صلاح اهائي، لاوڙ نينهن نياوڙ توڙ!
مست پيالا...

*

عشق کيس عريان، صبر سيوئي سڪ وجايو!
1- حنفي حنبلي عشق نہ ڄاڻي، شافعي مالڪ فرقَ ڏي تاڻي،
کيا ڄاڻي نعمان!
صبر سيوئي...
2- ميم لڻي ير احمد چاهي، سڪ وارا ويا اوڏانهن ڪاهي،
قرب کيا قربان!
صبر سيوئي...
3- عرب عين ريءَ سمجهہ تہ چاهي، عبدالله[3] ڇڏ عبد کي لاهي،
ترڪ سنت طغيان!
صبر سيوئي...
* * *

خان وڏي کي لطيفا، مثالي ٽوٽڪا ۽ قابليت جا قول پڙ سون مَنهن ياد هئا، ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙو ٽوٽڪو هڙي وجهندو هو، جو ويڻلن کان ٽهڪ نڪري ويندا. ارمان آهي جو انڊو ارواح هڪ لطيفو بہ ياد رکي ڪونہ سگهيس.
خان وڏي جي عمر جو سڄ نيرڙيءَ ٽپهريءَ تي اڇي پهتو هو، ليڪن هن ڪڏهن اهو محسوس ڪونہ ڪيو تہ صبح ويو، سڄ مٿي آيو، منجهند ٿي، پاڇا لڙيا،

ٻيهريءَ مان ٻہ ٽپي سج اچي لاڙون ٽيو آهي. هميشه خوش، هردم جوان، هر وقت شگفتہ، پائيندو هو تہ عمر جي اجا هاڻي باک ڦٽي آهي. ڳالهہ نکرندي تہ چوندو:

”بابا! جسم جهريو تہ ڇا ٽيو؟ دل جوان هجڻ گهرجي. مزاج تي بهار رهڻ کپي. مايوسي بزدلي آهي. گوشہ نشيني ياڇ Escape آهي. جيسين جئرو رهجي، تيسين منهن ڏبو اچجي. موت اچي تہ ٻہ مرکي منهن ڏجي. ميان حسام الدين! موت ٻہ آسان انهن جو ئي ٽيندو آهي، جيکي مڙس هوندا آهن، جن جي حياتي مرکندي گذرندي آهي.“

خدا جو شان، پاڻ ٻہ اها منزل ڏاڍيءَ آسانيءَ سان ٽپي وجي پار پيو. دستور اهو آهي تہ گذريل زمانن کي ياد کيون هر کو ٽڏا شوکارا پري پيو کندو آهي.

”هاءِ هاءِ! کهڙا ڏينهن هئا!“

ليکن خان وڏو چوندو هو:

”ير، کهڙا ويهي شوکارا پرجن ۽ ٽڏا ساه کڻجن. ماضي، حال، مستقبل، سڀ هکجهڙا آهن. انسان ويچارو ويساري جوگهر آهي، يادگيريءَ جو کچو آهي، نہ تہ ميان حسام الدين شاه سائين! حال ۽ ماضيءَ ۾ کو فرق ٿئي ٿو ڇا؟ حال کان کو ماضي ڇگو هوندو آهي ڇا؟ ماڻهو اجايون حال کان بيزار ٿي ماضيءَ تي پيا شوکارا پرايندا آهن! نہ! نہ! کهڙو کم؟ اها بلکل اٻوجهائي آهي.“

مان چوندس:

”آغا سائين! يعني ڇئبو تہ اهو چوتياپو آهي؟“

کلي ويهندو:

”ير، ائين کو ڇئبو؟ کيترا سمجهہ جا صاحب ٻہ ڇڪ کندا آهن!“

کيترن پاڻ جيڏن سان سنگت هوندي هئس، ليکن پنهنجي سامنهنن خان وڏو انهن کي ٻہ نہ ٽڏا شوکارا پرڻ ڏيندو نہ گذريل زماني تي آهان پري ياد کرڻ ڏيندو. وينو انهن کي ٻہ کلائيندو، لطيفا ٻڌائيندو، عقلمندن جا قول ۽ نڪتا سڌائيندو. کوشش اها هوندي تہ پوڙهن جي دلين تي جيکا مايوسي آهي، سندن طبيعت تي جيکا ٽکاوٽ آهي، هنن جي مزاج ۾ جيکا بيزاري، ترشي ۽ نراسائي آهي ان جي اثر کي زائل کندو رهي.

سندس نندي فرزند صدرالدين خان جي شادي ٿي. مرحوم باغ باغ هجي. مون کي ڪراچيءَ کان خاص طرح گهرايائين. ڏٺم ته خان وڏو پنهنجي بنگلي جي وڏي ڪمري ۾ هڪ ڪٽ تي ڦٽ ڪيون وينو آهي. سندس چوڏاري پنج - ست سفيد ريش ڪٽن تي آهليان پيا آهن- ڪي آسيرا، ڪي پاسيرا، ته ڪي شرط سنوان نوان. ڪن جو لنيون پاسي ۾ رکيون آهن ته ڪن جا لڪڻ ڪٽن جي تانگهن ۾ ايا ٿيا پيا آهن. خان وڏو مون کي ڏسي در تي نڪري آيو:

"اچي وَيئو!...

"لک پلايون! سوين قرب!...

"ڏاڍو چگو ٿيو!"

عرض ڪيم:

"آغا سائين، ٽپهري ٿي وئي آهي، پاڇا اچي لڙيا آهن. هلو ته ٻاهر ويهون." ڪلي، منهن ڪَنَ ويجهو آڻي چيائين:

"هي ڪونہ ٿو ڏسين، سپ اڇ، سُيهن تي آهن. مان توسان هلان ۽ پنيان ڪو گهرڪي پوي؟ ڇا ڪجي يَرَ، آغا [4] جو چارج ۾ ڏئي ويو آهي."

گل حسن خان[5] اندران رڙ ڪئي:

"خان! ضرور اسان جي گلا ڪندو هوندين؟"

"ها! ها! ها! ها!"

پٺ ٿي پرٽيس. دل جون مرادون ٿي پُنس، سو ان ڏينهن خان وڏو سچ پچ ته جوان هو. پلا پوڙهن تي ڪيئن ٿي اک ٻڏس؟

* * *

ڪراچيءَ جي راڻي باغ ۾ ڪيترن سالن کان ڪراچيءَ جا عمر رسيدا بزرگ شام جو اچي گڏ ٿيندا هئا. اصل ۾ ته پهريون هرڪو گهران باغ ۾ چهل قدمي ڪرڻ ايندو هو. گهمندي قرندي هڪٻئي سان واقفيت ٿي. پوءِ راهل مائل ٿيا. ان کان پوءِ واهپو وڌيو ۽ آخر ۾ هڪٻئي جا سنگتي ٿي ويا. هاڻي چهل قدمي ڪرڻ جي بجاءِ باغ ۾ هر روز گڏ ٿي، بينچن تي ويهي، پراڻي زماني جا قصا ڪٿيندا هئا.

"چا ته ڏينهن هئا!...

”هاءِ ڙي زمانا!...
”ها سائين، ويا ڏينهن گذري!...
”هاڻي ڇا ٿيندو!...
”اهي ڪي ڏينهن هئا!“
آهون...
ٿڌا شوڪارا- ۽
هاءِ! واءِ!
اهي بزرگ شام جو ويهي جيڪا مجلس ڪندا هئا، ان جو اجهو اهو ماحول هو. ايندڙ ويندڙ کي پيو ائين لڳندو هو ته سيئي جڙ پنهنجي بت مان بيزار آهن. جوان مردن ۽ نوجوان زالن تي جڏهن نگاهه پوندي هُيئن، تڏهن سندن چهرن تي ڪيترا وڪڙ نمودار ٿي ويندا هئا- حسرت غصي جو روپ اختيار ڪندي هئي. بي وسي مسهائپ جو ڏاڙ ونندي هئي. ڪل يا ٿهڪڙو سالن جا سال لنگهي ويا، ايندڙ ويندڙ ته نهيو پر خود مستقل رهندڙ ماڻهن ۽ چوڪيدارن کي به ياد ڪونه هو ته ڪو هنن جي ڪن پيو. البت ڪن جي منهن تي مشڪ، اها به ڪڏهن ڪڏهن مهني ماسي لحظي کن لاءِ ظاهر ٿي پوندي هئي- سا به ائين جيئن جڙ ڪڪرن پريءَ کاريءَ رات ۾ چنڊ جو ڪو ڪرٽو ڪڪر جي ڪنهن سوراخ مان لياڪو پائي وري لڪي وڃي، اوچتو، ذري ساعت ۽ اک ڇنپ لاءِ.
بِلا ناغي، هرروز، جهُڙ هجي چاهي مينهن، ڳڙو هجي چاهي طوفان، گرمي هجي چاهي سردي، لڪڻ يا لڏ هٿ ۾ ڪنيون، ڪو منڊڪائيندو، ڪو چيلهه کي موڙا ڏيندو، ڪو هڪ هٿ لڪڻ ۾ ۽ ٻيو ڪمر تي رکيون، ڪو ڪنجهندو، ڪو ڪٽنڪندو، ڪنگهندو ۽ کانگهارا اڇلیندو اچي راڻي باغ ۾ رسندو. باغ جا مالهي به واقف ته چوڪيدار به سڃاڻو. ’ڇنان جور گرم‘ وارا به شناس ته سگريٽن ۽ پان ٻيڙيءَ وارا گهورڙيا به آشنا. ٻلا روز جو چار چشمي پِئي ٿي، بِلا ناغي! سامهون ڪيبن ۾ جيڪو مڪراني چانهه وارو هو، سو ته ابتدا ۾ منجهن ڏاڍي دلچسپي ونڊ لڳو، ليڪن جڏهن ڇهن - ٻارنهن مهينن ۾ به ڪيس ’ٻوهڙي‘ نصيب نه ٿي، تڏهن هن جي پاليسي بدلجي ويئي، بلڪ جڏهن ڪين ايندو ڏسندو

هو، ان وقت خارون وٺي ويندیون هيس ۽ باٽليءَ جي ميري پاڻيءَ مان جيڪو چوڪرو ڪوپ ٻوڙي وري ڪيٽليءَ جي ٻڪ ۾ پيو رکندو هو، ان کي چوندو هو:

”اڙي! اچن ٿا!“

”هائو، روز ٻڌا ٻينا آهن.“

”ٽيا جو گهر ڪان واڌارا.“

”جائي ٿو چوين، گهر ۾ ڪير ليکيندو هوندن!“

جڏهن ڪارپوريشن جو ديسي ايڊمنسٽريٽر بدلجي ويو ۽ انگريز اچي راڻي باغ مان دخل پٽايا، تڏهن هن چانهه واري مڪرانيءَ جي ڪيبن ۾ ڪجي ويئي. انهيءَ وقت مڪرانيءَ کي اچي سوسو ٽيو ته شايد انهن بزرگن جي ادب نہ ڪرڻ سبب ڪيس اهو نقصان پهتو!

پهريون اهي پريامڙس ڇُڳا ڇُڳا ٿي، پري پري پيل بينچن تي ويهندا هئا. جڏهن ماڻهن ۽ چوڪيدارن کي کهل آئي ۽ هنن محسوس ڪيو ته ايترو فاصلو وجهي ويهڻ ۾ ويچارن جي هم آهنگيءَ ۾ بي ربطي پيدا ٿو ڪري، تڏهن هنن باغ جا دستور پاسيرو رکي، سيئي بينچون سوري، کين هڪ جاءِ تي ڪري ڏنيون. پوءِ ته ڇڻ سندن لاءِ بهاريون ٽي پيون. نيٺ هو ۾ ته راڻي باغ جو جزو ٽي ويا هئا، ائين جيئن راڻي باغ جي ”زُو“ جو حصو. ماڻهو جيڪي زُو ڏسي، اتان اچي لنگهندا هئا، سي هڪ نظر هنن تي ۾ وجهيون پوءِ پيا اڳتي وڌندا هئا.

ڪنهن کي زريءَ جي پراڻي بنارسي پگڙي ته ڪنهن کي رنگارنگي ٽوپي، ڪو ترڪي ٽوپيءَ ۾، ڪنهن کي ڪُلي تي پشوري پٽڪو، ڪنهن جو ڪوٽ چوغي نما ڪنهن جو شارٽ ته ڪنهن کي خاڪي ڊرل جو فوجي نمونو، ڪنهن جي هيٺ تي پتلون، ڪنهن کي پاجامو، ڪنهن کي شلوار ته ڪنهن کي پُليسي پينٽ. عينڪون گهٽو ڪري سين جي اکين تي چڙهيل. ڪنهن جي نور کي گهٽ نقصان ته ڪنهن جو صفا نِستُ، تنهنڪري ڪنهن جا شيشا ٿلها ته ڪن جا ٿورا سنها. ڪن جا ته مورڳو ٻنهي اکين جا شيشا هڪٻئي کان مختلف، هڪ اک ٻئي کان زياده ڪمزور! لٽا ڪپڑا سين کي، ڪٽل ڪونہ البته پراڻي وضع قطع جا.

قميصون ۽ هيٺ جو لٹو هر جمعي تي بدلائيندا هئا، ليڪن ڪوٽ ۽ مٿي جي پوشاڪ کي هٿ نہ لاتائون. ڪن جا ڪوٽ تڏهن جا هئا، جڏهن هو نوان نوان صوبيدار برٹي ٹيا هئا. ڪن رٹائر ٹيڻ کان ٹورو اڳ سبايا هئا. ڪن جي ڪوٹن کي ايڏو عرصو گذري چڪو هو، جو خود مالڪن کي به ياد ڪونہ هو تہ هنن ڪڏهن ۽ ڪنهن کان نهرايا. کي ڪوٽ تہ ايترو پراٹا ٹي لڳا، جو انهن جو اصلي رنگ - زمانا ٹيا جو ڦٹي چڪو هو، ۽ استعمال ٹي ٹي ڪپڑو به گاڻ ڪري ويو هين. ڪالر ۽ ڪفن تي گهٹو ڪري ڏاريون چتيون پيل هيون. بوٹ سيني کي انگريزي نموني جا هئا، پر اهڙا اولد مادل، جن کي نئينءَ پوشِ تہ - جڏهن کان سانير ۾ آئي هئي تڏهن کان، بازار ۾ وڪامندو ڪونہ ڏٹو هو. ڪن جا منهن ٹلها بلٹاڪ جهڙا بدزيبا، جن کي پرين مڙسن 'گرگابي' سڏيو ٹي. ڪن جي ٹو سنهي، کي ڪهِن سان بڌل تہ کي ڪَهِن جي بجاءِ ڪلپ سان بند ٹيل. ڪن کي ڪارو پيٹنٹ پمپ، جنهن جو به بو اُڏي ويل، تہ روغن جون به چتيون چتيون لٹل. ڪن کي لانگ بوٹ، ٹلهي چمڙي جا نہ بلڪ گليسڪِد جا، جيڪي جڏهن خريد ٹيل هئا، تڏهن تہ ڏاڍا نرم جهڙا ريشم هئا، ليڪن هاڻي ايامن پڄاڻا گهٹي قدر سخت ٹي ويا هئا ۽ ڪٹان ڪٹان موچيءَ جا موٹا ٹوپا به ڏنل هين. بهرحال نمونا مختلف ليڪن سيئي هڪجهڙا رسيدا ۽ سرد گرم چشيدا، ۽ حال ۾ به هڪبئي کان ڪو ٹورو ڪَسُ ڪَسر، يعني نہ صفائي نہ رنگ روغن! ڪن تہ سڄيءَ عمر ۾ رنگ جو منهن نہ ڏٹو هو ۽ ڪن کي جيڪڏهن هڪ - اڏ دفعو نصيب ٹيو تہ به انهيءَ زماني ۾ جڏهن ڪوبرا پالشCobra Polish اجا نئين نئين ڪراچيءَ جي ماريڪٹ ۾ آئي هئي، جنهن جي چوڪندين شيشين تي لکيل هوندو هو 'ميد اِن انگلنڊ'. خير، اهو تہ ٹيو معاملو پهر پوشاڪ جو، جنهن جو اونو جوان ڪن، هي ويچارا عمر جي شام ۾، ڪهڙا وينا نٹ نانگر ڪن! مڙئي ٹيو کين انگ ڏڪٹو. انهن وڏجڳاين بزرگن جا جسم تہ جهور هئا، ليڪن سندن منهن جي تختي به اهڙو بدلجي ويل هئي، جو چتائي ڏسڻ کان پوءِ به پتو ڪونہ پوندو هو تہ جواني ۾ نڪ نقشو ۽ خط خال ڪهڙو هين! سڄو منهن گهنج گهنج. ڪل کي قدرتي روغن جيڪو نرم ۽ چمڪيدار ڪيون بينو هوندو آهي،

سو ڪن ايامن کان ختم ٿي چڪو هو ۽ هاڻي گلَ سڪي اُبڙڻ ٿي پئي هئي. مسام ۾ ڪڏهن جا بند ٿي چڪا هئا، جنهن ڪري سردين ۾ منهن کي جيڪو تيل لائيندا هئا، اهو جذب ٿي ڪونہ سگهندو هو ۽ هميشه پيو سندن منهن تي جرڪندو هو. اکيون عينڪن جي اندران ائين ٿي لڳيون جڙ ڪڏهن انهن ۾ نہ اوجر هو، نہ نور ۽ نہ نظر، جهڙيون مُرديون، جڙ ڪنهن ساهہ نڪتل ماڻهوءَ جون آهن، ويران، اڇيون ۽ پوائتيون. سندن سُنهارين ۽ مٽي جي وارن کي ۽ ڪو شيپ ڪونہ هو. جن کي ڏاڙهيون هيون، انهن جي ۽ سُڌ ڪانہ ٿي پئي تہ اصل ۾ هنن جي طبيعت ڪهڙيءَ ڪَڻ تي هريل آهي، ۽ جن تي صافي گهميل هئي، تن جا وار ۽ هميشه ڪل کان ٻاهر پيا ڏسبا هئا تہ ڪرَ ڪڍيون بينا آهن. عمر ۾ انهن بزرگن جي ڪو زياده فرق ڪونہ هو. ڪو سال اڏ هيڏي يا هوڏي، ورنہ گهٽو ڪري سڀئي يڪ سَنان. جڏهن مولو مسافرخانو نهيو پئي، ان وقت ڪنهن کي شايد ريخ ٿي لٿي. جڏهن پورٽ ٽرسٽ واري جاءِ جڙي بيني هئي، تڏهن ڪنهن اسڪول ۾ ستون درجو پاس ڪيو هو. جڏهن بندر روڊ وارو ٽرام پٽو نڪتو ۽ ٽرامون گهوڙن تي هلڻ شروع ٿيون، ڪو ان وقت ڪچ بالغ هو. جهونا مارڪيٽ ۽ ڪڏي جي وچ ۾ جيڪي پاڙا آهن، سي اجا نهيائي ڪونہ هئا، تہ ڪو ان وقت ڏاڙهي مڇن جي ساوڪ ۾ هو. لارينس روڊ واري ايدلجي دنشا هاسپٽل جا اجا ڪڏا ٿي ڪنيا، جو ڪنهن مَس پاڪي ڪنئي هئي. مطلب تہ اهي سڀئي صورتون انهيءَ ٽُور جون هيون، جيڪو انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ستت ئي مائن جي پيٽ مان نڪتو هو. منجهان ڪنهن کي ميريٽ روڊ تي لوهہ جو دڪان هو، جنهن ۾ هاڻي سندس پوٽو ويهندو هو. ڪو بيلجمي شيشي جو واپاري هو، ليڪن تقريباً ويهن سالن کان سڄو مال ملڪيت پٽن ۾ ورهائي، پاڻ ڏنڏو ڇڏي، گهر ۾ الله الله ڪري رهيو هو. ڪنهن سنڌ مدرسة الاسلام جي ماستريءَ تان مدت ٿي، جو پنشن ورتي هئي. ڪنهن کي پوليس جي سپريڊنٽيءَ تان رٽائر ڪئي 25 سال ٿي چڪا هئا. ڪو جوانيءَ ۾ فوج اندر ميجر صوبيدار هو ۽ ”پهرينءَ لام“[6] کان اڳ ئي پاڻ آن فٽ ڪرائي، اچي گهر ويهي رهيو هو. ڪنهن کي اصل تہ ڪپهہ جو وڏو ڏنڏو هو ۽ شروع ۾ ’رالي‘ وارن سان ۽ پائيواري

هيس، ليڪن پوءِ ستا هٽندي ڪٽي پيو هو ۽ بس ايترو بچايو هيائين، جنهن مان مرندي تائين لولو مکي کائي! انهن مان پوليس صوبيدار به رهي چڪو هو ۽ انهيءَ ئي سپريڊنٽ جي هينان رهي چڪو هو، جيڪو هاٽي ساڻن گڏ بينچن تي وينو ٽي. هن وقت سپ هڪجهڙا هئا. منجهن ڪوبه فرق ڪونه هو. انهن پرين مڙسن ۾ هڪ به ميمڙ به هئا، جن کي ڪنهن زماني ۾ صدر بازار اندر وڏيون چاپان هيون، ۽ هنن سنڌ جي زميندارن کي جيڪو اوڌر تي مال ڏنو، ان جا پيسا وصول ٽي ڪونه سگهيا، جنهنڪري پاڻ قرضي ٽي، آخر ۾ ڏيوالو ڏيئي وينا هئا، ۽ انهن کنڌن جون بنديون ۽ لکي ڏنل پرامزري نوٽ اگرچ مدي خارج هئا، ليڪن بطور يادگار اجا به سانڊيون ٽي آيا. هاٽي فقط ايترو هين، جو مانيءَ ٽڪر پورو ڪري سگهيا ٽي.

انهن وڏ- جُڳائن جي هڪڙئي سان ڏاڍي محبت ۽ خاطري هئي ۽ هڪڙئي جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. ۽ هڪڙئي کي جڏهن مخاطب ڪندا هئا، تہ اصلي عهدي جي لحاظ سان، يعني 'سيٺ صاحب'، 'ماستر صاحب'، 'سپريڊنٽ صاحب'، 'صوبيدار صاحب'، 'ميجر صاحب'، 'سردار صاحب'، 'خان صاحب'. اهو تخاطب هنن کي هر وقت پنهنجي اقبال مندیءَ وارو زمانو ياد ڏياري سرور پهچائيندو رهيو ٽي. ازان سواءِ وڏي ڳالهه اها هئي تہ رٽائر ٽيڻ يا ڏنڌن بند ٽي وڃڻ بعد جيڪو منجهن احساس ڪمتري پيدا ٽيو هو، سو به انهيءَ طرز تخاطب سان زائل ٽي ويو ٽي، چاڪاڻ تہ اجا به هو پنهنجن اصلوڪن عهدن ۽ منصبن جي لحاظ سان مخاطب ڪيا ٽي ويا.

حاصل مطلب اهو تہ هن عجيب غريب سنگت ۾، ۽ پرين مڙسن جي انهيءَ رنگارنگي مجموعي ۾، سيني قسمن جا ماڻهو هئا. سيئي تجربي جا صاحب، سيئي پڙهيل ڪڙهيل، ۽ مڙني زمانو ايترو طويل گذاري پار ڪيو هو، جو کين پنهنجي عقل جي پختگيءَ تي پورو پورو بانور هو- ايترو اعتماد ۽ يقين جيڏو کين انهيءَ آفريڪي ڇبري جي موجود هجڻ تي هو، جيڪو ڪائنڪ ٽوري فاصلي تي زوءَ ۾ هڪ وڏي پجري اندر بند هو ۽ جنهن جو آواز پنهنجي وينِي تائين اهي بزرگ پنج ڏهه دفعا روز ٻڌندا هئا- بلڪ هڪ به دفعو تہ سيني صلاح ڪري

گڏجي وڃي ان کي ڏنو ۽ هو، ايڏي ذوق ۽ حضور قلب سان، جڙ ٻنهي ڏرين ۾ کو روحاني تعلق آهي. آفريڪي ڇوڙو- عجيب و غريب ڪنڊ هيڻ، هر وقت اکيون بند، جڙ ڪنهن وڏي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ لڳو پيو آهي، مٿو وڏو، جنهن ۾ گمان پئي ٿيو ته وڏي جڳ جو آهي، تنهنڪري تجربو ۽ اوڏوئي هوندس، ڪڏهن ڪڏهن فڪرات مان جڏهن ڪنڊ مٿي کڻي، اکيون کولي، ڏاڍيان ونيءِ ٿي ڪيائين 'گُهرُڙ...گُهرُڙ...گهُرُڙ... گهُرڙُ'، تڏهن نه ڇڙو زوءَ جي سيني رهاکن جا ڪن ڪڙا ٿي ويا ٿي، بلڪ اسان جي هنن پرين مڙسن ۽ گهڙي ڪن لاءِ زير بحث مسئلي کي نظرانداز ڪري اوڏنهن توجهه ڪيو ٿي.

اهي سيئي صاحب در حقيقت، سواءِ انهن چند بزرگن جي، جيڪي منجهند تائين ۽ "ضروري حاجتن" کان فارغ ٿي نه سگهندا هئا، باقي سڀ گهر ۾ ٿورو وقت گذاريندا هئا، ڇاڪاڻ ته ڪين گهر ۾ ڪابه دلچسپي ڪانه هئي. اها ٻي ڳالهه هئي ته گهر وارا ۽ ڪين پاڻ تي بار سمجهي هميشهه پيا سندن سامنهن اچڻ کان نتائيندا ۽ ڪيڀائيندا هئا. هو سويرو نڪري وڃي فٽ پاٿن جي انهن ٻنڇن تي ويهي رهندا هئا، جيڪي وڏن وڏن وڻ جي ڇانوهري هيٺ پيون هوندیون هيون ۽ منجهند تائين وينا خدا جي جهان جو رنگ ڏسندا ۽ دل وندرائيندا هئا. اهڙيون ٻنڇون ڪي "سعيد منزل" وٽ پيل آهن، ڪي ماما پارسي گرلس اسڪول جي سامهون، ته ڪي جانورن جي اسپتال جي قريب .ڪي صاحب وري صدر ۾ ڪنهن دڪان جي وڏاوڙن تي ويهڪ رکي پيا وندر ڪندا هئا. انهن سيني کي هلندڙ زماني جي دلچسپ واقعن سان ۽ دلچسپي هوندي هئي، ليڪن اهڙن واقعن کي معلوم ڪرڻ لاءِ هو اخبار کونه خريد ڪندا هئا، بلڪ انهيءَ ئي اخبار مان ڏٻيءَ اڪ سان ڏسي ڪم ڪيي ونندا هئا، جنهن کي ساڳيءَ ٻنڇ تي پاسي ۾ وينل کو اخباري شوقين پيو غور سان پڙهندو هو، يا ڪن کي صدر جي ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ دڪانن جي اُنهن وڏاوڙن تي وينيي وينيي ئي، وڏا وڏا واقعا لنگهيندڙ پائيندڙ کان معلوم ٿي ويندا هئا. شام جو جڏهن سڃي سنگت گڏ ٿيندي هئي، تڏهن انهن واقعن تي پنهنجي عقل ۽ وسيع تجربن جي روشنيءَ ۾ ويهي غور ڪندا هئا، ۽ آخر ۾ گهٽو ڪري متفقه راءِ ٿي اٿندا هئا. هڪ اڌ کي

ڪڏهن ڪڏهن اختلاف راءِ ۾ ٿي پوندو هو، جنهن لاءِ وٽن ڪي ئي دليل هوندا هئا ۽ اڳ ۾ به هو ڪيترن ئي واقعن کي ساڳين دليلن جي ڪسوٽيءَ تي پرکي چڪا هئا! پر موجوده دور جي واقعن تي کين توجهه ڏيڻ جو گهٽ موقعو ملندو هو. هنن وٽ ته گذريل زمانن جا ئي ايترا داستان سانديل هئا، جو جڏهن ڪا ڳالهه اچي نڪرندي ته هرڪو پيو ڪندو:

"هائو سائين، هائو!"

"ڪاڏي اُهي زمانا، ڪاڏي هي!"

"اُهي ماڻهو ئي مري ويا!"

"مڙئي قادر جي قدرت آهي!"

"هاءِ! هاءِ!"

هر ڪنهن جي ذهن ۾ پراڻي زماني جا نقش ايري ايندا. ان وقت گهڙيءَ کن لاءِ ماڻ ٿي ويندي. هرڪو ڪنڌ هيٺ ڪري گهريءَ سوچ ۾ پئجي ويندو. جڏهن اوچتو سامنهن آفريڪي ڊُول چهرو ونڊي ڪندو گهرُڙ... گهرُڙ... گهرُڙ، ان وقت سندن ڪنڌ ڏيري ڏيري مٿي ٿيڻ شروع ٿيندا، جڏ اوچتو کين ڪنهن ڏونڏاڙي ننڍ مان اڌاريو. ڪن ڪان ٽڏا شوڪارا نڪري ويندا، ڪي پنهنجي آهُن کي وات تي آڻي وري ڪائي ويندا، ڪن ويچارن کان ته بي اختيار نڪري ويندو:

"ايس، پي صاحب! چا ڪجي، هي ڏينهن به پاڻ کي ڏسڻا پيا!"

دراصل انهن بزرگن جون عمريون ضرورت کان زيادهه تجاوز ڪري چڪيون هيون، ۽ ڪاب ڳالهه جڏهن حد کان ٽپي ويندي آهي، تڏهن اها غير طبعي ٿي پوندي آهي، سو هي پريا مڙس به هاڻي انهيءَ غير طبعي دور مان گذري رهيا هئا، ۽ اهوئي دور آهي جنهن ۾ پنهنجا به ڪک ته پرايا به بيزار هوندا آهن.

* * *

اسان جي خان وڏي، راڻي باغ گهمندي، زوءَ مان ٿيندي، انهيءَ آفريڪي چهري کي تعجب مان ڏسندي، جڏهن هنن بزرگن سان اچي 'چهار چشمي' ڪئي، ان وقت سين ته استغراق جو عالم هو. ڪن جا ڪنڌ هيٺ، ڪن جون اکيون بند، ڪو آهستي جهوٽيو ٿي، ۽ سامنهن واري بينچ تي جيڪي ٽي جڻا وينا هئا، انهن

مان ۾ مٿي کي هٿ ڏيون ڪنهن وڏي فڪرات ۾ محو هئا- مايوسي، اندوهه، ياس، حسرت، تلخي، ڪرختگي، بيزاري، ۽ آخر ۾ سرد آهون، ٽڏا شوڪار، ۽ هاءِ! واءِ! اهي انهيءَ ماحول جا مختلف عنوان هئا، جنهن کي خان وڏي وجي ڏنو. خان وڏي انهيءَ سڄي مذڪور جو جائزو ونيو سڀ کان پهريون ته انهن بزرگن جي بينام مجلس کي نالو ڏنو:

'مجلس محققين!'

اسان کي جڏهن سڏ پئي، تڏهن پڇيوسي:

"خان وڏا اهو نالو ڇو؟"

خان جيڪي دليل ڏنا، سي برابر دل سان نهڪي آيا. واقعي اهي سيئي محقق هئا. جڏهن ڪوبه مسئلو درپيش ٿيو ٿي، ان وقت هرهڪ ايڏيAuthoritative نموني سان بحث ٿي ڪيو، جڏ انهيءَ خاص موضوع تي هن سڄي زندگي پئي تحقيق ڪئي آهي ۽ سندس قول هن وقت سَنَد جي حيثيت رکي ٿو.

مستقل طرح جڏهن خان وڏي انهيءَ مجلس ۾ اچڻ وڃڻ شروع ڪيو، تڏهن ماحول ۾ وڏي تبديلي اچي وئي. سڀ کان پهريون لطيفا ٻڌائي انهن بزرگن جي رڳن ۾ نئون ساهه خان وڏو. سڪل جسمن ۾ جان ان کان پوءِ آئي. طبيعتن تي چڙهي ويل ڪٽ انهيءَ بعد ئي لٿي. دماغن تي جيڪو سُڪُر ۽ دلين تي جيڪا غنودگي هئي، اها تڏهن لٿي جڏهن خان قول اقوال ٻڌائڻ ۽ مثالي مصراع، بيت ۽ ڏوهيڙا ڏيڻ شروع ڪيا. ذهنن ۾ شگفتگي تڏهن آئي، جڏهن خان وڏي جا دلچسپ فقرا ۽ نندڙا نڪتا، لفظن جون مزيدار معنائون پهريندا، ٿهڪن ٿهڪڙن جي جهولي ۾ جهوٽا کائيندا، فضا ۾ منتشر ٿيا. انهيءَ کان پوءِ ئي ماضيءَ جي اندوهناڪ يادن جو نقش دماغن تان مٽجڻ لڳو، روح ۾ شگفتگي اچي وئي، جسم توانائي محسوس ڪئي ۽ گفتگوءَ جا نه فقط موضوع بدليا ۽ عنوانن جو دائرو وسيع ٿي ويو، بلڪ انهن ۾ اندلڻ جهڙا رنگ پرجي ويا. خان وڏو گويا سيني کي ماضيءَ جي اوناهن غارن مان، جتي فقط چپرن جا گهر، چمڙن جون ونيون ۽ انهن جون ويهڪان هيون، ڪڍي، زوريءَ ٻاهر جهٽي آيو، جتي هاڻي روشني هئي، تازي هوا هئي، ان کان وڌ ته زندگي ۽ زندگيءَ جون گهٽيون ئي

رعنائيون ۽ رونقان اڃا باقي هيون. ان وقت سيني ائين محسوس ڪيو جيئن ڪو نتهڻ اُس مان نڪري اچي پاڇي ۾ پيو، ڪنهن وڏي وڻ جي ڇانوهري هيٺ، جتي ٽڏڪار هجي ۽ ٽڏي هير پئي هلي، جتي رڳ رڳ ٺري پوي ۽ لونڻ لونڻ ۾ للڪار اچي وجي، جڏ سڃي من جي مونجهه لهي پوي ۽ مسئلن تي منجهن "ڊسڪسشن" ٿيڻ لڳو. سياسي معاملا، انٽرنيشنل مسئلا، ملڪي ڳالهيون، مذهبي ۽ شرعي مسائل، نہ فقط اسلامي بلڪ غير اسلامي مذهبن تي بہ ٿيڪا ٽپٽي ٿيڻ لڳي. مسلمانن جي ٻاهتر فرقن جا اختلاف بہ سامنهن اچي ويا. سني، شيعن جي اختلافن ۽ خلافت راشده جي چوندن ۾ ٿيل گهوٻين تي پڻ اظهار خيال ٿيڻ لڳو. مذهبي معاملن تي زياده تر رٽائر ٿيل پوليس جو سپريڊنٽ تفصيلي ۽ يقيني بحث ڪندو هو. خان وڏو چوندو هو:

"ميان حسام الدين شاهه سائين! ايس، پي صاحب جڏ شريعت جو صاحب پيو معلوم ٿئي! پانئجي پيو تہ سڃي زندگي پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪانہ ڪئي اٿس، بلڪ مولوي صاحب همايونيءَ جي شاگرديءَ ۾ رهيو آهي!"

"آهي ڪٽان جو؟..."

"هائو! پنجابي آهي!"

"تڏهن تہ...!"

"هائو يَرَ، سچ ٿو چئين. رٽائر ڪرڻ بعد حق تي دين جو ماهر ۽ اسلام جو مبلغ ٿي پيو آهي!"

خان وڏو چوندو هو تہ:

"ايمان، ايمانداري، حق ۽ انصاف جي سلسلي ۾، آغا منهنجا، اُهي اُهي آيتون ۽ حديثان بيان ڪندو آهي، جو چئي ڪٽي بس ڪر! اسان جي مولوي محمد قاسم صاحب[7] کي ياد هجن تہ نهيو، ٻئي کي ڪهڙي مجال آهي؟"

"ايمانداري ۽ ايس، پي؟"

"هائو، تڏهن تہ حيرت وٺندي آهي. پر ميان حسام الدين شاه سائين! خانصاحب (سنڌ مدرسي جو رٽائرڊ ماستر) منهن تي چئي ڏيندو اٿس، پوڳن ۾، تہ 'ست ڪئا ڪائي هاڻي بلي حج چڙهي آهي'!"

”يعني، آغا سائين! قحبه چون پير شود پيشه كند دلالي!“
وڏو ٽهڪ ڏئي، خان وڏو ڪلي ويهندو ۽ چوندو هو ته:
”در اصل رٽائرڈ سب انسپيڪٽر سندس افعالن کي چگو سجاڻندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس غير حاضر ڏسي ڪلي پوندو آهي:
’الله جو شان آهي يَرَ، هاڻي ٿو ايمانداريءَ جون ڳالهيون ڪري! ڇڏيائين مئو ڪڪڙ بہ ڪين. اصل ۾ ته گجرانوالا جي چڪ نمبر 110 جو معمولي ماڻهو هو‘!“
خان چوندو هو ته اسان کانئس پڇندا آهيون ته:
”پلا هي پاڻ کي ست پشتيو خاندان چو ٿو سڏائي، جي اهڙو معمولي ماڻهو هو؟“
صوبيدار ڪلي چوندو آهي ته:
”خان وڏا، سمي سٽي کان اورتي جيڪو ٽپندو آهي، سو يڪدم سيد ٿي پوندو آهي! ٻڌو ڪونہ اٿوَ جو سياڻان چئي ويا آهن:“
’غله گر ارزان شود امسال سيد ميشوم!‘
صوبيدار ته هن جي سوانح عمري بيان ڪندي ڪندي، وجي شهه ۾ پوندو آهي. چي:
”مولوي صاحب جو پلو ٽئي، جنهن پاڻ سان پنجاپي آڻي، سنڌ ويچاريءَ ۾ ڪنا ڪيا. هيڊ ڪنسٽيبل مان وجي ايس - پي ٽيو. سڄي زندگي غريبن جو حق ڪائيندو رهيو. هائو! پائو! چرندي آئٽ ڪانہ ڇڏيائين، هاڻي بڻيو آهي مولوي. تڏهن ته! رڻ ٻاري ڇڏيائين. ڪنهن جي هڙَ ۾ پائي بہ نہ ڇڏيائين.“
خان وڏو چوندو هو ته ”جڏهن ٻئي ڏينهن تي اسان ڪيس پري ڪان ايندو ڏسندا آهيون، تڏهن اچي صوبيدار صاحب واريون ڳالهيون ياد پونديون آهن ۽ دل ۾ پيا ڪلندا آهيون.“

* * *

اهڙيءَ طرح انهيءَ مجلس ۾ شعر سخن جو چرچو بہ خان وڏي جي شرڪت بعد ئي پيدا ٿيو. هن ئي اچي بيتن، ڪلامن، ڏوهيڙن ۽ مثالي شعرن جي ابتدا ڪئي. خان وڏو جڏهن ڪُلندو هو، تڏهن ٻڌائيندو هو ته:

”صدر واري ميمڙ سيڻ، ميريٽ رود واري بوهري واپاريءَ، جهونا ماركيٽ واري خوجي ۽ جمشيد ڪالونيءَ واري پارسي صاحب تي شعرن جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿو ٿئي.“

مرحوم چوندو هو تہ:

”ڪين هزار دفعا ور ور ڏٺي معنيٰ سمجهائجي ٿي، ان هوندي بہ سندن دماغ ۾ ڪانہ ٿي ويهي. ميمڙ سيڻ آخر ۾ چوندو آهي: ’ڪُرو باوا، پان کي معاف ڪجو، پان کي مغز ۾ نٿو ويهي‘!“

خير، اها بي ڳالهہ هئي تہ اهي چارئي بزرگ انهن قومن مان هئا، جن وٽ شعر و سخن جو خانو ئي خالي ٿيندو آهي، ورنہ بيءَ حالت ۾ خان وڏي جي اچ وچ بعد انهيءَ سموريءَ سنگت جي ماحول ۾ هڪ تازگي ۽ رونق ضرور اچي وئي هئي. ڪيترن بزرگن کي تہ پنهنجي جوانيءَ جا ڪي رنگين ۽ الهڙ حادثا پڻ دل تي تري آيا، جن جي ڪري سندن سُڪي ويل رڳن ۾ هيڪر نئين سر ساهہ پئجي ويو. بدن ۾ انهن يادن سبب سيسراٽيون اپرڻ لڳن ۽ جڙ ڪين ڪنهن ڪتڪتاڙي ڏئي ورتي. اڳ فقط هڪبئي جو لحاظ ۽ عزت ڪندا هئا، ليڪن هاڻي، جو منجهن روح از سرنو رواني اختيار ڪئي، تہ ٿورا بي تڪلف ٿي، هڪبئي سان چرچا پوڳ بہ ڪرڻ لڳا. ڪين بہ ڪيترا نڪتا ۽ لطيفا اچي ياد پيا، جيڪي سالن ڪان ونيءِ، سندن يادِن جي دفتر ۾ ائين ڪندائتا ٿي ويا هئا، جيئن سرڪاري آفيسن ۾ بي واهن جون لکپڑهون هزارن فائيلن جي بوجهہ هيٺ دٻجي ويندیون آهن.

ماضيءَ جون يادگيريون ڪين هاڻي بہ ايندیون هيون، ليڪن فقط ان وقت، جڏهن ڪو بحث چڙي پوندو هو ۽ ڪين پنهنجن پنهنجن تجربن جا دليل پيش ڪرڻا پوندا هئا يا مثالن سان واقعي جي تائيد يا ترديد ڪرڻي پوندي هئي، ورنہ هونءَ سمورو وقت ڪل چرچو، پوڳ شوڳ ۽ نڙو ٽڪاءُ پيو هلندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اچي رونشي تي چڙهندا هئا تہ خان وڏي جي قول مطابق، سپريڊنٽ صاحب جون جهَوڙِيون [8] لاهي ڇڏيندا هئا. هرڪا لاهٽي پئي مٽس لهندي هئي. ڪو چوندو:

”ادا تڏهن ته سياڻن چيو آهي ته ’پنجاپي ايڪ ته ڏون - ڪري پاءِ، جي هوَن ڏون ته هي جهڳا ۽ تون!‘“

ٿهڪ نڪري ويندا. گهٽي گهٽي تائين وري انهيءَ مثال جي نوعيت ۽ شان جي نوعيت نزول تي پيو بحث هلندو، مثال پيا ڏبا ۽ تجربا پيا بيان ٿيندا. ڪنهن کي وري فارسيءَ جو مثال ياد ايندو. سپريڊنٽ صاحب ڏي منهن ڪري چوندو:

”ها! خانصاحب، هي ڪيئن؟...

...چشم نيڪي مدار! وارو پهاڪو؟“

اتي خان وڏو وري لفظن جي تشڪيل جون موشگافيون ڪرڻ لڳندو هو. چوندو هو: ”پنجابي... پنج آبي“- ٻيا وري ٿهڪڙو ڏئي چوندا هئا: ”هائو، برابر.“ خان وڏي هڪ ڏينهن اهو به ٻڌايو ته جڏهن هن انهيءَ لفظ جي مجلس ۾ تشريح ٿي ڪئي، تڏهن سنڌ مدرسي جي رٽائرڊ ماستر هڪ فارسي شعر به پڙهيو هو، ياد نه آهي پر انهيءَ ۾ ”يڪ آبيند ۽ پنج آبيند“ جا لفظ هئا.

اتي آغا بدرالدين پڇندو هيس ته:

”بابا سائين! پوءِ ڪجهه جناب ايس، پي صاحب کي خيال ٿيندو آهي؟“ خان وڏو مشڪي ڏاڍيون معنيٰ خيز نگاهون پٽ ڏي ڪٽي چوندو هو:

”آغا ڏاڍا زوراور آهيو!“

خير، ڪڏهن ڪڏهن چرچو چوٽ به چڙهي ويندو هو، پر دل ۾ ڪنهن کي ڪونه ٿيندو هو. ٻي واه به ته ڪانه هين، تنهنڪري هڪٻئي کان ڪاوڙجي جدا ٿيڻ سندن لاءِ ڏاڍو مشڪل هو. جي ڪو اتان ڇڄي، ته ٻيو ڪير ڪيس پاڻ وٽ ويهڻ ڏيندو! گهر وارا ته اڳ ئي منجهانِ بيزار هئا. سين لاءِ جاءِ پناهه فقط راڻي باغ جو اهو حصو هو، جتي مالِهن جي مهرباني‌ءَ سان ڪين ٻئنچون هڪٻئي سان لڳو لڳ پئجي مليون هيون.

* * *

خان وڏي جي شرڪت ڪان پوءِ سيئي گهٽو ڪري ٻهاريءَ ۾ هوندا هئا. هرڪو ڪلي، ڳالهائي، خوش ٿي، گهرن ڏانهن پيو موٽندو هو. انهيءَ ڏينهن البته سيني جا ڪنڌ وري جهڪي ويندا هئا ۽ ٻيهر مٽن اها ساڳي غنودگي، اندوهه ۽ آلام

چانئجي ويندو هو، جيڪو خان وڏي جي شرڪت کان اڳ دائمي طرح مٿن مسلط رهندو هو، جڏهن سندن ڪو سنگتي حضرت عزرائيل جي جهٽ ۾ اچي ويندو هو. عمريون سين جون انهيءَ ڪڙيءَ تي آيل هيون، جتي موت کي بيماريءَ يا ڪنهن ٻئي سبب اسباب جو انتظار ڪرڻو نه پوندو آهي. بس اوچتو ۽ اڻ پڇو ست لڳي، دم نڪتو ۽ جنازو قبرستان طرف رجوع ٿيو. تنهنڪري ڪين اها سُڌ ئي نه پوندي هئي ته ڪو بيمار آهي يا ان جي حالت خراب آهي. اڄ شام جو گڏ هو، رات جو ست آئي، صبح جو جڙ همراهه هيوئي ڪونه! پنجن ڇهن ڏينهن جي مسلسل غير حاضريءَ بعد خود ئي سمجهي ويندا هئا ته لاشڪ ته رب ڏي راهي ٿيو. هڪٻئي جي گهرن ۾ وڃي، هڪٻئي سان ملڻ جو، مزاج پرسيءَ جو، حال احوال جاچڻ جو، منجهن شروع کان وٺي دستور ڪونه هو، چاڪاڻ ته هر ڪو پنهنجي دوستن کي گهر ۾ آڻڻ کان پيو ڏٺائيندو ۽ ڪيٻائيندو هو. ان ۾ گهر وارا ناراض ٿيندا هئا. نوجوان نُهَرُ ته پڻڪا ڏيندیون وٺنديون هيون، "آيا ٽِي ماريا، جڙ هڇائون آهن!" شروع ۾ هڪ اڏ کي جڏهن اهڙو تجربو ٿيو، تنهن بعد سيڪنهن پنهنجي راه و رسم ۽ دوستيءَ کي راڻي باغ تائين محدود ڪري ڇڏيو. اهو به هڪ مکيه سبب هو، جو کين پنهنجي سنگتيءَ جي "هالاڻي" جي بروقت خير پئجي نه سگهندي هئي. اهڙي حادثي کان پوءِ به ڏينهن مسلسل خوف، هراس ۽ مايوسيءَ جو وايو منڊل پيدا ٿي پوندو هو ۽ ٻين موضوعن کان هٽي فقط عبرت پيدا ڪندڙ عنوانن ۽ سبق آموز سرخين تي ٿوري گفتگو ٿيندي هئي، جنهن ۾ پڻ رٽائرڊ سپريڊنٽ صاحب سيني کان زياده حصو ونندو هو، سهڻا اعمال، فاني دنيا، منڪر نڪير، عملن جا دفتر، فنا ۽ بقا، روزو نماز، فرائض ۽ سنتون، ايمان، ايمانداري، مظلومن جي داد رسي ۽ يتيمن جو خيال رکڻ، گناه ثواب، پل صراط، روز قيامت...

انهن موضوعن تي هو معلومات افزا ۽ نهايت مستند ۽ مدلل يعني آيتن ۾ حديثن جي پهري هيٺ واعظانه رنگ ۾ تقريرون ڪندو هو. جنهن وقت اهي نصيحت جا نڪتا ٻڌي ٻيا سڀ ڏڏا شوڪارا ڏيڻ شروع ڪندا هئا، ان وقت رٽائرڊ صوبيدار، جنهن کي دعويٰ هئي ته هن ايس. پي. صاحب جي ماتحت گهڻو وقت

گذاريو آهي، ڪيس ڏٻيءَ اڪ سان ڏسي، منهن ڪٽي ٻئي پاسي ڪندو هو. انهيءَ وقت ئي آفريڪي ڊول چپري جو آواز ايندو هو ته "گھرُڙ...گھرُڙ...گھرڙ". ليڪن انهيءَ موقعي تي ائين پيو معلوم ٿيندو ته سندس آواز ۾ ڇڙ تلخي آهي، جيڪا حقارت ۽ نفرت جي وقت سيڪنهن جي آواز ۾ پيدا ٿي پوندي آهي.

* * *

اها پرين مڙسن جي ڪچهري، جنهن تي خان وڏي نالو رکيو هو "مجلس محققين"، سالن جا سال هلي، ۽ جيترو وقت خان وڏو ڪراچيءَ ۾ رهندو هو، شام جو اڪثر وجي ان ۾ شريڪ ٿيندو هو. حقيقت ۾ راڻي باغ (پوءِ گانڌي گارڊن، هاڻي جناح گارڊن هن ڪان پوءِ الائي ڇا...) ڪان ٻاهر خان وڏي ان ڪي مشهور ڪيو، ورنہ انهيءَ مجلس مان خواه ان جي افاديت مان ٻيو ڪوبہ واقف ڪونہ هو. خان وڏي ڪي بہ اڄ وصال ڪئي تقريباً ڏيڍ سال ٿي ويو، خبر نہ آهي انهيءَ "مجلس محققين" جو حال هاڻي ڪهڙو هوندو! ڪيترن محققن راهہ رباني ورتي ۽ باقي ڪيترا وجي رهيا آهن.

* * *

خان وڏي ڪي پنهنجي ٻن فرزندن سان ڏاڍي محبت هئي. پٽ تہ ٻين ڪي بہ پيارا ٿين ٿا، ليڪن خان وڏي جي محبت ۾ دوستيءَ وارو دم هو. هو پنهنجي پٽن ڪي پنهنجو سنگتي، دوست، همدم ۽ محرم راز بہ سمجهندو هو. هو پٽن تي مفتون هو ۽ پٽ هن تي گهور پيا ٿيندا هئا. خان وڏو وينو هوندو، پري ڪان آغا بدرالدين خان ڪنڌ هيٺ ڪيون، پنهنجي مخصوص انداز ۾ آهستي آهستي جهولندو ۽ جهومندو ائين پيو ايندو، جڏ ميخاني مان پيالا پيون پُر ٿيو اچي ٿو. خان جي نگاهہ مٿس هوندي. خان ائين وينو ڏسندس، جيئن عاشق پنهنجي معشوق جي قدم قدم ۾ اکيون وجهي ويهندو آهي. سندس چهري تي خوشي، مسرت ۽ اطمينان جا آثار نمودار ٿي ايندا ۽ وينو ڏسندو بہ ۽ مشڪندو بہ. تيسين اکيون اوڏنهن هونديون، جيسين آغا بدرالدين سلام ڪري، وٽس اچي ويهندو. اچڻ سان پڇندس:

"بدرالدين خان، خوش آهيو نہ سائين!...

"ٻيو مڙئي خير آ نہ؟...

"ٻلا شڪر ٿيو، لک ٻلايون الله جون!"

صدرالدين خان ايندو، خوبصورت وجيهہ جوان، منهن تي شگفتگي، اکين ۾ حياءُ ۽ حجاب، چهري تي اها رونق، جيڪا صالح نوجوانن جو مخصوص حصو ٿيندي آهي، مشڪندو ايندو، هٿ ۾ ڪنجن جو ڇلو لوڏيندو ايندو. خان وڏو بهار بهار پيو ٿيندو. خدا جي احسانن جا دل ئي دل ۾ پيو شڪرانا بجا آڻيندو. جڏهن صدرالدين خان ڪلي، اچي سلام ڏيندو، تہ خان وڏو چوندو:

"جيءُ آيئو، ٻلي آيئو، ويهو سائين منهنجا ويهو!"

سنڌ جي زميندار کي اهڙا نيڪ، صالح ۽ فرمانبردار، عقيل ۽ صاحبِ شعور پٽ ٿين؟ حقيقت ۾ خان وڏي کي ڏسندي انهيءَ اتفاق تي اچرج ڪونہ ٿيندو هو. اهو خان وڏي کي پنهنجي خالق وٽان معاوضو مليل هو، انهن اخلاقن جو، جن تي خان سڄي زندگي ڪاربند رهيو، انهن سهٽن عادتن جو، جيڪي خان جي زندگيءَ جو جزو هيون، ۽ انهيءَ ذاتي ڪردار جو، جيڪو خان پيش ڪيو، ۽ انهيءَ دامن ۽ آستين جو، جيڪا مٿي صديءَ تائين زميندارن جي برادريءَ ۾ رهندي بہ بي داغ رهي- اهڙي صاف ۽ سفيد جهڙو ڪير، ۽ اِها ڪرامت هئي انهيءَ شريفاٽي، نيڪ ۽ صالح ماحول جي، جنهن کي خان پنهنجي ڪائنات لاءِ پاڻ تخليق ڪيو هو، ۽ اها برڪت هئي انهيءَ تربيت جي، جيڪا خان پاڻ پنهنجي پٽن کي ڏني هئي.

* * *

حقيقت ۾ ڳڙهي ياسين جي ڪائنات ۾ جيڪو سڪون، اطمينان، خوشي، شادماني ۽ مسرت مان ڏٺي، اها مون سڄيءَ سنڌ ۾ ڪانہ ڏٺي .زميندارن جو سمورو ماحول تاريڪ هو، مردود هو، ۽ سڄو سماج گناهہ آلود هو. اصراف، اجايا خرچ، بريون عادتان، سيه ڪاري، بدڪاري، پنهنجن پراين عورتن سان انهيءَ حد تائين هٿ ڇٽهائي، جو اخلاق، ننگ ۽ شرم جا سيئي ليکا لنگهي بيهڻ- اهي سنڌ جي زميندارن جا روزانا ۽ بنيادي مشغلا هئا، اهي سندن سيرت ۽ صحبت جا مکيہ عنوان هئا.

مون کي ياد آهي، هڪ دفعي مان هڪ تمام وڏي زميندار جي بنگلي ۾ ويس، جيڪو انهيءَ طبقي ۾ طبيعت جي لحاظ سان نهايت سٻاجهو ۽ رهٽي کهٽيءَ ۾ نهايت متمدن سمجهيو ويندو هو. ڪجهه تعليم به هيس ۽ اسيمبلين ۾ مسلمانن جي نمائندگي به ڪندو هو. ڏٺم ته نوڪرن چاڪرن جا ڪٽڪ وراندي ۾ وينا آهن. هڪ آرٽسٽ شرناءِ وينو وڄائي، جنهن جي آواز ۾ سُر سان سڄو بنگلو ڄڻ پريو پيو هو. معلوم ٿيو ته صاحب پاڻ بيدروم ۾ لاهور جي ڪنهن طوائف سان "خلاصو وينو" آهي. نينگر لاءِ معلوم ڪيم، خبر پئي ته ٻئي بيدروم ۾ اهو وري پنهنجيءَ آشنا کي ورتيون وينو، خدا جي نعمتن جا شڪرانا بجا آڻي. ٻاهر شهنائيءَ تي مومل راڻو ۽ اندر سينڊيون ۽ سريتان! صبح جا ان وقت ڏهه ڪن هئا، يعني عين اهو وقت، جنهن مهل ڪڙمي وڏيري صاحب جي زمينن کي هر ڏئي رهيا هئا. پيشانيءَ تان پسيني وهي اچي سندن ڪڙيون ورتيون هيون. ڏاندن تي بانا ٿي اُنا ۽ گهر ڏياڻيون گهرن جا ڪم ڪار لاهي، زمينن تي مانيون ۽ دڪيون لسِن جون مٿن تي ڪٽي اجا هاڻي اچي وٽن جي ڇانوهرن هيٺ وينيون هيون. ڪڙمين اجا جاڻان پوريون ڪونہ ڪيون هيون، جو هر مان هٿ ڪڍي اچي نيرن ڪپو وات ۾ وجهن. بنگلو محل نما هو، سهڻو، وسيع ۽ ڏاڍو سينگاريل ۽ سنواريل، ليڪن منهنجو دم گهٽجڻ لڳو. مان ائين محسوس ڪيم جڻ ساهه ڪٽي نٿو سگهان، ساهه ۾ اچي سوڙهه ٿي آهي. شرناءِ جو آواز ماتمي معلوم ٿيڻ لڳو. منهنجو دماغ چڪر کائڻ لڳو ۽ اکين اڳيان ائين پيو پايان، ڄڻ سڄو بنگلو زلزلي ۾ آهي. ايڏو سامان، ايترو تزڪ ۽ احتشام، ليڪن مون کي بلڪل ويران ڏسڻ ۾ آيو. ايترا خدام ۽ ملازم ۽ خواجه سرا، ليڪن منهنجي نظرن آڏو سيئي غائب ٿي ويا. مان ته هليو آيس، ليڪن اهو واقعو سالن تائين منهنجي دل ۽ دماغ ۾ هيبت پيدا ڪندو رهيو. پيءُ پٽ جي سامهون، پٽ پيءُ جي آڏو سينڊين ۽ سريتن جي ڪڇ ۾! سوبہ ڏينهن ڏٺي جو، جڏهن سڄ سوا نيزي تي، ڏينهن جي ڏهين بجي، دهلن دمامن، سازن ۽ شرنائن جي وچ ۾، ڪلم ڪلا، بلڪل برملا، عام جي اڳيان، خدا جو خوف ته نهيو، پر ماڻهن جي لڄ ۽ خلق جو لحاظ به ڪونہ! اهڙو ناحق، ايڏو انڌير! الامان والحفيظ.

* * *

”تنهنجي ماءُ کي...“

(چُپ)

”تنهنجي پيٽ کي...“

(چُپ)

”اڙي تنهنجي جوءِ کي...“

(چُپ)

”هلان موتي... تنهنجي سڄي ٻار ضبط ڪندس!“

(چُپ)

”تون دلجاءِ ڪر...“

لُنگي لاهي، فرسٽ ڪلاس جي سيٽ تي رکيائين- اهڙي ئي ساڳي پشوري لُنگي، ريشمي، نرم نرم، جهڙي خانبهادر جان محمد خان پٺاڻ ٻڌندو هو. وار شرعي، وچ تي سينڊ، مٿ جيڏي سنهاري، جنهن تي راولپنڊيءَ واري وسمہ مهندي اجا اڃ جي لڳل ۽ چنبيليءَ جي تيل جو منجهس چمڪو ۽ هڪاڻُ. قداور، متارو، شينهن جهڙو مڙس. نالي جي اڳيان پويان ”خان“ جي جز ڳنڍيل.

”شاهہ صاحب جوڙ آهيو؟“

فوراً مون کان منهن ڦيرائي.

”تنهنجي... ننڍڙيءَ کي...“

(ڪنڊ هيٺ، چپ)

”...جا پٽ، رک خدا تي!“

(ماٿ جهڙي پٽ)

”لان ڳوٽ!“

(چُپ، ٻانهون ائين ٻڌل، جيئن قيام ۾ نمازي ٻڌن.)

”ڙو مان کي موٽڻ ڏي...“

(خاموشي)

”اهہ صاحب جوڙ آهيو؟“

وري مون تان توجهه هٽائي،-
"ڏي سوئر جا تخم...!"
(چُپ)
"ڏي ڪجين چو نه ٿو؟"
"جيءُ سائين!"
"جيءُ سائينءَ جا پٽ، مان کي ڳوٽ هلڻ ڏي!"
(چُپ)
"تنهنجو جڙ ٻچو ٿو ٻڌرايان!"
(چُپ)
"...تو سمجهو ڇا آهي، ماءُ جا..."
(مائٽ)
کٽل ۽ ميرو پٽڪو مٿي سان، قميص البت کار جي ڏوتل، جنهن کي سوٽيءَ سان داڙي تي رکي کالهه جوٽس ڏوتو هو. گٽليءَ جي ريک ۾ ڏنل، پر هڪ ڪري نه- ڪٽي تمام گهٽي، ڪٽي ٿوري ۽ ڪٽي ته اصل کانه. هيٺ تي پوتڙو، پر اڻ ڏوتل. جُتي موچڪي، ليڪن اڏوراٽي ۽ سڄي مٽيءَ ۾ پريل. گاڏي جي ڪنڊ ۾ اُيو بينل، جيئن ڪورٽ ۾ مجرم. ٻئي هٿ ائين ڏُن تي ٻڌل، جيئن خدا جا نيڪ ٻانها نماز جي قيام ۾ پنهنجي خالق اڳيان ٻڌي بيهندا آهن. ڪنڌ هيٺ جيئن بيگناهه قاتل، پوليس ٽاٽي تي خوف ۽ هراس کان، صوبيدار صاحب جي اڳيان جهڪيل هوندا آهن.
"توکي ڏسي ونندس..."
(چُپ)
"ڇڙو موٽي پهچڻ ڏي..."
(چُپ)
"شاهه صاحب ڪاڏي ٽا وجو؟"
"تنهنجي ڙي..."

يا الله! سوال جي پڇڙيءَ ۾ اهڙيءَ طرح گار ڳندي ڇڏيائين، جو منهنجي منهن جو پنو لهي ويو. مان خيال ڪيو ته شايد مان به آوه ۾ اچي ويس. پوءِ ڏٺم ته سوال مون کان ٿي ڪيائين، پر سندس اکيون گاڏي جي ڪنڌ ۾ اُيي بينل ماڻهوءَ تي ائين کتل هيون، جيئن بگهڙ جون ٻکريءَ تي.

”رک الله تي...تنهنجي...“

(چُپ)

”تنهنجي سڃي آکهه...“

(چُپ)

”تنهنجون ننڍيون وڏيون...“

(چُپ)

منهن ڦکو جهڙو هيڊ، چپن تي ڪلهُ، اکين ۾ پاڻي تري آيل، جنهن کي تمام وڏي جهُدَ سان ٻاهر نڪرڻ کان روکي رهيو هو، متان قطرا ڪري فرش تي پون. وڏن ماڻهن جا خيال آهن. انهيءَ کان به زياده ڪاوڙ نه چڙهي وڃي.

اهو ڊرامو جيڪب آباد تائين ٻڌندو ويس. وات تي هڪ اسٽيشن آئي جنهن جي هڪ طرف زميندارن جا ڳاڙها پڪ سرا محل ۽ ماڙيون اهڙيءَ طرح ڳاٽ اوچا ڪيون ۽ ڪُر ڪڍيون بينا آهن، جڙ خدائيءَ ۾ ڪنهن کي پنهنجو شاني شريڪ ڪونه ٿا سمجهن، ڪنهن تي به سندن اک ڪانه ٿي ٻڏي. چوندا آهن ته عرش عظيم سي کان مٿي آهي، پر هي ان کان به چار آگر ڪسر هيون. چوڻ آهي ته چڙو خدا کي چوٽي آهي ٻيو سي هيچ، ليڪن هنن جي هڪ چوٽي نه بلڪ ڪيتريون چوٽيون ان کان به اتاهيون هيون، ريلوي لائين جي ٻئي طرف زميندارن جون حد نگاهه تائين زمينان جن ۾ هاري هر ٻڌيون بينا جاتان ڏين. سندن اگهاڙن ۽ ڪارن پٽن تي نڪتل پگهر مٿان سج جا ڪِرٽا پئي، ايڏو چمڪو اٿارن ٿا، جو جڙ شعلا ٿا نڪرن، ريل گاڏيءَ ۾ وينل پيسينجر جي اکين ۾ به ڪڏهن ڪڏهن ترورا وجهي ڇڏن ٿا.

* * *

سنڌ جي ڪيترن زميندارن ۾ اهو دستور هو، جو هو پگهاردار نوڪر ڪونہ رکندا هئا. گهر جو سڄو ڪم ڪڙمين جون زالون واري تي اچي ڪري وڃن، ۽ ٻاهر جو سمورو ڪم ڏنڏو ڪڙمين کان وٺن- واري وٺيءَ تي اڄ هڪ کان سئيان ٻئي کان. غلامن وانگر زالين مردين دروازن تي پيا دِلا پيريندا هئا. ان کي چئبو هو "بيگر". جڏهن زميندار ٻاهر هلندا هئا تہ ان وقت بہ هڪ ٻہ ڪڙمي بطور ملازم جي بيگر ۾ هيون هلندا هئا. انهن جي عزت ڪانہ هوندي هئي. گارگند، ٽڪ بجو، لعنت ملامت، صبح کان وڃي سانجهيءَ تائين قسمت ۾، ۽ ڪڙمت سان گڏ اها بيگر بہ سندن سر تي.

هيءَ غريب جيڪو جيڪب آباد تائين مسلسل، هڪٻئي سان لڳو لڳ، سلسليوار، بلڪل تواتر سان ماءُ پيٽ، جوءِ ۽ ڏيءُ تي صلواتون سٽندو ٿي هليو، سو بہ ڪو ڪڙمي ٿي ڏنو جيڪو بيگر ۾ هيون ويو هو. قصور ڇا هو؟ اهو غصو ڇاجي ڪري هو: نہ اهو معلوم ٿي سگهيو، نہ مون کي ئي پڇڻ جي جرات ٿي، ليڪن مان اهو ڏنو تہ انسانيت جي تذليل جي حد هئي ۽ انسان جي مظلوميءَ ۽ محڪوميءَ جي انتها هئي. ڏاڍي ۽ هيٺي، زيردست ۽ زبردست، حاڪم ۽ محڪوم، ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ ڪهڙو فرق مراتب ٿئي ٿو، ان جي ننگ ڏڙنگ تصوير مان اُنهيءَ ڏينهن ڏني، اهڙو قهر ۽ ايترو ڪِيسُ مان اُتهن ڏنو!

* * *

دادوءَ جي ڪڙ تعلقي ۾ هڪ زميندار جي اوطاق ۾ وينو هئس. اليڪشن هئي، ووٽ گهربا هئا. وينِي حال احوال ڏنم. ڏنم تہ هڏن جي آسري تي شهر جو رولاڪ ڪتو ۽ حويليءَ جي جنڊ ڪتِي، جنهن جاءِ تي ڪيتري وقت کان زبان ڪڍي سهڪي رهيا هئا، اسان کان اوتروئي پري، اُنهن کان ٿورو پريرو سرڪي، پر انهن جي ئي سنوت تي، هڪ انسان اچي ڏرتيءَ تي وينو. گهٽي گهٽي کان پوءِ زميندار، جنهن کي انگريز سرڪار وڏان "خانصاحبيءَ" جو لقب بہ مليل هو، پاڻ بہ وڏو تجربيڪار، سفيد ريش ۽ تعليمي ڇا بلڪ سڄي ضلعي اندر نهايت سمجهدار ۽ وڏي عقل جو صاحب ليکيو ويندو هو، ان ڏانهن متوجهہ ٿيو:

”اڙي ڏَنون چو آيو آهين؟“
”سائين پاڻ مرٽينگ ٽي پيو آهي. هاڻي نياپو آيو آهي تہ اچي منهن ڏسي وڃ.“
گار ڏَئي: ”... رونبن جي وقت رُلبو آهي چا!“
”سائين لاچاري حالت آهي. اڪيلو پاڻ هڪ ابي اما جو!“
وري گار ڏَئي: ”... چگّو وڃ، پر ... سياڻي موڪجانءِ، نہ تہ رونبي ۽ مزور ڇڏيندا سي.“
”سائين خرچ لاءِ پنج رپيا گهرجن!“
”... هتي پٽهين خزانو ڇڏي ويو آهي!“
”سائين لاچاري آهي.“
گار ڏيندي: ”... توتي اڳ ئي تقاوي گهٽي چڙهيل آهي. اجا تازو ڏاري جو مڙ ورتو اٿئي!“
پايان گار خانصاحب جو تکيو ڪلام هئي. هر جواب جي بسم الله گار سان ٽي ٽِـئي. هاريءَ هٿ ٻڌي چيو:
”خاوند سائين! هيءُ دفعو ايسان[9] ڪيو. ڏاڍي لاچاري آهي. وقت اچي مڻان پيو آهي.“
”چل چل ... ڇڏ لُڙُ. اجايو مغز نہ ڪاءُ!“
”سائين پلائي ڪيو. منجهي پيو آهيان. ڪاڏنهن سڻائي ڪانہ ٽي ٽئي.“
”... آسودي مل ڪان چو نہ ٿو ونين؟ اهو ماڻهين جو مڙس جو وينو آهي!“
”سائين منهنجا، ان بہ جباب ڏنو.“
”... ڪنهن ٻئي ڪان اوڏر وڃ!“
”سڄو اوڙو پاڙو هنيو اٿم، ڪاٿهون سؤلي ڪانہ ٽي. ڪنهن وڻان پائي ڪانہ لڏي.“
”... ڪارو مڻو لاهہ!
”سائين واسطي رب جي! هڪڙو پاڻ اٿم!“
”اڙي نڪر... اجايو مڻو ڪاڏو اٿئي!“

غريب، جنهن کي ليڙان ليڙان پٽڪو مٿي سان ٻڌل، ڪاري صدري بت تي ۽ نيرو پوٽڙو سٽرن تائين هو، سو چپ ٿي ويو. ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪاڻيءَ سان زمين کوٽڻ لڳو، جيڪا تمام گهٽي ڇٽڪار سبب سيڪجي وئي هئي. ڪڙميءَ جو ڪم ئي زمين کوٽڻ هو، سڪل هجي چاهي سيڪيل. گهٽي گهٽي کان پوءِ ڪنڌ مٿي ڪري، هن زبان کولڻ جي ڪوشش ڪئي. ڏاڍيءَ ڪشمڪش بعد به کي اکر هئا، جو زبان جي نوڪ تي تہ آيا ٿي، ليڪن چپن کان چري نٿي سگهيا. آخر هيڪي، هٿ ٻڌي، ڏاڍي نيزاريءَ منجهان هڪ دفعو هو چند لفظن کي هڪ ساهيءَ ۾ ٻاهر آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو:

"ٻلا سائين، ڇڙو ڏيڍ رپيو پاڙي لاءِ ڏيو!"

خان صاحب جي صبر کي آفرين هئي. ايترو وقت هن سيڪجهه ويني برداشت ڪيو. هاڻي ڳالهه زور تي وئي هئي. جڏ اصل چنبڙي پيو هو:

"غلام رسول! وني مادرچود کي ڏاڙهيءَ کان ڪڍ ٻاهر!"

هڪ در کان خومچا مانين جا ٻه ٽي ماڻهو مٿن تي ڪٽي اندر آيا، ٻئي در کان غلام رسول جڏ کي ٻانهن کان وني ٻاهر ڪيو. جڏهن غلام رسول ٻانهن مان هٿ ڪڍيس، تڏهن هن ٽڏو ساه پريو ۽ چيائين:

"اي قادر، مڙئي تنهنجا ڪيڏ آهن!"

انهن اکرن جو اسان ڇڙو پٽڪو اندر وراندي ۾ ٻڌو، ڇاڪاڻ تہ ان وقت نوڪرن تي خانصاحب جي گارين جو ڏوڙيو پئي پيو:

"مادر چودئو، ڏسو ڇا ٿا؟ رکو ماني!"

گارين جي انهيءَ انبوهه ۾ اهو پٽڪو ٻه گهُٽجي گم ٿي ويو. جڏ جي پٽ درحقيقت چيو تہ سچ! ٻلا جي اهي سيئي ڪيڏ قادر جا نہ هجن ها، تہ هوند هن کي ڏيڍ رپئي لاءِ محتاج ڇو ڪري ها ۽ اسان لاءِ ست رڇيون ڇو؟ ڳالهه غور ڪرڻ جي قابل آهي!

* * *

اهو ماحول انهيءَ طبقي جو، جنهن جو خان وڏو ٻه هڪ فرد هو. اهوئي سبب هو، جو منهنجي دل ۾ خان وڏي لاءِ نہ ڇڙو محبت هئي، بلڪ عظمت ٻه هئي. هو

پنهنجي دؤر جو عظيم ماڻهو هو، ان ڪري جو هن پنهنجي سڄي ماحول سان بغاوت ڪئي هئي، هن پنهنجي نفس سان جهاد ڪيو هو، هن پنهنجي هٿن ۽ پيرن، اکين ۽ ڪنن سان جدوجهد ڪيو هو، وڏن ڪشالن ۽ ڏاڍن رياضتن بعد خان وڏي انسانيت جي انهن سيني دشمنن تي فتح حاصل ڪئي هئي. انهيءَ کان پوءِ ئي تہ هن زندگيءَ جو سڄو سفر اطمينان قلب سان ڪلندي، ٿهڪ ڏيندي، بيت ڏوهيڙا ٻڌائيندي، لطيفا ۽ نڪتا سڌائيندي، خوشيءَ ۽ خورميءَ سان طيءِ ڪرڻ شروع ڪيو. سندس دنيا ۾ روڳ ۽ رنج ڪونہ هو، رت ۽ پونءِ ڪانہ هئي، انڌيرنگري ڪانہ هئي. هر وقت چاندوڪيون، هر وقت ستارن جون سيجون، هر وقت ٽڏيون هِيران ۽ هميشہ ماکيون ۽ مصريون. هو هر وقت، هر جمال ۽ هر هنڌ تي بهاريءَ ۾ رهيو.

هاڻي خان وڏو اڻ ڏٺي ڏيهہ تي آهي. الله ڪندو شل اتي بہ سدائين خوش ۽ خوشحال هوندو. قسمت ڇي تہ پيا ميلا ٿيندا!

لنگهيا لداڻون، ڪاڪ ڇڏيائون پوئتي،
تاتي وڃي رسيا، جاتي مومل نہ راڻون،
نہ ڪا مسجد تڪيو، نہ ڪو ٽڪاڻون،
تاتي ٿين ٽاڻون، جاتي مون! تون! ناهہ ڪا!

---

[1] هيءَ ڪافي منهنجي چاچي پير نورالحق شاهہ جي چيل آهي.

[2] ورتيو = فال وجهندڙ.

[3] عبدالله فقير بابي مرحوم جي ناني پير سائين پاڳاري (پير حزب الله شاه تخت واري) جو مريد هيو. سندس تربت پير ڳوٺ ۾ آهي.

[4] آغا بدر الدين خان، سندس فرزند ڪبير.

[5] آغا صوفي شڪارپوريءَ جو والد.

[6] پهرين لڙائي 1914ع-1918ع؛ لڙائيءَ کي "لام" سڏيو ويندو هو.

[7] ڳڙهي ياسين جو بزرگ عالم باعمل.

[8] جهَوَڙ، چنچري لاهڙ، چوڏا لاهڙ.

[9] "احسان" جو ڳوناڻو اُچار.

3

پچائي پهاڻ، جن رساڻيو رُکَ کي،
تنين سندو جاڻُ، آهي آڳڙين کي.
- شاهه

قصو سکر جو شروع هو. وچ ۾ جو داستان چڙي پيو محمد پناهه، عيسانين ۽ خان وڏي جو، تہ ڪٽان جو ڪٽي وڃي پهتاسين.

بحرفي، ميتوان گفتن تمناي جهاني را،
من از ذوقِ حضوري، طول دادم داستاني را.

ڳالهه اها ٿي ڪئيسين تہ اگرچہ ڪن زميندارن جون سکر ۾ جايون به هيون ۽ ڪن جي عام آمدرفت به هئي، ليڪن سکر شهر تي شهر جي ئي قديمي باشندن ۽ پرين مڙسن جي هلندي ۽ هٿ پُڄندي هئي. جنهن دور جو ذڪر آهي، حقيقت ۾ سکر سونهاري جي جواني ان وقت جوبن تي هئي. ان جي جوبن ۾ بهار ۽ بهار ۾ خوشبو ۽ خوشبوءِ ۾ هڪ قسم جي اهڙي راحت هئي، جيڪا هر ڪنهن جي روح کي رام ڪري ڇڏيندي هئي. سکر کي نہ خزان جي ست آيل هئي ۽ نہ ان جي ڪائنات کي ئي ڪنهن لُٽي ويران ڪيو هو. ماڻهو سيئي منجهس موچارا هوندا هئا، خوشباش ۽ خوشدل، ڪچهرِن ۽ مجلس جا مور، ڪوڏيا ۽ سيئي ڪمائتا. سيئي صورتون ڏسڻ وٽان. هڪ کي ڏسي ٻئي ڏانهن ڏس! پهرن تائين دل نہ پرجي!

سائين ڪرم علي شاهه جيلاني مناري واريءَ اوطاق ۾ هميشهه ڦڙ ڪڏيو وينو هوندو. چار ڇٽا هر وقت چوڏاري، هِتان جون هُتان جون ڳالهيون، قصا ۽ گفتا. صبح جو ساجهر به دوستن جي خبر لهندو ۽ شام جو به سيني جي گهرن ۽ درن تي وڃي خير سَلهه جو ستڙ سماءُ لهي، دلجاءِ ڪري، پوءِ اچي جائيتو ٿيندو. سکر جو قديمي زميندار ۽ پرين مڙس. سيني سان اُٺ ويهه، سيني سان سلاماليڪي، سواءِ هڪ ميان عبدالله شيخ شيهن واري جي، جنهن سان اصل پوت ڪانہ

هوندي هئس [1] طبعيت جو نيڪ ۽ همدرد، شهر جي ميونسپل جو ميمبر ۽ شهر جي سين معاملن ۾ مسئلن جو مُکي ۽ مهندار.

خانبهادر ميان پيربخش ڊپٽي، سفيد ريش، عمر رسيدو. چوندا هئا تہ جيترو وقت نوڪري ڪيائين، ان کان زياده سال پنشن کائيندي ٿيا اٿس. مان جڏهن ڏٺو ان وقت بہ صحتمند، البت اڃِي وينِي گهٽ ڪندو هو. بندر روڊ تي، عين هندن جي ڳڙهہ ۾ صبح سانجهيءَ سندس ڪچهري لڳندي هئي. صبح جو اوطاق جي ٻاهرئين ڪمري ۾، وچ ۾ سندس آرام ڪرسي ڊگهِن ٻانهن سان، جنهن تي جنگهان رکي ڇڏيندو هو. هڪ طرف کان هڪ بہ کٽ ۽ ٻئي طرف کان ننڍيون ڪرسيون. سندس منهن سڙڪ ڏانهن - لنگهيندي پائيندي کي پيو ڏسندو. شام جو اوطاق جي ٻاهران سڙڪ تي اها ئي وچ ۾ سندس ڪرسي، هڪ پاسي کٽان ٻئي پاسي ڪرسيون. ايندي ويندي، هرڪو سلامي. سڄي شهر جي اڻي واڻي اُتي پَئي معلوم ٿيندَس.

ميان عبدالغفار پيرزادو، پراڻي سکر جو بنيادي زميندار ۽ باليشتر [2]ڪورٽن مان ڪم لاهي، هر هڪ دوست وٽان ليئو پائيندو، سارسنيال لهندو، پوءِ وڃي گهر ڏوپهرو ڪندو. شهر ۾ ڪو جلسو ٿيندو، مسلمانن جي ڪا تحريڪ هوندي، ڪو سياسي معاملو ٿي پوندو، تہ پرين مڙسن وانگر نهايت خلوص سان اڃي شريڪ ٿيندو. ڏاڍو مخلص ۽ حد درجي جو شريف ۽ وضعدار هو.

ميان عبدالرحمان، پيرزادي عبدالستار جو والد، شاهہ خيرالدين شاهہ بادشاهہ جي درگاهہ جو متولي، صبح هجي خواهہ شام، روضي جو در جهليون، اکيون قبر ۾ اٽکايون، وينو ڪجهہ نہ ڪجهہ پڙهندو، درود هجي يا سورة ياسين، چپ هر وقت پيا چُرندس. "دست بہ کار دل بہ يار" وارو معاملو هو. جيسين جيئرو رهيو، تيسين بادشاهہ جي دروازي جي چائٺ نہ ڇڏيائين. جنهن کي ملٽو هجي، سو اتي اڃي. شهر جي سيني پرين مڙسن جو پريو مڙس پيو لڳندو هو. ٽلهو متارو، قداور، سفيد ريش، چولو ستڻ، مٿي تي مهموديءَ جي اڃي ٽوپي گهر ۾ سبيل.

خان عبدالحميد خان، سنڌ جي آخري مورخ خان خداداد خان جو فرزند- اڄ تہ اڇي باقي بچيو آهي، انهن ڏينهن ۾ ايا جوانيءَ اگرچہ لاڙو ڪاڏو هو، پر تنهن هوندي بہ دل ۽ جسم تي ايا جوڀن هيس. سڪوٽ صبح شام، لڪڻ هٽ ۾ ڪٽي، ميان حسين شاهہ سان گڏ پراٽي سکر مان هلندو، بجلي گهر وٽان ٽيندو، منگل مالهيءَ سان ملندو، ليوڪس پارڪ جو پاسو ڏئي، مناري واري لاهي لهي، سڌو غريب آباد ۾ پهچندو. ڪڏهن ڪڏهن ٽانگي تي، سين دوستن يارن جي خير سلهہ لهي، تازي هلي چلي معلوم ڪري، نئون سنئون ٿي، پوءِ پنتي موٽندو. گل خان واري هوٽل ۽ عبدالرحمان واري اسلامي هوٽل، اهي ٻئي سندس مک اڏا هئا. سندس چا، بلڪ ان زماني ۾ گهٽو ڪري شهر جي سين مک ماڻهن جي، ايندي ويندي، اٿي وينِي اتي هوندي هئي. شهر جي جيڪا هلي چلي هئي، ان جي ابتدا ۽ انتها انهن ٻن اڏڻ تان ٽيندي هئي. سڃيءَ پاليٽڪس جي نبيري نچيڙي اتي ٽيندي هئي. انهن ٻن اڏڻ تي جنهن جي رسائي هوندي، اهوئي شهر جي چوندڙن ۾ ڪامياب ٽيندو هو. رستي تي چٽڪار ڪري، ڪرسيون ٽيبل وجهي ڇڏيندا. آيو ويو اتان ضرور ليئو پائي، پوءِ اڳتي وڪ ڪٽندو. جيترو وقت وينا هوندا، چانهہ پاڻي ۽ سودا لمليٽ خواه لسيءَ جا گلاس بہ پيا هلندا، ۽ قصا رفتا بہ پيا ٽيندا. 'هندو' 'مسلمان' پاڻي ريلوي اسٽيشنن تي ٻڌبو هو، پر سفيد چانهہ (يعني هندن جي چانهہ) جو اڪر هنن هوٽلن ۾ استعمال ٽيندو ٻڌم.

ميان عبدالله شيخ شيهن وارو، ميان يار محمد پٽو، ميان اسماعيل پٽو، محمد ابراهيم سيلاٽو، قاضي محمد سومر، ميان احمد علي خان عليگ، ڊاڪٽر محمد يامين، سيٺ اسماعيل ميونسپل ڪونسلر، ماستر محمد بخش مرحوم، ميان غلام نبي بروهي، حاجي شير محمد گاربڊ، علي بخش گاربڊ، سردار محمد طاهر خان ۽ سردار محمد علي خان[3] ، هاءِ هاءِ! ڪهڙن جا نالا ڪٽي ڪهڙن جا ڪٽجن! سيئي صورتون، سبحان الله، ڏسڻ وٽان! ڪي تہ رحلت ڪري ويا، جيڪي هوندا، سي بہ سمجهان ٿو تہ اڄ نہ مئن ۾ هوندا نہ جيئرن ۾. زماني جو پلٽو ڪاڏو، آسمان جو گردش ڪاڏي، قسمتن جو ڦيرو ڪاڏو، پوءِ ڪنهن جوڪهڙو وس! اڄ زندگي جڙ سندن ڳچيءَ [4] ۾ اچي پئي هوندي. جيڪو سکر هنن ڏٺو، جنهن

سکر جا هو ڏٽي ۽ ڏنار هئا، اڄ اهو جو ڪونہ ڏسندا هوندا، تہ ڪهڙو منهن ونڻي درن کان ٻاهر نڪرندا هوندا!

محمد ابراهيم سيلاڻو، سکر جو معزز باشندو، پنهنجي قبيلي جو پريو مڙس ۽ سکر ميونسپل جو دائمي ميمبر. ترڪي ٽوپي ٽاٽ واري، سفيد ڊَڪَ جي پتلون ۽ هلڪي رنگ جو ڪوٽ، جنهن جا ٻئي ڪيسا پن جي ٻيڙين سان پريل. صبح جو گهر کان نيرن ڪري نڪرندو. ٻيڙي جيڪا اُتي دکائي هليو، بس سڄو ڏينهن پوءِ ماچيس جي ضرورت کا نہ. ٻيڙي مان ٻيڙي پئي هلندي ويندي سومهياڻيءَ جو، جيسين وڃي ڪٺ پيڙو ٿيندو. سڄو ڏينهن ماڻهن جي ڪم سان. ڪڏهن هِتي ڪڏهن هُتي. ميونسپل آفيس، ايسرسنگ، پوڄسنگ، چيف آفيسر، ميونسپل انجنير، ٽيڪا، ميونسپل جا ميمبر، هوٽلان، دوست، شهر جا معزز، پنهنجا ووٽر، پرايا ووٽر. ايڏو متحرڪ ماڻهو مان ٻيو ڪونہ ڏٺو. متي بيان ڪيل لٺا، ٻيڙِن جو تسلسل ۽ ڪلڻ جو اڻ ٽٽ سلسلو، اهي ٽئي ٽريڊمارڪ ميان محمد ابراهيم سيلاڻي جا هئا. جدوجهد ۾ سندس مڪمل اعتماد هو. ڪهڙو بہ مشڪل ڪم ايندو، نہ پريشان ٿيندو نہ مايوس. هلي چلي آخر وڃي ڪامياب ٿيندو. هو پنهنجي تقدير جو پاڻ مالڪ هوندو هو. سال ٽي ويا، جو هڪٻئي کي ڪونہ ڏٺو اٿئون. خبر نہ آهي جئرو بہ هوندو يا نہ. جي اڃا حيات هوندو، تڏهن بہ يقين آهي تہ سندس اِها ڪِل جيڪا سيني جي دلين ۾ شگفتگي پيدا ڪري ٽي ڇڏي، اها هاڻي بند ٿي وئي هوندي. ممڪن آهي تہ اُن هاڻي زهر خند جو روپ اخيار ڪيو هجي، طنز جو ۽ تلخيءَ جو ڏارڻ ڏاريو هجي! اُهو سکر، جو نہ رهيو!!

آغا حسن علي خان سيشن جج، چيف ڪورٽ جو جج پوءِ ٿيو. ان زماني ۾ سکر شهر ۾ وڪالت ڪندو هو. شڪارپوري روڊ تي ميان فضل محمد وٽ تاس ڪيڏندو هو ۽ شام جو واريءَ تڙ واريءَ جاءِ جي اڳڻ ۾ ڇٽڪار ڪرائي، غلام اڪبر، عبدالرحيم، ۽ نواب خان ٽيڪيدار سان وينو ڪڇريون ڪندو هو. جوان، زندهه دل، جسم ۾ جان، روح ۾ تازگي، دل ۾ تقويت. شهر جي معززن ۾ سندس شمار ۽ پنهنجي پاڙي وارن لاءِ آخري لفظ. جڏهن ڪيس جج ڪيو ويو، تڏهن سيني ائين سمجهيو تہ اها سڄي سکر جي گويا عزت ٿِي، اهو آغا جو

شخصي مانُ نہ آهي، بلڪ سموري شهر جو مرتبو وڌيو. هاءِ هاءِ، مسلمانن ۾ ڪيترا نہ ماڻڪ ۽ موتي انهن ڏينهن ۾ هوندا هئا. سڪر مردم خيز شهر هو. قحط الرجال جواُتنهن گذر ئي ڪونہ هو.

"زبدهِ الحڪما" حڪيم عبدالحق، سند يافتہ طبيہ ڪاليج لاهور، جنهن کي سندس کي مخالف ۽ بي تڪلف يار "عبدالڏڪ" بہ ڪوٺيندا هئا! يا الله، عجيب و غريب ماڻهو، مسڪين پر دل جو غني، ماريڪٽ وٽ گل خان جي هوٽل کان ٿورو اورتي ساڳيءَ لائين ۾ هڪ ڪمري جو دڪان هيس، جنهن ۾ هڪ طرف کان ڪتاب، اخبارون ۽ اشتهار رکيا هوندا هئا، ۽ ٻئي طرف کان تمام پراڻن برنِن ۽ ڪٽ ڪاڏل ڊبن ۾ دوائون رکيون هونديون هيون. مثانِ ڪاغذن جون چٽڪيون ۽ انهن تي لکيل، "سرمهّ ضياءِ الابصار حقي"، "معجون مقوي حقي"، "معجون برائي بادي بواسير"، "قرص برائي معده"، "چورن هاضمه حقي". حقيقت ۾ حڪمت جو مٿس الزام ۽ اتهام هو ۽ خود بہ غلط فهميءَ ۾ مبتلا هو. اصل ۾ هو قومي ورڪر هو. وڏو خلافتي، الوحيدي اسڪول جو تربيت يافتو ۽ هر اسلامي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن. ڪو خلافتي ليڊر آيو، ڪو اهل حديث مولوي آيو، ڪو قومي ڪارڪن آيو، بس سڄو انتظام پاڻ ڪندو. هو مڙس دوالي بند، پر دوستن جو حلقو وڏو هيس. جهٽ سيئي ڪارج سِڌ ٿي ويندا هئا. سڪر ضلعي جا قومي ڪارڪن ، خواه شهر جا قومي ورڪر سندس دڪان کي پنهنجو سجده گاهہ سمجهندا هئا، ايندي ويندي وٽس سلام پيرايندا هئا. مولوي وفائي مرحوم جا گهٽو ڪري سيئي ڪتاب لاهور جي ليٽو پريس مان حڪيم صاحب ڇپائي پڌرا ڪيا.

چڪ جو مشهور خلافتي ۽ قومي ڪارڪن، مرحوم ابو شوڪت حمزو،پوءِ تہ گهرو دوست ٿي ويو، ليڪن سڀ کان پهرين ملاقات ساڻس اُتي ٿي. خدا بخشيس، سنڌ جي قومي ورڪرن ۾ اهو بہ امل ماڻڪ هو. نج سون، مَٽَ جي رتي بہ ڪانہ. چڪ جو وينل، ذات جو مهر، ڊگهو مڙس، سرو جهڙو سڌو قد، شڪل صورت جو ڏاڍو موچارو، ڏاڙهي شرعي ۽ پور ڪاري، جوڙيءَ جا صاف اڇا لٽا سندس جڙ خصوصيت هئا. ڪاڏيءَ جي ڳوڙي نما اڇي توپي، جيڪا

سندس پنهنجي ايجاد هئي ۽ سندس تائين محدود رهي، هت ۾ ٿلهو بيد جو لکڻ، لکڻ نہ بلڪ داسو، ۽ زبان تي هميشہ وڏن ماڻهن (زميندارن، پيرن ۽ کامورن) جي مخالفت، اها ان ڪري، جو اُهي قوم جا ويري ۽ انگريزن جا پَنو ۽ پشتي بان هئا. مرحوم جي محاوري مطابق اُهي سيئي "لغور" هئا، جن جي ڪيڏ ڪٿو ۽ ڪريو ڪٽي پوڻ عين ثواب هو. مولانا شوڪت علیءَ سان خاص عقيدت هيس. پٽ جائس تہ ان تي اهو نالو رکي پنهنجي ڪُنيت ئي "ابو شوڪت" ڪري ڇڏيائين، جيئن مولانا جو نالو سندس نالي جي جز بڻجي وڃي. تقرير جو چست، ۽ قومي خبرن خواهہ زميندارن جي خلاف شڪايتي مضمونن لکڻ جو ماهر، سندّ جي سين اخبارن جو نامہ نگار بلڪ 'الوحيد' ۽ ان جي پيدا ڪيل دائري جو هڪ اهم بلڪ مرڪزي ڪردار هو. مرحوم هڪ زميندار جي مخالفت ۾ اليڪشن لڙندي، نمونيا جي ست لڳڻ سبب [5]جڏهن فوت ٿيو، تڏهن سندّ جي کامورن ۽ سڪر ضلعي جي وڏيرن دل ئي دل ۾ ڪلما پڙهيا:

"يَرَ چگو ٿيو، الله ڪٽي جند ڇڏائي!"

هرڪنهن يڪ زبان چيو. ليڪن قوم ۽ ملڪ جي دل مان دانهن نڪري وئي. سيني جي اڪين ۾ ڳوڙها تري آيا. ڪيترن ڏينهن تائين ماتم هليو. پر اهو سيڪجهہ انهيءَ وقت ٿيو، پوءِ سيني ڪيس وساري ڇڏيو - حالانڪ هو اهڙو وطن دوست سندّي هو، جنهن جي ياد کي هر سال ياد ڪرڻ گهرجي.

مولوي عبدالرزاق، سڪر تعلقي جو وينل، نهايت قابل، ڏاڍو سنجيدو ۽ خوشخطيءَ جو وڏو استاد. نستعليق هجي خواهہ نسخ، ٻئي جڙ موتي. خلافتي هو. الوحيدي هو. ضلعي اندر جيڪي اسلامي تحريڪون ٿيون، تن سيني ۾ هن ڪم ڪيو. حڪيم عبدالحق وٽ ساڻس پهرين ڏيٹ ويٹ ٿي. سيد محبوب علي شاهہ وٽ گهٽو رهندو هو. اسان سان بہ دلچسپي هيس. اسان جي ساڻس محبت هئي. مولوي وفائيءَ جا جيڪي ڪتاب ليٿوءَ ۾ ڇپيا، انهن سين جي ڪتابت گهٽو ڪري مولوي صاحب جي ٿيل آهي. اسان جي زماني ۾ اڏيڪ عمر ڪان مٿي چڙهي هليو هو. سال ٿي ويا، سندّ نہ آهي تہ ڪٿي آهي، هِتي يا هُتي!

بهرحال جتي به هجي، خدا کيس عزت ۽ مانَ سان رکي، ڇاکاڻ ته کيس اهي ٻئي شيون ڏاڍيون عزيز هيون.

حڪيم عبدالحق جي دڪان کان پوءِ ٻيو مرڪز قومي تحريڪن ۽ قومي ڪارڪنن جي اڇ وڇ جو هوندو هو، ميان محبوب علي شاهه وٽ، جنهن تي، خواهه مخواهه ڪڏهن ڪڏهن چيڑائڻ خاطر راشدي صاحب اخبار ۾ مذاقي ڪالم لکندو هو. هيڏنهن ٿوري ٽيڪا ٽپٽي اخبار ۾ ڇپي ۽ محبوب علي شاهه باهه ٽيو. لکڻ هٽ ۾، سٽڻ جا ور اڳتي، شارٽ ڪوٽ، مٿي تي ڪاري ٽوپي ٿورو ڪن ڏانهن لڑيل، سيني دوستن کي شڪايت ڪري موٽي اچي رُسي ويهي رهندو. جيسين وري ايلازمنٽ ڪري کيس پرچائبو نہ، تيسين رُسامي ۾ رهندو. پر خير سلهه جي خبرچار هر وقت رکندو ايندو. تنقيد کان ڏاڍو ڪيڀائيندو هو. نوجوان، خوبصورت، ڏاڙهي ڪوڙيل، سنهيون مُڇان. سندس والد سردار علي شاهه پنجاب کان آيو هو. پهريون ٻئي وٽ ملازم، پوءِ لوهه جو ننڍو دڪان، آخر مشينن ۽ پرزن جوڙڻ جو پنهنجو ڪارخانو ڪيو، چند سالن اندر جاين جو هڪ جدا محلو تيار ڪري ويهي رهيو. محبوب علي شاهه وٽ رهڻ جي به جاءِ هئي، ماني به ڪارائيندو هو ۽ جلوسن ڪڍرائڻ جو به ڪاريگر هو، تنهنڪري اندريون ٻاهريون قومي يا مذهبي ليڈر، خلافتي هجي يا احراري، شهيد گنجي هجي يا نيلي پوش، ظفر علي خان هجي يا عطاءُ الله شاهه بخاري، مولانا حبيب الرحمان لڌيانوي هجي يا ڪو ٻيو عالم، الغرض جيڪو به سکر ۾ ايندو ته ان جي جاءِ رهائش سردار علي شاهه جي ڪارخاني جو بالاخانو ٿيندي هئي. محبوب علي شاهه سکر جي مڪيه قومي ورڪرن مان هو، ليڪن بعض سببن ڪري هو صاحب ڪڏهن به سياست ۾، باوجود گهڻين ڪوششن جي به، ڪامياب ٿي ڪونه سگهيو، سواءِ هڪ اڌ دفعي جي، جو اتفاق سان سکر ميونسپل ۾ اچي ويو هو. اهي قومي هماهميءَ جا ڏينهن گذري ويا، زمانو پلٽو کائي ويو، سياست جون واڳون ٻين جي هٿن ۾ اچي ويون، قومي ۽ اسلامي نظريا بدلجي ويا، تنهنڪري ڪيترن سالن کان شاهه صاحب جو نالو ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. وچ تي جڏهن سهروردي ۽ پنهنجي پارٽي ٽي ناهي، تڏهن وري محبوب علي شاهه جي روح

ست ڏني هئي، ليڪن ڏاميش مال، ڪٽ ڪاڌل يا مڏا اوزار چڙو ڪباڙِن وٽ رکجي سگهجن ٿا. خود سهروردي صاحب جي به سموري سياست پُون پُون ٿي وئي.

حڪيم عطا محمد مريڙي 'المتخلص به ٽيٽڪ'، هي غريب پوئين زماني ۾ سکر ۾ آيو. مشاهيرن مان ان وقت ڪونه هو، البت سندس وجود سکر ۾، ڪم از ڪم اسان جي لاءِ، وڏين دلچسپين جو باعث هوندو هو. شڪارپوري روڊ تان جيڪا گهٽي ڦٽي، واريءَ تڙ تي ٿي وڃي، ان ۾ هڪ ننڍو دڪان ورتائين. ابتدا ۾ خالي شيشا ۽ سگريٽن جا پراٽا ڊبا وڻي دڪان پريائين. جيسين اسان هئاسين، تيسين انهن ۾ دوائن پوڙ جو موقعو ڪونه آيو ۽ نه وري ڪنهن بيمارئي انهيءَ طرف لاڙو ڪيو. حڪيم صاحب سڄو ڏينهن اسان وٽ رهندو هو. ايڏو مهربان، جو ڪڏهن ڪڏهن ته ماني به پاڻ پڇائي اسان کي کارائيندو هو. 'مريڙي' ۽ 'ٽيٽڪ' اهي ٻئي خطاب راشدي صاحب کيس ڏنا هئا، جن کي هن بطيب خاطر قبول ڪيو. نالو سندس گهڙو ڪري ڪنهن کي ياد ڪونه هو، هرڪو کيس 'حڪيم مريڙي' يا 'حڪيم ٽيٽڪ' سڏيندو هو. ڪجهه وقت بعد ٽورو ٽورو قومي ڪمن سان سندس دلچسپي وڌي، جنهنڪري مسجد منزلگاهه جي تحريڪ ۾ به - ٿي مهينا ٽيپ ۾ به رهيو، ليڪن اهو حادثو ڪانئس بيخبريءَ ۾ سرزد ٿيو، ورنه حڪيم صاحب نهايت محتاط هو. هڪ دفعي حڪيم صاحب کي اچي شوق ٿيو ته اخبار ڪڍي. راشدي صاحب سان صلاح ڪيائين. هن جهٽ کيس ڊڪليريشن 'هفتيوار ٽيٽڪ' جي نالي لکي ڏنو ته ڪليڪٽر کان منظور ڪرائي اچي. ڪليڪٽر ان وقت ميرچنداڻي صاحب هو. نهايت سنجيدو ۽ شاندار. هن ڪڏهن اهو نالو ئي ڪونه ٻڌو هو. حڪيم صاحب کان پڇيائين ته 'ٽيٽڪ' لفظ جي معنيٰ ڇا آهي. حڪيم صاحب کي خود خبر ڪانه هئي. آخر ڪليڪٽر حڪيم صاحب کي دروازي کان ٻاهر ڪڍرائي، ٻئي ملاقاتيءَ کي اندر سڏايو. جڏهن خواجه ناظم الدين صاحب، گورنر جنرل ٿيڻ بعد حاجيءَ مان ڦري الحاج ٿيو، ان وقت حڪيم صاحب کي به اچي حج جو شوق ٿيو. حج ڪري آيو، ۽ اچي "الحاج" ٿيو. اگرچ حڪومت تان لهڻ بعد خواجه صاحب الحاج ته نهيو، پر حاجيءَ سڏجڻ

تان بہ هٿ ڪنيو، ليڪن بفضل خدا حڪيم صاحب اڄ تائين پيو ’الحاج‘ سڏجي. اسان جي سکر ڇڏڻ بعد، بلڪ پاڪستان بنجڻ کان پوءِ، هن اخبار ڪيڏ جي پراڻي آرزو بہ پوري ڪئي. ٻڌو اٿم تہ انهن شيشن ۾ دبن ۾، جيڪي اسان جي زماني ۾ خالي رهندا هئا، دوائون بہ پرجي ويون آهن ۽ حڪيم صاحب هن وقت سکر جي مشاهيرن ۾ شمار ٿي رهيو آهي.

* * *

اهو دور هندو معززن جي بہ اوج جو هو. منجهن بہ ڪيئي لکيٽان لال هئا. ڏسٽا وائسٽا، شاندار ۽ وڏي مان مرجات وارا. اڄ جڏهن انهن جون صورتون ۽ سيرتون ياد پون ٿيون ۽ انهن پنهنجي دور ۾ جنهن ڪردار جو مظاهرو ڪيو، ان جي يادگيري اچي ٿي، تڏهن سچ پچ تہ ڪنهن دل ۾ چهنبي پائي ورتي، سخت دک ۽ درد ٿئي ٿو! اگرچ انهن مان ڪيترا اسان جا سياسي مخالف هئا، ليڪن ان هوندي بہ اڇوڪن ”دوستن“ کان اخلاق ۽ عادتن ۾، مروت ۽ مرجات ۾، لڄ ۽ لحاظ ۾ هزار مرتبا اعليٰ، افضل ۽ ارفع هئا.

ديوان پوڄسنگ پهلاجراءِ - شاندار مڙس، ڪينچيءَ سان ڪتريل سنهاري، مٿي تي ميراٹي ٽوپي، هيٺ تي انگريزي سوٽ، شڪل صورت ۾ نمڪ، اکين ۾ حياءُ ۽ حجاب، ٽالپري دور جي ڪنهن پرئي مڙس جي پيو ڏِڪ ڏيندو. مسلمانن سان اتي ويڻيءَ ۾ پائرن کان وڌيڪ. دشمني بہ ڪڏهن ڪانہ ڪيائين. سنڌ جي پهرينءَ اسيمبليءَ جو اسپيڪر ۽ سنڌ جو نامي وڪيل. اسپيڪريءَ جي زماني ۾ سکر ۾ فوت ٿيو.

ديوان بهادر ايسرسنگ- ڏگهو، پورو ۽ ڏاڍو سهڻو، سفيد سنهاري فقط ڪاڏيءَ تي. وڏو وڪيل، ميونسپل جوپريزيڊنٽ، مسلمانن جو گهرو دوست، ڪوبہ پيد پاءُ منجهس ڪونہ، لٽا انگريزي پائيندو، ليڪن ڏاڍا قيمتي ۽ سهڻي سيبي جا. ڪراچيءَ ۾ ڪم سان آيو، رات جو دل جي دوري ۾ فوت ٿي ويو. صبح جو اطلاع مليو. سندس لاش تي وڃي بيٺاسي.

ديوان صاحبسنگ آڏواڻيءَ جي ذڪر اذڪار لاءِ تہ نہ ستون نہ صفحا بلڪ دفتر درڪار آهن. ڊولهڙ، ڏاڍو ناهوڪو مڙس. اٽڪي ويهڻي، لٽين ڪپڙي جنسي

انگريزي لاردِ. جنهن طرز ۽ طريقي تي صاحبسنگ رهيو، جنهن نموني ۽ قيمت جا هن لٺا چوڙيا ۽ ماڻيا، سکر ته خير، پر سڄيءَ سنڌ ۾ کنهن کي مجال کانه هئي. هندن سان گهٽ پيل هوندي هيس. دوستي رکندو هو ته فقط مسلمانن سان. مزاج جو ڏاڍو شگفته هو. وينو هوندو هو ته وينو کلائيندو، لطيفا ٻڌائيندو، هرکنهن تي وينو لاهڻيون لاهيندو. معمولي ماجسٽريٽ ته خير، انهن ۾ ته اک به کانه ٻڌندي هيس، سيشن جج جي کورٽن جا قائدي دانيءَ ۽ آڏِن پچائن ۽ تقريرن جي ذريعي ٽين ڪڙڪائي چڏيائين. انگريزي زبان تي نه چڙو قدرت هيس، بلڪ پردي جي اندر وينو ڳالهائيندو ته هرکو سمجهندو جڻ انگريز پيو ڳالهائي، ايڏو اچار صحيح ۽ سهڻو! هندستان پهچي، ويچارو وقت کان اڳ فوت ٿيو.

ديوان بسنت رام، سکر ميونسپالٽيءَ جو آخري شاندار پريزيڊنٽ- نوجوان، دل جو سٿو، صورت جو نيڪ ۽ سيرت جو ڏاڍو سٻاجهو. پهريون فقط وڪيل هو، پوءِ ديوان صاحبسنگ کي شڪست ڏئي ميونسپل اسٽئنڊنگ ڪميٽيءَ جو چيئرمن ٿيو، ان کان پوءِ جڏهن ديوان بهادر ايسرسنگ صدارت چڏي، تڏهن هي پاڻ پريزيڊنٽ ٿيو. هندن جو ليڈر هو، ليڪن مسلمانن جو يار غار. پريزيڊنٽيءَ جي زماني ۾ مسلمانن سان جيڪي وکان بسنت رام ڪنيون، سي سکر جي تاريخ جو ڇا، بلڪ سڄيءَ سنڌ جي هندو - مسلم ايڪتا جو سونهري باب آهن. دوستيءَ ۾ ايترو مستعد، سچو، ۽ سرگرم مان پنهنجي زماني ۾ هندو خواه مسلمان ڪونه ڏٺو. دوستي ٿي، تن من ڌن لٽائي چڏيندو. ان ۾ تخصيص کانه، هندو هجي ته ڇا، جي مسلمان هجي ته ڇا. دوست سيئي سندس اکين جو نور ۽ دل جو سرور هئا. جڏهن ميونسپل ڏي هلندو هو، تڏهن جيترا هندو سندس ڪڍ هوندا هئا، انهيءَ کان وڌيڪ مسلمانن جو تعداد ساٺس گڏجي هلندو هو. سيئي سوالي، سين جا منجهس ڪم. 'حاضر سائين!'، 'حاضر ياڻو!' سيني سان ڪندو هلندو. اخبار نويسيءَ جي زماني ۾ اسان تي ويهان ڪيسن جون ٿيون. دوستي هئي، تنهنڪري ديوان جو فرض ٿي پيو ته مفت وڪالت ڪري. پاڙا پتا، خرچ پکا سڀ پنهنجا. ڪيترا احسان ڪيائين، ليڪن پچاڙيءَ تائين هڪ احسان جي

لاهڻ جو به موقعو اسان کي نصيب ڪونہ ٿيو، ۽ آخر سکر ڇڏي هندستان هليو ويو!

راءِ بهادر ڪندنداس، قد بت جو مختصر ۽ نهايت نازڪ ۽ نفيس، طبيعت جو نرم ريشم جهڙو، دل جو سڀاجهو، ۽ ڳالهائڻ ٻولائڻ ۾ ڏاڍو دلچسپ ۽ وٽندڙ. ڪڏهن سياست ۾ بهرو نہ ورتائين. پنهنجي وڪالت سان ڪم ۽ دوستن سان ڪچهريون. پوڙهو هو، جو هندستان هليو ويو.

پراڻي سکر جو مکي هيرانند، ڏگهو جهڙو سرو، ناهوڪو موٽيل مڙس. انگريزي لٽا پائي، مٿي سان بنارسي ٻڌي، هر روز بگيءَ ۾ سکر پراڻيءَ کان نئين سکر ايندو. گهمي ڦري وري موٽي وڃي جائيتو ٿيندو. انهيءَ زماني ۾ سکر ۾ به خانگي بگيون مشهور هيون: هڪ سائين ڪرم علي شاهه جي ۽ ٻي مکي صاحب جي. ياد نہ آهي، ليڪن اسان واري زماني ۾ ئي گذاري ويو هو! مرڻي پرڻي، پت پاڃيءَ ۾ مسلمانن سان همدوش ۽ همرڪاب.

اهي بزرگ ۽ انهن کان سواءِ ٻيا ڪيترا جوان، اڏيڙ خواهہ پوڙها، انهيءَ دور ۾ سکر منجهہ موجود هئا. جيتوڻيڪ اڄ سندن نالا دل تان لهي ويا آهن، ليڪن سندن ڳالهيون، سندن ڳڻ، سندن صورتون ۽ سندن ڪارناما اڄ به دل جي ڦرهيءَ تي لکيل ۽ ذهن جي خزاني ۾ محفوظ آهن.

* * *

سکر ۾ اهي ماڻهو ۽ مشاهير هئا، جن جي طفيل شهر تي جوبن هو، بهاري هئي، ۽ سڄي سکر ۾ هڪ زندگي ۽ هڪ چرپر هئي. هرڪو ريان ڪيان، خوشحال ۽ خوش خيال، اهڙن فرحتن ۾ جڙ هميشہ عيدان ۽ براتان آهن. رستن، سڙڪن، رندن ۽ راهن جي رونق ڏسي، ايندو ويندو خوش ۽ ڪلندو ڏسي، ائين پيو پائنبو هو گويا شادِن جون براتان آهن، جيڪي شهر جي چئن ئي ڪنڊن ۾ هلن پيون. شڪارپوري رودِ جي ڦوهہ جواني هئي. سيروءَ جو چؤنڪ ڇا چئجي! ٽلهي جي رونق ڏسي، روح ۾ پئي تازگي ايندي هئي! آزاد ميدان، معصوم شاهہ جو منارو، ليوڪس پارڪ، نم جي لاهي، ستي ڪورٽ جي لاهي، شاهي بزار، والس گنج، مارڪيٽ وارو ميدان، روهڙيءَ جي پل ۽ براج جي پل، اهو

ڪهڙو هنڌ هو، جتي صبح سانجهيءَ ماڻهن جا ميلا نه هوندا هئا! بندر روڊ، سکر جي لئنسڊائون برج کان وڃي براج جي پل تائين، شام جو ڏسڻ وٽان هوندو هو- خاص طرح اهو حصو، جنهن ۾ سکر جا شاهوڻ ٻڌا واپاري، ٽلها پيٽ ڪيون، ڏوتيءَ جو پلؤ پاسي ڪيون، صندلن تي طول وهاڻن کي ٽيڪ ڏيون، پيا چلم جا بڙڪا به چڪيندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن غير ضروري هوائون به پيا خارج ڪندا هئا. سڃي ڏينهن جي واپاري اُني واڻي اگهن پاڙڻ جا نچيڙا نبيرا به اتي ٽيندا هئا. سامهون درياءَ جي ٻئي ڪناري تان روهڙيءَ جي باغن مان ڏکڻ جون هيران هلنديون، سنڌوءَ جي سير سان پاڻ کي ڇهنديون، لهرِن ۽ چولِن سان اک ٻوٽ ڪنديون، سڃي بندر روڊ کي اچي ناريندیون. جيئن سڄ لڪندو ويندو، تيئن جهوٽا جهولڻ لڳندا، تان جو سڄ لٽو ناهي ۽ سڃو بندر روڊ ڇا پر سمورو شهر يخ ٿي ويندو. هر ڪنهن جو روح ريان ڪيان، سيڪنهن جا لڳ ٿري پوندا، سڃي ڏينهن جي ڪوماڻ نڪري ويندي ۽ هرڪو تراوت ۾ اچي ويندو.

* * *

جڏهن سکر تي جوپن هو، تڏهن مرحوم "نياز" جي شعر وسخن تي به جواني هئي- چڙي جواني نه پر ڦوهه جواني! پاڻ به جوان ته شعر به جوان، خيال به جوان ته نظر به جوان. سکر کي پنهنجي انهيءَ جوپن واري زماني ۾ "نياز" جي جوان شعرن جي جوت جهٽڻ جو موقعو ميسر ٿيو.

پڙهندڙن کي ضرور خيال هوندو ته اصل قصو شروع ٿيو هو "نياز" مرحوم جي قضيي جو، هي ٻيون سوين ڳالهيون وچ ۾ ڪٽان اچي ويون، ليڪن چوندا آهن:

خوشتران باشد که سر دلبران،
گفته آید در حدیثِ دیگران.

سو جيسين 'حديث ديگران' نه ٽيندي، تيسن 'سر دلبران' سنئون ئي نه ٽيندو. ازان سواءِ اهي سيئي داستان به ته پنهنجن جا ئي هئا! دوستن جا، شاعرن جا، ڏنلن جا، وائنلن جا، لاڙڪاڻي جا قصا، سکر جا داستان، انهيءَ دور جو سڃو ماحول، حال ۽ احوال، منظر ۽ پس منظر، جنهن ۾ "نياز" هو، جنهن ۾ "نياز" شاعري ڪئي، جتي ۽ جن سان "نياز" رهيو، آخر جيسين انهيءَ سموري دور ۽

عهد تي نظر نہ ڪئي ويندي، تيسين سندس شعر جي محرڪات جو پتو ڪيئن پوندو! ”نياز“ جي شعر ۾ جيڪو رس ۽ راز آهي، جيڪا جواني ۽ امنگ آهي، ان جا اسباب ڪيئن معلوم ٿيندا! ڪهڙن سنگتِين ۽ ڪهڙن ساٿين ۾ سندس عمر گذري! انهيءَ زماني ۽ انهيءَ دور ۽ انهيءَ سمي جو ڪهڙو رنگ روپ هو! اهي سڀئي تصويران ضرور ذهن ۾ وهارٽيون آهن. تنهنڪري جيڪڏهن ’سر دلبران‘ درڪار آهي، تہ ’حديث ديگران‘ کان سواءِ نہ چارو نہ چاڙهو آهي. ٻيءَ حالت ۾ جيڪڏهن ”نياز“ جي فقط سوانح بيان ڪرڻي هجي تہ هوند اها تہ چند سٽن ۾ بہ پوري ڪري سگهجي ٿي، مثلاً:

’نواز علي نالو، ”نياز“ تخلص، والد جو نالو محمد آچر، اصل لاڙڪاڻي جو ويٺل، 18 آڪٽوبر 1892ع ۾ ڄائو ۽ 12 نومبر 1959ع جو فوت ٿيو. پهريون لاڙڪاڻي مدرسي ۾ ماستر ٿيو. انهيءَ وقت، جنهن وقت ڊاڪٽر دائود پوٽو اجا 3-4 درجي ۾ هو ۽ محمد ايوب کهڙو بہ ٽئين درجي ۾ هو. اها نوڪري ڇڏي، ”نياز“ پوءِ روينيو کاتي ۾ آيو ۽ ترقي ڪري وڃي مختياڪاريءَ تي پهتو، جتان آڪٽوبر 1947ع ۾ رٽائر ڪري، اچي گهر ۾ مڪين ٿيو.‘

بس اها نياز جي سوانح آهي. بلڪل معمولي ۽ عامي، جنهن ۾ ور وڪڙ ڪونہ، بلڪ سنئين سڌي .جي شاعري نہ ڪري ها، تہ ڏانهس ڪير توجهہ ڪري ها؟ ڪنهن کي پئي آهي، جو لاڙڪاڻي جي نواز عليءَ ڏي ڏيان ڏئي؟ ڪيترائي آچر خان ٿيا هوندا، جن کي ڪيئي نواز علي ڄاوا هوندا! هزارين مختياڪار ٿي مئا هوندا! ڪنهن کي گٽي پئي آهي، جو انهن کي ويهي ياد ڪري! زمانو ڪنهن جو يار ٿورو ئي آهي. هي نواز علي ”نياز“ هو. سنڌيءَ جو شاعر هو ۽ اسان جي فنڪارن ۾ چوٽيءَ جو فنڪار هو ،تنهنڪري مون کي ضرورت پئي آهي، جو سندس ذڪر وٺو ڪريان، سندس ڇا بلڪ سندس شاعريءَ جو، ۽ اِنهيءَ ڪري ئي لازم آهي تہ سندس دور جو خاڪو پيش ڪجي، يعني سندس شاعريءَ جو پس منظر سامهون آڻجي.

* * *

الغرض، سکر جي اهڙي روح پرور ۽ راحت رسائيندڙ دور ۾، جڏهن ته اجا نه کنهن جي دلِين تي داغ رسيا هئا، نه کنهن جي سيني ۾ سوزش پيدا ٿي هئي، نه اجا کنهن کي ڏک ۽ سور ئي رسيو هو ۽ نه انهن ڏکن ۽ سورن ناسور جي شڪل اختيار ڪئي هئي- سيڪو خوش، ريان ڪنيان، کنهن کي کنهن جي ڳٽتي کانه، اسان [6] کي اچي خيال ٿيو ته ڪو وڏو مشاعرو ڪرائجي. محمد اسحاق خان مرحوم به هائو ڪئي. ڪن سنگتِن به دل ٻڌرائي. البت نظر علي خان ٽٻيءَ ۾ اچي ويو. هيو مڙس دوراندیش ۽ دوررس. لاڙڪاڻي جا شاعر به اڇٽا هئا. انهن جي رهائڻ، ماني کارائڻ ۽ خدمت چاکريءَ جو به معاملو درميان هو، سو بنان سوچي سمجهي جي ائين هائو ڪري سندس پاليسيءَ موجب سراسر ناعاقبت انديشي هئي. ڪيترن ڏينهن جي صلاح مشوري پڇاڻان جڏهن مهمانن جي رهائڻ ۽ کارائڻ جو بار ٻين جي ڪلهي تي پئجي ويو، تڏهن آغا صاحب مرحوم وڏو ٽهڪ ڏئي فرمايو ته:

"آغا منهنجا! واهه جو ليءِ ٽيندي!"

بظاهر ته مشاعري جي تحريڪ جو مجازي سبب اهو ئي هو ته سکر جي ماحول ۾ مشاعرا ڪرائي، هڪ ادبي ذوق پيدا ڪجي، ليڪن درپردي جيڪو حقيقي سبب هو، سو ڪو اور هو. پڙهندڙ وري خيال ڪندا ته وري وچ ۾ پيون گهوٻيون لڳن! پر چا ڪجي، جيسين اصلي قصي جا سيئي پهلو بيان نٿا ڪجن، تيسين ڳالهه نه مڪمل ٿئي ٿي، نه رس رکي بيهي ٿي.

دراصل قصو هي آهي ته انهيءَ زماني ۾ سکر جي خوجن واري پاڙي ۾ هڪ نهايت ئي حسين ۽ جميل جوانڙو رهندو هو، جنهن لاءِ نظر علي خان جي راءِ هئي ته قبول صورت آهي ۽ اجا "شڪر پشم[7] " ڪونه ٿيو آهي، مطلب ته مجاز ڪمائڻ جي بلڪل مناسب موزون آهي. "سنڌ زميندار" جي دفتر ۽ "سنڌ زميندار" جي اداري سان انهيءَ چوڪر جا تمام گهرا تعلقات هئا. خدا بخشيس، نظر علي خان مرحوم جيتوڻيڪ سخت متقي ۽ پرهيز هو، تاهم طبيعت جو به ڏاڍو شگفته ۽ زندهه دل هو. ڪنهن دلپسند چوڪر سان دوستي رکڻ يا ان ۾ دلچسپي ونڻ ۾ ڪيس ڪوبه اعتراض نه هو، نه ان ۾ ڪيس کا قباحت نظر ايندي هئي. باقي رهي

لوڪ لڄا، سو جيڪڏهن نيت نيڪ آهي، تہ ان جو ڀؤ ڀولو نہ آهي. جڏهن نظر علي خان انهيءَ مسئلي جي جواز ۾ تقرير ڪندو هو، تڏهن تصوف جي سموري تاريخ آڻي اڳيان رکندو هو. "مجالس العشاق[8]" کان وٺي "مونس جان[9]" تائين، 'لسان لغيب' جي 'ترڪ شيرازي' کان وٺي مولانا جاميءَ جي:

بلوح اول، الف بي تا نخواني
ز قرآن درس خواندن کي تواني،

تائين وڃي پهچندو هو. مرحوم کي بلڊ پريشر جي شڪايت هئي. جڏهن اهو نوجوان دروازي کان ايندو هو، ان وقت جذبي ۾ خون جي حرارت وڌي ويندي هئس ۽ سڄو چهرو سرخ ٿي ويندو هيس. ان وقت مرحوم جي منهن تي جيڪا مرڪ نمودار ٿيندي هئي، سا سندس دل جي سچي نمائندگي ڪندي هئي.

* * *

'لسان الغيب' جو نالو اڇي ويو آهي تہ ٻيو هڪ قصو ٻہ دل تي تري آيو آهي. جڏهن مجاز جي ساز تي ننهن لڳو آهي، تہ ڪجهہ ٻيو ٻہ ٻڌي ونو. موقعو اهوئي آهي، ان کان پوءِ وري نوان سوان ٿي اڳتي الاتهار ڪنداسي.

"سنڌ زميندار" جي دفتر مٿان هڪ هندو وڪيل رهندو هو، جنهن جو چوڪر ٻہ قيامت کان ڪم ڪونہ هو. ڏاڍو مليح چهرو، ڳالهائڻ ۾ ميناج، هلڻ ۾ هڪ ادا، نڪ نقشو سهڻو، وار ڏاڍا وٽندڙ، انهن جون ڪجهہ چڱان هميشهہ پيشانيءَ تي پيون لهر هٽنديون هيون. درحقيقت وارن جي انهن ئي چند چڱن سبب کان پهريون نظر علي خان جي نگاهن کي چڪيو، ورنہ ڪيس ايڏنهن خواب و خيال ٻہ ڪونہ هو تہ ڪو مجاز جي مارِن ٻيو دام ٻہ بنهہ ئي وٽ پاسي ۾ وڃائي ڇڏيو آهي!

معاملو هندن جو هو، جن کي نظر علي خان سان دلچسپي تہ ڪانہ، پر مورڳو ئي ڪانئس پرهيز هئي. آخر وڏي جدوجهد بعد چوڪر جي پيءُ سان سنگت رکيائين. ان کان پوءِ ڪيس ان تي آماده ڪيائين تہ چوڪري کي انگريزيءَ سان گڏ فارسي ٻہ پڙهائي، جنهن جي ٽيوشن جو ذمو محض دوستيءَ ۽ پاڙي جي لحاظ خاطر نظر

علي خان پاڻ تي هموار ڪيو. تير نشاني تي وينو، داءُ پورو لڳو، بازي جيتجي وئي.

بمكتب ميرود طفلِ پريزاد،
مبارکباد مرگِ نو بہ استاد.

درس جي شروعات حافظ جي هينئين بيت سان ٿي:

ڪي دهد دست اين غرض، يا رب! كه همدستان شوند،
خاطرِ مجموع ما، زلفِ پريشانِ شما.

"هندستان"، "خاطر مجموع" ۽ "زلف پريشان" جون معنائون مختلف صورتن ۾، ور ور ڏيون نظر علي خان پيو سمجهائيندو هيس. اڄ انهيءَ واقعي کي سال ٿي ويا. نہ اهو چنديرام رهيو، جنهن کي پيار مان اسان سپ "چندو" سڏيندا هئاسي، ۽ نہ اهو آغا مرحوم ئي رهيو. اڄ جڏهن اهو منظر ياد پوي ٿو، جڙ دل جا ڳچ ڳريون ٽا پون، ڪهڙي نہ نادر نموني پيو سمجهائيندو هيس! پڙهائڻ ۾ ڪيتري نہ طوالت ڪندو هو، جيئن پل ڪجهہ وقت وٽس وينو رهي. ڪهڙي نہ مٺس ڪيفيت هوندي هئي، ڪيترو نہ سندس مٺان رعب چڙهيل هو، ڪيئن نہ تمنائن پريل اکيون مٿي کڻي وري جهت ۾ حجاب کان هيٺ ڪري ونندو هو. يڪساهيءَ چندوءَ جي چهري کي ڏسڻ جي نڪا سندس اکين کي توانائي هئي، نہ سندس دل کي همٿ هئي. مطلب تہ سندس عالم ڏسڻ وٺان ٽيندو هو. ان وقت تہ کلندا هئاسي، ليڪن اڄ جڙ ڏک پيو ٿئي. "حافظ" جي انهيءَ غزل جا شعر جڏهن مرحوم سُر ۽ سوز سان پڙهندو هو، ان وقت تہ نہ چڙو سندس دل ۾ محشر ۽ ماتم هوندو هو، ليڪن اسان بہ ان جي صداءِ بازگشت پنهنجن دِلين ۾ پيا ٻڌندا هئاسي. چوندو هو:

عزم ديدارِ، تو دارد، جان برلب آمده،
باز گردد يا بر آيد، چيست فرمانِ شما؟
دل خرابي ميكند، دلدار را آگهہ كنيد،
زينهار، اي دوستان! جانِ من و جانِ شما!
گرچہ دوريم، از بساطِ قرب همت دور نيست،

بندة شاهِ شمائيم وثنا خوان شما.
دور داراز خاک و خون دامن، چوبرما بگذري،
کاندرين ره، کشته بسيار ند قربان شما.

نظر علي خان جي انهيءَ مجازي مکتب مان چوکر کي جيکڏهن پٽس جلد اٿاري نہ وجي ها، تہ نہ چڙو 'مديرن' بلک "سنڌ زميندار" جي 'سر دبيرن[10]' جو جهڳو بہ جهڻ ٿي وجي ها.

خير اهو واقعو تہ پوءِ جو آهي، جڏهن جاءِ جي مالک ٽن سالن جي مسواڙ جي اسان تي دعويٰ ڪئي ۽ اسان سيلاٽن جي پاڙي واري جڳهہ خالي ڪري، انهيءَ جاءِ ۾ وجي ويناسي، جتي وچين دروازي جي مٿان مرحوم 'سنڌ زميندار' جو اهوئي غالباً پراٽو بورڊ اڄ بہ لڙکي رهيو آهي ۽ سالن ۽ ايامن پڄاٽا اڄ بہ ڪڏهن ڪڏهن هوا جي جهوٽن تي ڪڙکي، ايندڙ ويندڙ جو توجهہ پاڻ ڏي چڪائي، زبان حال سان پيو پڪاري:

وه جو بيچتي ٿي دوائي دل وه دڪان اپني بڙها گئي

* * *

اهو قصو تہ موقعي جي مناسبت سبب وچ ۾ اچي ويو. اصل ڳالهہ مشاعري جي سلسلي ۾ چيڙي هئيسي انهيءَ چوکر جي، جيکو خوجن جي پاڙي ۾ رهندو هو. نظر علي خان جي ساٽس بہ ڏاڍي دلچسپي هئي. هک طرف کيس ڏسي، سندس دورانِ خون تيز ٿي ويندو هو، ۽ ٻئي طرف جيسين هو وينو هوندو هو، تيسين پاڻ نماز لاءِ بہ ڪونہ اٺندو هو. اهڙن ئي وقتن تي اسلام جي ڏنل سهولتن مان مرحوم فائدو ونندو هو. اها بہ تہ وڏي سهولت هئي، جو نماز قضا پڙهي سگهجي ٿي! نظر علي خان جي ايتري انهماک هوندي بہ چوکري جي پنهنجي اها دعويٰ هوندي هئي تہ هن جي دوستي محض رشدي صاحب سان آهي ۽ هو پريس ۾ جيکو اچي ٿو، سو فقط ساٽس ملڻ- ٻين سان سندس ڪلي ڳالهائڻ چڙو اخلاقاً آهي. چوکر جي انهيءَ دعويٰ کي جناب راشدي صاحب بہ رد ڪونہ ڏيندو هو. دلين جو پارکو تہ آهي الله، ان کي خبر تہ اصل معاملو چا هو.

اهو چوڪرو هڪ ته پنهنجي سر ئي وڏو فتنو هو، ويتر ڪڏهن ڪڏهن شعر به چوندو هو ۽ پڙهندو به ڏاڍو ليءِ ۽ انداز سان هو. اهوئي ته سبب هو، جو "الوحيد" کان پوءِ مسلمانن جي نمبر ٻئي قومي اداري جا اهلڪار مجاز ۾ مبتلا ٿي پيا هئا. سکر ۾ مشاعري سڏائڻ جو حقيقي سبب هو اهو چوڪر. اصل ۾ هن کي ئي پنهنجي حسن صورت ۽ حسن ڪلام جو مظاهرو ڪرڻو هو، جنهنڪري اسان سيني آل سنڌ مشاعري جو وڻي مامرو مچايو.

تاريخ جو اعلان ٿيو، دعوتون ڏجي ويون، انتظاميه ڪميٽي ٺهي وئي، رهڻ ۽ کائڻ جو بلو ڪيو ويو، هڪ ڏينهن اوچتو نظر علي خان سڙان کامان ڪندو اچي مٿان بينو. چپن تي خشڪي، منهن تمام ڳڻيير، اکين ۾ سرخ ڏورا، ٽوپي هڪ طرف، ڪوٽ ٻئي طرف، جتي پيرن مان لاهي، آرام ڪرسيءَ تي ڪري پيو. چي: "خدا جي مار پويوَ! چوڪر دوست اوهان جو، وچ ۾ ويل مان مسڪين سان ٿي ويو!"

اسان سڀ وائڙا. جڏهن ڏريو، تڏهن معلوم ٿيو ته لاڙڪاڻي جا نه فقط سيئي شاعر ٿي آيا، بلڪ ڪيترا ٻيا معزز به اچي رهيا هئا. ڳوڻائي جو آيا ٿي، سو ٻيو نه، تڏهن به چانهه پاڻي ڪرڻ ته نظر علي خان کي ضرور جڳائيندو هو. جي نه ڪري ته عمر لاءِ ڪنڌ هيٺ، مهٽيهاب، اکيون سدائين لڄي! بس اِهو هو اُهو ويل، جنهن جي ڪري نظر علي خان آرام ڪرسيءَ تي پاڻ چڏي، سنئون ٿي پيو هو. اها اصل شناخت هئي انهيءَ ڪنجوسيءَ جي، جنهن کي مرحوم اصراف نه ڪرڻ واري شرعي دفعي هيٺ آڻي، جائز بلڪ لازم بڻائي چڏيو هو. ڪنجوسيءَ جو قصو آيو ته ان جو تفصيل ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ واجبي آهي، پوءِ ٿا اڳتي وڌون.

اسان وٽ پريس ۾ بورچي ڪونه هوندو هو. ان جي پگهار جو مسئلو ته پوءِ چڙي- پهريون ته اسان مانيءَ تي جڏهن ايترو خرچ ڪيون، جنهن لاءِ بورچيءَ جي ضرورت پوي! ڪڏهن تورِن جي ياڄي، ڪڏهن سائي پالڪ ان ۾ هربو به گڏيل، ڪڏهن روح ست ڏئي ته مريڙي جي مٺ- انهن ياڄين سان ڪڏهن ماني ته ڪڏهن چانور. مانيءَ جي انهيءَ مينو جو نالو آغا صاحب رکيو هو "نيم نان صحت جان". اهڙي مختصر معاملي لاءِ ڪهڙا ويهي بورچي رکجن! ڪڏهن آغا صاحب پاڻ

تيار ڪري وڃندو هو ۽ ڪڏهن مان. ڪنهن وقت ٻئي ڪم ۾ هوندا هئاسي، تہ ڪنهن ڪمپازيٽر جي ذريعي سرانجاميءَ جي صورت نڪري ايندي هئي. دراصل روح تہ آخر انساني هو، پيٽ تہ نيٺ ٻين ماڻهن جهڙو هو، نفس کي بہ اهي ئي خواهشون هونديون هيون جيڪي ٻين جي نفس کي ٿين ٿيون، دل بہ اهائي سَڏَ ڪندي هئي جيڪا ٻين جي دل ڪندي هئي. ليڪن پئسو سڄو آغا صاحب جي حوالي. اهو پاڻ ڪنجوس. مارڪيٽ بہ اهو وڃي. بورچي هجي ڪونہ. گوشت ۽ ڪڪڑ ڪيئن اڇن، ڪيئن پچنّ! دال جو نالو رکيو هئائين "دعوت شيراز". جڏهن دال پچندي هئي، تڏهن مرحوم کلي، ٿهڪ ڏئي، چوندو هو:

"آغا منهنجا، سبحان الله! اڄ دعوت شيراز آهي. موجان ڪبيون."

منهنجي پگهار پنجاهہ رپيا، سا بہ ملي ڪانہ. تنهنڪري لاچار "نيم نان صحت جان" واري نسخي تي عمل ڪرڻو پوندو هو. باقي رهيو آغا صاحب، سو دراصل تہ بخل سبب پاڇيون واپرائيندو هو ۽ بظاهر بهانو ڪندو هو بلد پريشر جو، حالانڪ اهو بلدپريشر جيڪو پنهنجي خريد ڪيل گوشت ڪائڻ سان وڌي ويندو هو، انهيءَ وقت بلڪل نارمل ٿي ويندو هو، جڏهن سائين ڪرم علي شاهہ يا ڪنهن ٻئي دوست وٽان رڏل ماني ايندي هئي، جنهن ۾ پلاءَ جي پهلوءَ ۾ پونن ۽ شبينن جا رڪاب رکيل هوندا هئا. يا جڏهن ڪٽي دعوت تي ويندا هئاسي، ان وقت بہ گهران نڪرندي ئي نظر علي خان جو پريشر نارمل تي اچي ويندو هو.

ڇٽو ياد نہ آهي، ليڪن زمانو گذري ويو رڌ پچاءُ ڪندي ۽ لوٽڪ مريڙو ڪائيندي هڪ ڏينهن صبح جو ساجهر ڏسان تہ آغا صاحب لڏندو اچي ٿو هڪ ماڻهو بہ سندس پٺيان آهي، جنهن جي هٿ ۾ ڇلي آهي. آغا صاحب مارڪيٽ ڪري موٽي آيو، ۽ ايندي واٽ تان مدرسي دارالهديٰ نيڑهيءَ جو هڪ مفرور ٽيل شاگرد بہ بطور بورچيءَ جي هٿ ڪيون آيو! اڇڻ سان وڌائي ڏئي، چيائين:

"آغا منهنجا! هاڻي متي هينان وهاڻو ڏئي سُمهي رهہ!"

* * *

مدرسي دارالهديٰ نيڑهيءَ جي مناسبت سان ڪيئي ڳالهيون ياد اچي پيون آهن، سنڌ جا شهري مدرسا، ڳوناڻا مڪتب، ملا مڪتب، مسجدن جي نڪن تي ٻآمد

نامو ’وايو‘ ’ٽوايو‘ پڑهائڻ، ڪريما، يوسف زليخان، گلستان ۽ بوستان، سڪندر نامو ۽ بهادر - دانش جا سبق، انهيءَ دور جا استاد، عالم، پڙهڻ ۽ پڑهائڻ جو ڍنگ ۽ طريقو، مدرسن ۽ مڪتبن جو نمونو ۽ نظام، تعليم جو مطلب ۽ مقصد، اهي سڀ اهڙا عنوان آهن، جن تي ڪيئي واقعا ياد اچن ٿا- ڪهڙا ڪري ڪهڙا ڪجن. انهيءَ لاءِ جدا دفتر درڪار آهن.

انهيءَ دور ۾ گهٽو ڪري سنڌ جي هر شهر بلڪ هر ڳوٺ، واهڻ ۽ وستيءَ ۾ وڏا مدرسا ۽ ننڍا مڪتب هوندا هئا، جن جا استاد پنهنجي پنهنجي دور ۾ نہ چڙو علم جا اڪابر هئا بلڪ عرفان ۽ طريقت جا صاحب ٻہ هوندا هئا- نهايت پاڪباز، پاڪ طينت، صحيح صورت ۾ ديني بزرگ ۽ نوراني خوبين ۽ خصلتن جا مالڪ جن جي ڏڻي ۽ جن سان صحبت ڪندي انسان کي الله ۽ رسول جي ياد اچي ويندي هئي. اڄوڪن مانر ملن کي ڏسي غلط فهميءَ ۾ مبتلا ٿيڻ نہ گهرجي، اهي ڪي سوڪڙيون ئي اور هيون. ڪيترا بزرگ هِن دور يا هن کان ٿورو اڳ واري زماني ۾ اهڙا ٿي گذريا آهن، هوند اُهي جيڪڏهن سنڌ کان ٻاهر هجن ها تہ اڄ مولانا حسين احمد مدني، ابوالڪلام آزاد، شبلي ۽ سليمان ندويءَ کان ٻہ قدم اڳ ليکيا وڃن ها، ليڪن چاکاڻ تہ هو هن گوشائتي ۽ بدقسمت ملڪ ۾ رهيا، تنهنڪري ”گهر جو پير چلهہ جو مارنگ“ ٿي ويا. اڄ ڪن جا نالا دل تي تري اچن ٿا، سياڻي انهن نالن ٻڌائڻ وارو ٻہ ڪونہ ملندو. هيءُ سنڌ جو اگرچہ زوال ۽ غلاميءَ جو دور آهي ان هوندي ٻہ سوين صورتون اهڙيون آهن، جن جي سيرت صحابِن جهڙي پئي لڳي. ڪيترا جيئرا آهن، ڪي ڪجهہ سال اڳ راهہ رباني وڻي ويا، ليڪن آءٌ پاڻ کي خوشقسمت سمجهان ٿو، جو انهن بزرگن مان ڪيترن جي نہ چڙو زيارت نصيب ٿي بلڪ سندن خدمت گذاريءَ جي سعادت پڻ نصيب ٿي. انسان ويسر جو گهر آهي، ڪنهن کي ياد ڪري ڪنهن کي ڪجي، تنهن هوندي ٻہ جيڪي نالا دل تي تري آيا آهن، تن ۾لارن جي فهرست خود ڪا ٿوري ڪانہ آهي، مثلاً:

(1) مولانا حبيب الله پراڻي ديري وارو.

(2) حضرت مولانا خوش محمد صاحب ميروخاني، بزرگ عالم ۽ نهايت نيڪ ۽ شريف نفس انسان، منهنجو شفيق ۽ مهربان هو - تازو 1977ع ۾ فوت ٿيو آهي.
(3) حافظ محمد صديق پرچوندي شريف وارو، پير سائين روضي ڏٽيءَ جي سلسلي سان تعلق هين، پيريءَ مريديءَ ۽ سجادي جو صاحب هو.
(4) مولانا حبيب الله ڪاٽين وارو- مشهور هو، مون کين ڪونہ ڏٺو.
(5) مولانا غلام عمر جتوئن وارو- بيحد مشهور ۽ مدرسي جو صاحب هو.
(6) حضرت مولانا تاج محمود امروٽي، بزرگ، صاحب سنت، برگزيدو ۽ قومي درد رکندڙ، انگريزن جو ڪٽر دشمن ۽ انهيءَ دور جي مذهبي ۽ قومي تحريڪن جو روح روان، خلافت، عدم تعاون ۽ هجرت واريءَ تحريڪ جو علمبردار، مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو پيشوا، 1934ع جي قريب فوت ٿيو، اولاد ڪونہ هين، سندن پاٽيجو ميان نظام الدين سجاده نشين ٿيو، جيڪو اسان جو شخصي دوست هو.
(7) حضرت قاضي عبدالرزاق ترائي وارو- اسانجي ڳوٺ جي پر ۾ وڏي پائي جو بزرگ، زبردست حڪيم، ۽ صاحب نسبت عالم ۽ عارف هو. سندس فرزند قاضي محمد رفيق سالن جا سال منهنجو رفيق، همراهه ۽ همراز رهيو. حضرت قاضي صاحب جي تاريخ وفات آهي:

آه از رحلتِ بَليغ زمان
صاحب شرع ورع ذوالاحسان
عالم بي بنظير خائفِ حق
زاهد و راست گو خليق لِسان
جز خداوند خود نمي آورد
روي دل را بخواهش انسان
در فضائل علوم دين هديٰ
بيگمان بود ثانيءَ نعمان
عارف وزنده دل جميل صفات
آمرالعرف ناهي الطغيان
مولوي ذي علوم عبدالرزاق

ركــن اســلام فخر اهـل ايمان
حــاجي و حــافظ و حـدودالله
غير حق از كسي نخواست امان
واري حســرت ز انتقـال چنيـن
عـــالــم بـي بـدل فقيهہ زمان
نــقـد گنجينهءِ عــلـوم هـدا
رفــقهّ بـي عــديـل پــر امعــان
روزِ تــرحيـلـش دوشنبہ بـود
ســابـع از مہ مـبـــارك رمضان
از من وصــل سر طرب ببريد
مــقدمش كــرد حــق درون جنان

اها تاريخ مولوي محمد صالح ڊكٽن واري جي چيل آهي. بي تاريخ آهي:

مولوي صاحب فِضيلت عالمِ علم اِلهدا
كاشف رمزِ شـريعت جامع ورع وتقا
در علوم فقهہ و منـطق در تفاسير و حديث
صدر علما، زيب فقها، مصدر جود و وفا
حاجي عبدالرزاق اندر جهان مشهور بود
در فضائل ظاهر و باطن چوشمس اندر سما
در همه اوصاف ديني بر ترو بي مثل بـود
كزهمه اهـل زمـان مستغنيش كرده خـدا
در فنون علم تحرير مسائل، بي نظير
گرز معمان ثانيش خوانم كجا باشد خطا
در جهان از انتقالش صد هجوم آمد پـديد
اهل دين از فرقتش در گـريه و اندو ههـا
روزيـک شنبہ زرمضان هفتمين تـاريخ بود
كــان بليغ از دهر فاني شد روان سوئي بقا

بي سر، حسرت برآمد مادهٔ تاريخ او
دنيــا زنقل اينچنين ميمون بقا (1331هـ)

قاضي محمد رفيق مرحوم جي قول مطابق قاضي صاحب مرحوم 60 ورهن جي عمر ۾ انتقال ڪيو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد وٽ ٿي، باقي تعليم جندي ديري جي مولانا محمد حسين پٽ وٽ، ۽ آخري سبق تبرڪاً حضرت همايونيءَ وٽ ورتائون. سندن مزار ترائيءَ ۾ آهي. مولوي خادم حسين جتوئي سندس ڪيترن شاگردن مان هڪ هو.

(8) مولانا مفتي محمد قاسم ۽ مولانا مفتي محمد ابراهيم صاحب ڳڙهي ياسين وارا. ٻئي صاحب پنهنجي دور جا جيد استاد ۽ صاحب فتويٰ عالم هئا. پويون بزرگ مون تي خاص مهربان هو. ڳڙهيءَ ۾ سندس خدمت ۾ ڪيترا دفعا حاضر ٿي، استفادو ڪري روحاني تسڪين حاصل ڪيم. مولانا محمد قاسم جي وفات 1349هـ ۾ ٿي. سندن والد جو نالو مولانا محمد هاشم هو، جو پٽ پنهنجي دور جو استاد زمان هو، 1322هـ ۾ فوت ٿيو. مولانا محمد ابراهيم چند سال ٿيا جو وفات ڪئي.

(9) مولانا عبدالغفور همايوني (ولد حضرت خليفو محمد يعقوب متوفي 1336 هـ بن رئيس محمد مبارڪ) جو مذڪور اچي چڪو آهي. همايون جو نالو ۽ انهيءَ شهر کي آبرو ۽ عزت سندن ذات سبب هئي. مولانا محمد قاسم ۽ مولانا عبدالغفور همايونيءَ جا ڪتب خانا اپر سنڌ ۾ مشهور هئا. مولانا شهداد ڪوٽيءَ جو ڪتب خانو به پنهنجي نالي سان هو. سيڪجهه غالباً برباد ٿي ويو. سنڌ جو ڪيترو سرمايو ڏسندي ڏسندي هليو ويو، ڪنهن سار ڪانه لڌي، ڪنهن کي سماءُ ڪونه پيو، ڪو ڏٺي ڏوري ڪونه ٿيو. ساڳي حالت شڪارپور جي علوين جي ڪتب خاني سان ٿي. امروٽيءَ بزرگ جو ڪتب خانو به ويو.

(10) مولانا غلام صديق شهداد ڪوٽي (متوفي 1323هـ)، پنهنجي دور جو خدا رسيدو بزرگ هو، منهنجي سانپر ڪان چند سال اڳ وفات ٿين. شاهه سائين تراب علي شاهه ۽ ميان سائين حسين شاهه سندن ذڪر ڪندي ڪندي اکين مان هميشه لڙڪ وهائيندا هئا.

(11) مولانا محمد صادق ڪڏي وارو، مشهور عالم، اهل دل بزرگ ۽ قومي تحريڪن جو سربراهه، مولانا عبيدالله جو عقيدتمند. آخري دور ۾ مون سان خاص عنايت هين.

(12) مولانا عبدالڪريم درس ڪراچيءَ وارو. منهنجي سانير کان اڳ فوت ٿيو. اسان جي دور ۾ سندن فرزند ڪراچيءَ جي بزرگن ۾ شامل هو.

(13) مولانا عبدالرحمان سکر وارو- اهل الله، فاضل، عالم، صاحبِ نسبت ۽ وڏي درجي جو بزرگ هو. منهنجي سانير کان ٿورو اڳ هي جهان ڇڏي ويو.

(14) مولانا خدابخش رتيديري وارو.

(15) مولانا عبدالرزاق ڊوري ناري وارو.

(16) مولانا خادم حسين جتوئي رتيديري وارو، مشهور قومي ڪم ڪندڙ ۽ هاري تحريڪ جي روح روان مولانا نذير حسين جتوئيءَ جو والد بزرگوار. مون کين ڪونہ ڏٺو.

(17) مولانا محمد صادق راڻيپور وارو. حڪيم، عالم، ذهين ۽ ڪيترين خوبين جو بزرگ هو. مون تي مهربان رهيو.

(18) مولانا عبدالرحمان ميمڻ شڪارپوري.

(19) مولانا مفتي صاحبداد صاحب سلطان ڪوٽي، اسان جو دوست، مهربان ۽ طبيعت جي لحاظ سان مڪڙ ماڻهو هو.

(20) مولوي عبدالله مدئجيءَ وارو.

(21) مولوي عبدالله ڊڪڻن وارو.

(22) مولانا قمرالدين انڍڙ.

(23) مولانا حماداللہ صاحب هاليجيءَ وارو، صاحبِ نسبت ۽ صاحبِ طريقت بزرگ هو. تازو فوت ٿيو.

(24) مخدوم حسن الله پاٽ وارو.

(25) مخدوم مولانا محمود پاتائي.

(26) مولوي محمد هاشم ملاح دادو.

(27) امير محمد شاهه صاحب اميناڻن وارو. مون ساڻن ملاقات ڪئي.

(28) مولوي غلام محمد صاحب ملکاڻن وارو.
(29) مولوي محمد صديق سيتائي، مشهور اخبار نويس مولانا عبدالغفور سيتائيءَ جو نانو.
(30) مولانا نثار احمد سيتائي، مولانا سيتائي موصوف جو برادر بزرگ.
(31) مولوي نبي بخش اوڍو، جيڪب آباد.
(32) مولوي عبدالنبي شاهه، جيڪب آباد.
(33) مولوي اميد علي صاحب، جيڪب آباد.
(34) مولوي عبدالمجيد لاشاري، جيڪب آباد.
(36-35) مولوي نبي بخش ۽ مولوي غلام مصطفيٰ ڪولاچي- ٻئي ڀائر اوستي محمد جا وينل هئا.
(37) مولوي عبدالوهاب ڪولاچي، متين بزرگن جو ڀاٽيجو.
(38) مولوي عبدالعزيز، مانجهي پور، جيڪب آباد.
(39) مولوي در محمد نل وارو.
(40) مولوي عبدالله نوناري، رتوديرو.
(41) مولانا عبدالله بنگلديرائي.
(42) مولانا مير محمد نورنگي، قمبر.
(43) مولانا ڪريمداد، نوڙهي، قمبر.
(44) مولانا غلام محمد، نوڙهي، قمبر.
(45) مولانا محمد عاقل "عاقل" عاقلي، شاعر، خطاط ۽ پير سائين حزب الله شاه تخت واري جو مصاحب. اسان ڪيس آخري عمر ۾ ڏٺو ۽ ساڻن ملاقاتون رهيون. وٽن بهترين خطي ڪتاب هئا. زيب عاقلي سندس فرزند آهي.
(46) مولانا گل محمد صاحب شهداد ڪوٽي (متوفي 1306 هـ) حضرت مولانا محمد صديق جن جو ڀاءُ.
(47) مولانا محمد عظيم، نصيرآبادي.
(48) مولانا عبدالڪريم، ڪورسليمان وارو. قمبر.
(49) مولانا محمد سليمان، ٽرڙي محبت وارو.

(50) مولانا عبدالڪريم، ڏوڪري وارو.
(51) مولانا حبيب الله نوناري، رتوديرو.
(52) مولوي غلام فريد، قمبر سپڙيا.
(53) مولانا محمد اسماعيل ڏٽل ابڙو، قمبر.
(54) مولوي عطا محمد ڏگاڻو، مهيسر.
(55) مولوي عبدالحليم ٻنڊ ڳوٺ.
(56) مولوي عبدالڪريم سيال وينل لڪ، بلوچستان
(57) مولانا عبدالله پٽو، وسايو پٽو.
(58) مولانا محسن علي شاهه، ميان جو ڳوٺ.
(59) مولوي محمد هاشم ڳڙهي وارو (متوفي 1322 هـ) (شد اندرون بهشت).
(60) مولوي عبدالقادر رستم وارو.
(61) مولوي محمد عمر، دين پور وڪڙو.
(62) مولانا محسن شاهه، گهوٽڪي.
(63) مولانا پير فخرالدين شاهه، گهوٽڪي.
(64) مولوي شير محمد شاهه، گهوٽڪي.

گهوٽڪي ۾ هنن بزرگن جو مدرسو مشهور هو. مولوي نذير حسين جتوئي هن مدرسي ۾ پڙهيو. مرحوم پنهنجي شاگردیءَ واري دور ۾ مدرسي ۾ ملندڙ مانيءَ تي هينيون مذاقي شعر چيو، جيڪو بزرگن ٻڌي مانيءَ ۾ به اصلاح ڪئي ۽ نظم مان به حظ حاصل ڪيو:

از غذاي دال روٽي ڪون ما شد ڍولڪي،
مي سراید از تبرڪ سيدانِ گهوٽڪي.
سيدا! بهرِ خدا مسڪين هت نا مارجانءِ،
دال جي درياه مان ٻيڙو ٻڌن جو تارجانءِ.
پير فخرالدين کي پيغام هي پهچائجئين،
ڪٽڪ جي ماني ملي پل دال دڳ تي هارجان".

(مولانا پاڻ لکي ڏنو. تاريخ 17-3-1961، گڙهي ياسين)

(65) مولوي نور محمد عادل پوري.
(66) مولوي عبدالقادر، پهنواري شريف جو (حضرت امروتيءَ جو استاد).
(67) مولوي عبدالعزيز، ٽريچاٽي.
(68) مولوي محمد اسماعيل، گهوٽڪي.
(69) مولوي خدا بخش، پريا رود.
(70) مولانا شير محمد، خانگڙهه شريف.
(71) مولانا حڪيم فضل الله شڪارپور. هن بزرگ سان مراسم رهيا.
(72) مولوي قاضي محمد عظيم شڪارپور، بهترين ڪتبخانو هين، آخري عمر ۾ مون ساڻن ملاقات ڪئي، پوءِ ستت ئي جهان ڇڏي ويا.
(73) مولوي عبدالحڪيم سومرو، شڪارپور.
(74) مولوي عبدالرحيم عباسي مفتي، خيرپور.
(75) مولانا محمد عثمان بلوچ، ڪراچي.
(76) مولانا نذير حسين جتوئي "جلالي" تخلص، منهنجو دلبر دوست، قومي ڪم ڪندڙ، بيحد ظريف الطبع، ذهين ۽ حاضر جواب، مجلس جو مور، بهادر ۽ هاري تحريڪ جي بنيادي ليڊرن مان هو. تازو وفات ڪري ويو. هينئين "سي حرفي" هاري حقدار واريءَ تحريڪ جي سلسلي ۾ سندس تصنيف آهي.

الف - اٿي اڄ هاري تون، همت ڪر هڪ واري تون، بار ڪٽين ٿو باري تون،
تنهنجو عالم تي احسان- مرد مجاهد ڪر ميدان!
ب - بک ڏک ۾ گهارين ٿو، ڳٽتين ۾ مَنُ ڳارين ٿو، ڪنهن سان ڪين پچارين ٿو،
پنهنجي اندر جو ارمان، مرد مجاهد...!
پ - پاڪارين بار سدا، نيٺ وهائين نار سدا، پنهنجا پڌارا پار سدا،
هردم حيرت ۾ حيران، مرد مجاهد...!
پ - پالين جڳ سارو تون، پاڻ پئين ڏڏ ڏارو تون، ڪين ڪرين واڌارو تون،
هر ڪنهن جو تون رزق رسان، مرد مجاهد...!
پ - پَڄُ بت بيڪاريءَ جو، خيال رکي خود داريءَ جو، نعرو هڻ نرواريءَ جو،

بَڌ سندرو ساهي جوڌا جوان، مرد مجاهد...!
ت - تَنَ کي تون تسيا ڏين، سختين ۾ شب روز رهين، سخت سدائين سور سهين،
سانڊين سورن جو سامان، مرد مجاهد...!
ج - جيئڻ جنجال چوان، هيٺون هاري حال چوان، پَروس ٽي پامال چوان،
ويڑها ورهن کان ويران، مرد مجاهد...!
چ - چپ توکي کين کپي، چو نہ ٽي تنهنجي ديگ تپي، ماري ويندئي کنڊ کپي،
ماڻ ۾ تنهنجو آ نقصان، مرد مجاهد...!
ڇ - ڇڏ غافل غفلت کي، زائل ڪر تون ذلت کي، حاصل ڪر هر عزت کي،
ملڪن ۾ ٽئي تنهنجو مان، مرد مجاهد...!
ح - حق پنهنجا حاصل ڪر، زور زبر کي زائل ڪر، ڪشتي سوري ساحل ڪر،
پاڻ ٽي پنهنجو ڪشتيبان، مرد مجاهد...!
خ - خرم خوشحال هجين، هردم مالامال هجين، هر ڪنهن جو رکپال هجين،
تنهنجو تابع جملي جهان، مرد مجاهد...!
د - دکن کان دور گذار، ڪاڻ نہ ڪي ٽي رَهّ خوددار، مور نہ پنهجو پاڻ وسار،
آزاديءَ جو ڪر اعلان، مرد مجاهد...!
ذ - ذرو ويچار ڪيو، پاڻ نہ هينئن لاچار ڪيو، گڏجي سڀ آچار ڪيو،
آهه اوهان جو ملڪ مڪانُ، مرد مجاهد...!
ر - رهبر ٽيءُ تون پنهنجو پاڻ، ساڻي ٽي رهه هڪٻئي ساڻ، منڪر نيٺ مجيندو آڻ،
ويندس مٽجي نام نشان، مرد مجاهد...!
ز - زندهه ٽي زور ڏيڪار، همت ڏاري ٻوٽو ٻار، غيرت وارا غيرت ڏار،
وقت اچي ٿو جاڳ جوان، مور مجاهد...!
س - سلامت سڪ سان گهار، ماڻ مزا وٺ موج ملهار، واهه وسي ٽي بوند بهار،
گجگوڙين ۾ آ مهراڻ، مرد مجاهد...!

ش - شهادت جو ڏس شان، منکر موذي آ مروان، دائم قائم رک ايمان،
راضي رهندُءِ رب رحمان، مرد مجاهد...!
ص - صداقت تنهنجو شان، ش شهادت تنهنجو شان، سعادت تنهنجو شان،
سورهَ سوپارا سلطان، مرد مجاهد...!
ض - ضرور ملهايو پاڻ، ڪوٽ ڪفر جا ڍاهيو پاڻ، سنڌ وطن کي ناهيو پاڻ،
پاڪ ڪيو هي پاڪستان، مرد مجاهد...!
ط - طالب رهه تون راحت جو، پنهنجي عزت عظمت جو، شان شاهانہ شوڪت جو،
آهي شاهي تنهنجو شان، مرد مجاهد...!
ظ - ظالم جو ظلم نہ سهُ، ظلم ڪنان آزاد ٿي رهُ، ڏينهن ڏکيا ٿي ٽي يا ٻهه،
هردم هوندين تون شادان، مرد مجاهد...!
ع - عمل سان اڳتي وڌ، سندرو ساهي ناهي ٻڌ، ڪين ڪجانءِ ٿي سڌڑيو سڌ،
هوندءِ هر مشڪل آسان، مرد مجاهد...!
غ - غريبي کان رهه دور، ان جي ويجهو وڃ نہ مور، ناهه دنيا جو نئون دستور،
قائم ڪر تون امن و امان، مرد مجاهد...!
ف - فرحت سان وقت گذار، گهر ۾ اَنَ جا آڻ انبار، لهه هر ڪنهن جي سار سنڀار،
هرڪو تنهنجو آ مهمان، مرد مجاهد...!
ڪ - ڪمال جو وقت آهي، وقت بہ نازڪ سخت آهي، جاڳيو تنهنجو بخت آهي،
بخت آ تنهنجو بي پايان، مرد مجاهد...!
گ - گذر اوقات ڏسو، هارين جا حالات ڏسو، مارين جا محلات ڏسو،
عزت تان ڪر سر قربان، مرد مجاهد...!
ل - لياقت ڏار هينئر، آئندو اوجار هينئر، ٿيندا ٻيڑا پار هينئر،
برپا تنهنجو آ طوفان، مرد مجاهد...!
م - مجاهد مرد ٿيو، هڪٻئي جا همدرد ٿيو، هردم فاتح فرد ٿيو،
جڳ ۾ جاري ڪر فرمان، مرد مجاهد...!
ن - نذيرا! ناصح تون، ڳالهه ڪئي آ واضح تو، ٿيندين آخر فاتح تون،

چاهي ظالم جو زندان، مرد مجاهد...!
و - وڏايو وک اڳي، ويري ٿو هر وقت وڳي، پاڙيو پڇندو چوٽ لڳي،
سٹ نہ سهندو هي مروان، مرد مجاهد...!
هـ - هاري حقدار چوان، ملک سندو مهندار چوان، حاڪم خود مختار چوان،
جنهن جو آهي اعليٰ شان، مرد مجاهد...!
ي - يڪدم تيار رهو، همت سان هوشيار رهو، آٹي خودي خود دار رهو،
دائم، قائم رک ايمان، مرد مجاهد...![11]

(76-77) قلات رياست ۾ ڪٹبارن جو ڳوٹ آهي، جتان جا عالم سڳورا مشهور ۽ ڪيترن سنڌي بزرگن جا استاد هئا، جهڙوڪ ميان محمد حسن (متوفي1350) ولد حضرت ميان تاج محمد (متوفي 1310) ۽ ميان محمد پناهه (متوفي 1348) ولد ميان تاج محمد. شهداد ڪوٹي بزرگ ۽ ڳڙهي ياسين وارا عالم سندن معتقد ۽ شاگرد هئا.

(78) مولانا تاج محمد ساڪن تاج لاشاري، بلوچستان.
(79) مولوي محمد اشرف، بلوچستان.
(80) مولانا عبدالله رتيديري وارو.
(81) مولانا ڪريمداد ساڪن ٹوڙي.
(82) مولانا فقير محمد ڪارڙائي.
(83) مولانا محمد بچل، لاڙڪاٹو.
(84) مولانا جمال الدين صحبت پوري، جيڪب آباد.
(85) مولانا عبدالوهاب ڪولاچي.
(86) مولانا عبدالرؤف، خانپور.
(87) مولانا محمد اسماعيل صاحب، ڳوٹ شاهلي.
(88) مولانا محمد مبارڪ، ميان جو ڳوٹ.
(89) مولوي لطف الله، يوسف ڪوٹي.
(90) مولوي محمد عثمان، ڪرن.
(91) مولانا عنايت الله آگرو.

(ميان محمد حسن ڪٽباري کان وٺي 91 نمبر تائين مولانا محمد هاشم ڪِڙهي ياسين واري جا شاگرد هئا.)

(92) مخدوم محمد صالح پاٽائي.

(93) مولانا محمد حسن صاحب حيدرآبادي.

(94) مولانا عطاءُ الله صاحب فيروز شاهي.

(95) مولانا عبدالستار رستم وارو.

(96) مولانا عبدالقادر صاحب پنهواري.

هينيان شاگرد مولانا محمد قاسم ڪِڙهيءَ واري جا هئا:

(97) مولوي احمد صاحب مڪراني، شهر تبت، پنجگور.

(98) مولوي ولي محمد، منڙي.

(99) مولوي عبدالحليم، ڪڙڪ، سبي.

(100) مولوي محمد حسن مڪراني.

(101) مولوي صدرالدين صحبت پوري.

(102) مولانا نصيرالدين، ڪنڊو.

(103) مولانا عبدالرؤف، ڪنڊو.

(104) مولانا محمد حسين صاحب ڪهاوڙ، مدير اخبار "الحنيف"، جيڪب آباد.

(105) مولانا محمد موسيٰ، جيڪب آباد.

(106) مولانا محمد پناهه، جيڪب آباد.

(107) مولانا عبدالله ياندي قبي وارو.

(108) مولوي عبدالستار رتائي.

(109) مخدوم مولوي شفيع محمد پاٽائي.

(110) مولوي عبدالرحمان ناڙيءَ وارو.

(111) مولوي بدرالدين ڊڪٽن وارو.

(112) مولوي محمد هارون بلوچستاني.

مولانا محمد قاسم ڪِڙهي ياسين واري جا هينيان عالم معاصر هئا:

(113) مولانا خادم حسين پليڏنو آبادي.

(انهيءَ پليڏنو آباد لاءِ مولانا نذير حسين جتوئيءَ چيو آهي:
پلينا باد جا ڪوڙا ڪريلا، ڏين ٿا تيل ۾ ساڙي سويلا)

(114) مولانا عطا محمد صاحب مهيري.

(115) مولانا عبدالرحمان صاحب ڏامراهي.

(116) مولانا غلام عمر، سونو جتوئي.

سندن برادر محترم جناب مولانا محمد هاشم جا شاگرد هيٺيان بزرگ آهن:

(117) مولانا عبدالباقي همايوني.

(118) مولوي جان محمد مهر، شڪارپور.

(119) مولوي عبدالعزيز مدرس مدرسہ انوار العلوم، شڪارپور.

(120) مولوي عبدالرحمان پنهور، خيرپوري.

(121) مولوي يار محمد چنو، سيوهڻ.

(122) مولوي محمد علي خطيب، جيڪب آباد.

(123) مولوي محمد صحبت خان، جيڪب آباد.

(124) مولوي امان الله شڪار پوري.

(125) مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو - بيحد ذهين، دلچسپ گفتگو جو صاحب، نهايت بذلہ سنج ۽ شاندار استاد هو، منهنجو دوست هو. ارمان آهي جو جواني ۾ فوت ٿي ويو ۽ سندس صحبت ۽ محبت جو گهٽو حِظ حاصل ٿي نہ سگهيو.

نيڙهيءَ جو نالو آيو تہ حضرت مولانا حبيب الله صاحب ۽ سندس برادر خورد مولانا عزيز الله صاحب جون سهٽيون ۽ بزرگانہ صورتون اکين اڳيان اچي ويون، هڪ وڏو ٻيو ننڍو، ليڪن علم ۾ ٻئي هڪجهڙا برڪ ۽ اڪابر، اخلاق ۽ محبت جا مجسما، شرافت ۽ نيڪيءَ جا نمونا - پنهنجا بيحد مهربان، ۽ انهن جي عنايت ڪري دارالهديٰ نيڙهي گويا پنهنجو ٻيو مرڪز هو. مولوي سيد محمد علي شاه ۽ حافظ عبدالحميد ٻئي اتنهن جا فارغ التحصيل آهن، جن اپر سنڌ بلڪ سموريءَ سنڌ ۾ علم جي روشنيءَ سان گڏ قومي جاڳرتا بہ پيدا ڪري ڇڏي. حافظ عبدالحميد صاحب اصل اروڙ جي خاڪ پاڪ ۽ تاريخي خمير مان پيدا ٿيو. مدرسي مان نڪتو تہ علم ۽ قومي خدمت جو جذبو ڪٽي، ڪمال ڪئپ مٽي

۾، ٽلهو ونگوڑي وارو لکڻ، مٺ جيڏي سنهاري رکي، کاڌيءَ جا لٽا پايون، کلندو، ڏاڍيان ٽهک ڏيندو، اچي سکر ۾ پهتو. اچڻ سان جاگيراڻي پاڙي ۾ پريس کڏيائين. عبدالرحيم کرل جيتوڻيڪ بعد ۾ انگريزي پڙهي وکيل ٿيو هو، ليکن پهريون انهيءَ مدرسي ۾ عربي پڙهي هئائين، اهو به سکر ۾ هو. اسان ٽنهي گڏجي "المنار" نالي ماهوار رسالو کڏيو، جنهن کان پوءِ جنهن هفتيوار اخبار جي صورت اختيار ڪئي. سڀ کان پهريون حافظ ئي آهي، جنهن پنهنجي پريس ۾ منهنجون لکيل چوپڙيون (افسانن جون) شايع ڪيون، جن کي آڻ انهيءَ زماني ۾ "ڪتاب" ۽ پاڻ کي انهن جي ڪري "مصنف" سمجهندو هيس.

حافظ مفتي حبيب الله ٻاهر گهٽ نڪرندو هو، ليکن مولانا عزيز الله صاحب قربياً هر مهيني اسان سان چهار چشمي ڪري سکر ايندو رهيو. چند سال ٿيا جو ٻئي بزرگ هڪٻئي پنيان رب ڏانهن راهي ٿيا. مدرسو موجود، ليکن اهي صورتون هليون ويون.

مدرسي دارالهديٰ نيڑهيءَ کان سواءِ سنڌ ۾ ٻيا به ڪيترائي مدرسا انهيءَ وقت ديني خدمت ڪري رهيا هئا: همايون، سلطان ڪوٽ، سجاول، ملاکاتيار، شهدادڪوٽ، ڳڑهي ياسين، رُڪ وغيره جا مدرسا، ديو بند، فدوي ۽ جامع ازهر جي ڪڙيءَ جا مدرسا هئا، جن مان نڪتل شاگرد پنهنجي پنهنجي فن ۾ سچ پچ ته يگانا ۽ يڪتاءِ روزگار رهيا آهن.

* * *

دارالهديٰ نيڑهيءَ جي نالي سان اهو مذڪور ضمناً ڪرٽو پيو، ورنه اصل قصو ته اڌ ۾ رهيو پيو آهي، يعني مدرسي دارالهديٰ نيڑهيءَ مان ڳڙل شاگرد جو، جيڪو بورچي ٿي اسان وٽ آيو.

آغا صاحب جڏهن واڌائي ڏني، اها بشارت ٻڌائي، تڏهن مان ڏاڍو خوش ٿيس. ڏاڙهيءَ جي اڃا مس ريخ لٽل، شڪل شباهت جو نه ڪوجهو نه اهڙو موچارو، بس مڙئي ماڙهو ماڙهن جهڙو. هيٺ تي ستڻ، جيڪا پيڏيءَ کان مٿي شرعي حد تائين ڪنيل. موڪرِن ٻانهن ۽ وڏي برَ سان چولو. مٿي تي نه دستار نه پڳ، نه پٽڪو، بلڪ پڳ جي لڳ پڳ. ان کي پڳڙي به نه چئبو، چاڪاڻ ته ڦيروين ٻڌل هئي ۽

پنيان پوري وچ کان اُهڙو ئي ترو ڇڏيل هو، جهڙو دستار ۾ ٽيندو آهي. پر جنهن صورت ۾ دستاربنديءَ کان اڳ ۾ ئي مدرسو ڇڏي پڳو هو، تنهنکري هيءَ دستار جي وزن کان قدري گهٽ، ليکن خاندان انهيءَ ساڳئي مان هئي. آغا صاحب ڏانهنس اشارو کندي، چيو:

”آغا منهنجا! متقي پرهيزگار چوکرو، پڙهيل ڪڙهيل. دراصل سچ چيو اٿن تہ دير بيايد درست بيايد.“

ڏوئي هوندي هئي طالب العلم جي هٿ ۾، ۽ هدايتون هيون وسيع تجربي جي بناءَ تي آغا صاحب جون، يعني فنڪاري چوکر جي، هدايتڪاري نظر علي خان جي، حقيقت ۾ نہ خبر آغا صاحب کي، نہ سڌ نامزد ٽيل بورچيءَ کي. نتيجو اهو نڪتو، جو ڪڏهن لوڻ گهٽ، ڪڏهن مرچ وڌيڪ، ڪڏهن پاڻي وڌيڪ پيل، ڪنهن وقت ترو لڳل، ڪڏهن بصرن سان گڏ ساڳ بہ ڪچو، ڪڏهن سيئي لاڳ سڙيل. جڏهن دانهن ڪجي تڏهن چوي:

”شڪر ڪري کائو!...

”جيڪي الله ڏئي اهو شڪر ڪري کائجي!...

”روزي نور آهي!...

”وِڏّ ڪيڻ گناهہ آهي!...

شڪر ڪري کائو، ميان، شڪر ڪري کائو!“

”شڪر ڪري کائو“ جو معاملو آخر ايترو وڏي ويو، جو اسان مورڳو سندس نالو ئي ”مولوي شڪر الله“ رکي ڇڏيو.

هڪ ڏينهن سائين ڪرم علي شاهہ وٽان چيلي جي سڃي جنگهہ آئي. آغا جي وات ۾ پاڻي پرجي آيو. چي:

”آغا منهنجا! ليلي جو گوشت ٿو پائجي، ڏاڍو نرم ۽ سُپڪ!“

مولوي ’شڪر الله‘ وٽ اسان ٻئي پاڻ جنگهہ ڪٽي پهتاسي. ايلاز، منٽون، سمجهاڻيون، آخر مسالن جا بہ رٽا ڪري وزن ڪيي ڪيس ڏناسي. بصرن جو مقدار بہ مقرر ڪيوسي. آخر ۾ بہ رب جو واسطو وجهي چيوسون:

”ٻيلي! واسطي ڏڻيءَ جي اڄ شڪر ڪرائي نہ کارائجانءِ!“

پلاءَ جو بہ آردر ٿيو ۽ ان سان گڏ شوروي واري ٻوڙ جو بہ. آغا چيو:
"هائو آغا! شوروو پلاءَ سان ملائي کائبو."
جڏهن مانيءَ جو وقت ٿيو، تڏهن اسان جا بہ هاضما اچي کُليا! گهٽائي ڏينهن ميٽي پالڪ کائي کائي آندا ئي ساوا ٽي ويا هئا. اڄ چَڙهه هو، خوب وير کبو!
آغا چيو:
"آغا منهنجا کيئن ٿو سمجهين؟"
مان چيو:
"ڏسجي آغا، خبر پوي!"
"هائو! نہ تہ بہ آغا منهنجا، شڪر ڪري کائڻ تہ قسمت ۾ نهيو پيو آهي."
"لاحول ولا قوة!" آغا صاحب رڙ ڪئي!
"هي ڇا؟ جانور کڇا، ٻوڙ جنسي لئي!"
دراصل جانورن جو هڏ ڪونہ مئو هو، جو مولوي 'شڪر الله' کان دم ڏيڻ وسري ويو هو. ٻوڙ ان ڪري لئي ٽي پيو هو، جو گوشت هو نندڙي چيلي جو يعني بلڪل ڪُلواڻ. مولوي صاحب بہ ٽي دفعا جو پوڇهڙا ڪڍيس تہ پٽاڻا، بصر، مسالو، ٻوٽيون ڳري ڳري، ملي سلي، سڀ گڏجي ويون ۽ ٻوڙ اهڙو ٽي پيو جهڙو لئي، نہ پٽاڻو موجود، نہ انهيءَ گوشت جي ٻوٽي ظاهر، جنهن کي آغا صاحب چيو هو:
"آغا منهنجا ليلي جو گوشت ٿو پائنجي، ڏاڍو نرم ۽ سُپڪ."
ليلي جو اهو نرم هجڻ ۽ سُپڪ هئڻ ئي گوشت جي غارتگريءَ جو سبب ٽي پيو، ورنہ مولوي شڪر الله خان تہ چڙو بہ ٽي دفعا پاڻي وجهي ۽ خوب چمچو گهمايو هيس، تہ پل اڄ ٻوڙ رس رکي بيهي!
"سائين شڪر ڪري کائجي. اوهان وري پيا وڏان ڪيو. جيڪي رب ڏئي، سو بسم الله ڪري کائجي."
بس آغا جي برداشت جواب ڏئي بيني. ٻوکڙ ڪري چيائين:
"اڙي منحوس، خدا جي توتي مار پوي! اُنهيءَ تہ اسان کي چيلي جي جنگهه ڏني هئي، تو ان جي بيڙي ٻوڙي چڏي، هاڻي ڏوڙ تي شڪر ڪيئون!"

’منحوس‘ جو اکر ٻڌي، مدرسة دارالهدا نيڑهيءَ جي خطابيءَ کي غصو اچي ويو. بورچي خاني مان ٻڪي مٿي تي رکي ٻاهر نڪتو ويو. در کان ويندي، خانئي ڪمپازيٽر کي چيو ويو:
”جيڪو مسلمان کي منحوس ڪوڻي، سو شريعت محمديءَ موجب پاڻ منحوس آهي.“

* * *

مولوي شڪر الله جي وڃڻ کان پوءِ اسان وٽ اچي پهتو امير جان. اصل نالو هيس امير بخش، ليڪن نظر علي خان جو ڪيس امير جان سڏيو، تہ بس پڇاڙيءَ تائين امير جان رهيو. ذات جو مير بحر هو. اسان جي ڳوٺ جو وينل ۽ والد مرحوم جو خاص ملازم ۽ اعليٰ درجي جو بورچي. جوانيءَ ۾ عشق جي سٽ اچي ويس. ڪنهن رقيب روسياه ڏاتورو پياري ڇڏيس. بس اتنهن نيم ديوانو ٿي پيو. ڪڏهن رنگ ۾ تہ ڪڏهن پنگ ۾. راضي هوندو تہ واه جو رڌي ڪارائيندو. جي ڪا جوجڪي اچي ويس، تہ نہ ڇڙو ديڳڙو وجي ديوار تي نڪاءُ ڪندو، بلڪ مالڪ کي ٻہ منهن ڇڙهِي، ٻہ - چار صلواتون سٽائي، وجي ٻاهر ويهي رهندو. اهڙن حادثن جا ڪيئي نشان ”سنڌ زميندار“ جي ديوارن تي ائبسٽرئڪٽ آرٽ جي پيا نمائندگي ڪندا هئا. اهڙي حالت ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي هيس- يا تہ پنگ جو ڇُڪو چاس ٿي ويندو يا پنگ جو پيالو پورو نہ ملندو. بهرحال ماني خود ڪارائيندو هو، بشرطيڪ ديڳڙي ڇڙهئي ڪان وٽي منهن ۾ نوالي پهچڻ تائين جا مرحلا خير سلهہ سان طي ٿي وڃن.
مسٽر ميمڻ [12]، انڪم ٽئڪس آفيسر، اسان جو دوست هو. لاڙڪاڻي جو وينل ۽ نهايت نيڪ ۽ سڀاجهي سپاءَ جو نوجوان. نظر علي خان کي جڏهن ضرورت پوندي هئي تہ سندس ڪيسي مان وجي پئسا ڪڍندو هو. هڪ دفعي زياده پئسن جي ضرورت ٿي. نظر علي خان ريجهائڻ خاطر ڪيس منجهند جي مانيءَ تي سڏيو. ڪنهن دوست کي سڏي ماني ڪارائجي، اهو پهريون واقعو هو، جيڪو نظر علي خان جي تاريخ ۾ درج ٿيڻ وارو هو. امير جان کي رڌيندي رڌيندي جڏهن ويرو ايندو هو تہ ديڳڙو اڏ ۾ ڇڏي، در کان ٻاهر نڪري، دڪيءَ تي اوکڙو

ويهي، وينو جهونگاريندو هو. جي پَهُ پيس ۽ ڳالهه ياد اچي ويس، تہ اچي چمچو گهمائيندو، ورنہ داغ سان گڏ گوشت بہ سڙي ويو، تہ ڪيس ڪنهن جي ڪاڻ ڪانہ ٿيندي. اتفاق سان ان ڏينهن بہ مٿس حال طاري هو. مانيءَ کي دير ٿي وئي. ديڳڙا چلهه تي، امير جان دڪيءَ مٿان اوڪڙو. ميمڻ صاحب بي تڪلف دوست هو. بک ستايس، تہ اٿي پاڻ امير جان وٽ ويو. هڪ دفعو، ٻيو دفعو، ٽئين دفعي ديڳڙيءَ چلهه ڇڏي، وڃي پٽ تي ٽڪاءُ ڪيو! چي:

"اجهو هان، وڃي...لنگهايو، ٻئي نظر علي ۽ تون...

"آئي آ حڪم هلائڻ!...

"منهن بہ مانيءَ جهڙو اٿس!"

جڏهن امير جان کي جوش ۽ جلال ايندو هو، تہ تارا ڦوٽارجي ويندا هيس ۽ ان وقت مذڪر ڦري سندس اڳيان مونث ٿي پوندو هو. ميمڻ تہ ويچارو نفيس ۽ نازڪ هو، پر نظر علي خان جهڙو شينهن مڙس بہ ڪيس ڪاوڙ ۾ مونث نظر ايندو هو. چوندو:

"ڪير ٿيندي آ نظر علي خان؟...

"ڏاڏهنس بہ پلاءَ کاڌا هئا...

"آغا بڻي آ!"

ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ زور وڻي ويندي هيس، تہ "سنڌ زميندار" جي مئنيجر مان نڪرندو، مئنيجنگ ڊائريڪٽر منجهان وڃي پار پوندو هو. چي:

"چخي! کهڙن بہ زميندار ڪئي آهي؟...

"زميندار آهن تہ پٽا. ليي در تي ڪُتي بہ ڪانہ، بڻي آ زميندار!"

امير جان وٽ وڏماڻهپائي ۽ وڏزميندارياءَ جو معيار هو ڪُتيءَ جو در تي هجڻ [13]. هن ڀلا پنهنجي ڳوٺ جي ڪا ۾ ڏٺا هئا پٽا صاحب، جن وٽ انگريزي ڪتن جون لوڏيون هونديون هيون. ماڻهن کان وڌيڪ پئِي انهن جي نظرداري، پرورش ۽ پالنا ٿيندي هئي ۽ انسانن کان زياده پئِي انهن جي خدمت ٿيندي هئي. پٽن جي ڪتن جيڪا ماني کاڌي، سندُن راڄ ۽ ڪڙمين کي تہ خير خواب خيال ۾ ڪانہ ايندي، پر چگّا چوکا وڏيرا بہ پيا سکندا هئا. پٽن جا ڪتا گرمين ۾

ڪوئٽا ويندا هئا ۽ سرديون ڳوٺ ۾ گذارينداهئا. سنڌ لاءِ "هل استيشن" ڪوئٽا هئي، جتي ساوڻ ۾ شڪارپور ۽ جيڪب آباد جا پڇنديءَ ۽ سرنديءَ وارا پهچي سگهندا هئا يا وري پٽن صاحبن جا ڪتا وڃي "سيزن" ڪاٽيندا هئا. ڪتا صاحبلوڪي هئا، جنهنڪري لاڙڪاڻي جي ساوڻي ڪين پاڻ نه پي پَئي.

نظر علي خان ميمڻ صاحب جي معاملي ڪان علاوه پي ڪيترا دفعا امير جان هٿان شڪست ڪائي چڪو هو، ليڪن ان هوندي به ڪيس جدا ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. سبب اهو، جو ايڏو سنو بورچي ۽ ايترو سستو وري ڪٿان اچي ها؟ پگهار ڪانه، ڪڏهن ڪڏهن رپيو اڏ لٽي ڪپڙي لاءِ، ورنه فقط روزانو به آنا وظيفو پنگ لاءِ. اهائي امير بخش جي خوبي هئي، جنهنڪري 'امير جان' ٿي پيو. انهن بن آنن مان نظر علي خان فقط ٽڪو پنهنجي هڙان پريندو هو، باقي ڇهه پئسا منهنجي ڪاتي مان نڪراندا هئا. اهو ڇاجي ڪري؟ ان جو سبب ڪهڙو هو؟ اهو مان ڪڏهن ڪونه جاڇيو، ڇاڪاڻ ته نه پگهارون ئي ڪڏهن ڇڪتو ٿي مليون ۽ نه حساب ئي سامهون آيو. 'حسابِ دوستان در دل' واري عمل تي پيو ڪم هلندو رهيو.

* * *

مان تقريباً پنج ورهيه (1933-29ع) "سنڌ زميندار" ۾ رهيس، ليڪن ياد نه آهي جو ڪڏهن پنجاهه رپيا گڏ ڏٺم يا يڪجاءِ ڪڏهن پگهار ملي. ڪڏهن رپيو، ڪڏهن به، ڪڏهن پنج. اهو ڏينهن عيد جو ٿيندو هو، جڏهن ڏهه - ويهه گڏ ملي ويندا هئا.

هڪ دفعي ياد آهي، آغا مرحوم پنج رپيا هٿ تي رکي وڏو ٽهڪ ڏئي چيو:

"آغا منهنجا! اڄ ته وڃي ڳوٺان نئون سئون ٿي آءُ!"

مٿي هڪ هنڌ اڳي ئي ٻڌائي آيو آهيان ته آغا صاحب جڏهن راضي هوندو هو ته "آغا منهنجا!" ڪري سڏيندو هو، ۽ جڏهن ناراض ته، ميان! راشدي ميائون! سهڳل! او خدا جي مار پويو! او شل ڪا چٽي پويو! دونالي بندوق اچي سيني ۾ هٽو...ڊَسِ، ڊَسِ، بندوق جي ڌڪاون جو آواز تڏهن وات مان ڪيندو هو، جڏهن ڪٽ يا ڪرسيءَ تي جوش وچان ڦاڻِ ٿي ڪري پوندو هو. جي هيڏنهن اچبو، ته هوڏي ڪٽي منهن ڪندو، ۽ جي پريان اچبو، ته هيڏي ڪنڌ ڦيرائي چڏيندو. يعني

ان وقت ايڏو بائيڪاٽ، جو اسان جي صورت ۾ ڪانه وٽندس. ليڪن خدا بخشيس، اهڙو منو ۽ نيڪدل، جو ڪلاڪ اڌ ڪان وڌيڪ پاڻ جهلي نه سگهندو. يڪدم ڪو فارسيءَ جو بيت جهونگارڻ شروع ڪندو، جنهن ۾ فراق ۽ وصال جا معاملا بيان ٿيل هوندا. اُها گويا دعوت هئي ته اچو هاڻي هڪٻئي جي ڳلي لڳون! جڏهن اسان "سنڌ زميندار" ڪان جدا ٿي، "ستاره سنڌ"[14] ڪڍيسي ۽ هڪٻئي جي خلاف لکڻ شروع ڪيوسي، تڏهن ۾ بن ڏينهن ڪان وڌيڪ هڪٻئي کي ڏسڻ سواءِ رهي نه سگهبو هو.

مان اهي پنج رپيا ڪٽي ريلوي استيشن ڏانهن راهي ٿيس. استيشن جي سامنهن ڏٺم ته چوراهي جي پاسي ۾ رمون مڪراني تاس جا پتا زمين تي وڇايون ماڻهن کان پيو ٿو داوَ هٽارائي. بن رپين جي داءُ هٽي، ماڻهو پيا چار رپيا کٽن! پنجن جا ڏهه ۽ ڏهن جا ويهه پيا ملن، ايڏي آساني سان رپيا ٻٽا ٿيندا ڏسي مان ۾ پنهنجي نوٽ ۾ هٿ وڌو. هٿ وجهي وري هٿ ڪڍي ورتم. ڪجهه سوچي وري نوٽ ڪيڙ لاءِ هٿ وڌايم. هڪ دفعو وري دل سان هندايم. نيٺ نوٽ ڪڍي ڪٽي پٽ تي اڇليم. داءُ لڳو. ڏهه ته ڪونه مليا، الٽو پنج ۾ چٽ! ڳوٽ وڃڻ جي بجاءِ مان موٽي اچي پريس ۾ پهتس. داءُ جو غلط پئجي ويو! ان ۾ رمون مڪرانيءَ جو ڪهڙو ڏوهه؟

* * *

رمون مڪراني دراصل سکر جي عوامي مشاهيرن مان هو. اخبارن، ڪورٽن، عملدارن ۽ عام ۾ جيترو رمونءَ جو نالو وڳو ٿي، اوترو نه ميان پير بخش جو هو، نه سائين ڪرم علي شاهه جو، ۽ نه پيرزادي عبدالستار جي والد جو. هر وقت پئي ڪاڏنهن نه ڪاڏنهن خبر پوندي:

رمونءَ اڄ فلاڻي جو ڪيسو ڪتريو...

رمونءَ اڄ فلاڻيءَ جي يار کي چاقو هڻي ڪڍيو...

رمونءَ جي جوا جي ٽڪري اڄ پڪڑي...

رمونءَ اڄ صوبيدار صاحب کي منهن تي چئي چڏيو...

رمونءَ اڄ پوليس واري کي منهن جي لپاٽ هڻي ڪڍي...

رمونءَ اڄ ايڏو فساد ڪيو آهي جو ’بي‘ ٽاٽي جو سڄو پوليس گارڊ اوڏنهن ويو آهي...
رمونءَ اڄ يڪي سر ويهن ماڻهن سان چڪري ڪاڌي آهي...
رمونءَ اڄ ايس- پي صاحب کي منهن تي چڙهي گاريون ٻڌائي آيو...
رمونءَ کي اڄ پوليس ٻڌيون ٿي وئي...
رمونءَ کي اڄ ماجسٽريٽ ٽيپ ڏني...
رمون اڄ جيل مان ڇٽي ويو...
رمون جواري هو، پتي پاز هو، ٺڪري باز هو، چاقو مار هو- سکر جي سڄي شهر تي سندس رعب هو. غريب آباد ۽ شڪارپوري روڊ تہ جنسي سندس حڪومت ۾ هئا. نالو ڪن پيو، ڏڪٽي ونې ويندي! لنگهندو ڏسبو. لونءَ ڪانڊارجي ويندي! مطلب تہ ايڏو خراب، ايڏو بدمعاش، ايڏو لوفر- ليڪن ايترن سيه ڪارنِ هوندي سندس ڪردار ۾ ڪيترائي روشن پهلو بہ هئا. واعدي جو پڪو، زبان جو سچو، دوستيءَ جو پختو ۽ وقت تي سر ڏئي چڪڻ جهڙو. يتيمن جو دوست، رنن زالن جو واهرو ۽ مددگار. رمونءَ هائو ڪئي ڇڻ پٽر تي ليڪو اڇي ويو. ڪنهن کي آوَلي پئي، رمونءَ کان مدد گهرندو... رمون پئسا ڏيندو، گهرپار وڪٽندو ۽ سر بہ اڇي ڏيندو. زمين آسمان هڪ ڪري بہ ضرور سوَلي ڪندو. ڦرندو انهن کي هو جيڪي انهيءَ جي لائق هئا، چاقو انهن کي هٽندو هو جيڪي چاقو هڻڻ جا مستحق هئا، ڪيسا انهن جا ڪترندو جن وٽ ناڻو هوندو. اهي ۽ ٻيون ڪيتريون اهڙيون خوبيون هيس، جو اڄ انهن مان هڪ - بہ بہ جيڪڏهن سنڌ جي اميرن ۽ وزيرن ۾ هجن ها، تہ هوند اسان ايترو نہ خوار ٿيون ها، نہ خراب ٿيون ها، نہ محڪوم ٿيون ها، نہ محتاج ٿيون ها. اسان جا وزير، جي ’رمون مڪراني‘ ٿي پون ها تہ ڪنهن کي طاقت هئي، ڪنهن کي مجال هئي، جو اسان ڏي اک ڪٽي نهاري سگهي! اُها اک نہ نڪري وجيس ها!

* * *

پنهنجي وزيرن ۽ سياستدانن کان جو دل ڏکويل هئي تہ رمون مڪرانيءَ جوڪردار بہ اکين اڳيان اڇي ويو، ورنہ ڪيڏانهن اسان جا وزير باتدبير ۽ ست

ڪلا سياستدان، ڪيڏانهن اسان جو رمون مڪراني، جيڪو ويچارو پوءِ ٻه ڇڙو "عامي ماڻهو" ئي هو. بهرحال ڳالهيون ٿي ڪيونسي مرحوم نظر علي خان جون - هڪڙي پيچاڙيءَ جي ڳالهه ٻي ٻڌائي ڇڏجي.

سکر جي هر ٽڪاڻي ۾ روزانو شام جو ڪٽاه پرشاد ٽيندو هو. ڪيترائي غريب غربا اچي اُتان پيٽ پري ويندا هئا. انهيءَ خيراتي خوراڪ ۾ مذهبي پيد پاءُ ڪونه هو. هندو ٻه اچي وڃندا هئا ته مسلمان گداگر ٻه. شري ساڌ ٻيلي جو ڪٽاه سڀ کان سٺو ۽ سيني کان لستي هو. دال، حلوو، پُوري ۽ ڪچڻي نهايت صاف ۽ سوادي. جيڪو ايندو، اڻ ميو ملندو، بلڪ هڪ اڌ پاڙ ۽ ڪٽاڻ ڏرو ٻه مٽانس رکي ڏيندا.

سالن کان اهو دستور هليو ٿي، ليڪن اسان کي خبر ڪانه هئي. هڪ ڏينهن امير جان شام جو ڀنگ پيڻ ساڌ ٻيلي ويو، ۽ موٽندي ڪٽاه پرشاد ٻه پاڻ سان ورتيون آيو. رات جو نظر علي خان ۽ مان بسم الله ڪري ان کي واپرايو، نهايت لذيذ ۽ دلپسند! آغا ڏؤ ڪري، ٻه - ٽي اوڳرايون ڏئي، جڏهن الله جا شڪرانا بجا آندا، تڏهن پڇيائين:

"آغا منهنجا، ڪيئن ٿو پائين؟"

"آغا، واهه جو ڪاڏوسي!"

"واهه ڙي امير جان واهه!"

بس اُهو ڏهاڙو، ان کان پوءِ اسان جو گذارو گهٽو ڪري شري ڪٽاه پرشاد تي ٽيندو هو. ماني ٻه سڃي، پيسو ٻه خرچ ڪونه ۽ بلڊپريشر ۾ ڏسيل پرهيز جي ٻه عين مطابق! علاوه ازين انهيءَ مينوءَ ۾ دعوت شيراز ٻه شريڪ هئي، يعني دال سڳوري، جيڪا ڪاري مرچ جو ٻُرڪو ڏئي ڏيندا هئا! ان کان زياده نظر علي خان خدا کان ٻيو چا ٿي گهريو!- ليڪن اهو معاملو دوستن احبابن کان بلڪل مخفي رکيو ويو. پچاڙيءَ تائين ڪنهن کي خبر ڪانه پئجي سگهي ته سکر جي هنن "فرزندان اسلام" جو، جيڪي رات ڏينهن هندن تي ڏوڙيا پيا وسائن، زياده تر گذر شري ساڌ ٻيلي جي ڪٽاهه پرشاد تي آهي!

اسان ٻنهي ڀائرن جڏهن "ستاره سنڌ" کڻي، ۽ کڏهن کڏهن پئسي پائيءَ جي ٻاڙائي هوندي هئي، تہ اميرجان جو اهوئي صدري نسخو اسان لاءِ ٻہ تير بهدف ثابت ٿيندو هو. هڪ دفعي تہ ساندهہ ڏيڍ مهينو ڪن انهيءَ روزگار ۽ رزق تي گذارو ڪندا رهياسي. انهيءَ ئي زماني ۾ محمد امين خان ڪوسو اچي اسان وٽ رهيو. چيائين ڪجهہ ڪونہ، ليڪن دل ۾ ضرور حيران هوندو تہ هر روز رات جو دال، ڪچڙي، حلوو، پاپڙ، پوريون ۽ ڪٽاڻ! آهي تہ پڪ ڪا غيب جي ڳالهہ!

---

[1] اڳتي اهو ذڪر ايندو.

[2] 'بئريسٽر' جو عوامي اُچار.

[3] اهي ٻئي افغاني شاهي قبيلي جا فرد هئا، جيڪي سردار محمد ايوب واريءَ لڏ پلاڻ ۾ لڏي، سنڌ ۾ اچي رهيا، ۽ آخر ۾ سکر ۾ مستقل بود باش ٿين. سرڪاري پينشن ملندي هين.

[4] زندگي درگردنم افگنده 'صائب' چاره چيست،

شاد بايد زيستن ناشاد بايد زيستن.

[5] ورڪ تان موٽي، مرحوم سرديءَ ۾ شام جو اچي وهتو. نمونيا ٿيس. 4-5 ڪلاڪن اندر فوت ٿي ويو.

[6] جتي مون جمع جو صيغو استعمال ڪيو آهي، اتي مراد اسان ٻن ڀائرن مان آهي: راشدي صاحب ۽ راقم.

[7] اهو اصطلاح نظر علي خان جي چوڻ مطابق نسلي لحاظ سان افغاني الاصل آهي، يعني نيٽ پناڻڪو. 'شڪر پشم' انهيءَ چوڪر کي چئبو آهي، جنهن کي اڃا ريخ نہ لٿي هجي، بلڪ ڳلن تي ڇڙي ساول هجي، جنهن کي ايراني عاشق 'سبزه خط' چوندا آهن.

[8] شاهہ حسين بايقرا (متوفي 911هـ) سان منسوب ٿيل ڪتاب، جنهن ۾ صوفياءِ ڪرام جي معاشقن جا مزيدار قصا لکيل آهن.

[9] حضرت ابوالمعالي لاهوري (متوفي 1024هـ) جو ننڍڙو رسالو، جنهن ۾ پڻ مجاز جا ڪي قصا ڏنل آهن.

[10] انهيءَ دور ۾ مولانا مرتضيٰ احمد خان ميڪش مرحوم ۽ مرحوم چراغ حسن حسرت پهريون "شهباز" پوءِ "احسان" ڪڍي، جنهن تي بجاءِ ايڊيٽر جي لکندا هئا "مدير"، "سر دبير". "انقلاب" اخبار ۾ هوندو هو "ادارهٔ تحرير". اهي اصطلاح "الهلال" کان پوءِ انهيءَ دور ۾ هنن لاءِ مخصوص ٿي ويا.

[11] 17 مارچ 1961ع جو مولانا پاڻ نقل ڪري ڳڙهي ياسين ۾ مون کي ڏنو.

[12] هيءُ نوجوان انهن ئي سالن ۾ فوت ٿي ويو.

[13] حقيقت ۾ اها سنڌي چوٽي آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي ته ايڏو سچو ۽ سکٽو آهي، جو در تي پهري جي ضرورت ئي کانه اٿس، جو کُٽي رکي. پرين ياڳين جي درن تي چونڪيءَ ڏيڻ لاءِ کتا هوندا آهن. سچا ماڻهو چاجي ڪري کتا پالِن؟ ليڪن امير جان جي ذهن ۾ اها معنيٰ نه هئي. هن جو خيال هو ته ايترو پئسو به کهڙي وٽ ڪونه آهي، جو کتو خريد ڪري سگهي، چاڪاڻ ته وڏماڻهپ جي واحد نشاني اميرجان جي نگاهه ۾ چڙو ڪتي جو هجڻ ۽ پالڻ هو.

[14] روزانه "ستاره سنڌ" 1934ع ۾ سکر مان اسان ٻنهي پائرن ڪيي. 1937ع تائين هلي. 1936ع کان 1937ع تائين هفتيوار هلائيسي.

4

جي تو آدبُ آهہ، تا بَنڌاڻَن بڌِي وڌين،
ڪلَ نہ پيڙءِ ڪاءِ، اُصولي اِسرار جي.
- سچل

ڳالهہ شروع ڪئي هئيسي سکر جي مشاعري جي، جنهن ۾ نظر علي خان جون بہ نالو اچي ويو ۽ بہ چار ڳالهيون ان جون ذهن تي تري آيون، جيڪي ڪري ورتيونسي. جنهن صورت ۾ ذڪر مشاعري جو آهي، تنهنڪري اِن کي 'رعايت لفظي' سمجهڻ گهرجي.
مشاعري جي مقرر ڪيل تاريخ اچي وئي. سنڌ مان ڪيترن شاعرن پنهنجا غزل ٽپال رستي ڏياري موڪليا. سکر، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي جي شاعرن مان ڪيترا پنهنجي سر هلي اچي مشاعري ۾ شريڪ ٿيا- خادم، فقير، نياز، سرور، ضامن، جوش ۽ بيا ڪيترا نوان پراڻا سخن سنج. سکر جي تاريخ ۾ اهو پهريون مشاعرو هو. ٽائون هال اندر باهر صفا پرجي ويو. پير رکڻ جيتري جاءِ بہ ڪانہ رهي. شهر جا سيئي معزز، ميونسپل ڪائونسلر، سرڪاري ڪامورا، ۽ ڪي ٻڌڻ جا شوقين تہ جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي کان بہ اچي پهتا. ڪن ذاتي دوستن کي شاعر بہ پاڻ سان ورتيون آيا هئا. مطلب تہ ايترو انبوهہ، جو اسان کي قطعي ان جو وهم گمان ڪونہ هو. هال جون سيئي دريون کوليون ويون، تاڪ وراندي ۾ وينل ماڻهو بہ ٻڌي سگهن. لائوڊ اسپيڪرن جو رواج ڪونہ هو، تنهنڪري پڙهندڙن کي پنهنجي آواز وڌائڻ لاءِ نڙيءَ ۽ ڦڦڙن تي پاڙڻو پوندو هو. بهرحال هرڪو منجهانئن مستفيد اهڙيءَ طرح ئي ٿيندو هو، جهڙيءَ ريت هاڻي لائوڊاسپيڪر ذريعي پيا ٿين.
سکر جي بزرگن لاءِ هي پهريون موقعو هو، جو مشاعرو ڏسي رهيا هئا. اڇيون سونهاريون ٽي ويون هين، ليڪن راڳيندڙن کان سواءِ شاعر جو ڪلام خود شاعر جي وات مان ڪڍهن ڪونہ ٻڌو هيائون. کين پڻ انهيءَ ڳالهہ جو اچرج هو.

صدارت جي ڪرسي محمد اسحاق سٽي ماجسٽريٽ والاري هئي. مشاعري جي مقبوليت جو اهو وڏو ثبوت هو، جو ڪرم علي شاهه سائينءَ جهڙي عادتي صدر پهريون دفعو غير جي صدارت ۾ ويهڻ قبول ڪيو، ورنه ڪنهن کي مجال جو سائين به هجي ۽ صدر ڪو ٻيو ٿي وڃي! نه فقط اهو يزيد ۽ شمر جي اولاد ۾ اچي ويندو، بلڪ سڄو جلسوئي سندس يادداشت ۾ ڪوفِن جي قطار ۾ لڪجي ويندو. سڪر جي "انجمن اسلام" جو هڪ دفعي غلطيءَ سبب ميان پيربخش صدر چونڊجي ويو، تہ سائين يڪدم ان مان استعفيٰ ڏئي "انجمن" جي 'ن' کي زير اضافت ڏئي، "انجمنِ اسلام" تيار ڪري، ان جو صدر بنجي ويهي رهيو! پاڻ مرحوم انجمن جي نالي ۾ زير اضافت جي بجاءِ 'ي' لکندو هو، يعني "انجمني اسلام"، جنهن کي ڏسي سندس مخالفن مشهور ڪيو هو تہ سائين ڪرم علي شاهه واري 'انجمني' درحقيقت ميان پيربخش جي 'انجمن' جي گهرواري آهي. سائين ڪيترا ڏينهن سخت ڪاوڙيو رهيو، جنهن بعد ئي 'ي' ڪڍي، زير اضافت آندي وئي!

مشاعري جا آداب ڪهڙا ٿيندا آهن، دستور ڇا ٿين ٿا، مشاعرو ڇاکي چئبو آهي، سڪر جي معززين کي ان جي ذرو ٻيٺ ڪانہ هئي، البت ريلوي گوديءَ جا چند مکيہ ملازم سڪر براج جاکي سروير ۽ انجنير، يا لاڙڪاڻي وارا اسان جا دوست چندان واقف هئا. باقي ٻين سين لاءِ سڄو ٽڪساڙ بلڪل نئون هو. حيرت ۾ هئا تہ ڇا ٿيڻ وارو آهي!

"سبحان الله! اَجي سبحان الله!"

"واهه واهه ڪيا ڪهنا جناب!"

"ارشاد، حضور ارشاد!"

"اجي مڪرر فرمائي! سبحان الله!"

"والله ڪيا زبان هي!"

"ڪيا تخيل هي!"

"ڪيا مصرع ڪهاهي، والله جان ڏال دي!"

"ڪيا اُٺان هي، سبحان الله! سبحان الله!"

”اجي وه واهہ! وه واهہ!“
”ڪيا ڪهنا ،ڪيا ڪهنا!“
”غضب ڪرديا!“
”حضور يہ شعر قر عنايت هو!“
”سبحان الله! سبحان الله!“
”اجي مصرع ڪي تيور تو ديکهئي!“
”آسمان پر پهنچاديا!“
”اجي ڪيا ڪهنا!“
”غضب ڏا دياهي ، غضب!“

انهيءَ هڙبونگ مان پلا سکر جا پلارا چا چاڻن. سيئي پريا مڙس، سپ سنجيدا، مانيٽا، باوقار ۽ وضعدار، وڏي مان ۽ سومان سان ڪرسين تي ڦٽ ڪڍيون وينا هئا. جڏهن ڪو شعر سمجهہ ۾ آين ٿي، يا ”واهہ واهہ“ جو شور ٿيو ٿي، تہ هنن جي چهري تي ان وقت چڙو مشڪ نمودار ٿِي ٿي، گويا اهو سندن پسنديدگيءَ جو گهٽي ۾ گهٽو اظهار بہ هو ۽ ساڳئي وقت اردو بازن جي انهيءَ هلڙبازيءَ تي طنز بہ. ڪيڏو نہ سهڻو، سنجيدو ۽ شريفاڻو اهو اظهار هو! انهن کان هڻَ مٿي ڪٽي ”واهہ واهہ“ ڪرڻ، يا ڪرسيءَ تان اٿي اٿي ”مڪرر! مڪرر!“ پڪارڻ نہ پڳو ٿي، نہ هنن اُن کي آداب مجلس يا جلسي جي احترام جو سبب سمجهو ٿي. هاءِ! هاءِ! ڪيترا نہ موچارا ماڻهو ۽ ڪيڏا نہ شاندار شخص هئا! وقار ۽ عظمت جا پيڪر، متانت ۽ سنجيدگيءَ جا مجسما. هرهڪ پنهنجي جاءِ تي جڙ شانَ، مانَ، عزت ۽ آبروءَ ۽ خودييءَ ۽ خودداريءَ جو ٿَڪَرُ پئي معلوم ٿيو!

* * *

سائين ڪرم علي شاهہ- بوسڪيءَ جي سائي پڳ، جيڪا سنڌ ۾ سيدن جي نشاني آهي، چينا سلڪ جو گلي بند ڪوٽ، ويسٽ ايندڙ واچ ڪمپنيءَ جي نهيل سني ۽ قيمتي گهڙي ڪيسي ۾، جنهن جي زنجيري ڪوٽ جي بٽن ۾ پيل ۽ انهيءَ جاءِ تان منجهس قطب نما پيو لڙڪندو، ڪوٽ اگرچہ گلي بند ،ليڪن شيرواني نمونو نہ- اِهي شيرواني انهيءَ زماني ۾ اسان وٽ رائج ڪونہ هئا، اهي

فقط انهن ميراثن يا طبلچن جي بت تي ڏسبا هئا، جيڪي پنجاب يا لاهور مان پنهنجا طائفا وٺي، زميندارن جي وهائوَن وڏاڻن تي ايندا هئا! هتي اسان وٽ اصل پوشاڪ ۾ ته ڪشادو وڏو پيراهن، ۽ ان جي هيٺان اڇي محمودئ جي صدري، جنهن ۾ ڪيسا، پيراهن مٿان ڪلهن تي چادر يا لنگي، سياري ۾ زريءَ پريل پانهن سان سرج، بخمل يا بانات جون صدريون. پوءِ جڏهن انگريز آيا، ته شارٽ ڪوٽ جو رواج ٿيو. جڏهن ترڪن سان خلافت سبب محبت وڌي، ته اهو ڪوٽ استعمال ۾ آيو، جنهن کي سلطان پهريندا هئا يا "شير پلونا" عثمان پاشا کي پيل هوندو هو. انهيءَ جو نالو ئي 'ٽرڪش ڪوٽ' هو. ڪالر ڪليل، پٽيان چاڪ ۽ چيلهه تي پٽيان پٽي. انهيءَ ۾ اڇتي هلي، ٿوري ڦيرڦار ڪري، سنڌ جي مسلمانن گلي بند ڪوٽ ٺهرايو، جيڪو هر خاندان ۽ شريف جڏهن ٻاهر نڪرندو ته پائي هلندو هو. اهڙو ئي ڪوٽ سائينءَ کي به هوندو هو. وڏو ڳاڙهو رومال، چُرَ تي- ڪڏهن هٿ ۾ ڪڏهن ڪلهي تي، ان جي هڪ ڪنڊ ۾ سون جي ڏند ڪوٽي ۽ ڪن ڪوٽي ٻڌل. وار ٻٽوان، شڪل نوراني، سنهاري سفيد- جهڙو فرشتو پيو لڳي! هالن جو جنديءَ لٽل وڏو هاسو (عصا) هٿ ۾! پر خاص موقعن کان سواءِ هميشه هٿين خالي. شرفائن جو دستور اهوئي هو. لڪ ڪٽ ڪسر شان ۽ وضع داريءَ جي خلاف سمجهندا هئا. لڪ فقط پوليس وارا ڪٽندا هئا يا اهي جن کي شرفا ٽَروُ سڏيندا هئا. مجلس ۾، عيدن تي، وڏي ننڍي ڏينهن، محفلن ۽ جلسن ۾ هميشه هاسو [1] هٿ ۾. چنانچه سکر ۾ ڊپٽي پيربخش مرحوم ۽ سائينءَ جو هاسو ايترو ئي مشهور هو، جيترو معصوم شاهه جو منارو. عبدالغفار پيرزادو- ننڍي فرينچ ڪٽ سنهاري، ترڪي ٽوپي، بٽرفلاءِ ڪالر تي ٽائي، ڪوٽ سوٽ. بٽرفلاءِ ڪالر انهيءَ زماني ۾ گهٽو ڪري هاءِ ڪورٽ جا وڪيل استعمال ڪندا هئا. آخر ۾ ان جو استعمال فقط، خدا وڏي ڄمار ڏئيس، اسان جي آءِ. آءِ. قاضيءَ تائين محدود رهيو. خان عبدالحميد خان، مسٽر محمد ابراهيم سيلاٽو، ۽ سيٺ محمد اسماعيل ميونسپل ڪائونسلر - خوجن جي پاڙي جو بزرگ صفت معزز، ترڪي ٽوپي، سوني فريم سان چشمو، رنگ جو پڪو،

ڏاڙهي صاف، مڇن جي سنت ورتل، هيٺ تي پجامو، بت تي قميص ۽ شارٽ ڪوٽ، جنهن ۾ سوني زنجيريءَ سان واڇ.
احمد علي خان عليگ، ترڪي ٽوپي، سٽ قميص، شارٽ ڪوٽ، لڏ مڙس پيو لڳندو. سٽ جا ور چٽيل. هلندو ته جٽ مور پيو معلوم ٿيندو. سٽ ڏاڍي نهندي هيس.
غلام نبي خان بروهي، شڪل صورت جو به جنسي بروهي، سفيد ۽ ڳاڙهو، جنسي ڪٿول - خوبصورت چهرو، ننڍڙيون سهٽيون مڇان، مٿي تي ڪُلي مٿان پشوري لنگي ڏاڍي سهڻي نموني ٻڌل، سٽ قميص، شارٽ ڪوٽ، لٽا هميشه سنا ۽ صاف. ڪلندو ته سندس موتين جهڙا اڇا ڏند، سندس دل جي صفائيءَ تي پيا گواهي ڏيندا.
غلام نبيءَ جو نالو اڇي ويو، ته سندس وڏي پاڻ ۽ منهنجي محبوب دوست ۽ سنڌ جي مشهور مضمون نويس ۽ مصنف خان رحيمداد خان يعني حضرت مولائي شيدائيءَ ڏي وڃي خيال پيو ۽ يڪدم سندس مضمون اڇي اکين اڳيان بينا، جن جي خاص خصوصيت فقط اها هوندي آهي، جو عنوان مضمون کان جدا ۽ مضمون بيتن کان علحدو هوندو آهي! سندس مضمون جا اهي ٽي اجزاءِ ترڪيبي هڪبئي کان ايترو دور ۽ غير متعلق هوندا آهن، جيترو ڪيترن سالن کان مولائي ۽ مان، يعني مان ڪراچيءَ ۾ ۽ هو سکر ۾، وچ ۾ ٽن سؤميلن جو مفاصلو.

* * *

سکر اسٽيشن جي سامهون ڪبي هٽ تي نگاهه ڪبي، ته ٽڪر جي اُتاهون سکر جو عيدگاهه نظر ايندو. انهيءَ جي پاڇي ۾ ۽ سردار محمد علي جان [2] جي ڪوٽ سان لڳو لڳ، بروهِن جو هڪ خاندان رهندو هو. نهايت شريف، معزز ۽ محترم. حاجي شير محمد خان گاردِ اسان جي زماني ۾ زندهه هو. رٽائر به اسان جي اڳيان ڪيائين، حج به اسان جي وقت ۾ ڪيائين ۽ فوت به اسان جي هوندي ٿيو. نهايت نيڪ ۽ پرهيزگار شخص. انهيءَ جو پٽ علي بخش گارد، وجيهه ۽ والد وانگر نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت. اڃا به حال حيات آهي. انهيءَ جو پاٽيجو

آهي اسان جو مولائي شيدائي. ڏاڍو مزيدار ماڻهو، ڏاڍو دلچسپ ۽ بيحد دلپسند شخص. جڏهن اسان جي شناسائي ٿي، ان وقت سندس جوانيءَ تي چوڏهينءَ جو چنڊ اپريل هو. مضبوط، صحتمند ۽ نهايت سرخ سفيد. ملازمت اهائي ماماڻن واري، يعني ريلوي گارڊ. گهر ۾ هوندو ته بہ سڄو وقت کل ۽ خوشي، ۽ جي ريل ۾ هوندو تڏهن بہ نچندو ڪڏندو، بابڻ سان چرچا، پئسينجرن سان لطيفا ۽ ڪُولين سان پوڳ ڪندو، ٽڙا ٽڪاءَ هڻندو، هتان کوٽڙيءَ ۽ کوٽڙيءَ کان سکر جو پنڊ ائين کل خوشيءَ ۾ ڪاڙي ايندو، جڙ ڪنهن وهانوَ تي ويو هو! مطلب ته سندس ننهن چوڙي جوان هئي ۽ جوانيءَ جي رڳ رڳ ۾ موج ۽ مستي هئي. ڏک، غم، رنج ۽ فڪر نہ خدا ڏيکاريو هيس ۽ نہ سندس طبيعت ئي اهڙي هئي، جو انهن جو تاثر قبول ڪري. مون کي ياد آهي، سندس والد وفات ڪئي، انهيءَ زماني ۾ اسان روزانو شام جو سئنيما تي ويندا هئاسي، انهيءَ ڏينهن بہ پروگرام هو، ليڪن اوچتو صبح جو پرئي مڙس رحلت ڪئي! ڪفن دفن کان پوءِ جڏهن شام جو پٽر تي وينا هئاسي، تڏهن سُري اچي ڪن ۾ چيائين:

”بابو ته ويو الله ڏي!...

”وري ته موٽندو ڪونہ!...

”توڙي اسان گلم تي وينا رهون، توڙي اسان امپيريل سئنيما جي ڪرسين تي هلي ويهون! ڳالهہ مڙئي ساڳي آهي!“

”اڙي هي مهمان ڇا چوندا؟ تنهنجا عزيز ڇا چوندا؟ مون کي شرم ٿو اچي!“ ڪيل جو وقت ٿيو، ته زوريءِ گهلي هليو. ٻئي ڏينهن غلام نبيءَ ڪلي چيو:

”ڏسين ٿو مولائيءَ جا ڪم!“

”اڙي، بابي جي پٽر ڪرڻ لاءِ تون ئي ڪافي آهين.“ مولائيءَ رڙ ڪري چيو، ۽ پاڪر پائيندي، مون کي چيائين:

”اڄ بہ هلنداسي!“

”هائو، اڄ بہ هلنداسي!“

ڏک ڏاڪڙا ڪونہ، ڪلهن تي نہ بوجهو نہ بار، زمانو سنو، سڀ سهولتون ۽ سهنج، تڏهن ته ايڏيون الغرضايون هيون، جو پيءُ مري ته بہ پرواهہ ڪانہ. ڏينهن چرچي

پوڳ ۾، سانجهيون سيرن ۾ يا سئنيمائن ۾، ۽ راتيون رنگ محلن جي وچ ۾. سگريٽن لاءِ ڪاغذ ۽ ڪئپسٽن جي تماڪ جو ٽين خريد ڪري ناهيندو پاڻ هو. چوندو هو ته جڏهن بازار ۾ ڪئپسٽن تماڪ ملڻ بند ٿي ويو، تڏهن سمجهبو ته انگريز موڪلايو! آخر جنگ لڳي، مال اچڻ ۾ دقتون پيدا ٿيون، جنهنڪري ڪيتريون شيون بازار مان غائب ٿي ويون، جن مان ڪئپسٽن تماڪ به هو. مولائي هم ڪئي نه تم، يڪدم ريلوي جي جنرل مئنيجر کي تار ڪيائين، جنهن جو مطلب اهو هو ته- انگريز لڙائيءَ ۾ ختم ٿي ويو ٿو ڏسجي، سندس شڪست جا آثار ظاهر ٿي چڪا آهن، ڪئپسٽن جو تماڪ بازار مان ختم ٿي چڪو! جنرل مئنيجر انگريز ۽ انگريز جنگ جي معاملي ۾ ڏاڍو ڪچو پريل ڦٽُ، هيڏانهن ريلوي ملازم، ۽ اها تار! ڪن به ڳاڙها ٿي ويس. حضرت مولائي شيدائي فوراً سسپيندِ. ان کان پوءِ چارج شيٽ ۽ ان کان پوءِ ڊسمس- مابخير شما بسلام. اهڙيءَ طرح چرچن ڪندي نوڪري وڃائي ويهي رهيو[3].

اسان جي پاڻ ۾ جڏهن ملاقات ٿي، ان وقت مضمون نويس نه بلڪ ڪتاب بين ۽ اخباربين هو، تاريخ ۽ ادب سان دلي دوستي هيس. اسان جو ڪو مضمون وٽندو هيس، ته جيئن ريل تان لهندو تيئن نه چارج ڏيڻ، نه ڊريس لاهڻ، نه گهر وڃڻ، ستو جهنڊيون لوڏيندو، سيٽي سيني تي لڙڪائيندو، انهن ئي ڪپڙن ۾ اچي پريس ۾ پهچندو. به - ٽي ياڪر پائي، منيون ڏئي، ٽي - چار ٽهڪ ڏئي، پوءِ پيو گهر ويندو. 1934ع ۾ جڏهن اسان "ستاره سنڌ" ڪڍي، تڏهن مولائيءَ کي مان قاضي صائد اندليسيءَ جو "طبقات الامم" (اردو ترجمو، قاضي اختر مرحوم) سنڌي ترجمي لاءِ ڏنو. سندس ترجمي جون ٽي - چار قسطون "ستاره سنڌ" ۾ شايع به ٿيون، ليڪن اهو سلسلو جلد بند ٿي ويو. جيتري قدر مون کي ياد آهي، مولائيءَ جو اهو پهريون نوشتو هو. ان کان پوءِ آهستي آهستي تاريخ جي مختلف عنوانن تي هن مضمون لکڻ شروع ڪيا ۽ آخر ۾ اسان جي هوندي ئي هن پنهنجو پهريون ڪتاب 'تاريخ بلوچستان' ڇپايو.

سالن پڄاڻان ڪجھ سال ٿيا تہ ڪيس سکر وڃي مليس. مرجهايل، ڪومايل، رنگ ڦڪو، صحت ۾ ڪمزور، اها توانائي ۽ تندرستي ئي ڪانہ جنهن جي آڌار ۽ آسري تي سکر جي انڌيرِي راتين ۾ رنگ پرجي ويندا هئا!

"مولائي، هي ڇا؟"

"بس حسام الدين زمانو آهي!"

اولاد فوت ٿي وئي، گهر واري پوڙهي ٿي چڪي، دائم المريض، قوت گذر ۾ ڪشادگي ڪانہ، سڃو سکر ويران، سڃو محلو غيرآباد، ٽڪر جي بلنديءَ تي هڪ ڪنڊ ۾ ننڍڙي ڪاڙهي جاءِ، ان جي جنهن ڪونيءَ جودروازو سڙڪ ڏي ڪڍلي ٿو، ان ۾ هڪ ڪٽ ۽ هڪ ڪتابن سان ڀريل ڪٻاٽ، بت اڳهاڙو، اڇا ليڪِر پنا رکيو، استيل کي ڪاريءَ مس مان ٻوڙيو، وينو صبح کان سانجهيءَ تائين مولائي شيدائي قلم هلائيندو- متعلق غير متعلق موضوعن تي، دلچسپ ۽ غير دلچسپ عنوانن تي، بلوچ کان خاصخيليءَ تائين، سنڌ کان مراکش تائين، مصر کان ايران تائين، هندستان کان جاپان تائين- پيو قلم جا گهوڙا ڊوڙائي ۽ مضمون لکي- جنهن جي مضمونن جي سؤ سيڪڙو خاص خصوصيت هيءَ آهي تہ عنوان هڪ تہ مضمون منجهن مرڪوئي ٻيو. شاهہ جا بيت پنج هجن يا پندرهن، انهن مان هڪ جو بہ ربط نہ عنوان سان نہ نفس مضمون يا ان جي ڪنهن گوشي سان- الله ڪيس ايڏي عمر ڏئي، جو مان ڪيس هزارين دفعا ڏسان ۽ ساٺس ڀِراٽيون پائي ڳالهايان![4]

* * *

قصو ٿي ڪيوسي انهن بزرگن جو، جيڪي ڦٽ ڪڍيو مشاعري ۾ وينا هئا. وچ ۾ مولائيءَ جو مذڪور بہ موقعو هٿ لڳو تہ ڪري ورتوسي.

ڊاڪٽر محمد يامين- خالق جڏهن سندس خمير تيار ٿي ڪيو، تڏهن اخلاص ۽ محبت جي جنس جيڪا بہ وٽس موجود هئي، ان کي هِن تي استعمال ڪري ڇڏيائين. باقي جيڪو اگر تگر يا جيڪا مير سير بچيل هئي سا ٻِئي هِن هُن جي خمير ۾ ڪتب آئي. انهيءَ ڪري ئي تہ ڊاڪٽر صاحب سراپا اخلاص ۽ محبت هو، سڃو سچ، سارو سون. دوستي تڪي توري نہ ڪندو هو ۽ نہ وري ڪنهن

مقصد يا معاملي کي پيش نظر رکي پريت ڳنڍيندو. بس، دوستي ٿي، وري ان ۾ قيرقند نه ٿيندو نه ايندو. ڏاڍو معصوم ۽ محبوب. ڪم سوال ۽ ڪم گو. حد درجي جو خوددار ۽ نيڪ ڪردار. هو ٻاهريون، پر پنهنجن کان به ٻه قدم اڳتي. سڄي زندگي سکر ۾ گذريس. دندان سازي، "دعوت اسلام"[5]، اسلامي جلسا، قومي تحريڪون، ميونسپل معاملا ۽ شهر جا مسئلا- هر حال ۾ هر هنڌ ترڪي ٽوپي، شارٽ ڪوٽ ۽ پجامي ۾ موجود. پنهنجو مقصد ڪوبه ڪونه، محض خدمت خلق جي خاطر، اسلام جي خاطر ۽ ذاتي دوستن جي خاطر. اسان سان محبت ٿيس. بلاناغي هر شام جو ايندو، لڙيءَ سومهياڻيءَ تائين وينو هوندو. جيڪو ڪم شروع ڪبو، ان جي حسن قبح کي ڪونه جاچيندو، اڻ پچو وچ ۾. دوستن تي ايڏو اعتبار ۽ اعتماد! اسان جي هن مشاعري جو به مڪيه ڪارڪن پاڻ بڻيو هو. اسان فقط پولي جي پڇ کي ٻاهه ڏني هئي، ٻيا سڄا مٿا ڪٿا ڊاڪٽر پاڻ ٿي ڏنا. جڏهن مشاعرو ڪامياب ٿي ويو، تڏهن چڙيءَ شابس جي به خواهش ڪانه. بس هش ۾ خوش، دوست راضي رهن، هن جي لاءِ جڙ سيڪجهه ٿي ويو. هاڻي ته غريب پوڙهو ٿي ويو هوندو. ڪيترا سال ٿي ويا ڪيس ڏني! اهي ڏينهن اهي شينهن، وري ميلو ئي ڪٿي ڪونه ٿيو![6]

عبدالرحيم ڪرل، نئون نئون وڪيل، آغا حسن عليءَ جي بساط جو مڪيو مهرو ۽ اسان جو منو دوست[7]. ڊڪ جي پينٽ، سلڪ جو ڪوٽ، مٿو اگهاڙو، ائين لوڏ ڪندو ايندو جڙ ڪو وڏو موالي ميخاني مان پيالا پيون پُر ٿيو پيو اچي. اڄ ته توبهه به ڪئي اٽائين ۽ مٺ ڪان وڌيڪ ڏاڙهي به اٽس، مڃن جي سنت به ورتل اٽس، انهن ڏينهن ۾ نه فقط ڏاڙهي ڇڏ بلڪ هر شيءِ هيڻ مٽي هئي. آفيس "سنڌي" اخبار جي پر ۾ رهائش اسماعيل جي احاطي ۾ هڪ بالاخاني تي- آفيس ۾ گهر ۾، اصيلن ڪان گهٽا دوست ويهاريون وينو هوندو هو.

عبدالحميد مرزا، اسان جي سنگت جو وڏي ۾ وڏو رڪن، يارن جو يار، دوستن جو دوست، هر وقت خوشدل، مرزا چئي ڪٽي بس ڪر! ڪڏهن چڪو چاڙهيندو ته جهٽ اکيون ڳاڙهيون ٿي ويندیس ۽ وينو روئندو، گناهن کان وينو توبهه ڪندو، الله جي خوف کان وينو ڏڪندو. خمار لٽو، ته جڙ ماٺهن جهڙو ماٺهو، نه

اکين ۾ لڙڪ، نہ توبهہ، نہ خوفِ خدا! بجلي گهر واري انجنيئر مسٽر ايراني‌ءَ جو اسسٽنٽ، رنگ جو پڪو سانورو، نڪ نقشي جو بيحد خوبصورت، خاص طرح اکيون غضب جون. سفيد ڊڪ جي پينٽ، سفيد ٽُوِل جي قميص، ان تي هلڪي ميٽائين يا گيڙو رنگ جو ڪوٽ، ترڪي ٽوپي بنا ٽاٽ جي. سڄي ڄمار هڪ ڪٽ ۽ هڪ وضع جي پوشاڪ ۾ ڏٺو ويو. ڪڏهن رنگين لٽو يا شوخ رنگ پسند ڪونہ آيس، ليڪن پنهنجي سر مزاج جو نهايت رنگين ۽ طبعيت جو ڏاڍو شوخ. موٽر سائيڪل هينان، اکين تي اُس جي عينڪ، چروٽ وات ۾- هر هيڏانهن پيو ايندو، هر هوڏانهن پيو ويندو. سڄو ڏينهن متحرڪ، جهَٽُ لڳندس تہ اڇي چار چونڪ ڳالهين جا ڪري ويندو. سنگت جي حَقي ناحقي ڪمن جو مهندار، پوءِ ڪم ڪهڙا بہ هجن ڏينهن جا هجن خواه راتين جا، مرزا صاحب موجود. مشاعري ۾ بہ سين کان اڳ ۾ موجود. ائين وينو هوندو، جڙ شاعر جيڪي پڙهي رهيا آهن، سو درحقيقت ناهيل سندس هو ۽ شاعرن فقط سرقو ڪيو آهي!

محمد يعقوب صديقي، براج ۾ هيڊ ڪلارڪ، اصل شڪارپور جو، ليڪن ملازمت سبب رهيو هميشہ ٻاهر. سال ٽيا ڏٺي. خبر نہ آهي تہ جيئرو آهي يا اهو بہ راهہ رباني وٺي ويو! سنگت جو مڪڙ، دل جو نيڪ. سکر ۾ جيڪا اسان جي مخصوص سنگت هئي، ان جا چار رڪن هئا، مرزا، يعقوب، قدرت الله، ۽ ڊاڪٽر محمدالدين. ڊاڪٽر يامين کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. قدرت الله وجيهہ جوان، هو رينج فاريسٽ آفيسر، ليڪن مٽو لکن تي گسندو هيس. محمد الدين ريلوي اسپتال جو انچارج هو، سڄي سنگت جو دوا درمل مٽس، ان ۾ اهڙو مستعد جڙ زرخريدو ٻانهو، هر وقت ٽيلهو هٽ ۾، ۽ اسٽيٽسڪوپ ڳچيءَ ۾، "السلام عليڪم"! جيسين بيمار چاڪ نہ ٽيندو، تيسين جڙ پاڻ بيمار هوندو. محمد يعقوب کي بہ ڇڪي جي چسڪي هئي، ان جو بہ اهڙوئي حال ٽيندو هو، جهڙو مرزا جو، ايترو خدا جو ڈَرُ جو وضوءَ تائين بہ ڪونہ ترسندو، ائين ئي الله اڪبر ڪري نماز ۾ بيهي ويندو! مرزا جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي پاڻ بہ روئي ويهندو. ڪڏهن ڪڏهن رقت زور ونندي هين، تہ هڪٻئي کي ڳراٽيون وجهي،

پاڻ ۾ ويهي پار ڪيندا هئا. مشاعري ۾ اِها سڄي سنگت موجود، بلڪ سڄي قمام کي جڏ مٿي ڏيندڙ ئي اُهي هئا.

قاضي محمد سومر- سکر جو عجيب و غريب ماڻهو، پنهنجي ڪردار جو واحد نمونو، وڏو تجربيڪار، عقل جو افلاطون، سرد گرم چشيده بلڪ گرگ باران ديده، دماغ ۽ اکيون هر وقت متحرڪ، ذهن ۾ سؤ سال آئنده جي سوچ، اکين جي نگاهه سؤ ڪوهه تائين پئي مستقبل ڏسندي. زبان ڳالهائڻ ۾ مصروف هوندَس، ليڪن اکيون ايڪسري وانگر پيون اندر جي جاچا لهنديون! ماڻهو وک ڪٽندو، قاضي محمد سومر پرکي وڃندو تہ ڪهڙي پاٽيءَ ۾ آهي. اهوئي ڪارڻ هو، جو سڄيءَ زندگيءَ ۾ ڪيس ڪنهن بہ ڏوکو ڪونہ ڏنو، ساڻس ڪوبہ چالاڪي ڪري ڪونہ سگهيو، پوءِ هو سياسي ليدر هجي چاهي قومي ورڪر يا ڪو ڪامورو. اڇا وار، اڇيون مڇون ليڪن قينچيءَ سان ڪتريل، سونهاري صفا، بنا ٽاٽ واري نرم ترڪي ٽوپي مٿي تي، لڪڻ هميشہ هٿ ۾. سياري ۾ هڪ قديمي مشهدي لنگي، ۽ مفلر ڳچيءَ ۾. پنهنجي پاڙي جو مڪ بلڪ سڄي سکر جو ايڏو ضروري فرد، جو تيسين ڪوبہ ڪم سُڌَڙ نہ ويهندو، جيسين قاضي صاحب وچ ۾ نہ ايندو. جيسين جيئرو رهيو، تيسين ڪيس ميونسپل اليڪشن ۾ ڪوبہ ڪيرائي ڪونہ سگهيو. سول ڪورٽ، سيشن ڪورٽ، سٽي ڪورٽ، ميونسپل آفيس، اهي سندس جو لانگاهه هيون. سندس سموريءَ زندگيءَ جي وسيع تجربن جو نچوڙ هيءُ مقولو هو: "بابا! شل هِنَ هٿ جو ڪم هِن هٿ ۾ نہ پوي!" انڊين پينل ڪوڊ، ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ، ۽ سول لا جو ياد حافظ، ايتري مهارت، جڏ ناهيائي پاڻ هئائين! صلاح اهڙي ڏيندو، جو مرليڏر [8] جو بہ مٿو پيچي ڇڏيندو. انگريزن جي مخالف جيڪا بہ تحريڪ، جنهن ۾ جيل وڃڻ جو جوکو نہ هوندو، ان ۾ سين کان اڳ ۾ اچي شريڪ ٿيندو. اخبار پڙهندو هو، اهڙيءَ طرح جڏ قرآن جو دور ٿو ڪري، سُرَ سان ۽ جهوٽي جهوٽي! شعر شاعريءَ سان اصل واسطو وجهہ ڪونہ، نہ وري ڪا پروڙئي هيس. پر مشاعري ۾ اهڙيءَ طرح ڪاني ڪيون وينو هو، جڏ اهو سڄو سلسلو سندس سهاري هيٺ بلڪ سندس ئي اعزاز ۾ ٿي رهيو آهي.

ميان عبدالله شيخ شينهن وارو[9] قد جو بندرو، خضاب لڳل سنهاري، متي تي پشوري لنگي اڇيءَ ٽوپيءَ مٿان ڏاڍي وٽندڙ نموني جي ٻڌل. پري کان ايندو، پانئبو تہ جڙ باغ ۾ پيو ٽلي، يا ڪو گهوٽ پيو اچي! آهستي آهستي، قدم قدم، وک وک. ميونسپل ڪائونسلر ۽ شهر جو مکيو ماڻهو، طبيعت جو ڏاڍو سٻاجهو ۽ بيحد خوددار ۽ عزت پسند. اتي هرگز قدم نہ رکندو، جتي سندس سبکي ٿيڻ جو احتمال ۽ امڪان هوندو. سائين ڪرم علي شاهہ ۽ ميان صاحب اهڙا دشمن جهڙا چاندڀا- مگسي، جتي هڪ هوندو اتي ٻيو پير نہ پائيندو، پر مشاعري ۾ ٻئي موجود! انهيءَ کان وڌيڪ مشاعري جي ٻي ڪهڙي ڪاميابي ٿيندي!

* * *

ميان عبدالله ۽ سائين ڪرم علي شاهہ جو بيان ڪندي، چاندين مگسِين واري مشهور چوٽي سامهُنهن اچي وئي. ضرورت آهي تہ ان تي ٿوري روشني وجهي، پوءِ اڳتي وک وڌائجي.

چاندڀا ۽ مگسي سنڌي بلوچن جا ٻہ وڏا قبيلا آهن. چاندين جو سردار نواب غيبي خان هو ۽ مگسِين جو سردار نواب قيصر خان مگسي هو، جنهن جو هڪ فرزند گل محمد خان "زيب" فارسيءَ جو صاحب ديوان شاعر ٿي گذريو آهي ۽ ٻيو فرزند مير يوسف علي مگسي مرحوم بلوچي تحريڪ جو رهنما هو، جنهن ڪوئٽا جي زلزلي ۾ شهادت پاتي. چاندين جي نواب جو وٽاڻ قنبر ڏويزن ۾ ديري غيبي خان ۾ آهي ۽ مگسين جو مرڪز شهداد ڪوٽ جي مٿان جهل جو شهر آهي.

ويهين صديءَ جي پهرين چئن پنجن سالن ۾ ٻنهي قومن جي ماڻهن جو پاڻ ۾ تڪرار ٿي پيو. تڪرار وڌندي وڌندي، فردن مان وڌي وڃي قبيلي تائين پهتو، جنهن ۾ ٻنهي قومن جا سردار ٻہ شامل ٿي ويا. ٻنهي طرفن جا سوين خون ٿيا. آخر 1919ع ۾ لاڙڪاڻي جي ڪليڪٽر N. H. HAY سرحد تي منزل ڪري، صورتحال کي وڃي جاچيو. ان کان پوءِ سندس دفتردار شيخ غلام محمد شڪارپوريءَ تڪرارن جا سمورا جزئيات گڏ ڪيا. جنهن کان پوءِ ٻنهي سردارن مشير چونڊيا، جن کي ڪليڪٽر گڏ ڪري فيصلو ڪرايو. هڪ طرف جو مشير

هو نواب سر سردار بهرام خان مزاري رونجهاڻ وارو ۽ ٻئي طرف جو مشير ٿيو نواب مير اعظم جان، جيڪو ان وقت قلات استيٽ کان ٻاهر نڪتل هو ۽ پوءِ پيءُ جي مرڻ بعد تخت نشين ٿيو، جنهن جو پٽ نواب احمد يار خان قلات جو موجوده نواب آهي[10].

مشيرن جي فيصلي مطابق ڏوهه مگسن ڏانهن ٿيو ۽ چانديا بيگناهه ثابت ٿيا. حڪومت انهيءَ ڏوهه ۾ قيصر خان مگسيءَ کي سرداريءَ تان لاهي، سندس پٽ گل محمد کي ويهاريو ۽ کيس ملتان ۾ زندگيءَ تائين نظربند ڪري ڇڏيائون. انهيءَ تڪرار تي بلوچڪيءَ ۾ ٻه ڪيترا نظم عوامي شاعرن چيا، جنهن منجهان مون کي سنڌي زبان ۾ ڪنهن سنڌي شاعر جي چيل نظم پراڻن دفترن کوٽيندي ملي آهي، جنهن ۾ مگسن جي گلا ۽ چاندين جي تعريف ٿيل آهي. چند شعر نموني لاءِ ڏجن ٿا.

چاندين - مگسن جو تڪرار

1- صاحب رب سميع ستار، سيد مڙني جو مهندار، جنهن جا آهن چارئي يار،
پنجتنن تي آهِ پيار- ٻڌ چاندئي- مگسيءَ جو تڪرار!

2- غيبي خان نواب امير، صاحب رکيس خوش سرير، داتا آهي دلپذير،
قائم رهندو قربدار- ٻڌ چاندئي، مگسيءَ جو تڪرار!

3- سنڌ بلوچن جو سردار، نالي نرمل ٿيو نروار، مرسل سندس مددگار،
سيد لهندو ان جي سار- ٻڌ چاندئي - مگسيءَ جو تڪرار!

4- السخي حبيب الله چون، بخيل لاءِ باهه چون، تفسير مفسر ائين لکن،
دنيا آهي مڙهه مردار، ٻڌ چاندئي- مگسيءَ جو تڪرار!

5- جيئن آهن جوڌا جوان، ڪمي تنهين آهي ڪانه، مولیٰ مٿن مهر بان،
پرور جو ٿيو تن تي پيار- ٻڌ چاندئي- مگسيءَ جو تڪرار!

6- هڪڙا حاڪم هرجا آهن، ٻوڙ پلاوَ خورش ڪائين، سيد پير فقير نپائين،
مولیٰ دشمن تن جا مار، ٻڌ چاندئي - مگسيءَ جو تڪرار!

7- مگسي ٻه آهن مرد مولائي، دلبر آهن شير خدائي، ماني تن وٽ آهي اجائي،
منا مڙئي منهن موچار- ٻڌ چاندئي - مگسيءَ جو تڪرار!

8- ٽکر ٽکر زمين وارا، لوڪ ساري ۾ همت وارا، اڇا توڙي آهن ڪارا،
وهه واهه عجائب تن ڪينڪار- ٻڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
9- هاري آهن مرد خدا جا، مشفق آهن شاه و گدا جا، داتا دان ڏنا تن واهه جا،
چانڊيا چوڪا ٽيا چوڏار- ٻڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
10- اتر آرڙه ۾ هر جا حاضر، عقل فضيلت جا به اڪابر، ڪن ٽا سيڪنهن خاصي خاطر،
مهمانيءَ جا مرد متار- ٻڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
11- لڄ پريا سي غيرت وارا، ڪم سندن سي طاقت وارا، سيئي آهن لياقت وارا،
پاڙي اِڪا پرت پچار- ٻڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
12- لنب لغور ڪي ڪير ٿو پچي، عجب ڪهاڻي ڪونہ ڪوڪچي، سچ چوندي يار رسي،
تہ به سهڻا آهن يار سچار- ٻڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
13- ڇڏ تون پچر تنهين جي هاڻ، معروف آهن تن اهجاڻ، سيڪنهن ڪي ٿي تن پچاڻ،
ظاهر ڪر تون خبر چار- ٻڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
14- چانڊيي، مگسيءَ جو تڪرار، مشهور آهي خبر چار، لڪل ناهي هڪ لغار،
جهيڙو تازو ٽيو تيار- ٻڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
15- طرف پهريون غيبي خان، ثاني ڏر هو قيصر خان، ٻئي نواب امير جوان،
جرگو شروع ٽيو الهه توهار- ٻڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
16- پري پري جا حاڪم آيا، سنڌ پنجاب مان صوبا آيا، اميرامراءُ جوان سڏايا،
نواب هرڪو ناليدار- ٻڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
17- مسٽر غلام محمد جو، مقرر ڪارڻ جرگي ٽيو، فيصلو ساري رات هليو،
خلق ڪني ٽي بيشمار- ٻڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
18- پوليٽيڪل صاحب آيو، ديوي جنهن جو نام چوايو، بيشڪ هو سرت سوايو،
ٻيا پڻ آيا عملدار- ٻڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
19- وهه واهه غيبي خان جوان، مهمانيون ڪيون مهربان، ٻوڙ پلاوَ نان پڪوان،

مربا چٽٽيون ۽ آچار- بڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
20- حلوا سيرا گهوٽ گهرايا، قسمين قسمين طعام بنايا، نواب صاحب کرا لٽايا،
هر هنڌ پئي پرينءَ پچار- بڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
21- ماني جنهن جي تنهن جي ڪاني، خاصي آهي تن جي خاني، دوست زباني
ناني جاني،
سيڪو پنهنجي ساڻ خمار- بڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
22- پاسخ راسخ چانڊيو آيو، غيبي خان جوان سوايو، قيصر پنهنجو پاڻ مارايو،
هر جاءِ هوندي ان جي هار- بڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
23- دهل دماما، خوشيون شاديون، چانڊئي کي هرجاءِ آباديون، مگسيءَ سان ٽيون
خاصيون تعديون،
ڪٽي ويا سپ ڪٽٿهار- بڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
24- حاضر هوس نہ آءٌ اتي، جهيڙو لاٽو جوان جٽي، خبرون پهتيون ننگر نٽي،
پر پٽ ڪيڙم تڪ تيار- بڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
25- حاجي خير محمد آهي، رئيس اعظم چانڊيو جائي، شاهه بندر ۾ منصف آهي،
ماجسٽريٽي منصبدار- بڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
26- امير آهي سو حسناڻي، ڪريان تنهنجي ڪهڙي ڪهاڻي، گل گلابي جوت
جواني،
ڏنل خان جو گل گلذار- بڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
27- مولیٰ ان جو مانُ وڌايو، سرور پاران شان سوايو، داتا ڏنس دان اجايو،
سخي شجاع جي وهندڙ پار- بڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
28- پرور ڏنس پٽ پيارا، فرزند فياض مڙئي موچارا، صاحب رکيا سپ سوپارا،
خاوند خوشيون تن ڏيکار- بڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
29- مير محمد برادرزادو، سخي سونهن پريو شهزادو، دشمن سندس پيرين پيادو،
ساهه ڪٽي ٽئي جو بيزار- بڌ چانڊئي - مگسيءَ جو تڪرار!
30- جيڪو جٽ ڪٽ تن سان وڳي، کين ڪڍهن سوڪٿهين ٽڳي، لڇن تي ٽي
لعنت لڳي،

بچڑا ٽيندا باروبار- ٻڌ چاندئي - مگسيءَ جو تکرار!
31- ڪري قريشي قرب قرارو، محمد عالم ناهيو سارو، باقر وفر (؟) ملندمَ وارو،
لهندو ساجن تنهن جي سار- ٻڌ چاندئي - مگسيءَ جو تکرار!
32- لا اِلٰه الا الله محمد رسول الله، سيکو چوي صل علي الله،
آل انهيءَ جي سپ سردار- ٻڌ چاندئي - مگسيءَ جو تکرار!

فيصلو ٽيو، ناهه به ڪيو ويو، ليکن ٻنهي قومن جون دليون جيڪي ٽٽي چڪيون هيون، سي ايامن تائين جڙي نه سگهيون. جيسين وڏا جئرا هئا، تيسين دلين تان ميرَ نه لٿو.

چاندين مگسن واري چوٽي سنڌ ۾ انهيءَ واقعي جو يادگار آهي. جڏهن ٻن جي دشمني ناهه جي حد کان مٿي چڑهي ويندي، تڏهن چئبو آهي- "چاندين، مگسن وارو ويرَ اٽن!" تکرار ٽيندو آهي، ناهه جي ڪوشش ڪندي، پريا مڙس اچي وچ ۾ پوندا آهن، چوندا، "ميان، اوهان کي چاندين - مگسي آهيو چا؟ نهو چو نه ٽا؟" به وڙهيل هوندا، ويرَ ۽ عداوت جو بيان ڪبو ته چئبو: "ٻئي پاڻ ۾ چاندين، مگسي آهن." سنڌي ادب کي اها چوٽي سوَن انسانن جي ڪشٽ و خون ڏياري آهي.

---

[1] سنڌ ۾ هٿ جا اوزار هي هئا:

هاسو، عصا، لڪڙ (جنهن کي عام ماڻهو 'لهڪڙ' سڏيندا هئا)، لٺ، لوڑهه (باس جنهن تي لوهه جا چلا هينئين حصي تي چڑهيل هوندا هئا)، ڏنبو (جنهن کي الائي چو، پر 'مولا بخش' به سڏيندا هئا، ڏنڊي، سوٽو، سوٽي، داسو، ڏنڊڪي (جيڪا وزير اعظم ٽيٽ کان پوءِ لياقت علي خان هٿ ۾ ڪنئي)، گهوپاٽو، مترڪو، چاپڙي، چهبڪ، چهو ۽ ڪهاڙي.

[2] سردار محمد علي جان ۽ سردار طاهر محمد خان افغانستان جي شاهي گهراڻي جا اهي به فرد، انهيءَ - قافلي مان ڇڇي اچي سکر ۾ مقيم ٿيا، جيڪو خانه جنگيءَ سبب سردار محمد ايوب جي سرڪردگيءَ هيٺ اچي انگريزن وٽ پناهه گزين ٽيو هو. منجهانئن ڪي ديرادون ۾، ڪي لاهور ۾، ته ڪي ڪراچيءَ ۽ سکر ۾، منتشر ۽ پکڙيل،

سرڪاري پينشن تي گذارو. 1934ع تائين مرحوم محمد علي جان اسان سان ملندو رهيو. ڪوشش ۾ هو ته خاندان سميت موٽي افغانستان وڃي. نادرخان سان لکپڙهه ۾ هو. ياد نه آهي وڃي پهتو، يا پاڻ سکر ۾ فوت ٿيو. سردار طاهر محمد ته سکر ۾ فوت ٿيو. مان ۽ نظر علي خان 29-1930ع ۾ وٽس ويندا هئاسين. (سردار محمد علي جان نيٽ افغانستان ويو، چند سال ٿيا سندس وڏو فرزند تهران ۾ افغاني ايمبسيءَ جي ڊنر تي مون سان مليو، پاڻ سڃاتائين، اڇي قرب سان مليو، سنڌيءَ ۾ ويهي ڪچهري ڪئيسي، سيئي ايراني خواهه افغان دوست اچرج ۾ پئجي ويا.)

[3] منيلا کان موٽي اڇڻ بعد مون خط لکي ڪانئس ڪي سوال پڇيا، جن جو جواب پنهنجي انهيءَ اربيلي انداز ۾ ڏنائين، جنهن کي هوبهو هت ڏئي رهيو آهيان، جيئن بطوريادگار محفوظ رهجي وڃي:

23- جولاءِ 1960ع - مخدومي و مرشدي پير صاحب، دامة فيوضه. گرامي نامو اڃ گهٽي عرصي کان پوءِ مليو، يارن جي يادگيريءَ لاءِ شڪريو...توهان سڳورن جي سوالن جا جواب هن طرح آهن:

1- شراب مان ڪوبه پيئندو هوس پر بيئر پيئندو هوس.

2- والد منهنجو مرهيات ڪامياب زندگي بسر ڪري فوت ٿيو، اسان جي پرورش ڪيائين، تعليم ڏياريائين، جاءِ جوڙائي ڏنائين، اهڙي انسان جي فوت ٿيڻ تي خوشي ڪجي يا غم؟ ڇا منهنجي روئڻ سان جيئرو ٿي پوي ها؟ هرڪو اهائي وات ورتيون ويندو، فقط سمجهه جو فرق آهي.

3- منهنجي مضمون ۾ بي ربطي واقعي آهي، پر سنڌ جي اديبن مان مولائيءَ کي ڪيڏي ڦٽو ڪندين ته ناانصافي ڇئبي. اهڙيءَ بي ربطيءَ هوندي، ريلوي جو ماڻهو ٿي ڪري، فيلوشپ حاصل ڪرڻ - توکي ته گهرجي ڪو طلائي تمغو انعام ڏي... مبارڪ ڇئبي بي ربطي...خود اوهان سڳورن جو چوڻ آهي ته مولائي حيات جاويد آهي! توهين پاڻ قدرت جا جوهري آهيو. تو ته وڏو انعام ڏنو آهي يعني مولائي مسڪين کي محقق لکيو اٿو! ڇا؟ فخر ڪريان يا بي ربطيءَ جو ماتم ڪريان؟

4- چلو لائي مون ۾ ناهي، اندازرندانه آهي... گهر واريءَ تي "رتن ٻائي" (محبت کان) نالو رکيم... ٻارن جي فوت ٿيڻ تي روئڻ ڪري اڃ سندس اکيون بي نور آهن. پر مون لاءِ ساڻي آهي. مرندڙن لاءِ مان پڻ ڪوبه روئندو آهيان. زالن جي دل ڪمزور ٿيندو آهي. غرض ته روئيندي رهي. هن جو ڪهڙو ڏوهه! ٻارجوانيءَ کي پهچندا ويا ۽ الله گهراين. دنيا ۾ بعض اهڙا صدما پيش اچن ٿا جن جو اثر رهي ٿو، قلندر الله کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ڄاڻي. هوالاول، هوالاخر، هو الظاهر، هوالباطن! وڏيڪ اوهين مرشد آهيو!

5- جڏهن توهان ماستر محمد بخش جي فوٽوءَ لاءِ لکيو هو، هو ان سال گذاري ويو. سيٺ اسماعيل زندهه - "جو بيچ کاتا هي دلق بوذر اور چادر زهرا". احمد علي هن سال جي شروع ۾ گذاري ويو، ابراهيم سيلاٽو به - چار سال ٿيا گذاري ويو، ڊاڪٽر محمد يامين اڳئين سال حج ويو مڪي ۾ گذاري ويو، حاجي شير محمد کي وفات ڪندي اڃ

ستون سال آهي. بابي سائين 1932ع ۾ وفات ڪئي، رئيس علي بخش خان (رٽائرڊ گارڊ ولد حاجي شير محمد) رٽائر ڪيو آهي، قلجيءَ ۾ زمين اٽس، سکر ۾ جايون اٽس، مچي مانيءَ وارو آهي.

6- سردار محمد علي اٽڪل ڏهه سال ٽيا گذاري ويو، پوئينءَ عمر ۾ هڪڙي لورياڻيءَ سان شادي ڪيائين ان مان ٽي ٻار ڄايس. زال کي براج ڪالونيءَ ۾ ڪوارٽر خريد ڪري جيئري ڏيئي ويو هو. سندس بيوه ننهن پنجاهه هزار رپين تي جايون عيد گاهه واريون وڏيري... کي وڪڻي وئي. سندس هڪڙو پٽ ڪابل ۾ هڪڙو قندار ۾ رهي ٿو.

7- ميان پير بخش منشي گذاري ويو...عبدالحميد خان زندهه آهي پر پوڙهو ٿي ويو آهي، ڪڏهن ڪڏهن مون سان گڏبو آهي.

8- توهان سان واقفيت الوحيد ۽ توحيد جي مضمونن سان غائبانه ٿي، پهريون مضمون توحيد ۾ تاج محل تي شايع ٿيو، سنڌين وفائي صاحب کي لکيو ته مولائيءَ جو تعارف ڪرايو، جو ۽ دفعا تعارف ڪرائڻو پيس. ستاره سنڌ ۾ پهريون مضمون ڪوئٽا جو زلزلو ڇپيو.

9- نوڪري ان ڪري ڇڏيم، جو 15 سال 27 رپين تي گذريا هئا، 24 ڪلاڪن جي استعفا ڏنيم.

10- سئنيما يا ائڪٽر ايڪٽريسون نادره، رتن بائي، ڪجن، بيبو، اختري، ديوڪارائي، بليموريا، ڪڪي بائي، عبدالرحمان ڪابلي، دڪشٽ، چارلي، يعقوب، غوري وغيره (پسند آهن).

11- فوٽا موڪلي ڪونه سگهندس، جو وظيفو مئي ۾ پورو ٿي ويو، اجا صدر نئون اعلان ڪونه ڪيو آهي، تنهنڪري پنهنجي رب وٽ مهمان آهيان. اچي به ڪونه سگهندس... ميان غلام نبي خان (منهنجو دوست، سندس پاڻ) مهني کان اڌ رنگ، بلڊپريشر، ذيابيطس ۾ هڪ هنڌ تي پيو آهي، دعا ڪندا.

(ٻئي خط ۾ لکي ٿو) 7-8-1960ع - مخدومي مرشدي واستادي سيد حسام الدين دامة فيوضه، اڄ اوهان سڳورن جو گرامي نامو منيلا کان پهتو، يادگيريءَ لاءِ شڪريو...توهان جيڪي ڳالهيون دريافت ڪرڻ گهرو ٿا، اوهان کي انهن جي ضرورت آهي، پر ذرو انصاف سان ڪم وٺو، انهن ڳالهين جي جاچ پرتال لاءِ شهر جي هرهڪ گهر ۽ محلي ۾ وڃڻ هن گرانيءَ ۽ گرميءَ جي مند ۾ اوهان لاءِ چوڻ بلڪل سولو آهي (پر) مولائيءَ لاءِ نادري سزا آهي. گذريل سياري ۾ ساڌا ست سؤ رپيا پنهنجي اهليه جي اکين جي آپريشن تي خرچ ڪيم، پر فائدو ڪونه پهتو. سال لاءِ اديبن کي سؤ رپيو جيڪو وظيفو ملندو هو سو مئي کان ختم ٿي چڪو آهي، وري جڏهن اعلان ٿئي. اهڙي حالت کان سواءِ جيڪي ادارا مضمونن لاءِ اجورو ڏين ٿا تن اجاره داري شروع ڪئي آهي. ڏسٽا وائسٽا دوست منافق ٿي پيا آهن... اوهان کي خبر آهي ته مان آزاد طبع آهيان ڪنهن جي خوشامد ڪرڻ کي ضمير جي خلاف سمجهندو آهيان. خدا کي ڇڏي عاجز انسانن ۾ اميدون رکڻ شيوهء قلندريءَ جي خلاف آهي. خوشامد ۽ پڙوت ڪرڻ وارا اوهان کي خبر آهي ته اڃڪلهه سرمايه دار بڻجي ويا آهن، مان قناعت جي دامن کي هٿان نه ڇڏيو آهي... بهرحال اوهان جيڪي سوال پڇيا آهن ۽ فوٽا (تنهن لاءِ) ڪِرايو، سگريٽ، سئنيما، اهڙين نازبردارين جي رقم مون ڏانهن موڪليو، بشرطيڪ پهريان هڪ قميص ۽ ڪانئچ سبرائيندس پوءِ ٻاهر نڪرڻ جهڙو ٿيندس... شال خداوند ڪريم

اوهان کي سدائين سلامت ۽ شاد آباد رکي، آمين. ميان ڪرم علي شاهه 23- مئي 1942ع جو وفات ڪئي - تنهنجو شيدائي.

[4] هاڻي تقريباً قريب المرگ ۽ بستري داخل آهي، هوش ۽ حواس ڪونہ اٿس. خدا جاڻي ڪيترا ڏينهن دم اٿس. (6 اپريل 1977ع)

[5] پهريون هفتيوار هئي پوءِ روزاني ڪيائين، جنهن بعد بند ڪري ڇڏيائين.

[6] ڏسو گذريل صفحن ۾ شيدائيءَ جو خط.

[7] جنهن وقت مان اهي اکر منيلا ۾ (20-7-60) لکي رهيو آهيان، هو ان وقت ڪراچيءَ جو سيشن جج آهي.

[8] شڪارپور جو وڪيل، جنهن جو سڄيءَ سنڌ ۾ نالو ۽ ڏاڪو هو.

[9] سکر جي مشهور ولي الله جي درگاهه، جنهن جو متولي ميان عبدالله مرحوم هو.

[10] هي واقعو مون سر پٽي کان پڇي لکيو آهي.

5

نہ سي وڻڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پسيو بازاريون، هنڌڙو مون لوڻُ ٽئي.
- شاهہ

گذريل صفحن ۾ ذڪر ڪيل ڪن بزرگن کان علاوه بہ ڪيترا مشاهير مشاعري ۾ موجود هئا، ليڪن سال ٽي ويا، اڄ ڪٽي ٽا سيئي نالا ياد اچن! خبر نہ آهي، هاڻي ٽائون هال جي صورتحال الائي ڪهڙي آهي! ان زماني ۾ ڊگهي ميز وچ ۾ پيل هوندي هئي ۽ ان جي چوڌاري ڪرسيون، ۽ ڪرسين پٺيان ڪرسيون، اهڙيءَ طرح سڄو هال ماڻهن سان ٽمٽار.
مشاعري ۾ پهريون پيغام پڙهيا ويا، پوءِ ٽپال ۾ موڪليل غزل ٻڌايا ويا، ان کان پوءِ آيو مقامي شاعري جو وارو، مهمانن کي پوءِ ٽي رکيو ويو. اهوئي مشاعري جو دستور هو ۽ ان ٽي ئي عمل ڪيو ويو. جڏهن مهمانن جو وقت آيو، تڏهن پنهنجي واري ٽي حضرت "نياز" صاحب لاڙڪاڻوي بہ اُٽيو. اڄ سوٽ ۾ هو ۽ ترڪي ٽوپي بہ اها جيڪا راکوين [1] هيس. پنهنجي خاص دستور مطابق پهريون ڪنگهڪر، پوءِ سيئي ڪيسا ڳولي آخر هڪ مان ڪاغذ ڪڍي، عينڪ اکين ٽي رکي، مشاعري ٽي هيڏي هوڏي نظر ڦيرائي، ۽ وري هڪ ڪنگهڪر ڪري ڪاغذ کي مٽان کان ونڊي هيٺ ٽائين اڇاتري انداز ۾ ڏسڻ - ان کان پوءِ صدر صاحب ڏانهن جهڪي ڪانئس اجازت طلب ڪري. ڪنهن ڪونہ ٽي ڄاتو تہ ڪا قيامت برپا ٽيڻ واري آهي، ڪو طوفان ڪڙو ٽيڻ وارو آهي، ۽ ڪو اهڙو زلزلو اچڻ وارو آهي، جنهن ۾ هال جي سڄي ڪائنات هيٺ - مٽي پَئي ٽيندي، زيرو زبر پئي ٽيندي. سيئي مطمئن هئا تہ ضرور ڪو عشقيہ غزل پڙهندو، زلفن جا پٽڪا ۽ فراق جا روئڻا، جفائن جون ڳالهيون ۽ معشوق جي مظالمن جا داستان بيان ڪيل هوندا. ڪنهن ڪونہ ٽي ڄاتو تہ سيني جا وار ڪڙا ٽي ويندا، سيني جي بت مان

سيسراٽيون نڪري ويندیون ۽ سين جي اکين مان بي اختيار لڙڪ ڪِري وڃي سندن جهولن ۾ پوندا. فارسيءَ ۾ قدسيءَ جي مشهور نعت آهي، جنهن تي فارسي ۽ اردوءَ جي ڪيترن ئي شاعرن مخمس چيا آهن. اها نعت ايڏي مقبول آهي، جيترو بوصيريءَ جو "قصيدو بردو، يا ڪعب بي زهير جو "قصيدو بانت سعاد". اها نعت ڏاڍي جذبي ۽ جوش مان چئي وئي آهي ۽ جن شاعرن ان تي مخمس چيا آهن، انهن ۾ ننهن چوٽيءَ جو زور لاتو آهي، اڄ "نياز" ۾ ان تي مخمس ناهي آيو هو. مخمس ڇا هو، ڄڻ هيجان پئجي ويو. پهرئين بند پڙهڻ سان ئي صبر ۽ سڪون جا بند ٽٽي پيا، هال جي هوا ئي بدلجي وئي، رنگ ئي اور ٿي ويو، ڄڻ گهريءَ نند مان ماڻهو کي ڪنهن ڏونڏاڙي اڌاري ڪڍو ڪيو. پڙهڻ جو انداز هونءَ ۾ مرحوم جو سپني کان نرالو هو، ليڪن هاڻي ته نمونو ئي اور اختيار ڪيو هئائين. ڏاڍو جاندار ۽ جذبو آڻيندڙ. لفظ لفظ ۽ اکر اکر ۾ ساهه وجهي ڇڏيائين. هڪ هڪ ترڪيب، هڪ هڪ محاوري، هڪ هڪ بندش کي چڀي چٽي، اهڙيءَ طرح بيان ڪيائين، جو ماڻهو جي لونءَ لونءَ ڪانڌارجي وئي. هڪ هڪ بند تي هنگامو مچي ويو. هڪ هڪ بند هرهر پڙهبو ٿي ويو. سنڌي ته هينئر ياد ڪانه اٿم، ليڪن فارسيءَ جا مصرع اجهي هي آهن، جن کي مخمس ڪيو ويو هو:

مرحبا سيد مـــڪي مدني العربي
دل و جان باد فدايت چه عجب خوش لقبي
من بيدل به جمال تو، عجب حيرانم
الله الله! چه جمـالـست بـديـن بوالعجبي
چشم رحمت بکشا سوئي من انداز نـظر
اي قـريشي لـقب و هـاشمي و مـطـلـبي
نسبتي نيـست بـذاتِ تو، بـنـي آدم را
بـرتـر از آدم و عـالـم، تو چه عـالي نسبي
مـاهمه تشنه لـبـانيم و توئي آب حيات
رحـم فـرمـا که ز حـد مـيـگزرد تشنه لـبي

نسبِ خود بہ سگت کـردم وبس منفعـلم
زانکہ نسبت بہ سگ کوئي توشد، بي ادبي
عاصيانيم، ز ما نيکيء اعمـال مپرس
موي ما روي شفاعت بکن از بي سببي
سيــدي انـت حـبيـبي و طـيـبِ قلبي
آمده سوئي تو قدسي پئي درمان طلبي[2]

ٻيو بند جڏهن ختم ٿيو، ان وقت اسان جا بزرگ جيڪي هن وقت تائين ڏاڍي وقار ۽ تمڪنت سان وينا هئا، ۽ دل ئي دل ۾ صلوات سڀگوري وينِي پڙهيائون، پاڻ جهلي نہ سگهيا. حبيب جي تعريف، منِي مرسل جي واکاڻ، پياري پيغمبر جي ساراهہ، مدينِي جي مير جو مذڪور! ڪنهن جي دل پٽر هئي؟ ڪير دل جهلي سگهندو؟ اکين مان ڳوڙها، زبان تي صلواة - هڪ هيجان برپا ٿي ويو. ايڏو طوفان مچي ويو، جو ماڻهو دريون ۽ در ٻيجي زوريءَ اندر گهڙي ٻيا، ڳاهٽ لڳي ويا، سڄو انتظام ۽ مشاعري جي ساري تنظيم درهم برهم ٿي وئي.

خود شاعر جو پنهنجو عالم بہ عجيب ٿي ويو هو. آواز گلوگير، ڳلن تي ڳوڙها، هڪ مصرعي پڙهڻ کان پوءِ رقت ۾ يڪساهيءَ پڙهي ڪونہ ٿي سگهيو، وڏا وقفا وجهي پڙهڻ لڳو، دل جهلي، سامت ۾ اچي، ڳوڙهن کي پي، وَرَ وَرَ ڪيون ٿي بند پڙهيائين، متس بہ هڪ نشو چڙهي ويو هو، سندس روح کي بہ جڏ راحت ٿي رسي، لذت ۽ سرور ٿي آيس، شاعر اهڙي عالم ۾ وجي رسيو هو، جتي هن کي سامعين جي پرواهہ کانہ رهي هئي، جڏ پاڻ لاءِ ٿي پڙهيائين، ان مان پاڻ ئي مزو ٿي ماڻيائين، پنهنجي تصنيف مان پاڻ ٿي حظ حاصل ڪيائين! اِهو اُهو وقت ٿئي ٿو، جڏهن شاعر سڄي ڪائنات سميٽي پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏي ٿو ۽ پنهنجي وجود کان ٻاهر ڪابہ شيءِ موجود نٿو سمجهي.

مان پنهنجي حياتيءَ ۾ ان کان پوءِ هندستان جا سوين وڏا وڏا مشاعرا ڏٺا، ليڪن اهڙو رنگ رچيل ڪٿي ڪونہ ڏٺم.

* * *

"نعرهء تڪبير!"
"الله اڪبر!"
ٽائون هال سڄو مٿي تي کڻي ڏنائون. سڪر جي ويچارن اڃ پڙهيلن کي ڪهڙي خبر ته هي اسلامي جلسو نه آهي، هي نه سڪر جي 'انجمن اسلام' جو اجلاس آهي، نه 'انجمني اسلام' جي ميٽنگ، نه ڪنهن خلافتي ليڊر جي تقرير آهي، نه ڪنهن سياسي رهنما جي اسپيچ. ليڪن هو غريب ڇا ڪن؟ هو ته انهيءَ تي هريل هئا. هنن کان ته هميشهه اهي ئي نعرا هٽايا ويندا هئا. هر جلسي ۾ انهن کي اهڙن ئي نعرن لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. هنن کي عادت پئجي وئي هئي، مشاعري ۽ جلسي جي فرق سان ڪهڙو ڪم، شاعر ۽ مقرر جي تفاوت سان سندن واسطو ڪهڙو؟ هنن ته اهوئي سمجهيو ته جلسي کي گرم رکڻو آهي، ماڻهن جي اکين مان ننڊ جو غلبو وڃائڻو آهي، ۽ اهي نعرا هٽائي مقرر جي عزت افزائي ڪرڻي آهي، صدقو وڃان سندس نالي تان، اسان وٽ الله جي نالي جو استعمال فقط اهو وڃي رهيو آهي!
"زندهه باد" - جو انهيءَ زماني ۾ اڃا نالو نشان ڪونه هو. اهو "الله اڪبر" جو نعرو به خلافت ڪميٽيءَ نهڻ کان پوءِ سنڌ ۾ آيو، جڏهن تقريرن جي بهاني سان غير سنڌي ليڊرن کي سرحد اسٽيشن کان اورتي ٽپڻ جو موقعو مليو. سڪر ۾ گرم گوديءَ جي پنجاپين، براج جي غير سنڌي خلاصِن، ۽ شهر جي چنيوٽي چرم فروشن انهيءَ نعري هڻڻ جا موقعا، محل ۽ مقام سمجهايا، ورنه اسان ماڻهو مارو اهڙن پاپن مان ڇا ڇاڻون؟ اسان کي ڪهڙي خبر ته الله سائينءَ کي انهن ڪمن ۾ به آسانيءَ سان، بلا ڪنهن حياءَ ۽ حجاب جي، استعمال ڪري سگهجي ٿو!

* * *

قومي ورڪر جلسن جي معاملي ۾ ڏاڍا مشاق هوندا هئا. ابوجهه مسلمان اڇي گڏ ٿيندا، معززن کي اسٽيج تي ويهاريو ويندو. باقي عوام هيٺ زمين تي. جلسي جي اندر مختلف جاين تي ورڪر وينل هوندا. ليڊر تقرير ڪئي، ۽ هڪ ڪنڊ کان آواز ايندو:-

”نعرهء تڪبير!“
مختلف جاين تي ويهاريل ورڪر ڪندا:
”الله اڪبر!“
انهن کي ڏسي عوام به ڪندو. الله اڪبر
وڏيءَ لانڊيءَ ليءِ سان.
تقرير شروع ٿيندي، ورڪر وينا عوام جي نبض جاچيندا، ٿوري جذبات ۾ سستي آئي، قدري ماٺهو ٽڪا، يا هڪ اٿي گهر ڏي هليو، بس يڪدم ٿي ويندو:
”نعرهء تڪبير!“
هاڻي عوام به هريل هوندو، تنهنڪري ورڪرن سان هم آواز ٿي، فوراً ڪندو:
”الله اڪبر!“
جلسي ۾ وري هڪ وار گرمي پيدا ٿي ويندي. هزارُ کو ڪڪ ٿئي، ڪيترو به ڪوٽڪل هجي، پل تقريرن مان ڪيس کو مزو ڪونہ اچي، ليڪن ڪنهن کي به جرات ڪانہ ٿيندي تہ ’الله اڪبر‘ جا نعرا ٻڌي جلسي مان اٿي ٻاهر وڃي.
مقرر جي عزت افزائي مقصود هوندي، هندوءَ کي گار ملندي، سياسي مخالفن جو ذڪر ايندو، بس نڪ ٿي ويندو، ”نعرهء تڪبير!“، ”الله اڪبر!“ جلسو جڏهن ختم ٿيندو، تڏهن به ليڊرن کي ”نعرهء تڪبير!“ جي ذريعي جلسي گاهہ کان ٻاهر آڻيندا، ۽ جلوس ڪڍي جلسي ۾ آڻڻو هوندن، ان وقت به اهوئي نعرو هڻندا ايندا. غرض تہ ’الله اڪبر‘ جو نعرو ۽ چانهہ جو هڪ ”پوڻيان ڪوپ“ اسان وٽ ٻنهي جي حيثيت هڪ ٿي وئي، ڇاڪاڻ تہ ٽڪ لاهڻ، اوجاڳي قائم رکڻ، بدن ۾ چستي ۽ جسم ۾ حرارت پيدا ڪرڻ جون خاصيتون ٻنهي ۾ هڪجهڙيون هيون!
اهو نعرو ايستائين البتہ مفيد رهيو، جيسين ان ۾ ”زنده باد“ شريڪ نہ ٿيو هو. 1937ع کان پوءِ جڏهن اُن جو ايجاد ٿيو ۽ ان سان ”پائنده باد“ به ملايو ويو، تڏهن البتہ جيڪي صفراوي مزاج هئا، تن لاءِ اهو مرڪب سخت مضر ثابت ٿيو. اسان کي اجا ياد هوندو، مسلمانن جي پنجهتر هزار زالن جو ڪڇي وڃي سڪن جي هينان پوڻ، اسان کي اڄ به ياد هوندو ويهن لکن مسلمانن جو بنان مقابلي، ڪئي شهيد ٿيڻ، دهليءَ جي عام ڪوس ۽ پراڻي قلعي جي اجتماع کي به اسان ڪونہ

وساريو هوندو، هندستاني مسلمانن جو فرار ۽ اجا ڪالهه جو داستان آهي، حيدرآباد پوليس ايڪشن يا جونا ڳڙهه جي جهروڪ ۾ جهانءِ پوڻ دلين تي اڄ ۽ نقش آهي، معين الدين اجميريءَ کان وٺي خواجه باقي باالله ۽ حضرت محبوب الاهيءَ تائينءَ سان تعلق ٽٽي وڃڻ ۽ اجا تازي ڳالهه آهي، لال قلعي کان وٺي فتحپور سِڪريءَ تائين، جامع مسجد دهليءَ کان وٺي بنارس جي عالمگيري مسجد تائين، همايون جي مقبري کان وٺي تاج محل تائين، عليڳڙهه کان وٺي ديوبند تائين، ۽ ندوي کان وٺي دارالمصنفين تائين، جيڪي اسان ورثا وڃايا، انهن جا داغ ۽ اجا تازا آهن، انهن سيني حادثن جا اجزاءِ ترڪيبي اهي ئي ٽي نعرا آهن:-

"نعرهٔ تڪبير"

"اللهُ اڪبر"

.....

"زندهه باد"

.....

"پائنده باد"

* *

اهي نعرا سياسي جلسن ۽ جلوسن جي زينت هئا. اسلامي جلسن جو جوش ۽ جذبي جاڳائڻ لاءِ، ٻڌندڙن کي تازه دم رکڻ کاڻ، واعظي مولوين صلواة جو نسخو ايجاد ڪيو هو. ڏسندا ته جلسي ۾ مانائي اڇڻ لڳي آهي، ماڻهو ٽڪا آهن، ٻڌندڙن جي دلچسپي گهٽجڻ لڳي آهي، ته واعظ هڪدم پنهنجي واعظ کي فل اِسٽاپ ڏئي واڪو ڪندو:

"پڙهو مسلمان پائرو، منهي محمد تي صلواة سڳوري!"

"ادا پائرو، مديني واري مرسل تي درود شريف!"

"هاءِ! هاءِ!"

"الٰهم صلي عليٰ سيدنا مولانا محمد و آلِهِ و اصحابه"

"وري پڙهو!"

”ادا ڏاڏيان پڙهو!“

”هاءِ! هاءِ!“

”پياري پيغمبر تي!“

”صلي الله عليٰ حبيبِ سيدنا مولانا محمد و آلِهِ و اصحابه والسّلام“

”برادران اسلام!..“

جلسي ۾ رونق اچي ويندي، هرڪو تازه دم ٿي ويندو، هرڪنهن تان اوجاڳي جو اثر لهي ويندو، ۽ هرڪو وري واعظ ڏانهن متوجهه ٿي ويهندو! اهڙيءَ ريت ٻڌندڙ ويچارا صلواة سڳوري پڙهندي پڙهندي، واعظن جي ياوه گوئي، سندس بي سروپا ڳالهيون، ستهتر حورن جي هنج، سون غلمانن جي جهرمر، بهشت جا دلاسا، ۽ دوزخ جا دڙڪا، ماڪِن جي لار، کير جون نهرون ۽ شربت جا تلاءَ، قصص الانبياء مان ورتل روايتون، گناهن جي گراني ۽ ثواب جي سستائي، ڪمزور روايتون ۽ من گهڙت حديثون ٻڌندي ٻڌندي سڄي رات اکين ۾ ڪاٽي ڇڏيندا - مسلمانن کي جيڪو پنهنجي نبيءَ سان نينهن آهي، انهيءَ جو ناجائز فائدو وٺي، واعظ اهڙي نموني پنهنجا جلسا ڪامياب ڪري ڇڏيندا هئا! حقيقت ۾ واعظي مولوي صلواة سڳوريءَ کان سواءِ جلسي کي ڪامياب ڪرڻ ۾ ماڻهن ۾ تاثر پيدا ڪرڻ لاءِ به ٻيا به هٿيار ڪتب آڻيندا هئا. صلواة سڳوري باربار پڙهائي، مسلمانن جي دلين ۾ رقت پيدا ڪندا هئا. ان کان پوءِ واعظ ڪندي پهريائين پنهنجو آواز گلوگير ڪندا، پوءِ اکين مان ڳوڙها وهائي، اهڙيءَ ريت واعظ جا پنج ڇهه فقرا ڪيندا، جڏ روئندي سندن زبان مان اهي ڪلما ٻيا نڪرن. صلواة سڳوريءَ سبب دلين ۾ نرمي ۽ رقت ته موجود هوندي، ويتر اهو ڏسي، مسلمانن جون دليون پرجي ايندیون. عين انهيءَ موقعي تي واعظي مولوي مولانا روم جو ڪو شعر سُرَ سان پڙهي چوندو:-

”او پائرؤ، او مومنئو! مولانا فرمائي ٿو...“

بيت جي معنيٰ سوز ۽ سُرَ سان ڪري ويندا، ۽ ان کان پوءِ زور سان عصا استيج تي هٽي، واڪو ڪري، لاندِ منجهان چوندا:

”او ادا پائو! ڊڇو انهيءَ ڏينهن کان، ٻيلي پؤ ڪريو انهيءَ گهڙيءَ کان!...

جڏهن سوا نيزي تي سج هوندو!
جڏهن قيامت جو ميدان ڪڙو ٿيندو!
او پيارا پائرؤ!
ان وقت ڪو ڪنهن جو مددگار ڪونہ ٿيندو!
پيءُ پٽ کان، پٽ ماءُ کان جدا ٿي ويندو!
ادا ٻيلي مومنؤ!
خوف رکي، انهيءَ روز کان!“
اهو چئي، پاڻ ہ اوچگارون ڏئي روئڻ شروع ڪندو، ۽ ٻڌندڙن جي قلب کي ہ هن تدريجاً اهڙو رقيق ڪري ڇڏيو هوندو، جو هو ہ يڪدم روئڻ شروع ڪري ڏيندا. جڏهن جلسو انهيءَ ڪڙيءَ تي پهچندو، ان وقت واعظي هرهڪ قسم جي گناهہ ۽ گناهگار جي سزا جزا جو نقشو ڪڍي ڏيکاريندو:
”اي پائرؤ!
اي مومن مسلمانؤ!
اي منهنجا سڃٽؤ!
اتر پاسي ڪنئون...“
جلسي ۾ ڪو نوجوان سامهون ويٺو هوندو، تہ انهيءَ ڏي متوجهہ ٿي چوندو:
”او منهنجا يارڙا!
او منهنجا جوانڙا!
اتر ڪنئون!
اگهاڙن مردن ۽ عورتن جو هڪ ٽولو ايندو!
ڳچين ۽ پيرن ۾ زنجير هوندن!
او منهنجا پائرؤ!
ٻنهي جا منهن دانگيءَ سان ڪارا ٿيل هوندا!
عورتون مردن جي ڪلهن تي سوار هونديون!
منهنجا دوستؤ!
خيال ڏئي ٻڌو!

ڪنَ ڪولي ٻڌو!
هاءِ! هاءِ!“
اِتي وعظ ٻہ- ٽي دفعا توبهون ٻري وڃندو...
”عورتن جي اندام مان پاڻي وهندو ايندو!
اهو سڏو مردن جي وات ۾ پيو ويندو!
اي مومن مسلمانؤ!
اهي انهيءَ پاڻيءَ کي ڇٽيندا ايندا!
پائرؤ!
خبر اٿو، اهو گروهہ ڪهڙن گناهگارن جو هوندو؟
ٻيلي يار!“
نوجوانن تي نگاهہ ڦيرائيندي، تمام وڏي آواز سان اڇل ڏئي چوندو:
ٻيلي، اهي زاني هوندا!
او جن هن دنيا ۾ زنا ڪئي هوندي!
او ٻيلي، انهن جو حساب ڪتاب ڪونہ ٿيندو!
اڏ رستن تان ئي ملائڪ...
مومن مسلمانؤ!
او مديني جي مير جا امتيو!
انهن کي دوزخ ڏانهن وڃي ويندا!“
انهيءَ جاءِ تي پهچي، واعظيءَ جو آواز وري گلوگير ٿي ويندو،
”ٻڌو اٿو، مولانا روم ڇا ٿو فرمائي؟
از زنا اندر جهان افتد فنا.
او ادا!
اززنا اندر جهان... افتد فنا...“
بيت لانڊ سان ڇئي، معنيٰ ٻہ ساڳيءَ طرح سر سان ڪندو:
”پوندي فنا... پوندي فنا... پوندي فنا، منجهہ جهان جي ڪنان زنا جي!...
او ڪن ڏئي ٻڌو... ڪنان زنا جي!“

اهو سڄو واعظ تمام سوز واري سر سان ٿيندو، جيڪو مونولاگ مٿي ڏنو ويو آهي، ان جي هڪ هڪ ست اهڙيءَ ريت چئي ويندي، جڏ مولانا روم جا مصرعا ٿا پڙهجن. جڏهن ٻڌندڙن جي دلِن تي گناهن جي جزا ۽ سزا جو خوف ۽ هراسُ پوريءَ طرح ڇانئجي ويندو، ان وقت واعظي وري پَهلو بدلائيندو:

"پائرؤ، پڙهو صلواهِ سڄوري!

مٿي مير محمد تي!

الٰهم صل، الخ!

خبر اٿوَ منهنجا مومن پائرئو؟

حديث قدسيءَ ۾ آيل آهي! او پائو! ڪن ڏئي ٻڌو حديث قدسيءَ ۾!

جيڪو هڪ دفعو صلواة پڙهندو...

او مومنؤ!

جيڪو هڪ دفعو درود سڄورو پڙهندو...

ڪن کولي ٻڌو، منهنجا پائرؤ!

جيڪو هڪ دفعو سهڻي نبيءَ تي...

او! صلواة سڄوري موڪليندو!

او! ان جا ستر هزار گناهه معاف ٿي ويندا!

او منهنجا پائرئو، ستر هزار!

اي دوستؤ، ستر هزار گناهه! ستر هزار گناهه!!"

اتي وري ثوابن جي ايڏي سستائي ڏسي، سين جي چهرن تي تازگي اچي ويندي... ۽ - ٿي دفعا زور سان درود سڄوري جو ورد ڪيو ويندو. واعظي 'ادا!' 'او!' ۽ "دوستو!" جي اکر تي زور ۽ ڏينڊو ۽ لانڊ سان ۽ چوندو!

الغرض ٻڌندڙن کي بيم ورجا ۾ رکندو، اميد ۽ خوف جي عالم مان کين گهمائيندو، ڪڏهن روئارينڊو، ڪڏهن ڊيڄارينڊو، ڪڏهن ڪڏهن دوزخ جي دڙکن ۽ گناهن جي عذابن کي ٻڌي مايوسيءَ ۽ خوف سبب جيڪا مٿن اڪتاهٽ آيل هوندي، ان کي لطيفن ۽ ٽوٽڪن ذريعي دور ڪندو، آڏيءَ آڏيءَ کان پوءِ وڃي پنهنجي واعظ کي پورو ڪندو.

* * *

وڏو واعظي اهو ليکيو ويندو، جيڪو زياده روئاري سگهندو، جنهن جو آواز سريلو هوندو، جنهن کي گهٽا بيت ياد هوندا، جنهن جي اکين ۾ هرهر پاڻي ايندو، جنهن جو هر هر آواز گلوگير ٿيندو - بس ان جي مقبوليت جي حد ڪانه هوندي. 'فتوحات' به انهيءَ کي گهٽي ملندي.

پيشه ور واعظن جي معيشت جو سڄو دارومدار انهن واعظن تي هوندو هو. واعظ ڪرڻ بعد انهن کي چندو ڪري، جيڪا رقم ڏني ويندي هئي، ان کي سندس اصطلاح خاص ۾ "فتوحات" چيو ويندو هو. ان کان پوءِ سواءِ کين واعظ ختم ٿيڻ بعد لُنگي پوتي به ڏني ويندي هئي. هونءَ ته سڄو سال پيا سنڌ جي مختلف شهرن ۾ واعظ ڪندا هئا، ليڪن "رجبيءَ" جو مهينو واعظن لاءِ خاص طرح مخصوص هو. مهينن پاند اڳوات انهن جي واعظن کي رزرو ڪيو ويندو هو، تاريخون مقرر ڪيون ويندیون هيون، ۽ ٿيڻ ئي راتيون جدا جدا هنڌن تي واعظ ڪري، چڱي چوکي "فتوحات" جمع ڪندا هئا. ڪن واعظن جا ته ٽهيل گراهڪ هوندا هئا. انهن وٽ ڪوبه ٻيو واعظي وڃي نه سگهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن کي مالدار وڏا جلسا ڪرائيندا هئا، ته انهن ۾ سنڌ جي مختلف واعظي مولوين کي هڪ جاءِ تي به گڏ ڪيو ويندو هو. ڪن خاص خاص مولوين جي فتوحات جو تعداد مقرر ٿيل هوندو هو، ان کان گهٽ قبول ڪونه ڪندا، چاهي واعظ ٻڌڻ وارا ڪيترائي غريب چو نه هجن. انهن واعظي مولوين لاءِ مذهبي عالم هجڻ جي هروپرو ضرورت ڪانه ٿيندي هئي. انهن لاءِ "حڪايات الصالحين" ۽ "قصص الانبيا" جهڙن چند ڪتابن جو پڙهڻ ڪافي هو.

* * *

"مولانا، ڏي خبر؟"

"ڳالهه نه پڇ، اصل پُنجَ ٿي ويا!"

"نيٺ؟"

"چار سو نقد هڪ وڳو، هڪ وهڙي[3]!"

اک ڀڃي، پنهنجي هٿ ۾ منهنجو هٿ ونڊي، ان کي زور ڏئي چوندو:

"ڀَالهه ڪجانءِ نه ڪنهن سان!"

رنگ جو سانورو، قد جو منڊرو، پور ڪاري ڏاڙهي، سٽ هيٺ، بت تي چولو، ڪلهي تي پوتڙو رکيون، سوٽي پشوري بلو رنگ جي لُنگي هٿ ۾ لوڏيندو، ٽِڪ ڪڍيون، صبح صبح جو سيل ريل مان لهي، اچي ڪرسيءَ تي ويهي، ٻَئي ٽنگون ٻه ان تي رکي چوندو:

"جهٽ ڪر، چانهه پيار، ته ڀَالهه ٻڌايانءِ!"

"پهريون ٻڌاءِ!"

"استاد بيهه ته. نَرَڻُ نُرَڻُ ته ڏي!"

وري اک پيچي، هٿ کي زور ڏئي چوندو:

"ماٺ ڪر! اصل پُنڇ تي ويا!"

"ڪاڻئون مولانا؟"

"ميرپور ساڪري منجهئون!"

"خدا جي مار پوئي، ايستائين ٻه وڃي پهتين؟"

"اهي ته پنهنجا ٻالڪا آهن!...

"ها! ها!! ها!!"

ڏاڍيان وڃي ٽهڪ ڏيندو.

اهو هو مولانا مولوي محمد قمردين (قمرالدين) المعروف ٻه حضرت "واعظ الاسلام" ساڪن منگي شريف[4]، جيڪو سڄيءَ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ واعظ ڪندو هو، ۽ سندس واعظن جا پروگرام 'الوحيد' ۾ ڇپيا هئا، جن کي پڙهي ماڻهن تي تمام گهڻو اثر پوندو هو، ۽ سندس مقبوليت ۽ اهميت کي محسوس ڪري هرڪو ڪيس پاڻ وٽ گهرائي پيو واعظ ڪرائيندو هو. نهايت منو ماڻهو، خوش خلق، خوش مزاج، صاف گو، عالمن وارو نڀهو مخرج ڪونه. ماڻهن وانگر ماڻهو، سنگت جو ڏاڍو سچو، جنهن سان دل هوندس ان سان چرچو ڇوڪ، مذاق مسخري، ٺڙونڪاءُ سڀ پيو ٿيندو. ڇاڙيءَ جي ڏينهن ۾ مولانا نئين شادي ڪئي. جڏهن ملندو هو، چوندو:

"ڀَالهه نه ڇڄ، استاد!"

اک پيچي، هٿ کي زور ڏئي،
”جوان بٹائي ڇڏيو اٽائين!
”ڏاڍي خدمت ٿي ڪري!“
”پلا اڳين گهرواري؟“
پري منهن ڪري، ڪلي، ٽهڪ ڏئي، چوندو:
”يَرَ بس ٿ ڪر، نالو ٿ نہ ڳُ!“
جڏهن گڏبو، تڏهن چرچو پوڳ برجاءِ، دل جا سڃا احوال ٻہ ويهي اورينڊو.
”مولانا، ڏي خبر! ڪن کي رئاريُئي ٻہ؟“
”يَرَ زوراور آهين، ڏاڍي ڳالهہ ٿو ڪرين! جَڏن کي روئاربو نہ، ٿ ڇٽندا ڪيئن؟“
”تون ٻہ ڪجهہ رُنين؟“
آواز گهگهو ڪري، منهن روئڻ جهڙو بٹائي، واعظ جا ٻہ ٿي جملا سوز سان چئي ويندو، ۽ ان کان پوءِ وڏو ٽهڪ ڏئي، چوندو:
”پِير، ڪهڙيون ٿو ڳالهيون پچين!“
مولانا منهنجي پاڙي جو هو، تنهنڪري هڪٻئي سان تعلق هو، ليڪن ان کان وڌيڪ اسان جي پاڻ ۾ ياراني پڻ هئي.
مولانا اگرچہ واعظن کي پنهنجو پيشو بٹايو هو ۽ ان مان ڪيس ڪافي اپت ٻہ هئي، ليڪن درحقيقت انهن واعظن جي ذريعي دين جي خدمت ٻہ ڏاڍي ڪيائين، مسلمانن کي صحيح دين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين، بدعتن، بد رسمن، بد عقيدن، ۽ ڪنِن عادتن کي روڪڻ لاءِ وڏو جهاد ڪيائين. اڄ کان 15 سال اڳ سنڌ جي مسلمانن ۾ واعظ ڪرائڻ ۽ واعظن ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو، ۽ ڪن جاهل ملن کي ڇڏي، باقي جن عالمن اهي واعظ ڪيا، انهن دين جي سچي ۽ صحيح خدمت ٿي ڪئي. مثلاً انهيءَ دور ۾ مولانا قمرالدين سان چار - پنج ٻيا بزرگ ٻہ سنڌ اندر واعظ ڪندا رهندا هئا، جهڙوڪ مولانا محمد هاشم رڪن وارو مرحوم- ٽلهو متارو، قداور، وٹندڙ چهرو، سهڻي سونهاري، مخرج انهيءَ کي ٻہ ڪانہ. خلافت جي زماني ۾ ’بلبلانِ سنڌ‘ جي نالي سان نوجوان ڇوڪرن جو هڪ ٽولو ٺاهيو هيائين، جيڪو سياسي جلسن خواهہ ديني واعظن ۾ ڪنيو

وتندو هو. اهي ’بلبلانِ سنڌ‘ ڏاڍا سهٽا ۽ سني آواز وارا هوندا هئا. جڏهن گڏجي مولود شريف يا قومي ترانا گائيندا هئا، تڏهن جلسن جي رونق دوبالا ٿي ويندي هئي. مولانا مشهور ٿي ويو هو. "کهڙو؟" چي، ’بلبلانِ سنڌ‘ وارو. ٻيو هو منهنجو محترم دوست ’سحبان السنڌ‘ حضرت الحاج مولانا مولوي حڪيم محمد عبدالڪريم چشتي شڪارپوري، اهڙو نرم ۽ نازڪ جهڙو گلاب جو گل. اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، رهڻ کهڻ، چوڻڻ ماڻڻ ۾ هڪ انداز ۽ هڪ نزاڪت ۽ هڪ ادا. خلافت جي زماني ۾ جيل ۾ ڪاٽيائين. ڪيترِن اخبارن جو ايڊيٽر ۽ رهيو [5]، ۽ مذهبي عنوانن خواه بزرگانِ دين جي سوانح تي ڪيترا ننڍا ننڍا ڪتاب ۽ سندس قلم مان نڪتا. مضمون ته هزارين لکيا هوندائين، جيڪي سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ ڇپيا ٿي رهيا. سندس نثر ۾ ۽ رنگيني رهي ۽ سندس زبان ۾ ۽ خدا وڏو تاثير خلقيو هو، جنهنڪري سندس تقرير خواه مذهبي واعظ ماڻهن تي ڏاڍو اثر ڪندا هئا. انهيءَ ڪري ئي ته "ڪن دوستن" کيس "سحبان السنڌ" جو لقب ڏنو!

اهي ٿي بزرگ پاڻ ۾ سنگتي هئا. ڪڏهن گڏ واعظ تي نڪرندا هئا، ڪڏهن جدا جدا. انهن ٻنهي عالمن دين جي، مسلمانن جي ۽ مذهب جي سنڌ اندر ڏاڍي خدمت ڪئي. سوين مسلمان انهن جو واعظ ٻڌي سنئين رستي تي آيا، ڪيترن شهرن مان سوين رسمون، غلط عقيدا ڪڍي ڇڏيائون. پهريان ۽ وصال ڪري ويا آهن، پويون بزرگ زندهه آهي، ليڪن زماني جو حال ڏسي، زبان تي قفل چاڑهيون وينو آهي. خدا ڪيس وڏي حياتي ڏئي، سنڌ ۾ پنهنجي شخصيت جو واحد مثال آهي. سندس جاءِ ڪوبه پري ڪونه سگهندو. مولوي چشتي هرهر جمي ڪونه سگهندا.[6]

چوٽون بزرگ هو مولانا عبدالڪريم ’ڪهاڙو‘ - هميشه ڏنڊو هٿ ۾، جهڙو شعلو، جهڙي باهه، جهڙو اُلو. استيج تي آيو، بس، بدعتن تي، دين جي رستي تان ابتڙ هلندڙن تي، انهن وڏيرن تي جيڪي شاني شريڪ نه سمجهي نياڻين جا سگ ويهاريو وينا هئا، نالا ونيو ونيو ڏوڙيا وسائيندو. پهريون جوش ۾ اچي ڏاڍيان ڏنڊو استيج تي هٽندو، ان کان پوءِ خاص ماڻهن جا نالا ونڌندو، پوءِ اچي بيهندو

گارين ۾. هڪ هنڌان گهڙندو ٻئي هنڌان نڪرندو. رک رياءُ ڪنهن جو ڪونہ، توڙي ڪو پاڻ کي لاٽ سڏائي. سچ جي اکر اکر سان گار شامل هلي هلندي، جيڪي دل ۾ هوندس، سو برملا جلسي ۾ عام جي اڳيان وڏي واکي ڇئي وجي مٿي چڙهندو. اهوئي سبب هو، اهائي سندس صاف گوئي هئي، اهائي سندس بي ڊپائي هئي، جنهنڪري عام مسلمانن کيس 'مولانا ڪهاڙو' سڏيو، ۽ اهو لقب اهڙو مشهور ٿيو، جو ماڻهن کان سندس اصلي نالو ئي وسري ويو. اڄ بہ مان وڏيءَ جستجو بعد سندس نالو هٿ ڪيو آهي. مولوي ڪهاڙو ٻڌندو تہ فلاڻي ڳوٺ ۾ فلاڻو ماڻهو پنهنجي نياڻي ويهاريو وينو آهي، فلاڻو زميندار ڪتا ڏاري شڪار ڪندو وتي ٿو، فلاڻي سينڊيون [7] ويهاريون آهن، فلاڻي ڳوٺ ۾ عام بدعت شروع آهي، بس مولوي ڪهاڙو نہ ڪندو هَمَرَ نہ تَمَرَ، ڏنڊو ڪلهي تي، الله توهار! ماڻهو سندس ٻڌي اچي ڪنا ٿيندا، جلسو لڳي ويندو ۽ مولوي صاحب جو ڏوڙيو شروع ٿي ويندو. سَوَن ماڻهن پنهنجون نياڻيون مولوي صاحب جي گارين تتو اڏاريون، هزارن ماڻهن بدعتن ۽ خلاف شرع ڪمن کان توبهہ ڪئي. مولانا کي مان نہ ڏنو، ليڪن واه جو مولانا جو نالو وڃڻو هو. ڀانيان ويهارو سال ٿيس، جو فوت ٿيو. نوديري جي لڳ رتيديري واريءَ سڙڪ جي اولهہ ۾ پٽڻ جو ڳوٺ "ڪوٽ" آهي، مولانا اتنهن جو هو، اتي فوت ٿيو ۽ اتي ئي دفن ٿيو. چوندا آهن ڏئي هينان اوندهہ. مولانا ٻاهر تہ سڏارڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن پنهنجي گردوپيش اهي سيئي شيون ٿيندڙون رهيس، شايد اتي سندس ڪيڙ جي جاءِ ڪانہ هئي. بهرحال رب رحمت ڪريس، ۽ سندس ديني ڪاوشون شل دين جي خالق وٽ اڳهن، جنهن جي لاءِ چوٽي آهي تہ: 'جي اڳهئي تہ پاءُ، نہ تہ مٽن کي ئي موٽ ٿئي!'

* * *

جن بزرگن جو ذڪر ڪيوسين، سي تہ سمورا هڪا نسورو نور، انهن سچ پچ تہ دين ۽ امت محمديءَ جي خدمت بہ ڏاڍي ڪئي، ليڪن انهن کي ڏسي ڪيترا اڻ پڙهيا بہ واعظ ٿي پيا، جيڪي الله ۽ رسول جي نالي تي وتيا ٿي راڳا ڪندا، مثلاً، منهنجي ڳوٺ جو مولوي محمد عبدالڪريم جيهو، عليه الرحمة والغفران.

اصل نالو ٽِلو، ليکن جڏهن مولوي محمد سومر مرهيات[8] وٺان 'گلستان' اڌ ۾ چڏي پڄي ويو، ان کان پوءِ پاڻ کي ملا محمد رمضان سڏائڻ لڳو. وري جڏهن واهڻن ۾ وڃي وعظ ڪرڻ لڳو، تڏهن مولانا مولوي محمد عبدالڪريم جيهو ابڙو ٽي پيو. هيو ڏاڍو ذهين، پڙهيو فارسي شُد بُد، ليکن پوءِ مهارت ايتري حاصل ڪيائين، جو 'مثنوي' جا بيت انڊيءَ مندڀءَ معنيٰ سميت سُرَ سان پڙهي ويندو هو. روئڻ جي ڏاڍي اٽڪل هيس. آيت آئي، حديث پڙهيائين يا مثنويءَ جو بيت زبان تي آندائين، جهٽ ڏُنڊيڪَرَ ڪري روئي ويهندو. ڪيس روئندو ڏسي، ڪن اٻوجهن تي اثر ٻ ٽيندو هو ۽ چوندا هئا:

"ير، واهه جو مولوي صاحب جي واڌ [9] ۾ اوتر [10] آهي!"

"ها سائين، علم جو زور اٿس!"

مُلا ٽِلو اڪثر انهن واهڻن ۾ ويندو هو، جتي مسجد جي ٻانگن کان مٿي پڙهيل ڪونہ هوندو هو. جمعي ڏينهن پهچندو، نماز بعد ازخود اٿي واعظ شروع ڪري ڏيندو، پاڻ روئندو، ٻين جي اکين تائين پاڻي آڻي ڪيندو، ان بعد جهليندو جهولي. ڪڏهن ٻ رپيا، ڪڏهن چار رپيا، ڪٽان چولو، ڪٽان چادر، ڪاٺئون ڪاسو، ڪاٺئون ٽويو، مڙئي ڪجهہ نہ ڪجهہ پَلَوَ ۾ پايو گهر ڏانهن موٽندو هو.

هڪ دفعي ڪوڏر ڪٽي، گهر جي آڱيان چرا ڪٽڻ بيهي رهيو. ماڻهن پڇيس:

"ٽِلوُ، چا ٿو ڪرين؟"

"جمان [11] مسجد جوڙائيندس!"

انهيءَ ڏينهن کان پوءِ، سندس واعظن جي پڄاڻي جمان مسجد جي ذڪر سان ٽيڻ لڳي، چئي:

"او منهنجا مسلمان پائرو!

شيخ سادي [12] ٿو فرمائي:-

روز محشر ڪہ جانگداز بود
اولـيـن پـرسشِ نمـاز بـود

ڏهاڙي محشر جي
او منهنجا پائرو ڪن ڏئي ٻڌو:

ڏاڙي محشر جي، جو هوندو ڳاريندڙ جان جو!
او منئو، پائرؤ!
شيخ سادي ٿو چوي!
چا ٿو چئي؟
او! ڏاڙي محشر جي، جو هوندو ڳاريندڙ جان جو!
چوي ٿو!
ٽيندو پچاڻو اتي!
ڪاڻي؟
او ڏاڙي محشر جي، ادا منهنجا پائو!
چا؟
اولين پرسشِ نماز بود!
يانيٰ! (يعني)
ٽيندو پچاڻو اتي!
منهنجا دوستئو!
ڏنهن نماز جي سپ کان پهريون!
ڪن ڏئي ٻڌو، منهنجا پائرؤ!
او، ڪو معمولي ماڻهو ڪونہ ٿو چوي!
شيخ سادي ٿو چوي،
وڏو وليءُ ۽ پيغمبر سائينءَ جو اصحاب سڳورو!
او منهنجا پائرو!
ڏنهن نماز جي.“

مولوي مولانا عبدالڪريم جيهو، ڏاڍي سوز ۽ سُرَ مان ايڏيءَ لانڊ سان وَر وَر ڏئي پيو بيت سمجهائيندو، جيئن پل جٽن [13] جي دل تي اثر ٽئي. جڏهن ڏسندو تہ هاڻي تير خطا نہ ويندو، ان وقت گلو گير آواز ڪري، پهلو بدلائيندو، ۽ اصل مقصد ڏانهن متوجهہ ٽيندو:

”برادرانِ اسلام!

هن مسڪين!
او هن غريب!
جيڪو اوهان جي خدمت ۾ بينو آهي!
پنهنجي ڳوٺ جي!
سڀن مسلمانن کي!
تمام وڏِن ڪوششن سان!
نمازي بڻايو آهي!
هن مسڪين جي ڪوششن سان!
هڪ جمان مسجد به جڙي آهي!
پيٽ کي منيون ڏئي! ٻارن کي بُکان ڪاڙائي!
پيسا گڏ ڪيا اٿم!
هاڻي!
او منهنجا پائرو!
باقي وجي ڇت رهي آهي!
ان جا گادر به ورتا اٿم!
ڇڙيون سران رهلان آهن!
او الله جا نيڪ ٻانهؤ!
جيڪي سَري سگهو، سو ڏيو!"

تقريباً پنجويهه سال انهيءَ "جمان مسيت" جي ڇت لاءِ ملان ٽِلو چندو ڪندو وتيو، سوين رپيا گڏ ڪيائين، ڪيترو ان مليس، ڪِن ڏور ڪاهي ڏنس، ليڪن ڇت تہ بجاءِ خود رهي، پر جيسين جيئرو رهيو، تيسين بنياد به پرجي ڪونہ سگهيا! ملا ٽِلوءَ انهيءَ ڪمائيءَ مان مال ڏاريو، سرڪار مان سؤ ڪن جريب ٻني ڪٽت ڪنئي، شادي ڪئي، ٻارن ٻچن وارو ٿيو.

هڪ دفعي ملا ٽلو، نبي بخش خان ڀٽي وٽ ويو، انهيءَ جمان مسجد جي ڇت وارِن سرن لاءِ - نبي بخش خان کي ڪيترن استادن جا هٿ لڳل هئا. هن ساڻس واعدو ڪيو تہ جلد ئي سندس پنهنجو مستري اچي مسجد ڏسندو ۽ نہ ڇڙو ڇت

جون سران ڪٽي ايندو، بلڪ جيڪو ڪم رهيل هوندو، تنهن جي ڪٽ ۾ ناهي ڪيس ڏيندو ۽ ان مطابق سڄو ڪم واسطي خداءِ جي پاڻ پنهنجي رازن هٿان ڪرائيندو، ملا ٽِلو وري نہ اوڏنهن لڙي لنگهيو چئي:

"يَرَ، پُٽا زور آهن! دام ۾ نہ اچي سگهيا!"

هڪ پيري سندس پاءُ دادوءَ کي ريڇڪ اچي ويو. هٿ ۾ عصا کڻي، پٽڪي کي پڳ جي نموني تي ٻڌي، چادر ڪلهي ڪري، هڪ واهڻ جي جمان مسجد ۾ گهڙي پيو. چي،

"اسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته!

"آءٌ مولوي محمد الهداد آهيان!"

واعظ ڪري، اهو ۾ مسجد جي نالي تي ۾ ٽي رپيا هٿ ڪري موتي آيو. ملا ٽِلوءَ کي خبر پئي، لٽ ڪٽي پٽيان پيس. چي:

"پيٽِهان، ماتي ٿو چڙهت ڪرين؟"

اهڙيءَ طرح ملا ٽلو سڳي پاءُ کي ۾ پسند نہ ڪندو هو تہ ڪو مسجد جي نالي تي ۾ ٽي رپيا وٺي اچي. سندس خيال هو تہ جي هرڪو مسجد جي نالي تي چندا ونندو، تہ ڳالهہ منجهان چسُ نڪري ويندو، يعني ماڻهو ڪڪ ٽي پوندا ۽ سمجهي ويندا تہ اهو سڀ ٺڳيءَ جو ناهہ آهي.

الغرض ملا ٽلو جيسين جيئرو رهيو، جمان مسيت جي چَرَن کي قائم رکندو آيو: مٽي پٽجي ويندي هئي، تہ ڪوڏر ڪٽي ڪڍي ڇڏيندو هو، ڳئون مينهون سئونٽان لاهي ويندیون هيون، تہ اهي يڪدم ڪڍي ڇڏيندو هو، ٻار اچي ايٽي ڏڪر ڪيڏندا هئا، تہ انهن کي گاريون ڏئي ڊوڙائي ڪڍندو هو، چي: "جمان مسيت جي جاءِ سڳوريءَ جي، پيٽهان! بي ادبي ڪيو ٿا؟" مطلب تہ جوانيءَ ۾ جامع مسجد جي بنيادن جا چرا پٽيا هئائين، لڙيءَ عمر ۾ جڏهن فوت ٿيو، تيسين انهن جي سنيال ڪندو رهيو. ليڪن جنهن وقت فوت ٿيو، تنهن کان پوءِ انهن جي ڪنهن سنيال ڪانہ لڌي. هوڏنهن سندس لحد لٽي ۽ هيڏنهن انهن بنيادن لٽجڻ شروع ڪيو. ٻن ٽن ڏينهن ۾ زمين سنئين نئين ٽي وئي- ڪنهن کي هاڻي چت جي سرن لاءِ چندو ٿورو ئي ڪرڻو هو، جو انهن کي قائم رکن! شهر جون

زائفان تہ اڳ ئي انهن مان ڪڪ هيون، چي: "مارِئي! ٽلوءَ ناحق پنهنجي پيءُ ڏاڏي جا چرا ڪٽي ڇڏيا آهن، رات جو ٻار ٽاڙجي ڪرن ٿا، وتي ماريو ڪوڙا بُستان [14] ناهيندو."

انهيءَ قسم جا "ماريا ٽلو" بہ سنڌ ۾ سوين هوندا هئا، جيڪي 'جمان مسيتن' جا ڪوڙا بستان ناهيو وتندا هئا پيٽ جي باهہ اُجهائيندا.

* * *

جنهن زماني ۾ جيهن واري 'جُمان مسيت' جي ڇت لاءِ مُلا ٽِلو وتندو هو سِرن جي نالي ۾ پئسا پنندو، عين انهيءَ دور ۾ بہ ڏُريون ٻيون بہ ڏسڻ ۾ ايندڙيون هيون، جن جو بہ ڏنڏو ذري گهٽ ساڳيو هو.

هڪ هو ٽلهو متارو، ڪرڙوڙ، دوراني پٺاڻ، جيڪو سکر جي گرمين ۾ چولو بت تان لاهي چڙو ڳچيءَ ۾ وجهون، هڪ هٿ ۾ وڇِڻو ۽ ٻئي هٿ ۾ شجرو ڪنيو وتندو هو صبح کان سانجهيءَ تائين در در ڦرندو. گهڙيءَ هِت گهڙيءَ هُت، ڪڏهن هِن وٽ. شجرو نسب جو احمد شاهہ دراني ۽ کان وٺي سندس نالي تائين هو، شجرو هو ڇپيل، ليڪن شاهہ شجاع الملڪ کان پوءِ ان ۾ چند پيڙهيون هٿ سان لکيل هيون، جن ۾ پويون نالو سندس هو. سندس اهائي دعويٰ هئي تہ پاڻ شاهہ شجاع الملڪ جو تڙپوٽو آهي ۽ تنهنڪري افغانستان جي شاهي خاندان جو شهزادو آهي. اَشهد آگر پيشانيءَ تي رکي، چوندو هو:

"مڙئي يہ تقدير آهي، نہ تہ ڪير در در ڏڪا کائي؟"

ساڻس دلچسپي ٿي ويئي هئي. جڏهن ايندو هو، تہ جيڪي سربو هو سو ڪيس ڏيئي ڇڏبو هو. سال گذري ويا، اڄ ڪاڻي جيئرو هوندو؟ هڪ پاڻ، هڪ پکو ۽ هڪ دوراني خاندان جو شجرو، جنهن کي هنڌان هنڌان ڪاغذ جون ڇتيون اَٽي جي لئيءَ سان لڳل هيون- ڇيٽ جي هڪ ڳوٽريءَ ۾ پيل هوندو هئس. بس اهي ٽيئي هڪبئي جا لازم ملزوم هئا. سيارو هجي چاهي سانوڻ، ڪڏهن جدا ڪونہ ٿيا. پانئيان اجل جي آوَه کين هڪبئي کان جدا ڪيو هوندو تہ نهيو، ورنہ ٻئي ڪنهن کي ڪهڙي مجال!

ٻيو جوڙو هوندو هو سيد صدرالدين شاهه جو پاڻ ۾. انهن جو نعرو هو- گوري پهوڙ جو مدرسةِ السلام، ڳوٺان جڏهن ڪڏهن گڏ هلندا، جتي ويندا گڏ ويندا، هڪ در کان منهن ڪيندو ته ٻيو پڇيان هوندس:

"اسلام عليڪم!"

"شاهه صاحب خوش آهيو؟"

"اخبار ۾ هيءَ خبر ته شايع ڪندا!"

"ڇاهي؟"

"مدرسي جي چندي لاءِ؟"

"گورو پهوڙ؟"

ڪجهه منهن تي جهڪائي اچي ويندَن، جيئن ڪنهن کي شرم کان ٿئي. پوءِ ته سندن نالو ئي، 'گورو پهوڙ'، ٿي ويو.

"ڪير آهن؟"

"گورو پهوڙ!"

"عبدالغني شاهه جن؟"

"نه ته ٻيا وري ڪير!"

"اچو سيدؤ! ڏيو خبر؟"

"شاهه صاحب، هيءَ خبر ته اخبار ۾ ڏجو، سؤ رپيا چندو مليو آهي!"

"گوري پهوڙ لاءِ؟"

هيٺ ڪنڌ ڪري ٻيئي ڪلي ويهندا، جڙ ڪين انهيءَ سوال تي لڄ پئي اچي، شرم پيو وڃي. ڪين شايد گمان هو ته ماڻهن کي مٿن اعتبار ڪونه ٿو اچي ته ڪو هو سچ پچ خدا ڪارڻ مدرسة الاسلام گوري پهوڙ لاءِ چندو پيا ڪن.

گوري پهوڙ جي چندي ڪنهن به چرندڙ پرندڙ انسان کي ڪونه ڇڏيو. جيڪب آباد جو ميلو ٿيندو، اجهو استيشن تان لٿا ٿا اچن، ڪير؟ گوري پهوڙ وارا! هڪ کي مٿي تي پڳ ۽ ڳچيءَ ۾ پوتڙو، ٻئي کي شارٽ ڪوٽ ۽ مٿي تي تُرڪي ٽوپي، پهريون مولوي عبدالغني شاهه ٻيو مولوي صدرالدين شاهه. لوڪل بورڊ جي ميٽنگ ٿي، الائي ڪيئن خبر پئجي ويندن، ٻيئي حاضر هوندا، ڪراچيءَ م

سنڌ اسيمبلي ٽيڻ واري هوندي، ٻيئي اڳ ۾ اچي موجود ٿيندا. جِن ڇڏي ڀُوت ڇڏي، پر مولوي عبدالغني شاهه ۽ مولوي صدرالدين شاهه نه ڇڏين. هر وقت، هر مهل ۽ هر موقعي تي حاضر ناظر.

گوري پهوڙ واري مدرسي جو ڪهڙو حشر ٿيو، اها سُڌ اڄ تائين پئجي ڪانه سگهي. البت ڪيترن سالن کان سائين صدرالدين شاهه اڪيلو گهمندو پيو نظر اچي. يا ته ٻنهي جو هڪٻئي تي اعتبار نه رهيو، يا وري ماڻهن گوري پهوڙ لاءِ چندو ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو. بهرحال مطلب هيءُ آهي ته - ملان ٽِلو، شهزادو دوراني، مولوي عبدالغني شاهه، ۽ سيد صدرالدين شاهه سيٻئي هڪٻئي جا همعصر هئا ۽ هم مشرب ٻه، فقط عنوان جدا جدا هُيَن!

* * *

مولانا قمرالدين واعظ الاسلام جو قصو وچ ۾ ڇڏي، وڃي ٻين واعظن ۾ پياسين- مرحوم چوندو هو: "وعظ جي پچاڙيءَ ۾ هميشه شهر جي وڏي جي تعريف ڪجي ۽ ان جي پلائيءَ لاءِ دعا گهرجي!"

"اڙي مولانا! اهو ڪيئن؟"

"چپ ڪر! توکي ڪهڙي خبر؟"

هٿ کي ڏاڍيان زور ڏئي، اک ٻيڇي چوندو:

"ان ۾ ڪا مام آهي!"

"مولانا ٻڌاءِ!"

"يَرَ سيئي ڳُرَ توکي ٻڌائي ڇڏيان؟"

"ڇٽ مان ٻه واعظ ڪندس، جو ڏڃين ٿو!"

"چشتيءَ وارن سان جو ڳالهه ڪرين؟ اهي يرَ، واعظ جون رمزان آهن!"

"ڪنجون آهن ڪنجون!!"

"نيٺ؟"

"ٻوڙ پلاءُ ڇٽ ڪٽي ڪارائي سگهندا؟ سڀ ماني ۽ وڳو لٽن جو وڏيري تي! تون سمجهين ٿو اسان جي دعا سبب ٻِينهان بچي ويندا؟ مڙئي ويٽو رنگ ڏس. اسان جو مطلب پنهنجي ڪم سان!"

هڪ دفعي ڊڪٽن جي مسلمانن رجب مهيني ۾ ڪانئس واعظ ڪرايو. مرحوم محمد پناهه خان ڊڪٽ جلسي جو صدر ٿيو، ۽ مان به سندس پاسو ونڻي وڃي ويهي رهيس. مولانا پاڻ به رُنو ٿي ۽ ماڻهن کي به رُئاريائين ٿي. جلسو ڏاڍو ڪامياب ٿيو. آخر ۾ چيائين:

"ادا پائو، هٿ مٿي کڻو!

"محمد پناهه خان کي الله وڏي حياتي ڏئي!

"سندس پٽڑي مان گنج ٿين!

"ان کي رب وڏي ڄمار ڏئي!

"ان مان شل ڪيچ ٿين!

"اي مسلمان پائرو!

"اهو سپ ڇو؟

"اڄ رات هِنَ بندي کي ٻوڙ پلاءَ کارائيندو!"

سيني ماڻهن کان ٿهڪڑا نڪري ويا. اهڙيءَ طرح سين کي کلائي، ٿهڪ ڏياري، دِلِينُ تان روئڻ واري ڪٽس لاهي، سيني کي گهر ڏانهن اماڻيائين.

"ڏٺئي پير، ڪيئن جٽن کي رُئاريم؟ پر، مڃيندو ناهين پير!" جڏهن محمد پناهه خان جي بنگلي تي اچي مولانا ٻڌي جنگهان ڪرسيءَ تي رکي اوکڙو ٿي ويٺو، تڏهن چيائين.

اجا به ڪجهه ڪُلي ها، ليڪن محمد پناهه خان مرحوم جي پلاءَ، چاشنيءَ ۽ پوني سندس توجهه پاڻڏاهن ڇڪي ورتو.

* * *

هڪ دفعي سکر ضلعي ۾ هڪ هنڌ جلسو هو. واعظ هو پير پرستيءَ جي خلاف ۽ قبرپرستيءَ جي مخالفت ۾. ڪيترا علماءَ سڳورا اچي گڏ ٿيا هئا. انهيءَ ڳوٺ جي ويجهو هڪ وڏي درگاهه هئي، جنهن جي سجاده نشين جلسي ڦٽائڻ جو پهه پچايو هو. مولوي صاحبن کي اها خبر ڪانه هئي. مولانا قمرالدين جو قول آهي ته گرمين جي موسم هئي- سانجهيءَ جي نماز بعد، ٽاڏل پاڻي ڪري، ڏَري ڏُري مس واعظ تي اٽيا هئاسين، اجا پهريائين جهاڪي جي صلواة شريف پڙهائي، مولانا

قمرالدين رومیءَ جي هڪ شعر جي معنيٰ ڪندي، پاڻ ۾ روئي رهيو هو ته جلسي ڪي ۾ روئاري رهيو هو، عين انهيءَ وقت مخالفن جو هڪ انبوهه کهاڙيون، لٺيون ۽ لوڙهيون کڻي، اچي مسجد شريف پهتو، مولانا چوندو هو ته ان کان پوءِ هڪ ڏوڙ ڏکاءُ ٿي ويو، جڏ قيامت اچي وئي، کنهن کي خبر کانه هئي، هرڪو جان بچائي ونڊي ڀڳو، مولانا پاڻ مسجد جي هڪ دريءَ مان گهڙڻ هڻي، سڏو وي هڪ ڪنڊيءَ جي وڻ تي چڙهيو. چوندو هو:

"پير! سڄي رات ڪنڊيءَ جي چوٽيءَ تي وينو رهيس ۽ مڇرن ۾ پٽبو رهيس."

صبح جو جڏهن پوليس اچي واردات تي پهتي، تڏهن مولوي صاحب هيٺ لهڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن ڪنڊيءَ ۾ ڪنڊا ايترا هئا، جو مولانا لهي نه سگهيو. آخر جڏهن وڻ ڇانگيو ويو، تڏهن مولانا هيٺ آيو.

"مولانا! پوءِ چڙهئين ڪيئن؟"

"يَرَ، ڏاڍو زوراور آهين! مڙئي دب، دب ۾ خبر ئي نه پئي! ان وقت ڪنڊن جو ڪنهن کي سماءُ ٿي پيو؟ پر اجا ٻُڌُ ته سهي! ٻڌ ته سهي!!..."

هٿ کي تمام ڏاڍيان زور ڏئي، اک هڻي چيائين:

"اجا ٻي ڳالهه ته ٻڌ! تون ڪنڊيءَ جو ٿو پڇين؟ هوءَ مسجد جي دريءَ جي ته ٻڌ!"

صبح جو جڏهن پوليس جاچ شروع ڪئي ته مولانا پنهنجو بيان ڏيندي ٻڌايو ته:

"مان مسجد جي هِنَ دريءَ مان ٽپي ٻاهر نه وڃان ها، ته مون کي به کهاڙيون لڳن ها!"

پوليس چيس ته "مولانا صاحب، دريءَ مان ٻاهر نڪري ڏيکاريو" مولانا هو بت جو تمام پريل، ۽ دري هئي بلڪل ننڍي. پوليس حيرت ۾ هئي ته هِنَ مان مولانا ڪيئن ٻاهر نڪتو! واقعي، مولانا به حيلا هلائي ڄاڻو، ليڪن ٻاهر نڪري نه سگهيو ۽ منهن ورائي ڊپٽي سپريڊنٽ کي چيائين:

"مڙئي صاحب، موچڑا! ان مان اندازو ڪيو ته رات چا ٿي گذريو آهي!" ڀَوَ ۽ خوف ۾ مولانا جو بدن ايترو نرم ٿي ويو، جو ڪيس ننڍيءَ وڏيءَ دريءَ جي به خبر کانه پئي، ڏو دريءَ مان سڏو وڃي ڪنڊيءَ جي چوٽيءَ تي پهتو! مولانا کلي چوندو هو:

"پر، علماءِ ڪرام جي جُٽيءَ کي ب جُٽڙي نہ سڏجي! ڏنئي ڪيڏي نہ اسان سُنهارن جي شان ۾ گستاخي ٿي چڪي؟"
"مولانا وري انهيءَ طرف وڃبو؟"
"توبهہ ڪر توبهہ! ها! ها!! ها!!!"
مرحوم زور زور جا ٿهڪ ڏئي وڻي ڪلندو هو، ۽ جڏهن مولانا چشتيءَ ۽ مولانا محمد هاشم سان جيڪا واردات ٿي گذري، ان جا قصا پنهنجي خاص انداز ۾ بيان ڪندو هو، تڏهن ڪلندي پيٽن ۾ سور پئجي ويندا هئا!
وفات کان اڳ مولانا ب - ٽي مهينا بيمار هو. مان ڪائنس مزاج پرسي ڪرڻ ويس. عصا ڪوڻيءَ جي ڪنڌ ۾ اُپي ٽي پئي هئي، ديوار ۾ ڪلي لڳل هئي، جنهن ۾ مولانا جي دستار سڳوري ٽنگي پئي هئي، مولانا پاڻ بستري داخل هو. بيماريءَ پاهہ ڪري ڇڏيو هوس، ليڪن منهن تي اُهائي مشڪ، طبيعت جي اُهائي خوش مزاجي. چي:
"پير، ڏي خبر رجبيءَ تي ويو هئين؟ مولانا چشتي آيو هو؟ قسم ٽي رب جو يَرَ، سچ چئہ!"
"....."
"ايترو مِليُن؟"
گوڏن تي هٿ هڻي چوڻ لڳو:
"هاءِ ڙي نياڳي بيماري! نرهہ ڪري رکيئي."
مولانا نہ حياتيءَ مان آسرو لاٿو هو ۽ نہ ڪيس اهوئي گمان هو تہ ڪو اجل اڇ-سينهہ اچي رهيو آهي. ڪلي ڳالهائي، پوڳ چرچا ڪري، ڪائنس موڪلايم. اجا ب - ٽي ڏينهن مس گذريا، تہ هڪ ڏينهن "الوحيد" ۾ آيو:
حضرت واعظ الاسلام جو الوداع![15]
سوچيم يَرَ ڪهڙا ماڻهو پيا اٽندا وڃن! پر اوڏنهن ب تہ چڱن جي ئي گهرج آهي.

---

[1] يعني خاص موقعن تي استعمال ڪرڻ لاءِ رکيل شيءِ.

[2] هيءَ نعت قدسي مشهديءَ جي نالي تي مشهور آهي، ليڪن درحقيقت اها قدسي دهلويءَ جي چيل آهي (ڏسو معارف ڊسمبر 1976) "حديث قدسي" ۽ "صحيفهء قدسي" جي نالي سان ٻه مجموعه چپيل آهن، جن ۾ 119 اردو، فارسي ۽ عربي شاعرن جون تضمينون شامل آهن.

[3] اڻ لڳل ڳڻون.

[4] منگِن جو شهر تعلقي ڳڙهيءَ جي انهيءَ آخري اولاهين حصي ۾ آهي، جيڪو رتيديري تعلقي سان ملي ٿو، منهنجي ڳوٺ کان اتر طرف تقريباً 5 ميل ڪن پري. منگي قوم اتي وينل آهي، جنهنڪري اهو نالو پيو اٿس. اتان جو زميندار فقير محمد پريل منگي وڏي ڏاڪي وارو ۽ سخي ٿي گذريو آهي. مهمان نوازيءَ ۾ سندس ثاني مشڪل سان ڪو ملندو: جيڪو اچي اوطاقي ٽيندو، ان کي گهران ماني پاڻ ڪٽي آڻي ڏيندو، هٿ ڏوئارينندو، پاڻي ڏيندو، ۽ نوڪرن وانگر بيهي چاڪري ڏيندو. اڄ کان ٽيهه ورهيه اڳ فوت ٿيو. مان گهٽو ڏٺو. سندس فرزند فقير محمد حسن منگي موجود آهي، ساڳيون پنهنجي والد واريون خصلتون، شرافت ۽ نيڪ نفسيءَ جي مٿس حد آهي. مولانا پاڻ ٻه منگي هو، ۽ سندن مائٽ. مولانا جي سڪونت سبب "منگِن جو ڳوٺ" 'منگي شريف' ٿي پيو. ڏورانهان ماڻهو جڏهن مولوي صاحب ڏانهن دعوت موڪليندا هئا تہ لفافي تي 'منگي شريف' لکندا هئا.

[5] "پيغام" هفتيوار پنهنجي هيس، خان بهادر الهه بخش شهيد کيس "آزاد" اخبار جو ڪراچيءَ ۾ ايڊيٽر ڪيو.

[6] آءٌ "تاريخي ڪانفرنس" ۾ پشاور ويو هوس، موتي آيس تہ مولانا جو هيٺيون خط رکيو هو:

"18-3-1964ع، سائين! سلام!! مثانہ ۾ غدود آهي، پيشاب ۽ پاخانہ ۾ شدت جي تنگي آهي، ٻہ - ٽي سال تڪليف ۾ گذريا آهن، تمام ڪمزور ٿي پيو آهيان. سوين علاج ڪيم ۽ سيون هٽايم، تہ بہ صحت حاصل نہ ٿي آهي، لاچار 19- مارچ سول اسپتال شڪارپور ۾ داخل ٿو ٿيان. 21- مارچ بروز چنچر صبح جو آپريشن ٿو ڪرايان. دعا جي ضرورت آهي، دعا ڪندا رهندا، دعا کان نہ وساريندا. هن طرف اچو تہ ديدار ڪرائيندا. خاص تڪليف وٺي، وڏي سائينءَ ڏي سڀ احوال جلد لکندا. عبدالڪريم چشتي."

آءٌ پهرين اپريل تي جيئن ڪراچيءَ پهتس تيئن هيٺيون خط مولانا ڏانهن لکي رکيم:

"پهرين اپريل 1964ع - سائين! اڄ پشاور کان موتي هتي پهتو آهيان، خط رکيو هو، پڙهي پريشاني ٿي. خدا خير ڪيو هوندو. آپريشن ڪامياب ٿي ويو هوندو. مهرباني ڪري ورندڙ ٽپال ۾ لکي موڪليندا. مان ممڪن آهي تہ جلد اچان. والسلام اوهان جو حسام الدين."

خط شام جو لکي رکيم، صبح جو جيئن اخبارون آيون تہ حضرت مولانا جي رحلت جي خبر پئي. خط رکيو رهيو، مولانا تہ موکلاڻي ڪري هليو ويو.

لنگهي ملک ملير جو، ويا پرئين ڏيهہ پنهوار!

[7] سنڌ ۾ پنهنجي نڪاح ۾تِن عورتن کان علاوه غير عورتون ويهارڻ ۾ وڏ ماڻهپ ۽ سورهيائيءَ جو نشان سمجهيو ويندو هو. زياده تر اها عادت پيرن، سجاده نشينن ۽ زميندارن وِڏي، جتان خليفن ۽ ڪامِن ڪمدارن ۾ ۾ رائج ٿي، ۽ انهن وٽان عام طبقي ۾ اها مذموم حرڪت شروع ٿي. اهڙن ويهاريل عورتن کي مختلف نالن سان سڏبو هو:

1- سريت چئبو هو پيرن ۽ سجاده نشينن جي ويهاريلن کي، دراصل اهو اکر عربي "سُريہ" مان آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اها بانهي، جنهن کي مالڪ پنهنجي "صحبت" لاءِ مخصوص ڪيو هجي. انهن سريتن مان پيرن، سيدن ۽ سجادن کي ڪافي اولاد ٿيو، اُن جي الڳ الڳ نتيجن سبب سندن خاندان برباد ٿي ويا ۽ نسل خراب ٿي ويا. پير جنهن عورت کي پجائيندا هئا، اها وري مالڪن کي موٽي ڪانہ ملندي هئي، چاڪاڻ تہ اها سيد جي ٿي ويئي هئي، يعني نقل ڪفر ڪفر نباشد، انهيءَ کي نعوذبالله، نبيءَ جي ٿنهن سمجهيو ويندو هو، ۽ اها پوءِ نہ مائٽن جي ڪتب اچڻ جهڙي هوندي هئي ۽ نہ ڪنهن 'اُمتيءَ' جي نڪاح ۾ اچڻ لائق.

2- سينڊي ان کي چئبو هو، جنهن کي ڪو وڏو ماڻهو يا وڏيرو ويهاريندو هو.

3- يار وڏيرن جي ويهاريل کي بہ چئبو هو، ان جي تصغير ڪري 'يارڙي' چيو ويندو هو ڪمدارن ۽ ڪامِن جي ويهاريل کي.

4- ساهيڙي خليفن ۽ پيرن جي ملازمن جي ويهاريل کي.

اهي عورتون گهٽو ڪري ٻين جون نڪاح ٻڌيون ٿيندڙون هيون، ليڪن غريبن کي ساهہ نہ ٿيندو هو، جو اُڏو اچي سگهن. پير گهٽو ڪري مريدياڻين سان صحبت ڪندا هئا ۽ انهن مان ئي سريتان ڪندا هئا، پجائيندا بہ اڪثر مريدن جون نياڻيون ۽ انهن جون زالون هئا.

[8] مولانا محمد سومر ڊڪٽن جو ويڙل، نهايت متقي ۽ خدا جو نيڪ بانهو. سموري عمر درس ڏيندي گذاريائين. منهنجي والد مرحوم بہ وٽس عربي فارسي پڙهي ۽ منهنجي پاڻ راشدي صاحب بہ عربي، فارسي خواه سنڌي وٽس پرائي. اسان جي تہ ۾ گهٽو ڪري سيئي سندس شاگرد هئا. مولوي يار محمد سومرو، ۽ ٻيا ڪيترا بزرگ سندس شاگرد هئا.

[9] ۽

[10] واعظ ۽ اثر لاءِ ٻهراڙيءَ جو اُچار.

[11] "جامع مسجد" جو دهقاني اُچار.

[12] "سعدي"، اُچار اهڙي نموني ڪندو هو.

[13] اهو اصطلاح مرحوم "وعظ الاسلام" جو هو.

[14] اردوءَ ۾ انهيءَ محاوري جو ترجمو آهي: "سبز باغ دکانا".

[15] مولانا جي رحلت 7 وڳي شام جو تاريخ 4 شوال 1371 هـ بروز جمعہ مطابق 27 جون 1952ع جو ٿي. اناللہ و اناعليه راجعون!

6

محبت جي مهراڻ مان، جي ملا! چاش چکين
تہ ڪنز قدوري ڪافيا، پڙهين ڪين لکين
رحل سپ سٽين، ملا مسجد ڪنڌ ۾
- سچل

مذهبي جلسن، واعظن ۽ چند عالمن جو مٿي قصو اچي چڪو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ دل گهري ٿي تہ جيڪر ذڪر هيٺ آيل دور ۾ سنڌ اندر جيڪي مذهبي تحريڪون هيون، انهن جو بہ ٿورو گهڻو احوال آڻي ڇڏجي تہ غير موزون ۽ نامناسب نہ ٿيندو. ڪنهن شاعر چيو آهي:

حسن جذباتي هـي اور عشق خراباتي هـي
بات سـي بات نڪلتي هي چلي آتي هـي،

سو تنهن وانگر داستان مان داستان، قصي مان قصو، ٽڪ سان ٽُڪ پئي ملندي اچي ۽ ڳالهہ مان ڳالهہ مڙئي پئي نڪرندي اچي. ڏسون قصو ڪٿي ٿو وڃي دنگ ڪري.

سنڌ ۾ اصل تہ مذهبي جهڳڙا هئائي ڪونہ، عقائدن جا اختلاف البت هئا، ليڪن سين کي دل ۾. ڪو ڪنهن جي پٺيان ڪونہ، ڪنهن کي ڪانہ پئي هئي، جو ٻئي جي عقيدن تي حملا ڪري، مناظرن جا ميدان کڙا ڪري، ۽ مذهبي مناقشن ۽ مباحثن جي بازار گرم ڪري. سنڌ جا ٽالپر حاڪم خود شيعا هئا، ليڪن ڪڏهن هنن پنهنجي عقيدن جي اشاعت ڪانہ ڪئي. زور زبردستي، تعصب ۽ تنگدلي اصل ڪانہ، هرڪو ريان ڪيان، سيني جي ياڀي ۽ برادري. اسان وٽ مذهب معاش جو ذريعو ڪونہ هو، نہ اسان ان کي بازار جو وکر سمجهي دڪان سينگاريا هئا. اسان ان کي دنيا ۽ عاقبت جو وسيلو ڄاتو هو، ۽ ان کي انهيءَ لاءِ سيني سان لايون وتياسي تہ انهيءَ جي ذريعي اسان جي هيءَ دنيا بہ سڌرندي ۽ آخري دنيا جو بہ اوجر ٿيندو. اسان جو مذهب سادو، سادين ان جون ڳالهيون، نہ

وڪڙ نہ ور، ۽ نہ پيچ ۽ ٽڪتو، ڦند نہ ڦير، نہ سؤ بت نہ سؤ خدا. هڪ خدا، هڪ رسول، بس ٿيو پلو. وڏ ۾ وڏ تہ معمولي مسئلا مسائل يا الله ۽ رسول جي واکاڻ، تنهن لاءِ صبح کان شام تائين اسان جي عالمن سڳورن جي مجلس ئي کوڙ هئي. سندن سڄي اٿي ويني ئي قال الله وقال الرسول هئي، پوءِ ڇاجا جهڳڙا، ڇاجا مناظرا، ڇاجا وير ۽ ڇاجا وڍ؟ هرڪو پنهنجي حال تي مست، هرڪو پنهنجي قال تي قائم.

اسان وٽ گذريل صديءَ جي آخر ۾ هندستان جي مذهبي تحريڪن ۽ مذهبي گروهہ بندين جو اثر پيو، ورنہ انهيءَ کان اڳ هو هميشہ سنڌ جي علمي اثر هيٺ رهيا، حديث جي سَنَدَ جا جيڪي بہ سلسلا هندستان جي اندر موجود آهن، ڇاهي شاهہ ولي الله هجي ڇاهي صديق حسن خان هجي، سين جي سلسلي ۾ جيڪا مڪيہ ڪڙي هوندي، ان تي ضرور ڪنهن نہ ڪنهن سنڌي عالم جو نہ لڳل هوندو، پوءِ ابوالحسن ڪبير هجي ڇاهي صغير، محمد حيات هجي ڇاهي عبدالله ۽ رحمت الله، بهرحال ڪونہ ڪو سنڌي لازماً موجود هوندو.

انگريزن پنهنجي تسلط بعد جڏهن ڄاڻي واڻي هندستان جي مسلمانن سان گڏ اسان سنڌي مسلمانن کي بہ زبون رکڻ گهريو، تڏهن جتي اسان وٽان ثروت وئي، اقبال مندي وئي، ملڪ ۽ ملڪ جي واڳ وئي، اتي اسان جي گهرن مان، اسان جي اوطاقن مان، اسان جي مدرسن ۽ اسان جي مسجدن مان علم جي روشني بہ اجهامي وئي. اقتصادي طرح هڪ ڪرايائين اسان تي هندوءَ جو قبضو، ۽ انهن پنجابين جو جيڪي ساڻس وفادار هئا ۽ سندس فوج جي زيب ۽ زينت هئا، ٻيو سڄيءَ قوم کي ڪڙي ڇڏيائين انهن ڳاٺون نوابن، جاگيردارن ۽ زميندارن جي غلاميءَ ۾، جن کي هن سنڌ ۾ بي انداز زمين ڏئي، خدا جي ڏرتيءَ جو ڪردگار ڪري ڇڏيو هو. جڏهن اهي سيئي عقوبتون اسان سان ٿيون، تڏهن انهن جي نتيجن طور جيڪي شگوفا نڪتا، انهن مان هڪ اهو بہ ٿيو، جو اسان مان مذهب جو سچو روح فوت ٿي ويو ۽ اسان جا عقيدا ائين تزلزل ۾ اچي ويا، جيئن هوا جي جهوٽي تي وڻ جون ڪمزور شاخون پيون هيڏي هوڏي لوڏا کائين، ۽ ڪٽي بہ هڪ هنڌ تي پاڻ جهلي نہ سگهن. عين اهڙيءَ حالت ۾ اسان تي سياسي هجي

خواهه مذهبي، هر انهيءَ تحريڪ جو اثر ٿيڻ لڳو، جيڪا هندستان اندر يا پنجاب اندر شروع ٿي. اهي تحريڪون افرادن ڪهڙن ذاتي يا اجتماعي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪڍيون ڪيون، انهن جي تهه ۾ قومي غرض غايت هئا يا انفرادي خود غرضيون، اهڙي ڪنهن به نقطي تي سوچڻ ۽ غور ڪرڻ کان سواءِ اسان پنهنجي ڏاڍهي ٻين جي هٽ ۾ ڏئي ڇڏيسي. اسان کي فائدو ڪو جزوي ٿيو، ليڪن نقصان اهو پهتو، جو اسان پنهنجي قومي انفراديت يا قومي وقار، جيڪو هن وقت تائين جداگانه قائم رکيون ٿي آياسي، تنهن کي ٻين ۾ جذب ڪري پنهنجي اصليت وجائي ويڃاسين، ۽ اسان مان خودشناسيءَ وارو جذبو ختم ٿي ويو. انهن ئي غلطين جا نتيجا اسان اڄ تائين پيا پوڳيون ۽ خبر نه آهي ته اڃا اڳتي ڪيتري لوڙ لوڙيندا سين.

غدر کان پوءِ جڏهن هندستاني مسلمان تي زوال آيو ۽ ان جا به افعال بگڙيا، تڏهن هن واندڪائيءَ جي ورونهه خاطر مذهب سان راند ڪيڏي، پنهنجو روح ريجهائڻ شروع ڪيو. سُني وهابي[1]، مقلد غير مقلد، شيعه سُني، تبرا ۽ مدح صحابه، ديوبندي بريلوي، اهل قرآن ۽ اهل حديث، علماءِ ڪرام ۽ علماءِ سوءِ، اِهي هئا اُهي فتنا، جيڪي هندستان جي زوال پذير مسلمان شروع ته ڪيا هئا دل وندرائڻ خاطر، ليڪن ان مان ايڏو مَمَطُ مَتو ۽ ايترو خُلَمُ ٻريو، جو ان جي باهه اندر سارو هندستان وکوڙجي ويو. گهر گهر، محلي محلي، شهر شهر، ۽ صوبي صوبي ۾ حسد، بغض، عناد پيدا ٿيو ۽ مناظرا ۽ مناقشا ڪڙا ٿي ويا.

انهن تحريڪن جا وڏا مرڪز هئا بريلي، ديوبند، سهارنپور، ٿانه ڀون، لکنو ۽ امرتسر. بريليءَ جو مولوي احمد رضا خان، ديوبند جو مولانا محمد قاسم نانوتوي ۽ سندس هم مشرب، ٿانه ڀون جو مولانا محمد اشرف علي صاحب، سهارنپور جا ڪي عالم سڳورا ۽ لکنو جا فرنگي محلي بزرگ ۽ اتنهن جا سني شيعا، ۽ امرتسر جو مولانا ثناءَ الله، جنهن جي اخبار هئي "الحديث" ۽ جنهن جا هم عقيده هئا مولانا دائود غزنوي ۽ مولوي اسماعيل غزنويءَ وارا، اهي سڀ بزرگ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي لک لهندا هئا، ليڪن وڏو ٻارڻ بريليءَ جي عالمن ٻاري ڇڏيو هو. ڪفر سازيءَ جي ڪارخاني مان ٿوريءَ گهڻيءَ ڳالهه تي نڪ ڪفر جي

فتويٰ، ڪنهن ڪُڇيو ناهي ۽ ڪافر ٿيو ناهي! انهيءَ ڪفرسازيءَ جو دائرو هندستان کان نڪري، نجد جي سرزمين تائين ٻہ وڃي پهتو هو. جِئرن تي تہ جلهون رهيون، ليڪن مئن کي ٻہ قبر ۾ آرام سان سمهڻ ڪونہ ٿي ڏنائون. انهيءَ قسم جي بزرگن راهہ رباني ورتي، ورنہ اڄين پوين کي ڪافر ٻڌائي بيهي رهن ها. مولانا اشرف علي صوفي ماڻهو هو، تنهن زيادهہ توجهہ پيريءَ مريديءَ تي رکيو. اهڙيءَ طرح مولانا مرحوم قاسم نانوتوي ديوبند جو مدرسو قائم ڪري پنهنجي مشرب جو پرچار شروع ڪيو. البت مولوي ثناءَ الله امرتسري پڻ هو. اخبار "الحديث"، چوپڙن، خواه منظرن ۽ مجادلن جي ذريعي، هن واهہ جو پنهنجي عقيدن جي بازار گرم رکي، ۽ واهہ جو هن بريلوِن يعني مقلدن جا ڇوڏا لاتا! سڄي زندگي انهيءَ ڏنڊي ۾ ختم ڪيائين. پير پرستي، قبر پرستي، ٻيءَ معنيٰ ۾ جيڪا بت پرستي هندي مسلمانن ۾ تنزل کان پوءِ، ذهني پستيءَ ٽيڙ ڪري ۽ سندس روحاني صحت مندي [2] ختم ٿيڙ سبب، پيدا ٿي هئي، ان کي ختم ڪرڻ ۾ هن وڏو جهاد ڪيو. خدا مٿس رحمت ڪري ۽ کيس جزاءِ خير ڏئي! اهڙي مومن جو امرت سر ۾ پيدا ٿيڻ واقعي هڪ معجزو هو.

جڏهن هندستان ۾ انهيءَ قسم جا مذهبي اختلاف پيدا ٿيا، ۽ ڇئن ئي طرفن کان مولوي موراڻا اڇي ڪڙا ٿيا، ان وقت مذهب جتي فساد ۽ بغض عناد جو سبب ٻڌيو، اتي معاش پيدا ڪرڻ جو ذريعو ٻہ پيدا ٿي پيو. چندا ڇوريون، نذر نياز، خرچ پکا، ڪرايا راهہ خرچ، جلسا جلوس، مناظرا ۽ مباحثا، مطلب تہ سوين رستا پئسن پيدا ڪرڻ جا کلي پيا، ۽ ڪن لاءِ تہ مذهب اصل مستقل طرح ذريعو آمدنيءَ جو ٻڌجي پيو ۽ هنن واه جو جاوا ڪري پنهنجي زندگي نَڻَ سان گذاري. سندن اهو نڻ نانگر حقيقت ۾ اڀوجهہ عوام جي جهالت ۽ حماقت تي هڪ مسخري، هڪ طنز ۽ هڪ تمسخر هو، پر افسوس جو ان کي ڪو پروڙي ڪونہ سگهيو.

سنڌ ٻہ هندستان ۾ پيدا ٿيل انهن تحريڪن مان ڪِي قدر متاثر ٿي، جنهن جا ٻہ سبب هئا:

(1) هندستاني اخبارن جو مطالعو.
(2) ديوبند مان پڙهي آيل شاگرد.

تنهن هوندي بہ سني - شيعن جو تنازعو هتي ڪونہ هو، نہ تبرو نہ مدح صحابہ. جڏهن لکنو ۾ مسلمانن هڪبئي جا گريبان چيهون چيهون ڪيا، ان وقت بہ هتي ڪو اثر ڪونہ ٿيو، بلڪ انهيءَ زماني ۾ بہ سنڌ اندر سني خواه شيعا پاڪر وجهون گڏ گهمندا وتيا. هتي سنين هميشه شيعن سان هڪجهڙو سلوڪ پئي ڪيو آهي. ٻئي ڏريون ڪنڊ ڪير پئي رهيون آهن، بلڪ تعزين جي جلوس واري جِلو ۾ جيڪي رنگينيون هونديون هيون، انهن ۾ سني نوجوان بہ برابر جا پاڳي پائيوار رهيا.

ڪفربازي ۽ ڪفرسازي بہ هتي ڪانہ هئي، ۽ نہ علماءِ ڪرام هڪبئي جي ريش مبارڪن ۾ هٿ وجهون وينا هئا. عقيدن جي اختلاف هتي ايترو ممڻ ڪونہ مچايو، جو ان ۾ سڄي سنڌ سلهاڙجي وڃي. ٿورو گهڻو اختلاف، اهو بہ مقامي دائري کان ٻاهر اصل نہ نڪرندو. هتان جا عالم سڳورا ڪي هروپرو سيئي اصحابي بہ ڪونہ هئا. منجهن هم - پيشگيءَ جو حسد ۽ تنهنڪري ذاتي ضد ضرور هو، ليڪن اهو نہ برملا ٿيو نہ پڌر پيو. شان علم جو هر حالت ۾ هو قائم رکندا آيا، چاهي ان ڪري پنهنجي نفس تي هنن کي ڪيترو بہ ضابطو ڪرڻو پيو.

هتي ٿورو گهڻو سنين ۽ وهابين جو چلتو ٿيو، جنهن کي هڪ تہ سنڌ جي پير پرستيءَ ۽ پيرن ۽ سجادن جي بداعماليءَ وڌڻ جو وجهہ ڏنو ۽ ٻيو چند اُنهن شاگردن جيڪي ديوبند مان پڳون ٻڌي موٽي ماڳين آيا هئا. ليڪن اهو هنگامو بہ گهڻي تائين هلي ڪونہ سگهيو. ٿوري گهڻي "تون چا! تون چا!" ٿي، تنهن کان پوءِ هرڪو ٺري ويهي رهيو، عوام دلچسپي ڪانہ ورتي- سندن پُٺِي جو ڪنهن نہ ٽپي، ازانسواءِ چندي ڇُوريءَ جو بہ اميد آسرو جو اصل ڪونہ رهيو!

سنين ۽ وهابين جي اختلاف جا فقط بہ مضحڪہ انگيز واقعا مون کي ياد آهن جن جي حيثيت لطيفي کان مٿي ڪانہ آهي، ۽ هتي بيان ڪرڻ منجهان منهنجو

مطلب ۾ اهو آهي تہ يڪي خشڪ مضمون کان پوءِ انهن کي ٻُڌي طبيعتن ۾ ٿوري گهڻي شگفتگي پيدا ٿئي، جيئن اڳتي وري تازا توانا ٿي وڃن.

* * *

"سنڌ زميندار" ۾ نظر علي خان ۽ مان چانورن جي مٿان هُربي پالڻ جي خودساختي پاڄي پرٿي، ويٺي گرهن کي ڳِٽو [3] تہ اوچتو هُلُ ٿي ويو:

"تم ڪافر هو!"

"تم ڪافر ابن ڪافر هو!"

"تمهاري سات پشتين ڪافر هين!"

"تمهاري سو پشتين ملحد، زنديق اور ڪافر هين!"

درڪولي جو ڏسون تہ مدرسہ بوردنگ هائوس ۽ پريس جي ديوار وچ ۾ جيڪو رستو هو، ان تي عاليشان اسلامي جلسو آهي. ۾ عالم سڳورا هڪ ئي استيج تي چڙهيا بينا هڪٻئي کي ڪافر، ملحد ۽ زنديق سڏِن.

منجهانِ هڪ هو مولوي عبدالله پنجابي گام حاطي واريءَ مسجد جو پيش امام ۽ عقيدن جو ڪٽر وهابي، ۽ ٻيو هو حافظ مولانا مولوي محمد حبيب الله. هئا ٻئي عالم ڪونہ، پر سکر جي درزين ٻنهي کي پڇ ٻڌي مهري ڪيو هو. پهريون صاحب سڪي سازيءَ ۾ پنجاب اندر جيل ڪاٽي، ملڪ ڇڏي، اچي سکر جي گام حاطي واريءَ مسجد جو پيش امام ٿيو هو، جيڪا سکر جي پنجابي پوليس وارن چندا ڪري نهرائي هئي ۽ اڄ تائين موجود آهي. ٻيو اصل تہ هو وينل چڪ پرڪڙ جي يڪ جو ۽ نج سنڌي، ليڪن اوچتو گهر کان نڪري ڪنهن سانگي ٻهاني وڃي مصر پهتو. اتي غالباً حبيب الله ٻڌيو. جڏهن سالن پڇاڙا موٽي ماڳ تي آيو، تڏهن ترڪي ٽوپي مٿي تي، ڪارو چشمو اکين تي، ۽ ٽرڪش ڪوٽ بت تي، لڪڙ هٿ ۾، چي، حضرت الحاج مولانا مولوي حافظ [4] محمد حبيب الله فارغ - التحصيل جامع ازهر دارالاسلام مصر. پنهنجي مادري زبان اگرچہ ياد هيس، ليڪن ان ۾ تڪلم فرمائڙ عالمانہ نقطهِ نگاه سبب ڪسرشان تصور [5] ڪندو هو، تنهنڪري عربي مخرج سان اردوءَ ۾ ارشاد ڪندو هو. سکر جا درزي جيڪي اصل ۾ ڪوري هئا، سي ۾ ڏينهن کان ٻاڙيا وينا هئا [6]. انهن،

جو اهڙو شاندار ماڻهو ڏٺو، جنهن جو ڳالهائڻ ۽ اهڙو جڙ قرات سان قرآن جو ٿو ڏئونر[7] ڪري، سو هنن سندس خوراڪ پوشاڪ ۽ رهڻ ڪرڻ جا سڀا خرچ پڪا پاڻ تي هموار ڪري، ونيِ ڪيائون واعظ ڪرائڻ شروع. حضرت مولانا جن پنهنجن واعظن ۾ پيرپرستيءَ، قبرپرستيءَ، پيريءَ مريديءَ ۽ انهن عقيدن جي بين سيني لوازمن کي خوب ساراهڻ شروع ڪيو. هڪ ٽ درزين جي دل وَڌائون اِهي ڳالهيون هيون، ٻيو خود مولوي صاحب جي آئنده گذر گذران جو ۽ انحصار انهن عقيدن جي استواريءَ تي هو، جنهنڪري محلي محلي ۾ هن ٻارڻ ٻاري ڏنو. انهن عقيدن جو سڄو الزام حضور جن جي ذات پاڪ تي، پيرپرستيءَ ۽ ڪرامتن جو سڄو سلسلہ نسب حديث شريف تي، سڀا دليل قرآن مان ۽ سمورو بار اسلام تي! جڏهن مخالف عقيدي وارن کي اهي آواز پهتا، تڏهن کين ٻيو ٽ سرِ دست ڪو عالم سڳورو هٿ ڪونہ چڙهيو، سڏو مولوي عبدالله کي ونيِ اچي اسٽيج تي بيهاريائون. بس سکر ۾ هڪ رؤنشو مچي ويو. جواب سوال، سوال جواب، ڪيترا ڏينهن ٽ پئي غائبانہ هڪٻئي تي جلهون ٿيون! آخر آواز اٿيو:

”مرد کا بچہ هي تو ميدان ۾ کيون نهين آتا؟“

بس ٻنهي ڌرين ملاکڙي جو ميدان انهيءَ جاءِ تي ڪيو، جتي جو ذڪر ابتدا ۾ ڪري چڪا آهيون. مناظري جو عنوان هو ٽ:

رسول ڪريم جن کي شفاعت جي اجازت مليل آهي يا قيامت واري ڏينهن ونڊي پوندي؟

مولوي عبدالله وارن جو چوڻ هو ٽ ’قيامت جي ڏينهن بارگاهہ ايزديءَ مان رسمي طرح اجازت ونڊي ضروي آهي.‘ مولوي حبيب الله جو فرمائڻ هو ٽ ’انهيءَ اجازت جي ضرورت نہ آهي، حضور جن پاڻ مختار ڪل آهن.‘ انهيءَ عنوان طيءِ ڪرڻ جي لاءِ ٻنهي علمائن سڳورن جي وچ ۾ عربي زبان ۾ پهريون لکپڙهہ هلي هئي، جنهن کان پوءِ اهو عنوان ۽ مناظري جا قاعدا ۽ ضابطا مقرر ڪيا ويا. ٻنهي جماعتن پنهنجا طرفدار لٺِن ۽ لکڻ سان آڻي ڪٺا ڪيا، هڪ طرف کان هڪ ڏُر وينيِ هئي ۽ ٻئي طرف کان آمهون سامهون ٻي ڏر. اجا مناظري جو آغاز

نہ ٿيو هو، جو مولوي عبدالله اڳي اعتراض ڪيو تہ مولوي حبيب الله پاڻ کي جامع ازهر جو فارغ التحصيل سڏائي ٿو، ليڪن ڪيس صرونحو جي بہ ٻيٽ ڪانہ آهي، هن جيڪو خط لکيو آهي، ان ۾ فلاٽو اکر مذڪر ڪري لکيو اٽائين، حالانڪ فلاڻي قاعدي مطابق اهو مؤنث هجڻ کپي! بس ان کان پوءِ جنگ جدال شروع ٿي ويو ۽ اصل موضوع تہ ويو وڃ ۾ رهجي! اڄي هنگامو ٿيو مذڪر ۽ مؤنث جو، يعني فلاٽو نر آهي يا مادي!

"تم جاهل هو!"

"تم اجهل هو!"

"تم عربي کا عين تک نهين جانتي!"

"تم دو کيباز هو!"

"تم دوکيباز کي بچي هو!"

"تم جس طرح آنکون سي انڌي هو اسي طرح علم سي پي کوري هو!"

"تم جاهل تمهاري سات پشتين جاهل!"

"تم کيا جانو عربي زبان؟"

"تم کفر بکتي هو!"

"تم ملحد کي بچي ، زنديق اور کافر هو!"

"تم بي ايمان هو!"

"تمهاري سزا موت هي !"

جنهن وقت اهو هنگامو ٻڌي، اسان در کولي ٻاهر نڪتاسي، ان وقت ٻئي عالم سڳورا استيج تي بينا هئا ۽ ٻنهي جا هٿ هڪٻئي جي سنهارِن جي قريب پهچي چڪا هئا. ٻنهي جا طرفدار لڪڻ ۽ لنيون سڌيون ڪري، هڪٻئي جي مٿن ڦاڙڻ لاءِ قدم وڌائي رهيا هئا، جو نظر علي خان ٽپو ڏئي وڃي استيج تي پهتو.

في الحال تہ جهيڙو ٽري ويو، ليڪن ڪيترا ڏينهن درزين جي دڪانن تي پئي قيل مقال هلندي هئي. سندن قينچيون پيون ڪپڑن کي ڪترينديون هيون ۽ سندن زبانون پيون اسلامي عقيدن جي چير ڦاڙ ڪنديون هيون:

"ير، ڏاڏا زوراور ماڻهو آهيو! اجازت ڪيئن نہ ونڊي پوندي؟"

”استاد! ميراج [8] واريءَ رات اِهي سپ ڳالهيون فيصل ٽيل آهن!“

”اجايو پيا مٿو هٽو. رسم ضرور پوري ٿيندي! ڏسندا ناهيو ميونسپل ميمبر پريزيڊنٽ کان اجازت ونڻي پوءِ نهراءَ پيش ڪندا آهن؟ بس اهڙيءَ ريت فقط دستوري اجازت ورتي ويندي!“

جڏهن استاد الهڏتي، ديوان ايسرسنگ جي پينٽ جي ٻَڇِي ڪترينديءِ قينچي جهلي، عينڪ جي مٿاهون اکيون ٽپائي، انهن سيني ڪاريگرن کي مخاطب ڪري چيو، جيڪي سنگر مشينن تي استاد جا ڪٽي ڏنل ڪپڑا سبي رهيا هئا، تڏهن پهريون ته گهڙي ڪن هرڪو ماڻ ۾ اچي ويو، پر پوءِ اوچتو، هڪ مشين هلندي هلندي بيهجي وئي.

”استاد! معاف ڪجو، يَرَ وڏا آهيو! جي ديوان ايسرسنگ موڪل نٿو ڏئي ته پوءِ ميمبر رٿ پيش ڪري سگهي ٿو؟“

ٻئي ڪاريگر جي مشين ٻه بيهي وئي،

”نه يار! پوءِ ته ميمبر کي مجال ئي نه آهي!“

”تڏهن ته چوان ٿو، جي اسان جي پيغمبر سائينءَ کي موڪل نه ملي، ته پوءِ؟“

”چو نه ملندَس؟“

”هڪ ڳالهه ٿي ڪجي، جي نه ملي ته پوءِ؟“

ڪنهن کان جواب ڪونه پڳو. استاد جي قينچي ٻه تيزيءَ سان ڪپڑي تي هلڻ لڳي ۽ سنگر مشينون ٻه زور سان چالو ٿي ويون، مولوي عبدالله ۽ مولوي حبيب الله، شفيع المذنبين واري خلعت خاص ۾، معاذالله، جيڪو چير ڏئي چڪا هئا، ان کي وري ڪوبه سبي ڪونه سگهيو.

* * *

”يار پلي آيَؤ!“

”ڀائو خير هُجَئي!“

”جيءُ!“

”ڏيئون!“

”الاٿهار!“

”منو کير پيئُ. سڀ خير خبران، هرکو پنهنجي جاڻِن تي پيو وسي رسي، گهرين ٽڙين سڀ خير، مال رزق بہ ريان کيان. ٻڌو اٽسي تہ جندي ۾ ملان ۽ سندس پٽ جي وچ ۾ ڪنهن ڳالھ تان تڪرار ٿي پيو آهي. ٻنهي آڻي عالم ڪنا ڪيا آهن. ٻنهي طرفن کان خيراتن جو بہ سڏو مليل آهي. وجون ٿا اهو تماشو ڏسڻ. ٻيو سڀئي خير.“

”ڀلا گهرجي بہ خير!“

جڏهن جندي جي مولوي صاحب ۽ سندس پٽ جي وچ ۾ سني، وهابيءَ جو جهڳڙو وڌي وجي چوٽ پهتو، ٻنهي هڪٻئي کي ڪافر، ملحد، بي دين ڪوٺڻ شروع ڪيو، ٻنهي هڪٻئي پٺيان نمازن پڙهڻ کي ناجائز چيو، ۽ جڏهن ٻنهي ڏرين پنهنجي پنهنجي عقيدن جا مولوي ۽ طرفدار سڃيءَ سنڌ مان آڻي مناظري لاءِ ڪنا ڪيا ۽ ٻنهي طرفن مٽن مُنهن چانور ڪنا ڪري، ڪونهٽ ۽ وهڙا ڪُنا، ۽ جڏهن ٻنهي طرفن ماڻهن کي عام ڪوٽ ڏني تہ اچي مذهبي عقائدن تي عالم سڳورن جا ارشاد ٻڌو، ان وقت ٻاهراڙيءَ جي ماڻهن ان کي تماشي کان مٿي اهميت ڪانہ ڏني. جڏ هنن لاءِ ”پير چندام“ جو ميلو هو يا سندن لاءِ جڏ جندي [9] ۾ شيديءَ ملهہ ۽ شير مير بحر جو ملاکڙو لڳڻ وارو هو. ازان سواءِ خيرات جو بہ سڏو هو، تنهنڪري ان جي بہ کين ڪشش هئي. کي پاڳيا تہ پلو سنهارو مٿي تي ڪٽي، ان ڪري بہ وڃي رهيا هئا، تہ پنهنجي ٻَڌيءَ ڇُڙيءَ جي ڪُلَوَ [10] ڏين، ڇاڪاڻ تہ جندي ۾ انهيءَ موقعي تي اوري پري جا مهاندا ڪاٽڪو، چور مور ۽ چڱا منا ڪنا ٽيڙ وارا هئا.

دراصل مولوي صاحب جڏهن پنهنجي صاحبزادي کي- خبر نہ آهي، ڪهڙي مدرسي مان دستاربندي ڪرائي - لاڏئين ڪوڏئين گهر وٺي آيو، ان وقت گويا هڪ ميڙ ۾ بہ تلوارون ٽي پيون: پيئُ سُني ۽ پٽ وهابي نڪري پيو. پهريائين تہ ٿورو گهٽو بحث پاڻ ۾ پيو ٽيندو هين. سهسائي سهسائي، جڏهن ٻَئي دل جا ڪنور ٽي ويا، عقيدن جي اختلاف پيئُ - پُٽائيءَ واري عزيز رشتي تي بہ عناد، حسد، بغض ۽ دشمنيءَ جا غلاف چاڙهي ڇڏيا، ان وقت ٻنهي ڪلم ڪلا هڪٻئي کي ڪافر، ملحد ۽ ملعون چوڻ شروع ڪيو، پيئُ پٽ کي عاق ڪري ڇڏيو، پٽ

پيءُ جي خلاف بغاوت جو جھنڊو کٽي بينو. اوڙي پاڙي ۾ پچار پئي، چگڻ مڻن وچ ۾ پئي ٽپ ٽار جي کوشش ڪئي، ليڪن سڀ بيسود. ٻنهي هڪٻئي جو کاڏو پيتو پاڻ تي حرام ڪري ڇڏيو. ڪجھ عرصي بعد مناظري ۽ مقابلي جو پروگرام رٿيو ويو، هرڪنهن پنهنجي عقيدي وارن عالمن کي سڏو ڏنو.

مناظرو غالباً ٻہ ڏينهن هلڻو هو. مولوي صاحب پير پر چوندبيءَ واري کي سڏو ڏنو، تہ سندس صاحبزادي پير جھنڊي واري کي گھرائي ورتو. مطلب تہ مناظري کان اڳ ئي جھنگ جھر ۾ چار پچار ۽ چوءِ پچوءِ ٿي وئي، ڪجھ خيرات ۽ ڪجھ رونشو، مطلب تہ هزارين ماڻھو اچي ڪٺا ٿيا، ڏريون ورھائجي ويون، هڪٻئي جي آمھون سامھون منزلن جا ميدان تيار ٿيا، مولون موراڻن پنهنجي پنهنجي ثابتيءَ ۾ ڪتابن جون ھڙون، بدڪون ۽ پريون آڻي ميدان ۾ لاٿيون. اھڙيءَ طرح ٻنهي طرفن کان اُٺ ڪتابن جا ڪنا ٿي ويا.

معرکي جو ميدان مچي، ان کان اڳ ئي طعنو تنڪو، الزام بھتان، ٽوڪ ٺھول، ۽ آخر ۾ گارگند شروع ٿي وئي. سڪر جا درزي تہ هئا ڪونہ، جو ڇڙو دڙڪا داب ڏئي، هڪٻئي کي هيسائِن. هتي تہ جھنگ جا ماڻھو بہ هئا، وڏين وڏين ڏاڙھين سان، جن جي مٿن جا وار جي پڳ مان نڪرن تہ وجي پِني سٽر ڪٽن، ڏسڻ وائسڻ ۾ جھڙا جٽنگ جوان، جھڙا شھونگ، اُنن جيڏا قد، چمڪندڙ ڪھاڙيون ۽ لوھائيون لوڙھيون ھٿن ۾. نہ طعنو سھن نہ تنڪي تي طبيعت هريل. ڪھاڙي ھٿ آئي يا لٺ اُپي ٿي، تہ مڙس جڙ ڇائو ئي ڪونہ هو. ٻيو وري هو دين مذهب جو معاملو، سڀ سھي وڃن، پر نہ خدا تي گھٽو اکر سھن نہ رسول جي شان ۾ معاذالله ڪو وارُ پيو وسھن. جيڪي پاٽيءَ جي آواندي تي ماڻھو ماري رکن، تن جي اڳيان ويھي مناظرا ڪرڻ گويا باھہ سان کيڏڻو هو! تہ جي عملدارن کي سمجھي ئي سرت اچي وئي، جنھنڪري هنن يڪدم سيني کي ٽپڙ ٻڌائي پھرينءَ گاڏيءَ ۾ پنڌتي موڪلائي ڇڏيو.

”ادا، ڏيو خبر؟“

”ير، پوليس اچي وچ ۾ پئي، نہ تہ واھہ جو لئي ٿي ها!“

”ٻڌوسي پرچوندبيءَ وارو بزگ بہ اچي لٿو هو؟“

”ٻيٽي آ! ذات ملو موراڻو ۽ پير فقير اچي گڏ ٿيو هو!“
”بس ير قيامت اچي وئي!“
”هائو يار!“
”پٽ ٿئي پيءُ جو ويري، ڪنڌ نہ ڪپي ڇڏجيس!“
”چوين سچ ٿو پائو!“
”چا ڪجي، انگريز فيل مست آ!“
باهراڙيءَ جي سامعين ڪرام کي اختلاف جو اصل نُڪتو تہ سمجهہ ۾ نہ آيو هو ۽ نہ ان کي هنن کا اهميت ئي ڏني ٿي. هنن وٽ سيئي مسلمان پائر هئا، سُنيءَ وهابيءَ جو ڦير ۽ ڦند سندن ڪائنات ۾ دخل ڏئي ڪونہ ٿي سگهيو، انهن کي فقط هڪ تہ تماشي ۽ رونشي جو خيال هو ۽ ٻيو ڪين اهو ويسورو هو تہ پٽ ڪيئن پيءُ جو ويري ٿيو آهي!
بهرحال مهيني ماسي تائين اها قيل مقال هلي، ان کان پوءِ هرڪنهن انهيءَ واقعي کي وساري ڇڏيو، ۽ اهو بہ ٻڌڻ ۾ آيو تہ پيءُ پٽ بہ پاڻ ۾ وري ڪير ڪنڌ ٿي ويا. فتني ۽ فساد جي اصل جيڪا جڙ هئي، ان کي ختم ڪيو ويو، يعني ڪفن دفن جي جيڪا آمدني هئي سا پيءُ کٽي، ۽ شهر جون جيڪي ٽِڪيون[11] هيون سي پٽ جي حصي ۾ آيون! لاپي لائيءَ کي ٻنهي اڏواڏ ڪري ڪنيو.

* * *

اهي بہ تہ ڪيا ويا لطيفا بيان. ليڪن ٿيون هڪ واقعو اهڙو ذهن ۾ اچي ويو آهي، جنهن جي ابتدا تہ ڏاڍي ’سيريس نيچر‘ جي ٿي، ليڪن جڏهن پڇاڙيءَ تي پهتو، تڏهن سيني ڏٺو تہ درحقيقت اهو معاملو لطيفي کان مٿي نہ هو.
سال 1925ع ۾ نجد جي علاقي مان اوچتو چوهي وانگر ابن سعود اٿيو، جنهن سڄي عربستان تي اکٻوٽ ۾ قبضو ڪري، حرمين جي حاڪم شريف حسين کي اتان پڇائي ڪڍيو: ”شريف“ ان ڪري هو، جو حرمين جي حرمت سبب اتنهن جي حاڪم کي حاڪم نہ سڏيو ويندو هو، بلڪ ”شريف“ ڪوٺيو ويندو هو، ٻيءَ حالت ۾ سندس شرافت جا افعال اجهي هي هئا - بَدُن رڙ ٻاري ڏٺو آهي!... حاجين

سگورن سان ڏاڍا ظلم ڪن ٿا، نہ اُنهن جو مال سلامت آهي نہ جان سلامت آهي!... قافلي مان حاجي سونهارو وک پاسي ٿيو تہ ويو، نہ سِسِي ساڻ نہ ڏڙ مالڪين ملندو!... مطلب تہ حج جو سڄو وقت حرمين جا حاجي ساهہ مُٺ ۾ ڪيون وتن ٿا!... حرم پاڪ ۾ بہ پيون ڏاڍيون ٿين- نہ داد آهي نہ فرياد!...حڪومت ملڪ ۾ آهي ئي ڪانہ!... شريف حسين جهڙو آهي تهڙو ناهي!

سُڻي هجي چاهي وهابي، علماءِ سُوءِ هجن چاهي عُلماءِ حق، سڀني جي اهائي شڪايت هئي، 'شريف' جي نا اهليت ۽ بدوين جي آزار ۾ سڀئي يڪ آواز، ليڪن جڏهن شريف ڪي ابن سعود پڃائي ڪڍيو، تڏهن هندستان اندر سمورا مسلمان بن طبقن ۾ ورهائجي ويا، هڪ سعودي ٻيا شريفي. اها حديث، جن ڪي وهابي سڏيو ٿي ويو، سي سعود جا طرفدار هئا، ۽ اهل سنت والجماعت وارا، جن ڪي علماءِ سُوءِ سڏيو ٿي ويو، تن طرفداري شروع ڪئي شريف حسين جي. انگريز جي پشتي پوين ڪي هئي ۽ پهرين وٽ سعود جو پئسو پهتو هو. مطلب تہ عربستان ۾ سڪ سلامتي بہ ٿي وئي، ليڪن هتي ڏاڙهيءَ پَٽ جاري! لعنت ملامت، تقريرون تحريرون، جلسا جلوس، بيان مضمون، اخبارون پمفليٽون ۽ آخر ۾ گارگند ۽ ڪفر جون فتوائون.

انگريز ان ڪري دخيل هو، جو شريف حسين سندس ٻالڪو هو، اُن جي خاندان جي ذريعي انگريز وچ مشرق ۾ پنهنجو اقتدار قائم ڪرڻ ٿي گهريو، ترڪن جو زور هُن مسين مسين ٽوڙيو هو، وري جو حجاز تي قبضو ٿي ٿيو سو بہ عبدالعزيز ابن سعود جهڙي جري جوان مرد ۽ اولالعزم امير جو، تنهن اُنهيءَ سڄيءَ راند کي ٿي وڃايو، جيڪا هُن مشرق وسطيٰ جي بساط تي شريفي خاندان جي مُهرن ذريعي کيڏڻ ٿي گهري. عربن جي وحدت ٽوڙڻ ۽ ترڪن جي قوت کي ختم ڪرڻ لاءِ انگريز جدا جدا ننڍيون ننڍيون سلطنتون قائم ڪري شريف حسين جي پٽن کي ڏنيون، ۽ هو بطور سندس ايجنٽ جي سندس دل گهريءَ پاليسيءَ مطابق شاهہ شطرنج بڻيا رهيا. بغداد امير فيصل کي مليو، جنهن جو پوٽو فيصل ثاني 1958ع ۾ عبدالڪريم قاسم هٿان شهيد ٿيو، حجاز ۾ پاڻ

شريف حسين، ۽ شام، فلسطين ۽ شرق اردن سندس ٻئي پٽ امير عبدالله کي مليا، جنهن جو پوٽو حسين هن وقت اُردن جو بادشاهه آهي.
بهرحال انهيءَ جنگ جدال جو سنڌ تي به اثر پيو. هت به ٻه فرقا ٿي ويا. "الوحيد" انهيءَ سڃي معاملي کي انگريز دشمنيءَ جو رنگ ڏئي چڏيو، جيڪو درحقيقت صحيح به هو. انگريزن سنڌ ۾ به گهٽن کي سرچائي، ميدان منجهه آندو، ليڪن "الوحيد" جي آڏو انهن جي هڪ به هلي ڪانه سگهي، رَهندو جلد ئي ابن سعود جي سرڪار کان ڪن ڏي حج جون دعوتون به اچي پهتيون ۽ ڪن ڏانهن سوڪڙيون پاڪڙيون ۽ ڪجهه نذر نياز به اچي ويو. سيني جي چهرن تي شگفتگي پيدا ٿي وئي، مخالفت جي جيڪا تلخي هئي سا هلي وئي ۽ منهن تي طمانيت ۽ خوشنوديءَ جي مرڪ ظاهر ٿي آئي. بس معاملو اهڙيءَ طرح وڌي وڌي، آخر ۾ انهيءَ طرح لطيفو ٻڌجي ويو.
امرتسر جو غزنوي گهراڻو هندستان اندر ابن سعود جو جڙ مشير خاص هو، جنهن کان پوءِ نه چڙو ويسٽرن فرنٽ تي خير شير ٿي ويو، بلڪ خود غزنوين جي اٽڪ ويهڻ، رهڻ سهڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ روزگار ۽ رزق ۾ به هڪ رونق اچي وئي. سنڌ ۾ بهرحال انهيءَ قسم جا معمولي واقعا ٿيندا رهيا، جن کي فقط مقامي حيثيت هئي، ان کان مٿي ڪڏهن به معاملو وڌي اهڙيءَ ريت ڪونه هليو، جنهن ۾ اسان جو سمورو ملڪ وکوڙجي وڃي.

---

[1] وهابي عقيدا نجد جي هڪ عالم محمد عبدالوهاب جي نسبت سبب آهن. اهو بزرگ اسان جي سنڌي عالم حضرت شيخ محمد حيات محدث سنڌي مدنيءَ جو شاگرد هو.

[2] جسماني صحت خواه روحاني صحت، تنزل پذير قوم ۾ ڪانه ٿيندي آهي. وهم، وسواس، بزدلي ۽ خوف، ايماني قوت ۽ صحيح عقيدي کي ختم ڪري چڏيندا آهن، پوءِ جيئن لاعلاج بيمار پيو ويج ۽ طبيب پچائيندو آهي، تيئن مٿئين قسم جو انسان به وتندو آهي دعائون تعويذ ونندو، هٿ ڏيکاريندو ۽ قسمت پچندو، قبرن تي سکائون

باسيندو ۽ پير پڃائيندو، ڪرامتون جاڃيندو ۽ ولي ڳولينڊو. جڏهن اوج ۽ اقبال هوندو آهي، ان وقت جسماني قوت بہ قائم تہ ايماني صحت بہ سالم. ان وقت پنهنجي تقدير پنهنجي هٿن ۾ هوندي آهي، تڏهن مومن جو پروسو هڪ خدا تي ۽ ٻيو پنهنجي قوت بازوءَ تي هوندو آهي.

[3] دل کي جيڪا ماني نہ وڻي، ان جي لاءِ اهو اکر ڪتب آڻبو آهي. 'ڪِڻي' جون بہ معنائون آهن، اُڀرڻ، ڪُهڻ، يا اها سوڙهي جاءِ، جتان ڪو ماڻهو لنگهي ٻئي طرف وڃي، مثلاً ڪو ڳِڻو ملي تہ ٻاهر نڪرون.

[4] قرآن جو حافظ هو يا اکين کان چونڪ وينل هو، تنهنڪري حافظ سڏائيندو هو، اهو يادگيرو نہ آهي.

[5] ڳالهائڻ ۾ هو اهڙيءَ طرح عربيءَ فارسيءَ جا ڳرا ڳرا اکر استعمال ڪندو هو جو ائين پائنبو هو تہ عربي ٿو ڳالهائي.

[6] سکر جا درزي سخت ڪمزور عقيدي جا هئا، بيحد توهم پرست، سڳي ڏاڪي ۾ مبتلا ۽ پير فقير جا مطيع، جيڪو عالم هٿ ايندو هُين تہ ان کان واعظ ڪرائيندا هئا، هر ڏڻ وارو کي ملهائيندا هئا، ڏاڍي عقيدي ۽ نياز نوڙت سان. ويچارا مذهبي لحاظ سان سخت مظلوم هئا.

[7] بمعنيٰ 'دور'.

[8] معراج.

[9] 'ڇِندي ديري' جو مخفف. انهيءَ شهر ۾ ڪنهن زماني ۾ ٻڌبو هو تہ ڏاڍيون پيدا ٿيندڙ هيون. اسان جي والده جڏهن اسان ٻنهي ڀائرن کي رات جو سمهارڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، تڏهن آخر ۾ اچي چوندي هئي: "بس ڪري سمهو، نہ تہ سڏيانوَ ٿي جندي ديري جي ڏاڍِن کي!" ننڍي هوندي ڏاڍڻ جي ڪري ۽ وڏي هوندي مولوي صاحب جي ڪري انهيءَ شهر جو نالو پيو ٻڌبو هو. انهيءَ کان سواءِ جندائي سيدن لاءِ بہ هيءَ چوٽي عام هئي "سُڪو گهوڙو سيٺ گهٽي سمجهہ تہ جندائي سيد آهي!"

[10] سنڌ ۾ جنهن جو ڏور ٻڌبو هو ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ ملي ڪونہ سگهندو هو، تہ اهڙن موقعن يعني خيراتن، وهانون، قضين، ملاکڙن ۽ ميلن تي قرآن شريف ڪٽي وڃي اوطاق ۾ پهچندو هو. اوطاق ۾ وينل سپ اٿي ڪانئس پهريون پلو سنهارو وٺي رکندا، ان کان پوءِ پچندس حال احوال. ان ۾ هو پنهنجي ڏور جا پتا پار ڏيندو (پارن جا نمونا: ٻولاهي، ڪاري، ڇئو ڏندي، بگي، پور، ڏوڙي، سانگهائي، ڪبري، ڦاڏي، گوشي، ڪُنديي، ڇئونرو پُڇُ، وغيره). سيئي ڪاٽڪو ٻُڌندا. جيڪڏهن ڪنهن کي خبر هوندي ۽ اهو ايماندار هوندو، ڪيس مصحف جي ميڙ ٿي اڇڻ جو لحاظ پيو، تہ چوندو: 'ادا يَلَو يَلَو، ڇُٽين، فلاڻي وٽان وڃي پُڇ!' جي اهو چور اتي ئي هوندو، تہ چوندو، 'ادا فلاڻي واري تي اچجانءِ' جي في الحال ڪنهن کي خبر ڪانہ هوندي، تہ اِها ڪُلَوَ ۽ پاريادڪري ڇڏيندو، ۽ جڏهن خبر پيس تہ مال موٽارائي مالڪ کي پهچارائيندو. جي قرآن جو لحاظ بہ ڪونہ پيو، تہ چوندا، 'ادا چگا پيا چگن ڏي اچن.' هر چور جي نالي پٺيان "خان" ضرور ڳنڍيو هو تہ جيئن نالو مانائتو ٿئي. مثلا مکڻ خان ناريجو، مهراب خان جتوئي، احمد علي خان ناريجو، ٽوهہ خان خروس، پسند خان خروس، راوت خان خروس،

ٻاجهي خان اڇڻ، بيبرڪ خان ككرائي، وغيره، اهي انهيءَ دور جا مشهور ڪاٺڪو يعني مهاندا ۽ مانائتا چور هئا.

چورن جا اصطلاح هي آهن:-

پيرادِو يا پيري: ڪم ٽيل مال جا پيرا لهندو ۽ چور جا پير سجاڻندو.

باڪو: جيڪو فيصلي ۾ چور تي بڪندو، تہ وٽس مال برابر آهي.

جوڙِتُ: جيڪو چور تي جوڙي ڪٽندو، يعني سنگتي ٽي سندس چوريءَ جي ڳالهہ ظاهر ڪندو.

پاڳيو: مال وَندو ۽ اهو جنهن جو ڏور ٻڌبو.

پلو سنهارو: قرآن شريف، جنهن کي پاڳيو ڪٽي ڪُلَوَ تي گهمائي.

ڪُلَوَ: سيني کي پارپتا ٻڌائي، چئي ڇڏڻ تہ 'منهنجو فلاڻو ڏور ٻڌو آهي.'

ڏُتو: معمولي نامعقول چور.

ڪاٺڪو: چور.

چور مورُ: جنهن کي چڱين منٽي جي جاڙ سجاڙ لحاظ ۽ لڄ پوي.

ڏُٽي: جتي ڪنهن وڏي چور جي اوطاق هجي، ۽ جاڏنهن ڪاڏنهن جا ڪاٺڪو اتي پيا اچن وڃن. اسانجي پاسي هي چند ڏُٽيون مشهور هيون، گوشوءَ جتوئي جي ڏٽي، اختيار جتوئي جي ڏٽي ('اختيار' کي عام 'يختيار' سڏيندا هئا)، نِچو جتوئيءَ جي ڏٽي، پوت خروس جا پڙ، پنهوءَ جا پڙ، ميهوءَ جا پڙ، قادروناريجي جا پڙ، سوني ناريجي جا پڙ، سوپي خروس جا پڙ، وغيره وغيره ڏُٽيءَ تي گهٽو ڪري چورايل مال جي ڏي وٺ ٽيندي هئي يا ٿُرُ هوندو هو.

پاٽاري: چوراٽو اڏو.

پِڙ: جهنگ جي پر ۾ مالوندن جا گهر، جيڪي گهٽو ڪري چور هئا ۽ انهيءَ ڪري گوشائتا رهندا هئا.

ويڳو: اصل مال جي عيوض ۾ ٻيو مال پري ڏيڻ.

پونگو يا پُنگ: مال جي عيوض خرچ پکي جي نالي ۾ پيسا وٺڻ.

مُصاف: 'مصحف' جو بگاڙ، معنيٰ پلو سنهارو.

[11] شهر جي مولويءَ وٽ شام جو هر گهر مان خيرات جي ماني ايندي آهي، ان کي چئبو آهي 'ٽِڪي'.

7

سونهان چائين، سڌ نہ پئين، سسئي پُڇ مَ سي،
متان توئي کي، منجهانئين مارڳ ۾.
- شاهه

سنڌ ۾ وهابيت، درحقيقت، رد عمل هئي هتان جي پيرن، ساداتن، سجادن ۽ خانقاه نشينن جي بد اعمالين، سيه کارن ۽ دين کان دور کردارن، عادتن ۽ اطوارن جو. سنڌ جو عوام جاهل، نہ خبر نہ تعليم، نہ صحيح رهنما، نہ سچ کوڙ جي سُڌ. ويچارا ابوجهه ۽ خوش اعتقاد، عقيدن ۾ اهڙا کمزور ۽ توهمات ۾ ايترو مبتلا ٿي ويا، جو پيريءَ مريديءَ، سڳي ڏاڳي، دعا ڦيٽي، کاني کرامت جي صورت ۾ خانقاه نشينن، سجاده نشينن ۽ قبرن جي مجاورن جيکي کوڙکيون اڏي ڇڏيون هيون، انهن ۾ ڦاسندا ويا.
سنڌ جي کنڊ کڙڇ ۾ وڏيون وڏيون درگاهون، شاندار سجادا، ۽ ڏوم ڏام وارا پير ۽ مرشد، جڏ هرکنهن جو مکو مچي ويو! کن بزرگن صديون اڳ پورهيو کيو هو، جنهن جو ناجائز ۽ سراسر غلط فائدو انهن جا جاهل ۽ دين کان دور، پنهنجي بزرگن جي رستي کان پري پيل پونير ونڊي رهيا هئا. جن بزرگن ۽ خدا جي نيڪ بانهن دين ۽ شريعت جي صحيح رستي ڏيکارڻ لاءِ مرکز قائم کيا هئا، اُهي کانئن پوءِ لاديني‌ءَ جا اڏا بڻجي پيا، ۽ انهن مرکزن کي سجادن ۽ مسندن ۾ منتقل کري، پنهنجن ابن ڏاڏن جي نالي ۽ انهن جي نيکين کي تجارت جو مال بڻائي، انهيءَ آمدنيءَ تي پنهنجن زندگين ۽ آکهين جي قوت گذر جو دارومدار رکيو ويو. ماڻهن کي مرعوب کرڻ لاءِ، عوام جي دلين تي ڏاکي وهارڻ خاطر، مٿيءَ جي قبرن کي سنگ مرمر سان سينگاريو ويو، انهن تي شاندار قبا،گنبد ۽ روضا کڙا کيا ويا، انهن تي کاشيءَ کاريءَ جا کم کرائي خوبصورت ۽ رنگ برنگي بڻايو ويو، خاک نشينن جي آستانن کي

قيصر و ڪسريٰ جي ايوانن ۾ تبديل ڪيو ويو، دلق پوشن جي مرڪزن کي ڪِم خواب ۽ ريشمي عبائن ۽ قبائن ۾ گرانبار ڪيو ويو. اهي سيئي شاهي ناڻ اِنهيءَ ڪري، تہ سندن تجارت چمڪي، زور وڻي ۽ خريدارن جي آمدرفت انهيءَ چمڪ دمڪ کي ڏسي، وڏي ۽ گهٽي ٽئي، يعني انهيءَ آرائش سبب جيئن سندن دڪانن جي رونق وڌي!

انهيءَ تجارت ۾ جڏهن ماڻهن مالي منفعت ڏٺي، تہ ڪيترن ڪوڙيون قبرون بہ ٺاهيون، ڪن نامعلوم قبرن تي ڪنهن نہ ڪنهن پير، شاهہ يا شهيد جو نالو رکي، درگاهون پيدا ڪيون ويون. ڪن تہ مورڳوئي وڻن جي ٿامن ۽ لامن ۾ اڳڙِن ٽِڳڙِن جا ٽڪر ٽوٽا ٽنبي، ڪبڙن، لوَن ۽ ڪنڊِن کي "ٽڳڙيال پير" ٻڌائي، پنهنجو روزگار چالو ڪيو. انهيءَ حد تائين دين کان دوري ۽ اسلام کان انحرافي ڪئي وئي، ايستائين عقيدن جو ضعف، ايمان جي ڪمزوري، ۽ توهمات جو زور ٿي ويو، جو قبرن جون باسون باسيون ويون، پيرن جون ڪُنيون ڪيون ويون، مزارن تي سُڪائون آنديون ويون، درگاهن تي ميلا لڳايا ويا، مئن جي نالي ۾ درگاهن تي ڀُڳون ۽ سانهہ ڪُٽا ويا- ماڻهو بيمار تہ سڏو ڪنهن مئي جي مقام تي، چي اتان شفا ٽيندي، اڙِي موڙهي ٽي، جهٽ ڪنهن قبر تي سلامي، ماه پهريون سومر، ماه پهريون جمعو، ماه پهريون آچر، مطلب تہ ست ئي ڏينهن هفتي جا ڪنهن نہ ڪنهن پير جي نالي مخصوص. اڄ هن پير جي سڪ آهي، سُينهن هُن قبر تي ميلو، پَرينءَ هن جي مِٽي ڪُٽي. پُٽ بہ پير ڏيڻ لڳا ۽ اولاد جو جيئڻ بچڻ بہ انهن جي وجي هٿ ٽيو. عورتن ۽ مردن کي جن پوت وٺڻ لڳا، ۽ انهن جو نيڪال بہ ڪنهن نہ ڪنهن پير يا مرشد جي درگاهہ تي ٽيندو رهيو، چي حساب [1] ٽيو آهي، فلاڻي پير کي اُن جو هُدو [2] آهي، هلو تہ اوڏانهن هلون! قبرن اڳيان سجدا، مئن اڳيان رڪوع ۽ سجود! مزارن جي چوڌاري صدقا، هٿ ٻڌي ڳچيءَ ۾ ڳارا وجهي، ائين حاجت بيان ڪرڻ جيئن ڪو جئري جي اڳيان پنهنجو حال ڪري. مطلب تہ سندِ جي سيني جئرن جي سموري اٿي وينِي وجي مُئن جي حوالي ٿي، يا انهن جي مجاورن، سجادن ۽ پيرن جي. هر قبر ولايت

ماب ۽ هر مٿيءَ جو ڊير ڪرامت جو مرڪز بڌجي ويو. قبرون ته قبرون، پر وٽن ٽٽن جي پوڄا ٿيڻ لڳي. انهن تي به سوالي پنهنجون حاجتون وٺي وڃڻ لڳا.

انهن سيني غير شرعي ڳالهين جو جڏهن عام رواج ٿيو، جيڪو تنزل جي دور جو خاصو ٿئي ٿو، ان وقت سنڌ جو ڪوبه اهڙو شهر باقي ڪونه رهيو، جنهن لاءِ ٻڌڻ ۾ نه آيو ته منجهس سوا لک اولياءَ ستل آهن، روهڙي سوا لک پير، سيوهڻ سوا لک پير، ٺٽو سوا لک پير، ۽ مڪلي سوا لک پير! انهن 'اجتماعي مرڪزن' کان علاوه هر ڳوٺ ۽ هر واهڻ کي پنهنجون جدا مزارون ۽ درگاهون هيون. هي جمن شاهه آهي، هي ڦتن شاهه آهي، هي لالڻ گهوٽ آهي، هي پورل بادشاهه آهي، هي پير پنجو آهي، ۽ هي پير چنڊام آهي. شهيد ۽ شاهه کان گهٽ ڪوبه مِٽيءَ جو ڊير سنڌ ۾ ڪونه هو- ڪنهن ماڻهوءَ کي گهرگهاٽ ڪونه هوندو، ڪمائڻ ڪرڻ کان گوساڪڙ، نڪمو ۽ ٺوٽي هوندو، جهٽ ڪنهن جاءِ تي پراڻي قبر ڏسي يا قبر ٺاهي، پاڻيءَ جو ڇٽڪار ڪري ويهي رهندو، چي: "فقير آهيون، مڙئي پيا عاشق جي در جي چاڪري ڏيئون ۽ رياضتڙي ڪيئون!" مهيني اڌ ۾ ٻن ٽن ايڪڙن کي ولو [3] چاڙهي، چوڌاري پيهر به اڇي ويندو، ۽ رتن جوت، نازبوءِ ۽ ڪنوار ٻوٽيءَ جا ٽڪا به لڳي ويندا. هڪ سئو مَنهڻ به اڏجي ويندو، جنهن ۾ تڪا، مَٽ، ڪُپيون، يڪتارو ۽ پنگ گهوٽڻ جو ڏنڊو ڪوندو موجود ٿي ويندو، بس جمن شاهه شهيد جي درگاهه تيار، نه پيسو خرچ نه پائي خرچ، درگاهه مڪمل، زمين تان دخل نه سرڪار پٽرائي سگهي ۽ نه چگو مَنو. اولياءَ جو آستان جو ٿي ويو! پهريون پِني سِني پاڻ ماهه پهريون سومر ملهائيندو، ان کان پوءِ باقي معاملو پنهنجو پاڻ چالو ٿي ويندو، سُکون، باسون، ڪُنيون، خيراتيون، ختما ۽ ميلا ملاکڙا، جڙ بر ۾ بازاريون لڳي ويندیون. جيسين مجاور جئرو، تيسين فقير به پيو سڏبو ۽ سندس سيئي لايو سجايو. مرندو، ته پاڻ به پير ٿي پوندو! مطلب ته جيڪو ايڏو ٽوٽي ۽ نڪمو هو جو ڪک پڇي سنئون ڪري نٿي سگهيو، سو انهيءَ ترڪيب سان جڏهن مئو، ته اوڏو وليءُ ٿي پيو! چي:

"ير، واه جو فقير سائين هو!"

"هائو سائين، ذري وارو مڙس هو!"

"هائو ادا، تڏهن تہ ايڏيءَ مئيزل [4] رسيو!"
"سندس ٻالڪو بہ گهٽ نہ ٿيندو!"
"ٻالڪو" معنيٰ جيڪو ٻيو ٿوٽي ۽ رولاڪ چورو پينو فقيرَ پنهنجي ٿانڊي ٿوپيءَ ۽ اڳ پوءِ لاءِ رکيو هو. ماڻهو ايترا مجهول، جو مٿيءَ ۾ اعتقاد، اکين ڏٺي ٿوٽيءَ ۾ ايمان ۽ رولاڪ چوري ۾ خوش فهمي!

* * *

اهو عالم هو سنڌ جي توهم پرستيءَ ۽ قبرپرستيءَ جو، ۽ اهو هو جئرن تي مئن جو ڏاکو، جيڪي يا تہ سالن کان وٺي پاڻ بہ مٿيءَ سان گڏجي مٿي ٽي ويا هئا يا مرگوئي انهن جو مڙهه مُهڙ کان ئي مشڪوڪ هو. ليڪن جيڪي پير مرشد، خانقاه نشين يا سجادا ۽ سيد انهن درگاهن جا متولي هئا يا پاڻ پنهنجي سر پيري مريديءَ ۽ ڪاني ڪرامت جا دعويدار هئا، سي تہ سڄي ڳالهه جا مالڪ ئي پاڻ هئا. سنڌ جو سڻِ لک آدم انهن جي سڳي ڏاڳي ۾، انهن جي دام ۾، انهن جي اختيار ۽ اقدار ۾، ڪو ڪنهن جو مريد، ڪو ڪنهن جي در جو ڪتو، ڪو ڪٽان جو پاريءَ ڏويو [5]، تہ ڪو ڪٽان جو چڱ وڏيو [6]چي:

"مرشد سڳورا، مان خاڪ پاءِ!"
"قبلا سائين، گولن جو گولو!"
"در جو ڪتو!"
"چَڱَ وڏيو مريد!"
"رحم جي نِگهه!"
"دعا جي نظر!"
اهنجي سهنجي ايندي، تہ
"مرشد ملهندو!"
"شل اُهو سولي ڪندو!"
"اُهو واهرو ٿيندو!"
"شل انهيءَ کي ننگ پوندو!"
"شل اهو سٽائي ڪندو!"

خوش اعتقاد مريد گڏ ٿيندا، ته چوندا:
”ها سائين، وڏيءَ کاني ءَ ڪرامت وارو آهي!“
”شل پيو سڏين بولي!“
”زبان مان اکر نڪتو، جڙ گولي لڳي! اصل نه قهه!!“
”اسان سائينءَ جون پاڻِ ڪرامتون ڏٺيون!“
”هنن گنهگار اکين لقاوَ ڏنا!“
”هائو سائين، ست پشتو وليءُ آهي!“
”وڏو سائين به اهڙو هو، بلي! يَرَ! چا ڳالهه ڪجي؟“
انهن قيل مقال ۾ ڳالهين بولهين هلندي مجلس جي وايو منڊل تي ويسورو چانيل هوندو. انهيءَ پيريءَ مريديءَ واريءَ ڪائنات ۾ نه خدا جو گذر هوندو نه رسول جو نالو. انهن جا سڀا اختيارات (نعوذ باالله) سلب، ۽ پيرن جي پنهنجي هٿ ۾- جي مخلوق پنهنجي خالق ڏانهن رجوع ٿئي، ته هيءَ سڄي دنيا هوند بک مري!

* * *

سنڌ جي مسلمان جي ڪمائيءَ جو وڏو حصو اهڙن مذهبي حرامڪارين ۾ صرف ٿيندو. سُڪُن، باسُن، ڪُنين، قبرن جي نالي ۾ ڊورن ڪُهڻ بعد جيڪو بچندو هو، سو مرشدن جي نذراني ۽ دعوتن جي بِلي. مثلاً.
(1) ڪٽڪ جي ناڙي ٿيندي، ته سيد فقير اچي گڏ ٿيندا، انهن کي کارايو ويندو ۽ ڏنو ويندو.
(2) لابارو پيو ته ول مُٺ سيدن ۽ پيرن کي ڏني ويندي.
(3) بٽئيءَ تي پيراڻو ٽويو پهريون ڪڍيو ويندو.
(4) اَنُ نئون آيو، ته مرشد وٽِ وَڃَ وڃِس لاءِ ضرور پهچائبو.
(5) درگاهه تي ننگر لاءِ سال ۾ هڪ به دفعو اِنَ کان علاوه اَنُ موڪلبو.
(6) مرشد سفر ۾ چڙهي جڏهن گهر ايندو، تڏهن سندس اُنَن گهوڙن کي جوَ، چڻا، ڪٽڪ داڻي طور ڏبا.

(7) مرشد گهر ايندو ۽ جڏهن به جيترا دفعا ايندو، تڏهن نهايت ڪشاده دليءَ سان ڪيس ۽ سندس خليفن ڪڙن ۽ ڪامِن ڪڙِن کي اُڦراتا ۽ پلاءَ ڪارائبا- جي گهر ۾ ڪجهه نه هوندو ته ڪٽان اوڌر ڪبي.

(8) روزانو صبح جو يا هر جمعي تي، جيڪو سيد فقير در تي ايندو، تنهن جي ڪِشتي يا گودڙيءَ ۾ اَن يا اَٽو وجهبو.

(9) مرشد جي پيءُ ڏاڏي جو جڏهن عرس ٿيندو ته اُنَ جي لاءِ ڪٽڪ، چانورن، چٽن ۽ جوَن جو، قاندڻيءَ مطابق جيڪو حصو پوندو، سو ڏبو.

(10) مرشد جو ڪو پاتي مرندو، ته ان جي ستن جماڻن تي جيڪي خيراتون ٿيندیون، ان ۾ اَنُ پهچائبو.

(11) مرشد جي پنهنجي پٽن جي يا نياڻِن جي شادي ٿيندي، ته اُنَ وقت به دعوت جي خرچ ۾ اَنَ جو حصو ضرور ڏبو.

(12) مرشد کان علاوه سندس خاص خليفن يا حاضريءَ جي نوڪرن يا پيارن ملازمن جي گهرن ڏانهن به ضرورت وقت اَنُ موڪلبو.

(13) سڪُن، باسُنِ، پُنِنِ، مرادن جي سلسلي ۾ جيڪي درگاهن تي وڃي ديڳيون لاهبيون، انهن ۾ سڳداسي چانور ڪتب آندا ويندا.

(14) شام واريءَ مانيءَ وقت ڪنهن مماتيءَ واري پير جي نالي تي ماني پچائي، ملان جي گهر موڪلبي، جنهن کي "پيراڻو لولو" يا "پيراڻي ٽڪي" سڏجي ٿو.

اهي چوڏنهن عنوان آهن اُنهيءَ اَنَ جي، نه راه خدا نه راه رسول وڃڻ جا، جنهن کي سنڌي مسلمان رت پونءِ هڪ ڪري، زميندارن جي سوين سُهمان ۽ طرحين طرحين جنيون سهي، ٻارهن مهينن جي ٻن موسمن ۾ پيدا ڪري ٿو. جانورن جي سلسلي ۾ ڪيس هينينءَ طرح قرباني ڪرڻي پوي ٿي:

(15) سڪُن، باسن، پُنِن مرادن تي ڏورن کي ڪهڻ.

(16) مرشد جي درگاهه تي جيڪي رڌپچاءَ جون ضرورتون پون، اُن لاءِ ڳئون، وهڙا، سانهه يا ڪونهڻ ڏيڻ.

(17) پيراڻو ڏور: مرشد جي نالي تي جيڪو ڏور ڪجي.

(18) پُڳُر: ڪا تمنا پوري ٿيندي، ڪو ڪارج سڌ ٿيندو، ڪا مشڪل آسان ٿيندي، تہ پٺيءَ مراد پاران جيڪو ڏور مرشد کي ڏبو، تنهن کي پُڳُرُ چئبو.

(19) ڪير لاءِ درگاهہ تي ڀلي سئوا مينهن يا پهرئات گهٽي ڪير سان ڪُئون پهچائڻ لازمي آهي.

(20) سال ۾ بلا ضرورت ۽ طلب جي بہ، بطور نذر جي، ڏاند، ڪُئون، وهڙو، مينهن، سانهہ، وڇير يا ڪونهڻ، بهرحال ڪانہ ڪا جنس هڪ بہ دفعو ضرور ڏني ويندي.

(21) مرشد جڏهن سفر تي مريد جي گهر اچي لهندو، ان وقت نقديءَ سان گڏ پلو گهوڑو يا پلو ڏاند يا پلي ڪُئون يا پلي مينهن بہ ضرور ڏبي. خالي هٿين بنان ڏور جي مرشد کي موڪلائڻ معنيٰ قيامت ڪاري ۽ منهن ڪارائي آهي. جي ڪنهن خليفي کڙي کي بہ ڪا ڏِڳي اکيئن چڙهي وئي، تہ اها الڳ ڇَڏُ.

مال رزق جي انهيءَ نقصان کان پوءِ گهرو اسباب ۽ ٽپڑتاڙي هن طرح مرشد جي ور چڙهي ٿو:

(22) سني جنديءَ لٽل ڪٽ.

(23) سني رلي يا ريشمي چادر يا سوڙ.

(24) ڏٽي جي ڏنگي، نصرپور ۽ گمبٽ جو ڪيس.

(25) ٻيو ڪو اهڙو گهر جو ناهوڪو ٽپڑ جنهن تي مرشد جي اک پوي ۽ سندس دل سڙ ڪائي.

(26) جنهن هنڌ تي پير اچي ويهندو، اهو هنڌ مريد تي حرام ٿي ويندو. جڏهن منزل پَتِي، تڏهن اهي ڪٽي خليفا سائينءَ جن جي ٽپڑن ۾ وجهندا!

(27) خليفا ۽ ڪامي جن جو گذر بسر بہ مريدن مان پٽ ست تي هوندو هو، چاڪاڻ تہ پير وڏان ڪين ڪابہ پگهار ڪانہ ملندي هئي، انهن کي مريد جي گهر ۾ جيڪو ٽپڑ وڻيو، تہ اهو بنا موڪل جي خرجين [7] ۾ وجهندا، مثلاً وَڏو، ڏوئي، مانڌاڻي، رلي، چادر، وهاڻي جي چوَ، چمچو، پنڊي، پکو، وِڇڻو، چِڪو، وغيره وغيره.

(28) گهر جا برتن، ديگڙا، بندين وغيره بہ پير جي حاويليءَ لاءِ ڏبا.

گهرو اسباب کان پوءِ وارو اچي ٿو ملکيتن جو:

(29) کي مريد لاولد مرن ٿا، عقيدي جا ازحد ڪمزور آهن ۽ مذهب جي ڪين رَتيءَ پر به خبر نه آهي، تہ اهي پنهنجي سموري ملکيت زرعي زمين، سکني عمارتون ۽ متحرڪ مال پنهنجي متعلقين يا ڪنهن قومي ڪارج جي بجاءِ مرشدن جي نالي ڪري وڃن ٿا!

(30) کي ماڻهو پنهنجي جئري ۾ ملکيتن جا ڪجهہ حصا مرشد جي حوالي ڪري ڇڏِن ٿا!

انهن سيني هرجن مَرجن بعد وارو اچي ٿو نقديءَ جو:

(31) مرشد جي درگاهہ تي جڏهن وڃبو، تڏهن ڪجهہ نقدي سندس ڪٺ تي بطور زيارتاڻي جي رکبي. سال ۾ جيترا دفعا ۾ وڃبو، تہ انهيءَ اصول تي عمل ڪبو.

(32) مرشد جي درگاهہ تي جيڪو ۾ خرچ ٿيندو، ان ۾ حصي رسد، يا پنهنجي پڃنديءَ آهر بعضي تہ حصي ۽ حيثيت کان ۾ وڌيڪ، نقدي ڏبي.

(33) مرشد تي اوچتي ڪا مصيبت پوندي، سندس بدعملن ڪري مٿس کي ڪيس ٿيندا يا هرجن خرچن ۾ پوندو، اُن وقت ۾ حصي رسد نقدي مريد کي ڏيڻي آهي.

(34) جڏهن مريد جو مرشد ۾ زماني جو ڪم پوندو ۽ مرشد کي ڪنهن ڏي سفارشي وڻي هلڻو هوندو، ان وقت ٻيڻا خرچ پکا، ياڙا پتا، پنهنجا ۽ پنهنجن ڇئن پنجن خليفن جا، ڪانئس ورتا ويندا.

(35) درگاهہ تي جڏهن وڃبو، تہ نقديءَ کان سواءِ ڪانہ ڪا سوڪڙي سوغات يا وَٽِ وِڙس ۾ ضرور ڪڻي وڃبي، مثلاً گهہ، مکڻ، ماکي، کير، کارڪون، انب يا ٻيو منڊائتو ميوو.

(36) انهن اوچتن يا ريزڪي خرچن کان سواءِ مقرر ساليانو نذرانو جدا آهي. اُهو مرشد ۽ مريد جي حيثيت تي مدار رکي ٿو. جي مرشد تمطراق وارو آهي، تہ نذر ۾ وڌو، جي مرشد موچارو سوچارو تہ نذر ۾ اوترو ڪم - گهٽ ۾ گهٽ ۾ روپيا ۽ مٿي هزارن تائين. ان جي وصولي ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن مرشد سڳورا ساليانی "سفر" تي چڙهندا آهن.

اهي نقد نذرانا، ساوڻ جي ڏينهن ۾ درگاهه تي ويني پيا وصول ٿيندا. جڏهن موسم نري ۽ سرديون آيون، ان وقت سڄيءَ سنڌ مان ڪٽڪ پيرن جا ڪاهي پوندا. اُٺ، گهوڙا، توبرا، جهنڊا، گهنڊ، گهڙيال، خليفا، مولود ۽ ذڪر، وڏيون دستارون، ڊگها چولا، ٻٽوان وار، سينڊ سرمون، تيل جي مک چک، هڪ هٿ ۾ عصا ۽ ٻئي هٿ ۾ تسبيح، رومال ڳاڙهو ڇڙَ وارو ڪلهي تي، جنهن ۾ ڪَنَ ڪوٽڻي ۽ ڏَندَ ڪوٽڻي ٻڌل!

خانقاهي اصطلاح ۾ ان کي سڏبو آهي "سفر"، يعني مريدن کان سالياني ڏُڻُ [8]وصول ڪرڻ لاءِ چڙهائي.

"ادا هي ڪَٽَڪُ ڪنهن جو؟"

"گلڙ شاهه سائين سفر تي چڙهيو آهي!"

"ها سائين، ها، نيٺ ته بادشاهه پير جو پوٽو آهي!"

"پائو، سوا لک گهر مريد اٿس!"

"ها ادا، چو نه؟ نيٺ ته ڪمائي ٽيل آهي!"

"نور آهن، سائين نور!"

حالانڪه گلڙ شاهه سائينءَ ۽ رسولي ڇُهڙي جي رنگ روغن ۽ شڪل شباهت ۾ ڪو واجبي فرق هوندو، ان هوندي به اڀوجهه مسلمانن لاءِ نور ئي نور بلڪ نور علىٰ نور.

* * *

ميهڙ تعلقي ۾ ووٽن جي ڪِڍ هيس. هڪ هنڌ بينا هياسي ته پري کان ڏٺوسي ته ڏوڙ اڏامندي اچي ٿي. معلوم ٿيو ته پنهل سائينءَ [9] جو پوٽو سفر تي چڙهيو آهي. پِير اُٺ تي، گهوڙي سوار اڳ ۾، وڏي لٽ ايي، ان ۾ گهڙيال [10] ٻڌل، جيڪو گهوڙي جي چال تي وڄندو هلي. ان جي پٺيان ويهارو ڪن وهٽن جو، جن تي ڪامي ڪڙا ۽ خليفا ڪڙا سوار.

"هيءَ آفت ڪنهن جي گهر تي؟"

"مڙئي ڪنهن اُمتيءَ تي بار هوندو!"

"جهڳو ته غريب جو جهٽ ٿي ويندو!"

”وهٽن جا ڳڙ داٽا، گاهه ۽ هيڏي ڪٽڪ لاءِ؟“
”ڪڪڙ، چيلا ڪير، مڪڙ، ڦوٽا، دالچينيون، ان کان پوءِ نذرانو!“
”هائو، جيڪي جهڳي ۾ لهندا، سو ڪٽندا!“
”ان کان پوءِ؟“
هر ڪنهن کلي ڏنو.
پير سائين ڏنو جوان ٿي، اکين ۾ ڪجل جي ريک ۽ سنهاري کي تيل لڳل هيس.
پير سائين جڏهن درگاهه تي هوندو ته هر شيءَ جائز، حقو، سگريٽ، شراب، ڀنگ، چرس، ليڪن سفر تي هلندو ته مريد جي ڳوٺ وٽ پهچي گهوڙن جون رينان جهلي بيهي رهندو! خليفو پڇندو، سڄي شهر مان حقا ۽ چلمون ڪٽائيندو! ان کان پوءِ پير سائين شهر ۾ قدم رکندو. سواريءَ تان لهندو، ته مولودن جي وچ ۾ ٿي، اڳتي وڌندو، قدم آهستي آهستي، وڏي وقار ۽ شان سان. مريد جي اوطاق يا جي مريد دل گهريو هوندو، ته ان جي ستو گهر اندر گهڙيو ويندو!
اهڙيءَ طرح اهو سفر ٿيندو رهندو. ڪٿي رات، ڪٿي نيرن، ڪٿي ڏپهرو، جي ڪو سڏيو مال هوندو يا ڪا چوڪر وٽي وئي ته ٻه ٽي ڏينهن به لڳي ويندا. هر هر مريد جي پٽي پئي ٿيبي، ساڻس کلي پيو ڳالهائبو، خليفا ڪڙا سندس اخلاص ۽ ايمان جا ذڪر اذڪار ڪري پيا ڪيس چاڙهندا ڏيندا ۽ سندس پير ڪيندا. مطلب ته اهڙيءَ ريت مرشد سڳورا سالياني نذراني جون وصوليون ڪيون پيا درگاهن تي موڪلندا هئا.
ايمان جي خرابيءَ، عقيدي جي برائيءَ ۽ اسلام کان سراسر انحرافيءَ کان علاوه سنڌي مسلمان مٿي بيان ڪيل ڇٽيهن مدَن ۾ مبتلا رهيو آهي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو، جو جيڪا آمدني يا دولت هن کي پنهنجي معاشرت ۽ معيشت جي استحڪام تي صرف ڪرڻ گهربي هئي، سا هُن پيريءَ مريديءَ واري انهيءَ گور ڪڏڻي ۾ ضايع ڪري، پاڻ کي هميشهه بکيو ڏڪيو رکي ڇڏيو، ۽ ان جي مقابلي ۾ درگاهون ۽ پير مرشد هميشهه آباد، هميشهه سرسبز ۽ تازا توانا. بنا مشقت، بنا ڪمائيءَ ۽ سواءِ ڪنهن زحمت جي سيڪجهه گهر ويني کين ميسر ۽

مهيا، جڳَ پيا ڏرن ۽ سوين پيا سلامي ٿي سجدا ڪن! هالن جي جنديءَ لٽل ڪٽن تي گمبٽ جا ڪيس وجهون، پاون کي سيج بند بڌيون، پُڻين کي طول وهاٽا ڏيون وينا هوندا. انهن ئي ڪٽن تي ويني کين هرڪو پيو پيرين پوندو ۽ انهن ئي ڪٽن تي هرڪو پيو نذرانو رکندو. اهي ئي سندن ڪٽون هونديون، جن تي هٿ رکي مريد پيا قسم ۽ ساکون کڻندا، چي:

"رک سائينءَ جي ڪٽ تي هٿ!"

"اتي ڪوڙ ڳالهايئي ته ٻئي جهان وجايئي!"

کي پير ته ايڏا فرعون بي سامان، جو ماڻهو پيرين پيو، هٿن کي چمي ڏنائين، ته ڪيڪاريندس به ڪونہ، جڙ گرُ ورتل ڪتو سندن پاڪ پيرن کي نوسي ويو!

* * *

خير، اهي ته ٿيا اقتصادي نقصان ۽ مذهبي هاڃا، ليڪن ان کان زياده پيانڪ نتيجو اهو نڪتو، جو انهيءَ دنيا ۾ اخلاقي اقدارن جو بلڪل ڏيوالو نڪري ويو. خانقاهون، درگاهون ۽ مرشدن جا مڪان گناهہ ۽ سياهڪاريءَ جا اڏا بڻجي ويا. مريدن جي گهرن ۾ مرشدن اکيون وڏيون - ٻلا هرڪو، جو پيو ڪندو:

"جيئندا قبلا!"

"ٻنهي جهانن جا وارث!"

"هن جهان جو وسيلو به تون!"

"بسملاهيون، بسملاهيون!"

"ائين سائين!"

"ائين منهنجا حاڪم!"

ايڏو اقتدار، ايڏي مجتا، اِها آمدني، ان تي وري چوويهہ ڪلاڪ ئي واندڪائي، پوءِ شيطنيت جو آستانو اتي ڪيئن نہ ٿيندو؟ گناهن جي دنيا ڪيئن نہ آباد ٿيندي؟ روسياهي ڪندي ڪهڙو شرم ايندو؟ جڏهن ته مريد جي گهر ۾ ايندي ويندي جهلَ پلَ به ڪانہ، مرشد جي منهن پوڻ، ان کي زور ڏيڻ، ان کي هٿ ڏئارڻ، ماني کارائڻ عين ثواب، عين قيامت جو چوتڪارو ۽ عين مذهب. منهن کارائي [11] ڪندي، اتي ڪهڙي دير لڳندي؟ نتيجو اهو نڪتو جو مرشدن پاڻ

ملهائڻ شروع ڪيو. ڪنهن جوءِ پڄائي، ڪنهن نياڻيءَ تي هٿ رکيو، ڪنهن وينل وياوَ کي وَلو ڏنو. جن کي پيرن پنهنجو ڪيو، اهي نبيءَ جون نُهَرُ [12] (نعوذ باللّٰه) بڻجي پيون، ساداتن جي حاويليءَ ۾ اچي ويون، پير جو هٿ لڳو، اُمتيءَ مٿان حرام ٿي وئي! انهيءَ قسم جي پڄايل عورتن سان يا ته نڪاح ڪيو ويندو هو يا انهن کي بطور سريت جي ويهاريو ويندو هو. اهڙيءَ طرح مرشد ڪلم ڪلا گهرن ۾ سريتان ويهاري، پنهنجِن ئي زالن ۽ وياون اڳيان پيا زناڪاري ڪندا هئا. لڄ، حجاب، حياءُ، شرم، لحاظ جا اکر قطعي بي معنيٰ ٿي چڪا هئا. گادي نشين پير مرشد ته پاڻ مالڪ هئا، ليڪن انهن جا صاحبزادا، نينگر [13]، خليفا خواه ڪامي ڪڙا به سِرن جا سائين هوندا هئا. مطلب ته انهن انسان نما حيوانن مذهب جي آڙ ۾ اُمت رسول اللّٰه جي اڻ پڙهيل، ابوجهه ۽ گگدام افرادن جا جهڳا ئي جهڻ ڪري ڇڏيا.

انهيءَ سڄي گورکڌندي جو سنڌ اندر نتيجو اهو نڪتو، جو

(1) ساداتن جا نسل خراب ٿي ويا. ڪمذات، ڪسبياٽيون ۽ ڪمينيون عورتون (بازيگريون، ڪوڇڙيون، پيلاٽيون، ڪولهاٽيون، ماڇاٽيون، ماڙيڇٽيون) سندن حاويلين ۽ نڪاحن ۾ آيون، جنهنڪري انهن جي سلسلي ۾ اها نجابت ۽ شرافت نه رهي، جيڪا اهل بيت جو خاصو هئي. آخر ڪهوڙي ۽ ڪتي جي نسل ۾ به خون ۽ بڻ بڻياد جو اثر ٿئي ٿو، هي ته انسان هئا.

راهوجن واري سائين علي شاهه جي اک هڪ اهڙي قسم جي عورت سان اڙجي وئي جيڪا جهنگ ۾ سڄو ڏينهن نه چڙو وتندي هئي مال چاريندي پر جهنگ جهر جهٽيندي وتندي هئي ۽ سيني ڏنارن لاءِ جڻ هڪ دعوت هوندي هئي. مالڪن سگ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. مائي هئي وات وڪيل، سائين علي شاهه پڄائي وڃي ساڻس نڪاح ڪيو. مائي بيبي بڻجي وئي، نبيءَ جي ننهن ٿي وئي، "پاڪ" يا "صاحبَ" [14] سڏجڻ ۾ آئي ۽ ان کان پوءِ:-

"سائين علي شاهه ڪاڏي ٿو وڃين؟"

"ڊاڪٽر ڏي!"

"خير ته آهي؟"

”پاڪن کي راتاکون ڪٽس [15] ٿي پئي آهي!“
”سائين علي شاهه کاڏي؟“
”ادا پساريءَ ڏي!“
”خير؟“
”پاڪن کي مٿي ۾ سور آهي!“
”سائين علي شاهه کاڏي؟“
”حڪيم ڏي!“
”ڇو؟“
”صاحبن جي طبع ناچاڪ ٿي پئي آهي!“
مطلب ته ”صاحب“ جيسين وتيا ٿي جهنگ جهرُ جهٽيندا، ۽ چيڪ چڙائيندا تيسين نه ڪٽس نه مٿي جو سور ۽ نه پيٽ جي تنگائي، تيسين سندس صحت کي جوکو ئي ڪونه هو، وتيا ٿي ريان کيان گهمندا گهتندا! هاڻي جڏهن ”صاحبي“ ملين، ته مزاج به نازڪ ٿي پين!
الغرض انهن پست ۽ ذليل عورتن جي اچڻ ۽ نسلن ۾ خون جي انهيءَ مسلسل غلط ملاوت سيدن جو سڄو معاشرو تباهه ۽ زبون ڪري ڇڏيو. خاندانن ۾ زوال ۽ انحطاط اچي ويو، اولاد جون عادتون ۽ اطوار بگڙيا، انهن جي صحت ۽ صورت ۾ فرق آيو، شڪل ۽ شباهت تبديل ٿي. اهڙيءَ طرح سمورو نسل ڏسٽيءَ وائسٽيءَ به ڪوجهو ۽ قبيح ته افعالين ۽ پرڪارين به ڪريل ۽ ڪمينو.
”هي ڪير؟“
”بخاري بادشاهه!“
”۽ هي؟“
”جيلاني بادشاهه!“
”هي جو پيو وجي؟“
”اهو لکياري هوندو يا مٽياري!“
مطلب ته آل عليّ عه جي نسل ۽ رسولي ٻاليشاهيءَ جي بُطَ ۾ شڪل شباهت ۽ افعالين عادتين ۾ڪوبه فرق باقي نه رهيو.

(2) سيدن ۽ پيرن کي مفت جي ماني جو ملندي رهي، تہ منجهانِ محنت، ڪمائي، ڪارآمدگيءَ، ڪشاڪش ۽ جدوجهد جون جيڪي انساني خوبيون ۽ شريفانہ خصلتون ۽ وصفون ٽين ٽيون، سي سيئي مفقود ٿي ويون. بيڪار، بدڪار، سست، ٽوٽي ۽ اٽي تي چٽي، نہ ڪنهن ڪم جا نہ ڪار جا، سڃو ڏينهن وتن اوباسيون ڏيندا، يا ڪٽن تي وهندا ۽ سمهندا. ڪو بہ صحيح مشغلو ڪونہ، پنگ، چرس، شراب، جوا، شڪار ۽ ڪتا.

جيڪي وڏا سيد، وڏين درگاهن جا ڏٽي ۽ اٽالي وارا مرشد، انهن جو اهو حال، جيڪي ننڍيءَ موڙيءَ وارا ۽ ڇڙا سيد، سي سڃو ڏينهن هل هلان ۾. هِتان رپيو ورتو، هُتان اَن جي ڳوٺ ورتي، هِتون ٻارِ پني، هُتون ٻنون ورتو. بس اهڙيءَ ريت گداگريءَ تي گذران. هئا ٻئي گداگر، هو وڏا هي ننڍا!

”شاهہ، نوڪري چو نہ ٿو ڪرين؟“

”مڙئي اُمتي! پيو وقت خير جو گذري!“

سنڌ ۾ جيڪي ماڻهو انهن جي پرڪارن کان بيزار ٿيل هئا، انهن مٿن ڪيتريون لاهڻيون بہ لاٽيون، مٿن ڪيتريون چوٽيون بہ ناهيون، تڏهن بہ هي سيد ۽ مرشد پنڊ کان ڪونہ رهيا. چي:

”سڪو گهوڙو، سيٽ گهٽي، سمجهہ تہ سيد ٿو اچي!“

”شاهہ، گهوڙي کي مڪڙ ذرو ڪاراءِ، لهڪارجي ويو آهي!“

”امتي! اهو بہ پاڻ چو نہ ڪائون جو اڙيون ڏاڍيان هڻي سگهون!“

”جندائي سيد مُئو ڪڪڑ بہ ڪونہ چڏي!“

پير هجي، سيد هجي، سجادو هجي، خانقاه نشين هجي، ننڍيءَ موڙيءَ وارو هجي، چاهي وڏي اٽالي وارو، سيني جي حالت اها، سين جو شغل اهو، سين جي ذهنيت گداگرن واري. پِني ڪاءُ، مفت جو مليو ڪاءُ، ليڪن ڪمائي حق حلال جو ڪائڻ حرام!

(3) انهن مفت جي ڪماين سبب انهيءَ طبقي مان تعليم صفا نڪري وئي. هرڪو جاهل بلڪ اَڇهل. چون:

”نوڪري ڪنداسين چا، جو پڙهون؟ بابي ڏاڏي جو گهٽو ئي ڏنل آهي ،وينا ڪائينداسين.“

تعليم جو مفهوم وٽن وڃي نوڪري رهيو. انسانيت جي اوجرَ واري معنيٰ ئي مفقود. نتيجو اهو نڪتو، جو نہ فقط قوم جو هڪ ڪائيندڙ پيئندڙ طبقو جاهل رهجي ويو، بلڪ انهن جي جهالت ڪري، سندن درگاهون يا مرڪز غلط مذهب جا وڏي ۾ وڏا اڏا بڻجي ويا جتان سيڪنهن قسم جي خرابيءَ جِي، مذهب جي نالي ۾، درويشيءَ جي غلاف ۾ ۽ تصوف جي عنوان سان، نشرو اشاعت ٿيڻ لڳي، جنهن سنڌ جو سڄو مذهبي ڍانچو تهہ وبالا ڪري ڇڏيو، ۽ خلق خدا جو وڏو حصو اتان خراب ٿيو.

(4) خدا رسول سان خلق خدا جو واسطو ٿئي، وڃي انسانن سان ٿيو، ۽ اُهو بہ اهڙن انسانن سان، جيڪي انسان ذات لاءِ خود عذاب هئا. عبادت جيڪا الله لاءِ ٿيڻي هئي، سا درگاهن اڳيان مئن جي قبرن کي سامهون رکي ٿيڻ لڳي، سجدو جيڪو محض باري تعاليٰ لاءِ مخصوص هو، سو بہ انسانن کي ٿيڻ لڳو. ڪفارن جي بت پرستي ۽ مسلمانن جي قبرپرستيءَ ۽ پير پرستيءَ ۾ رتيءَ ماتر فرق ڪونہ رهيو. انسان پنهنجون ضرورتون ۽ طلبون، اولاد، زندگي، صحت، عزت ۽ آبرو هن دنيا خواهہ ايندڙ دنيا لاءِ خدا جي بجاءِ ماڻهن کان گهرڻ لڳو، قيامت جي عذاب ثواب، دوزخ بهشت جو سڄو معاملو بہ پيرن ۽ مرشدن جي اختيار ۾ سمجهيو ويو، خود شفاعت جو مسئلو بہ حضور جن جي حوالي نہ رهيو بلڪ اهو بہ مرشدن - جن کي پنهي جهانن جو وسيلو سمجهيو ويو ٿي - هٿ وس وڃي ٿيو.

(5) ميلن، عرسن، سُڪُن، خيراتن، زيارتن تي سخت سيه ڪاريون ٿيڻ لڳيون ۽ ماهہ پهريان جمعا، سومر، آچر، غير مسلمانن جي ڏٺن وارَن وانگر، نهايت مقدس سمجهيا ويا. عرس، سڪائون ۽ شخصي نالن تي خيراتون ڪرڻ ۽ صدقا ڪڍڻ مذهبي فريضي طور تصور ڪيا ويا.

(6) پيريءَ مريديءَ، قبرپرستيءَ ۽ توهم پرستيءَ مسلمانن جي ذهن کي مائوف ڪري ڇڏيو ۽ منجهن جيڪي صلاحيتون هيون، سي صحتمند ماحول نہ هجڻ سبب پرورش حاصل ڪري نہ سگهيون. درگاهن، قبرستانن ۽ پيرن جي آستانن جي مايوس ڪندڙ ماحول، طبيعت تي انقباض ڪندڙ فضا، انساني ذهن کي لٻي لُڙاٽي گند ڪري ڇڏيو. سوچڻ سمجهڻ ۽ سچ کوڙ کي پرکڻ واري قوت منجهائئن هلي وئي، ۽ سنڌ جو ماڻهو انهن سيني زهري اثرن ڪري ملول ۽ نستو ٿي پيو، قوت ارادي ختم ٿي وئي، فڪر جي آزادي هلي وئي، خودشناسي خواهہ خدا شناسي ٻئي ختم ٿي ويون. نہ پنهنجي انفراديت باقي بچي، نہ خدا جي وحدانيت قائم رهي.

(7) اغوا جي مسلسل واقعن، مرشدن جي ڏاڍاين، ۽ عام زناڪارين، مريدن جي ننگن سان هٿ چراند، سنڌي سوسائٽيءَ جي اخلاقي اقدارن کي صفا ڌانوا ڏول ڪري ڇڏيو. عفت ۽ عصمت جا سربمهر خزانا، جيڪي اسان جي مانَ ۽ آبروءَ جا ضامن هئا، سي سرِ راهہ راهزنن جي ور چڙهي ويا ۽ بي حيائيءَ ۽ بي غيرتيءَ وجي غيرت ۽ حياءَ جي جاءِ ورتي.

(8) مذهبي آڙ ۾ اِنسان انسانن جي هٿ ۾ ائين اچي ويو، جيئن غلام آقا جي اختيار ۾. مريد کي چا مجال آهي، جو مرشد جي مرضيءَ يا حڪم کان منهن موڙي سگهي! انفرادي خواهہ اجتماعي معاملا سڄا مڙي سڙي اچي مرشدن جي حوالي ٿيا. پيءُ پنهنجي نياڻيءَ جو سڳ ڪنهن کي نٿو ڏيڻ گهري، مرشد کي سؤ ٻہ نذراني [16] ۾ مليو، مريد آهي ڪهڙي وٽ جو انڪار ڪري ويندو؟ چي:

ڏٽي منهنجا!

حاضر!

حاضر! منهنجا مالڪ، حاضر!

تون اسان جي سِرن ۽ سڳن جو ٻہ مالڪ آهين!

تون اسان جي ٻارن ٻچن جو ٻہ وارث آهين!

ٻنهي جهانن جا وسيلا!

حاضر!

گوليءَ کي ڇا مجال!

* * *

انهيءَ اختيار ۽ ايتري اقتدار بلڪ ٻيءَ معنيٰ ۾ عام مسلمانن جي جهالت بي علميءَ کي ڏسي، سنڌ جي "سياسي جوارين" وڏيون وڏيون رشوتون ڏئي، پيرن کي به آڻي سياسي ميدان ۾ لاتو. اليڪشن ٿي، مرشدن جو مڪو مچي پيو. بزاري عورتن وانگر سندن بازار به گرم ٿي ويندي، اڳهه پيا چڙهندا ۽ لَهندا.

"خليفا، ڏي خبر؟"

"سائين وس ٿا ڪيون، پر مالڪ اڃا مڃن نٿا!"

"ٻي ڏر پنج هزار نذر رکي وئي آهي!"

"ير ڪو وارو ڪر!"

"رک الله تي!"

"توکي به خليفا خوش ڪنداسي!"

"خير، ڪم ٿئي، پوءِ ڏسي ونبو!"

اميدوارن جي بنگلن تي مرشدن جا لامارا هوندا.

"هي ڪير آهي؟"

"سڃي شيخڪيءَ جو مرشد آهي!"

"۽ هيءُ؟"

"ذات راهوجن جو پير!"

"هي؟"

"آبڙڪيءَ جو ڏاڏا پير!"

اميدوار کٽا نه پيا پڃندا. هر شيءِ حاضر، متان پير سائين ڪاوڙجي نه پوي. اهڙي موقعن تي مرشدن جو مزاج ڏاڍو نازڪ ٿي پوندو هو، ڪڪ پيو به سهي ڪونه سگهندا هئا، ٿوريءَ گهٽيءَ ڳالهه تي ٽپڙن ٻڌڻ جا پيا ڏڪا ڏيندا، جيئن اميدوار وڏيءَ رقم کان پوءِ به ٿورو گهٽو روزانو ڳڙندو رهي. اهڙن موقعن تي پاڻ سان پير تهس خليفا ۽ ٽڪ ڪامي ساڻ ڪٽندا هئا، جيڪي رقمن ڪيڻ ۽ ڳالهِين ٻولهين ڪرڻ جا ٻڙَ ۽ پختا هوندا هئا. ڪي بزرگ ته هڪ ڪان ونڊي، وري وڃي

ٻئي کي جهٽ هٽندا، ۽ ڪم آخر ۾ وڃي ان جو ڪندا، جيڪو ڪين پوئين رقم ڏيندو هو.

هڪ دفعي اليڪشن ۾ هڪ بزرگ کي آٽڻ جي ضرورت پئي. رقم آڇي وئي. خليفي چيو:

"مالڪن کي ٻي ڏر ان کان مٿي چئي وئي آهي، پر ورتئون ڪونہ، اوهان سان ابي ڏاڏي جو رستو هين!"

"نيٺ خليفا؟"

"توهان سان تہ ليکو ڪونہ اٿن"

"خير اسان تہ درگاهہ لاءِ نذرانو ڏينداسين!"

"ڪٽي في الحال ڇهہ هزار نذرانو رکو، مالڪن جو بہ شان اوهان جو بہ شان!"

اسان ڇهہ هزار ڏناسي، ليڪن پوءِ معلوم ٿيو تہ ٻي ڏر آيل ئي ڪانہ هئي، بلڪ اسان جي وڃڻ بعد خليفي اندرئون اندر اطلاع ڏئي انهن کي گهرايو، تہ پيسا اوهان بہ ڏيو ورنہ پير سائين جن وَرِڪ تي خير سان اسرن [17] ٿا.

اتنهن جي ئي هڪ ٻئي بزرگ جو بہ معاملو اهڙيءَ طرح ٿيو.

"پنج هزار زوريءَ ڏئي ويا! اسان بہ روضي شريف جي مرمت ۾ ڪپائي ڇڏيا!"

خليفي ٻانهون ٻڌي عرض ڪيو:

"ڏٽي، پولو ڪونهي! خانصاحب کان وڃي، ڪٽي انهن کي واپس ڏينداسي." پير ڪنڌ هيٺ ڪيو. ٻئي خليفي وراڻي ڏني:

"پر خليفا وڏا، واهہ جا ڳالهہ ڪئي اٿي! اسان کي پاڻ خيال هو تہ خانصاحب جن سان سائين جن جو پيءُ ڏاڏي جو رستو، مخالف سان ڪيئن وڃن!"

"اها صلاح واه جو ڪڍيئي!"

اسان پنج هزار ڪيسي مان ڪڍي ڪٽي اڳيان رکياسين، حالانڪ معلوم هو تہ پيسن ونڻ جو اهو بہ هڪ طريقو آهي. ٻي ڏر اڃا پهتي ئي ڪانہ هئي. پيرن جون اهي حرامزادگيون هرڪنهن کي معلوم هونديون هيون، ليڪن مريد جو مجهول، انهن تي سندن اثر، پوءِ ٻلا اميدوار ڪاڏي وڃن!

اليڪشن جڏهن به ٿي، ڪٽي به ٿي، ۽ ڪنهن جي به ٿي، مثال شاذ و نادر ملندو ته ڪڏهن ڪنهن سيد پير بنان پيسي ورتي جي، ڪنهن جي مدد ڪئي، ڪنهن پيسن وٺڻ ۾ عار سمجهيو ته ٻئي طريقي وصول ڪري ويو- سوڪڙي پاڪڙيءَ جي نموني، موٽر، اٺ، گهوڙو، وغيره وغيره. بهرحال بنان اجوري ورتي جي، سواءِ قيمت وصول ڪئي جي، بطور شرافت جي، بطور خاندان جي، يا لائق ۽ نالائق جي تميز ڪري، ڪنهن ڪنهن جي مدد ڪانه ڪئي.

ڪي مرشد ته اليڪشنون ٻڌي، گهر ڇڏي، اچي مريدن ۾ ويهي رهندا هئا. اميدوار ورڪ تي اچن، ته پهريون مرشد سان چڪائن پوءِ مريد کان ووٽ جي گهُرَ ڪن. هڪ ڀٽي صاحب جي اليڪشن هجي، بهاولپور مان ڀٽن جي هڪ قبيلي جو مرشد چڙهي، اچي وٽن ويهي رهيو، چي:

”پهريون اسان راضي ٿيون، پوءِ ووٽ!“

”اڙي سائين، اميدوار ڀٽو، اسان به ڀٽا!“

”چا به هجي!“

ماڻهو ڇڄندو آيو، چي، ”سائين! مرشد اچي ويو!“ جڏهن نذرانو ڏئي، ٻِيءَ ڏر جي خوف کان ڪيس ٽيڪيٽان ڏئي، بهاولپور موٽايوسين، تڏهن ڀٽي صاحب کي ڀٽن جا ووٽ مليا. اهڙيءَ طرح اليڪشن سنڌ ۾ ٿئي، مرشد کي اُچ کان پيا ايندا، کي ملتان کان پيا ايندا، ڪن جو مڙه مقام ديري اسماعيل خان ۾ هوندو!

هڪ دفعي ٻاليشاهين جي مرشد سان اچي پالو پيو، چي:

”هي سڄو ٻاليشاهي عالم اسان جو چڱ وڏيو مريد آهي، جاڏي چئبو، تاڏي ويندا!“

مرشد جي پنهنجي صورت ۽ سيرت به پنهنجي مريدن جهڙي هئي، تنهنڪري اسان کي به يقين هو ته برابر چهڙڪو عالم سائينءَ جي سڳي ڏاڳي ۾ هوندو، ليڪن ساڳئي وقت اهو به خوف هو ته متان اسان کان پيسا وڃي، وري وڃي ٻيءَ ڏر سان گڏجي. تنهنڪري رقم جي آسري ۽ دلاسي تي رهائيندي رهائيندي، اچي اليڪشن جو ڏينهن ڪيوسين، پوئين ڏينهن ڪنهن ملازم شرارت ڪري ٻوڙ ۾ سنان مڪي ملائي ڇڏيا، صبح جو جڏهن اليڪشن شروع ٿي تڏهن شاهه صاحب

جن کي گهٽائي ايلاز ڪياسين تہ ”قبلا سائين، نذرانو حاضر آهي، هلي مريدن کان ووٺ ڏياريو!“ ليڪن افسوس، جو کين غسلخاني مان ئي واندڪائي ٿي نہ سگهي، جو مريدن ڏي هلي سگهن!

اها تہ خير اسان ڪئي تڏهن مذاق، جو هڪ نڊڪو مرشد هٿ اچي ويو هو، ورنہ مرشدن جي شان ۾ اليڪشن جي ڏينهن ۾ ڪنهن کي طاقت آهي، جو چپ چوري سگهي، يا چڙي آگر بہ ڏانهن کو سڏي ڪري سگهي! سندن حضور ۾ ٻيو تہ ڪهيو، پر اميدوار يا اميدوار جي مدد گار کي ڪلي ڳالهائڻ جو بہ ساهہ نہ هوندو هو، متان ٿهول يا ڏنڊول جو پهلو نہ نڪري پوي.

اليڪشن ۾ پيرن جيڪو ڪردار ادا ڪيو، جنهن بي حيائيءَ سان هنن رشوتون ورتيون - جنهن بي ايمانيءَ سان هڪ ڏر کان وٺي، وري وڃي ٻيءَ ڏر کان وصول ڪري، اُن سان مليا، ان سندن وقار کي جيتوڻيڪ ڪافي ڏڪ هنيو، بلڪ هڪ ڳالهين تي ماڻهن کي ڪائنڪ عام نفرت ۽ حقارت ٿي پئي، ليڪن تنهن هوندي بہ ضرورت پوڻ تي اميدوارن يا حاجتمندن کي وٽن وڃڻو ئي پوندو هو. پر اِهو هو ائين، جيئن ضرورت پڃاڻان ماڻهو بازاري عورتن وٽ ويندو آهي.

الغرض انهيءَ طبقي منجهان مٿي بيان ڪيل، بلڪ ان کان بہ زياده ڪيترن ئي قسمن جا نقصان سنڌ ۽ سنڌي قوم کي پهتا- معاشرتي، اقتصادي، اعتقادي، مذهبي، خواه سياسي. اهڙيءَ طرح سنڌي زندگيءَ جو اهڙو ڪوبہ پهلو ڪونہ هو، جنهن تي انهيءَ طبقي جون حرامڪاريون اثرانداز نہ ٿيون هجن - انهن پيرن ۽ خانقاهي نظام جون حرامڪاريون اڃڪلهہ جون نہ آهن، اهي هر زماني ۾ ۽ هر انهيءَ جاءِ تي جاري رهيون آهن، جتي نظام جي ابتريءَ ۽ استبدادي قوتن عوام کي پيڙا ۾ آڻي ان جون متيون منجهايون آهن ۽ واٽون بند ڪيون آهن. مولانا جامي خود صوفي هو پنهنجي دور جي انهيءَ نظام جي رکوالن جون دانهو هن ريت ڪري ويو آهي:

حذر از صوفيان شهر و ديار همه نامردمند و مردم خوار
کارشان غير خواب و خوردن نه هيچ شان فکر روزِ مُردن نه
ذکر شان صرف در وحوه معاش فکر شان صرف بهر، سُفره و آش

هر يڪي ڪرده منزلي ديگر نام آن "خانقاه" يا "لنگر"
ديگران كنده ديگ بنهاده ڪرده آلات مطبخ آماده
چشم بردركه، كيست كزده و شهر؟ بافته از طريق مردان بهر!
گوشت يا آرد آورد دو سه مَن تا نشيند بصدر، شيخ زمن

بهر آش است آشنائي او و آتشِ ديگ روشنائي او

اين نه صوفي گري و آزاديست بلكه كيدي گري و قواديست [18]

سو سنڌ جا پير ۽ خانقاه نشين چڱا مڙس ڪونہ هئا، بلڪ دستوري طرح مڪار (ڪيدي) ۽ بي حياءَ (قواد) هئا.

* * *

سنڌ جي پيرن، خانقاهن، ۽ سجاده نشين جا اِهي حال هئا، مذهب ۽ اسلامي عقائدن جي اهڙيءَ طرح زوال ۽ زبوني هئي، اڻ پڙهيل ۽ ابوجهہ عوام ۾ اِنهيءَ حد تي لادييٰ پهتي هئي! انهن حالتن سنڌ ۾ وهابيت کي زور ونرايو، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ انهيءَ عقيدي جي بزرگن سنڌ ۾ مذهب جي واقعي وڏي خدمت ڪئي، بلڪ لادينيت جي خلاف عظيم جهاد ڪيو ۽ گهٽيءَ حد تائين مومل جي ماڙيءَ وانگر عوام کي گرفتار ڪرڻ ۽ منجهائي مارڻ جو جيڪو پيرن ٽڪساد ڪڙو ڪيو هو، ان کي ڌاهي رکيائون. اهي انهيءَ جدوجهد جا ئي نتيجا آهن، جو اڄ عوام گهٽيءَ حد تائين سندن سڳي ڏاڳي مان نڪري چڪو آهي.

سڀ کان پهريون سنڌ اندر انهيءَ جهاد في سبيل الله جو جهنڊو مولانا دين محمد وفائي بلند ڪيو. خدا جون مٿس رحمتون هجن، ڏُٺالي بند هجڻ جي باوجود ب اِنهيءَ مقصد جي سرانجاميءَ خاطر هن پنهنجي هڙان خرچ ڪري، "توحيد" جي نالي سان هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو ۽ تقريباً پنجويهہ - ٽيهہ سال مسلسل انهيءَ رسالي جي ذريعي سنڌ جي پيرن، خانقاه نشينن ۽ رياڪار مرشدن جون ٽڪڙيون ڪيندو رهيو ۽ صحيح عقيدن جي نشر و اشاعت ۽ غلط اعتقادن جي مذمت ڪندو رهيو. "توحيد" رسالي جي ذريعي مولانا جي مضمونن ماٺهن تي

وڏو اثر پيدا ڪيو ۽ سنڌ ۾ هڪ وڏو گروهه سندس همنوائيءَ ۾ نڪري پيو. مولانا چشتي، مولانا محمد هاشم، واعظ الاسلام مرحوم وغيره، مولانا مرحوم جي انهيءَ جدوجهد جو نتيجو هئا، جن اڳتي هلي پنهنجي زندگيءَ جو به اهوئي مقصد بڻائي ڇڏيو. پنهنجي انهيءَ تحريڪ جي بنيادن کي مضبوط ڪرڻ خاطر ۽ مسلمانن کي رسول پاڪ جي صحيح احڪامن سمجهائڻ خاطر ئي هن پهريون دفعو صحيح بخاريءَ جو سنڌي زبان ۾ نهايت صحيح ۽ سهڻو ترجمو ڪيو. ازان سواءِ سندس قلم مان انهيءَ سلسلي ۾ ٻيا به ڪيترا مفيد ڪتاب نڪتا.

"توحيد" سان گڏ "الوحيد" اخبار پڻ انهيءَ ڏس ۾ عظيم الشان خدمت ڪئي. پيرن جي غلط اثر کي زائل ڪرڻ ۾ انهيءَ اخبار جون خدمتون به وساريڻ جهڙيون نه آهن، ليڪن "الوحيد" چونڪ سياسي پرچو هو، تنهنڪري ڪڏهن ڪڏهن ان جي اداري کي مصلحت بينيءَ کان به ڪم وٺڻو ٿي پيو، پر "توحيد" اڳيان نه ڪا سياسي مصلحت هئي نه ڪا غير سياسي مصلحت، هن جي مصلحت اول کان آخر تائين فقط سچي پچي دين جي پرچار ڪرڻ هئي. اهوئي سبب ٿيو، جو سندس انهيءَ تواتر ۽ يڪسان پاليسيءَ مسلمانن جي ذهن کي ڏاڍو متاثر ڪيو.

"توحيد" ليٿو ۾ ڇپي هئي، کي سال ٽائيپ ۾ به ڇاپي ويئي. اهو مدار هوندو هو دراصل مولانا جي مالي حالت تي. جي خريدارن چندا موڪلي ڏنا، تہ "توحيد" ٽائيپ ۾ ڇپي، جي چندن جي وصوليءَ ۾ هيٺ مٿاهين ٿي تہ "توحيد" ٽائيپ مان لهي، اچي ليٿوءَ تي ٻيهندي. بهرحال "توحيد" جي ظاهري حسن ۽ ٻيهڪ ڏي انهيءَ زماني جي مذاق مطابق ڪنهن جو به توجهه ڪونہ هو. رسالي جي جيڪا معنوي حيثيت هئي، ماڻهن جي دلين تي ان جو ڏاڪو هو.

"توحيد" جي ذريعي مولانا ٻين اعليٰ عنوانن کي به چيڙيو، مثلاً علمي مضمون، اسلامي تاريخ تي مضمون، اسلامي مشاهيرن ۽ سڃن بزرگن جون سوانحون، سنڌ جي تاريخ تي مقالا، غرض تہ هر مفيد مضمونُ "توحيد" پنهنجي دامن ۾ ڪٽي مسلمانن جي اڳيان پيش ڪندو هو.

مولانا سنڌ جي علمي دورِ جديد جو عالم هو، جنهن اسلامي علومن، اسلامي تاريخ ۽ اسلامي عقيدن جو صحيح مطالعو انهيءَ ڪڙيءَ تي ڪيو، جنهن تي هندستان اندر مولانا شبلي ڪري رهيو هو. اسان جو مولوي صاحب سنڌي اديبن ۾ پهريون عربي دان اديب ۽ عالم هو، جنهن سنڌ سان متعلق عربي زبان جي تاريخن ۽ ادبي ڪتابن جو جائزو ورتو، ۽ اسان جا قديم سنڌي عالم عربي دنيا اندر جيڪي علمي ڪارناما ڇڏي ويا هئا، انهن مان پاڻ ۾ واقف ٿيو ۽ سنڌين کي ۾ هن پهريون مرتبو انهيءَ "توحيد" جي ذريعي واقف ڪيو. ميان مير سنڌي، مولانا محمد حيات سنڌي، ابو عطا سنڌي، مخدوم عبدالله ۽ رحمت الله سنڌي، ابوالحسن صغير ۽ ڪبير سنڌي، ابو عطا سنڌي، ابو رجا سنڌي، وغيره سڀ مولانا جا دريافت ڪيل آهن. انهن سان اسان جي پهرين آشنائي مولانا جي قلم ڪرائي ۽ سندس رسالو "توحيد" ان جو ذريعو بڻيو. اڄ انهن يا اهڙن ٻين بزرگن تي اسان جيڪي ڪجهه لکي رهيا آهيون، سو درحقيقت مولانا مرحوم جو ئي ڏس پتو سمجهڻ گهرجي.

مولانا ڏاڍو ذهين هو. منجهس سوچڻ ۽ سمجهڻ جي به صلاحيت حد هئي. نظر به گهري ۽ دور رس ته دماغ به اعليٰ ۽ رسا هيس. تنهنڪري هن جيڪو مطالعو ڪيو، اهو نه ٽلهو هو نه سطحي، بلڪ ان مان هن پنهنجي ذهانت جي زور تي نوان نتيجا ڪڍيا ۽ مضمونن ۽ معاملن جي تهن تائين پهچي، انهن مان موتي ۽ مروارید ٻاهر ڪڍي آيو. اهوئي سبب هو، جو هن جن جن عنوانن سان اسان کي آشنا ڪيو، سي خود سندس معاصر عالمن لاءِ به غير مانوس هئا، بلڪ ڪانئس ٿورو اڳ جي عالمن جي به انهن تي نظر پئجي ڪانه سگهي هئي.

مولانا جي "توحيد" واريءَ تحريڪ سنڌين جي دلين تي ان ڪري به گهرو اثر ڪيو، جو سندس سنڌي تحرير ۾ هڪ دلڪشي ۽ دلنشيني، هڪ ربط ۽ بي پناه فصاحت هئي، جيڪي خوبيون عام طرح سندس معاصرن جي تحريرن ۾ مفقود هيون، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي عالمن جو فارسيءَ ۽ عربيءَ تي ايترو زور هوندو هو، جو کين سنڌي لکڻ مورڳوئي ڪانه ايندي هئي، ۽ ٻيو جيڪو ڪٽي سنڌي نثر لکندا هئا، ته اهو نهايت ئي بي ربط، فتوائن جي انداز ۾، نه عبارت ۾ تسلسل ۽

نہ لکٹيءَ ۾ سنوتِ- ان اپراند انهن جي تحريرن ۾ عربيءَ ۽ فارسيءَ جي غير مانوس ۽ ڏوڻاڻ اکرن جي دَبِ ڦُس. مولانا مرحوم پهريون سنڌي عالم آهي، جنهن عربيءَ ۽ فارسي جي مسلّم مهارت جي باوجود سنڌي نثر کي سولائي ۽ صفائيءَ سان نهايت روان لکيو. مولانا جي تحرير ايتريقدر باربط ۽ پورن پُنن لفظن ۾ هوندي هئي، جو ان ۾ هڪ اکر بہ زائد يا غير ضروري ڪونہ لپندو، ۽ ايتري ضبط ۽ نظم سان، جو جيڪڏهن ڪنهن اکر کي هڪ جاءِ تان ڦيرائي ساڳي ئي جملي ۾ ٻئي هنڌ تي آڻبو، تہ اهو اتي سونهين ئي نہ سگهندو، ۽ جملي جي سڄي ساخت ٽٽي پوندي.

خير، اهي تہ ڳالهيون ٿيون مولانا جي علم، فضل، نثر ۽ انداز تحرير جون، ليڪن حقيقت ۾ انهن سمورن خداداد صلاحيتن کي مولانا خدا جي ئي رستي ۾ ڪتب آڻيندو رهيو، ۽ خدا جي خدائيءَ اندر پيرن جيڪا پنهنجي خدائي ۽ خداوندي ناهي هئي، ان جي مسمار ڪرڻ ۽ ان کي ختم ڪرڻ جي سلسلي ۾ صرف ڪندو رهيو.

"توحيد" 1947ع تائين هلندي رهي. آخري زماني ۾ جڏهن مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي جلاوطنيءَ جا ايام پورا ڪري سنڌ ۾ آيو [19]، ان وقت ابتدا ۾ تہ مصلحتاً پير پرستيءَ جي خلاف مولانا لکڻ "في الحال" ڇڏي ڏنو، ليڪن پوءِ ڏنو ويو تہ مولانا گهٽيءَ حد تائين پنهنجن عقائدن تان بہ رجوع ڪري ويو. آخري زماني ۾ مولانا پيريءَ مريديءَ جو قائل ٿي ويو ۽ انهيءَ سانحي جي سڄي ذمہ داري تنها مولانا عبيدالله سنڌيءَ تي آهي.

---

[1] "حساب" معنيٰ هن کي جن پوت جي ست آيل آهي.

[2] "هدو" (عهد) معنيٰ اختيار مليل آهي.

[3] "وَلو" معنيٰ ناجائز قبضو. "وڪڙ چاڙهڻ" بہ انهيءَ معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي. ان جون ٻيون مختلف معنائون بہ ٽين ٿيون. مثلاً:

وکڙ چاڙهڻ: ٻئي کي ڳالهين ۾ ڦاسائي، ڪنهن ڳالهه جي سچي ڪرائڻ.

وکڙ ڏيڻ: رسيءَ کي چوڏاري ڦيرائي ٻڌڻ.

وکڙ آهي: رستي ۾ اتان گولائي آهي، يعني رستو مڙڻ ٿو.

[4] منزل جو بگاڙ.

[5] معنيٰ اهو ماڻهو جيڪو اتي، ان، کير ۽ مکڻ جي پاري مٿي تي نذراني طور ڪٽي، ٿوري ٿوري وقفي بعد پيو مرشد جي درگاهه سڳوريءَ تي پهچائي.

[6] ڪي جاهل مرشد مريد ڪرڻ وقت ماڻهوءَ جي وارن جي چڱ وڏي چڏيندا هئا. بيعت واري مريد کان اهو چڱ وڏيو مريد زياده پختو ۽ مخلص سمجهيو ويندو هو.

[7] خرجين سوٽي يا اُن جي ڏاس جي سنڌ ۾ ڏاڍي سني ۽ مضبوط نهندي آهي. انهيءَ کي به کيسا هوندا آهن. سفر ۾ انهن ۾ سامان وجهي هلبو آهي.

[8] 1- نذرانو - جيترو سَري سگهي، اهو ڏجي - مريد ۽ مرشد جي حيثيت تي آهي.

2- ٻانڌاڻ - ڪن مريدن تي ساليانو مقرر هوندو آهي، ان کي چئبو آهي ٻانڌاڻ ٻڌل.

3- پُڳر - پنيءَ مراد پنيان جيڪي باس هجي يا پڄي سگهي، سودرگاه تي آڻي ڏجي - اهو آهي پُڳر.

[9] دادو ضلعي جو مشهور پير ٿي گذريو آهي.

[10] هر هڪ درگاهه جي پنهنجي نشاني ٿيندي آهي. سفر ۾ڪو جهنڊو ساڻ ڪٽندو، ڪو گهڙيال وڄرائيندو هلندو، ڪو ذڪر ڪرائيندو هلندو.

[11] انهيءَ منهن ڪارائيءَ جو خانقاهي محاورو آهي "هَڈَ پاڪ ڪرڻ" يا "هَڈَ پاڪ ڪرائڻ."

[12] جنهن عورت کي سيد ڀڃائيندو هو، ان لاءِ چئبو هو ته ميان هاڻي نبيءَ جي ننهن ٿي، ڪيئن موٽي اُمتيءَ کي ملندي؟ سيد جي صحبت کان پوءِ ٻئي اُمتيءَ لاءِ حرام ٿي پئي!

[13] پير جو پٽ جيسين نابالغ هوندو، تيسين ان کي "نينگر" سڏيو ويندو، جڏهن اٽڪ ويهڻ هلڻ چلڻ جهڙو ٿيندو، يعني پرائيءَ عورت کي ڏسي مڇن کي مروڙڻ جهڙو ٿيندو، تڏهن کان وڻي "صاحبزادو" سڏبو.

[14] سيد جي گهر وارِن کي "بيبي" يا "صاحبَ" سڏيو ويندو هو. اهو اکر ٽالپرن ۾ به مروج آهي. ان کان سواءِ "ديري" جو اکر به ٽالپر انهيءَ مقصد لاءِ ڪتب آڻيندا آهن.

[15] يعني بخار يا تپ.

[16] مرشدن کي جيڪا اهڙي رشوت ڏبي هئي، ان کي به نذرانو چئبو. اهڙيءَ طرح نذرانن جي نالي ۾ مرشد جيتري به رشوت وٺندو، اها ان کي جڙ شيرمادر آهي- نه ڏوهه، نه لڄ، نه شرم.

[17] پيرن ۽ مرشدن جي وڃڻ کي "اُسرڻ" يا "اُسهَڻ" چئبو آهي. سندس غير موجودگيءَ لاءِ اکر ڪتب آڻبا: "سائين جن خيرڪي" يا "پاڻ خيرڪي آهن"!

[18] از سلسلة الذهب.

[19] مولانا 1919ع ۾ جيئن انگريزن جي خلاف تحريڪ شروع ڪري سنڌ مان نڪتو، تہ وري انگريزن ڪيس اچڻ نہ ڏنو. 1937ع ۾ الله بخشيس الله بخش شهيد پنهنجي وزارت جي زماني ۾ انهيءَ حڪم کي رد ڪري، مولانا کي گهرايو.

8

منجهان پيئي مَڪڙيءَ، ڪا جا پاڻيءَ پڪَ،
وکر هٽي وِڻڪ، ڪَڇجي ڪارو ٿيو.
- شاهه

"ڪون هوتا هي يوپي ڪا مسلمان؟
انگريز ڪا غلام!
اسي ڪيا خبر ڪه آزادي ڪسي ڪهتي هين؟
جو آزادي ڪي ڪوشش ڪري اس ڪي مخالفت ڪرنا ڪفر ڪي برابر هي!
اس وقت ڪانگريس ڪي آڙي آنا جهالت اور وطن دشمني هي !"
"اور جناب يه جو ظلم [1]..."
"ڪون سي ظلم؟"
يه سب انگريز ڪي سکائي هوئي داستانين هين!"
جلال ۾ چهرو لال، اکيون سرخ ڄڻ شعلا پيون ڇڏن، هيون اگرچه سنهيون ليڪن معشوق جي آهو چشمن کان به سو دفعا سرس، حسين ۽ جاذب. انتر ڪلاس جي محدود ڏيگهه ۾ هڪ پوڙهو شخص جوش ۽ جذبي وچان هڪ سري کان ٻئي سري تائين تيز تيز قدم کڻي رهيو هو. سندس مخاطب هڪ ٽڪيٽ ڪليڪٽر هو، جيڪو يوپيءَ جو باشندو ٿي ڏٺو. سيٽ تي هڪ ٻيو سفيد ريش به اجرڪ بت کي ويڙهيون، اخبارن جو بنڊل ڪڇ ۾ ڪيون وينو هو. ٻنهي بزرگن جا مٿا اگهاڙا ۽ ڪوڙيل، سنهاريون وڏيون ۽ اڇيون جهڙيون ڪير، لٽا ڪاڌيءَ جا ٽلها، اڇا ۽ ڪار ۾ ڏوتل. سيٽ تي وينل بزرگ جي چهري تي هڪ اطمينان ٿي ڏٺو - هلڪي مشڪ منهن تي، جوشيلي پوڙهي مڙس ڏي هن ائين ٿي ڏٺو، جيئن ڪو عاشق معشوق کي ڏسي پيوڻرندو آهي.
"يوپي ڪي مسلمانون ڪو شرم نهين آتي!

يہ لوگ خدا سي نهين ڊرتي!
دائمي غلام رهنا چاهتي هين!
انگريز کي هوتي هوئي ، همارا مذهب پي قائم نهين هي.
هندو اگر دشمن هي تو وه مقامي هي!
اس سي هم نپٽ لينگي!
ليڪن انگريز!
وه تو پوري دنيائي اسلام کا دشمن هي!
هم معمولي دشمن کو تو ديکتي هين، ليڪن!
ليڪن! ليڪن! ليڪن!
هر اس دشمن کي غلامي قبول کرتي هين!
جو هر محاذ پر مسلمانون کا پتا کاٽتا رهتا هي!
شرم نهين آتي!
يہ نهين سمجهتي ڪہ انگريز اگر هندوستان سي گيا، تو پهر مڊل ايسٽ مين
اس کي پائون کهين پي نهين ٽڪ سکتي!"
"هندوستان کي آزادي دنيائي اسلام کي آزادي هي!"
"ليڪن جناب....!"
"ليڪن ميڪن هم نهين جانتي!
هم صاف بتائي ديتي هين!
هم قطعي آپ لوگون کو، جو غلام ابن غلام هين!
کهہ ديتي هين ڪہ انگريز کا جو دوست هي، وه مسلمان کا دشمن هي، وه
اسلام کا دشمن هي،وه رسول اور اس کي الله کا دشمن هي!
انگريز کي شہ پر مظالم کي جهوٽي قصي گهڙلئي گئي هين!
انگريز کي تنخواه بردار غلام!
تنخواه بردار غلام! تنخواه بردار غلام!..."
جوش ۾ اچي سندس زبان وڇڙي ٽي پيئي. هڪ هڪ فقري ۽ لفظ کي ٻہ ٽي ٻہ
ٽي دفعا کيس دهرائڻو ٽي پيو.

”بيشرم، غلام، جاسوس، تنخواه خور، نمڪ خور!...“
پوڙهي تي جلال جي سخت ڪيفيت طاري هئي، سندس سنهاريءَ جا وار بہ ڪڙا ٿي ويا هئا.
”خدا سي نهين ڊرتي، اسلام ڪي لاج نهين هي!...“
ايتري ۾ باگڙجي استيشن تي گاڏي اچا پوريءَ طرح بيٺي نہ هئي، جو ٽِي، ٽِي گاڏي مان ٽپو ڏئي هليو ويو. جنهن وقت هن ٽپو ڏنو، ان وقت سندس چهري تي هراس ٿي ڏٺو.
اهو هو حضرت مولانا عبيدالله سنڌي، جيڪو سترنهن ورهيہ، انگريز دشمنيءَ جي ڏوهہ ۾ جلاوطني ڪاٽي، هاڻي وطن پهتو هو، ۽ سندس ٻيو سنگتي هو مولوي عبدالله لغاري، جيڪو سندس قديمي ساٿين مان هو ۽ سالن پڇاڻان وڇڙيل ساٿي پاڻ ۾ مليا هئا.

* * *

جنهن وقت مولانا سنڌ ۾ پهتو، ان وقت مسلم ليگ پنهنجي نئين دؤر ۾ نئين نئين ظهور ۾ آئي هئي. اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ بعد ڪيترن صوبن ۾ ڪانگريسي وزارتون نهي چڪيون هيون. جن صوبن ۾ ڪانگريس کي اڪثريت ڪانہ هئي، اتي ان جا ميمبر قومي خيال رکندڙ مسلمانن جي حمايت ڪري رهيا هئا، مثلاً سنڌ ۾ الله بخش وزارت کي سندن امداد حاصل هئي. ليگ، جناح صاحب جي قيادت ۾، هندستان جي مسلمانن کي يڪمشت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئي ۽ تقريباً سيئي سرڪار پرست ۽ خطاب يافتہ مسلمان جن سڃي رندگي انگريزي اقتدار جي پشتي باني ٿي ڪئي، ان ۾ داخل ٿي چڪا هئا، ۽ مسلمانن جي اڳيان جيڪو نعرو بلند ٿيڻ لڳو، سو انگريز دشمنيءَ جو نہ، بلڪ هندو دشمنيءَ جو. اهوئي سبب هو، جو مولانا عبيدالله سمجهيو ٿي تہ ٿورائيءَ وارن صوبن جي مسلمانن، ڪانگريسي وزارتن جي بعض ڪوتاهين ۽ ڪن غير اهم انفرادي غلطين کي وٺي، ڳالهہ مان ڳالهوڙو بڻايو آهي. ازانسواءِ هو انگريز دشمنيءَ ۾ ايترو وڌيل هو ۽ سرڪار پرست مسلمانن جا ڪيس ايترا هٿ لڳل هئا، جو ان کي ليگن واري انهيءَ سرڪار پرست مجموعي ۾ يقين ئي نہ ٿي آيو

تہ اُهو پنهنجي قديمي روايتن جي خلاف وڃي، کو انگريزن کي کيڏ ۾ آزاديءَ جي تحريڪ جو معاون ثابت ٿيندو. سرڪار پرستن جي اجتماع جي ڪثرت کي ڏسي، ليگ تان مولانا جو ايمان ڪچيو ٿي ويو، تنهنڪري هن هر قيمت تي في الحال ڪانگريس جي حمايت ڪرڻ ضروري ٿي سمجهي. انهن تاثرات سبب مولانا جيئن ڪراچيءَ جي بندر تي آيو، تيئن ڪانگريس جي حمايت جو اعلان ڪيائين.

مولانا جي ذهن ۾ قومي بنيادن تي آزاد هندستان جو نقشو هو. هن نٽي گهريو تہ طبقاتي ۽ مذهبي منافرت کي پکيڙي هندستان اندر ايترو انتشار آندو وڃي جو ان جي ڪري انگريز جا پير هتي مضبوط ٿي وڃن. مولانا جن سنگتِن سان گڏجي، اڄ کان ويهہ سال اڳ، آزاديءَ جو تحرڪ شروع ڪيو هو، سي سيئي ڪانگريس ۾ هئا، جنهن ڪشش پٽ مولانا جي دل ۾ ڪانگريس جي وقعت وڌائي ٿي- مولانا ابوالڪلام، مولانا حسين احمد مدني، مولانا ڪفايت الله، مولانا احمد سعيد، ڊاڪٽر ڪچلو، رفيع احمد قدوائي، وغيره وغيره.

مولانا اڇڻ سان هندستان جو گشت ڪيو. ساڻين سنگتِن سان مليو، سياسي سماچار هر طرف ۽ هر طرح ڪنايائين. جنهن بعد هن سنڌ اندر ازسرنو جدوجهد شروع ڪرڻ جو پَهہُ پچايو. سڀ کان پهريون هُن سنڌ ۾ عالمن جي طبقي کي، جيڪو فالج زده عضوي وانگر بلڪل بيڪار ۽ معطل ٿي چڪو هو، سجاڳ ۽ منظم ڪرڻ شروع ڪيو. هنن کي آماده ڪيائين تہ هو سياست ۽ ملڪ سان بہ دلچسپي وٺن، نئين دنيا سان روشناس ٿين ۽ گوشه نشينيءَ جي زندگي ترڪ ڪري، مراقبن ۽ چلن مان نڪري، مدرسن جي ڪُنڊ تان اڀي، اچي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ حصو وٺن، ۽ ملڪ جي سڀني مسئلن ۾ ٻين طبقن وانگر دخيل ٿين. مولانا جي تحريڪ هئي تہ علماءِ ڪرام عبائون ۽ قبائون ترڪ ڪري ڪوٽ پتلون پائن، دستار مبارڪ جي گنبد مان نڪري مٿي تي ٽوپلا رکي گهمن، جي ٽوپلا نہ پائن تہ ڪم از ڪم دستار جي پابندي ڇڏي ڏين ۽ اگهاڙي مٿي کان ڪين عار اڇڻ نہ ڪپي. حقيقت ۾ اهي تہ هئا مولانا جا استعار! دراصل هن عالمن سڳورن کي سندن محدود ۽ اَڏوهي ورتل دنيا مان چڪي، ٻاهر ڪيڏ گهريو ٿي:

زڪُنج صومعہ، حافظ! مجوي گوهرِ عشق
قدم برون نہِ اگر، ميل جستجو داري

علمائن سان گڏ مولانا پيرن، مرشدن ۽ سجادن کي بہ سندن غير شرعي ۽ عفونت آميز عالم مان ڪڍي شائسته دنيا جو باشندو بنائڻ گهريو ٿي.

ٿيون ته مولانا هڪ دارالعلوم ٺاهڻ گهريو، جنهن ۾ جديد تعليم جي ذريعي نوجوانن کي اهڙي طريقي تي تيار ڪرائي، جو اڄتي هلي اُهي ملڪ ۾ قوم لاءِ ڪمائتا ثابت ٿي سگهن.

مولانا هڪ سياسي پارٽي بہ ٺاهڻ گهري ٿي، جنهن جو نالو هن "نربدا سنڌو ساگر جمنا پارٽي" رکيو هو. نالو هر چند بي ربط ۽ بي جوڙ ۽ غيرشاعرانہ هو، ليڪن ڏسڻو آهي مولانا جي نيت کي، جيڪا ملڪي وحدت کي ٽوڙڻ لاءِ هرگز تيار نہ هئي.

انهيءَ نئين دنيا ٺاهڻ جو آغاز مولانا پير جهنڊي جي ڳوٺ مان هڪ مرڪز ٺاهي ڪرڻ گهريو ٿي، جنهن لاءِ زمين جو هڪ پَيَل ٽڪرو ته پير صاحب جهنڊي واري ڏنو هو. مرڪز هلائڻ لاءِ باقي چند هزار رپين جي ضرورت هئي، جنهن جي گڏ ڪرڻ لاءِ مولانا هر انهيءَ ماڻهوءَ سان ذڪر ڪيندو هو، جيڪو ساڻس ملڻ ويندو هو.

مولانا جي آخري زيارت مون کي ان وقت نصيب ٿي، جڏهن آءٌ ۽ پير الاهي بخش ڪڏي جي مدرسي واري بالاخاني ۾ سندس مزاج پرسي ڪرڻ ويا هئاسي. مولانا کي اسهالن جو عارضو هو. ڏاڍو ڪمزور ٿي چڪو هو. جوش خروش ساڳيو، مرڪز کولڻ جي آرزو ڏاڍي ۽ چندي گڏ ڪرڻ لاءِ خواهش اهائي. ان وقت مولانا چندي جي انگ کي گهٽو هيٺ لاهي چڪو هو، يعني رپيا جملي ست هزار سردست ڪيس گهربا هئا، جن جي ذريعي في الحال هو مرڪز کولي ڪم شروع ڪري سگهي.

انهيءَ ئي ملاقات ۾ مولانا مون کي ارشاد ڪيو ته جيڪڏهن آءٌ ساڻس شامل ٿي ڪم ڪريان ته هوند سندس سيئي مشڪلاتون آسان ٿي پون. انهيءَ وقت مون کي معلوم ٿيو ته مولانا وٽ سندس تحريڪ لاءِ نہ فقط ست هزار رپيا ڪونہ

آهن، بلڪ وٽس ماڻهن جو بہ ايڏو قحط آهي، جو مان جهڙي ماڻهوءَ جي شموليت کي بہ هو اهميت ڏئي رهيو آهي. مون کي جهٽ اُنهيءَ مائيءَ وارو قصو ياد اچي ويو، جنهن جي پاڻ کي جڏهن ڳوٺ وارن چگ مڙسيءَ جي پڳ ٻڌائي، تڏهن ٻئي هٿ گوڏن تي هڻي روئي ويني، چي: ’روئان ٿي تڏهن، جو اسان جي شهر مان، جي ماڻهو هئا، سي سڀ مري ويا، ورنہ ڪنهن کي لاچار پيو هو جو ادي کي پڳ ٻڌائن ها!‘

بهرحال مولانا جي طبيعت بہ نجهرندي وئي. نہ ست هزار جمع ٿي سگهيا، نہ مرڪز ٺهي سگهيو. مولانا آخر هڪ ڏينهن وصال ڪري ويو. سندس جدوجهد جي نتيجي طور هينيون ڳالهيون ٿيون:-

1- پنجاب جي هڪ نوجوان پروفيسر سرور مولانا جي عنوان تي پنج ڇهہ ڪتاب لکي بازار ۾ آندا.

2- پنجاب ۾ ’سنڌو ساگر نربدا جمنا اکاڈمي‘ ٺهي، جنهن اهي ڪتاب ڇپايا.

3- دارالمصنفين وارن اعظم ڳڙهہ مان مولانا جي سوانح ۽ تعليمات تي هڪ ڪتاب شايع ڪيو.

4- سنڌ جي مولوين مان فقط ٻن نوجوان مولوين، مولانا جي سنت ۾، پنهنجا مٿا کوڙايا ۽ مٿو بہ اگهاڙو ڪري گهمڻ لڳا. سندن ڳالهائڻ جو رنگ ۽ ڍنگ بہ مولانا جي ڳالهائڻ جهڙو ٿي ويو: جدا جدا، بي جوڙ جملا، جن ۾ فقط اشارا، موضوع هڪ هجي ليڪن گفتگو وقت سڄي دنيا جا قصا ڪڍي، اهڙيءَ طرح مسئلو منجهائي ڇڏجي، جو ان جي شرح ۽ تفسير لاءِ هر وقت هڪ شارح جي ضرورت ٿئي.

5- شاهہ ولي الله ۽ شاهہ ولي الٰهي تحريڪ. راقم الحروف اهي نالا ٻڌندو رهيو ٿي، ليڪن ماهيت معلوم ڪرڻ جي پٺيان ڪڍهن ڪونہ پيو.

6- چند اڻ پوريون تصنيفون ۽ قرآن مجيد جو هڪ نامڪمل شرح، جنهن تي پڻ هڪ شرح جي ضرورت محسوس ڪئي ٿي وئي.

7- هڪ نيم ديوانو پاڻيجو، جنهن کي خيال آهي تہ [2] مولانا مرحوم جيڪي ڪم اڌ ۾ ڇڏي ويو آهي، تن کي هو توڙ رسائيندو. پهريائين سنڌ جي هڪ ننڍي

ڳوٺ ۾ رهندو هو، اتان ٽپڙ ڪٽي اچي ڪڏي (ڪراچيءَ) ۾ رهيو. هڪ ڏينهن شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ وٽ آيو، چي:

”اسان کي پنهنجي اوطاق ۾ رهڻ ڏيو!“

”بابا، تون مسڪين آهين، ڪراچيءَ ۾ ڪٿان گهرگهاٽ جا خرچ پورا ڪندين؟“

”اسان کي مولانا جي رٿيل پروگرامن کي هت مرڪزي شهر ۾ رهي پورو ڪرڻو آهي!“

”منهنجو ته خيال آهي ته تون جيڪر سنڌ ۾ هليو وڃين.“

”اسان جي زندگيءَ جو مقصد اُتي رهي پورو ٿي نه سگهندو.“

”ڪڏي مان چوٽو لڏين؟“

”جاءِ وارا مسواڙ لاءِ تنگ ٿا ڪن!“

”جي تون مسواڙ ۾ ڏئي نٿو سگهين ته ٻيا خرچ ڪٿان ڪندين؟“

”اوهان فقط اسان کي اوطاق ڏيو، باقي خرچ جڏهن پروگرام شروع ڪياسي ته پاڻهي پيا پورا ٿيندا!“

”سدا اچي رهو، مولوي صاحب! جاءِ ته اجها هيءَ حاضر آهي!“

ڪڏي جي جاءِ مان مسواڙ جي طاقت نه هجڻ سب بزرگ ٽپڙ ڪٽي اچي شيخ صاحب جي انهيءَ مسواڙي جاءِ جي هڪ حصي ۾ ويٺو، جيڪا سول اسپتال جي سامهون آهي. اوطاق کي پلويڙو ڏئي گهر لاءِ پردو ڪيائين، پلويڙو آهستي آهستي راتين جو ويو سرندو، ڪشادو ٿيندو ۽ جاءِ والارينڊو، ۽ آخر اچي انهيءَ حد تائين ويڪر ۾ وڌيو، جو شيخ صاحب جي اڌ ميدان کي سوري ڪٽي اندر ڪيائين. ڇهن مهينن بعد معلوم ٿيو ته اها اوطاق مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي پاڻيجي نه فقط مخفي طرح پنهنجي نالي الاٽ ڪرائي ڇڏي، بلڪ حفظ ماتقدم جي طور تي شيخ صاحب ۽ سندس فرزندن تي ڪورٽ ۾ به هڪ ٻه ڪيس داخل ڪري ڇڏيائين، ۽ اهڙيءَ طرح هن مولانا مرحوم جي ڇڏيل پروگرامن کي پوري ڪرڻ جي بسم الله فرمائي، ۽ اهو ڏسڻ ۾ آيو انهيءَ اخلاق جو نمونو جنهن کي مولانا پنهنجي صحبت ۾، جيڪا اڪسير جو اثر رکندڙ ڇئي ٿي وئي، تربيت ڏئي تيار ڪيو هو!

8- مولانا عبدالله لغاري، جيڪو [3] نهايت پُر مذاق ۽ شگفته مزاج ماڻهو هو: ان کي به اهائي خواهش هئي جيڪا مولانا جي پاڻيجي کي هئي.
9- مولانا مرحوم دين محمد وفائيءَ جي عقائدن جو سانحو، ۽ سنڌ جي مسلمانن جي مذهبي عقيدن واريءَ اصلاح جي تحريڪ جو خاتمو.
مولانا جو خيال هو ته سنڌ ۾ پيرن جو اثر تمام گهٽو آهي. سندس پنهنجو تعلق به دوستيءَ خواه عقيدت جي صورت ۾ اسان وارن پيرن، درگاهن ۽ خانقاه نشينن سان هو. هن گهريو ته عام مسلمانن کي ڏانهن متفر ڪرڻ جي بجاءِ خود پيرن کي درست ڪيو وڃي، تاڪ سڌري وڃڻ بعد سندن اثر رسوخ ۽ اقتدار مان صحيح ڪم وٺي سگهجي. انهيءَ ڪري مولوي دين محمد وفائيءَ واريءَ تحريڪ کي هن بند ڪرائي ڇڏيو.
حقيقت ۾ مولانا سنڌ ۾ ان وقت پهتو، جڏهن ذهني طرح سان بلڪل ختم ٿي چڪو هو، سندس قوتون ڪمزور ۽ ساڻيون ٿي ويون هيون، ۽ صحت جا پويان پساهه هئا، بلڪ سندس زيست عملي طرح پوري ٿي چڪي هئي. دماغ رڳو خيالن سان پريل، زماني جي رفتار جو اندازو ڪرڻ، تنهنڪري ايڏا طويل ۽ مختلف نوعيت ۽ عنوانن جا پروگرام وٺي رٿيائين، جيڪي ناممڪن هئا ته سندس خواهه ڪنهن ٻئي جي زندگيءَ ۾ پورا ٿي سگهن. مولانا پڪن گهڙن کي ڪنان وجهڻ ٿي گهريا:

ڪار دنيا ڪسي تمام نڪرد
هر چه گيريد مـختصر گيريد

باقي بچيل مختصر حياتيءَ ۾ 'مختصر گريد' تي عمل ڪرڻ جي بجاءِ مولانا سڃي 'ڪارِ دنيا' کي هڪ ئي وقت پورو ڪرڻ گهريو، جيڪو ناممڪن هو.

[1] 1937ع ۾ حڪومت جي واڳ ونڻ بعد سي پي ۽ يوپيءَ ۾ مسلمانن سان جيڪي چيو ٿي ويو ته هندن زيادتيون ڪيون هيون، انهن ڏانهن اشارو.
[2] اهو بزرگ به چند سال ٿيا وفات ڪري ويو.
[3] مولانا عبدالله پڻ ڪجهه سال ٿيا جو فوت ٿي ويو.

9

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان زري،
لڳي ماڻ مَروئن کي، ڏونگر پون ڏري،
وجن وڻ ٻري، اوپڙُ اُپري ڪينڪي.
- شاهه

گذريل صفحن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته سنڌ جي مسلمان کي سندس مرشدن ۽ انهن جي خانقاهن کيتري قدر ۽ کهڙيءَ طرح نه ورغلايو ۽ سندس جهالت ۽ ابوجهائيءَ مان فائدو وٺي کيئن نه کيس پنهنجي اثر ۽ اقتدار هيٺ رکي پنهي جهانن کان کڏي ڇڏيو.
درحقيقت جيڪڏهن سنڌي مسلمان جي تباهيءَ جو پوريءَ طرح جائزو وٺبو ۽ ان جا سيئي کارڻ ويهي جاچبا، ته ان حالت ۾ مذکوره طبقي سان گڏ ٻيا به کيترا اهڙا عنصر نظر ايندا، جيڪي انهيءَ گناهه جا ڏوهاري ۽ مجرم آهن، ۽ پنهنجي پنهنجي طريقي ۽ نموني سان سيني يڪمشت ٿي، سالن جا سال ويهي مسلمان کي پيڙيو ۽ ان جو رت چوسيو آهي، ان کي ذليل ۽ تباهه ڪيو آهي، ان کي بزدل ۽ ڪم همٿ بڻايو آهي، ان کي سست ۽ ان جي قوتن کي ساڻو ۽ نِسٹتو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جا مسلمان جو هيٺا، سست، زندگيءَ کان خالي، جدوجهد کان عاري، پنهنجي جيءَ کان بيزار، پست همت، ڊيڄو ۽ بد حوصلي ڏسجن ٿا، سي ڪو فطرتاً يا اصلاً ۽ نسلاً ائين ڪونه آهن، بلڪ اهي سيئي مرض منجهن انهن طبقن جي بالادستِن پيدا ڪيا آهن، جيڪي انگريزي حڪومت جو سنڌ لاءِ ڏاج هئا، مثلاً پيرن فقيرن کان علاوه هيٺيان طبقا به انهيءَ سلسلي ۾ ذميدار آهن:

(1) هندو (تاجر يا واپاري طبقو)

سنڌ جي اقتصاديات تي سڄو قبضو هندن جو هو. راقم هن ڪتاب ۾ ڪيترِن جاين تي ان جا مختلف پهلو بيان ڪري چڪو آهي. مختصر طرح واقعو هي هو تہ سنڌ جو عوام چوٽيءَ کان پيرن تائين هندوءَ وٽ گروي هو. زمينون انهن وٽ گروي، سنڌ جي ڪڙميءَ جي ڪمائي سڄي انهن جي گهر ۾، هر ڪنهن قسم جي تجارت انهن جي قبضي ۾، شهر، تعليم، ادارا، ملازمتون، مطلب تہ سنڌ جا حقيقي مالڪ اهي ئي هئا ۽ باقي مخلوق محض سندن رحم ڪرم تي هئي، جنهن تي افسوس آهي تہ هنن ڪڏهن بہ رحم ۽ ڪرم ڪونہ ڪيو، جنهن جو نتيجو نہ چڙو پاڻ لوڙيائون بلڪ سندن ڪرتوتن جي بلا وري بہ مستقل طرح سنڌي مسلمانن کي ئي لوڙڻي پيئي آهي.

(2) مسلمان (زميندار ۽ جاگيردار طبقو)

ٻيو طبقو هو سنڌ جي زميندار جو، جيڪو اگرچ پاڻ بہ سنڌ جي هندن وٽ گروي هو، ليڪن سڌو سنئون سنڌ جي مسلمان (هاري ۽ پورهيت طبقي) تي ان جو قبضو هو، سنڌي عوام جي جسم ۽ وقت جو اهو مالڪ ۽ مختار هو. هر زميندار پنهنجي پنهنجي حدن اندر نہ چڙو ڪڙمين لاءِ بلڪ سموري راڄ لاءِ ڪال هو، ماڻهو سندن اڻ ملهيا غلام هئا، عزت آبرو، ننگ شرم، زمينون، روزگار، جساني آزادي يا آزار، مطلب تہ سنڌي عوام جي سڄي اٽيءَ ويڻيءَ جو مرشد ڪان پوءِ ٻئي نمبر تي، بلڪ ڪيترين حالتن ۾ مرشدن ڪان بہ وڌ، سنڌ جي وڏيري تي دارومدار هو. حقيقت ۾ صحيح هيءُ ٿيندو تہ سنڌ جو عوام انگريز جو ماتحت فقط نالي ماتر هو، سڄو پڄو محڪوم وڏيري جو هو. وڏيرو جي ناراض ٿئي تہ سندن زمين ڪسي سگهيو ٿي، ڪين ڳوٺ مان لڏائي سگهيو ٿي، سندن ننگ ڪٽائي سگهيو ٿي، ڪين خون ڪرائي سگهيو ٿي، 110 يا فرنٽيئر ريگوليشن ايڪٽ يا انهيءَ قسم جي ٻين قانونن ۽ قلمن هيٺ ڪين اڙائي سگهيو ٿي. مختصراً هيءُ تہ جي وڏيرو پنهنجيءَ تي آيو ٿي، تہ ماڻهن جو - هيڏي وسيع گرهہ ۾ - نہ فقط ساهہ ڪٽڻ مشڪل ٿي پيو ٿي، بلڪ انهن جو هيڏيءَ

ساريءَ ڪشاديءَ دنيا ۾ جيئڻ ۽ جنجال جنسي جنجال هيو. انهيءَ حد تائين وڏيرو بااختيار ۽ بالادست هو ۽ عوام ايستائين محڪوم ۽ زيردست هو.

(3) ڪامورو (هندو ۽ مسلمان ٻيئي)

ٽيون طبقو هو ڪاموري ڪلاس جو، جيڪو نه فقط وڏيري ۽ واپاريءَ جي دست درازين لاءِ جوابدار ۽ انهن جو پشتيبان هو، بلڪ سڌيءَ طرح به ڪيس هر طرح جو سنڌ جي مظلوم عوام تي اختيار هيو.

ڪامورن ۾ سڀ کان وڏو زور ۽ ڏاڪو هو پوليس جو، چاڪاڻ ته انسان جي عزت جو سڃو دارومدار ان جي راضپي ۽ غصي تي هو. جي گهرن ته چور کي ساڻ بڏائِن، جي چاهِن ته ساڻ کي چور بڏائي ڇڏِن. سچ کي ڪوڙ، ڪوڙ کي سچ سندن ڏاڻي هٿ جو ڪم هوندو هو. پوليس وٽ مختلف قسم جا چاڙتا هوندا هئا، جن کان پئي ڪم ونندي هئي. مثلاً:

(الف) زميندار: پوليس ۽ زميندار هڪٻئي جا پشتيبان هوندا هئا. زمينداڻ جي ڪڏن ڪمن تي پوليس چشم پوشي ڪندي هئي، ۽ جيڪڏهن پوليس واري تي ڪا رشوت وغيره جي عريضي ٿيندي هئي، ته زميندار ان ۾ شاهد ڦيرائي، ڪيس ڇڏائي ڇڏيندو هو .زميندار، جنهن کي آزارڻ گهرندو هو ته پوليس ساڻس ان ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيهندي هئي، ۽ جيڪڏهن پوليس کي ڪنهن کان عيوض ونڻو ٿيندو هو، ته زميندار ان لاءِ گهربل اسباب ڪيس مهيا ڪري ڏيندو هو. عوام زميندارن کان ان ڪري زياده تر خائف رهندو هو، جو هو پوليس جي دوستيءَ سبب کين هرقسم جو آزار پهچائي سگهيا ٿي.

(ب) پيري (پيرادِو): پوليس وٽ پيري سرڪاري طرح مقرر هوندا هئا، جيڪي چورن جا پير سڃاڻي ٻاهر ڪيندا هئا. انهن کي گهٽو ڪري پوليس پنهنجي مقصدن تي هلائيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هو سچ جو ڪلمو چوندا هئا، ورنه هميشه ان جو پير ڪيندا هئا، جنهن لاءِ پوليس جو کين اشارو هوندو هو، پير سڃاڻڻ جو فن به سنڌ ۾ واهه جو هو. ناممڪن هو ته پيرادِوءَ جو سڃاتل پير غلط نڪري وڃي. گهٽو ڪري پري پري جي ڪاڪن، چورن ۽ ڏاڙيلن جي پيرن جا نمونا کين ياد هوندا هئا. پنهنجي تَرَ جو ته ڪوبه چور ڪانئن ڳڻل نه ٿيندو هو.

سون ماڻهن ۾ گڏي، جيڪڏهن گهربل چور کي گهمائبو، ته پيرايو سندس پير کڀي ٻاهر ڪندو. انهيءَ حد تائين جو وِکَ وڌل کي به سجاڻي ويندا هئا، ۽ جُتيءَ ۾ پيل پير جو نشان به پرکي ويندا هئا. چوري ٿيندي، ته پيرايو وڃي واردات تي پير ڏسي ايندو. جڏهن شڪي يا ڏوهي پڪڙجي ٿاڻي تي ايندا، ته پيرايوءَ کي لڪائي، 15-20 ٻين ماڻهن سان گڏ ٻاٻ تي شڪيءَ کي گهمائيندا، جنهن بعد وري ان کي لڪائي ڇڏيندا. پيرايو سيني پيرن مان جهٽ اچي ان جوپير کڀي ٻاهر ڪندو. هنن کي ايترو يادگيرو هوندو هو، جو جيڪڏهن ڪٽي ڪو پير واردات تي ڏسندا، ته اهو به ٻڌائيندا ته هي پير انهيءَ چور جو آهي، جيڪو 4 سال اڳ فلاڻيءَ چوريءَ ۾ به هو.

(ب) شاهد: پوليس وٽ اهڙا جڙتو شاهد به هميشه رهندا هئا، جيڪي هٿراڏو ڪيل ڪيسن ۾ پوليس يا زميندار جي

چئي ته شاهدي ڏئي ويندا هئا. اهڙن ماڻهن جو گذرگذران قرمار تي هوندو هو، ۽ پوليس هنن جي پنيرائي ڪندي رهندي هئي.

(پ) مشير: ڪوڙن شاهدن سان گڏ پوليس وٽ هٿ نوڪيا مشير به رهندا هئا، جيڪي هر وقت پوليس سان جاچ ۾ گڏ هلندا هئا ۽ مشير نامي تي صحيح اهي ڪندا هئا ۽ ڪورٽ ۾ شاهدي به اهائي ڏيندا هئا، جيڪا پوليس جي ناهيل ڪيس کي سچي ڪرڻ ۾ معاون ٿئي. اهي مشير گهٽو ڪري ننڍا ڪاتيدار يا وڏيرا هوندا هئا يا ڳوٺن جا اهي چڱا مڙس، جيڪي طبعاً شرير، چالاڪ ۽ شرپسند هئا.

(پ) چاڙتا: اهي ماڻهو جيڪي وچ ۾ پئي پوليس کي ڪيسن ۾ رشوت ونڻي ڏين. اهي مختلف طبقن مان هوندا هئا:

وڏيرا، زميندارن جا ڪمدار، شهرن جا چڱا مڙس، يا اهي ماڻهو جيڪي چالاڪ هوندا هئا، ۽ انهن کي ڪو به مستقل ڏنڊو ڪونہ هوندو هو. انهن جي گذربسر جو ذريعو اها پٽ سٽ هوندي هئي. جڏهن پوليس کي پيسي جي ضرورت ٿيندي هئي، تڏهن انهن چاڙتن کان ماڻهن تي ڪوڙيون عريضيون ڪرائي ۽ پوءِ انهن عريضين جي جاچ مان بيگناهه ماڻهن کان رشوت ونڻي، عريضين کي دفتر داخل ڪندي هئي.

(ت) ڪاڪو: پوليس جو سنڌ جي وڏن وڏن ۽ پنهنجي حد جي مڪيہ ڪاڪن سان رستو هوندو هو. مڪڙ، ڪير،ڪڪڙ

مستقل طرح اهي پيا پهچائيندا هئا، ايس.پيءَ ڪان وڌي هيڊ ڪانسٽيبل تائين ڪير لاءِ مينهون ۽ ڪُئون بہ اهي ڏيندا هئا، ۽ جيڪڏهن پوليس کي ڪنهن جو گهر لڻائڻو هوندو هو، تہ انهن جي ئي معرفت انهن جون چوريون ڪرائيندي هئي. اهي ئي چور بعض وقتن تي ڪن ڏوهن ۾ پوليس جي مدد ڪندا هئا، ڪين پتو ڪڍي ڏيندا هئا تہ اهو ڏوهہ ڪهڙي چور جو ڪيل آهي، چاڪاڻ تہ چورن کي يڪدم هڪبئي جي ذريعي خبر پئجي ويندي هئي تہ فلاڻي چوري ڪنهن ڪئي، فلاڻو ڪاٺ ڪهڙي ڪاڪوءَ هنيو، فلاڻو مال ڪهڙي چور ٻڌو، فلاڻو ڏاڙو ڪهڙي ڏاڙيل هنيو. اهي چور ڪيترن موقعن تي پنهنجن مخالفن جو نالو ڏئي، انهن کي ٻڌائي ڇڏيندا هئا، ۽ پاڻ جيڪي پيا ڪندا هئا، اهو انهن کي نيبَهہُ هوندو هو. ڪو سندن نالو وڌي ڪونہ سگهندو هو.

(ث) چغل خور: جن کي سنڌ ۾ چغل، چغلي خور، يا چغل ٿويو سڏيو ويندو هو. انهن ماڻهن جو پيشو هوندو هو تہ

هِتان جي هُتي، هُتان جي هِتي پيا هڻندا، چواتيون ۽ چوچڙيون دکائيندا وتندا هئا، ڪابہ راڄ ۾ اڳلي سڳلي ٿيندي، گهٽيون ئي پيون زماني ۾ هيٺ مٿاهيون ٿين، چغل هميشہ چاري هوندا، خبر پئي ناهي،نڪ وڄي پوليس وٽ پهچائيندا. پوليس اهڙن حالتن ۾ پاڻ بہ رشوت ونندي ۽ چغل خورن کي بہ ورسارائيندي. ماڻهو ويچارا انهن کان هر وقت پيا ڪنبدا هئا تہ ڪٽي ڪا چغلي هڻي، اجايو سجايو پٽڪو نہ لهرائي وجهن!

الغرض، اهي ست هئا پِيل پاوا پوليس جي اڏاوت جا، جن جي آڌار تي سنڌ جي عوام تي پوليس جو آزار قائم هوندو هو. درحقيقت سنڌ جي پوليس ان لاءِ نہ هئي تہ هو ماڻهن لاءِ سک ۽ آرام، امن ۽ امان پيدا ڪن، جيئن هرڪو سک جي نند سمهي سگهي، بلڪ اُن جو اعمال نامو فقط آزار، ظلم، تشدد، زبردستي، ڪوڙ، رشوت ۽ قرمار سان پريل هو. ماڻهن جو آرام ان ڪري قتل نہ هو تہ ڪو

ملڪ ۾ ڏوهي آهن يا چور آهن، بلڪ انڪري عوام جي نندَ ڦٽل هوندي هئي تہ ملڪ ۾ پوليس جي رات آهي، متان اوچتو نہ ڪو 'گهوڙو چڙهي'.

'گهوڙي چڙهڻ' جي اصطلاح بہ پوليس جي ڪري ئي سنڌ اندر وجود ۾ آئي. پوليس جاچ ۾ گهوڙن تي چڙهي هلندي هئي، ماڻهو چوندا: "خبر نہ آهي ڪنهن تي اهو گهوڙو آهي!" صوبيدار، جمعدار، سپاهي، پيري، مشير، وڏيرا، چاڙتا، چغل خور، مطلب تہ ڪٽڪ گهوڙن تي چڙهي پوندا، جتي وڃي لهندا ڇڻ ماڪڙ اڇِي پِئي. جهڙا پيا ٻوڙ ٻُلاءَ پاڻ ڪائيندا تهڙا مال مليدا پيا سندن گهوڙا ڪائيندا ڳڙ، مڪڻ، داڻا، ساوا گاهہ، غرض تہ جڻ تر ۾ اچي ماڪڙ پئي! فريادِيءَ جو تہ جهڳوئي جهڻ، پر اوڙي پاڙي جي بہ ستياناس. چوريءَ يا ٽيل ڏوهہ جي قيمت ڪان سوين حصا زياده جاچ تي خرچ اچي ويندو. مار، موچڙو، ڏاڍِ ۽ زوري ان کان آپراند. اهوئي سبب هو، جو هرڪو ٽيل نقصان برداشت ڪري ويندو هو، يا خانگي ذريعن سان ان کي واپس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پوليس ۾ رپورٽ 75 في صد ڪانہ ٽيندي هئي.

پوليس ڏوهن جي جاچ ڪندي، ماڻهن تي جيڪي ظلم ڪندي هئي، انهن ۾ گهٽو ڪري سگهن ڪان زياده ساوا سڙي ويندا هئا، انهن جا چند نمونا هي هئا:

(الف) ڏاڙهي پٽ: ڏاڙهيءَ جون ڇگون پٽائڻ. بعضي تہ ڏاڙهي مڇون ٻَئي انهيءَ ڏاڙهيءَ پٽ ۾ صفا تِري ٿي ويندیون
هيون.

(ب) اوجاڳو ڏيڻ: جيسين پوليس جي مرضيءَ مطابق بيان نہ ڏئي، تيسين ماڻهوءَ کي نندَ ڪرڻ نہ ڏيندا هئا، واريءَ
وٽيءَ تي سپاهي مٽس مقرر ڪيا ويندا هئا، تاڪ جوابدار کي اوجاڳو ڏيندا رهن.

(ٻ) منهن ڪارو: ٽيل لارائي، دانگيءَ جي ڪارنهن سان منهن ڪارو ڪرائڻ.

(پ) ڪانءُ ڪرڻ: اگهاڙو ڪري، چوڪنيو ٻڌرائي، اونڌو ڪري ڇڏڻ ۽ ويهڪ جي جاءِ ۾ ڪانون جي ڪنين جو مُڇو
ٽنبي ڇڏڻ.

(پ) مَجِر مار: اگهاڙو ڪري، ٻَڌي، جهنگ جي انهيءَ ٽڪرن ۾ اُڇلي ڇڏڻ، جتي مڇر گهٽا هجن، تاڪ ڪيس
پَٽيندا رهن. اها سزا سانوڻ جي گرمين ۾ جتي مڇرن جي موسم ٽيندي هئي، تڏهن ڏيندا هئا.
(ت) اُس تي اڇلڻ: اگهاڙو ڪري، چوڪنيو ٻَڌي، تاڪ منجهند جو واريءَ يا ڌاپ ۾ اڇلي ڇڏڻ.
(ٿ) موچڑي بازي: مار ڏيارڻ، موچڑن سان، نيٺ جي لڪڻ سان لئِيءَ جي سنهن چهبڪن سان. ايستائين مارائڻ جو
سَنڈ سَنڈ تي ڏنا ٿي وڃن ۽ بت مان رت ڦوهارا ڪري نڪري.
(ڏ) سَنڈَ ونڻ: سَنڈَن ۽ ڏَڪندڙ جاين کي نيٺ جي لڪڻن سان ڪُٽڻ، مثلا آڱرن جي ڏوڏَن ۽ ٿُنهن کي، گوڏَن جي
ڊِڪٽِن کي، ڇنگهه جي ٿَريءَ کي.
(ڊ) آرن مان ڪيڻ: سَنڈَن سان گڏ ويهڪ جي جاءِ ڪُٽائڻ جيئن ويهي نه سگهي، پيرن جون ٿَريون ڪُٽائڻ جيئن
هلڻ کان آزرتو ٿي پوي، نه بيهي سگهي نه گهمي سگهي، هٿن جون ٿَريون ڪُٽائڻ جيئن کائڻ کان بہ نِرهه ٿي پوي.
(ڄ) چري هٽائڻ: ڏرتيءَ ۾ ڪڏ ڪٽي، ان ۾ چيلهه تائين ماٽهوءَ کي پورائي ڇڏڻ.
(ڇ) ڪاٺ هٽڻ: ڪاٺ جي بڻ شهتيرن ۾ ٻانهن ۽ ڇنگهن لاءِ ٽنگ نڪتل ٽيندا هئا، جن ۾ ماٽهوءَ جون ٻَئي ڇنگهان
۽ ٻانهان وجهي ڇڏبيون هيون.
(جهـ) اٺ ويهه ۽ ڪن گوشي: ٻَئي ٻانهون ڇنگهن مان ڪيڻ، ٻنهي هٿن سان ڪنن جي پاپڙِن کي جهلي، اٺ ويهه
ڪرائڻ. اها هلڪي ۾ هلڪي سزا شمار ڪئي ويندي هئي.
(ح) چاش پيارڻ: فضلو ۽ پيشاب پيارڻ ۽ ڪارائڻ.
(خ) چڑهڻ: مرد مٽان مرد چاڑهي بدفعلي ڪرائڻ.

(ج) بيحرمتي: جوابدار کي اگهاڙو ڪري سندس ويجهن عورتن مثلاً ماءُ، پيٽ، ڏيءُ ۽ جوءِ کي ننگو ڪري سندس
اڳيان آڻڻ.
(ج) چَپُٽي بازي: عزيز عورتن کي ننگو ڪري، عام جي اڳيان بيهاري، کين چوڻ ته چپٽِن سان هڪبئي جي نازڪ
جاين جا واري وٽيءَ تي وار پٽن.
(ج) ٽيڪب ٽيڪو: انهيءَ چپٽي بازيءَ ڪرائڻ وقت خاص سُرَ ۽ رِدَم ۾ چورائبو هو: ”ٽيڪب ٽيڪو! ٽيڪب ٽيڪو!“
اندر ٽيڪو! باهر ٽيڪو! هيٺان ٽيڪو! مٿان ٽيڪو! ٽيڪب ٽيڪو! ٽيڪب ٽيڪو! جوٽهين ٽيڪو! ماٽهين ٽيڪو! پيٽين ٽيڪو! ٽيڪب ٽيڪو! ٽيڪب ٽيڪو!“ اها هڪ خاص صوبيدار جي ايجاد هئي، جنهن جو ايڏو ڏهڪاءُ هو، جو نالو ايندو ته ماٽهن کان چرڪ نڪري ويندو.
(ک) ٻليون وجهڻ: عورتن جي ستڻن اندر ٻليون وجهرائڻ، جيئن اهي کين نازڪ هنڌن تي رهندون پائن.
(گ) ويڑ ونائڻ: عورتن سان سندن مردن جي سامهون ٻين کان زنا ڪرائڻ. اهي ته چند نمونا بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي ظلم جا رائج هئا، ليڪن ڪن خاص صوبيدارن ۽ جمعدارن سزا ڏيڻ جا مخصوص طريقا ايجاد ڪيا هئا، مثلاً عبدالله خان صوبيدار يا غلام رسول شاهه نظم پوليس خيرپور جا پنهنجا نرالا نمونا هئا. [1] الغرض پوليس وٽ ظلم زبردستيءَ، ڏاڍ ۽ زور جا سوين شرمناڪ، انسانيت سوز ۽ دل دهلائيندڙ رستا ۽ طريقا هئا.
ڪاموري ڪلاس ۾ پوليس کان پوءِ ٻئي نمبر تي خلق مٿان اثر ۽ آزار هو ٻيلي ڪاتي وارن جو.
سنڌ جا ماٽهو گهٽو ڪري سيئي مالوندا ٽين ٿا. ڳئن جي چانگ، مينهن جو ميهاڻ، ۽ ٻڪرين جو ڏڻ ته خير مڪيہ مالدارن [2] وٽ ٿئي ٿو، ليڪن غريب غربي جو ڪِلو ۽ مَنُهُن ۾ پنجن پندرنهن ڏورن کان خالي ڪونہ هوندو آهي. ڪو اصل نياڳو يا ٽاڪ سُڄو هوندو ته اُها ڳالهہ اور آهي.

انهن مالوندن ماڻهن جي سڄي اٿي ويني جهنگ سان آهي، پر جن وٽ مال ڪونہ آهي، انهن جو بہ مُنهُن جهنگ ڏي ٿئي ٿو. پاڳين جو مال جهنگ ۾ چري، ۽ جن وٽ مال نٿو ٿئي، انهن کي بہ گهر گهاٽ لاءِ ورو، ٽوٽي، گاڏيءَ جي سرائي، هر، پانجاري، ڇُلهہ جي ڪاني، سياري جي سيءَ لاءِ ٻُندي ۽ ٻارَڻُ مڙئي جهنگ مان گهربو آهي. تنهنڪري عملي طرح گويا ٻاهراڙيءَ جو ماڻهو ٻيلي ڪاتي جو پوليس کان پوءِ ٻئي نمبر تي مطيع ٿئي ٿو. انهيءَ ڪاتي جا مکيہ ڪاردار هي آهن:

ڪنزرويٽر: سڀ کان وڏو عملدار ٿئي ٿو. سال ۾ هڪ دفعو گشت تي ايندو، منزل جي سڄي اٿي ويني عام تي، ڇيڙ، ڪڪڙ، آنو، ڪير، مکڙ، گيهہ، ڇيلو، ماڻهن وٽان مفت مهيا ڪيو ويندو.

ڊويزنل فاريسٽ آفيسر: ٻئي نمبر تي اچي ٿو. ضلع ۾ سندس هيڊ ڪوارٽر ٿيندو هو. سال ۾ ڪئين دفعا منزلون ٿيندیون ۽ ان جي منزلن جا انگ اسباب ماڻهن وٽان پورا ٿيندا هئا.

رينج فاريسٽ آفيسر: هرهڪ رينج تي جدا جدا عملدار مقرر ٿئي ٿو، جيڪو مهيني ۾ هڪ بہ چڪر پنهنجي حد جو پيو هڻندو هو. ان جي ڪاڏي پيتي جو خرچ پکو بہ سڄو مالدارن ۽ حد جي عوام تي هو.

جمعدار: هرهڪ ٻيلي تي جدا هوندو هو. ان جي سڄي پگهار ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ڪٽندو هو، تنهنڪري هنن جو پنهنجو گذارو ڦرمار ۽ پٽ سٽ تي هوندو هو. مون کي ياد آهي، سيوهڙ جي طرف جو هڪ جمعدار اسان جي حد تي هوندو هو، قداور، ٿلهو متارو، ٿلهيءَ مشين تي ڪتريل سفيد ڏاڙهي، مڙس وڏي ڪڙڪي ۽ ڏاڍي ڏاڪي وارو جمعدار هو. چوٽين پنجين ڏينهن ڳوٺ جي وڏيءَ نم جي ڄانو هيٺ اچي منزل ڪندو هو:

”اڙي پيٽهان رسولا! او رسولا! حرامي، ڪاڏي مري وئين؟“

”حاضر سائين، پهتو!“

جيئن گهوڙي تان لهندو، تيئن مالدارن ۾ ٻاڪر ڪٽو پئجي ويندو. پهريائين ڪٽ ايندي، ان تي رلي ۽ وهاڙو پوندو، هڪ ماڻهو دلو ڪنيو ايندو، ٻئي کي هٽ ۾

ڪونرو هوندو، ٽيون تڏو مٿي تي ڪنيو ايندو، چوٽين کي وٽو ۽ ڏڌ جي دکي هوندي. ڪوٽ لاهي وهاڻي هينان رکندو، پٽڪو مٿن کان ۽ نيٺ جو لڪ [3]ڪٽ جي تانگهه ۾. هٿ منهن ڏوئي، پوءِ ويهندو ڪٽ تي چڙهي. وڌيڪ مار رسولي ٻڪرار تي هوندي هئي، چاڪاڻ ته ٻڪرين جو وڏو ڏڻ ان وٽ هو:

"اڙي ننڍو ڪڪڙ ڪهرائجان"!

مکڙ ڦٽي سرس!

سڪائي لاهجو!

اٿو چگيءَ طرح گيچڙ مان ڪيرائجانءِ!

ماني اٽيي تئي تي نه وجهرائجان.

ڏهيءَ ذرو به آڻجانءِ ۽ گهاٽي لسي به...

اڙي پر ڏهي ۽ ڏڍ بدوءَ وٽان ونجانءِ ماهيو، متان پيٽهان ٻاکرو آڻين!

گهه جڙئي وٽان ڳائو ونجانءِ.

مکڙ ڦٽي ڪٽي عالم جي گهران وڻ، پر ماهِي...

اِهي پيون فرمائشون پوندس، جيسين خير سان نيرن ۽ ڏُپهرو ڪري، خرچيون ڪيي، شام ڏاري ڪنهن ٻئي پاسي رخ نه رکندو. جڏهن ڪنهن وڏي خرچ جي ضرورت پوندي هيس، ته پوءِ جهنگ مان گهمندي، جنهن جو مال نظر ايندس، اهو ڪهرائي اچي ڳوٺ پهچندو. پٽيان مالوندا قرآن مٿي تي ڪنيو پڇندا اچي پهچندا:

"اڙي جمعدار، لڳ هن قرآن جي، واسطو ٽِي رب جو، اجا هاڻي پاس ورتي اٿسي!" جمعدار جو لُڙُ پيو پوندو، اچي:

"بابا، سرڪاري حڪم نڪتا آهن، اسان جو ڪو وس؟ اڳيون سپ پاسيون رد!"

ڪيسي مان ڪاغذن جوٿهو ڪيي، ڪٽي تڏي تي اڇلينڊو:

"ڏسو نٿا ڪيترا حڪم اچي ويا آهن؟ اوهان ماڻهن کي خبر ڪانه ٿي پوي. وڏي صاحب کي گهرج پئي آهي، اُٿا به ته پوري ڪرٽي آهي!"

پٽيوال: هِن جو ديرو حد جي ڪنهن نه ڪنهن ڳوٺ ۾ هوندو هو. روزانو جهنگ مان گهميون، حد جي مختلف ڳوٺن مان ڦريون ماريون اچي پنهنجي ديري تي پهچندو هو. سندس پگهار ڊويزنل آفيس وارن جي حوالي هوندي هئي ۽ سندس

پنهنجو گذارو جَهڙ سَڙ تي پيو ٿيندو هو. انهيءَ پٽيوال کي "راکو" ۽ چوندا هئا، چاکاڻ ته جهنگ جو رکوال هوندو هو.

جهٽيوال: پٽيوال جي خانگي نوکر کي، جيڪو سندس ديري تي چلم پاڻي ۽ ٽاندو ٽوپي ڪندو هو، ان کي "جهٽيوال" چيو ويندو هو، جهٽيوال ان ڪري، جو هُو نه سرڪاري ملازم هو ۽ نه ڪيس ڪو پگهار ئي ڏيندو هو. سمورو گذارو جهڙ تي ٿيندو هيس، تنهنڪري 'جهڙ' مان 'جهٽيوال' بڻايو ويو.

سٽيوال: جهٽيوال جي نموني جو بنا تنخواهه جي ملازم، ان کي ڪٽان سَڙ لڳي ويندي ته ڪجهه پاڻ ڪائيندو ڪجهه آڻي پٽيوال کي ڏيندو. ورنه وتندو اوپاسيون ڏيندو.

انهن ستن عملدارن کان سواءِ مالدارن کي آفيس جي انهيءَ ڪلارڪ سان ۽ منهن ڏيڻو پوندو هو، جنهن جي ميز تان پاسيون جاري ٿيندیون هيون.

عملدارن جي انهن ۾ن طبقن جو عوام تي ۽ ٻاهراڙيءَ تي خاص ڌاڪو ۽ اثر هوندو هو. انهن کان علاوه انجنيري ڪاتي مان سروير، داروغا ۽ بيلدار، ۽ روينيو وارن مان سپروائيزر، تپيدار ۽ ڪوٽار ۽ پنهنجي پنهنجي نموني ۾ ماڻهن مٿان جنسي ڪاري قيام هوندا هئا.

مطلب ته سنڌ جو عوام هندستاني مغلن جي جبري حڪومت کان پوءِ دوباره گذريل سؤ سالن اندر مٿي ذڪر ڪيل ڇئن ڇڪِين ۾ پيڙبو پئي رهيو آهي، مرشد، واپاري، وڏيرو ۽ ڪامورو.

* * *

رشوت، رسائي، لاپو ۽ ڇيڙ - اهي چار آزار پڻ سنڌ اندر انهيءَ حد تائين هئا، جو سنڌ جي عوام جو سڄو رت ۽ ست صفا پيچي ويو.

رشوت: هر معاملي ۽ مسئلي تي ورتي ويندي هئي. بنا رشوت جي ڪوبه ڪم ڪونه نڪرندو هو. پوليس کي جيڪا رشوت ڏبي هئي ان کي 'وَڌِي' چئبو هو. باقي رشوتون خرچيءَ، خرچ، پاڙي پٽي، دعوت يا 'منزل خرچ' جي نالن ۾ شمار ٿيندیون هيون. 8-10 آني کان ونی 7-8 هزارن تائين رشوتون هلنديون هيون. تپيدار واريءَ رشوت کي 'آنڪي' چيو ويندو هو، چاکاڻ ته جريب پنيان هن جو

هڪ آنو ٻانڊاڻ هو. ڪامورن کان علاوه زميندارن کي ٻہ رشوت ونڊ جي عادت هوندي هئي.

رسائي نقديءَ کي ٻہ چئبو هو، ۽ جڏهن آفيسرن جي منزل ٽيندي هئي ۽ ان تي جيڪو گاهہ جو داڻو، ڪٽ ڪتولو، ٻُندي ٻِنجهُر، آنو ڪڪڙ، چيلو مڇي، ڪير مڪڙ، ڏُڌ ۽ ڏهي پهچائبو هو، ان کي 'رسائي' سڏيو ويندو هو.

لاپو: سالياني مقرر ٽيل رقم يا آنَ کي 'لاپو' چئبو هو. مقرر رقم يا بدل اَنُ سان پڄاڻيءَ تي هينئين طبقي جا ڪامورا اچي اڳاڙي ويندا هئا، مثلاً، ٻيلي جو جمعدار ۽ راکو، پوليس جو سپاهي ۽ هيڊڪانسٽيبل، انجنيريءَ جو سروير ۽ داروغو، روينيو جو تپيدار ۽ ڪوٽوار.

اَنَ جي سلسلي ۾ ڪڙمين سان سندَ جي زميندارن ٻہ "انگَ اسباب" چيو ويندو هو، جيڪي ٻڌائيءَ وقت ڪڙميءَ جي حصي مان هن ريت ڏيڻا ويندا هئا. مثلاً:

پيراڻو ڏويو: سڄيءَ ٻار مان هڪ ٽويو سڀ کان پهريائين بادشاهہ پير جي نالي تي ڏيڻو ويندو.

راڄ خرچ: خرار تي ٻہ ٽويا چار ٽويا، جيڪي زميندار عملدارن جي رسائيءَ تي خرچ ڪندو هو، اَنَ مان ونڻا هئا.

اوطاق خرچ: خرار پنيان اڌ ڪاسو انهيءَ خرچ ۾، جيڪو زميندار راڄوٽي ڪمن لاءِ ڪامورن يا ٻين مهمانن کي اوطاق ۾ ماني ڪارائڻ تي ڪندو هو.

ڏَنڊ: چيڙ نہ وهڻ، سڌ صلح ۾ گسائڻ، يا ڪنهن ٻئي زميندار ڏوهہ ۾ وڏيرو ڪڙميءَ مٿان جيڪو نقد ڏَنڊ وجهندو هو، ان جي حساب ۾ اَنُ ڏيندا هئا. ڪي تہ ڪڙميءَ جي سڄي ٻارِ ٻہ ضبط ڪري ڇڏيندا هئا.

خرچي: وڏيري جي نينگرن جي خرچي سڄيءَ ٻار تي هڪ يا ٻہ ڪاسا.

ڪاسباڻون: ڪاسبِن لاءِ مقرر ڪيل آنُ، مثلاً: لنگهن[4] لاءِ، مير بحرن لاءِ، حجم لاءِ، ڪنير دائي لاءِ، ملان ۽ لوهر لاءِ.

زميندار: ڪڙميءَ جي حصي مان زميندار خالص پنهنجي لاءِ ادائي ڪاسا في خرار تي ونندو هو.

تقاوي: کاڌ خوراک لاءِ ڪڙمي‌ءَ جيڪو اَنُ يا نقدي ورتي هوندي، ان جو حساب ڪري اَن ڪٽبو، اهڙي‌ءَ طرح، جيئن ڪڙمي‌ءَ جي اَن جو اگهه گهٽ ٻڌجي ۽ پنهنجي ڏنل اَن جو اگهه وڌيڪ هجي.

ٻج: جيڪو ٻج ڪڙمي ونندو، اُن مان ڪٽڪ، سارين، جوئر ۽ باجهر جو ٻج جنسي وصول ڪبو. باقي تيلي ٻج يا دالين لاءِ نقدي‌ءَ جي صورت ۾ حساب ڪري اَن ونبو.

ٽوهڪي: ديري جي سنيال، ٽپي جي هڻڻ، ۽ ديري جي پاڻي پرڻ لاءِ هڪ ملازم رکيو ويندو، جنهن کي "ٽوهو" چئبو هو. ان کي اڌ ڪاسوفي جوڙي تي ڪڙمي‌ءَ کان ڪڍي ڏبو هو.

تيل تماڪ: ديري ۾ ڪمدار ۽ ڪارائي جي عام خرچ لاءِ تيل تماڪ جي نالي ۾ ڪڙمي‌ءَ کان جوڙي پڻيان اڌ ڪاسو ونبو هو.

ترو تراڙو يا ڪڍي پاڍي: ٻار جي پرجي وڃڻ بعد زمين تي ڪجهه داڻا اَن جا مٽي‌ءَ ۾ ڳڌيل بچي ويندا هئا، جنهن کي ترو ترارو يا ڪُڍي پاڍي سڏبو هو. اُن جي ڪٿ ڪري، اوتري حساب جو اَنُ زميندار ڪڙمي‌ءَ جي حصي مان ڪڍي ونندو هو [5].

اهي 'انگ اسباب' جڏهن زميندار ڪڍي بيهندو هو، اُن وقت وارو ايندو هو ڳوٺ جي هندو هٿ واري جو، ڪلهي تي انگوڇو، ڪڇ ۾ بندي يا ليکي چوکي جي ڦرهي [6]، هٿ ۾ 'تاراجي' جنهن جا نه وٺ سچا هوندا نه ڪاني سڏي، دل گهرئي اگهه تي اَنُ ڪڍي پوءِ چوندو:

"ميان مسلمان، ٻڌئي! وياج لٽو، باقي رهيو مور! شام اچجانءِ ته ليکو سڌو ڪري ڇڏيون!"

اهڙي‌ءَ طرح سَسُئي‌ءَ جا ياڳا ڪرائي، ڪيترائي ڪڙمي گهٽو ڪري ڇڙو پوتڙو ڪلهي تي رکي، ديري مان نڪرندا هئا، ۽ جن کي ڪجهه اَنُ بچي پوندو هو، سي به مهيني اڌ بعد وري قوت گذر لاءِ قرض ۽ تقاوي‌ءَ پڻيان پوندا هئا.

ڇيڙ: راڄ خواه ڪڙمين کان طرحين طرحين ڇيڙ ورتي ويندي هئي، جنهن کي 'بيگر' به چوندا هئا ۽ 'سڏ صلح' به چيو ويندو هو، مثلاً هيڻين ڳالهين لاءِ:

(1) آفيسرن خواه وڏيرن کي شڪار ڪرائڻ،
(2) آفيسرن جي منزل تي ڪم ڪار ڪرڻ،
(3) زميندار جي اوطاق ۾ اڳ پوءِ ڪرڻ،
(4) حاويليءَ ۽ بورچيخاني يا سياري جي باهه لاءِ ڪاڻيون ڪري اچڻ،
(5) زميندار جي شادَن غمِن تي ڪم ڪار ڪرڻ،
(6) زميندار جون جايون ناهڻ،
(7) جهنگ ڪيڻ، واهه جي ڪاٽي، زمينن کي سڌو ڪرڻ، ڪوهه ڪٽڻ، يا زميندار جا خالصا [7] پوکڻ،
(8) زميندار جا نياپا، پيغام يا خط بين شهرن ڏانهن ڪٽي وڃڻ ۽ آڻڻ، وغيره وغيره. اهي هئا سنڌ اندر رشوت، رسائي، لاپي ۽ چيڙ جا طريقا، جيڪي نتيجو هئا انگريز شاهيءَ جي اوصاف هيٺ ڪاموراشاهيءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ جي گڏيل پٽ جوڙ جو، جنهن جي بوجهه بار سنڌ جي عوام جي سوا سؤ سال تائين چيلهه نوائي رکي.

* * *

ابتدائي زماني ۾ منظم جماعتون يا سياسي تحريڪون ڪونه هيون جيڪي انهن قوتن خلاف احتجاج ڪن، مخالفت ڪن يا پنهنجي اختلاف جو اظهار جماعتي رنگ ۾ ڪن. ليڪن جذبو ۽ دلين ۾ تحرڪ موجود هو، عوامي شاعرن ان جو اظهار وقت بوقت پئي ڪيو آهي، هتي لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ عوامي شاعر ميان حسين ديدڙ جو نظم مثال طور ڏجي ٿو، جنهن ۾ مٿن طبقن خلاف نفرت جو اظهار طنزيه انداز ۾ ڪري، عوامي بيزاري ڏيکاري وئي آهي. انهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته سنڌ انهن طبقن جون ڏاڍايونخاموشيءَ سان برداشت نه پئي ڪيون آهن. بلڪ احتجاج ۽ اعتراض جو اظهار مختلف صورتن ۾ ٿيندو رهيو آهي، درخواستون، زباني داهون، گمنام (گونگيون) درخواستون، ڪيس، فرياد، اخبارن ۾ مضمون ۽ آخر ۾ جڏهن شنوائي ڪانه ٿي ۽ سياسي شعور، اظهار جون نيون صورتون اختيار ڪيون، ان وقت "هاري ڪميٽي" وجود ۾ آئي يا ٻيون مختلف صورتون عمل ۾ آيون،

ڪامريڊ عبدالقادر (خدا بخشيس، جنت ۾ جايون ملنس) يا ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي يا مولوي نذير حسين جلالي بعد ۾ جلال منجهه آيا. ليڪن عوام پنهنجي غم ۽ غصي جو اظهار توڙ کان ڪندو آيو. هيٺيون نظم 1923ع ڌاري مون ٻڌو ۽ انهيءَ دور ۾ نهايت مقبول هو، جتي ڪٿي هر ڪنهن جي وات تي هو.

حسين فقير ديدڙ جو شهر آشوب

جاڳِي حرڪت، وچ جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، ڏُرس دوڪان.

ماڻهو قِسم ڪُليءِ هِن چار، پهلا حصا هي سرڪار،
ڏُوجها ڏِنگي زميندار، تيجها ڪڙمي، ڪاهن نار،
چوٿا پير، چگّي چوڌار، سڀو بات ميڏي، ٻِالجانُ،
جاڳِي حرڪت، وچ جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، ڏُرس دوڪان.

حاڪم سخت، فرنگي آيا، هر جاءِ هوڪا، هِڪ قِرايا،
محبت، ساءَ، مزي مُڪلايا، قيري رب، رنان دي ڪايا،
ٻانهي، چيني سپ سڏايا، جيها گولا، تيها خانَ-
جاڳِي حرڪت، وچ جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، ڏُرس دوڪان.

دين نبي دا وڏا ويري، ماڻهان دي ڪل، ڪافر ڦيري،
سپ سماڻي، نينگر، نيري، ڪونہ وجه، تي ڪائِي سيري،
وتن پيچ، پڳان دا ڦيري، گهُلي خارج، بادِ خزان-
جاڳِي حرڪت، وچ جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، ڏُرس دوڪان.

ظالم زميندار، ندوري، رکن ڪامي، لچي لوري،
ڪڪڙ، چيلي، چاون زوري، گهه، پلا، ڪرپيوَن شوري،
روندي وتن رَنان، چوري، آکِن هووِي جس جوانَ-

جـاڳي حـرڪت، وچ جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.
پـوکن پوک، وِچـاري هاري، بيگر بڌ، تـنـان تـي بـاري،
جوڙن جائين، ڪڙمي ڪاري، پڪي پـوک، تہ چـوڙن چـاري،
جڏان ٿيـون، داڻـي تيـاري، ڏيـون گهت، گهٽا گمسانَ-
جـاڳي حرڪت، وچ جهـانَ،
چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.
چـوٽي دُز، وڏي دهـدار، واهـڙ، وستي، وچ هـوشيار،
چور تنـان دي، چندين يـار، وتـن گهمدي، بـانهان مـار،
خـرچ ڪـاون، هـٿ اُڌار، ڪـوجهي ڪم ڪرن نقصانَ-
جـاڳي حـرڪت، وچ جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.
دم وڏيـرپ والا مـارن، پـليان پـليان گهوڙيان ڏارن،
ڪاسا، ڪـاسا داڻا چـارن، تـوڙي ڪـاون، توڙي هـارن،
سال سڄي دا پورهيا ڪارن، مـلمـل دي سـر، بـدن ڍـانَ-
جـاڳي حـرڪت، وچ جهـانَ،
چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.
رڪـن پيران، شـرط شهـاني، مهري، گهوڙي، بيلي، بانهي،
ڪوري، موچي، ميل بِـگاني، ڪاه لهن وچ ڪنهن دي خاني،
منگن راتب، ڪڙبان، ڪاني، تـوڙي تـنهن دا تنگ گذران،
جـاڳي حـرڪت، وچ جهـانَ،
چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.
پير سـونهـاري، بيشڪ پـلي، ڪـشف ڪـرامت، هلي چلي،
عـاليشـان، انگـوري سَلي، خـام خـليـفي، نِـڪر نَلي،
چـائـي وتـن، چـوندي چلي، مـانيـان ڏيڪ، ٿيون مستانَ-
جـاڳـي حـرڪت، وچ جهـانَ،

چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.
باجهون ٻوڙ، نہ ٻُنن پورا، ماهِيا ڪير تي، منگن شورا،
عام جماعت، لنگها لورا، ڪو قضاني، رب دا گهورا،
ڪامي ڪرڙا، ڪُل ندورا، راتيان ڏينهان، بات بيان،
جاڳي حرڪت، وچ جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.
چڙه تنهان دي ڪولون آون، وچ مَسِيتين، مَسين ماون،
سرها تيل، سدائي ڏاون، ڪلونت ٻيني، ڪافيان ڳاون،
نال رئيسان، رَلي ڪاون، شيخ مشائخ، تي شيطان-
ڏاڍي حرڪت، وچ جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.
ڪرن دعوت، دنيادار، ٻوڙُ، ٻُلا تي، ترش آچار،
گِهہ اُتون چا، گهتن هار، ڪِلن، ڪاون بهت بهار،
ڪانہ لهن ڪا خبر چار، ڪِٿون آيا، ايه سامان-
جاڳي حرڪت، وچ جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.
نہ ڪجهہ ٻُڇن، پاڪ حلال، نڪو آڻِن، دل تي خيال،
نڪا لهندي، سُڌ سنيال، متان هووي، ڦُر دا مال،
ڪَر سُٹاوَئين، ڪَهڙِي ڳالهہ، ڏاڏي ڏڪ ڳڏا آرمان-
جاڳي حرڪت، وچ جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.
اڳي آهن پير سُونهاري، دين دنيا وچ برڪت باري،
چائِي وتن، نال ڇُهاري، ڪر سُٹاوَن، وَعظ واري،
لک لِياني، چوڪي چاري، عالم، آهن عليشان-
جاڳي حرڪت، وچ جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.

مانجهي مرد ڏِنوسي خاصي، سادي، سڏ ڪريندي راسي،
پارس ڏي تِنهان ڪُون پاسي، چاندِي چُست، ڪريندي چاسي،
آسان وچ اُتانهين آسي، متان ڪرو ڪو، شڪ گمان-
جاڳي حرڪت، وچ جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.
صبر ڪر، حُسين سِرائي، وَل نہ ڪرين، ايجهي وائي،
ٻيهر ٻيلي، ڳالهه پَرائي، متان ڪو چا تنگ الائِي،
چل زمانا، ڳيا چڱائي، فوج، ڪُلِي هي بي فرمان-
ڏاڍي حرڪت، منجهه جهانَ،
چارئي ڪرڳئي، دُرس دوڪان.

غالباً انهيءَ 'شهر آشوب' کان به اڳ ڪنهن شاعر جا چيل هيڻيان بيت آهن، جيڪي نهايت غصي ۽ تلخ زبان ۾ چيا ويا آهن، هنن ۾ فقط بن طبقن تي جلهه ٿيل آهي، هڪ ملا ٻيو پير:

1- ملن ۽ پيرن، ٻنهي ٻوڙيو دين کي،
هو نہ گهورا حق جا، هي نہ سچُ چون،
سيئي طالب ثروت جا، دنيا دين سندن،
ڇڏيو راهه ثواب جي، وڃين ٿا وڃن،
انڌن آخوندن، نيٺ نهوڙيو دين کي.
2- ملا ٿيا مردود، پير پوڄاري پيٺ جا،
درد نہ تن کي دين جو، نياڳا نامسعود،
ڪفر ۽ ڪمينپ جا ٿا دل ۾ دڪائن دود،
غرض خاطر غريب ٿيو، سوين ڏين سجود،
انڌا هي آخوند، دشمن اٿئي دين جا.
3- پوڄو جن پيرن کي، ٻيڙي تن ٻڏي،
آجا ٿيا اسلام کان، ڪفر پيو ڪُڏي،
ملان جي منهن پيا، ويلَ ٿين وڏي،

ڪيو ڪسب قرآن کي، ميڙن مال مڏي،
جن وحدت واٽ چڏي، اڳڙ نہ وَڄُ اُنَ جي.
4- ملو ۽ پير، ٻيائيءَ کڻي ٻہ ڪيا،
موٽي منو نہ ٽئي، ڪري پيو جو ڪير،
اصل هئا اڪسير، وحدت چڏي وهہ ٽيا.

سنڌ جي صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ پاڻ کي سوين بيت رياڪار پيرن جي ادنگاين ۽ مُلن موراٽن جي دين فروشيءَ متعلق ملندا، جن مان اهوئي محسوس ٿئي ٿو تہ انگريز جي اچڻ کان اڳ ئي ماڻهو ملن ۽ پيرن مان بيزار هئا. انگريزن اچڻ بعد، جو وڏيرن ۽ ڪامورن جو طبقو ٻہ عوام تي مسلط ڪيو، تنهن تہ هيڪاري هاجا ڪري ماڻهن جا رانگا لاهي چڏيا.

* * *

پهرينءَ مهاياري لڙائيءَ بند ٿيڻ بعد انگريزن کي جڏهن هوش آيو، تڏهن هنن هندستان اندر انتظامي سڌارن آڻڻ ۽ ڪاروباري خرابين کيڏڻ لاءِ حڪمرانيءَ جي سڀني مصلحتن ۽ رمزن کي سامهون رکندي، ڪوشش شروع ڪئي. اُنهيءَ سلسلي ۾ هنن ضرورت پٽاندر مختلف ڪميٽيون ناهيون، جن جي حوالي جدا جدا ڪم سپرد ڪيا ويا. انهن مان هڪ ڪميٽي سنڌ اندر ٻہ مقرر ڪئي وئي، جنهن جي حوالي ڪم هو تہ رشوت، رسائي، لاپي ۽ ڇيڙ ڇپريءَ متعلق مختلف ماڻهن کان بيان ونبي حقيقتون گڏ ڪري، ۽ رپورٽ پيش ڪري تہ انهن خرابين کي بند ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ ورتا وڃن.

انهيءَ ڪميٽيءَ اڳيان سنڌ جي مشهور اديب، اخبار نويس، ظريف ۽ اصلاحي شاعر، رئيس شمس الدين "بلبل" 25 اپريل، 1918ع جو جيڪو بيان ڏنو هو، سو راقم الحروف جي سامهون آهي. انهيءَ بيان جا ڪي خاص ٽڪرا [8]هيٺ ڏنا وڃن ٿا، جن مان اڄ کان تقريباً اڌ صديءَ اڳ جون ڪي دلچسپ حقيقتون سامهون اچن ٿيون.

رسائيءَ [9] لاءِ رئيس مرحوم لکيو آهي تہ 'رسانيدن' مان نڪتل آهي، معنيٰ پهچائڻ. ميهڙ جي فقط هڪ تعلقي ۾ انهيءَ زماني ۾ هينئين جاين تي آفيسرن

جون منزلون ٿيندیون هيون - راڊڻ استيشن، ٽرڙي محبت، ميهڙ، نئون ڳوٺ، شاهه پنجو، بالي شاهه، اگهاماڻي، قاضيءَ جو ڳوٺ، منجڻ، فريد لڻهار، شاه گودڙيو، منگواڻي، گرڪڻ ۽ ڪولاچي.

انهن جاين تي هينيان ڪامورا منزلون ڪندا رهندا هئا، مختيارڪار، اسسٽنٽ يا ڊپٽي ڪليڪٽر [10]، ڪليڪٽر، ڊسٽرڪٽ سپريڊنٽ، سپريڊنٽ انجنير، ايگزيڪيوٽو انجنير، سپ ڊويزنل آفيسر، ڊسٽرڪٽ اينڈ سيشن جج، جڊيشل ڪمشنر، مئنيجر انڪمبرڊ استيٽس، سول سرجن لاڙڪاڻو، شايد ميهڙ ۾ ٻيلا ڪونه هئا يا رئيس مرحوم ڪان فاريسٽر، ڊويزنل ۽ ڪنزرويٽر جون منزلون دل تان لهي ويون.

منزلن جي سلسلي ۾ جيڪا رسائي ٿيندي هئي، ان جي سلسلي ۾ هينين فقرن ۾ رئيس صاحب لکي ٿو:-

نمبر 10- نہ رڳو آفيسرن جي سر لاءِ پر سندن ساري عملي، منشِين، پٽيوالن، جتن وغيره لاءِ بہ سامان ڏيڻو پوندو آهي، جهڙو تہ، ڪٽون ڪٽولا، دلا، گوشت، ڪڪڙ، اَنا، مکڻ، کير، ڪانيون، گاهہ، شراب، ميوا ۽ پاڇيون.

نمبر 13- ڪڪڙن جي قيمت 4 ڪان 8 آنن تائين [11] آهي، بيضو هڪ آني يا ٽين پيسي، مکڻ 5 يا 6 پاوَ رپئي اڳ، ۽ في رپئي 4 يا 5 پاءَ هاڻي ملي ٿو، ڪڙٻ 10-12 بند رپئي ملندا هئا اڳ، هاڻي 3-4 بند، پلال في ويڙهو اڳ بہ ٽي آنا، هاڻي في چيلو هڪ ڪان وڻي بہ [12] رپين تائين.

نمبر 14- اهي جنسون هرهڪ زميندار تي سندس حيثيت ۽ آبادیءَ موجب مختيارڪار رکندا آهن، سيڪو منزلگاه تي پهچائي ڏيندو آهي.

نمبر 15- منزل گاهن تي اهڙو سامان، گاهہ، پلال، زميندار هارين جي بيل گاڏين تي موڪليندا آهن، جن کي ڪجهہ ڏيڻو نہ پوندو آهي.

نمبر 18- مختيار ڪار جي منزل جو روزانو خرچ 0 -0 - 8

يورپي اسسٽنٽ ڪليڪٽر " " 0 -0- 15

ڏيهي ڊپٽي ڪليڪٽر " " 0 -0- 0- 1

ايگزيڪيوٽو انجنير " " 0 -0- 15

سب ڊويزنل آفيسر " " 0 -0- 5 [13]
ڪير جا دلا [14] علاوه. شراب، سيڏو سامان، خرچيون، ٽاڏليون [15]، مصريون، انگوڇا، ڏوتيون [16]، سڀ ان خرچ ۾.
نمبر 21- دلا ڪٽولا [17] زميندار ڏيندا آهن ۽ شهرن ۾ پنڇات ڏيندي آهي، ليڪن هر منزل تي ڪٽولا بدلجي ويندا آهن، گم ٿي ويندا آهن، سٽيون واڌيون[18] سوٽيون (يا ڏاس جون) جت يا پٽيوالا ڪڍي ويندا آهن، يا منشي مٽن سنان ڪري تيل ميٽ سان خراب ڪري ڇڏيندا آهن.
گهوڙن جي طبيلن يا ٻين لانڊين ناهڻ لاءِ ٿوا، ڇپريون، ڪاٽيون[19]، زميندار يا شهر جا مڪيہ ماڻهو ڏيندا آهن. انهن جي ناهڻ لاءِ ڇيڙا ٻہ زميندار ڏيندا آهن.
نمبر 23- رسائيءَ جو خرچ تپيدار ٻہ ڪندا آهن، جيڪو هو لاپن مان وصول ڪندا آهن.
نمبر 24- زميندار جيڪو ٻہ خرچ رسائيءَ تي ڪن ٿا، سو اڪثر ننڍن ڪاتيدارن ڪان وصول ڪن ٿا، ڪي هارين ڪان اهڙن خرچن لاءِ ٻٽئيءَ مان اَن ڪڍي ونندا آهن. ڪي جزوي زميندار هوندا، نہ تہ اڪثر بار سڀ غريبن تي آهي.
نمبر 27، 28- سامان ڍوئڻ لاءِ بيل گاڏيون بيگر ۾ هٽندا آهن، جن کي سرڪاري نرخ موجب ٻہ آنا في ميل پاڙو ڏيندا آهن. گهٽو ڪري ڪاتيدار پاڙو ٻہ ڪونہ ڏيندا اٿن، ۽ ائين ئي واٽهڙو مسافرن يا چاڙهاڪي [20] وارن جون گاڏيون بيگر ۾ هٽندا آهن. جا دڪدائڪ ڳالهہ آهي.
نمبر 34، 35- زميندار يا مقاطعدار ڪان رسائي ٽيڙ مشڪل آهي، نہ ڪي ٿي سگهندي، جو تہ زميندار عملي جي ايتري پورائي ڪري نہ سگهندا. هو نہ بل پيش ڪندا، نہ ڪين قيمت ملندي، نہ تہ عملي جي پڪار ڪان آفيسر مٽن ناراض ٿي ويندا ۽ سندن آبرو خطري ۾ رهندي، اهڙيءَ طرح مقاطعدار ٻہ چاڙهي اگهہ ونندا جو تہ ڪين نفعو ٻہ گهرجي، سو وري عملي وارا ڏئي نہ سگهندا، جيڪي قيمت ڏيڻ تي هريل ئي نہ آهن.

نمبر 36- رسائيءِ جا باني اصل مختيارڪار آهن. سندن خواهش هوندي آهي تہ سالياني چڪاس ۾ سندن عيب ثواب لکا رهن، تنهنڪري هو اهي خرچ ڪرائن ٿا. سالياني نقدي، شرح [21] لاءِ هي آهي:-

بالا آفيس

هرهڪ بالا آفيس جو هيڊ منشي 0 -150

هيڊ ڪلارڪ ۽ سرشتيدار 0 -60

ٻيا منشي 0 - 400 کان 0 -0 -0 - 30 ۽ 0- 15 تائين درجيوار.

تعلقي آفيس

هيڊ منشي، هرهڪ تپيدار کان 0 -11

(ميهڙ ۾ 17 تپيدار آهن، جملي 187 رپيا ٿيا)

خزانچي، هرهڪ تپيدار کان 0 -6

سيڪنڊ منشي، هرهڪ تپيدار کان 0 -3

سپروائزنگ تپيدار هرهڪ تپيدار کان 0 -40 ۽ 0 -45

ڊويزنل تپيدار هرهڪ تپيدار کان 0 -11

عملدارن جي خانگي نوڪرن جا شرح 5 کان 10 رپين تائين آهن. تعلقي آفيس ياسپروائزنگ يا ڊويزنل تپيدار جو سالياںو شرح تپيدار جدا پريندا آهن، باقي بالا آفيس جا سالياںا "وچ خرچ[22]" مان پربا آهن، جو اهو خرچ تر جي تپيدار وٽ رهندو آهي ۽ مختيارڪار يا تعلقي هيڊ منشيءَ جي مرضيءَ ۽ اختيار تي هلندو آهي. ان جو حساب نہ وٺبو آهي.

اهي (شرح) تہ منزل ڪندڙ عملدارن جا آهن. جيڪي ضلعي جي بالا آفيس ۾ مقيم عملدار آهن، سي بہ وٺن ٿا، مثلاً: حضور ڊپٽي. اهي جڏهن ڪاغذ تپاس لاءِ گهرائيندا آهن، تہ کين 250 رپيا سالياںو شرح تپيدار ڏئي ايندا آهن - انهيءَ وچ خرچ مان.

رئيس صاحب مرحوم، زميندارن جي سلسلي ۾ پنهنجي بيان اندر لکي ٿو تہ - وڏا زميندار بہ خوشيءَ سان ۽ ڇاڻي واڻي خوشامدون ڪندا آهن، تہ آفيسر راضي رهن، ڪو سندن اتڪيو نہ رهي. انهن کي هر وقت پنهنجي آبرو وڏڻ ۽ ڪم

ڪيڙ جا غرض رهن ٿا، جنهنڪري سندن آبرويون بہ وڃن ٿيون، ’درٻارين‘ ۾ ڪين انعام اڪرام بہ ملن ٿا [23] ۽ زمينون بہ.

انهيءَ رسائيءَ ۾ رشوت جا ذريعا بيان فرمائيندي، رئيس مرحوم لکي ٿو تہ -

مختيارڪار يا زميندار، جيڪو بہ خرچ رسائيءَ تي ڪن ٿا، سو سارو بار آخر ننڍن ڪاتيدارن ۽ هارين تي پوي ٿو. نہ مختيارڪارن کي ڪَسُ نہ زميندارن کي نقصان، ڦُرجن وڃان ئي غريب ٿا، جن مان اهي پيسا وصول ٿين ٿا.

رئيس مرحوم بيان ۾ هڪ منزل جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ -

2- اپريل 1918ع تي سپريڊنٽ انجنير ٽرڙي محبت ۾ منزل ڪئي. عملي سميت چار ڏينهن اتي رهيو، ٻئي ڏينهن پاڻ ويو، پر عملو اتي رهيو. رسايون خرچ پڪا خوب هليا. وري عملو يعني منشي پٽيوالا بہ گهرائي ورتائين، تہ جت ۽ خلاصي سامان سميت اتي رهيا. 26- اپريل 1918ع تائين تہ اجا اتي آهن، اڃتي جي خبر پوي.

انهيءَ باقي عملي جو خرچ بيان ڪندي رئيس لکي ٿو تہ -

عملو خلاصي ۽ جت روزانو چار سير گوشت ۽ هڪ دلو ڪير جو، ۽ هڪ ڳوڙ جوئر جي...اُنن جي داڻي لاءِ ونڻ ٿا. ان منزل جو خرچ داروغا ۽ مقدم پريندا، جي وري زميندارن کان ونندا، ۽ اهي وري ننڍن ڪاتيدارن يا ڪڙمِن کان.

رئيس مرحوم کي خدا جنت نصيب ڪري، پٽيوالن جي رشوت ستانيءَ جو ذڪر ڪندي، لکي ٿو تہ -

آفيسرن جا بٽڙيل [24] ان بهاني تي وڌيڪ رسائي ۽ روزينا ۽ سالياڻا شرح وڌن ٿا، جو هو، ”نہ رسائيءَ جي صورت“ ۾ آفيسرن کي چغليون هڻندا آهن تہ ’ڪير خراب مليو چانهہ تيار نہ ٿي‘، ’بيضا ڪنا نڪتا‘، ’سامان برابر نڻو ملي‘. ان ڪري آفيسر رسائي ڪندڙ ڪامورن تي ناراض ٿيندا آهن، ڪن کي تہ مارون بہ ملنديون آهن، اهڙيءَ طرح پٽيوالا تنبو دير سان هڻندا آهن تہ مارون بہ ملنديون آهن تہ ’ڇيڙ نہ ملي‘! جنهن تي پڻ تپيدارن ۽ مختيار ڪارن تي ڪاوڙ ٿيندي آهي[25].

رئيس مرحوم عملدارن جي گشت جو مفهوم ۽ مطلب لکندي چوي ٿو تہ -

گشت جو وڏو مطلب ته هي آهي ته عملدار عام رعيت سان ملن جلن ۽ انهن جا اهنج ايذاءَ معلوم ڪن، سو بلڪل ڪونہ ٿو ٿئي. گشت ۾ فقط وڏا زميندار ڪرسي نشين آفيسر کي ملن ٿا، جي رڳو پنهنجي غرض تي احوال کين ڏين ٿا. اهنجايل ماڻهو عرضدار جي صورت ۾ اچن ٿا، مگر جڏهن ته ان وقت تعلقي جا مختيارڪار روبرو اچي ويهن ٿا، ته انهن جي دال نٿي ڳري، کين اُبتو سبتو جواب ڏياري ٿا ڇڏن، تنهنڪري وري وڌيڪ ستايل ماڻهو گمنام طرح عريضيون ٽپال ۾ موڪلِن ٿا، ته انهن تي به خيال نٿو ڪيو وڃي. نالي لکڻ مان هيٺيان عملدار ۽ وڏا زميندار انهن کي ڏمڪائي سندن ثابتي گم ڪري ڇڏن ٿا.

’ڏالي‘ جي باري ۾ رئيس لکي ٿو ته،

زميندار عملدارن کي ميوو ڏين ٿا ۽ پئنچات مصري[26].

لاپي جي سلسلي ۾ رئيس مرحوم لکي ٿو ته،

اهو اکر ”لاپ“ يا ”لوپ“ مان نڪتل آهي، زميندار ڏنڈي ۾ ڪاسبي ماڻهن يا پيرن فقيرن ساداتن کي جو سالیانو اَنُ محنت يا خير خيرات ۾ ڏبو آهي، تنهن کي ”لاپو“ چوندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪامورن جي انگن ۽ سالیانہ شرحن نقدي ۽ اَن ڏيڻ کي به لاپو چئبو آهي.

لاپي جا شرح بيان ڪندي مرحوم لکي ٿو ته -

روينيو ڪاتي ۾، تپيدار پهرين ڏل تي في جريب هڪ آنو يا ٻن آنن تائين ونندا آهن، وڏن زميندارن کان في سيڪڙو 3 يا 5 رپيا، پبلڪ ورڪس ۾ سب ڊويزنل آفيسر مقاطعدار کان في سيڪڙي تي ڏهہ رپيا ونندا آهن، سب اوورسير داروغا 2 کان 5 تائين يا ڏڻي سارو. داروغا، ’راجوڙِي‘ هر پڪيءَ موريءَ تي 3 کان 5 رپين تائين، ۽ ڪڙمين کان في ڪُهاڙو [27] هڪ رپيو. مقدم لابارن [28] ۾ ان جي وَلِ ونندا آهن يا بٹاين ۾ اَنُ. مالدارن کان سدائين ڪير، چيلا گهرج سارو، ۽ منزل تي زميندارن کان نقدي. فاريسٹ وارن مان رينجر مالدارن کان ۽ زميندارن کان، ۽ پوليس ڪاتي ۾ سب انسپيڪٹر ۽ ٹاٹيدار رسائيءَ جي بهاني تي هرهڪ زميندار کان سندس حيثيت مطابق ونندا آهن. جُڊيشل ڪاتي ۾ به بالا آفيس ۾ سالیانا شرح ٻڌل آهن. هرهڪ سباردِينيٹ ڪورٹ جا سرشتيدار ۽ ناظر

۽ تعميل منشي [29] ۽ ٻيا بيلف دعويٰ جي في سيڪڙي رقم تي اٺ آنا. اُن کاتي جي بالا آفيسرن جي رسائي تپيدار، ۽ عملي جي رسد ۽ رسائي بيلف ۽ ناظر ڪندا آهن.

زميندارن جي عادتن تي روشني وجهندي، مرحوم هڪ جاءِ تي فرمائي ٿو ته-

زميندار ڪير (منزلن لاءِ) ڏين ٿا ته اهو زور تي پنهنجي حد جي مالدارن کان ونڻن ٿا.

انجنيريءَ ۽ پوليس جي سلسلي ۾ رئيس هڪ نهايت ئي دلچسپ فقرو لکيو آهي. چوي ٿو:

انجنيري کاتو پاڻيءَ جو سيلاب آهي ۽ پوليس کاتو باهه جو شعلو.

انهن ٻنهي مان ايترو سهنج به آهي جيترو پاڻيءَ ۽ باهه مان ماڻهن کي پهچي ٿو. مگر جڏهن اهي ٻئي حد کان لنگهن ٿا ته هو ملڪ ٻوڙي ناس ٿو ڪري، هو جهڳا ساڙي چٽ ٿو ڪري.

چيڙ جي سلسلي ۾ رئيس صاحب پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته -

"چيڙ" جي معنيٰ آهي ته بيگر ۾ بنا اجوري ڪنهن به ڪم لاءِ ماڻهو موجود ڪري، هڪلي وڃڻ - جيئن مال کي ڏنار چيڙيندا آهن. ڪنڊن ٻڌڻ، منزلن تي تنبن کوڙڻ ۽ پٽڻ، سامان لاهڻ چاڙهڻ، رستن جي مرمت، منزل گاهن جي صفائيءَ لاءِ ۽ منزل جا ڏينهن پاڻي پرڻ ۽ ٻئي ڪم ڪار لاءِ اِهي ماڻهو ڏبا آهن.[30] چيڙن يعني هارِن کي پوکڻ لاءِ زمين ڏيڻ وقت زميندار اهڙو شرط تقاويءَ جي دستاويز تي لکرائي ونڊندا آهن، يا زباني شرط ڪندا آهن ته 'چيڙ چپري، بند ڪنڊ، سڏ صلح ۾ انڪار نه ڪندس'! عملدارن جي منزل تي به 20 کان 30 تائين چيڙا، رستن جي مرمت يا منزل گاهن جي صفا ڪرڻ لاءِ ڪم سارُو 50 کان 100 تائين چيڙا، هرهڪ زميندار ڏيندو، يا ڪم زميندارن کي ورهائي ڏيندا، جيڪي معياد اندر چيڙن کان پورا ڪرائي ڏيندا. شڪار جي چيڙ ناتال ۾ ٿيندي آهي. چيڙ زميندار جي سڏ تي اچڻ لاءِ ٻڌل آهي - خوش هجي يا ناخوش.

رئيس مرحوم اهو بيان 25 اپريل، 1918ع جو لکيو آهي، جنهن تي انگريزيءَ ۾ عهدن جي فهرست سميت دستخط ڪيا اٺائين، يعني اڄ (25-8-60) کان ٻائيتاليهه

ورهيه چار مهينا ۽ هڪ ڏينهن اڳ اهو بيان ڏنو ويو آهي، جنهن اندر جيڪا انهيءَ زماني ۾، انهيءَ سمي جي اڳهن مطابق رشوت، رسائي، لاپي يا چيڙ جي حالت هئي، سا بيان ٿيل آهي. جنهن ڪميٽيءَ اڳيان اهو بيان ڏنو ويو، ان ضرور حڪومت کي ڪا رپورٽ پيش ڪئي هوندي، ۽ انهن آزارن جي بند ڪرڻ لاءِ کي اُپاءَ بہ رڳي ڏنا هوندا، ليڪن رشوت، رسائي، لاپو بند ٿيڻ تہ خير، گهٽجڻ بہ خير، پر الٽو وڌندا ويا، ۽ اڳهن سارو انگن اکرن ۾ اضافو ٿيندو ويو ۽ سنڌ جي جدا ٿيڻ بعد (1936ع)، يا ائين کڻي چئجي تہ سنڌ اندر جڏهن انتظام درهم برهم ٿي ويو، تڏهن کان تہ نهايت جبر، ظلم ۽ زور تي ڪلم ڪلا رشوت، لاپو ۽ رسائي ونجڻ شروع ٿي. اڳ اهي شيون مانَ مرجات ۾ هلنديون هيون، هاڻي بي شرميءَ، بي حيائيءَ ۽ ديده دليريءَ سان ورتيون وجن ٿيون، اڳ ڏني ورتي [31] بعد لڄ حياءُ رکبو هو، ننگ ۽ لحاظ پوندو هو، ڪم ڪار بہ پورو ٿيندو هو، ليڪن هاڻي تہ انهيءَ حد تائين سيني زوري وڌي وَئي، جو دل گهري رقم ملڻ بعد بہ ڪم ڪونہ ٿيندو، اڳ پؤ هوندو هو، هاڻ پؤ پولو تہ جدا رهيو پر وڌي واڪي، ظاهر ظهور، تڪي توري، نڪي نوڪي رشوت رسائي ونڻ ۾ آئي، اڳ وڏا عملدار خال خال ونندا هئا، بلڪ سوَن ۾ ڪو هڪ، ليڪن هاڻي ڦرمار تي وڏن ڪان نندين تائين پٺ ڪاءُ تي چڙي پيا، جيئن صبح جو بکين ٻڪرين جو ڏڻ واڙ مان نڪري پوندو آهي. طوائف الملوڪيءَ جو عالم هو. نوڪريءَ جو مطلب ڪاموري ڪلاس اهو سمجهيو تہ ٿوري ۾ ٿوري عرصي اندر گهٽي ۾ گهٽو پيسو گڏ ڪجي، ۽ هنن ڪيو بہ ائين. اها ڪيفيت رهي 1931ع ڪان ونڊي 1947ع تائين، جنهن کي انگريز جو آخري دور چئجي ٿو. ان کان پوءِ جون حالتون هن کان پوءِ جو لکندڙ ويهي لکندو.

---

[1] انهيءَ دور جا نام ڪنيا پوليس عملدار گهٽا ئي هئا، جن مان هينئين جا نالا ياد اچن ٿا:

نارائڻ داس، تيجومل، ٽهلرام، مولانا ضياءُ الدين احمد، غلام اڪبر خان، ديوان ساجن سنگ، حافظ محمد سليمان، واليءَ ڏنو خان، عبدالستار خان، محمد بخش خان لغاري، الهه بخش خان کوسو، ميرالهه ڏنو خان، محمد صالح ڏهراج، قادر بخش ڪلوڙ، نياز محمد خان، تاج الدين انسپيڪٽر، خان محمد بروهي، دلاورحسين شاهه وغيره. انهن مان ڪي صاحب بلند ڪردار جا ۽ شانائتي طور طريقي جا مالڪ هئا. ايا ۾ وقت آهي، جيڪڏهن ڪو صاحب انهن ۽ اهڙن ٻين شخصيتن جو احوال ۽ سندن واقعا ويهي گڏ ڪري.

[2] مالدارن جي سلسلي ۾ سوين لفظ سنڌ ۾ آهن: ڏنار، ڏراڙ، ميهار، ڳنوار، ٻڪرار، ريڍار، اٽپنهوار، ايلپنوار، واڙو، ٽاڻُ، مَنهن، واڙ، پاڳيو. سوين متعلق اکر آهن، جيڪي گڏ ڪرڻ گهرجن.

[3] عوامي لفظ "لَهَڪُ" آهي.

[4] لنگهو شاديءَ تي سڏ ٻڌائيندو هو ۽ غميءَ جو اطلاع ٻه اهو ڏيندو هو. ميرٻحر شاديءَ غميءَ تي پاڻي پريندو هو. دايو ٻه سڏو ٻڌائيندو هو ۽ مالياءَ جي ديڳن هيٺان ڪاٺيون سورينڊو هو. ڪنهن اهڙن موقعن تي ٽڪر جا ٽانوَ پهچائيندو هو.

[5] جڏهن زمانو ڦريو، بلڪ سڌريو، ڪڙمين ۾سجاڳي آئي ۽ "هاري ڪميٽيءَ" سنڌ اندر زور ورتو، تڏهن انهن انگن اسبابن مان ڪيترا سرڪاري طرح بند ڪيا ويا.

[6] ديال مان ڦرهيون ٽهرائيبيون هيون، جنهن جي ٻنهي پاسن ميٽ هٽي، ان تي هندو (هٽ واڻيان) ڪچو ليکو لکندا هئا، ۽ مدرسن ۾ شاگرد انهن تي صورتخطي ۽ اکر پڪا ڪندا هئا. ان کي پَٽي ٻه چئبو هو.

[7] "خالصو" ان کي چئبو هو، جو زميندار زمين کي چيڙ تي ٽهرائي، هر ڪهرائي، ٻج وجهرائي، اُن جو ان ٻنهي سَرين پاڻ ڪٽندو هو.

[8] انهيءَ بيان جي ابتدا ۾ رئيس مرحوم پنهنجي لاءِ هن طرح لکيو آهي: شمس الدين ولد بهادر خان ابڙو، زميندار، ايڊيٽر "آفتاب، سنڌ"، ميمبر تعلقو لوڪلبورڊ، آنريري ماجسٽريٽ - انهيءَ ئي بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته رئيس مرحوم ٽيهه ورهيه ايڊيٽري (1918ع تائين) ڪئي، پهريائين "الحق" جي پوءِ "آفتاب سنڌ" جي.

[9] رسائي رهائي، رس رساوت، رس رساءُ، رس رهاڻ، ڪس رس، رسيل، رسيو آهي (معنيٰ پڪو آهي)، 'واهه جو رس رکي بينو آهي' رسڻ (پچڻ يا ڪنهن شيءِ جو پهچڻ)، وغيره وغيره، اهي سڀ اکر ۽ ترڪيبون انهيءَ هڪ اکر جون آهن.

[10] زنگريز کي 'اسسٽنٽ ڪليڪٽر' ۽ ديسيءَ کي 'ڊپٽي ڪليڪٽر' چوندا هئا.

[11] مرحوم قليچ بيگ پنهنجي "يادگيرن" ۾ پنهنجي زماني جا اڳهه ۽ انگ پڻ ڏنا آهن، اهي سڀ اڳهه انهيءَ دور جا آهن جڏهن سڪر سٽائي هئي ۽ رپئي جي قيمت واقعي قيمت هئي.

[12] اها زبان انهيءَ زماني جي آهي. هن وقت هوند هيئن لکجي - ٻن رپين تائين يا ٻي رپئي تائين.

[13] انهيءَ زماني ۾ اجوکي اڳهه جي مقابلي ڏهه رپيا 100 رپين جي برابر آهن.

[14] کير جا ڊِلا پاڻين وٽان مفت آڻبا هئا. اسان جي سانيڑ ۾ هرهڪ منزل تي روزانو 5-6 گهڙا کپندا هئا. "کير سان تڙ ڪرائڻ" جو محاورو کير جي انهيءَ افراط تان ٺهيو.

[15] سنڌ ۾ گرمِن جي موسم ۾ ٽادل پيئڻ جو رواج هوندو هو. صبح کان منجهند تائين ڏڏ ۽ ٻيهريءَ کان وٺي لڙي ٽپهريءَ تائين ٽاڏل يا شربت، بيدمشڪ ۽ ڪيوڙي يا بادام وغيره جو ٽاڏل جو نسخو هي هو، ۽ ڏنڊي ڪوندي ۾ گهوٽي، پوءِ ڪپڙي ۾ ڇاڻي ۽ ڪورن ڏَڪِن يا دلن ۾ وجهي پياربي هئي:

بادام

ڪارا مرچ

خس خس

گدري، ونگي، هنداڻي جو بج (ست مغزي)

مصري - پاڻيءَ جي وزن تي.

پاڻي، پيڻ وارن جي اڌار تي.

هندو ان ۾ پنگ چيٽي ملائي پيئندا هئا، جنهن کي 'سُکو' چوندا هئا، نشئي مسلمان جڏهن ان ۾ پنگ ملائيندا هئا، تہ ان کي 'آيو' چوندا هئا.

[16] انگوڇا هندو ڪلارڪن لاءِ هوندا هئا. صبح جو ڏنڊ پاڻي ڪري، بت کي ڪرڙو تيل مکي، ميٽ لائي، انگوڇا يا ڏوتي هيٺ تي ڪري، ڪٽ تي ويهي يا وِڪي تي ويهي، مٿان ٽڏي پاڻيءَ جا دلا پرٽيندا هئا. عام هندو منجهند جي مانيءَ کان اڳ وهنجندا هئا، اهي گهمندا ٻہ ويندا هئا ۽ مٿان گهڙو ٻہ پرٽيندا ويندا هئا، ان کي هو "سنان"چوندا هئا. پوءِ ڏوتي ٻڌي، ساڳئي ئي انگوڇي کي نپوڙي، ان سان بدن اگهندا هئا. مسلمان اُن کي تڙ، غسل يا وهنجڻ چوندا هئا.

[17] زميندار دلا ڪنير کان مفت ونندا هئا، جن کي لاپو ڪڙميءَ جي حصي مان ڏيندا هئا، ۽ ڪٽون راڄ مان گڏ ڪري ڏيندا هئا.

[18] واڌڻ يا نانگ ڪٽ جي پيرن کان واڻ ۾ پوندي آهي، جنهن سان ڪٽ جو واڻ ڇڪجي ٻيهندو آهي. واڌڻ مُڄ مان ٻہ ٺهندي آهي، ليڪن ڪي شوقين سنين ڪٽن لاءِ ڏاس، سُٽ يا سوتليءَ مان ناهيندا آهن. انهيءَ قسم جون واڌڻيون پٽيوالا، منشي، هندو ڪلارڪ ۽ آخر ۾ جت ڪيي ويندا هئا. اهو دستور راقم جي زماني تائين ٻہ هو.

[19] ٿُوا سَرَن مان زميندار مفت ڪڙمين کان ٺهرائيندا هئا، اهڙيءَ طرح ڪانيون وغيره ٻہ ٻيلي مان ڪڙمي کپي، اچي منزلن تي پهچائيندا هئا! زميندارن جو نالو هو، حقيقت ۾ نڪرندو سيڪجهہ غريبن جي هڏ مان هو.

[20] ٻيل گاڏيون ڪاهي، جيڪي غريب پنهنجي ڪَمين ڪارين اچي منزل وٽان لانگهائو ٿيندا هئا، يا شهر ۾ ايندا هئا، اهي تپيدار يا پوليس وارا بيگر ۾ هٽندا هئا. پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي، غريب اوچتو اَوه ۾ اچي

ويو. 'چاڑهاکو'چئبو آهي، جو گاڏڙن کي ويندي کنهن شهر ۾ رات پئجي وڃي، ۽ کنهن کنڊ پاسي ۾ گاڏي چوڑي رات پيجن. بگڙن تترن جو چاڑهاکو به ٿيندو آهي.

[21] سالياني رشوت کي "سالياڻو شرح" چيو ويندو هو.

[22] تعلقي آفيس ۾ هر کامورو حصي رسد رقم جمع کرائيندو هو ۽ اها بالا عملدارن جي رسائيءَ ۾ کتب ايندي هئي، انهيءَ رقم کي "وچ خرچ" چيو ويندو هو.

[23] سنڌ ۾ سالياني 'دربار' گورنر جي ٿيندي هئي ۽ کمشنر به کندو هو. انهن دربارن ۾ کرسي نشين زميندارن کي ويهاريو ويندو هو، جن کي خطاب ملندا هئا، انهن کي انهيءَ موقعي تي انهن جا ٻلا ۽ پروانا ڏنا ويندا هئا، ۽ جن کي انعام اکرام مثلاً قراريون، لونگيون ۽ آفرين ناما ڏيڻا هوندا هئا، انهن کي به انهيءَ ئي موقعي تي اُهي شيون ڏبيون هيون. زميندار اُهي سڀ انعام ۽ عزتون عملدارن کي راضي کري، انهن جون ناجائز خوشامديون کري، کانئن سفارش کرائي، حاصل کندا هئا. اهي خطاب ۽ درباريون سن 1938ع ۾ الله بخش شهيد بند کري ڇڏيون.

[24] BUTLER

[25] صاحبلوکن جا بٽلر حقيقت ۾ ضلعي جا مالک مختار ٿيندا هئا، جيکي چون سو کري ڏيکارن. منڊمون ۽ صاحب سندن مٺ ۾. تنهنکري عملدار خواه زميندار پيا سندن خوشامديون کندا هئا، ۽ سندن ناجائز گهرجون پيا پوريون کندا هئا. منهنجي سانير ۾ (1919ع) لاڙکاڻي جو کليکٽر N.H.HAY هوندو هو، ان جو بٽلر محمد الدين، الامان و الحفيظ! "خانصاحب محمد الدين خان" ٻئي پوندي هئي، اونڌي سنئين سڃي ان جي هٿ ۾، جيئن وٽيس تيئن کري، زميندار سان مشکي ڳالهائيندو ته زميندار جي جڙ قسمت کلي، جي محمد الدين توجهه پورو نه ڏنو ته جڙ قيامت اچي وئي، زميندار کي پک ٿيندي ته کا آفت اچڻ واري آهي!

صاصبلوکن جا به خانگي نوکر هوندا هئا. بٽلر، جنهن کي 'بٽريل يا بٽڙيل' چوندا هئا، ۽ اينگلو - انڊين بورچي. سرکاري نوکر هن طرح هئا: پهرين حوالدار، ٻيو نمبر نائک، ان کان پوءِ حسب ضرورت پٽيوالا. حوالدار جي سفيد پٽکي تي زريءَ جو پٽو ۽ چيلهه سان زريءَ جو کمربند هوندو هو، کوٽ، پٽکو ۽ ٻيا لٽا سڀ اڇا. نائک جي کمر ۾ ڳاڙهي لٽي جو کمربند ۽ پٽکي ۾ به ڳاڙهو پٽو. پٽيوالن کي فقط سفيد کوٽ ۽ پٽکو. حوالدار ۽ نائک جنهن زميندار سان نهيل هوندا، ان کي صاحب سان اڳ ۾ ملاقات کرائيندا هئا، اها وڏي عزت سمجهي ويندي هئي. ملاقات وقت هرکو زميندار حيثيت آهر حوالدار کي ڏيندو هو ۽ اهو سيني کي، پاڻ سميت، ورهائي ڏيندو هو. گهٽ ۾ گهٽ 5، وڌ ۾ وڌ 20 رپيا. منزلن تي البت کين حد جو مکيہ زميندار هک سؤ ڏيندو هو.

[26] سنڌ ۾ انهيءَ قسم جي ڏالِن جو زياده ۽ خوفناک رواج هک ته جيکب آباد ضلعي ۾ هو ۽ ٻيو ميرپور خاص ضلعي اندر. جيکب آباد ۾ بلوچ سردار رهندا هئا ۽ ميرپورخاص ڏانهن اڻ پڙهيل ۽ اڻ سڌريل زميندار. اهي ڏاليءَ جي بهاني عملدارن کي هزارين رپيا پيش کندا هئا. نئون عملدار بدلي ٿي ايندو ته هرهک سردار ۽ هرهک

زميندار ميوي سان گڏ ٻه - ٽي هزار ٻه دعوت جي بهاني پيش ڪندو. هندن ۾ البت ڇڙي مصريءَ جو رواج هو، عملدار منزل ڪندو، مکي پنڇات جا مک ماڻهو ساڻ ڪري پئنچاتي رسوئي کان مصريءَ جو ٿالهه متي تي ڪٽائي، وجي منزل تي پهچندو، اندر سڏ ٿيندو ته سيئي هندو انگوڇا ڪنڌ ۾ ڪندا، جتيون ٻاهر در تي لاهيندا، اندر سلام ڪري وجي قطار ۾ بيهندا. صاحب پڇندو: "مکي صاحب، ڇا خبر آهي؟" مکي ٻانهون ٻڌي، عرض ڪندا: "سڀ خير آهي. حضور جن جي سربخت کي وينا دعائون ڪيون. ڏاڍو امن امان آهي"، "ڇگو، سلام ٿيو!" ساري پئنچات صاحب ڏي منهن ڪيون. پنيءَ پر ٻاهر نڪرندي، جيئن پٽي ڏيڻ سان صاحب جي بي ادبي نه ٿي. جيڪڏهن ڪنهن تي چغلي هٽڻي هوندِن، ته مکي، صاحب جي تعريف ڪندي، نموني سان چئي ونندو ته "حضور، ٿورو گهٽو فلاڻي جو آزار آهي، اوهان مالڪ آهيو، نگهه ڪندؤ ته مڙئي لهي پوندو". ٻيا هندو هٿ ٻڌي چوندا، "حضور سائينءَ جي مهر گهرجي، مڙئي فلاڻو ڏاڍو مڙس آهي، هٿ لڳندس ته سِکي ويندو." اِنهيءَ ماڻهوءَ جي آفت اچي ويندي، جنهن تي پئنچات انهيءَ نموني سان شڪايت ڪئي.

[27] ڪنهن ٻه سرڪاري واهه جي ڪنڌيءَ تي ڪوهه ڪٽي، ان تي نار چاڙهجي، ان کي چئبو آهي 'ڪهاڏو'. انهيءَ ڪوهه ۾ پاڻي سرڪاري واهه مان پهچائبو آهي. گهٽو ڪري آبڪالاڻيءَ جي موسم ۾ خريف ۾ جوئر ٻاجهر لاءِ اهي 'نار' چاڙهبا آهن.

[28] 'لاب لهڻ' يا 'لوب ڪرڻ'، يعني پوک جڏهن پچي ۽ ان کي لڻجي، ان کي چئبو آهي لابارو. لاب يا لوب جي موسم - 'لايارا' لاب وارن کي چئبو آهي. 'لائيءَ وارا' چئبا آهن اُهي مزدور، جيڪي روز تي يا ول جي ونڊيءَ تي لاب لاءِ بيهاربا آهن. مارچ، اپريل ۽ مئي ۾ گهٽو ڪري ربيع جي لابن لاءِ بروهي ٽڪر تان ايندا آهن؛ اهي لاب جي مزدوريءَ ۾ ول ونندا آهن، اهي زمين جي پر ۾ ڏاس مان ٿهيل تنبو هڻي ويهندا آهن. اهو رواج جيڪب آباد، لاڑڪاڻي، سکر ۽ دادوءَ ڏانهن آهي. لوئر سنڌ ۾ ڪهڙيون قومون پوکن جو لاب مزدوريءَ تي ڪنديون آهن، انهن جي راقم کي خبر نه آهي، اهي بروهي ڪن حالتن ۾ پنهنجون چوڪريون سنڌين کي وڪڻي ويندا آهن، شاديءَ لاءِ، قيمت وڌ ۾ وڌ هڪ هزار روپيا. هڪ دفعو ڏئي وري انهيءَ چوڪريءَ وٽ ڪونه ويندا آهن.

[29] 'تعميل منشي' اهو چئبو هو، جيڪو ڊڪري نڪرڻ بعد بيلف موڪلي، اُن جي تعميل ڪرائيندو هو.

[30] رئيس چيڙ جي سلسلي ۾ فقط اُهو ڪم ڄاڻايو آهي، جيڪو چيڙن کي منزل تي ڪرڻو پوي ٿو.

[31] سنڌ ۾ چوٽي آهي "چُٽو پٽ ڏِني جو".

10

رجن ۾ رڙ ٿي، ڪر ڪوول جي ڪوڪ،
ولولو ۽ ووڪ، اِيءَ ڏان آهه عشق جي.
- شاهه

اما بعد، آمديم برسرِ مطلب - اهي ٻئي اکر عربيءَ ۽ فارسيءَ جا آهن، جيڪي اُن وقت استعمال ٿيندا آهن جڏهن لکندڙ وچ ۾ مطلب کان هٿي، ڪي ٻيا قصا ڪُٽي، وري موٽي پنهنجي اصلي مقصد تي ايندو آهي، سو اسان به وچ ۾ ٻيون ڪيتريون ڳالهيون ٻولهيون ڪري، وري اچي سکر جي انهيءَ مشاعري ڏيڑا ٿيون ٿا، جتي جناب "نياز" کي قدسيءَ واريءَ نعت جي سنڌي تضمين پڙهندي چڏيو هيوسين.
شاعر پنهنجي دور جو عڪاس ٿئي ٿو، هو جيڪي پنهنجي گردو پيش ڏسي ٿو، جيڪي محسوس ڪري ٿو، جيڪا ڳالهه کيس ڏک ڏئي ٿي يا سک رسائي ٿي، سندس دل ۽ ذهن ۾ جيڪي تاثر پيدا ٿين ٿا، مٿس جيڪي وهي واپري ٿو، پنهنجي ڪلام ۾ انهيءَ جو هڪ عڪس ڏيي ٿو. راقم گذريل بابن ۾ جيڪي لکي آيو آهي، سا آهي روئداد حضرت "نياز" جي گردوپيش جي، ماحول جي ۽ زماني جي ڏسڻ وارا مٿي بيان ڪيل حقائقن جي روشنيءَ ۾ هڪ ڏينهن ضرور ڏسندا ته اسان جي هن غزل گوشاعر جي اک پنهنجي دور جي وهيءَ واپريءَ کي ڪيتري قدر ڏنو، سندس دل ان جي ريب ۽ ڪريب جو ڪيتري قدر اثر قبول ڪيو، سندس شعورَ ڪيستائين حالتن کي محسوس ڪيو، سندس ذهن حقائقن کي ڪيتريءَ حد تائين جذب ڪيو، ۽ سندس زبان ڪهڙيءَ ريت انهن تاثرات ۽ محسوسات کي بيان ڪيو، يا مورڳوئي اسان جو شاعر پنهنجي ماحول کان صفا غافل رهيو، ۽ سندس دل دماغ، حس ۽ شعور، خواهه ذهن ۽ زبان تي اهڙا ڪلف چڙهيا رهيا، جو حسن وعشق، گل و بلبل، شمع ۽ پرواني، فراق ۽ وصال، ابرو ۽ مزگان، خال ۽ خط، قد ۽ بت جي مفروضن کان سواءِ هو پنهنجي آرٽ ۾ ڪنهن

بہ حقيقت کي پيش ڪرڻ کان قطعي عاري ۽ غافل رهيو. هڪ آرٽسٽ جي وڏي ۾ وڏي پرکا اِها آهي - جڏهن سنڌ جي ماڻهن جا مزاج پختا ٿيندا، تڏهن ضرور ادبي تاريخ جا جوهري اِنهن ڳالهين جي ويهي جاچا ڪندا.

الغرض سکر واري مذڪوره مشاعري ۾ ڏيڍ ڪلاڪ ڪن حضرت نياز صاحب جو مخمس هليو، هرهڪ بند ور ور ڏئي ڪانئس پڙهايو ويو، پڏندڙ انهيءَ حد تائين متاثر ٿيا، جو ان کان پوءِ کين ٻين شاعرن لاءِ ڪابہ ڪشش ڪانہ رهي، خود شاعرن مان بہ خود اعتمادي انهيءَ حد تائين ختم ٿي وئي، جو هنن کي پنهنجي ڪلام ۾ پاڻ ئي دلچسپي ڪانہ رهي، هنن غزل پڙهيا، ليڪن اهڙيءَ طرح جيئن ڪو بيگر لاهي وڃي.

آغا نظر علي خان ۽ جناب راشدي صاحب کي اگرچہ پنهنجي نوجوان شاعر جو غزل ضرور پڏڻو هو، ڇاڪاڻ تہ مشاعرو دراصل ڪرايو ويو ئي ان جي مظهر لاءِ هو، ليڪن "نياز" کان پوءِ اهڙي ڪايا ڇانئجي وئي هئي، جو خود ڪهنہ مشق شاعر ئي پاڻ ڪترائي ويا تہ هي ڇوڪر، جيڪو عمر ۾ بہ الهڙ تہ شاعريءَ ۾ بہ نويلو، تنهن کي ڪٿي جرئت ٿيندي، جو ميدان ۾ اچي منهن ڏئي! وارو جڏهن آيو تڏهن سندس نالو پڪاريو ويو، ليڪن 'صداءِ برنخواست!' درحقيقت حضور جن جي نعت سڳوريءَ بعد خود آغا صاحب جن بہ مجاز جون منزلون طيءِ ڪري وڃي حقيقت جي وادي۽ ۾ پهتا هئا، تنهنڪري مشاعري کان اڳ سندن نظر ۾ جيڪو معاملو اصل مقصود هو، سو هاڻي ڦري فروع ٿي چڪو هو، تنهنڪري ڇوڪر تہ اِنهيءَ طرح وچ ۾ ئي غائب ٿي ويو!

ايامن تائين سکر جا ماڻهو انهيءَ مشاعري کي ياد ڪندا رهيا. ان کان پوءِ بہ بہ - ٿي دفعا مشاعرا ٿيا، جن ۾ ٻين مڪيہ شاعرن سان گڏ نياز صاحب بہ شرڪت ڪئي ۽ ڏوم ڏام سان پنهنجا غزل پڙهيائين، ليڪن اُهو رنگ ۽ اُهو وقت ڪو اور هو. سندس انهيءَ مخمس کي سکر جي بزرگن پنهنجي هڙان هزارن جي تعداد ۾ آرٽ پيپر تي ڇپايو ۽ ثواب خاطر سڃيءَ سنڌ اندر ورهايو. مخمس ڇپيو 'سنڌ زميندار' پريس ۾، جنهنڪري ڇپائيءَ جا پئسا معہ نفعي جي نظر علي خان جي حوالي ٿيا، ابوبڪر هيدڪمپازيٽر، گيلي مشين مئن، ۽ خانئي ڪمپازيٽر

کي سندس بقايا مان بہ ڪجھ مليو، ۽ خدا نہ ٻُلائي تہ ڳوٺ جو ڪِرايو ۽ بہ - تي رپيا ٻيڙي ماڇس لاءِ مون کي بہ نصيب ٿيا.

* * *

نياز مرحوم پھريون شاعر مون کي ڏسڻ ۾ آيو، جيڪو نہ فقط غزل ۽ نظم جو بادشاھ ھو، بلڪ ٻيٽ سنڌي ڪافيءَ مٿان بہ ڪيس ڪمال جي قدرت حاصل ھئي - اُھائي ٻيٽ منھ زبان، اُھي ئي محاورا، اُھي ئي لفظ، نازڪ ۽ پَٽ پٽيھر جھڙا نرم استعارا سي بہ پنھنجي ماحول جا، ترڪيبون اُھي ئي جيڪي شاھ ڪتب آندیون، ڳالھيون اُھي ئي جيڪي ڪافيءَ جو ڏاڃ آھن.

مون کي ياد آھي، اڄ بہ اُھو نظارو جڏ اکين اڳيان پيو ڦري جيئن ڪالھ تي گذريو آھي! براڄ نئين نئين ٿھي ھئي. اورينءَ پر تي باغ ۽ لان، جن تي اڄ ڪلر چڙھي ويو آھي، جن تي اڄ نہ اھا بھاري آھي نہ منجھن اھا گلزاري، جڏ مٽن سالن جي اداسي ۽ درماندگي ڇانئجي ويئي آھي. اُھي ان وقت تازا ٿھيا ھئا، مٿان انگريز جو حڪم، ھينان مالھين جي ايمانداري ۽ ڪاريگري، ٽاميءَ ٽاميءَ ۾ ساھ، ۽ مکريءَ مکريءَ ۾ شگفتگي ۽ ڇبر جي ھر ٽڏي ۾ تازگي ۽ توانائي، انگريز بہ طبعاً باغن ۽ ٻوٽن جا شوقين ۽ مالھي بہ ٻوٽن ۽ وڻن جِي پگھار ھوڻي نہ پر پنھنجي اولاد وانگر پيا پرگھور لھندا ھئا، جھڙا مالڪ خبردار ۽ شوقين، اھڙائي ھئا ملازم اورڇ ۽ ايماندار، پوءِ باغ ۽ بستان رنگ رکي ڇو نہ بيھندا؟ ڇا مجال، جو انھيءَ زماني ۾ ٻوٽن ۾ ڪو سُڪو پن ھجي، ڇبر تي ڪو ڪک پن پيل ھجي، يا ڪو ٻارو سڪل ھجي! جيئن براڄ تي چڙھبو، تيئن شادابي ڏسي اکيون ٺري پوندیون، روح ۾ تازگي اچي ويندي، طبيعت تي سرھاڻ پئجي ويندي. عليھر جي ديوار سھڻيءَ ڪٽ تي پاسن کان بينل، وچ وچ تي گلاب جا ڳاڙھا ۽ شِير چاھي گل، موسمي ٻوٽا ان کان علاوہ گلزاري ڪيو بينا ھوندا ھئا.

شام جو سکر جا سيئي شوقين پِلِن بگِن تي چڙھندا، سھڻا، سنا ۽ تکا تنومند گھوڙا، جن تي ميان غلام نبي [1] زين ساز جا ناھيل سنج پيل، جڏ سنج نہ آھن بلڪ گھوڙي کي ڳھ پيل آھن. گچيءَ ۾ گلن جون ڳانيون ۽ چانديءَ مان ٺھيل ڇمڪيدار دعائن جي ڪنديءَ، اکين مٿان موڙ ۽ نرڙ تي سَري پيل، مٿي تي

مور جي ڪنين جو هڪ گلدستو، ريٰنان سچيءَ سيم جون، جن تي گلن جون لڙهيون لڱل، جوتن خواهه پٽي ۽ ڪمربندن تي نڪل جا چند ستارا ۽ سهڻيءَ طرز تي ٺڪيل گل لڱل، نيٺ جو چهبڪ لڏندو ايندو، جنهن جي پڇڙيءَ ۾ وٽيل ڏاڱو ۽ ڏاڱي ۾ رنگارنگي پشم جا گل پوتل، پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌل. دعائن جي چمڪي ۽ گهنگهري جي وڄت تي گهوڙو مست ٿيو، ناچ ڪندو هلندو، بگي گويا شاهجهان وارو تخت طائوس پئي لڳندي. مختلف قسم جا رنگ پريل، ضروري جاين تي نڪل جوڪم، گاديون ڳاڙهيون يا ڪاريون، جن تي رنگارنگي بٽڻ لڱل. ڪي شوقين وري انهن تي اڇيون چوان چاڙهائي ڇڏيندا هئا. بگي هلِي ڇڻ واءُ مينهن ٽِي، گويا ڇوهو ۽ واڇوڙو هو جو جهٽ ڏئي اڪين اڳيان لنگهي ويو. اڄ وانگر مرضيل ۽ مئل گهوڙا ڪونہ هوندا هئا. موٽرون هيون ڪونہ، جو هرڪو انهن تي چڙهي. گهوڙا ۽ بگيون مانَ ۽ شانَ جي سنڊ هئا.

سکر جي شهر ۾ بگين جا هونءَ تہ ڪيترائي مرڪز هئا جن کي "بگي اسٽان" (Stand) سڏيندا هئا، ليڪن چار اسٽان زياده مشهور ۽ مڪيہ هئا: ٽڪر تي ليوڪس پارڪ اڳيان سٽي ڪورٽ جي سامهون، بازار ۾ ٽلهي وٽ، غريب آباد ۾ مارڪيٽ واري ميدان ۾ مسافرخاني جي ٻاهران، ۽ چوٽون هوندو هو جتان براج جا بنگلا شروع ٿين ٿا مڪرانِن جي پاڙي وٽ.

انهيءَ زماني ۾ لٽو ڪپڙو بہ سستو هو. اڄ وارو ڪلور ۽ قهر ڪونہ هو. وائل نئين نئين آئي هئي، سادِي ٽي آني وال، جهڙو رنگ گهرجي تهڙو وٽ! زالون چولا ۽ روا ڪندیون هيون، شوقين جوان ان مان قميصون يا چولا ۽ پٽڪا ڪندا هئا، شبنم (شبنم) ململ جو وال پہ چئين آني هوندو هو، جنهن مان پٽ چولا ۽ پٽاڪا ٿيندا هئا. سٽڻ لاءِ بہ ٽي قسم محمودي ملندي هئي: راڻي چاپ، گڏيش ۽ سِي- چاليهہ هزار سني ۾ سنو هرڪ هو- چئين آني ڪان ڇهين آني تائين وال ملندو هو. محمودي، لٽو ۽ هرڪ اهي ٽيئي نالا هئا سٽڻ جي لٽي جا، ليڪن لٽو سادو، هرڪ ۽ محمودي سني نموني کي چئبو هو. مثلاً: راڻي ۽ سي - چاليهہ هزار کي هرڪ سڏبو هو يا محمودي.

شوقين جوانڙا، وڏن پاچن سان سٽڻ نهرائي، ان کي ڪلف لائي پائيندا هئا ۽ وَر اڇتي ڪري ڇڏيندا هئا. لاهور کان جيڪي طوائفون سکر ۾ اچي مقيم ٿيون، انهن جي ميراثِن ۽ بڙي ميائڻ انهيءَ قسم جي ڪلف لڳل وَڏ پاڇيءَ سٽڻ جو رواج اچي وڏو ۽ وَرَ اڇتي ڪري هلڻ ۾ انهن کان ڏاڍءِ آيو، ورنہ سنڌ ۾ سٽڻ کي ڪلف نہ لڳندو هو، پاڇا نندا ۽ وَرَ سڀ پنتي چڻين ڇڏبا هئا. سليپر رنگين سچي بخمل جا شڪارپور ۾ نهندا هئا، جن تي سنهن رنگارنگي موتين سان ڇٽسالي‌ءَ جو جڙاءُ ڪيو ويندو هو. قيمت ۾ وڏي ڪانہ، ڇڙو چوڏهن آنا جوڙي جو ملهه هو. پٽڪا گهٽو ڪري نوجوانڙا ڪن تي ڪري ڇڏيندا هئا، ٽرن کي ٻئي ڪن وٽان ڪڍي، ڪلهي تي پٽاريندا هئا. پيراهنن جي ڳچيءَ ۽ سيني جي چير کي اڇو ڪنڊو لڳل، ڪلهن وٽ ڪِناريون، ڳچي چولي [2] جي ڪولي ڇڏيندا هئا. کي جوان چِڪَن جا چولا ۾ نهرائيندا هئا ۽ چڪن جا گل شوقينن جي جواني‌ءَ مٿان ڏاڍو جوڀن ڪري بيهندا هئا.

ميان فضل محمد خان سومرو غريب آباد وارو- الله بخشيس، حال حيات هو. هرڪو سرندي‌ءَ وارو ۽ لٽي ڪپڙي جو شوقين، اتان پنهنجا لٽا ڏئاريندو هو شاهه ڪاريگر هو. لٽو اهڙو ڪٿيَ تان لاهي ڏيندو، جو پائيندي پيو کهڪاءُ ايندو- ڪيئن اهڙي اڇي لٽي کي پائي ميرو ڪجي! سکر جي جوانن کي نہ فقط لٽي خريد ڪرڻ ۽ ان جي ڪٽ ۽ پهرڻ جو شوق هو، پر ڏوتل لٽو ڇاکي ڇڪجي، ان جي پروڙ ۾ واهه جو هئي. فضل محمد خان سٽڻ تي ابرق جي بوند ۾ ڪلف سان گڏ هٽي ڏيندو هئين، ۽ ڪن جي لٽي کي وري گُلي‌ءَ جي هلڪي هواءِ. ميان فضل محمد لٽي کي ائين هٿ لائيندو هو، جيئن پنهنجي ننڍڙي ٻار کي ڪو لائي. ڏوپڻ بعد لٽو کولي ڏسندو، استري‌ءَ بعد ان جي بيهڪ کي ڏسي وائسي، ڇڪاسي، پوءِ ڏاڍي انداز سان ويڙهي ناهي رکي ڇڏيندو. جڏهن مالڪ کڻڻ ايندو، تہ ان کي ۾ تاڪيد ڪري ڇڏيندو تہ فلاڻا خيال سان کڻي وڃ! ڪاريگر کي جڏهن ايترو خيال ڏيندو تہ پوءِ سندس فن ڇو نہ آسمان تي پهچندو؟

انهيءَ فضل محمد خان جا لٽا شوقين پائي، سهڻا ريشمي رومال يا هٿن ۾ کڻندا هئا يا کلهن تي رکي هلندا هئا. رابيل، موتئي ۽ ٽانگرن جون ڪنڊيون پيسي

۾ ٽي ملنديون هيون، ڏزنن جي منهن ڪچيءَ ۾ وجهي، ۽ ڪي هٿ جي مُري ۾ به هڪ اڏ ٻڌي، هلندا هئا. ڪي خاص شوقين ته گلاب جو پاڻي به لٽن تي ڇڙڪائي پوءِ گهر کان پير ٻاهر وجهندا هئا- ٻلا سکر جو سانوڻ، ٽڪر جون گرميون، شام جي اُبس، اِهي سيئي اهتمام اُنهيءَ لاءِ ته ڪيا ويندا هئا!

الغرض، اهڙيءَ ڪِمام ۽ اهتمام، تيارين ۽ تجويزن کان پوءِ شوقين بگين ۾ چڙهي، لاڙوين ٻيهريءَ کان ٽورو اڳ براج جي پل تي اچڻ شروع ڪندا هئا. ڇبن وارا طرحين طرحين جا کاڇ ڪنيو اڳ ئي حاضر هوندا. ڪٽي پکوڙا پيا پچندا، ڪٽي سنگر پيو ٽربو، ڪٽي چٽا پيا ٻُجندا، چولا گرم الڳ پيا ڪُنن ۾ ٽڙڪندا، ڪٽي ٻِهَ رڌل ڪُنيءَ ۾ موجود، ليمي جي لغار ۽ مرچن جي ٻُرڪي سان، سيرو - ٻُوري گرم گرم جدا پيو ٻاقون چڌيندو، دهي بڙا الڳ، رڌل دال ڪاري مرچ جي چٽڪي سان ليسوڙيءَ جي پَن تي تيار هوندي، آچار ۽ ڪٽاٽيون ۽ چٽٽيون پاپڙن سميت پاسي ۾ پيل، سيخن تي چڙهيل ڪباب، ڪنڊي جا ٽڪر، چاپ، ميڇالو الڳ، بصرن جو ڪچومر، جنهن ۾ سائي مرچ جي ڪاتر ۽ ليمي جو چنڊو تيار، گرم گرم ڦلڪا به دابڪي [3] ۾ پيل، جيڪو وڃي وڻي ته ويرم ئي نه لڳي، ڪڍيو ۽ ڏنو، پٽاٽي چاپ قيمي پيل يا پاڇين پريل به موجود، دل ٿي ته ديرئي کاڻ، جهٽ پٽ آڏو اچي پهچندي، جليبي، پکي مٺائي، پڳڙا، گُبت، لائي، سُڪو سگر، ڳڙ ۾ ٻُڳل سگر ننڍن ٻارن جي ريجهه لاءِ جداريءَ ڪُنڊَ ۾ موجود هوندو. روهڙيءَ جون کارکان، ڪتل، ڏوڪا، ڏنگ، ڏنگي کار کان، کس ڏوڪا، کسرو، لوٽيون کارکان، ڦڪا ڏوڪا، ڳاڙها ڏوڪا، چونهارا، آڏيا، خرمان،ڪي ننڍن ننڍن ٽوڪرن ۾ وجهيون، مٽان لٽو رکيون وينا هوندا، ۽ ڪي لوهن ٽالهن ۾ رکيون مٽان مکيون وينا هڪليندا، چانهه وارا الڳ گاڏا جهليون بينا هوندا، سوڍا لمليٽ وارا برفن جون ڊُنگيون زمين تي رکيون، باٽليءَ ۾ گلاس وجهيون ۽ گاڏي تي رنگارنگي ٻاٽليون سينگاريون، اجايلن جي تاڙ ۾ هوندا، پان ٻِيڙيءَ وارا ڪاٺ مان ٺهيل ڪٻٽن ۾ هاڻي چاپ، سيل، بتي چاپ، ۽ پاسنگ شو [4] سگريٽن جا پڙا وجهيون، ۽ هڪ ڪنڊ ڪان پان جو سامان رکيون، چانهه ۽ سوڍا وارن جو پاسو جهليو بينا هوندا. هرڪو ڪوپ چانهه جو

پيون، هڪ سگريٽ ۽ هڪ پان وٽائن ورتيون، پوءِ اڳتي وڌندو. هرڪنهن ڪنڊ ڪان هوڪن جا هوڪار لڳا پيا هوندا. ڪو ڪهڙي پيو لات لوندو تہ ڪو ڪهڙي پيو ٻولي ٻوليندو:

*

ٽلي [5] جو بادام!
موتئي جي بهاري!
سڄڻ! لمليٽ ۽ راسبري!
ٽڏي ٽڏي ڪُلفي!
سُهڻان! هلي اچو!
ڪُش بونءِ [6] ۽ ڪٿوريءَ واري!
شوقين! هلي اچو!

*

ڪتل او! روهڙيءَ جا ڏنگ!
دوست رَئي پڪل ڏوڪا!
ڳاڙها ڏوڪا!
جوانڙا! هلي اچو!
ڦڪي رنگ جا ڏنگي ڏوڪا!
اولوڻ پيل ڪارڪان!
پائو! ڪاڏي مڪياري!

*

شوقين هلي اچو!
ڇهر ٻهر ڇٽڻيءَ سان!
گرم ڇٽا!
ڇهردار ڇٽا!
ڇٽا دوست ڇٽا!
ڇٽا يار ڇٽان!

*

ڪواب! [7]

ادا! شيڪ [8] ڪواب!

پائو! هليا اچو!

گرم گرم!

ڏاڍو لڳ دار!

ڏاڍو سوادي!

ڪنڊو پڪل!

يارڙا!

چاپ جو ٽڪڙُ!

جوانڙا! چاپ!

چهرَ سان چاپّ!

گوشت جي چاپ!

قيمي جي چاپ!

آلوءَ جي چاپ!

دلبر دوست، وَئرُ ڪيون وڃ، وَئِرُ!

ڏاڍا گرم گرم مال!

آچارن جا، چٽڻِن جا ميل!

بصرن جا ڪچومر!

مرچن جي ڪاتر!

پاپڙ ٽڪرُ مٺان!

چُٽڪو ونو، چُٽڪو!

او يارڙا، چهري چُٽڪو!

دلبر، لئي دار چٽڪو!

*

جليب!
سنگر پکي منائي!
ڳائي گيهه جي!
سون جهڙي سچي!
جوانڙا، هليو اچ!
دلبر، هليو اچ!

*

ڏهي بڙا!
تازا تازا!
ڏاڍا سوادي!
ڏاڍا چهردار!
ڏاڍا لءِ دار!
دلبر يار!
هليو آءُ پائو!
هليو آءُ دادل؟

*

بيهہ!
او ٻيهہ!
ڏاڍا نرم!
ڏاڍا چهرا!
ليمي جي لغار!
مرچن جي ڦوک!
لوڻ جي چهنڊ
ڪاءُ تہ خبر پوئي!
هيڪ نہ ڪر، دوست!
اٽکي نہ بيهہ، يار!

بي فلڪو هليو آءُ!
گرم گرم بيهہ!
سوادي بيهہ!
لست وارا بيهہ!
چهرا ٻيهہ!
*
شربت!
شربت پائو، شربت!
بادام وارو شربت!
بادام!
بادام يار، بادام!
منو يار، چنو!
سنو يار، سنو!
مگز [9] جي تراوت!
هيانوَ جي ڪاڪت!
موتيو!
آڏوءَ [10] وارو موتيو!
موتيو يار موتيو!
هينئين جو نار!
ساهه جو سينگار!
پيءُ تہ پتو پوَئي!
گلاسڙو پي ڏس!
هيانءُ ناري ڏس!
ٻيتي مکيار!
ٻيتي مکيار!
*

پيسي ۾ ٽي!
ٽي ويا ٽي!
پيسي ۾ ٽي!
هلي آءُ!
پڇندو آءُ!
هليو اڇ نندڙا!
هليو اڇ نندڙا!
پيسي ۾ ٽي!
گُبتَ!
ڪنڊ جا گُبتَ!
منا گُبتَ!
سنا گُبتَ!

*

ٽڪي ۾!
ڇڙو ٽڪي ۾!
سڄو پاءُ!
پريو پاءُ!
هيانءُ ناري ڏس!
ڪاڏي مُڪيار!
ڪاڏي مُڪيار!
او پڳڙا يار! جوانڙا! پڳڙا!

*

ٽڪي پاءُ!
دلبر، ٽي ويو ٽڪي پاءُ!
دوست، ٽي ويو ٽڪي پاءُ!
پڳڙن جو ٽڪي پاءُ!

پڳڙن جو ٽڪي پاءُ!
پرڪٽان پڳڙا!
چلڪيدار پڳڙا!
جرڪيدار پڳڙا!
بنا ڪلَ پڳڙا!
مگز ئي مگز!
پلي اچي وڻ!
پلي اچي ڏس!
*
لائي!
مني ڳڙَ جي لائي!
نرم لائي!
سني لائي!
مني لائي!
پيسي ۾ بهاري!
پيسي ۾ بهاري!
اچي جهولي پر!
اچي جهولي پر!
لٽِ تي، يار!
قُرِ تي، يار!
ڊُڪندو آءُ نديڙا!
پڄندو آءُ جوانڙا!
* * *

جو جاتي سو تاتي رڌل. ولر ماڻهن جا چوڌاري، سودو ڏيندي ڪٿا نہ پيا پڄندا. سڄو شهر مڙي اچي براج پيڙو ٿيندو هو. پلا ڪليل جاءِ، ٽڏ ڪار، ڇپر جي ساوڪن تي هير پئي هلندي، گلن جي بهاري جدا، تہ درياهه شاهه جو نظارو الڳ.

ٻنهي پکن تان واهن جا وهکرا، گڙکات کيون پيو پُلِن هينان پاڻي نکرندو. لوهاٽن درن سان ٽکر هيون چوليون مستن ۽ مجذوبن وانگر گڦ[11] پيون کڌنديون. ساڌ ٻيلو هک طرف ته روهڙيءَ جي باغن جي وٽکار ٻئي طرف. جاڏي اک کڄندي، ته هيانءُ پيو نرندو! جاڏي منهن کبو ته بهاري ونِي ويندي! ماڻهو ڇُڄڻ کيون وتندا هواءِ جهٽيندا، کي ڇڀرن تي وينا هوندا، ته کي هٿ هٿن ۾ ڏيون ڏاڍيءَ لوڏ سان پيا چکر ڏيندا. مطلب ته شام کان پوءِ سڃيءَ خدائيءَ جو جڙ جنسار اچي سکر براج جي پُل تي کنو ٽيندو هو.

* * *

سکر جي مسلمانن ۾ بي پردگي کانه هئي، بلک سڃيءَ سنڌ جو اهو حال هو. اسان جون عورتون بيگمات کونه بڻيون هيون، بلک صحيح معنيٰ ۾ مستورات هيون. ساداتن ۽ معززن جون عورتون کيڏانهن ويندیون ته برقعن پائڻ بعد به، پلويڙن ۾، ۽ گهٽو کري سج لٿي بعد، هئو مئو ٽري کان پوءِ، وچولي طبقي واريون مايون به ساڳيءَ طرح حجاب ۽ حياءَ سان اچي محمودیءَ [12] جو برقو پائي، کنهن اهڙي ويلي وقت سان جڏهن رستي تي مردن جي پيڙ نه هجي. خيرپور يا حيدرآباد جي طرف جيکي غريب عورتون بلک ٻانهيون هونديون هيون، سي به رئي مٿان اجرک ويڙهي يا اچي چادر ويڙهي، ان سان منهن ڍڪي، فقط هک اک ظاهر کري هلنديون هيون. انهيءَ کان ٽورو اڳ مانائتيون مايون ستڻ مٿان پڙو پائي، پوءِ کاڏنهن ويندیون هيون، جيئن برقعي جي هينيءَ پچاڙيءَ کان عورت جي ستڻ تي به کنهن جي نگاهه نه پوي.

موٽر کونه هئا، تنهنکري سفر يا آمدرفت لاءِ بيل گاڏي، جنهن کي چوڌاري کيسَ جو پلويڙو ڏبو هو، بگيون، جن کي پٽ پٽيان چادر ٻڌبي هئي، يا ڏوليون، اُنن مٿان محمل جنهن کي سنڌيءَ ۾ "کجائو" چئبو هو. جي ڏولي لهندي، گاڏي بيهندي، يا اُٺ ويهندو ته اتان کان جاءِ جي دروازي تائين ٻنهي طرفن کان نوکراڻيون چادران جهلي بيهنديون ،تنهن کان پوءِ عورت اندران نکري، پير پٺ تي رکندي. گهٽيءَ جي ٻنهي منهن تي به ماڻهو بيهاربا، جيئن مرد ماڻهو نه لنگهي اچي. انهيءَ پردي داريءَ سبب ئي سنڌ ۾ چيو ويندو هو ته نرَ پکيءَ کي

بہ حاويليءَ مٿان اڏامڻ جي اجازت نہ آهي. ڪن ساداتن جي حاويليءَ ۾ ته پيرين پاري مائي بہ وڃي نہ سگهندي هئي، اهو ان ڪري ته متان سندس پيٽ ۾ چوڪرو هجي! مطلب ته پردي لاءِ ايڏو اهتمام، ايڏو بندوبست، ۽ ايتري زيادتي ڪئي ويندي هئي. پردي ۾ ايڏو غلو هو، جيترو افراسياب جي ڏيءُ مينزا پنهنجي سلسلي ۾ بيان ڪيو آهي:

مينزه منم، دخت افراسياب
تنم را برهنه نه ديد آفتاب

جڏهن عورتن جو انتقال ٿيندو هو، ته لحد ۾ انهن کي پنهنجا عزيز، بلڪ عزيز بہ اهي جيڪي محروم هوندا هئا، لاهيندا هئا. عورتن جو قبرستان بہ گوشائتو ٿيندو هو. قبرون پڪيءَ ديوار جي اندر، يا قبرستان کي وڏي اوڏڪي پٽ ڏياري ڇڏبي هئي.

سنڌ جي هندن ۾ البتہ نئين زماني اڇڻ بعد پردو گهٽ ٿي ويو، يعني اهو بہ فقط عاملن ۾. پائيبندن ۾ ۽ باهراڙيءَ جي هندن ۾ وري بہ پردو قائم رهيو، ليڪن ايترو سخت نہ جيترو مسلمانن ۾ هو. پر پردي نہ هجڻ واريءَ حالت ۾ بہ اهي پنهنجن نياڻِن سياڻِن کي ائين چڙواڳ چڏي ڪونہ ڏيندا هئا. حياءَ ۽ حجاب، ننگ ۽ ناموس، اک جو شرم، سينڌ جي لڄ، منهن جو مرم مردن ۾ بہ هو ۽ عورتن ۾ بہ. مرد باهرين ڪمن کي پيا مٿو ڏيندا هئا ۽ مايون گهرن جا ڇپر جهليون، گهر کي بهشت بڻايون وينيون هوندیون هيون. باهران هٿتو ٿتو، ٽڪو ٽڪو مرد گهر ۾ آيو، در کان پير اندر وڌائين، ته سيئي ٽڪ لهي ويندس، جڻ اتي اچي پهتو جتي فقط محبت ئي محبت آهي، اطمينان ۽ خوشي آهي، مسرت ۽ مزو آهي. اڄ وانگر گهر ڪونہ هوندا هئا، جو گهر نوڪرن جي حوالي، بار آيائن جي هنج تي، ۽ بيبين کي لٽو ڪنڊ ۾، سڄو ڏينهن وتن غرارا لوڏيندیون ۽ گهٽن سيرن ۾ جانا هٽندیون، ۽ چاکوڙ ڪنديون. اڄ مرد گهر کان باهر رهڻ ۾ اطمينان ۽ عافيت سمجهن ٿا، ليڪن انهيءَ دور ۾ ڪم ڪار لاڻي کان پوءِ مرد گهرن ڏي ائين منهن ڪندا هئا، جيئن جهنگ جي مال وٽاڻ ڏانهن وري. اڄ گهر ائين پيا لڳن، جڻ مسافرخانا آهن يا سراءِ، جتي هرڪو هلي اچي، چڙو رات

جا چار پهر اجهاپ ڪري، صبح ٿيو ۽ وري لٽو مٽي تي، الهه واهي! بلڪ هاڻي ته الهه واهي به ڪانه. جنهن کي جاڏي وڻي، بنان جهل پل پئي پاڻ وندرائي. گهر کان ٻاهر جيڪا زندگي، تنهن جو نالو 'پرائيويٽ لائيف' ٿيو، جنهن جي پڇڙ جو اختيار موجوده تهذيب مطابق مرد کي به ڪونه آهي. ۽ جڏهن عورت "پرائيويٽ لائف" شروع ڪئي ته مردن به ٻه وکون اڳتي وڌائي پنهنجي "پرائيويٽ لائيف" جا خيما کوڙيا، ۽ اهڙيءَ طرح اسان جو سڄو معاشرو تباهه ۽ برباد ٿي ويو، سک، راحت، آرام ۽ آسائش ڪانه رهي، سڄو نظام ٽٽي پيو، گهرن سان گڏ سڄي معاشري ۾ معاشرت جون تيليون مٺج ڌار ٿي ويون.

سو مٽي ڳالهه ٿي ڪئيسي ته انهيءَ دور ۾ سکر اندر اگهاڙي منهن گهٽو ڪري گهريتي عورت ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي هئي. مرد کيترو به خراب هجن، ليڪن اندر ويٺيون عورتون عزت ۽ ناموس جون نگهبان هوندیون هيون. عصمت جا نيلام ائين ڪونه ٿيندا هئا، جيئن اڄ ٿين، عفت جو تين واڪ ائين نٽي ٿيو، جيئن هاڻي پيو ٿئي، عورت پنهنجي جسم کي ايڪ - دو - تين - ائين ڪونه ڪيو هو، جهڙيءَ ريت اڄ هن ڪيو آهي. حقيقت ۾ عورت جڏهن پنهنجي عزت پاڻ لاهي هٿ ۾ ڪئي، تڏهن مردن به ان کي وٽج ۽ واپار جو وکر سمجهيو. عورتون ائين سينا ساهي، دنائيءَ سان اکيون سڌيون ڪري، چشمن جا چالا ڪونه ڪنديون وتنديون هيون، جيئن اڄ. ائين پيو معلوم ٿئي، جڙ جرمل [13] جي فوج جو ڪو جرنيل بڙڇيون ۽ پالا ڪنيو مٿئون چڙهندو پيو اچي - اجهو کي اجهو اچي سيني جي سپرد ڪيائين. اُنهن ڏينهن ۾ ڏاريون ته دور رهيو، ليڪن اسان جون عورتون پنهنجي مردن اڳيان به اک کٽي ڳالهائڻ بي حيائي ۽ بي ادبي سمجهنديون هيون.

* * *

براج جي پل تي شام جو فقط کي باهريون طوائفون[14] ڏسبيون هيون، جيڪي سورنهن سينگار ڪري، ٽانگن تي سوار ٿي، شڪارپوري رستو ڏئي، ٽڪر جو چڪر هڻنديون، ليوڪس پارڪ کان پراڻي سکر وڃي يا لينسڊائون برج کان وڃي بندر ونڊيون، يا وري موتي اچي معصوم شاهه جي لاهيءَ کان لهي،

فوجداريءَ جي اڳيان لنگهنديون، ۽ سائين ڪرم علي شاهه جي باغ وارو رستو ڏئي، قاضي محمد سومر ۽ قاضي فقير محمد جي ڪتر مشين وٽان ٽيندیون، سردار علي شاهه جي ڪارخاني واري موڙ کان اسماعيل جي حاطي جو پاسو ڏئي سڌو وڃي براج ۾ پوندیون، ۽ اتان اڇي پل تي پهچنديون هيون. انهن سيني رستن تان گهورن سان گهائيندیون، ماڻن سان مارينديون، ايندڙ ويندڙ سان چار چشمي ڪنديون، مرڪنديون، مشڪنديون، اکيون پڃنديون، گويا پنهنجي حسن جا هٿنبل (دستي اشتهار) ورهائيندیون، ايندیون هيون. رنگين لٽا (شوخ رنگن سان)، لپ اسٽڪون لبن کي لڳل، اک ڪجل سان ڪڪڙي، ڳچ سان جهنجهيل، پان وات ۾، سگريٽ آڱرين ۾، رومال هٿ ۾ڪيون، تجلا ڏيندیون ايندیون هيون.

اُهي سيئي رستا اُهي هئا، جن تي شام ڏاري 'برادرانِ اسلام' جي هلچل زياده رهندي هئي. بندر روڊ ڏئي، گهٽو ڪري گهٽ هلنديون هيون: اتي وينا هوندا هئا وڏا وڏا هندو سينيون، ٽلها پيٽ پٽاريون، ۽ وڏن چلمن جا ڊگها نڙ بڙڪن لاءِ وات ۾ ڏيون. انهن کي اها مسلمانن واري "حسن پسند نظر" ڪٿي هئي؟ اها اک ئي ڪانه هين، جيڪا حسن پرکي ۽ پروڙي سگهي، نه ايڏي دل هين، نه ايترو مضبوط جگر، جنهن ۾ ڪنهن جي پنبڻن جا پيڪان پيوست ٿي سگهن. پوءِ اهڙي لاحاصل رستي تان لنگهڻ ئي جڙ سينگار جو زيان، بلڪل فضول ۽ بيسود. البت ڊپٽي پير بخش، سو ڪچهري لايون وينو هو، ليڪن اهو به ته پينشن ۾ هو، ۽ ان لاءِ اهوئي مشهور هو ته نوڪريءَ واري مدي کان به زياده عرصي تائين سرڪار جي پينشن کائي چڪو آهي.

* * *

شام جي پنجين کان وڻي لڙيءَ سومهياڻيءَ تائين براج جي پل تي چهچٽو هوندو هو. سڪر جا ڏينهن سانوڻ ۾ اگرچ دوزخ هئا، ليڪن راتيون اهڙيون جهڙيون بهشت. سج لڙندو ته هير هلي پوندي، لونءَ لونءَ کي ناري چڏيندي. سير سپاٽا ڪري، روح وندرائي، ديدن سان ديدن جا مقابلا ۽ معرڪا ڪرائي، ڪم ڪار جا ٽڪ پيجي، ۽ سڃي ڏينهن جو اوبر لاهي، هرڪو دير دير سان پيو اتان گهر

موٽندو هو، جتي سندن لاءِ ڪير جا ٽڏا وٽا، منا انب [15]، تازيون ڪارڪان ۽ اڇن چانورن سان پريل رڪابيون اڳ ۾ ئي موجود هونديون هيون، ڪنهن جي ڇهر تي دل ٽيندي هئي تہ پنهنجي دسترخوان تي عبدالرحمان جي هوٽل تان 'ڀُڳيلا' جي 'هاف پليٽ' گهرائي ونندو، ورنہ ساوٽي رات ۾ ڪاڏي جو اُهو ئي دستور هوندو هو، جنهن تي "بسم الله!" ڪري هرڪو گوڏا ڀيجي اڇي ويهندو.

* * *

مان "نياز" مرحوم جي سلسلي ۾ جنهن مجلس جو مذڪور ڪيڙ گهران ٿو، سا لڙيءَ سومهياڻيءَ بعد، هائو مائو ٿرئي، پٽل ڪان بہ پرينءَ پر بچل شاهہ جي مياڻيءَ ڪان ٿورو اورتي، درياءَ شاهہ جي ٿريءَ ڪنار تي ٿي هئي. اسان انهيءَ زماني ۾ "سنڌ زميندار" ڇڏي "ستاره سنڌ" پهريان باءِ ويڪلي ۽ پوءِ روزاني ڪڍي هئي، ۽ بجلي گهر جي پٺيءَ ۾، منگهن مالهيءَ واري باغ (شرڌانند پارڪ) جي سامهون ديوان پوجسنگ واري بنگلي ۾ رهندا هئاسين.

لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ دوست، جيڪو سنڌ جو بهترين ڪافي گو شاعر بہ هو، پنهنجي نئين گهر واريءَ سميت اڇي سکر ۾ رهيو هو. گهر وارِنِ جي سلسلي ۾ هن جو اهوئي نظريو هو، جيڪو حضرت شيخ سعدي عليہ الرحمة جو، يعني:

زني نوڪند مرد، درهر بهار
ڪه تقويم پارين، نيايد بڪار

هرسال نئين جنتري گهر ۾ آڻيندو هو ۽ پراڻي سال جي جنتري يا تہ دفتر داخل ڪندو هو يا رديءَ ۾ هلي ويندي هئي. اگرچہ مون کي سندس انهيءَ عمل کان سخت نفرت هئي، ليڪن سندس فني عظمت ايڏي وڏي هئي، جو هميشہ سندس اڳيان منهنجو ڪنڌ جهڪيل رهندو هو. هن دفعي جڏهن سکر آيو، تہ نئين ڪنوار ڪڇ ۾ ڪيون آيو، جيڪا اصل تہ هئي ڪا ڳائڻ وڄائڻ واري، ليڪن تازو منهنجي دوست سان نڪاح وجهي، ۽ انهيءَ نڪاح کي وري مستقل ۽ دائمي سمجهي، گهريتڻ بڻجي وئي هئي.

اسان ٻئي ڀائر ۽ مهمانن جو اهو جوڙو، ماني ٽڪي کائي، هڪ لڙيءَ سومهياڻيءَ جو مٽينءَ جاءِ تي وڃي پهتاسي. خيال هو تہ گهڙي پلڪ تفريح ڪري، پوءِ اڇي

نند ڪجي. آدم نہ آدمزاد، نہ وري ڪا آدم بوءِ ئي ويجهيءَ ڇڪَ ۾ هجي. بلڪل سانتيڪو سمو، چاندوڪي چوڏهينءَ جي، ڏکڻ ۾ چوي ٿہ اڄ نہ گهلان ٿہ ٻيو ڪڏهن گهلان، وٽن ۾ هواءِ جا واکا، پن هڪٻئي سان نهڪي، ائين پيا آواز ڪن، جڙ معصوم ٻارڙا خوشيءَ منجهان پيا تاڙيون وڄائن. ڏکڻ تي دريا شاه جي موجن کي ٻہ مستي، اٿي اٿي پيون هڪٻئي سان ڳراٽيون وجهن، گويا ڪي حسين عورتون رات جي ڏَڪيءَ ۾ تڙ ڪندي، پاڻ ۾ ڪيڏي رهيون آهن ۽ پاڻيءَ مان چيلهہ تائين ٻاهر نڪري، هڪٻئي جي منهن ۾ چندا هڻي ڪجڪار ڪري رهيون آهن.

وينِي وينِي، مائيءَ پهريون ٿہ پاڻ هرتو جهونگارڻ شروع ڪيو، ليڪن ستت ئي ڪن تي هٿ رکي اچي الاپ ۾ پئي:

دل منهنجي دوست ڏُتاري، ڙِي اديون! ٻاهہ ٿہ ٻاروچل ٻاري، ڙِي اديون!
چو ٿيون منهنجو جيڏيون جگر جلايو!
دل منهنجي .....

جِنِ کان جانِبُ ٿئي جدا، تن کي ڏجي ڪا دلداري، ڙي اديون!
اَوهين ويڑِ طعنن ساڻ تپايو،
دل منهنجي .....

پَلپَل پايان پرت مان، پاندُ ڳچيءَ ۽ ڳل ڳاڑِي، ڙي اديون!
مون کي هيڪر پنهنجو محب مِلايو،
دل منهنجي .....

سهسين سکائون ڏيان،هوتُ اچي هِڪوارِي، ڙي اديون!
رکيو وينِي آهيان روح منجهہ رايو،
دل منهنجي .....

ڏينڌَسِ عجرَ "نياز" سان، سورن جي هيءَ سُڌ ساري، ڙي اديون!
سڄڻ منهنجو سرتيون اگڻ جڏهن آيو،
دل منهنجي ..... [16]

مرحوم "نياز" جي ڪافيءَ، مائيءَ جي سريلي ۽ سوزيلي آواز ۾ رچي، اهڙو رنگ رکي ٻيني، جو لونءَ لونءَ ڪانڊارجي وئي. اڄ پورا 26 ساوڻ انهيءَ واقعي تي لنگهي ويا، اُها مائي بہ خبر نہ آهي تہ جيئري آهي يا وڃي اڳئين ڏيهہ پهتي، انهيءَ دوست جي جوانيءَ ۾ پڻ جهريون پئجي ويون، اسان کي بہ اڃن اڇي منهن ڏنو، سکر ويو، سکر وارا ويا، ديسين ديس ڇڏيو، آديسين اڇي آستان ڪيو، نہ اهي ڏينهن رهيا، نہ اُهي راتيون رهيون، اُهي ميڙاکا ۽ اهي مجلسون بہ ختم ٿيون، ڪيترا دوست ڪيترا يار ڪيترا ساٿي ۽ سنگتي زندگيءَ جا سفر طيءِ ڪري منزلون مٽي ويا، زماني جي گردش فٽبال جيان اڇلائيندي خود اسان کي بہ ڪٽي اڇي ڪٽان جو ڪٽي پهچايو، ۽ خود اهو "نياز" بہ نہ رهيو... ليڪن اڄ بہ جڏهن خيال اڇي ٿو، تہ جڙ ڪنَ 26 ورهين اڳ جي بڏل انهيءَ آلاپ کي پيا سُڻن:

دل منهنجي دوست ڏتاري ڏي اديون! باهہ تہ ٻارو چل ٻاري، ڏي اديون!
چو ٿيون منهنجو جيڏيون جگر جلايو!
دل منهنجي.....(الخ)

ختم ٿيو

28 .8 .60

ڏيڊ بجي منجهند جو

Santa Rosa Street, 23،

Son Francisco, Del Monte,

Quezon City Manila (Philippines)

شروع ڪيم 8- فيبروري، 1960ع، جو.

---

[1] غلام نبي اصل پنجابي هو، ليڪن سڄي عمر سکر ۾ گذاريائين. سنهو، ڊگهو، اڇي ڏاڙهي، ترڪي ٽوپي، پنهنجي محنت ڪري مالدار ٿيو، ۽ جڏهن مالدار ٿيو، ان وقت شهر جي معززن ۾ سندس شمار ٿيو. سنجن ۽ بَڳِن ناهڻ جو شاهہ ڪاريگر هو. سندس دڪان برف چاپ جي لڳ هوندو هو. سکر ميونسپل جو ميمبر بہ هو.

[2] "پيراهن" چئبو هو موڪرِن ٻانهن واري کي، جيڪو بت تي ڪشادو هجي ۽ گوڏن تائين پيو پوي. "چولو" چئبو هو ننڍي پيراهن کي. ٻنهي جون ڳچيون يا تہ پاسي تي هوندیون هيون يا قميص وانگر وچ تي.

[3] ڪچِن جي نون پوٽن مان، جن کي ٻڇَّ چئجي ٿو، جيئن پِنڊيون نهندیون آهن تيئن گول ديوار ۽ ڏڪ سان ناهيندا هئا، جنهن ۾ مانيون وجهبيون هيون. گاهہ ۽ پوٽن مان سنڌ اندر ڪيترا ٽپڙ نهندا هئا، مثلاً:

.ڪجيءَ جي ٻَڇَن مان وڇٽان، پکا، پنڊيون، دابڪا هر قسم جا

.ڪجيءَ جي پوٽن ۽ پيس مان تڏا، تنئو ريون ۽ ٽُکون

سَرَنِ مان ٿُوا- اولن لاءِ هيٺ وجهڻ لاءِ يا جاين جي چَتِن ۽ مَٿهن ۾ وجهڻ لاءِ، ۽ کوهہ جي مالهہ.

ٻُوڙي جي ڪانن مان پترون ۽ مُوڙا.

تِيلَن مان ٻُهارا، چج ۽ ٽوڪريون.

ڪجيءَ جي پُوٽن مان ٻهاريون، کوهہ جي مالهہ ۽ لوٽن ٻڌڻ جون نوڙيون.

ڪانهن مان ڪلڪون لکڻ لاءِ ۽ ڪاري مس، پترون اولي لاءِ.

ٻوڙن جي مُڄ (يعني ڪانن جي متان جيڪو غلاف ٿئي ٿو) مان رسيون، واڻ، نوڙيون ۽ رسا.

ڏَيَ مان مالهہ کوهہ جي، نوڙيون ۽ رسيون.

پلال مان وِهڻ لاءِ پنڌا.

لئيءَ جي ڇهن مان ٽوڪرا ۽ ٽوڪريون.

[4] هاٿي چاپ جي پڙي جو رنگ ڦڪو ۽ ان تي هاٿي چپيل ٿيندو هو. ٽورو پوءِ سائي رنگ تي ٻہ پڙو نڪتو، جنهن ۾ سگريٽان ٻہ سنهيون هوندیون هيون. اهي ٻَئي قسم اڀائي آني پڙي جي حساب سان ملندا هئا. 'سِيل' چئبو هو ڪينچي چاپ سگريٽن کي، ساڍي تي آني پڙو هو. بتي چاپ، جنهن کي 'لالٽين' ٻہ چوندا هئا، تمام گهٽ درجي جا سگريٽ هئا، عام ماڻهو اهي ڇڪيندا هئا، ٽکي ڏهن سگريٽن جو پڙو ملندو هو. 'پاسنگ شو' ان وقت نئون مارڪيٽ ۾ آيو هو. ٻيڙين ۾ 15 نمبر مدراسي ٻيڙيون مقبول هيون. ان کان پوءِ سکر ۾ هٽ جون ٺهيل ٻيڙيون تمام ننڍيون، جن کي 'لونگائي' سڏيندا هئا، زياده چالو هيون.

[5] سکر جي شاهي بازار ۾ ٽلهي تي بادام جو مشهور شربت ملندو هو، سوڍا وارن باٽلِن ۾ بند.

[6] خوشبوءِ.

[7] سيخ ڪباب.

[8] سيخ ڪباب.

[9] مغز، مطلب دماغ.

[10] آڏو پساري شاهي بازار ۾ مشهور واپاري هو.

[11] ڪف.

[12] برقعو هميشھ اڇي رنگ جو، گھٽو ڪري محمودیٔ جو، استعمال ٿيندو ھو، وڏي گھيري سان. رنگين برقعو اسان وٽ استعمال ۾ پاڪستان کان پوءِ آيو، ۽ انھيءَ کان پوءِ ئي برقعو پردي داريءَ لاءِ نہ بلڪ بي پردگيءَ کي جاذب بنائڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو.

[13] سنڌ ۾ پھرينءَ لڙائي بعد جرمن جي فوج جو وڏو ڏاڪو ھو. ٻاھراڙيءَ ۾ ان کي "جرمل" جي فوج سڏيندا ھئا.

[14] سکر يا سنڌ جي ٻين وڏن شھرن ۾ ڪجريون، يا رنديون ٻاھر کان آيل ھوندیون ھيون. سکر ۾ پنجاب ۽ پشاور کان، ۽ حيدرآباد ۾ گجرات جون جن کي "ماڙيچڙيون" چوندا ھئا. ڪراچيءَ ۾ ھندوستان جي مختلف شھرن ۽ صوبن مان آيل ھيون، قمبر، ڏوڪري، لاڙڪاڻي ۽ ڪن ٻين ننڍن شھرن ۾ چند سنڌي ڪسبياڻيون پيدا ٿيون، جيڪي گھٽو ڪري سنڌي زميندار جون "ويھاريل" ۽ "سينڊيون" ھوندیون ھيون. انھن کي مقامي حيثيت حاصل ھئي، عام ڪسب نہ ڪندیون ھيون.

[15] اپر سنڌ ۾ ٻن قسمن جا باغ ھا: انبن جا باغ ۽ ڪجين جا باغ. لاڙڪاڻي، شاھ جي ڳوٺ، روھڙي، خيرپور، پريان لوءِ، ٽيڙھيءَ، ڪوٽ مير محمد ۽ پير ڳوٺ ۾ انبن ۽ ڪجين جا باغ عام جام ھا. خيرپور ۽ ڪوٽ مير محمد خان جا تالپر انبن جا شوقين ھئا، انھن جي انبن تي خاص نالا رکيل ھئا، مثلاً:

خيرپور جي سيد عابد علي شاھ جي "باغ فريد" ۾ ھينئان قسم ھئا: روح افزا، راحت روح، ھريڙ وارو، گلابي، طوبيٰ.

ٽيڙھيءَ ۾ مير واري باغ جا مشھور انب ھئا: وزير وارو حبيب، بمبيءَ وارو، بادشاھ پسند، پتاشو.

خيرپور جي لال بنگلي واري باغ جو انب پابي.

پير صبريہ واري باغ جو ڏونگھي.

پناڻن واري باغ جو شير و شڪر.

ڳوٺ چوٿري جي باغ جو نبڙي.

ڪوٽ مير محمد خان جو جھنگ سيال.

پير ڳوٺ جا انب ۽ باغ بہ مشھور ھئا. پير جيئل شاھ مرحوم جو ھوائي باغ مشھور ھو. پير علي محمد شاھ جا باغ. ڪوٽ پير حسام الدين شاھ جي پاسي ڏانھن، پنھنجي زماني ۾ عالم آشڪار ھئا جيڪي پوءِ برباد ٿي ويا.

ڪوٽ مير محمد خان جو مالڪ مرحوم مير محمد خان اسان جي ڏاڏي مرحوم ڏانھن موسم ۾ انبن جي ٽوڪرن جون ٻيڙيون پرائي موڪلينڊو ھو ۽ انب جي ھر داڻي تي نالو لکيل ھوندو ھو تہ ھي فلاڻو انب آھي.

ھن وقت خبر نہ آھي تہ اُھي باغ آھن يا برباد ٿي ويا، مالڪ ڪاڏي ويا، انبن جو بنياد رھيو يا ختم ٿي ويو. خيرپور ۾ لال بنگلي وارو باغ بہ مشھور ھو، ڏيوڏيءَ جو انب مشھور ھو، خاص انبن جي پاڙن ۾ ماکيون، کير، گلاب جا پاڻي ۽ ٻيا عرق خوشبودار پرٽيندا رھندا ھئا، جيئن اھا خوشبوءِ ۽ اھا لذت قر ۾ پيدا ٿئي.

ٻاھران آيل انب انھيءَ دؤر ۾ مشھور ٿيا.

سهارڻ پوري - گهٽو قد ڏيندڙ، اڏ پاڻ، کان ڏيڊ آنو تور داڻو.

ٻير وارو - مير صاحب وڏي جي باغ جو داڻو آنو سوا تور، بيحد منو.

مهدي - گهٽو قد ڏيندڙ، ٽپڪي ۽ پال جي لائق.

ڪريلو - ننڍو ڊگهو ڪريلي جي نموني تي.

بمبئيءَ وارو - بمبئي جو تخم ورتل، داڻو اڏ پاڻ، خوشبودار.

نيلم بمبئي وارو - پاڇاڻو، لذيذ.

بمبئيءَ جو خوشبودار - ڪائڻ بعد پهر پاڇو اوڳرائيءَ ۾ خوشبو پيئي ايندي.

لاهوري - مير صاحب جي باغ ۾ هو، داڻو منو پاڻ تور، لذيذ شيرين.

دسهري - ٻاهران آيل، ڳردار، پاڇاڻو، داڻو منو پاڻ.

سنڌي - گول داڻو، ڳردار، پاڇاڻو.

جهوناڳڙهي - جهوناڳڙهه جي لال باغ مان چڪي اندل، آڳاڻو وڏ جهڙي خوشبو.

جهوناڳڙهي - هي به لال باغ مان آيل، گهٽو قد ڏيندڙ ۽ آڳاڻو لهندو هو. ڳاڙهي ٽيڻ تي يڪدم ڪائڻ سان ٿورو ترش لڳندو، ۽ ڏينهن رکي ڪائبو ته نارنگيءَ جهڙي خوشبو ايندي.

قلمي - پاڇاڻو، داڻو منو پاڻ.

لال پٽو، تخمي، گهٽو قد ڏيندڙ.

ڪٽوريو - هي انب شهزادي مير غلام حسين خان جي باغ ۾ هو، خوشبودار، ڪائيندي ڏڻ نه ٽيندو.

شاهه پسند - هي به موصوف جي باغ جو آهي، ڳردار، منو. پر سيد عابد علي شاهه جي باغ واري روح افزا جو جواب نه هو.

کارڪن جا باغ خيرپور، روهڙيءَ ۽ لاڙڪاڻي وغيره ڏانهن مشهور هئا ۽ ايا به آهن، پر اها پرگهور، هندن جي وڃڻ بعد، شايد نه رهي آهي. کارڪن جا هيٺيان قسم خاص هئا:

اصيل - هن جا ڏنگ، ڪتل، چونهارا، قطيفيون، اُڏيا ٽيندا ها. بمبئيءَ تائين هن جي ڪتل ويندي هئي.

ڪڙه واري - خيرپور ۾ ڪڙه ۾ خود رو ٿي هئي، ڏوڏي نرم، شيرين ۽ نهايت لذيذ. اِن جا ڏنگ ۽ ڪتل به ٽين ٽا پر ڏوڏا مشهور هئا.

اوطاقڻ - مير صاحب جي اوطاق وٽ خود رو پيدا ٿي، ڏوڏو وڏو، لذيذ شيرين، اُڏيا، چونهارا ٽين ٽا.

ڏيڊيءَ واري - مير صاحبن جي ڏيوڊيءَ (حويليءَ جي دروازي) وٽ خود رو پيدا ٿي - ڏوڏو وڏو، رنگين، ڪاڏي ۾ دل پسند، خوش ذائقه، آڏيا، چونهارا ۽ ڪتل سنا ٽيندا هئس.

ڪر ٿونر - خوبصورت، رنگين، ريشه کان سواءِ، سبزي مائل، آڳاڻي لهندڙ، ڏنگ سنا ٽيندا هئس.

ناريل - ڏوڏو ۽ ڏنگ اڏ آنو تور ٽيندو هوس، پاڇاڻي لهندي هئي.

گجر - هن جي رڳو ڪتل ٿئي ٿي، نهايت منهي.

بيگن - ڏوڏو، ڏنگ وٽندڙ، ڪتل ٿئيس ٿي، وڏي سائيز جي ٿيندي آهي.

فصلي - آڳاٽي لهندڙ، ڏوڏا ڏنگ نهايت نرم، هن جا ٻه - ٽي قسم ٿيندا آهن - ساوڙا، ننڍو ڏوڏو، ڏنگ، وڏو ڏوڏو، هيڊو رنگ.

بصري واري - اصيل، ڏنگ، ڪتل. قطيفيون جڏهن ڏنگ ٿين تہ ان جو ٻوهارو پاڙون وڍي، اس ۾ رکي ڇڏجي. عراق کان آيل. نيڙهيءَ جهڙي خشڪ ۽ نرم ٿئي ٿي، قطيفيون ۽ آڏيا پٽ ٿينس ٿا. هيءَ ٻنان نر وجهڻ جي ڦر ڏني ٿي.

وڏي ڪربلائڻ - ڏوڏو وڏو، رنگين، ڪتل منهي ٿئيس.

ننڍي ڪربلائڻ - گهٽو ڦر ڏيندڙ، ڏوڏو ننڍو، ٿورو ڪڪوربو ۽ رنگين ٿيندو تہ روڙي کائجي، نهايت لذيذ ۽ منو، پيٽ تي بار نہ ڪندي نهايت هلڪي، هاضم.

نوري - ڏوڏو وڏو، ڪول، ۽ موچارو.

عيدن شاهہ جو ڪپڙو - وڏو ۽ گول داڻو، پڇڻ بعد رنگ جو ڪارو ٿئي ٿو.

اشرفي - نجف مان هڪ ٽالپر آندي هئي، ڏوڏو ڏگهو، ڳرو ۽ ڏنگ يا ڪتل تعريف کان ٻاهر.

خدائڻ - هن جا گهٽا قسم ٿين ٿيا، هڪ قسم اهڙو آهي، جو پهريون زرد پيلو ۽ جڏهن ڏنگ ٿئي تہ ڳاڙهو ٿيو پوي، کائڻ ۾ عمدو، ڪتل بي ريشہ، سبزيءَ مائل.

خيرپور، سکر، روهڙي ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ ڪارڪن جا گهٽ ۾ گهٽ 90 قسم ڪن ٿيندا.

[16] اها ڪافي پوءِ برادر معظم جناب پير علي محمد راشدي صاحب ڏانهن حضرت "نياز" هينئين خط سميت پنهنجي هٿ اکرين موڪلي هئي:

لاڙڪاڻو، 57. 7. 26

جناب بنده نواز،

نيازن بعد عرض تہ آءٌ سخت بيمار آهيان، ان هوندي بہ جيئن تيئن ڪري حڪم جي تعميل ڪري ٿو موڪليان.

بنده نواز علي جعفري

To، Pir Ali Mohammed Shah Rashdi، Esq.

170-D P.E.C.H Society

Near Nursery، Karachi.

مان هيءُ خط نقل ڪيو منيلا ۾ بتاريخ 1960. 7. 18 رات جو اٺ لڳي ڏهن منٽن تي.

(پورو ٿيو)

پيشڪش : آن لائين ڪتاب گھر

ترتيب : قاسم سنڌي

نوٽ: (هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪٽي پي ڊي ايف جي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ رکيو ويو)

22/10/2013